# واڇ ويراڳين جا

## سائين جي. ايم سيد ڏانهن

ميان محمد امين کوسي جي لکيل خطن جو مجموعو
جلد پهريون - سال ۱۹۳۸ع کان سال ۱۹۶۶ع تائين


ترتيب ڏيندڙ:

عبدالواحد آريسر

تاج جويو



سنڌي ادبي بورڊ جي سهڪاري سنگت

حيدرآباد سنڌ.

۱۹۸۷ع

# واڇ ويراڳين جا

سائين جي. ايم. سيد ڏانهن ميان محمد
امين کوسي جا لکيل خط- جلد پهريون
(۱۹۳۸ع کان ۱۹۶۶ع تائين)

# واڄٽ وڍراڳين جا

سائين جي. ايم. سيد ڏانهن ميان محمد
امين کوسي جا لکيل خط- جلد پهريون
(١٩٣٨ع کان ١٩٦٦ع تائين)

ترتيب ڏيندڙ
عبدالواحد آريسر
۽ تاج جويو



سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت
حيدرآباد سنڌ

١٩٨٧ع

سڀ حق ع واسطا محفوظ

چاپو: پهريون اپريل ۱۹۸۷ع ۱۰۰۰ ڪاپيون

**قيمت ۵۰-۰۰ روپيا**

هيءُ ڪتاب آڪاش پرنٽنگ پريس، گاڏي ڪاتي، حيدرآباد، مان ڇپائي، محمد ابراهيم جويي، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت، ۸-۳ منظور چيمبرس، حيدرآباد سنڌ، پاران شايع ڪيو.

# واڇت ويراڳين جا

## مضمونن جي فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پيش لفظ | ـ عبدالواحد آريسر، ۽ تاج جويو | ۱ |
| فصل پهريون: | ميان محمد امين خان عبدالعزيز خان ڪوسي جي حياتيءَ جو احوال | ۷ |
| فصل ٻيو: | ميان محمد امين ڪوسي جا خط، سال ۱۹۳۸ع کان ۱۹۶۰ع تائين | ۳۸ |
| | ـ جوابي خط | ۸۰ |
| فصل ٽيون: | ميان محمد امين ڪوسي جا خط سال ۱۹۶۵ع جا | ۸۵ |
| | ـ جوابي خط | ۲۰۰ |
| فصل چوٿون: | ميان محمد امين ڪوسي جا خط سال ۱۹۶۶ع جا | ۲۱۸ |
| | ـ جوابي خط | ۴۴۹ |

# واڄٽ ويراڳين جا

”واڄُٽَ ويراڳيَن جا، مُون وَٽِ وَڏِي وَٽُ،
سونُ سَڀوئِي سِڱِيونُ، پَسِي ڪين ڪَمَٽُ،
ويساهي ويلَ ڪَنهِين، پوربَ ويندو پَٽُ،
هَلُ! ڪنيائون هَٽُ، آءٌ نہ جِيئندِي اُن ري.“

---

”واڄُٽَ ويراڳين جا، مون وٽ وڏو مالُ،
مَقالان مَهَند ٿيا، ڪونهي وٽن قالُ،
حاصِلُ جنين حالُ، آءٌ نہ جِيندي اُن رَيَ.“

# پيش لفظ

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي هڪ صاحب دل انسان ۽ حق گو سياستدان، مرحوم ميان محمد امين ڪوسي، جي ياد تازي رکڻ لاءِ سندس زندگيءَ جي مختصر احوال سان گڏ، محترم سائين جي- ايم- سيد ڏانهن، سال ۱۹۳۸ع کان ۱۹۷۳ع تائين، هن جي موڪليل سادين پنجن سوَنَ خطن (جن جي تور اڌ مٿ کن ۽ صفحا ۶۵۶۷ ٿين ٿا) مان ڪي سؤ چورانوي (۳۹۴) خطن جو اختصار، سائين جي- ايم- سيد جي جوابي خطن سميت سهيڙي، تاريخ جي صفحن تي محفوظ رهڻ لاءِ پيش ڪريون ٿا.

ميان محمد امين ڪوسو مرحوم، گوناگون صفتن جو صاحب ۽ انيڪ خوبين جو مالڪ هو. سندس دوستيون وسيع، دشمنيون محدود، خيالات پاڪيزا ۽ ارادا بلند هئا. هو وڏو محب وطن، جنگ آزاديءَ جو سرفروش مجاهد، بيباڪ سياستدان، سخي دل، رواداريءَ جو مجسمو، انسانيت دوست ۽ محبتي انسان هو.

سندس دوستن ۾ هڪ طرف مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي هستي هئي، تہ ٻئي طرف مولانا مودوديءَ جي شخصيت. هڪ طرف شهيد سنڌ الهبخش سومري جو مداح ۽ عاشق هو، تہ ٻئي طرف علامہ اقبال جي صحبت جو شائق. هڪ طرف فخر سنڌ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو گرويدو هو، تہ ٻئي طرف پير علي محمد شاهہ راشديءَ سان به سڪ جو ٽوريندو آيو.

هن جي طبيعت ۾ مختلف خيال ۽ نظريا هڪ ئي وقت عجيب وغريب ترتيب سان موجود هئا:

وليس علي الله بمستنكر
ان يجمع العالم في واحد.

(اها ڳالهه الله لاه مشڪل نه آهي ته سڀ خوبيون هڪ انسان ۾ ڪڏ ڪري.)

هو هڪ طرف سنڌ جو شيدائي هو، ته ٻئي طرف مذهب اسلام جو فدائي، جنهن جي آڏ ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سندن سامراج قائم رکيو پئي آيا.

مرحوم جي سياسي واٽ سائين جي- ايم- سيد کان مختلف پئي رهي آهي، جڏڪا مسلم ليگ جي مجوزه پاڪستان جي سخت مخالفت کان شروع ٿي، آن جي سخت حمايت تي پهچي ٿي. جڏهن سيد صاحب، پاڪستان جي قيام لاه ويهن ڏينهن جو زور لڳائي رهيو هو، آن وقت ميان محمد امين خان پنهنجي مختصر ٽولي ۽ سرويچ سائين سان انهيءَ تاريخي حادثي کي روڪڻ لاءِ موثر آواز بلند ڪندو رهيو. پاڪستان جي ٺهڻ بعد جڏهن سائين جي- ايم- سيد، پاڪستان ۾ رونما ٿيندڙ حالتن کي نقصانڪار ڄاڻي، پاڪستان جي هيئت ترڪيبيءَ کي سنڌ ۽ سنڌي عوام لاءِ هاڃيڪار، غير مفيد ۽ پنجابي بناهگير سامراج جو چراگاهه سمجهي، برصغير جي انسان جي مفاد ۽ انسانيت جي ترقيءَ خاطر آن جي ڄاڻچي ۽ مناسب ردوبدل جو نظريو پيش ڪري، آن کي عملي جامو پهرائڻ لاه جدوجهد شروع ڪئي- ته ميان محمد امين پاڪستان جي موجوده ڄاڻچي کي باقي رکڻ لاءِ اصرار ڪندي، سيد صاحب سان اختلاف راه جو اظهار ڪيو.

باوجود جدا جدا سياسي رستن جي، هڪ ڳالهه، جڏڪا بنهي ۾ مشترڪ ۽ ساڳي هئي، سا هئي سر زمين سان محبت ۽ عقيدت. بنهي جي خيال موجب سرزمين سنڌ ۽ آن جي رهواسين جي ذهني ساخت، پوريءَ دنيا کان مختلف ۽ ممتاز هئي. ان ذهني جوڙجڪ سبب، سرزمين سنڌ وٽ ساريءَ دنيا

کي امن ۽ آشتيءَ جو گهوارو بنائڻ لاءِ هڪ خاص پيغام هو. موجوده دنيا جي ماده پرست ماحول ۾، انسان جنهن نفسياتي پريشانيءَ ۽ ذهني وِلوڙ ۾ مبتلا آهي، انهيءَ بيماريءَ جو علاج صرف سنڌ جي پيغام ۾ ممڪن آهي.

ذهني لاڙن ۽ سياسي خيالن جي انهيءَ اشتراڪ، ٻنهي رهنمائن کي محبت ۽ دوستيءَ جي لازوال رشتن ۾ ڳنڍي ڇڏيو. زماني جون ڪيتريون ڦيريون گهيريون، ماحول جون ناخوشگواريون سياسي مخالفتون، حوادث جون هولناڪ آنڌيون، ۽ هڪ لاءِ قيد و بند ۽ نظربنديءَ جون صعوبتون، انهيءَ سدا بهار رشتي کي مرجهائي نه سگهيون.

يتزول الجبال الراسيات وقلبهم
عن الحب لايخلو ولا يتزلزل.

(زماني جي ڦيرين گهيرين سبب، مضبوط جبل پنهنجي جاءِ تان هٽي ويا، پر محبت وارن جون دليون محبت کان خالي نه ٿيون.)

جيسين هٿي جيئري، وساري نه ويٺي،
وڃي ڀونءِ پيٺي، ساريندي کي سڄڻين!
(شاهه)

ميان محمد امين کوسي جا خط، نه صرف محبت، عقيدت ۽ سياسي خيالن جي بي تڪلفانه اظهار جو اعليٰ نمونو آهن، پر سنڌي زبان ۽ ادب جي خطوط نويسيءَ جي فن ۾ هڪ بهترين اضافو، انوکو انداز ۽ اسلوب پڻ رکن ٿا.

سنڌي زبان ۾، اسان جي ڄاڻ مطابق، خط نويسيءَ جا هيٺيان ڪتاب ڇپجي چڪا آهن:- (١) جواهرلعل جا خط، اندرا جي نالي، (٢) مهاتماگانڌيءَ جا خط، (٣) رهاڻ (ميران محمدشاهه جا خط، (٤) ساهڙ جا سينگار (علامه آءِ- آءِ- قاضيءَ جا خط)، (٥) علي محمد راشديءَ جا خط، (٦) جي ڪاڪ

ڪڪوريا ڪاپڙي (شيخ آياز جا خط). اهي سڀ ڪتاب، خط نويسيءَ جي دنيا ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. ليڪن هنن خطن جو اسلوب ئي علحده ۽ نرالو آهي. زبان ۽ بيان، گرامر ۽ محاورا، ترڪيبون ۽ تشبيهون، استعارا ۽ اشارا، جنهن ڍنگ ۽ رنگ ۾ استعمال ٿيل آهن، سي سڀ بي ساخته ۽ بناوٽ کان خالي آهن. ائين پيو ڀانئجي ته اندر جو آواز اٻاڪون ڏيئي، لفظن جي صورت وٺندو ويو آهي. درحقيقت هنن خطن ۾ مرحوم کوسي صاحب، سائين جي- ايم- سيد سان مڪالمي ۽ گفتگو جو جيڪو انداز اختيار ڪيو آهي ۽ جنهن سليقي ۽ صفائيءَ سان اِن انداز کي نڀايو آهي، اهو انداز اسان جي سمجهه موجب گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ٻوليءَ ۾ نئون ۽ دل آويز آهي. اُردوءَ ۾ مرزا غالب وٽ اهو انداز قدري ملي ٿو، پر هن جا خط مختصر ۽ داخلي اظهار تائين محدود پئي رهيا آهن. مرحوم امين جا خط، اُن جي ڀيٽ ۾ ڊگها آهن، جن ۾ اظهار ذات کان وٺي تصوير ڪائنات تائين جا موضوع اچي وڃن ٿا. هي خط سنڌي زبان ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

هنن خطن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ، ٻه ڳالهيون بار بار پئي آيون آهن، جن جي وضاحت پڙهندڙن اڳيان پيش ڪرڻ ضروري ٿا سمجهون:

(۱) مڪتوب اليه جي ساراهه.

(۲) ڌارينءَ قيادت جي مخالفت.

پهرينءَ ڳالهه کي ڪي سطحي ذهن وارا صرف عقيد تمنديءَ جو اظهار تصور ڪري، نظرانداز ڪري ڇڏين. جيڪڏهن ائين ٿيو ته، اهو مڪتوب نگار جي مقصد سان نسورو ظلم ٿيندو.

حقيقت هيءَ آهي ته دنيا ۾ اڄ تائين، انقلابي تاريخ بابت، ٻن قسن جي خيال آرائي ٿيندي رهي آهي. هڪڙن جو چوڻ آهي ته تاريخ ۽ انقلاب ۾ اصلي ۽ فيصلي ڪن قوت

سماجي حالتون آهن، فرد ۽ شخصيت ثانوي حيثيت رکن ٿا. ٻين جو چوڻ آهي ته انقلاب نظريي ۽ سماجي حالتن کان وڌيڪ ڪنهن فولادي عزم واريءَ شخصيت جو محتاج هوندو آهي.

ان موضوع تي ڪافي ڪجهه لکجي ۽ چيڀجي چڪو آهي، ٻنهي طرفن جا دليل ٻنهنجي ٻنهنجي جاءِ تي وزن رکن ٿا.

ميان محمد امين ڪوسي مرحوم جو ان باري ۾ خيال هو ته شخصيت ڏي سبب ڪجهه آهي، روشن ضمير شخص تاريخ ۾ فيصلي ڪن ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. نظريو ڪهڙو به دلفريب ۽ انسانيت دوست هجي، پر جوستائين اُن جو ظهور ڪنهن عظيم ۽ آڏول شخصيت ۾ نٿو ٿئي، تيسين ڪوبه انقلاب عمل ۾ نه ٿو اچي سگهي. ان نقطي نگاهه کي آڏو رکي، هن خيال ڪيو هو ته سندس خطن وسيلي، محب سنڌ، جي. ايم. سيد، جي شخصيتڪي سنڌ جي عوام آڏو پيش ڪري، سنڌ کي اڳوڻو اُوج ۽ عُروج وڻائي سگهجي ٿو.

ٻيءَ ڳالهه جي باري ۾ سندس خيال هو ته سنڌ لاءِ هر باهرين غير سنڌي قيادت نقصان جو باعث ٿئي ٻني آهي، ۽ اڳتي به اڻين ٿي سگهي ٿو. اُن لاءِ ثبوت ۾ هو جناح کان يحيٰي خان تائين هر غير سنڌي قيادت جي ڪارڪذارين کي مثال طور پيش ڪندو رهيو آهي، جن سنڌ ۽ سنڌ جي مفادن سان هٿچُراند ٿئي ڪئي آهي. هن جي خيال ۾ سنڌ ٻين کي سهارو ڏيندڙ ملڪ آهي ۽ نه ٻين جي دستگيريءَ ۾ هلندڙ خطو. سندس چوڻ هو ته سنڌ هڪ امڙو هيرو آهي، جنهن کي ٻئي سان ملائڻ ڪري اُن جي سونهن ۽ سوڀيا تي ڪارنهن جو ڏڪو اچي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري ڏي هن خان غفارخان کان وٺي شيخ مجيب‌الرحمان تائين، هر غير سنڌي سياستدان جو سنڌ جي سياست ۾ دخل پسند نٿي ڪيو. جيتوڻيڪ هڪ حدتائين سندن صلاحيتن جو معترف به هو. سندس هيءُ به خيال هو ته هر آهو

سنڌي، جو پنجاب جي قوت ۽ طاقت ٿي پاڙي ٿو، سو نہ سنڌي آهي، نہ سنڌ جي مفادن سان سچو ۽ وفادار آهي. انهيءَ نقطي نگاه جي مدنظر ٿي هن شهيد الهہ بخش سومري جي حڪومت کي، جيڪا ليگ ۽ ڪانگريس جي اثرات کان آجي هئي، نج ۽ نيار "آزاد سنڌي حڪومت" سمجهيو ٿي، ۽ انهيءَ راه، ٿي هلڻ سان هن سنڌ جي تابناڪ مستقبل جو ڏڪ معلوم ڪيو هو.

مرحوم کوسو صاحب، پنجاب جي سنڌ سان لاڳاپي جو سخت مخالف هو، البت سندس خيال موجب سنڌ ۽ بلوچستان جو اتحاد ۽ الحاق ٿي سگهيو ٿي، جو نہ سنڌ ۽ بلوچستان، تاريخي ۽ تهذيبي لحاظ کان هڪٻئي کي ويجها آهن.

مرحوم کوسي صاحب جي سب کان وڏي خواهش اها هئي، نہ محب سنڌ، سائين جي. ايم. سيد، ڈي سندس لکيل خطن مان چوائد ٽڪرا، ڪتابي صورت ۾ ڇپائي، سندس ٿي زندگيءَ ۾ ٻڌرا ڪيا وڃن، نہ جيئن هو پنهنجي خيالات کي ڇپيل حالت ۾ ڏسي سگهي، ۽ سنڌي عوام تائين پهچائي سگهي. افسوس، سندس اها تمنا سندس حياتيءَ ۾ پوري نہ ٿي سگهي. اڄ جڏهن پاڻ، پنهنجي محبوب استاد، مولانا عبيدالله سنڌيءَ، ۽ عزيز دوست، الهہ بخش شهيد، سان گڏ، روحاني دنيا ۾ وڃي ملهو آهي، تہ سندس تمنائن کي عملي جامو ڏيئي، سندس خط سهيڙي، سنڌ واسين تائين پهچائي رهيا آهيون.

مرحوم ميان محمد امين کوسي جهڙا محبوب مائهو روز پيدا نہ ٿيندا آهن. قدرت شايد اهو سانچوئي ٽوڙي چڏيو، جنهن مان مرحوم محمد امين جهڙا مائهو وجود پذير ٿيندا رهيا آهن.

عبدالواحد آريسر، ۽
تاج جويو.

# فصل پهريون

## ميان محمد امين خان عبدالعزيز خان کوسي جي حياتيءَ جو احوال (عزيز آباد، جيڪب آباد)

هيءُ جيڪب آباد ضلعي جي کوسن بلوچن مان ريش دراز، عابد، صاحبدل، بلند همت، معامله فهم، نصف گوشه نشين، مخلص قوميَ ڪارڪن هو، جنهن جو حال ۽ قال، گفتگو ۽ فڪر، سياسي نظريو ۽ عمل ايتريقدر معمائي ۽ معنيٰ ڀريل هئا، جو اُنهن جي سمجهڻ ۽ سُلجهائڻ جو ٿورن کي پتو پيو ٿي. گفتگو گهڻي، پلئي پوندڙ معنيٰ مختصر؛ پُڄندي ٿوري دعويٰ بلند - سندس ڪردار جون اهڙيون ڳالهيون هيون، جي مشغول ماڻهن، صاحب ثروت ۽ اقتدار، ترقي پسند نوجوانن ۽ دقيانوسي مُلن کي، سندس نزديڪ ٿي، وٽانئس مستفيض ٿيڻ کان مانع هيون.

منهنجي ساڻس واقفيت ١٩٣٨ع کان ٿي، جڏهن هي مير زين الدين خان سُندراڻيءَ جي وفاتيءَ ڪري، خالي ٿيل اسمبليءَ جي ميمبريءَ جي جاءِ تي، سردار شير محمدخان بجاراڻيءَ جي مقابلي ۾، ڪانگريس جي ٽڪيٽ تي، چونڊ جي آيو. هن ٢٩- مارچ ١٩٣٨ع تي اسمبليءَ ۾ حلف وفاداري کنيو. مرحوم الهه بخش جي وزارت جو دور شروع ٿيو هو، هيءُ به جذباتي هو ۽ آءٌ به ان لهس ۾ لوساٽيل هوس. هن کي بلوچ هئڻ ڪري سيدن ۽ پيرن لاءِ عزت هئي، ليڪن، بقول عبيدالله سنڌي مرحوم، "سيد روحانيت ۽ سعادت ڪري، بيشڪ عزت جي لائق هئا، پر عملي سياسي معاملي فهميءَ ۾ هميشه قاصر رهيا هئا." چنانچه هن کي منهنجي سياسي پختہ خياليءَ ۾ اِبتدا کان ئي شڪ ويٺل هئا.

اتحاد پارٽي، ڪارنگريس ۽ هندو اِنڊپينڊنٽ پارٽين طرفان الهه بخش وزارت کي وجود ۾ آندو ويو هو، جن سڀني پنهنجن مقصدن ۽ مرادن سان اُن جي مدد ڪئي هئي. مون کي الهه بخش جي گذشته روايات کان پوري واقفيت هئي. ليڪن باوجود اُن جي، مون کيس انهيءَ نوجوانيءَ ۾ اُن بار وزارت لاءِ، سندس قابليت، پارليامينٽري تجربي، غير فرقيوارانه ذهنيت، خوش خلقيءَ ۽ ملنساريءَ جي صفتن ڪري، منتخب ڪيو هو. ميان محمد امين کيس ڪهڙين صفتن ۽ وصفن ڪري مدد ڪئي ٿي، اُن جو پتو کيس هو. الهه بخش وزارت کي مسلمان ميمبرن جي اڪثريت جي مخالفت آڏو هئي. اُها مسلم پريس ۽ طبقي جي عتاب هيٺ هئي. اُن جي باوجود مون ان لاءِ هيءَ راءِ قائم ڪئي هئي ته جي ملڪ ۽ ماڻهن جي ڀلي جا ڪم اڳين وزارت سرانجام نه ڪري سگهي هئي، سي اِن جي ذريعي پورا ڪرايا وڃن. آءٌ انتها پسند آئيڊيلسٽ هوس. انتظامي دُشوارين، وزارت کي مدد ڪندڙ پارٽين جي متضاد مفاد، ڪامورا شاهيءَ جي سُستيءَ ۽ قدامت پسنديءَ جي طريقن ۽ مسلم عوام جي خواب غفلت ۽ سندن نمائندن جي خود غرضيءَ، حڪومت پرستيءَ ۽ بي اصوليءَ جو پتو ڪونه هوم. هندو ڪاموري ۽ ڀائيبند ڪلاس جي طبقاتي مفاد ۽ مسلم ڪاموري ۽ عوام جي مفاد جي متضاد هئڻ جو پورو احساس نه ٿيو هوم.

مون الهه بخش وزارت کان بلاتاخير جي اُن پروگرام تي عمل ڪرائڻ ٿي گهريو، جنهن جي سرانجاميءَ ۾ مٿي ذڪر ڪيل سڀ رڪاوٽون موجود هيون. الهه بخش جي هو بهو اها حالت هئي ته—

مون کي مُون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اُڀا ائين چون، ته متان پاند پسائين!
(شاهه)

مون سخت گيريءَ کان ڪم ورتو. براداشت جي به

حد ٿيندي آهي. آخر ٻن مستقل مزاج طبيعتن جو ٽڪر ٿي پيو. آءٌ وزارت جي تُرت انقلابي ۽ اصلاحي قدمن کڻڻ تي هوڏيل هوس. الهه بخش مٿي ذڪر ڪيل محدود دائري ۽ نامناسب حالات ڪري، منهنجي مرضيءَ موافق مقرر ڪيل پروگرام جي پوئواري ڪري نه سگهيو. هڪ طرف تجربي جي ڪمي، ٻئي طرف حالتن جي مجبوري نمايان طور نمودار ٿي ويئون. ويتر ڍلن کي "سلائيڊنگ اسڪيل" جي بنياد تي، پارٽيءَ جي اجازت کان سواءِ، مڙهڻ آن ابتدائي اختلاف کي وڌائي، نئين مخالفت جي صورت اختيار ڪرائي. هن مون کي غير تجربيڪار ۽ هوا ۾ آڏامندڙ آئيڊيلسٽ سمجهي، ڪانگريس، هندو اِنڊپينڊنٽ پارٽي ۽ مسلم وڏيرن جي آڌار ۽ حڪومتي طاقت جي ڀروسي تي، نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کي پنهنجي جوش جوانيءَ، جذبي ايمانداريءَ ۽ بي‌انتها قوت عمل تي ڀروسو هو. اها حالت ڏسي، رجعت پسند گروه ۽ افراد، جن کي ڪڍي نئون دور آندو هوم، سي ڦِري اچي منهنجا پشت‌پناهه ٿيا.

باوجود آن جي، پهرين مون ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ کي حالتن درست ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي. مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ سردار پٽيل، ڪانگريس پارليامينٽري بورڊ جا ميمبر، سنڌ ۾ پهچي ويا.

ڪانگريسي ڪارڪن ٻن راين ۾ ورهائجي ويا؛ هڪڙا منهنجي راءِ جا ٿيا ته ڍلن جو سوال پارٽين جي منظوريءَ تائين ممل ڪيو وڃي، نڪتل آرڊر سسپينڊ ڪيا وڃن يا وزارت کي اِستعيفا ڏيڻ گهرجي. سنڌ مان مرحوم ڊاڪٽر چوئٿرام جو گروه ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد ان راءِ جا هئا. ٻيو گروه مرحوم رستم سڌوا ۽ محمد امين کوسي جو هو، جنهن کي پشتي سردار پٽيل جي هئي- ان گروه جو خيال هو ته منهنجا 'يوٽوپين' پروگرام ناممڪن‌العمل هئا، ڍلن جا پاس ڪيل آرڊر رد ٿي نه ٿي سگهيا، ۽ الهه بخش جي وزارت جو قيام آل انڊيا سياسي

مصلحتن خاطر ضروري هو. اختلاف وڌندا ويا. جوش ۽ غصي جي حالت ۾ دماغي توازن اعتدال تي رهي نٿا سگهن. سون حالت کي درست ڪرڻ خاطر مستقبل جي نتيجن جي پرواه نه ڪئي. هنن هڪ ايماندار، عمل ۽ اصول جي مجذوب کي، مختلف وجوهات جي بنا تي، نظرانداز ڪيو. حالتون بگڙنديون ويون. سرزمين سنڌ ڪانگريس ۽ مسلم‌ليگ جي سياسي اختلافن جو آکاڙو بنجي ويئي. ڪانگريسي گروه کي عارضي ڪاميابي حاصل ٿي ويئي. الهه بخش وزارت کي ڪجهه عرصي لاءِ مهلت ملي ويئي، ليڪن نتيجو اهو نڪتو ته انهن اختلافن جي آڙ ۾، خلاف توقع، رجعت پسند، فرقي-پرست، نفرت آميز طاقتن اچي ديرو جمايو. آخر ۾ حالتون اسان جي وس کان ٻاهر نڪري ويون. نيڪ ارادن جي باوجود، غير تجربيڪاريءَ ۽ حالتن جي صحيح اندازي نه ڪرڻ ڪري، سمجهه ۽ جذبي جي قوتن جو ٽڪر ٿي پيو. جذبو ڪامياب ٿيو. عقل کي شڪست آئي. ڪانگريس جي سنڌ سان پاڙ پٽجي ويئي. الڳ الڳ راهن ۽ تقسيم کان سواه ٻيو ڪو چارو ڪونه هو.

انهن سمورن ڏوهن ۽ ثوابن جي ورهاست سون تي ۽ برادرم محمدامين کوسي تي کيتري قدر پوندي، سو فيصلو مستقبل جي تاريخ نويسن‌کي ڪرڻو آهي. اهي تاريخي حقيقتون ۽ حالات آهن، جن جي پس منظر ۾ مستقبل جي سوالن تي غور ۽ فڪر ڪرڻو آهي.

انهيءَ وقت کوسي صاحب جا هيٺيان ڪارناما ۽ سياسي عقيدا هئا:

(۱) مغربي سنڌ ۽ بلوچستان جي پوئٽي پيل خطي ۾ سياسي بيداري ۽ آزاديءَ جي جذبي پيدا ڪرڻ لاه بين قومي ڪارڪنن سان گڏ، هن محب وطن يوسف علي‌خان منگسيءَ جي سنگت ۾ ڪوشش ڪئي.

(۲) مسلم‌ليگ جي نظريي کي اتحاد ۽ آزاديءَ هند،

جي خلاف سمجهي، اُن جي هن مخالفت ڪئي.

(٣) هن مرحوم الهه بخش کي سنڌ جي مقامي خود اختياريءَ جو علمبردار، فرقيوارانه ۽ نفرت واريءَ پاليسيءَ جو مخالف، ۽ آل انڊيا سياسي جهگڙن کي سياست ۾ ٽپائي آڻڻ جي برخلاف سمجهي، بغير چُون چرا جي، هن جي مدد ڪرڻ شروع ڪئي.

(٤) هن سر زمين سنڌ کي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ انسانيءَ جو پيغام رسان ۽ مشنري سمجهيو هو.

(٥) انهيءَ پيغام جي آخري اشاعت جو مرڪز، هن پير صاحب ڀرچونڊيءَ جي درگاهه سمجهي هئي، جنهن مولانا تاج محمد امروٽيءَ ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جهڙا حريت جا دلداده ۽ مستقل سياسي ڪارڪن پيدا ڪيا هئا.

(٦) مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي سياسي ۽ مذهبي فڪر جو صحيح وارث ۽ پورو ترجمان پاڻ کي سمجهيو هئائين.

سندس راين ۾ تعجب آميز ڳالهه اها هئي ـ هن بيڪ وقت مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي ۽ علامه شيخ محمد اقبال جي مختلف خيالن ۽ متضاد راين ۾ يڪرنگي ڏٺي هئي.

بهرحال، برصغير جي ورهاڱي بعد، جي حالتون پيدا ٿيون، تن ميان محمد امين ۽ اسان کي پس پشت اُڇلائي ڇڏيو، ليڪن باوجود سياسي حالات جي ناسازگاريءَ جي، قوت فڪر ۽ جذبو ڪمزور نه ٿيا هئا. مون سياسي ميدان ۾، بقول شاهه عبداللطيف عليه الرحمت،

هيڪلائي هيل، پوريندس پُنهَونءَ ڏي ـ

پئي پاڻ پتوڙيو. هن زياده توجهه، نين حالتن جو جائزو وٺي، ڪنهن مستقل فڪر جي هٿ ڪرڻ ۾ صرف ڪيو.

برصغير جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام بعد، ڪي واقعات رونما ٿيا، مثلاً (١) ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪري

مرڪزي حڪومت جي ماتحت ڪيو ويو. سنڌين اُن کي موروثي ملڪيت جي کسجڻ ۽ غصب ٿيڻ برابر سمجهي، اُن جي مخالفت ڪئي. اُن ۾ مون کي انهيءَ تحريڪ جو محرڪ سمجهي، ڳوٺ ۾ نظربند ڪيو ويو. (٢) سنڌ جي هزارها ورهين جي روايات، پنهنجي سياسي حيثيت، اقتصادي مفاد ۽ ڪلچرل ورثي جي باوجود زوريءَ ڪن مخصوص مفادن ۽ طبقاتي ضرورتن خاطر، ختم ڪري اُن کي ون يونٽ ۾ اٽڪائڻ وقت، وري مون کي قيد ۽ نظربند ڪرڻ لاءِ منتخب ڪيو ويو. (٣) مارشل لا قائم ٿيڻ بعد، ڪن خسروانه مصلحتن سبب، وري مون کي نظربند ڪيو ويو.

انهن ڳالهين هن دور دراز پنڌ تي ڳوٺڙي ۾ ويٺل گوشه نشين، سياسي اختلاف رکندڙ دوست کي جهڙو بيچين ڪيو ۽ صدمو رسايو، اُن جو اظهار سندس ساڍن پنجن سوَن خطن ۽ ٦٥٦٧ فولسڪيپ پَنن جي صورت ۾ مون وٽ موجود آهي. اهي خط سندس منهنجي لاءِ جذبي محبت، سندس سياسي شعور ۽ احساس جو بين ثبوت آهن. انهن جملي خطن ۾ هن جنهن مودت جو اظهار ڪيو آهي، جن لفظن سان همت افزائي ڪئي آهي. مون کي جنهن درجي تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اُن جو مختصر احوال هن ڪتاب ۾ ڏنل خطن مان معلوم ٿي سگهندو. سندس اهي خيال مون تي اثر ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهيا.

دل هي تو هے نه سنگ و خشت، درد سے پر نه آئے ڪيون،
روئينگے هم هزار بار، ڪوئي همين ستائے ڪيون.

مون پنهنجي ايام سياست ۾ ناپختہ دماغيءَ، غيرمعامله فهميءَ کان ڪيئي غلطيون ڪيون هونديون، ۽ جڏهن گذشته ايام جي ڪارڪردگيءَ تي نظر ٿو ڪريان، ته سر ندامت کان هيٺ ٿيو وڃي. "پلئه پايو ڪچ، آڇيندي لَڄ مران" جو حال

اٿم. پر ان ساري معاملي ۾ مون کي جي ڪابہ ڳالھہ آٿت ڏيندڙ رهي هئي، تہ اها هيءَ هئي تہ منهنجي ساري ڪارڪردگي، هر موقعي تي، خود مطلبيءَ، جاهہ طلبيءَ، قوم فروشيءَ، بُزدليءَ ۽ خريد ٿي وڃڻ جي آلائشن کان ڪجھہ مڙيوئي پري هئي. اجتهادي ۽ معاملي فهميءَ جون خطائون گهڻيون ٿيون هونديون. ممڪن آهي آهي خطائون ڪيترن بزرگان دين ۽ اعليٰ سياستدانن کان بہ سَرزَد ٿيون هجن؛ اُنهن جي پاداش ۾ پراوَن کي ڇڏي، پنهنجن طرفان جا سردمهري ۽ جو غيرالتفاتيءَ جو برتاءُ اختيار ڪيو ويو هو، اُن سزا جو لائق نہ هوس.

"خوني نہ ڪردہ‌ايم ڪسي را نہ ڪشتہ ايم،
جرم ما همين است ڪہ عاشق روي تو گشتہ ايم!"

انهيءَ سموري عرصي ۾ نہ ڪنهن سنڌي اخبار کي جريت ٿي، جو منهنجو نالو اُچارين، نہ جلسي ۾ منهنجي نظربنديءَ تي ٺهراءُ پاس ڪرڻ جو ڪنهن کي ڪو خيال پيدا ٿيو. ڪيترا ڏسڻا وائسڻا دوست مون سان ملاقات ڪرڻ، بيماريءَ جي وقت ۾ طبيعت پُرسيءَ لاءِ اچڻ، والده ۽ عزيزن جي انتقال ڪرڻ وقت عذر خواهي ڪرڻ جي جريت ساري نہ سگهيا، تہ متان حڪمران طبقي کي خبر پئجي وڃي تہ هو ناراض ٿين. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "جنين لاءِ مياس، سي ڪُلهي ڪانڌي نہ ٿيا!" ڪهڙا قصا بيان ڪريان. هڪ عزيز جهڙو عملدار، جو منهنجي وسيلي ڊيپوٽي ڪليڪٽر جي درجي تي پهتو هو، سو ساڍن ستن سالن ۾، باوجود نزديڪ هئڻ جي، بيماريءَ جي حالت ۾ بہ طبيعت پرسيءَ لاءِ اُن ڪري نہ آيو تہ متان سندس عملدار ناراض ٿين. هڪ سنڌي ڊسٽرڪٽ عملدار غير واجبي ڍل مڙهي ڇڏي، کيس سبب ڏيئي اپيل ڪئي ويئي. اها رد ڪري ڇڏيائين. ڪمشنر کي اپيل ڪئي ويئي. جيستائين فيصلو ٿئي، اُن وچ ۾ مختيارڪار کي گهرائي چيائين تہ ضبطي ڪئي وڃي! اسان جي "اُٿيون ۽

چاڙهيون، ڏٺ ڏيهاڻي سومرا!" جي حالت جو پتو هوس. هڪ دفعي علاج لاءِ ڊاڪٽر جي اجازت سان ڪراچيءَ ويس. عين بيماريءَ جي حالت ۾ موڪل رد ڪري، ان ساڳئي عملدار ڳوٺ موٽڻ لاءِ مجبور ڪيو، صرف انهيءَ واسطي ته حڪمران طبقي وٽ سُرخروئي ٿئيس. هڪ سنڌي ڊاڪٽر منهنجي والده جي علاج لاءِ اڌ ڪلاڪ ڏسڻ واسطي هزار رپين جي فيءَ جي تقاضا ڪئي- ان حالت ۾ جڏهن هڪ غير سنڌي ڊاڪٽر سوين دفعا بنا اجوري جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار هجي. هڪ پير طريقت، باوجود اظهار محبت ۽ مودت جي، طبيعت پرسيءَ لاءِ آن ڪري مون وٽ اچڻ کان انڪار ڪيو، ته متان سي- آءِ- ڊي رپورٽ ڪري، هن جو سياسي مستقبل خراب ڪري.

ڪهڙا بيان ڪجن! آنهيءَ اُوڻٽيهين اونداهيءَ جي وقت ۾، هڪ گوشي نشين، سياست ۾ هميشه مخالفت ڪندڙ، دور دراز پنڌ تان پنهنجي محبت ۽ مودت جي اظهار ۾ هزارها صفحا ڪارا ڪري، درگاهه الاهيءَ ۾ روئي ۽ ٻاڏائي، پنهنجون نيم شبي دعائون موڪليندو رهي، ننڊ ۽ آرام ڦٽائي مجنون‌وار دانهون ڪري، سا ڳالهه معمولي نه هئي.

اڄڪلهه جڏهن چؤطرف خود مطلبي، بزدلي، فرض ناشناسي، قوم فروشيءَ جي بازار گرم لڳي پيئي آهي، آن وقت هڪ مخلص، بي‌لوث دوست جي دعا ۽ همت افزائي ڪا گهٽ قيمت واري شيءِ نه آهي. اڄڪلهه وفا ۽ محبت آڻ لڀ وٿون آهن. انهيءَ اثر وفاداريءَ ۽ اظهار مودت، بمصداق "ڊلڙي، گهر ته گهرانءِ" جي، مون کي سندس طرف رجوع ڪيو، ته آن ۾ ڪهڙي خطا هئي!

جز محبت هرچه بردم — سود در محشر نداشت
دين و دانش عرض کردم — کس به نيم جو نخواست
قيمتي چشم ترم را — قيمت ڪوثر نداشت

انهيءَ پس منظر ۾ هن وفادار دوست جي زندگيءَ جو ذڪر لکي رهيو آهيان.

## نسبت ۽ خاندان جو احوال:

هيءُ مشهور معروف بلوچ قوم جي ڪوسي قبيلي سان تعلق رکندڙ آهي. بلوچ قوم جي اصل بابت ٻه روايتون آهن: هڪڙن کين مشهور "آرين نسل" جي شاخ قرار ڏنو آهي. ٻين کين "سامائيٽ" نسل جي شاخ چاڻائيندي، سندن نسبت امير حمزي سان ڳنڍي آهي. ان سوال تي بحث ڪري، ڪنهن نتيجي تي پهچڻ هن ڪتاب جي دائري کان ٻاهر آهي. هتي صرف ڪوسا قبيلي بنسبت تاريخي روايتي حوالا ڏيئي، سندن موجوده رهائش ۽ مختلف شاخن جو مختصر ذڪر ڪندس.

هن قبيلي جو احوال مون کي مختصر طور هيٺين انگريزي ڪتابن مان ملهو آهي:

(۱) پنجاب جون قومون: مصنف سر ڊينزل ابٽسن K.C.S.I، ۱۸۸۳ع ۾ ڇپيل.

(۲) ائڪراس دي بارڊر ـ پٺاڻ ۽ بلوچ: مصنف ايڊورڊ اوليور، ۱۸۹۰ع ۾ ڇپيل.

(۳) بلوچي فوڪلور ۽ پوئٽري: مصنف لانگ ورٿ ڊيمس، ۱۹۰۷ع ۾ ڇپيل.

(۴) سنڌ گزيٽيئر.

(۵) هسٽري آف بلوچ ريس ائنڈ بلوچستان. مصنف محمد سردار خان، ۱۹۵۸ع ۾ ڇپيل.

ٻيا ڪتاب مون کي هٿ اچي نه سگهيا آهن. نه مون کي ڪو-انهيءَ مسئلي تي کوجنا ڪري، مستند احوال لکڻ جو خيال هو. ان ڪري مٿين ڪتابن ۽ مڪاني هٿ ڪيل احوال مان هيٺيون ذڪر مختصر طور بيان ڪريان ٿو.

ڪوسا بلوچن جي رند قبيلي جي شاخ آهن. اصل ڪيچ

جي طرف جا ويٺل هئا. هن وقت سندن گهڻو تعداد پنجاب ۾ ديري غازي‌خان ۽ ڪجهه بهاولپور ۾ ويٺل آهي، پنجاب ۾ سندن مکيه پاڙا: (١) بهيلاڻي، (٢) عيساڻي، (٣) جاگيل، (٤) جندواڻي، (٥) جَروار ۽ مهراڻي آهن. ديري‌غازي‌خان جي کوسن جو سردار جاگيل شاخ مان آهي.

١٨٤٨ع ۾ جڏهن سِکن ۽ انگريزن جي وچ ۾ لڙائي ٿي هئي، ته اُن ۾ کوسن جي سردار ڪوڙاخان ديري غازي‌خان تي قبضو ڪري، شهر انگريزن جي حوالي ڪيو.

ميجر پولڪ سندس رمارڪن ۾ کوسن لاءِ لکيو آهي ته هو "جُرائم پيشي جا ماڻهو هئا" ليڪن کوجنا بعد معلوم ٿيو هوس ته اهاڳالهه برابر نه هئي. هُو بهادر، جَنگجو ۽ غيرت‌مند قبيلي جا فرد هئا. کوسن بابت "سنڌ گزيٽيئر" جو به چوڻ آهي ته اهي رِندن جي شاخ هئا، جن کي همايون بادشاهه کي مدد ڏيڻ ڪري، وڏيون زمينداريون عطا ٿيل هيون.

سنڌ ۾ جيڪب‌آباد، دادو، حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ مختلف پاڙن جا کوسا رهندڙ آهن. جيڪب‌آباد ضلعي ۾ (١) چاماڻي، (٢) بکراڻي، (٣) بليلاڻي پاڙن جا کوسا رهن ٿا. سندن مکيه سردار عبدالرحيم‌خان ٿي گذريو آهي، جنهن جي بنا اولاد وفات ڪرڻ ڪري، اُن جي جاءِ تي هن وقت سردار عبدالرزاق مَسند نشين آهي. دادو ضلعي ۾ ميهڙ ۽ خيرپورناٿن‌شاهه تعلقن ۾ (١) بڊڻي، (٢) دوست لاڻي، (٣) هدواڻي، (٤) روحلاڻي، (٥) بليلاڻي، (٦) اوزاڻي ۽ (٧) باشواڻي پاڙن جا کوسا رهن ٿا، جن جو هن وقت سردار غلام‌حيدرخان آهي. دادو ضلعي جي ڪوٽڙي تعلقي جا کوسا چئن مکيه پاڙن ۾ ورهايل آهن:

(١) مٽيوال، (٢) سلمن، (٣) کلولاڻي ۽ (٤) للاڻي، جن مان هرهڪ پاڙي جون شاخون ۽ ننڍيون شاخون نڪرن ٿيون. مٽيوال پاڙي جون مکيه شاخون هيٺيون آهن:

(١) بندواڻي، (٢) مڪڙاڻي، (٣) رحناڻي، (٤) سنجراڻي،

(٥) ڦرياڻي، (٦) موندراڻي، (٧) ڏتـاڻي، (٨) جهنڊاڻي، (٩) عيساڻي، (١٠) جوڳياڻي، (١١) تڳياڻي، (١٢) گهنوراڻي ۽ (١٣) ملا. انهن مان هرهڪ جون وري اڃانئي ننڍيون شاخون آهن، جن جو ذڪر طوالت جو باعث سمجهي، پيش نٿو ڪجي. هڪ وقت سندن چڱو مڙس لعل‌بخش‌خان سنجراڻي هو. اهڙيءَ طرح سلمن پاڙي جون هيٺيون مکيه شاخون آهن:

(١) ڦاناڻي، (٢) ملهواڻي، (٣) عيساڻي، (٤) ميرواڻي، (٥) للاڻي، (٦) چاڪراڻي، (٧) الوداڻي، (٨) فتحلاڻي، (٩) نهالواڻي، (١٠) جوڳياڻي، (١١) بليلاڻـي، جن جون وڌيڪ ننڍيون شاخون طوالت ڪري، هت نٿيون ڏجن. انهيءَ ساري قبيلي جو وڏيرو غلام حسين‌خان ڦاناڻي هو، جنهن کان پـوءِ سندس پڳ سندس وڏي فرزند درل خان تي آئي، پر انهيءَ جي زماني ۾ انهيءَ پاڙي ۾ باهمي اختلاف پيدا ٿي پيا، جنهن جي صلح نه ٿيڻ ڪري، وڏيرا اثر وڃائي ويٺا، ۽ هن کان پوءِ ڪنهن کي پڳ ڪانه ٻڌائي ويئي. ٽيون مکيه پاڙو للاڻي يا سحاقاڻي جو آهي، جنهن جون مکيه شاخون هيٺيون آهن:

(١) سحاقاڻي، (٢) پنجاڻي، (٣) درياڻي، (٤) گهراماڻي، (٥) زيمڪاڻي، (٦) پئالاڻي، (٧) ڌيرناڻي، ۽ (٨) مٺاڻي آهن. آنهن جون به ڪيتريون وڌيڪ ننڍيـون شاخون آهن. سندن چڱو مڙس هن وقت الياس‌خان آهي. چوٿون مکيه پاڙو کلولاڻي آهي، جنهن جون مکيه شاخون هيٺيون آهن:

(١) لاسي، (٢) ڀوراڻـي، (٣) هيبتاڻي، (٤) کملاڻي، (٥) ڪوڪاڻي، (٦) ڄندواڻي، ۽ (٧) گاهياڻي. آنهن جـون به ننڍيون شاخون آهن، منجهانئن خان‌محمدخان، وريل‌خان، عمرخان وغيره مکيه ماڻهو ٿي گذريا آهن. ازانسواءِ سنڌ جي حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ هٺين مکيه پاڙن جا کوسا رهن ٿا:

(١) گهراماڻـي، (٢) احمداڻي، (٣) صاحباڻـي، (٤) مهڪاڻي وغيره.

## سنڌس شخصي زندگيءَ جو احوال:

ميان محمدامين خان جاماڻي پاڙي جي ڪوسن مان سنڌس ناناڻي ڳوٺ ميرحياتخان، تعلقي ٽـل، ضلعي جيڪب آباد، ۾ ۱۱- ڊسمبر ۱۹۱۳ع تي ڄائو. سنڌس پڙ ڏاڏي جو نالو ميان ولي‌محمدخان عرف وليوخان هو، جو پنهنجي تر ۾ سخي مرد تي گذريو آهي. آن کي ۽ فرزند پيدا ٿيا:

(۱) ميرحياتخان، ۽ (۲) محمدامين‌خان. محمدامين‌خان پوليس جي نوڪريءَ ۾ گهڙي، سب‌انسپيڪٽريءَ جي عهدي تي پهتو، ۽ خلاف معمول، سارو وقت ايماندار تي رهيو. ان کي هڪ فرزند ميان عبدالعزيزخان نالي سان پيدا ٿيو، جنهن زمين سنياڻن جو ڪم ڪيو، ۽ ڪفايت‌شعاريءَ ۽ محنت سان سکيو ستابو ٿي ويو. هن سنڌس چاچي ميرحياتخان جي نياڻيءَ سان شادي ڪئي، جنهن مان کيس ۽ فرزند جاوا: (۱) محمدامين‌خان ۽ (۲) ميان نظام‌الدين‌خان.

ميان محمدامين‌خان ابتدائي تعليم ڪريم‌بخش‌خان ڪوسي جي ڳوٺ، تعلقي ٽل ۾ ورتي، جتان هو آدم‌پور، تعلقي نصيرآباد ۾ ماستر عبدالرسول ڪوسي وٽ وڃي پڙهن ويٺو. آٺان پنجون درجو پاس ڪري، موٽـي اچي، جيڪب‌آباد هاءِ اسڪول ۾ انگريزي پڙهن ويٺو. آٽي کيس (۱) مسٽر غلام‌قادرخان وڪيل، ۽ (۲) مسٽر شيوارام پاڪچند جهڙن لائق استادن جي شاگردي‌ جو شرف حاصل ٿيو. هن ۱۹۲۸ع ۾ جيڪب‌آباد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. آن کان پوءِ ساڳئي سال جي آخر ۾، هي عليگڙهه ڪاليج ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيو. آٺان ۱۹۳۳ع ڌاري بي.اي پاس ڪري، گريجوئيٽ ٿيو. آن کان پوءِ، هي وڪالت پڙهڻ لاءِ آٽي ٽي لاڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ ويٺو، ۽ ۱۹۳۶ع ڌاري فرسٽ ايل.ايل.بيءَ جو امتحان ڏنائين. ٻئي سال پروفيسر حليم، پرو وائيس چانسلر، ڪن‌سين

ڪري، هن کي ڪاليج مان خارج ڪري ڇڏيو. اُن تي ڇوڪرن گهڻي هلچل هلائي، پر هن کي وري داخلا ماي نه سگهي، تنهنڪري هن کي واپس ڳوٺ اچي رهڻو پيو.

عليڳڙهه جي رهائش جي عرصي ۾ هن سر راس مسعود، ڊاڪٽر محمد اقبال ۽ نواب محمداسماعيل ميرٺ واري سان واقفيت پيدا ڪري، سندن صحبت مان مستفيد ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. عليڳڙهه ۾ رهڻ وقت، هن جي ڪيترن نوجوانن سان واقفيت ۽ دوستي ٿي، جن مان ميان غلام احمدخان بن نواب محمداسماعيل خان خاص ذڪر جي لائق آهي.

١٩٣٥ع جي سڌارن جي ائڪٽ پاس ٿيڻ ۽ سنڌ جدا ٿيڻ بعد، ١٩٣٧ع جي اسيمبلي چونڊن ۾، جيڪب آباد ضلعي مان سردار جعفرخان بليدي، مير سهراب خان سرکي ۽ مير زين الدين خان سندراڻي ميمبر چونڊجي آيا هئا. سال جي آخر ۾ مير زين الدين خان وفات ڪري ويو. اُن جي خالي ٿيل جاءِ لاءِ ٻه اميدوار بيٺا: هڪ سردار شيرمحمدخان بجاراڻي ۽ ٻيو محمد امين خان کوسو. هڪ طرف اڳوڻو بمبئي ڪائونسل جو ميمبر، لکها روپين جو مالڪ، سرڪار ۾ خاص اثر رکندڙ، لقب بردار، قوم جو سردار، عمر رسيده ماڻهو اميدوار هو. ٻئي طرف عليڳڙهه مان تازو آيل غيرتجربيڪار نوجوان شاگرد، وڏي قبيلي جي فرد هئڻ جي باوجود مال ۽ ملڪيت ۾ مقابلتاً گهٽ، سرڪار جي مخالف جماعت ڪانگريس جو اميدوار هو، سوبه اهڙي ضلعي مان، جتي فرنٽيئر ائڪٽ جي موجودگيءَ ڪري، عملدار سياهه وسفيد جا مالڪ هئا. ملڪي ۽ قومي بيداريءَ جو نالوئي ڪونه هو. پر تازو اهڙي ئي پٺتي پيل لاڙڪاڻي ضلعي ۾، جيڪو زميندارن ۽ وڏن ماڻهن جي جاگير رهندو آيو هو، شيخ عبدالمجيد سنڌي ضلعي جي پهرئين نمبر خاندان، زميندار ۽ سنڌ جي گورنر جي صلاحڪار سر شاهنواز ڀٽي کي اليڪشن ۾ شڪست ڏني هئي. هيءَ ٻي آزمائش هئي. اُن اليڪشن ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، پير

علي محمد راشدي ۽ ڪيترن قومپرست مولوين ميان محمدامين خان جي مدد ڪئي. بخت ياور هوس. والدبزرگوار ۽ پير صاحب پرچونڊيءَ جون دعائون شامل هيس. هن مارچ ١٩٣٨ع تي چونڊ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. آها ڪاميابي سنڌ اندر قومي خادمن ۽ جماعتي عيوضين جي ٻي ڪاميابي هئي.

هن وقت ته حالتون پنجاهه ورهيه پوئتي وڃي چڪيون آهن، ليڪن آن کان پوءِ وري سنڌ جي عوام اهڙيءَ بيداريءَ ۽ بلند همتيءَ جو ڪو ثبوت نه ڏنو آهي.

الهه بخش وزارت ابتدا ۾ چڱا قدم کنيا. آن لوڪلباڊيز مان نامينيشن جو دستو رختم ڪيو. پير الاهي بخش، ريوينيو وزير، جو گشت خاص اهميت وارو هو، جنهن ڪاموري طبقي جي رعب کي گهڻو ڌڪ هنيو ۽ عوام جي اميدن کي آڀاري ڇڏيو؛ ليڪن اڳتي هلي، هن مضمون جي اول ۾ ذڪر ڪيل سببن جي ڪري، وزارت ۽ اتحاد پارٽيءَ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا. اسان وڃي مخالفت ۾ ويٺاسون. شيخ عبدالمجيد جي مشوري سان اڳوڻن نڪتل وزيرن جي طرفدارن جي مسلم ليگ پارٽي ٺهي، جا به مخالفت ۾ ويٺي. ان کان پوءِ جا احوال گهڻا ۽ ڊگها آهن. جن جو مون "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد"، "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" ۽ "جنب گذاريم جن سين" ۾ مختلف سياستدانن جي زندگيءَ جي احوالن جي سلسلي ۾ ذڪر ڪيو آهي. هتي دوباره آنهن جو ذڪر ڪرڻ طوالت جو باعث سمجهي نٿو ڪريان.

البت هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو ته آهو سمورو وقت ميان محمدامين خان خانبهادر الهه بخش مرحوم جو مددگار ٿي رهيو هو. هڪ وقت، بيمار هوندي، پاڻ کڻائي، ڪانگريس پارٽيءَ جي مخالفت هوندي، الهه بخش وزارت کي بچائڻ لاءِ اچي ووٽ ڏنائين.

هي اڳ ۾ قومپرست مسلمانن جو مصاحب ۽ حامي هو. ويتر جو خانبهادر الهه بخش مرحوم جي ڪوشش سان مولانا عبيدالله

سنڌي، سنڌ ۾ موتي آيو، ته هن آن جي صحبت مان مذهبي ۽ سياسي معلومات حاصل ڪئي. مولانا مرحوم سنڌس پير طريقت، پير صاحب پرچونڊيءَ جو فيض يافته بزرگ هو. ٻيو هن سياست هند تي، پنهنجي جلاوطنيءَ جي زماني ۾ حاصلَ ڪيل تجربي ۽ فڪر جي بنا تي، نئين نقطي نگاه کان روشني وڌي تي، جا مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي طريقي ڪار کان ڪجهه علحده هئي.

منزلگاهه فسادن کان پوءِ، جڏهن هندن ۽ مسلم ليگ گڏجي الهه بخش وزارت کي شڪست ڏيئي، نئين وزارت قائم ڪرائي، ته انهيءَ موقعي تي، ۱۹۴۰ع ۾، دهليءَ ۾ قوميپرست مسلم پارٽين گڏجي "آزاد ڪانفرنس" الهه بخش جي صدارت هيٺ ڪوٺائي. سيان محمدامين خان آن وقت به ساڻس شريڪ ڪار هو. ليڪن، ۱۴ مئي ۱۹۴۳ع تي، الهه بخش مرحوم جي شهادت کان پوءِ سنڌي اقوم پرست سياست ۾ جو خال پيدا ٿي پيو، آن هن کي دل شڪستو ڪري وڌو. سگهوئي اسان جو بـ مسلم ليگ سان ٽڪر ٿي پيو، ليڪن اسان اڄا آن جي مقصد جي حمايت ڪندا آياسون ٿي، ان ڪري هي نه اسان سان گڏجي سگهيو ٿي، نه مسلم ليگ ۾ وڃي سگهيو ٿي.

هي ۱۹۴۵ع تائين سنڌ اسيمبليءَ ۾ ميمبر هلندو آيو. آن کان پوءِ جيئن فرقي پرستيءَ جو دور شروع ٿيو، ته هي اسان سڀني وانگر اسيمبليءَ کان باهر رهجي ويو.

سياست ملڪ ۾، هن جا مون سان ڪيترين ڳالهين تي اختلاف هوندا هئا، ليڪن هن شخصي محبت ۽ عزت کي ڪڏهن ڪمزور ڪرڻ نه ڏنو. عين انهيءَ وقت جڏهن اسان وٽ الهه بخش جي وزارت خلاف ستون پيڙون ستيبون هيون، ۽ پنهي گروهن جي وچ ۾ اهڙا اختلاف هوندا هئا، جو باهمي ملاقاتون به بند ٿي ويڙون هيون، هيءَ شخصي مروت ڪري مون وٽ ويندو رهندو هو. بعضي منهنجا ڪي شريڪ اڳين به چئي ويهندا هئا ته هي الهه بخش جو جاسوس ٿي، مون وٽ حال معلوم ڪرڻ

اچي ٿو، ليڪن اِن ڳالهه نه هن جي مروت ۽ رکاوٽ وڌي، نه وري هن جي صداقت ۽ خلوص ۾ ڪو شڪ پيدا ٿيو. مرحوم ميران محمدشاهه ڪان پوءِ هي پهرئين دوست هو، جنهن سياسي اختلافن ڪري دوستانه تعلقاتن ۾ ڪڏهن به ويڇو نه وڌو.

پاڪستان جي قيام ڪان پوءِ، حالتن جي ناسازگاريءَ ڪري، هي قريباً گوشه نشين زندگي گذارڻ لڳو. ليڪن ملڪي سياست تي هي مستقل راءِ رکندو آيو، ۽ مون سان تعلقات ٽوڙيندو آيو. ڪراچيءَ کي جڏهن سنڌ کان جدا ڪيو ويو، ۽ مون کي آن جي راهه ۾ رڌڪ سمجهي گهوٽ ۽ نظربند ڪيو ويو، تڏهن هن کي ارمان ٿيو. ون يونٽ ٺاهڻ وقت وري مون کي قيد ۽ نظربند ڪيو ويو، تڏهن هن جيل ۾ ڪيئي خط لکي، اظهار همدردي ۽ صداقت ڪيو. آن کان پوءِ مارشل لا جو قيام ٿيو ته وري قيد ۽ نظربنديءَ جي فال منهنجي نالي تي پيئي. مون نه سمگلنگ ڪئي هئي، نه عهدن جو طالبو رهيو هوس، نه پرمٽون وڻي ملڪيت وڌائي هئم، نه وطن سان غداري ڪئي هئم، نه پاڪستان جو مخالف هوس- بلڪ هڪ حد تائين آن جي قيام ۾ منهنجو خاص هٿ هو. سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ مون پوش ڪري پاس ڪرايو هو، سنڌ ۾ مسلم ليگ جي تحريڪ کي زور وڌائڻ ۾ به مون وس آهر هرڪا ڪوشش ڪئي هئي؛ تنهن هوندي به ان وقت جو مون کي سڌين ستن سالن تائين قيد ۽ نظربند ڪيو ويو، آن لاءِ منهنجو هيو قصور ته نه هو، سواءِ آن جي ته ون يونٽ جو مخالف هوس، ۽ سنڌ جي حقن جي حفاظت جو حامي هوس. آن جو غير واقفن کي ته کڻي پتو نه به هو، ليڪن پنهنجن کي ته هو. آن تي اهل وطن، جو برتاءُ ڪيو، آن جو مختصر ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان.

۽ هن صاحب جنهن انتهائي خلوص ۽ محبت جو اظهار ڪيو، آهو به بڌائي آيو آهيان.

آزاد ٿيڻ کان اڳ آءُ هن نتيجي تي پهتو هوس تہ سياسي محاذ تي اسان "بنڪرڪ" جي درجي تي پهچي چڪا هئاسون. اسان جي اڪثريت "سرڪار جي دعاگن" جون صفتون اختيار ڪري ويٺي هئي. سياسي آزاديءَ، يڪجهتيءَ ۽ قوميرستيءَ جا عارضي طرح سلا سڙي چڪا هئا. عنصري حادثن اسان جي سياسي راهہ ۾ آهي اٽڪر رکاوٽون وجهي ڇڏيون هيون، جن جو ٽاڪڻ هن وقت اسان جي طاقت کان مٿي هو. اهڙين حالتن ۾ قومن جي قافلي کي کنهن ناساز گار موسم جي گذرڻ تائين ترسڻو پوندو آهي. آن وچ ۾ سندن قوت عمل کي کنهن ٻئي رستي تي مشغول ڪرڻو پوندو آهي.

تاريخ ۾ ڪيئي اهڙا مثال ملن ٿا، جڏهن ڪن قومن کي سياسي ۽ اقتصادي طرح ملياميٽ ڪيو ويو هجي، ليڪن سندن ڪلچرل ۽ اخلاقي بنياد پکا هئڻ ڪري، ٿوري وقت اندر آهي پاڻ جهلي ويٺون. يونان تي رومن جي قبضي بعد يوناني سياسي طرح محڪوم ٿي ويا، ليڪن ثقافتي نقطي نگاهہ کان هو مستقل ۽ مضبوط هئا. ٿوري وقت اندر هنن رومن کي پنهنجي رنگ ۾ رچي ڇڏيو. اڄان تائين مغربي تهذيب يوناني تهذيب جي بنيادن تي اڏيل هلي اچي. ساڳي حالت مسلم ايرانين جي ٿي. منگولن هتان وچ ايشيا جي مسلم دنيا پائمال ۽ تباهہ ٿيڻ بعد، کنهن نٿي سمجهيو تہ هو وري اڀوٽيءَ جاءِ تي موٽي ايندا ۽ پر سندن ڪلچر ۽ تهذيب سلامت هئڻ ڪري ٿوري وقت ۾ هنن، فاتحن کي پنهنجي رنگ ۾ رڱي، مفتوح ڪري ڇڏيو.

اهڙين حقيقتن کي نظر ۾ رکي، مون خيال ڪيو هو تہ حال سياست کان ڪناره ڪش ٿي، قوم کي اتحاد، حب الوطنيءَ، قوميرستيءَ، خود شناسيءَ، امن ۽ اصلاح نفس جي پيغام ڏيڻ لاءِ، ڪلچرل پليٽفارم تان تعليم ۽ تربيت جي اهڙي ڪا مهم شروع ڪجي، جنهن ۾ نہ حڪام وقت کي سندن رموز مملڪت ۾ دست اندازيءَ جو انديشو پيدا ٿئي، نہ مختلف سياسي گروهن

۽ مفاد کي سندن حاصلات ۽ کارڪردگيءَ ۾ دخل اندازيءَ جو خطرو محسوس ٿئي، بلڪ سڀ ۾ پرين پسڻ جي نقطي نگاھ کان ھڪ اھڙو پليٽفارم تيار ڪجي، جنھن تي مختلف عقيدن، سياسي نظرين، جماعتي گروھن ۽ طبقاتي مفاد جا ماڻھو، رواداريءَ جي بنياد تي، پنھنجا نقطہ نگاھ ۽ مفاد محفوظ رکندي، ملڪ جي گڏيل مفاد ۽ تحفظ لاءِ ھڪ جاءِ تي ملي، صلاح مصلحت، تبادلہ خيالات ڪري، گڏيل قدم کڻي سگھن، ۽ آنھن گالھين جو سياست سان ڪو واسطو نہ رھي،

مون کي تاريخ جي مطالعي مان اھو معلوم ٿيو تہ نہ صرف دنيا جي تاريخ بلڪ مسلم تاريخ ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ ڪي اھڙا موقعا آيا آھن، جن ڪي منھن ڏيڻ لاءِ اسان جي بزرگن مٿي ذڪر ڪيل طريقن تي ڪم ڪيو آھي، بني اميون، بني عباسين يا ٻين مسلم حاڪمن جي دور حڪومت ۾ جڏھن خود مطلبي، نفس پرستي، خانہ جنگي وڌي ويئي تہ راسخ العلم، صالح ۽ دوربين حضرات، قوم جي شيرازي کي درھم برھم ٿيڻ ۽ بداخلاقيءَ کان بچائڻ لاءِ، سياست ماڻ کان ڪناره ڪشي ڪري، عوام جي بنيادي خامين کي، تاليف قلوب ذريعي، نفسي ۽ ذھني تربيت ڏيڻ طرف توجھ ڪيو، جنھن کي قديم مذھبي زبان ۾ "روحاني طريقہ ڪار" سڏيو ٿي ويو، آن جو جديد زبان ۾ ترجمو "ڪلچرل اصلاح" ڪري سگھجي ٿو،

سنڌ ۾ پسڻ اھڙين حالتن کي مدنظر رکي، اسان جي بزرگان طريقت، جھڙوڪ قلندر شھباز عليہ الرحمت، مخدوم بلاول عليہ الرحمت، شاھ عنايت صوفي عليہ الرحمت، شاھ عبداللطيف عليہ الرحمت، سچل سرمست عليہ الرحمت ۽ پير صاحب پرچونديءَ عليہ الرحمت ۽ ٻين اڪيچار بزرگن مرده قوم ۾ خودشناسيءَ، حب الوطنيءَ، اتحاد ۽ محبت ۽ امن جي پيغام کي پکيڙيو، افسوس اھو آھي تہ ورھين گذرڻ بعد ھڪڙن آنھن جي سادگيءَ ۽ سليس تعليم کي رکو ڪرامتن، خدا رسيدگيءَ ۽ روحانيت سان

منسوب ڪري، فوق الفطرت ڳالهين سان مشابهت ڏيئي، سندن پوين لاءِ ڪمائيءَ جو ذريعو کڻي بنايو. ٻين آنهن جي پوين کي نفس پرستيءَ، رجعت پسنديءَ، توهمات ۽ بدعات جو ڪارڻ سمجهي، نظرانداز ڪرڻ گهريو. اسان کي دراصل "لقد ڪان في قصصهم عبرت الاولي الباب" مان سبق وٺڻ گهرجي. جڏهن ڪنهن قوم ۾ تنزل جا آثار نمايان نظر ايندا آهن، ته سندن اصلاحي رهبرن، قومي هيرن، ذهني حڪيمن جي روايتن، قولن ۽ حڪمن احڪامن مان مدد وٺڻي پوندي آهي.

جهڙيءَ طرح هنن اصلاحي بزرگن جا نالا ڄاڻايا اٿم، اهڙيءَ طرح اسان جي دنياوي مجاهدن جي زندگيءَ جا ڪارنامابه اسان ۾ وطن پرستي ۽ همت افزائي پيدا ڪري سگهن ٿا.

مثلا: (١) دودو سومرو، (٢) نواب دريا خان، (٣) مخدوم بلاول عليه الرحمت، (٤) سيد حيدر عليه الرحمت، (٥) مير شير محمد خان ٽالپر، (٦) رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، (٧) سيٺ هرچندراءِ وشنداس، (٨) مسٽر جمشيد ميهتا، (٩) مولانا عبيدالله سنڌي، (١٠) مرحوم الهه بخش سومرو، (١١) شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين قومي سرفروشن جي زندگين جا احوال اسان ۾ ڪافي بيداري ۽ حوصلي افزائي پيدا ڪري سگهن ٿا.

انهيءَ نقطي نگاه کان جڏهن حڪومت مون تان نظربنديءَ جا احڪام هٽائي، ٻاهر گهمڻ ڦرڻ جي اجازت ڏني، ته پهريائين سنڌ جي مکيه صوفياي ڪرام جي درگاهن جون زيارتون ڪري، سروي ڪيم ته آيا آهي صاحب، جن سنڌ جي تهذيب، اصلاح نفس، خودشناسيءَ ۽ حب الوطنيءَ لاءِ پنهنجي قول ۽ فعل ذريعي خدمت ڪئي هئي، جن جي درگاهن تي اڃا تائين لکين ماڻهو سال به سال ويندڙ آهن، تن مرڪزن جي ذريعي سنڌين کي مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين جو پيغام پهچائي سگهجي ٿو يا نه؟ ڪن منهنجي دوستن منهنجي مذهبي عقيدن

۽ گذشته روايات کي مدنظر رکي، آن کي لڪ (Camouflage)، منافقي ۽ خوش‌فهميءَ سان تعبير ڪيو. ڪن منهنجي ان تحريڪ کي گمراهي، رجعت پسندي، شڪست خيالي ۽ ڪج فهميءَ سان تشبيهه ڏني. مون مٿي ذڪر ڪيل ڪنهن به عتاب يا طعني جي پرواه نه ڪري، رڳو پروگرام کي پورو ڪيو. مون کي خبر هئي ته آءٌ انهن درگاهن تي فيض حاصل ڪرڻ، ڪرامتون طلبڻ، روحاني رمزن پروڙڻ لاءِ ڪونه وڃي رهيو هوس، ۽ نه پيرپرستيءَ، سجاده نشينن جي اقتدار کي وڌائڻ ۽ ماڻهن کي توهمات ۽ قاسائڻ جي خيال سان زيارتون ٿي ڪيم. منهنجو مقصد پڌرو هو. آنهن بزرگن کي مون محبت، حب‌الوطنيءَ، خودشناسيءَ، امن ۽ قرباني جو پيغام پهچائڻندڙ چاڻو هو آنهن جي سلام ڪرڻ ۾ ڪهڙو عيب هو! جڏهن اڇلهه لينن، نيپولين، سن يت سين، مصطفيٰ ڪمال، مهاتما گانڌي ۽ جناح صاحب جي مزارن ۽ مرقدن تي وڃڻ نه صرف عيب شمار نٿو ڪيو وڃي، بلڪ قومي فرض سمجهيو وڃي ٿو.

اِن سفر ۾ مون نه صرف صوفياي ڪرام جي زيارت ڪئي، بلڪ نواب دريَاه خان، بلاول شهيد، الهه بخش سومري جي مزارن تي به سلام پريو.

آخري سلامي زنده ماڻهن سان مهان محمدامين کوسي جي پريم. هاڻ سوال اٿندو ته اڪين درويشن، قومي هيروئن جي زيارت مان ته ڪجهه معنيٰ ۽ مطلب نڪري سگهيو ٿي، پر محمدامين کوسي جهڙي گوشه‌نشين، نيم مجذوب سياستدان ۽ مون چا ڏٺو هو، جو آن وٽ سندس ڪوٺ هلي ويس. آن لاءِ سندس سياسي ۽ مذهبي اعتقادات ۽ ڪردار جو ذڪر ڪري، ناظرينن تي چڏيندس ته نتيجا پاڻ ڪڍن.

## سندس سياسي ۽ مذهبي نظريا ۽ اعتقاد:

هي بنيادي طرح جذباتي ماڻهو هو، پر غور ۽ فڪر

جي صفتن کان خالي نہ هوء سندس اکثر سياسي ۽ مذهبي نظريا ۽ اعتقاد کن سوچيل خيالن تي ٻڌل هئا. ۽ سي به زماني جي تبديل سان مختلف مرحلن مان ٿي گذريا هئا. هڪ مذهبي گهر ۾ پيدا ٿيڻ ڪري ديني اثر هن تي اصل کان ويل هو، ليکن هر تعليم يافتہ صاحب فکر نوجوان وانگر هڪ وقت هن تي اهڙو به گذريو، جو ذري گهٽ هي وچي ناستڪ ٿيو هو. ليکن آهستي آهستي موڪي پنهنجي ماکين تي آيو. هن وقت خدا، پيغمبر، ولين، دين اسلام جي افاديت ۾ پکو ويساهہ ويڻل هوس. روزي نماز جو پابند ۽ تهجدگذار هو. پوء صاحب پرچونديء جي روحاني رهبريء، مولانا عبيدالله سنڌيء جي سياسي نظريي، سرزمين سنڌ جي روشن مستقبل ۽ اتحاد انساني، امن عالم ۽ ماڻهن جي ترقيء لاء سنڌ جي خاص حيثيت ۽ پيغام ۾ پکو ويساهہ ويڻل هئس.

هن اکثر مختلف خيالن ۽ نقطہ نگاهن کي ڪثرت الفاظ ۾ اهڙو منجهائي ڇڏيو ٿي، جو رواجي طرح آنهن کي سمجهائي، معني ۽ مطلب ڪيڏ ڏکيو لکو ٿي. جيتوڻيڪ کي ڪالهيون آسان ۽ عام فهم ڪيائين ٿي، ليکن لفظن جي انبار ۾ اهي ڪجهارتون بنجي ٿي ويون. اڇڪلهہ مشغولين جي ڪثرت ڪري، ماڻهو هرشيء تي نظر ڪرڻ جا عادي ٿي پيا آهن. ڪنهن کي فرصت آهي ته لمبيون تقريرون ۽ ڊگها خط پڙهي، آنهن مان معني ۽ مطلب ڪيڏ جي ڪوشش ڪري؟ جيتريقدر سون سندس مذهبي ۽ سياسي نقطي نگاهن کي سمجهيو آهي، آن جو لب لباب هيٺ ڏيان ٿو.

(۱) دين اسلام کي آخري ۽ مڪمل مذهب سمجهائين ٿي.
(۲) هو انسان ذات جي نجات آن جي پوئاڳيء مان ٿيڻ جو قائل هو. (۳) حقيقي اسلام جي صحيح تشريح ۽ تعبير صرف سر زمين سنڌ مان ٿيڻ تي يقين رکيائين ٿي. (۴) انهيء تعبير

جو جملي اوليايَ ڪرام سنڌ طرفان آخري مفسر پير صاحب پرچونديءَ ڪي چاتائين ٿي. (٥) هن جو چوڻ هو ته مولانا عبيدالله سنڌي پير صاحب پرچونديءَ جو فيض يافته هو، تنهنڪري آنهيءَ جي پيغام جي، شاهه ولي‌الله دهلويءَ جي فلسفي ۽ حاصل ڪيل تجربي جي بنا تي، هن صحيح ترجماني ڪئي آهي. (٦) مولانا عبيدالله جي ان ترجمانيءَ ۽ تعليم‌ڪي سمجهڻ لاءِ جنهن روحاني ۽ علمي ڪليد جي ضرورت هئي، سا سندس (يعني ميان محمد امين جي) هٿ ۾ ڏني ويئي هئي.

اهي اڙيون دعوائون آهن، جن ۾ هاڻوڪي دور جو مذهب کان برگشته نوجوان وبساهه رکي، ساڳيهه ذرا مشڪل نظر اچي ٿي. ازان سواه روايتي مذهب جا دعويدار به ان ڪي اهڙي اهميت ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن.

اڇڪلهه جي مذهب کان چرڪيل نوجوان جا سندس مٿي ذڪر ڪيل خيالن بابت هيٺيان تاثرات ٿين ٿا:

(١) جنهن دين اسلام کي دنيا جو آخري ۽ مڪمل مذهب سمجهيو وڃي ٿو، آن جي ترجماني ۽ تشريح اڪثر جاهل ملا ۽ وهم پرست پيرن طرفان پئي ڪئي ويئي آهي، جي اڪثري حڪمران طبقي جا دوالميند ۽ پيٽ جا پجاري پئي رهيا آهن، سنڌن دين جي تشريح چند عبادات، رسومات، توهمات، ۽ قديم، فرسوده اعتقادات ۽ قوانين شريعت تائين محدود پئي رهي آهي جا موجوده هنري ۽ سائنسي دور جي بدليل معاشري، وقتي تقاضائن، ۽ نين علمي ڪوجنائن ڪري بيڪار ۽ بي معنيٰ ٿيئي ڏسڻ ۾ اچن.

(٢) سنڌ جي درويشن ۽ بزرگن اڳي چا به ڪيو- برابر ملڪ ۽ ماڻهن جي رهبريءَ ۽ خدمت لاءِ پاڻ پتوڙي، انهن جي اصلاح ڪمائون، پر هن وقت آنهن جا اڪثر جاهه نشين قديم روايات ۽ "پيغام سنڌ" وساري، درگاهن کي پنهنجي گذر-معاش، هوس پرستي، اقتدار ۽ مقبريءَ جي حصول لاءِ

ڪتب آڻي رهيا هئا. انهن جو اهو گروه بيڪار ۽ نقصانڪار بنجي چڪو هو. هن زماني ۾ روحانيت جي نالي ۾ مائٿن ڪي وري اُن طرف رجوع ڪرائڻ، رجعت پسنديءَ جي اڏڻ ڪي تقويت پهچائڻ جي برابر هو.

(۳) مذهبن جو رول اڄڪلهين زماني ۾ ڪهڙو به رهيو هجي، هن وقت آهي مائٿن ۾ نفاق، نفرت، فرقه پرستي ۽ رجعت پسندي ڦهلائي. عقل کان منحرف ڪرڻ جا ذريعا بنجي چڪا هئا. آهي چند ڪتابن، بزرگن جي صداقت ۽ معصوميت ۾ وسواس رکائي، ملا ۽ پير جي عوام متان تسلط قائم رکڻ جا ذريعا ٿي ڪم اچن ٿا. ترقي پسند، صاحب علم نوجوان سمجهي نٿو سگهي ته اهڙي قسم جي مذهب مان انسانذات جي نجات ڪهڙيءَ طرح حاصل ٿي سگهي ٿي.

(۴) هنن ڪي ميان محمدامين ڪوسي جي اها دعويٰ ته اسلام جي صحيح تعبير ۽ تشريح سرزمين سنڌ مان ٿيٽي آهي، ان جو آخري پيغام رسان پير صاحب پيرچونڊي ۽ ترجمان مولانا عبيدالله آهي، سمجهڻ ذرا ڏکيو پيو لڳي- خصوصن جڏهين ڏسن ٿا ته پير صاحب پرچونڊيءَ جا موجوده پوئلڳ انهيءَ تعليم جو صحيح نمونو پيش نٿا ڪن.

(۵) مولانا عبيدالله بيشڪ موجوده دور جي عالمن ۾ جليل‌القدر بزرگ ٿي گذريو آهي، ليڪن هن ولي الاهي فلسفي جي بنياد تي جيڪا اسلام جي نئين تعبير ڪئي آهي، سا موجوده دور جي مذهبي عالمن، جهڙوڪ علامه شيخ محمداقبال، علامه مولانا ابوالعلي مودودي ۽ پين جي تشريح ۽ فڪير روايتي اسلامي تعبير کان مختلف هئي. ازان سواءِ خود اها تشريح به موجود هنري ۽ سائنسي دنيا جي معلومات ۽ ضروريات جي ڪسوٽيءَ تي ڏهڪي نٿي اچي.

(۶) ڪوسي صاحب ڪي، سندس ڪثرت گفتگو، مذهب،

سياست ۽ روحانيت جي متضاد تشريحن جي موجودگيءَ ۾، اڄڪلهه جو نوجوان مذهب، روحانيت ۽ سياست جو ڪليدبردار تسليم ڪري، اها اهڙي ڪڙي گولي آهي، جا ڳهڻ هن لاءِ مشڪل پئي نظر آئي.

کوسي صاحب هاڻ جا نئين کوجنا ۽ دعويٰ ڪئي هئي، سا هيٺينءَ طرح آهي:

(١) مذهب جي غلط تشريح ۽ ان جي استعمال غرضيءَ (ايڪسپلائٽيشن) ڪري دهريت جي زور وٺي وڃڻ کان بچاءُ ڪرڻ لازمي آهي.

(٢) مذهب ۽ روحانيت جي عدم موجودگيءَ ۾ اتحاد ۽ امن عالم جو حصول مشڪل ٿي پوندو.

(٣) اتحاد ۽ امن جي غيرموجودگيءَ ۾ دنيا ترقيءَ جي عيوض تباهيءَ ڏي وڃي رهي هئي.

(٤) انهيءَ عالمي مِشن جي سرانجاميءَ لاءِ سرزمين سنڌ کي خاص پيغام ڏيڻو هو.

(٥) انهيءَ پيغام پکيڙڻ لاءِ سنڌ جي سياسي، اقتصادي ۽ ذهني آزاديءَ جي ضرورت هئي.

(٦) اها آزادي پاڪستان جي مضبوطيءَ ۽ حفاظت جي عين ضمانت هئي.

(٧) ايشيائي ۽ آفريڪائي ملڪن جي آزادي، اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ هندستان ۽ پاڪستان جي باهمي سمجهوتي جي ازحد ضرورت هئي.

(٨) ايشيائي ۽ آفريڪائي ملڪن جي آزادي ۽ ترقي امن عالم جي ضامن هئي.

(٩) انهن ڪمن جي سرانجامي اسلام جي چوڏهن سون ورهين جي مِشن جو مقصد هئي.

(١٠) انهن سمورن ڪمن جي سرانجاميءَ جو بار، بقول

کوسو صاحب، سنڌ جي ولين، بزرگن ۽ قدرت طرفان مون تي يعني جي- ايم- سيد تي رکيو ويو هو.

**آسمان بار امانت نتوان ڪشيد، قرعه فال بمن ديوانه زدند"**

اهي اهڙيون دعوائون آهن، جن جي صداقت ۽ صلاحيت ۾ عوام ۽ خاص کي اعتبار اچي، سو ته مشڪل پيو نظر اچي. مون لاءِ ته اها ڳالهه ڪرڻ به پنهنجي پاڻ تان مذاق ڪرڻ کان گهٽ ڪانهي. مون کي پنهنجن عيبن ۽ ڪمزورين جي مدنظر کوسي صاحب کان اها ڳالهه ٻڌندي ڊپ وٺيو ٿي ويو.

هاڻ اچو ته سندس انهن ڪمن جي سرانجاميءَ لاءِ سندس رٿيل طريقي ڪار تي نظر ڪريو:

(١) سياست علميءَ جي جٿابندين ۽ خلفشارن کان علحده ٿي، هڪ گڏيل پلئٽفارم تيار ڪجي، جتان انهيءَ پيغام جي مشتهري ڪجي.

(٢) مٿي ذڪر ڪيل سنڌي بزرگن طرفان سنڌي پيغام کي سندن مرڪزن تان، نئين زبان ۽ انداز ۾ پيش ڪري، عوام تائين پهچايو وڃي.

(٣) سنڌ جي قديم ۽ جديد هيرن ۽ قومي خادمن جي ڪارڪردگيءَ ۽ خدمت کي عوام تائين پهچايو وڃي.

(٤) حڪومت وقت سان مٿين ذڪر ڪيل مقصدن جي حصول لاءِ تعاون ڪري، ان جي نزديڪ اچڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

(٥) حڪومت خلاف موجوده سياسي پارٽين جي جمهوريت مذهب ۽ مختلف نعرن جي ڦندي ۾ ڦاسڻ کان ڪنارو ڪجي؛ ڇاڪاڻ ته، هن جي راءِ موجب، نه انهن جمهوريت جي علمبردارن، نه مذهبي مهندارن جون روايتون ۽ ڪارناما اهڙا جن مان سنڌ جي مشڪلاتن جو حل حاصل ٿي سگهڻ وارو هو.

(٦) هن کي جنرل ايوب جي صلاحيت ۾ ويساهه ويٺل هو. سمجهيائين ٿي ته سٺيءَ صلاح ۽ مشوري سان کيس سندس ماحول ۽ پابندين کان آجو ڪري، هن کان وڏا ڪم ڪرائي سگهجن ها.

(٧) هن شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي موجوده دور جو سنڌ، پاڪستان ۽ ڀارت جو بهترين مفڪر، ايماندار ۽ مدبر سياستدان سمجهيو ٿي. سندس خواهش هئي ته ڪهڙيءَ به طرح شيخ صاحب کي باز آڻي، سندس مٿي ذڪر ڪيل پاليسيءَ مطابق ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪري.

(٨) هن مرحوم الهه‌بخش کي مسلم ليگ جي متابعت نه ڪرڻ، هندستان جي ورهاڱي جي مخالفت ڪرڻ، مسلمانن جي جداگانه قومي نظريي ۾ اعتماد نه رکڻ، منڌ کي آل انڊيا سياسي جماعتن جي آکاڙي ٿيڻ جي پاليسيءَ کان بچائڻ جي رويي اختيار ڪرڻ سبب بهترين سياستدان ڄاڻي، ان کي سنڌ جي خادم سياستدان جو مثالي نمونو يا ماڊل بنائڻ کهريو ٿي.

(٩) هو سندس ڳوٺ عزيزآباد کي سنڌي نوجوان ڪارڪنن جي تربيت لاءِ خانقاه (آشرم) بنائڻ جو خواهشمند هو- جهڙيءَ طرح مهاتما گانڌيءَ برمستي سا ۽ وارڌا کي آشرم بنايو هو.

اهي ڳالهيون هيون، جي مون ڏانهن سندس لکيل مختلف خطن ۾ هن ظاهر ڪيون هيون. اُنهن خطن کي مون کان سواءِ نه ڪنهن پڙهيو هو، نه ڪو شايد پڙهڻ لاءِ تيار ٿئي. اُن لاءِ عام ماڻهو ڪهڙا رايا رکن ٿا، اُن لاءِ مثال طور هيٺ ٻن صاحبن جا رايا ملاحظي لاءِ درج ڪريان ٿو.

محترم ميان حيدربخش جتوئي هڪ دفعي مون وٽ ملاقات لاءِ آيل هو؛ ان وقت ميان محمدامين کوسي جي خطن جو بنڊل ٽپال ۾ آيل هو. انهن مان مختصر لب لباب کيس ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪيم. هن جواب ڏنو ته ”مون سمجهيو

هو ته سادين ستن سالن جي نظربندي۽ جي عرصي ۾ ڪهل مطالعي، غور ۽ فڪر بعد ڪو عقل پرايو هوندءِ، پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته توکي ڪجهه به عقل نه آيو آهي. هڻڙي۽ خرافات جي طويل خطن پڙهڻ، خلاف عقل ۽ شيخ چلي۽ جهڙين گالهين طرف توجهه ڪرڻ مان توکي آخر ڪهڙو ٿو فائدو ٿئي! خبردار، جيئن اڳي منڊل خيالن ۾ غلط جذبات جي بنياد تي ڪي اهڙا ڪم ڪيئي، جن جو ڪيترو تون ۽ اسان لوڙي رهيا آهيون، تيئن متان ڪا وري ٻئي دفعي اهڙي علطي ڪئي اٿئي!"

ٻئي دفعي سيد ميان خير شاهه نواب‌شاهه وارو مجلس ۾ ويٺو هو، ته مون کي هڪ وڏو بنڊل خطن جو سوين صفحن تي مشتمل ملهو. مون ڪجهه پڙهي آن جو اختصار ڪيس ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. جواب ڏنائين ته "ميان محمدامين کوسو واندو آهي، جو هر هفتي سوين صفحن جا خط توڏي سوڪلي ٿو. تون به واندو آهين، جو اهي غور سان پڙهين ٿو. ٻيٽي پنهنجو قيمتي وقت اهڙي۽ طرح ضايع ڪري رهيا آهيو. اهو اوهان جو ڪم آهي. سائهو ناول پڙهڻ ۾ واندڪائي۽ جي وندر لاءِ ڪيترو وقت صرف ڪن ٿا. جي اوهان به انهي۽ نڪمي نڪاه کان وقت صرف ڪندا ڪريو ته فڪر نه آهي، پر توکي هڪڙو عرض ڪري ٿو ڇڏيان ته متان تون انهي۽ ڏوکي ۾ اچين ته واقعي سنڌ، پارت، ايشيا ۽ آفريڪا جي معاملات سلجهائڻ جي واڳ، بقول ڪوسي صاحب، سنڌ جي درويشن ۽ بزرگن طرفان تنهنجي حوالي ٿي ويئي آهي، ۽ تون واقعي انهي۽ لاءِ تي پهچي ويو آهين. اها گالهه شيخ چلي۽ جي هوائي قلعن جي برابر ٿيندي. توکي تاريخ مان سبق وٺڻ گهرجي ته علامه شيخ محمد اقبال اهڙن ئي هوائي خيالن جي بنياد تي هندستان جي ڀٽڪي پيل مسلمانن کي وحدت خيال ۽ عمل تي بنيل قوم قرار ڏيئي، ڪين دنيا جي رهبري۽ ۽ امانت جو حقدار بنائي، جدا ملڪ وٺڻ جي ترغيب ڏني. توکي خبر آهي ته گذريل چاليهه

سالن ۾ عوام ۾ سجاڳي آڻڻ ۽ خواص کي سندس قومي فرض ادائيءَ کان واقف ڪرڻ لاءِ تو ۽ تنهنجي ٻين ساٿين ڪيڏا نه ڪشالا ڪاٽيا، محنت ۽ مزدوري ڪئي! ليڪن وريو ڪجهه نه ڪونه آهي. سنڌين جي مٿانهين طبقي، جنهن ۾ پير، سيد، زميندار، ڪامورا ۽ واپاري اچي وڃن ٿا، تن نه خودمطلبي ڇڏي آهي، نه قومشناسيءَ جو جذبو پيدا ٿيو اٿن. منجهن بزدلي ۽ بيغيرتي گهر ڪري ويون آهن. خانه‌جنگيءَ ڪري هزارن ورهين جي ميراث يعني سنڌ هٿن سان وڃائي ويٺا آهن. اڃا تائين کين ڪيل گناهن ۽ حرڪتن جو احساس پيدا ڪونه ٿيو آهي. 'چري ڪيئن جي ويران وير وڌ' هر روز حڪمران طبقي جي خوشنوديءَ لاءِ هڪٻين تي چڙهت ڪري رهيا آهن. عوام اهڙي خواب خرگوش ۾ ستل آهي، جو باوجود مٿي ذڪر ڪيل حرڪتن جي، انهيءَ طبقي جا پوئلڳ ٿيا وتن. اهڙيءَ حالت ۾، اُن لشڪر جي آڌار تي، تون ۽ ميان محمدامين کوسو سنڌ جو وجود بحال ڪرائڻ، ۽ پاڪستان ۽ هندستان کي سمجهوتي تي آڻڻ، ايشيائي اتحاد ۽ امن قائم ڪرائڻ، ۽ انسان ذات کي تباهيءَ کان بچائڻ جي خوش‌فهميءَ ۾ مبتلا نه ٿجو! دوريشن جون دعائون ڪنهن ڪم نه ايندو. متان ائين سمجهيو اٿيئي ته واقعي اوهان ۾ اهڙي قوت پيدا ٿي ويئي آهي! تون سنڌ خاطر ساڍا ست سال جيل ۽ نظربنديءَ ۾ رهئين. ڪنهن ماڻهوءَ آواز نه ڪڍيو، نه اخبارن اکر لکيو، وڏا ماڻهو باوجود دوستيءَ جي دم جي، تنهنجي نزديڪ اچڻ کان به پيا ڊڄن ته متان اها ڳالهه سندن آقائن جي ناراضگيءَ جو باعث بنجي. سنڌي مختلف گروهن ۾ ورهايا پيا آهن. هڪڙا خود مطلب، بزدل ۽ بيغيرت آهن، ٻيا ملاجي آڱر سان ٻڌا پيا آهن، جن کين مذهب جي‌نالي ۾ مفلوج ڪري ڇڏيو آهي، ٽيان مٿين ٻنهي گروپن جي ردعمل ۾ مذهب کان بيزار ٿي، دهريت ۽ ڪميونزم ۾ ملڪ جي نجات ڏسن ٿا. اهي ٽيئي گروه هڪٻين

کان ايترو پري ۽ متضاد آهن، جو آنهن جو اختلافن کي پاسي رکي، ڪن گڏيل مقصدن خاطر هڪ پلئٽ فارم تي گڏجي، صلاح مصلحت ڪرڻ ۽ اختلافن جي باوجود باهمي رواداريءَ جو سلوڪ اختيار ڪرڻ مشڪل نظر اچي ٿو- اين خيال ست و محال ست و جنون."

ليڪن اهڙين صريح ۽ واضح نصيحتن ۽ هدايتن هوندي به، مون ساريءَ سنڌ جي اڪثر مکيه درگاهن جي زيارت ڪري انهن جي مرڪزي جاذبيت کي ملڪ ۽ قوم ۾ احساس خودشناسيءَ، اصلاح نفس ۽ اخلاقي درستگيءَ لاءِ مرڪزڪري ڪتب آڻڻ لاءِ سروي ڪئي، ۽ بزم صوفياي سنڌ جي قائم ڪرڻ جو ارادو ڪيم. ڪي دوست ان وقت مون کي چئي رهيا هئا ته آهي درگاهون سندن موجوده حالت ۾ پيرپرستيءَ، هوس‌پرستيءَ، ۽ جهالت جا اڏا ٿي ڪم اچي رهيون هيون. منجهانئن روحانيت قوم‌پرستيءَ، خودشناسيءَ، اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جا ڪم حاصل ٿيڻ مشڪل مسئلو هو. ليڪن باوجود آن جي، انهيءَ نئين تجربي جي آزمائش لاءِ ڪوششون ڪندو رهيس.

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته جڏهن ڪي ماڻهو بيماريءَ يا ڪنهن تڪليف ۾ ڦاسن ٿا، علاج ۽ حيلن مان ڪو فائدو حاصل نٿو ٿئين، ته دعائن ۽ لڪل فوق‌الفطرت طاقتن طرف رجوع ٿين ٿا. آن مان اگر جسماني صحت يا فائدو حاصل ڪري نٿا سگهن، ته نفسياتي تسڪين حاصل ڪن ٿا. ائين- پيو ٿئي ۽ ٿيندو آيو آهي. شاهه صاحب اهڙين حالتن لاءِ چيو آهي ته.

گهڙو ڀڳو، منڌ مئي، وسيلا وئا،
تهان پوءِ سئا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا!
ويچاريءَ واري، وڌا ڪم ڪريم تي!

جڏهن ظاهري اسباب سامهون آيل مصيبتن ۽ مشڪلاتن مان نجات حاصل ڪرڻ جا مفقود ڏسڻ ۾ اچن ٿا، چؤطرف

اونده انڌوڪار پيئي نظر اچي، ته اُن وقت نوان حيلا وسيلا ڳولڻا پون ٿا. تاريخ شاهد آهي ته جڏهن ڪن شخصن يا قومن جي ترقيءَ جي راهه ۾ ڪي پهاڙ آڏو اچيو وڃن، ته اُنهن مان ڪيترا عام راهون ۽ رستا ڇڏي، نيون راهون ۽ رستا اختيار ڪري، زندگيءَ جي جدوجهد کي ڪنهن نه ڪنهن نموني قائم رکيو اچن. شاعر چيو آهي ته "اگر کو گيا اِڪ نشيمن تو ڪيا غم، مقامات آهه و فغان اور ڀي هين". اسان پڻ ساڳئي دور مان گذري رهيا آهيون. اسلام، پاڪستان، مسلم قوم جي نالي ۾ اسان جي هزارن ورهين جي قومي روايات، حاصلات، آزادي ۽ ڪلچر جي تباهيءَ جا جملي اسباب اچي ڪٺا ٿيا آهن. داد رسيءَ جا آئيني طريقا ختم ٿي چڪا آهن، غير آئيني رستا بدامنيءَ جو باعث آهن. ازانسوءِ نه اسان اُن لاءِ تيار آهيون نه توفيق اٿئون. هن وقت اسان لاءِ صرف ڪلچرل پلئٽفارم بچيو آهي، جنهن تان عوام ۾ خودشناسيءَ، همت، حب الوطنيءَ، محبت، امن ۽ انصاف جو پيغام پکيڙي سگهون ٿا. اُن ۾ حڪمران طبقي جي مفاد سان سڌو ٽڪر نٿو ٿئي. حاڪم ڪير به هجي، اسان کي اُن ۾ ڪا دلچسپي نه هئڻ گهرجي. اسان کي صرف اصلاح نفس، ذهني تربيت ۽ اخلاق جي درستيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. موجوده دور ۾ سر سيداحمدخان اعليٰ مذهبي ۽ سياسي مجتهد ٿي گذريو آهي. هن جڏهن محسوس ڪيو ته انگريزي حڪومت انتظامي صلاحيت، علم، سائنس ۽ جديد اسلحه ڪري مضبوط ۽ مستحڪم ٿي چڪي هئي، ۽ اُنهن کان سياسي ميدان تي جنگ کٽڻ جو ترت ڪو امڪان نظر نٿي آيس، ته باوجود حريت پسند ديوبندي گروه طرفان مٿس بزدليءَ ۽ غلاميءَ جي طعني ۽ الزام لڳڻ جي، هن مسلمانن جو سمورو توجهه انگريزي تعليم پرائڻ، ۽ پنهنجي ڪلچر جي بچائڻ طرف ڏياريو. پاڪستان اڄ اُن جو نتيجو آهي. مهاتما گانڌيءَ جڏهن به ڏٺو ٿي ته حڪومت جي سختيءَ قومي ڪارڪنن جي همت ۽ حوصلو ڪمزور ڪري

ٿي ڇڏيو، ته هن يڪدم طريقي ڪار بدلي، سياست کان ڪناره ڪشي ڪري، سوشل رفارم، اڇوتن جي اصلاح، ايڪانامڪ ترقيءَ ۽ صحت عام طرف توجهه ڏنو ٿي.

تعداد ۾ اسان گهٽ آهيون. علم، اخلاق، يڪجهتي، خودشناسيءَ، سرمايي وغيره ۾ پوئتي پيل آهيون. جمهوريت جو قيام ڪهڙيءَ طرح ترت اسان جي جملي مسئلن جو حل ٿي سگهي ٿو! جيستائين اسان قوم جي ڪلچرل تاڃي پيٽي کي مضبوط بنائڻ لاءِ ڪوشش نه ڪئي آهي، تيسين اسان پراڻن آزمايل سياسي پيچرن سان قومي منزل مقصود تي پهچي ڪين سگهنداسون.

اسان جي سياست هن وقت تائين قومي خدمت، عوام جي ڀلي ۽ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ نه پئي رهي آهي، بلڪ شخصي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ پئي ڪتب آندي ويئي آهي. اُن اسان ۾ نفاق، بزدلي ۽ خودمطلبيءَ جي موتمار عيبن کي پئي پيدا ڪيو ۽ وڌايو آهي.

آءٌ يا ٻيو ڪوبه اڪيلو ڪجهه ڪري نٿو سگهي. مون کي ملڪ ۽ قوم جي مستقبل لاءِ ترقي پسند اديبن ۽ عوام ۾ اميدون آهن.

محمد امين کوسو اسان جي مجلس قومي ڪارڪنن مان هو. سندس زندگيءَ جي احوال پيش ڪرڻ ۾، انهيءَ جي نقطي نگاهه کي سندس جملي خوبين ۽ خامين سان ظاهر ڪيو اٿم. هاڻ اهو ماڻهن تي ڇڏيل آهي، ته ان کي ڪهڙي رنگ ۾ وٺن.

برادرم ميان محمدامين خان کوسي، تاريخ ..... ١٩٧٣ع تي، ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي، جتان کيس کڻائي، پنهنجي آبائي ڳوٺ، عزيزآباد، جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

جي- ايم- سيد

["جنب گذاريم جن سين" مان ورتل]

# فصل ٻيو

## ميان محمد امين کوسي جا خط

### (سال ۱۹۳۸ع کان ۱۹۶۰ع تائين)

هن دور ۾ مرحوم ميان محمد امين کوسي جا ۴۰ خط آيل آهن جن مان ويهه خط پيش ڪريون ٿا. ۽ سائين جي.ايم.سيد جا ۶ خط ڏجن ٿا.

(مرتب)

[(نوٽ): هيءَ اهو زمانو هو، جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي چڪي هئي، ۽ آن جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ ڪيئي تجويزون رٿي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪم شروع ڪيو هوسين. سون "سنڌ اتحاد پارٽي" ٺهرائي، آن ذريعي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو، ۽ اسان جو ڪانگريس پارٽيءَ سان تعاون هو. سنڌ اسيمبليءَ جا جملي ۶۰ ميمبر هئا، جن مان ۲۲ هندو، ۳ يورپين ۽ ۳۵ مسلمان هئا.

"اتحاد پارٽيءَ" جي ڪيٽ ۾ ۲۳ مسلمان ميمبر چونڊجي آيل هئا، پر آن جي ٻن مکيه ليڈرن سر حاجي عبدالله هارون، ۽ سر شاهنواز خان پٽي کي چونڊن ۾ شڪست اچڻ تي، گورنر سنڌ سر لئنسليٽ گرهام، ان ڪاله، جو فائدو وٺي، ۵ ميمبرن جي ليڈر، سر غلام حسين، کي وزارت ٺاهڻ جو موقعو ڏيئي، سندس مدد ڪئي. سر غلام حسين، صندي ميمبرن جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي، کين لالچ ڏيئي، ٻهرين هندن جي آزاد ميمبرن کي ۽ عهدا، وزارت ۽ اسپيڪريءَ جا، ڏيئي، خريد ڪيو. ان کان ٻوءِ بلوچ گروپ کي وزارت جي لالچ ڏيئي، سندن ڏهه ميمبر خريد ڪري ورتا. باقي اسان ۱۴ ميمبر وڃي مخالفت ۾

ويٺاسون، ٻي ڌر ڪانگريس جي هئي، جيڪا اسان سان گڏ مخالفت ۾ ويٺي. ڪانگريس ۽ اسان اسيمبليءَ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سر غلام‌حسين وزيراعظم ٿيو. اُن اسان جي بچيل ميمبرن کي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. نتيجو اهو نڪتو جو باقي ٩ کن ميمبر وڃي مخالفت ۾ رهياسين. ٻيا سڀ ميمبر، لالچ ۽ خوف جي بنياد تي، وزارت ڌر سان وڃي شامل ٿيا. اسان پنهنجو ليڊر الهه‌بخش کي چونڊي، ڪانگريسي ميمبرن سان گڏجي، اسيمبليءَ اندر ۽ ٻاهر مخالفت ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

مرحوم محمدامين کوسو، ١٩٣٨ع جي ابتدا ۾، ڪانگرس جي ٽڪيٽ تي، جيڪب‌آباد جهڙي پٺتي پيل ضلعي مان شيرمحمد خان بجاراڻيءَ جهڙي وڏي سردار جي مقابلي ۾ چونڊجي آيو. انهيءَ سال ۾ سر غلام‌حسين جي وزارت کي شڪست ڏيئي، الهه‌بخش جي وزارت کي وجود ۾ آندوسين. ليڪن جن اميدن سان کيس وزارت ۾ آندو ويو هو، اُنهن کي هندو ميمبرن جي اثر برصواب ڪرڻ نه ڏنو. نتيجو اهو نڪتو ته اسان کي مجبور ٿي، آل انڊيا مسلم ليگ کي سنڌ ۾ آڻڻو پيو.

ان کان پوءِ جو احوال، منهنجي ڪتاب، "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" ۾ مفصل ڏنل آهي. اختصار هي آهي ته الهه‌بخش وزارت ويئي ۽ سر غلام‌حسين وزارت وري آئي. الهه‌بخش شهيد ٿيو. سنڌ جي مسلمان ميمبرن جي اڪثريت، وڃي ليگ ۾ شريڪ ٿي. آل انڊيا اختلافن ڪري پاڪستان قائم ٿيو. ماڻهن کي نيون اميدون جاڳيون.

انهيءَ دور ۾، پاڪستان جي قيام کان وٺي، سنڌ سان هيٺيان ويل وهايا ويا:

(١) لکن جي تعداد ۾ سنڌي هندن کي سنڌ مان زوريءَ ڪڍي، اُنهن جي جاين تي، هندستان ۽ پنجاب جا ماڻهو آڻي، آباد ڪيا ويا.

(۲) هندن جي جملي جڏيل زمين، ڪارخانا، دڪان، نوڪريون، سڀ ڏارين جي حوالي ڪيا ويا.

(۳) سنڌ جي وزارتن، جيڪڏهن سنڌين جي حقن جي حفاظت لاءِ گهر ٿي ڪئي، تہ مرڪز طرفان آڻهن کي بدلائي، پنهنجا هٿ ٿوڪيا وزير مقرر ڪيا ٿي ويا. اهو سلسلو هلندو رهيو. اسان کي انگريز گورنر ۽ عملدارن معرفت، سنڌ ۾ شڪست ڏياري ويئي.

(۴) جناح صاحب کي، مهاجر - پنجابي سامراجين، "باباي قوم" تصور ڪرائي، ماڻهن کي اهو ذهن نشين ڪرايو تہ هو بي عيب، نڪتہ چيني ۽ ڪان مٿاهون، ملڪ جو گهٽگهرو ۽ مسلمانن جو نجات دهنده آهي. پوءِ اُن ملڪ ۾ ڏارين اردوءَ کي قومي زبان طور مڙهيو، سنڌ ۾ هندن جون جملي ملڪيتون زمين، واپار بٹنکون، ڪارخانا، نوڪريون باهران گهرايل مهاجرن جي حوالي ڪيون، ۽ باهرين ماڻهن جي مرڪز بنائڻ لاءِ ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪيو.

جناح صاحب جي مرڻ کان پوءِ، لياقت علي خان، سندس جاءِ نشين ٿي، سنڌ سان جي ويل وهايا، سي منهنجي مختلف حڪمتن مان معلوم ٿي سگهندا. لياقت علي جي قتل کان پوءِ، مهاجرن جي عيوض پڪ پنجابين ٿي آئي. مهاجرن ۽ پنجابين گڏجي حڪومت هلائڻ شروع ڪئي. جڏهن ڏٺائون، تہ انهيءَ ماڻ پيٽ نٽو پرجين، تہ صوبن جي حيثيت ختم ڪري، ون يونٽ قائم ڪيائون. انهيءَ دور ۾ جيڪي ٿيو، سو وڏو قصو آهي، جو منهنجي ڪتابن مان تفصيلي طور معلوم ٿي سگهندو.

ڊسمبر ۱۹۵۸ع ۾ ملڪي آئين کي رد ڪري، جنرل محمد ايوب خان جي هٿ هيٺ آمرانہ راج قائم ڪيو ويو.

ميان محمد امين جيتوڻيڪ اُن وقت عملي سياست کان باهر هو، ليڪن حساس دل قومي ڪارڪن جي حيثيت ۾ انهيءَ ساريءَ ڪارگذاريءَ کي ناپسند ڪندو رهيو. هن باب

جا خط سندس ان احساس ناپسندگيءَ جي ترجماني ٿا ڪن.
—جي. ايم. سيد.

(۱)

۱۹۳۸ع— بخدمت شريف، جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب!

هي ننڍڙو مضمون موڪليان ٿو:

اوهان، جي پاڪ ۽ مقدس مراقبن ۾ ويٺا هوندؤ، آنهن کي هندستان ۽ سنڌ جي بکين، بي حالن، مظلومن ۽ بي دست وپا ماڻهن جي ڪهڙي پرواهه ۽ اونو!

اوهان جي روح کي اطمينان هوندو. قلب کي راحت هوندي، تهجد هوندا، نمازون هونديون، ۽ روزا هوندا!!

روزا، نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
آو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پر کي!

ڀلي! غريبن جي ڪمائيءَ تي، "نديءَ ڪناري" ويهي، "الله سان روح رهاڻ ڪريو."

ڀلي، سرمائيدارانه ڳوڙها ڳاڙيو، پر، ڊڄو آن ڏينهن کان جنهن ڏينهن هارين ۽ مزدورن جو آهني چنبو هوندو ۽ اوهان جا ڳلا هوندا!

اوهان جو الله، شال اوهان کي ڪا حقيقي "درد" ذري عطا ڪري! —امين.

[نوٽ: ۱۹۶۵ع ۾، مون کيس سندس مٿيون خط ڏياري موڪليو، ۽ لکيومانس:

"آن وقت آءٌ تهجدن ۽ نمازن ۾ هوس، تون پري هئين، جيئن تنهنجي خط مان معلوم ٿئي ٿو؛ ۽ هاڻ تون منهنجي مذهبي خيالات جي آزادانه اظهار تي، نڪته چيني ڪري رهيو آهين."
—جي. ايم. س.]

(۲)

انڙ واهه، جيڪب آباد، ٦-٩-١٩٤٥ع — حضرت شاهه صاحب!

الله ۽ اُن جي حبيب جي حُب کان جيڪو به خالي پروگرام آهي، سو لغو، بي معنيٰ ۽ فساد پيدا ڪندڙ آهي. دنيا جي ڪمن ۾ به خدا جي خوشنوديءَ جو مقصد پيش نظر رکي سگهجي ٿو.

توهان کي، جي اهو ڏسڻو آهي ته زماني جي ڳالهين ۾ خدا پرستي ڪيئن ڪبي آهي، ته مرصع حضرت مولانا عبيدالله جن جي زندگيءَ تي نظر ڪريو.

مسلمان مظلوم آهن، انهن جي صحيح معنيٰ ۾ خدمت، هڪ ڪار ثواب آهي. پر توهان ائين ڪريو ٿا؟ پاڻ فيصلو ڏيو!

اسان جي هٿ ۾ رڳو اهو آهي ته توهان کي چئون، ته اهو سمورو خطا جو ڪم آهي، جيڪو توهان کان ٿي رهيو آهي. خدا ۽ اُن جي حبيب جي ڪاوڙ کان ڊڄو ۽ اهو ڪم نه ڪريو، جنهن ۾ مسلمانن جي سراسر تباهي ۽ بربادي هجي. سنڌ تي وري رشوتين، چورن ۽ ڌاڙيلن جو قبضو ڪرايو ٿا. اُن بابت خدا توهان کان پڇندو. ڇا جواب ڏيندا؟ رشوتين جو ساٿي رشوتي، ڌاڙيلن جو ساٿي ڌاڙيل!

مسلمانن جا دشمن، ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ جيرامداس پارا بيغرض ۽ جيلن جون مصيبتون سهندڙ اسان جا پاڙيسري هندو نه، پر آهي آهن، جي مسلمانيءَ جي پردي ۾ مسلمانن کي رشوت ۽ بداخلاقي سيکارين ٿا ۽ مسلمانن جو دين ۽ دنيا ٻيئي چٽ ڪن ٿا.

توهان سمجهو ٿا ته توهان اُنهن ۾ نه آهيو؟ رڳو وزارت نه وٺڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪانه آهي. اهو پاڻ هڪ قسم جو گناهه آهي، جو هڪ ڌاڙيل ۽ چور جي حوالي اها جاءِ ڪريو ٿا. مسلمانن کي اُنهن ڌاڙيلن جي حوالي نه ڪريو. مسلمانن جي سياست کي ڌڪ نه ڏيو. جڏهن هندن پاران قومي خدمتن

جا سرٽيفڪيٽ کڻي جيلن جون تڪليفون سهندڙ ماڻهو اچن، تي ته توهان پاران لکن جون ملڪيتون گڏ ڪندڙ ۽ نالي جا مسلمان، مسلمانن جي خون سان هٿ ڳاڙها ڪيل، اميدوار اچن.

توهان کي شرم اچڻ گهرجي اهڙي پارليامينٽري بورڊ ٺاهڻ ۾، جيڪو هاڻي ٺاهيو اٿو. هڪ ئي ماڻهو جيڪو انهن بورڊن ۾ اچي سگهي ها، سو ڪونه آهي، يعني شيخ عبدالمجيد. حقيقت ۾ هو ايتري قدر بلند ماڻهو آهي، جو اُن جو هنن ماڻهن سان هجڻ، سندس بيعزتي آهي. هن پاڻ کي پاڻ خوار ڪيو آهي. هو توهان جي وڏيرن جي قوم جو نه آهي. توهان سڀ وڏيرا هڪ آهيو. سڀ هڪٻئي جا دهل وڄائيندڙ، ..... وقت سر هڪٻئي سان وڙهو، جڏهن نه ٺهو.

شاهه صاحب! الله جي سرڪار وڏي سرڪار آهي. اُن وٽ پائيءَ پائيءَ جو حساب ٿيندو. ڏک ٿو ٿئيم، جڏهن ڏسان ٿو ته توهان کي خدا جو ڪوبه خوف ڪونه آهي. رڳو ناحق ئي سنڌ کي اوڙاهه ۾ وجهي رهيا آهيو. هڻو لتون انهن لاتن ۽ مناتن کي- نه ليگ ۾ انهن کي جاءِ هئڻ گهرجي، ۽ نه ڪانگريس ۾- ڀل وڃي هندو ٿي جڻيا پائين! اسلام جا دشمن اهي ئي آهن. ڊاڪٽر چوئٿرام، زماني جي ڪمن ۾، اسلام جي وڌيڪ خدمت ڪري ٿو، بنسبت انهن جي، جن جي اڳيان توهان اڄ ناچ ڪري رهيا آهيو.

هيءَ تلخ مگر سچي گفتار معاف فرمائيندا. نيازمند، محمدامين کوسو.

[نوٽ: هيءَ خط، ان وقت جو لکيل آهي، جڏهن آءٌ سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو صدر هئس، ۽ مسلم ليگ وزارت، مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ جي آڌار تي، طرحين طرحين بدعنوانين جو شڪار هئي. انهيءَ وقت نين چونڊن ڪرائڻ واسطي سنڌ مسلم ليگ طرفان، هڪ نئون پارليامينٽري بورڊ چونڊيو ويو هو،

لڪن مسلم ليگي وزيرن جناح صاحب کي چئي، ان کي بدلارائي، آن ۾ صوبي مسلم ليگ جي اڪثريت جي راءِ خلاف، وزارت ڏر جي اڪثريت مقرر ڪرائي. انهيءَ قدم کان پوءِ چا ٿيو، سو ڪتاب "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" مان معلوم ٿي سگهندو. کوهي صاحب، هيءُ خط، مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ طرفان مقرر ڪرايل پارليامينٽري بورڊ تي نڪته چيني ڪندي لکيو آهي.

(ـــجي. ايم. س.)

(۳)

رائيل هوٽل، ڪراچي، ۵-۲-۱۹۵۷ع.

قبلا شاهه صاحب!

توهان کي احساس ٿيندو هوندو، بندي جي برخلاف، آنهن علائقن ۾، جتي اسان جي وڏن عزت ۽ مرتبي جي زندگي گذاري، لاربن تي چڙهي خانصاحب سردارخان وارن "امين برباد" جا نعرا هڻايا. آخر دنيا جي گهٽتائي، انسانيت جي گهٽتائي ته نه آهي!

اها پارٽي بندي، جيڪا الله جي اصولن خلاف نه آهي، جيئن توهان جون پارٽيون آهن، ته انهن ڪري انساني تعلقات کي ختم ڪرڻ شرعي طرح بـ گناهه آهي. بندي جي توهان سان نيازمندي، گذريل ۱۰ يا ۱۱ سالن کان آهي. سياسي خيالن جي لوڏن ۽ هڇڪولن ۾، سان آن کي ڪو ڪم نه ڏنو. توهان جي پارٽيءَ جي بناتي، بندي جي برباد هڻڻ جا نعرا بلند ٿين. سا ڳالهه ڏک جهڙي آهي. ٻيو رواجي طرح ائين ڪري ها، ته بنده آن جو منهن ڏسڻ به هيب سمجهي ها، ۽ ٿون سيد آهين، توهان نوڪري ۽ نيازمندي ڪرڻ ۽ ٿي پنهنجي دين دنيا جي ڏنيءَ پلائي ڏسان ٿو.

دنيا ۾ دولت جو نشو، انسانيت جي مٿان حملو ڪري نه آن ۾ نه پارٽي ڪا شيءِ هوندي آهي ۽ نه ڪو اصول

هوندو آهي. اصول ان ۾ آهي زر ۽ زرپرستي!!
توهان هاڻي به سنڌ جي خدمت ڪرڻ جيتري طاقت هٿ ڪري سگهو ٿا. پر شرط اهو آهي ته ڪنهن مرد مجاهد جو ساٿ هجي. آن جي صلاح ۽ آن جي اشاري تي هلندڙ انسان کان غلطي گهٽ ٿيندي آهي. منهنجو اشارو آهي پير صاحب پرچونڊي شريف ڏانهن. نماز آگهن، محمد امين کوسو.

[نوٽ: هيءُ خط پاڪستان جي اعلان ٿي وڃڻ ۽ آن جي قيام کان اڳ جو لکيل آهي. آن وقت آڳ ۽ منهنجو دوست ليگ کان ٻاهر نڪري چڪا هئاسين.
جي. ايم. س.]

(۴)

شيخ عبدالمجيد سنڌي جي گهر جي وڻ هيٺ،
ڪراچي، ۱۱-۳-۱۹۴۷ع، محترمي شاهه صاحب، قبلا!
عنايت نامو باعث صد خورسندگي ٿيو.
چگو، توهان جي لکڻ موجب، اليڪشن جو معاملو درگذر ڪجي ٿو. اميد ته آئينده خواهه مخواهه انسان جي آزار جي درپيه نه هوندا. هر موقعي تي اهو خيال رکندا ته غريب آزاري نيڪ نه آهي.
"اسلامي" ۽ "سنڌي" توهان ٻه آهيو. جناح صاحب کي هروڀرو متي تي سوار ڪرڻ کان سواه به سنڌ ۾ حضرت پير صاحب قبلي پرچونڊي شريف جي دعا سان مسلمانن جي سياسي طاقت اڏي سگهجي ٿي. مسلمانن جي سياست معني انسان جي پنهنجي ذاتي مسائل جو حل ٻه آهي. جي حضرت پيرصاحب جن ليگ ۾ اچڻ لاه چون ٿا ته ڪهن مڃجي. حڪومت نااهلن جي، حڪومت ظالمن ۽ خراب آدمين جي، ته هوءَ ڪهڙو حال ٿيندو؟

بندو توهان کي پينگهه تي چاڙهي، "لُوريون" ڏيڻ نٿو گهري. عمل جو دور آهي. پاڻ عمل نٿا ڪري سگهو ته اسان جي مدد ۽ دعا ڪريو. توهان جهڙو هڪ حرارت پيدا ڪندڙ سياسي ماڻهو، يا هندن کي "يهودي" سڏي يا سندن سياست ڏاهي، اهو ڪو ٺيڪ مشغلو ڪونه آهي. "آرام" ڀل ڪريو، پر اسان کي ته آرام جي بدران اکين ۾ چواتيون ٿيون لڳن- ڪراچيءَ ۾ "مهاجر" آهيان.

توهان کي ٻڌي عجب ٿيندو ته محنت ۽ ڪوشش کان پوءِ جڏهن سپرنٽينڊنٽ انجنير صاحب بهادر پاڻي بنده کي ڏياريو، ته خانبهادر کهڙي صاحب اُن کان سبب گهريو آهي ته ڇو رشوتون وٺي توهان پاڻي استعمال ڪيو آهي؟! هاڻي ته خير، سپرنٽينڊنٽ صاحب منهنجو واقف ڪار آهي، پر آئيندي جي ڪو اُلوءَ جي پَٺو اچي ته گذارو ڪيئن ڪجي؟ زندگي ائين سهل ۽ آسان نه آهي، ۽ اسان ڇو خواه مخواه لچن ۽ لفنگن جي هٿن ۾ قسمت ڏيئي، پاڻ لاءِ روئڻ ۽ ٿڌن شوڪارن ڀرڻ جو مشغلو خود پاڻ منتخب ڪريون؟

اسان واڻين جي غلامي مڃڻ لاءِ تيار ڪونه آهيون، ۽ نه وري بيڪار آدمين هٿان ذلت برداشت ڪرڻ ڪو آسان ڪم آهي. تنهنڪري انهيءَ عمل جي تلاش ۾ آهيون، جنهن سان پنهنجي جند آزاد ڪريون ۽ عزت ۽ مان حاصل ڪريون.

بندي وڏا قافلا ڪاٽيا آهن، مقابلا ڪيا ۽ ڏٺا آهن. زندگيءَ جي هر بازي لڳائي اٿم. بندو الله جي فضل تي ڀروسو رکي ٿو، ۽ اُن لاءِ آخر دم تائين ڪوشش جاري رکندس ته ڪيئن اسلامي سياست موجوده حدن اندر قائم ڪجي؟

اسان کي کهڙي جيترو حق آهي جيئري رهڻ جو!
الله اسان جي واهر ۽ مدد فرمائي. آمين!
نياز آگين، محمد امين کوسو.

[نوٽ: هيءَ خط به پاڪستان جي قيام کان اڳ جو لکيل آهي. اُن وقت ۾ خانبهادر کهڙو وزارت ۾ هو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته کوسي صاحب کي زمين جي پاڻي ملڻ جي تڪليف هئي. هيءَ خط انهيءَ سلسي ۾، پنهنجي دلي حال اورڻ لاءِ، مون کي لکيو اٿس. —جي. ايم. سيد]

(۵)

مشن اسپتال، ڪوئيٽا، بلوچستان. ۴-۹-۱۹۵۳ع

قبلا جناب جي- ايم- سيد صاحب!

توهان جي بار بار سنڌي ۽ اڻسڌي مخالفت منهنجي دل ۾ اهو پڪو نقش ويهاريو آهي ته اسان، جن الهه بخش سان گڏجي توهان جهڙن جي غلط، ڪوتاهه ۽ سنڌ کي تباهي ڏيندڙ پاليسيءَ جو مقابلو ڪيو، تن سان توهان جو ازلي وير آهي ٻين سان توهان ٺهي سگهو ٿا، پر اسان سان ڪونه. اسان جو هو هڪ آدمي شيخ عبدالمجيد صاحب، سو به ڀٽڪي آيو. تو اڳئين دفعي سردارخان جي امداد ۾ پنهنجو نالو ڏنو. هن دفعي وري برڪت‌علي آزاد پيدا ڪيو. توکي معلوم ڪرڻ کپندو هو ته تو جهڙا هزارين "جناحي"، ڪنهن به اسيمبليءَ يا وائسراءِ جي نالي، منهنجي انفراديت کي ختم ڪونه ڪري سگهندا. من آنم ڪ من دانم.

تنهنجي سياست، موقعي پرستيءَ جي بدترين قسم جي سياست آهي. کهڙو، توکان ٽي ڪروڙ، ٽي لک، ٽي هزار، ٽي سؤ سٺ دفعا گهٽ خطرناڪ آهي. توکي نه دين، نه ڌرم، نه مذهب، نه اُصول— تنهنجو فرض هو، جڏهن منهنجو نالو اچي ويو هو ته ٻئي ڪنهن به نالي سان منهنجي مخالفت نه ڪرين ها. گويا سڀئي طاقتون، ليگ ۽ ٻيون، هڪ نڄ ۽ ڪٽر سنڌيءَ، سنڌ پرست جي مقابلي ۾ اچي ويون. منهنجو ته سجدي گاهه سنڌ آهي،

سنڌ جي هر زمين سان مان ڪي اها نسبت آهي، جا مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي هئي. منهنجي ٻوڙ جو وطن آهي سنڌ.

تون جناح جي اڳيان ڪنڌ نمائي سگهين ٿو، تون محمدعليءَ کي آڏا بٽائي سگهين ٿو، تون ٻئي ڪنهن به آدميءَ کي پنهنجو ليڊر مڃي سگهين ٿو، پر مان ائين ڪونه ڪري سگهندس. سر زمين سنڌ جو ٻوچاري آهيان. سنڌ منهنجي لاءِ قبلانما آهي. ان هوندي به، مان انقلاب‌پرست آهيان. توکان به هڪ وڌ منهنجو هڪ آهي. توکي جي ڪنهن ڏڪ لاتم، ته به خوب.

هاڻ ٻڌ ۽ اچي ٿو ته ليگ وارا کو اميدوار ڪانسٽيٽيوئنٽ اسيمبليءَ ۾ بيهارين ٿا. توکي منهنجي صلاح آهي ته تون آن جو مقابلو ڪر، توڙي جو توکي رڳو پنهنجو ووٽ ملي. متان ڪنهن به وقتي صلح ۽ جذبات جي ڪري اها جاءِ بنان مقابلي ڏني اٿو. موقعي پرست نه ٻڌجو اهو اصولي موقعو آهي، آن لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪري، ڪٽان نه ڪٽان جا ووٽ هٿ ڪريو. ٻئي ڪي بيهارڻ جي حالت ۾ ايتري طاقت اهاڳاهه نه وٺندي. قبلا شيخ صاحب موزون‌ترين اميدوار آهي، پر تنهنجا وڏيرا دوست، جن جو کوڙ ڳالهائڻ ۾ تون ڳرو ٿئين، اهي شيخ صاحب کي ووٽ نه ڏيندا. جهڙا وڏيرا تهڙو سنڌن پير. پير مڙهوئي پير ٿيندو آهي. تون آنهن کان سنڌن فن ۾ اڳرو آهين. تنهنڪري تنهنجو بيهڻ ضروري آهي. متان ڪمزوري ڏيکاري اٿو. متان اهو موقعو هٿان وڃايو اٿئي!

خاص ڪري بروهيءَ جهڙو آدمي، جنهن جو وجود ئي هڪ سياسي لعنت آهي، بيهاريو وڃي ٿو. اهڙو ڪريل قسم انسانيت جو مان نه ڏٺو نه ٻڌو. توکي مان ائين ڪونه چوندس، جو تون سيد آهين. تنهنجا آن سان لاڳاپا ئي سگهن ٿا، پر آهي لاڳاپا ڪٽي ڇڏ. خوشامدي ۽ موقعي‌پرست نه ٿيءُ.

مان ڪي تعجب آهي ته تنهنجي پارٽي، اسيمبليءَ ۾ وڏي چو نه ٿي. تون چو ٿو مائهن کي هاڻ ڪان برگشته ڪرين.

جي ٿورو عقل کان ڪم وٺين، ته تنهنجي پارٽي اڄ به سنڌ اسمبليءَ ۾ اڪثريت واري پارٽي ٿي سگهي ٿي. اهي سڀ پنهنجو پاڻ کُلم کُلا توسان ملي ويندا، پر توکي عقل ڪير ڏئي ۽ توکي سياسي طرح "چڱو" ڪير بڻائي؟

مان سان وڙهڻ، اُن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو قبيح فعل ٿي سگهي ٿو. اهو سنڌي، جو شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ بندي سان مقابلو ڪري، اهو سنڌي نه چئبو. شيخ صاحب ڪهڙيءَ به حالت ۾ سنڌي آهي، پر افسوس جو سنڌ سندس قدر نه ڪيو. وري بنده، جو پاڻ هڪ مستقل تحريڪ آهي، اُن سان برڪت‌علي آزاد جهڙي سرڪاري نوڪرکي کڙو ڪرڻ— تو تي افسوس نه پر برڪت‌عليءَ تي افسوس آهي. اُن کي منهنجي مقابلي ۾ بيهاريو ويو هو، ۽ اهڙيءَ طرح جکراڻي به— جکراڻي هميشه کان منهنجا حليف هئا؛ گويا منهنجي سنگت ۾ ڦوٽ وڌي ويئي، اُئين ته خود بلاول اسان جو دوست رهندو پئي آيو. ڪيئن به تون اها سيٽ بنان مقابلي نه ڇڏ. بندو فارغ ٿي سگهيو ته اچي نڪرندو.

پير صاحب پاڳاري سان منهنجا ناتا ٿي وڃن ته غنيمت. حضرت پير صاحب نوجوان آدمي آهي، اُن سان تو جهڙي آدميءَ جو ميلاپ ڪي اُصول وارا آدمي ڪن ته چڱو. پر ائين نه ٿئي، جو "يڪ نه شد دو شد"— پير صاحب پاڻ سان گهلي وڃي، خود دار بڻج. ڪنڌ مٿي ڪري سنڌ جي نجات لاءِ جدوجهد ڪرڻ کان دريغ نه ڪر. رستو پنهنجو علحده هجي، پوءِ ٺاهه ڪرڻ به ڪنهن مرد مانجهيءَ جو ڪم آهي. تون لڙندو آهين جاتي ٺاهه ڪجي، ٺاهه ڪندو آهين جاتي لڙجي.

پنهنجي اُصولي فتح لاءِ شيطان سان ٺاهه ڪجي، پر ان قسم جو شيطان بروهي نه آهي. اُن جي نالي کان مان کي اُلٽي ايندي آهي. اهو، خبر نه آهي ته ڪهڙي قسم جو ڪريل انسان آهي. راشي ۽ بدطينت سردار کوسو ۽ راڻيپور وارو خوني نام‌نهاد

سيد، راشدي صاحب جي چوڻ تي، ڇڏي ڏنائين- يعني صفا بي ايمانيءَ جي راءِ ڏنائين. اِن آدميءَ کي ته بي ايمانيءَ جي راءِ ڏيڻ جي تُهمت هڻي، ڪيس ڪري، جيل موڪلڻ گهرجي. بي گناهه شهيدن جي خون ۾ ڪوڙي ۽ جانبدار راءِ ڏنائين. اِن خبيث جو مقابلو ضروري آهي. پر تون هرگز نه ڪندين. ڪو چڱو آدمي هجي ها، ته اُن جو مقابلو ڪرين ها.

ڏسجي ٿو ته پيرزادو، جنهن ۾ ٿوري آلهه بخش جي بُوءِ آهي، ته تون اُن جو مخالف آهين- يعني پيرزادو جيئن ته ليگ وارن جو غلام آهي اُن ڪري ساڻس هٿ ملائين ٿو، پر ڇاڪاڻ جو ڪجهه وقت آلهه بخش سان به رهيو آهي، اِن ڪري تون اُن جو مخالف آهين.

همت ڌارڻ- "هاري، هاري" چئي، سنڌ ۾ خانه جنگي آڻيندڙ سنڌي هاريءَ جو دشمن آهي. ساري سنڌڙي توئي پنهنجي عقل جي ڪري تباهيءَ ۾ وڌي. هاڻي ڪنهن ٻئي جو چيو مڃي، ان کي ٻاهر ڪڍڻ ۾ امداد ڪر. توکان پنهنجو پاڻ سنڌ جي ڀلائي ٿي ڪانه سگهندي، ڇو جو تون سنڌ جي دشمن گروه جو ليڊر رهيو آهين. سو جي تون اسان جو چوڻ مڃين، ته سنڌ جو چاڙهو ٿي سگهي ٿو. آئينده تنهنجي مرضي.

الراقم، محمد امين کوسو.

[نوٽ: هيءَ خط، آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ميمبر چونڊڻ لاءِ، سرڪار طرفان بروهي صاحب کي بيهارڻ جي سلسلي ۾ لکيل آهي. جي. ايم. س]

(٦)

١٩٥٣ع قبلا شاهه صاحب!

هڪ خط اڳي لکي چڪو آهيان. منهنجي نظر ۾ هيءَ خودڪشي ٿيندي، سنڌ سان صفا سياسي زوراوَري ٿيندي، جي

بروهيءَ کي بنان مقابلي موڪليو ويندو. توهان پاڻ، حاجي مولابخش يا شيخ صاحب اميدوار بيهي مقابلو ڪريو. اجائي سودا نه پچايو. سنڌ جي حالتن مطابق سنڌ کي تباهيءَ کان بچايو. توهان "هاري" ڪري، هاريءَ سان وڏو ستم ۽ بيداد ڪريو ٿا. هاري زمين ۽ آسمان ۾ ٽنگيل ڪونه آهي. ٻين ملڪن ۽ قومن جي حالتن مطابق هت نعرا بلند نه ڪريو. هاري آهي ڪٿي، جو ڪا حڪومت هلائي سگهندو. هو افلاس ۽ جهالت کان وڌيڪ، اڄوڪي دور ۾، ٻين ڪيترين زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي.

سنڌ جي ڀلائيءَ لاءِ متحده محاذ - معنيٰ تون ۽ مير غلام علي گڏجو، يا توهان ۽ حاجي مولابخش گڏجو. منهنجي توهان سان گڏجڻ جو سوال ڪونه ٿو اٿي، ڇو جو توهان روز ميثاق کان اهو لکائي آيا آهيو، ته منهنجي مخالفت ڪندؤ ڇو جو توهان آهيو اصولن وارا شخص! آدمي توهان ڪونه آهيو. مان هڪ شخص آهيان، سو شخص ڦرن گهرن، اصول زنده رهندا آهن. توهان ٿيؤ اصول، سو بندي توهان سان ناتا ڪڏهن ٽوڙيا ڪونه. توهان هر وقت مقابلو ڪندا رهندا.

بروهيءَ جو مقابلو ڪريو، پر ضرور ڪريو. نه ڪيو، ته اها وري نئين ۽ بدترين سياسي موقعي پرستي ٿيندي، جيڪا توهان کان سرزد ٿيندي. توهان خطرناڪ قسم جا موقعي پرست (Opportunist) آهيو. اهو منهنجو ايمان آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن توهان کان به غلطيءَ سبب سنڌ جي ڀلائيءَ جو قدم کڻائڻ ۾ اسان ڪامياب ٿي ويندا آهيون.

نائون مل به ايڏو سنڌ جو دشمن نه هو، جيترو هي خسيس ۽ ادنيٰ وڪيل. پيرزادو وڃي مجاوري ڪري، جو هو سنڌ جي قسمت سان کيڏڻ ٿو گهري. هن باري ۾ تنهنجي هر قدم جي پوئواري صحيح ٿيندي. قدم کڻڻ کان باز نه اچ، جيتوڻيڪ هڪ ووٽ ملي. مقابلو ئي هت اصول آهي. حاجي مولابخش کي اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ڪريو. آهي ايف-يو-بي

(Fellow University of Bombay)، پر بيڪارو نہ آهي تون "گربہ مسڪين" نہ ٿيءُ. "صحيح سيد ۽ حيدر منزل" جو مالڪ ٿي ڪم ڪر. توکي ڪهڙي حاجت آهي، جو تون اعتدال جو رستو ڇڏي، رڳو نعري بازيءَ کان ڪم وٺين ٿو.

مان توکي چيو هو جڏهن تو موٽر ورتي هئي تہ موٽر جي اها خريد، سنڌ ۾ هڪ ڪامياب قدم هو. تنهنجي سوَن تقريرن کان وڌيڪ اهم قدم اهو هو. جيڪا شيءِ تنهنجي نظر ۾ حقير هوندي آهي، سا حقير نہ هوندي آهي.

سڀني سيدن کي گڏ گستاخي معاف، جي تون نہ هجين تہ سنڌ جا سياست ۾ حصو وٺندڙ سڀ سيد ٽڪو نہ لهن. گهڀراءِ نہ، پوري سليقي سان، پوريءَ ٿڌائيءَ سان سنڌ جي نجات جو رستو اختيار ڪر. 'ترقي'، 'رجعت'- اهي لفظ آهن.

سنڌ جي حالت ۾ نئين ڊڪشنري ٺاهڻي آهي. ٻين جا ٻڌل لفظ بي معنيٰ ۽ بيڪار آهن. وڌو، اڳتي وڌو، پر معاملي فهميءَ کي هٿ کان نہ ڇڏيو. ۞

پير سائين پاڳاري سان ڪو تعلق پيدا ڪرڻ جو رستو ڪونہ آهي. غلام حيدر شاهہ ميرپورخاص وارو توهان سان نہ آهي. لک دفعا افسوس آهي، جو توهان کي ڇڏي ويو. ان کي موٽايو. سڀني سيدن کي موٽايو. مايوس نہ ٿيو ۽ نہ ڪاوڙجو ڪاوڙجو تہ آئين گاريون ڏيو جيئن مان ڏيندو آهيان. جيڪو گاريون نہ ڏيئي ڄاڻي، آن جو قائل نہ آهيان. شيخ صاحب تہ گارين ۾ "استاد ڪُل" آهي.

منهنجو سوٽ محمدابراهيم خان، قدري عليل آهي. ڪوئيٽا مشن اسپتال ۾ آهي. ڳوٺ ويو هوس، آتان موٽي ڪوئيٽا وڃان ٿو.

منهنجو جائزو آهي، تہ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن جي اڪثريت توهان سان بيهندي، جي توهان عقلمنديءَ کان ڪم وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيا. اصول پرستي، جذبات کي غلط طريقي سان

ڏيکارڻ جو نالو نہ آهي. بروهيءَ جو مقابلو جذبات بہ آهي، تہ اُصول بہ آهي. ايڏو خطرناڪ آدمي مان ڪڏهن نہ ڏٺو ۽ ٻڌو. مجهول- آهي صفا مجهول انسانيت سان غداري آهي ان کي ووٽ ڏيڻ. گبول هن کان ڪروڙ دفعا وڌيڪ انسانيت جو حامل آهي. ٺڪر اکجي هن کان لک دفعا وڌيڪ بيدار مغز آهي. الانا مري ويو ڇا، اُن کي وڌائي، اڳتي ڪريو..... مان، جنهن هڪ خود دار جو قائل آهيان سو آهي شيخ عبدالمجيد! هن بک مرندڙ آدميءَ جي خودي ۽ اُنءَ ڪڏهن نہ ويئي. "اِنفراديت خُودي آميز" هن جي ڪڏهن ختم نہ ٿي. پر هڪ عادت اٿس. صحيح ڳالهہ غلط موقعي تي، ۽ غلط ڳالهہ صحيح موقعي تي ڪندو آهي.

چڱو خدا حافظ.

بنده، محمد امين کوسو.

(٧)

بولان هوٽل، ڪوئيٽا، بلوچستان، ١٧. ٩. ١٩٥٣ع.

ڪرمفرماءِ بنده جي، ايم. شاهہ صاحب!

السلام عليڪم.

شاباس! بروهيءَ جو نالو بنان مخالفت جي نہ ويو. تنهن جي معنيٰ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ١٥ آدمي سَو مان پسنديده ۽ غيرت وارا آهن. هاءِ الهہ بخش!! سنڌ جو سرمور ۽ سرتاج سياستدان، جي هن کان ڪي پيرزادي جهڙا ڪُڌا ڪم نہ ڪرائين ها، تہ سنڌ جو الائجي ڇا اوج هجي ها.

واقعي سنڌ جدا ملڪ آهي. سنڌ اسان جي قبلہ گاهہ آهي. ملڪن ۾ جڏهن تباهي ايندي آهي، تہ بروهيءَ جهڙا آدمي اُن جي نمائندگي ڪندا آهن. ساري پاڪستان ۾ خودليگي حرامين وٽ بہ ان جهڙو ٻيو ڪونہ آهي.

سبق پڙهہ تہ پڙهايانءَ — تون جڏهن الهہ بخش جو مقابلو

ڪندو هئين ته مان تو وٽ ايندو هوس، ان خاطر ته وقت مهل توجهڙو آدمي به ڪم اچي ويندو آهي. اڄ سنڌ ۾ ساري سنڌي قوم جو تون سينگار آهين. اُن وقت منهنجي تو سان لهه‌وچڙ کي ماڻهو غلط سمجهندا هئا. بروهيءَ کي به آڱر ڏيڻ ۾ تو ڪونه گهٽايو هو. تنهنجو هر فعل غلط ثابت ٿيندو اچي ٿو. منهنجو پيرزادو ڪنهن نه ڪنهن وقت سنڌ کي ڪم ڏيندو. هاڻ جيتوڻيڪ هيٺيون پيل آهي. هيٺان پوڻ به هڪ هنر آهي. ڪي وري ان ۾ ڪامياب به ٿيندا آهن، ۽ اُن کي پنهنجي لاءِ عزت ۽ فخر جو سبب به سمجهندا آهن. پيرزادو به انهن مان آهي.

تو متان دل لاٿي آهي. "سنڌي جدا قوم" جو جهنڊو هيٺ نه لاهه. پر عقلمنديءَ کي به نه ڇڏ.

هڪ ڳالهه، جيڪا مان تنهنجي بيان ۾ ڏٺي، سا قابل اعتراض- تو بروهيءَ کي سنڌي چيو، ته سنڌ جي ڪُتي جي به اها بيعزتي ٿيندي، جو ههڙي ماڻهوءَ سان هنن جي تشبيهه ڏجي. ايمان فروش ۽ غدار! سجاد وارن تي ڪيس هلائڻ لاءِ اهڙو پيو ڪو ملڻو هون! بيان ۾ تون چوين ها ته موجوده وزير سنڌ جو اعلانيه دشمن آهي. توکي ڳالهائڻ نه اچي، ته ڳالهائيندو نه ڪر. تنهنجي ٺهراءَ ۾ موجوده مرڪز ۾ نمائندگيءَ جو مطالبو باعث شرم آهي. تون هنن کي واقعي ۽ سچ پچ مڃين ٿو ڇا؟ جي نه ته پوءِ اهڙو مطالبو نه ڪجي. اهڙي مرڪز جي هيٺان پيل وزير پيرزادي جهڙا ئي هوندا آهن. پاڻ کي هنن کان زخمي نه ڪراءِ. باقي مڪمل عدم تعاون هوندي به جوتو کَنيون کائڻ ڪم ڪڍ.

هن اسيمبليءَ جو معرڪو تو جيتيو، جڏهن تو بروهيءَ جو مقابلو ڪيو. جزاڪ الله زنده باد جي. ايم شاهه!

فرسوده ۽ بيجان ڳالهيون نه چوندو ڪر. ان ۾ شڪ ئي ڪونه آهي ته تون "جهاد اَڪبر" ڪري رهيو آهين، پر جهاد لاءِ به عقلمندي ضروري شرط آهي. تون اسان جي نقش

قدم تي هل. الهبخش جي قبر طرف، سنڌ جي آزادي، جي هلچل هلائيندي، ڏسندو ڪر. بنده توکي عرض ڪري ٿو ته جي تو ذرو عقلمندي، سان ڪم ڪيو ته معاملو سڀ ٺڪ. هاڻوڪين حالتن ۾ مطلب ته جي - ايم - سيد زنده‌باد.

شيخ صاحب کي تمام آڪير پريا سلام

بنده، محمدامين کوسو

(۸)

از ڪراچي، ۱۰-۱۰-۱۹۵۳ع

قبله شاهه صاحب!

السلام عليڪم. بندي کي اهو اندازو ٿيو آهي، توهان ڪنهن به وقت ۽ موقعي تي صحيح ڪم نه ڪري سگهندا آهيو، جيستائين ڪو به توهان کي ان تي مجبور نه ڪري اهو به، هن پيري آءٌ ٿڻ گهران ٿو.....

توهان نه مڪمل ۽ اثرائتي مخالفت ڪري چاڻو، ۽ نه وري موافقت. توهان پاڻ کي بي‌اثرائتو پاڻ ڪندا آهيو. حضرت قبله پير صاحب پرچوندي شريف جي معاملي ۾ توهان موجوده وزارت جا ڪن به چڪيو ها ۽ خود مرڪزي حڪومت جا ڏونها به ڪيو ها، پر خاموش رهيو. ايترڀقدر موقعي کي وڃائڻ صحيح ڪونه آهي. حضرت پيرصاحب جن موجوده سنڌ ۾ هڪ فيصلي‌ڪن طاقت آهن. آخرين تجزيي ۾ سنڌن رُخ تي هرڪو نڏيو وڏو فيصلو هن وقت تائين پڻي ٿيو آهي. ليڪي وڏيرن جو اهو منصوبو ته حضرت پير صاحب کي هيسائي هيٺان ڪن، نهايت ناپاڪ آهي. هر گروه ۽ جماعت ۾ سڀ ڪنهن قسم جا آدمي هوندا آهن. حضرت صاحب جي جماعت جو تعداد به وڏي لکت تي پهچي ٿو. اها جماعت متحد ۽ ڊيڄارڻ جهڙي نه آهي.

اول ته، سنڌ جي واحد ليڊر هڻڻ جي صورت ۾ انهيءَ وحدانيت ۾ شيخ صاحب به شامل آهي) توهان جو اهو فرض

هو ته پنهنجو پاڻ هن واقعي کي هٿ ۾ کڻو ها. گويا لکن ماڻهن جي ڏک سُک ۽ دل آزاريءَ سان توهان جو ڪو تعلق ڪونه آهي. پير صاحب هڪ شخص واحد نه پر هڪ ادارو آهي. انهيءَ اداري جي برخلاف منصوبو، يارن سان حقارت آميز روش، وڏا دُور رس نتائج رکي ٿي. توهان، هن ڏُک سُور جي وقت ۾، جي ڪم نه آيؤ، ته پوءِ ڪڏهن اِيندؤ. هي شخصي نه، اجتماعي ڪم آهي. پير صاحب جا متعلقين سڀ خواص نه پر "عوام" آهن، جن جو توهان کي اڄڪلهه احساس آهي، يا احساس بابت پاڻ فرمايو ٿا.

بندو ڪراچيءَ انهيءَ خيال سان آيو، ته توهان هڪ محاذ جهليون پيٺا آهيو، ۽ اهو محاذ خُود اسان جو آهي، ۽ انهيءَ محاذ کي حرڪت ۾ آڻي، سڀڪجهه ڪري سگهجي ٿو. توهان وري وزارت جي جوڙ ٽوڙ ۾ لڳي ويا.

پيرزادي جي وزارت ۾ جو اهو ڪنو ڪم ٿيو آهي، ان جو نتيجو ضرور نڪرندو. توهان اسان سان ساٿ نه ڏيئي ڏاڍو هلڪو ڪم ڪيو آهي. پير صاحب جو پُٽ، ان جو لائق به نه هو جيترو کهڙو؟ کهڙي جهڙي آدميءَ لاءِ تو سکر ۾ ڪوڙي بچاءَ جي شاهدي ڏني، ۽ سڀڪا ڪوشش ڪئي! پيرزادو ته سبڪ طبيعت جو آدمي آهي، ۽ سياڻو به ڪونه آهي. اهڙو خود غرض آهي، جو ٽڪي خاطر لکن جو نقصان ڪري هن ۾ بيجا مداخلت ڪانه هئي، پر پوليس جيڪو بدمعاشيءَ جو ڪم ڪيو آهي، ان کي روڪڻ مقصود هو. رحيم بخش پيرزادي جو "هيڊ بٽلر" آهي. الهه بخش جي پُوءِ به هن ۾ نظر ڪانه ٿي اچي. سندس ناناڻو پاسو صفا چِٽُ آهي.

تون هاڻي به حرڪت ۾ اچ، ۽ اسان سان ٿي بيهه، ۽ هيءُ موقعو هٿان نه وڃاءِ! انصاف پرور آهين ته انصاف خاطر ۽ جي پراڻي خاندان ۽ شرافت جو لحاظ رک! حضرت صاحب جو وڏو پٽ ته تو وٽ لنگهي آيو. تو وٽ هزارين آدمي امداد

لاه اينداً آهن. در آئي جو مان سنڌ جو بنيادي شان آهي. جيڪو اهو نه ڪري چاڻي، سو سنڌ جي روايتن کان واقف ڪونه چئبو. مهرباني ڪري، صفا بيدار ٿيءُ -- هن معاملي ڪي هن ۾ ڪ!

-بنده، محمد امين کوسو.

[نوٽ: پير صاحب پرچونديءَ جي پٽ جي خلاف سرڪار طرفان ڪنهن ڪنيل قدم بنسبت لکيو اٿس. (جي. ايم. سيد)]

(٩)

جيڪب آباد. ١٩-١-١٩٥٤ع.

قبلا شاهه صاحب!

السلام عليڪم ورحمت الله وبرڪاتہ!

شهزادي عبدالڪريم خان، محمدحسين عنقا، ۽ ٻين بلوچستاني سياسي قيدين لاه هڪدم ڪڇه ڪرڻ فرمائيندا تہ عين عنايت.

عبدالڪريم خان ڪي جيل ۾ ڇوو وڃي ٿو تہ هن اڪيلي ڪي هڪدم آزاد ڪيو وڃي- ۽ هو ٻنهنجي ساڻين کان سواءِ اڳ ۾ آزاد ٿيڻ لاءِ خواهشمند نہ آهي. اها حقيقت، جيل مان هڪ آزاد ٿيل قيديءَ، اسان جي هڪ دوست ڪي لکي موڪلي آهي. بهر صورت، توهان هن باري ۾ ڪوشش ڪندا.

سنڌ بابت ۽ ڪو صحيح عملي اقدام ڪندا.

پيرزادي صاحب، گورنر جنرل جي آمد وقت، جيڪا مهمان نوازي جيڪب آباد ۾ ڪئي، سا قابل صد افسوس آهي. سڀ حدون ۽ ٻيڪا ٽپي ٻڌو. ايتري ذليل خوشامد سنڌ لاه باعث ننگ آهي. پاڻ تہ شايد شرمن ۽ حدن کان لنگهيل آهي، ۽ ڊاڪٽر صاحب ڪي ۽ هڪ حدتائين "خراب" ماحول ۾ وڌائين! پيرزادو، ايتريءَ حد تائين ويندو، تنهن مون ڪي سخت روحاني اذيت ڏني آهي. آفيسرن لاه تہ جنسي ويل هو، شاباس آهي هتان جي ڪليڪٽر صاحب، مسٽر قاضيءَ، ڪي، جنهن ايڏو

سارو انتظام ڪيو. انگريزن جي وقت کان وٺي هن ڏينهن تائين، هن سال جهڙو ڏوم ڏام ۽ ٺاٽ باٽ وارو گهوڙن جو جلسو ڪڏهن نه ٿيو. سنڌ جي سياسي عصمت فروشيءَ جو جو اهڙو مثال وري ڪونه ملندو. سنڌ سياسي طور نزع جي حالت ۾ آهي، اُن جو ثبوت هن سال جي گهوڙن جي جلسي ڏنو. پيرزادو صاحب صفا واهيات ۽ خسيس طريقي سان عملدارن کي خوش ڪرڻ جو مظاهرو ڪري رهيو آهي. هاڻي "چيست ياران طريقت بعد اين تدبير ما"

تون به شايد ٽڪل ۽ بيزار ٿي ويو آهين، ورنه هڙين حالتن کي هڪدم چٽلينج ڪرڻ گهرجي. انتظام صفا نابود ٿي ويو.

جواب هڪدم لکو. —بنده، محمد امين کوسو.

(۱۰)

جيڪب آباد، ۱۰-۶-۱۹۵۹ع

ڪرمفرما بنده شاه صاحب!

السلام عليڪم ورحمت الله و برڪاته!

عيدمبارڪ موڪلي هئم، معلوم نه آهي ته توهان تائين پهچائي ويئي يا نه؟ توهان جي ياد ايندي آهي. توهان سان ڪيڏي نه وابستگي آهي، اُن جو احساس نه پر پتو توهان کي آهي. جدائي به صبر آزما هوندي آهي. خبر نه آهي ته مطالعي جو انتظام ائين يا نه؟

O

توهان جو ابا ڪجهه تحرير ڪري سگهندا يا نه؟

ياد خدا جي معين طريقن تي عمل ڪرڻ جي تلقين ڪريان ٿو. بندي جي حق ۾ دعاي خير گهرندا رهو.

بنده، محمد امين کوسو.

[نوٽ: هيءُ خط مون کي ڪراچي جيل ۾ موڪليو

هٿائين، جتي آڪٽوبر ١٩٥٨ع واري مارشل‌لا لڳڻ بعد، مون کي جيل ۾ اندر قيد تنهائيءَ ۾ رکيو ويو هو.

(جي. ايم. سيد)]

(١١)

جيڪب آباد سنڌ، ٢٥-٦-١٩٥٩ع

ڪرمفرمائي بنده شاه صاحب!

السلام عليڪم- محبت آميز ۽ عزت افزا رقعي لاءِ دلي شڪريو قبول. فرمايو ڪويو ڏينهن اهڙوگذري، جنهن ۾ توهان جي ياد نه اچي، سا وابستگي رکي نه ڇاڻان.

"ما قصهء سڪندر ودارا نه خوانده‌ايم
ازما بجز حڪايت مهر و وفا مپرس!"

هيءَ زمانو به عجيب ڪرشمي‌سازيون رکي ٿو. توهان جهڙو زنده ۽ تڙپندڙ دل رکندڙ آدمي، محفلن ۾ نه هجي، ان کان محفل جي رنگ ۾ تغير ۽ تبديل اچڻ ضروري آهي. ڪيترن واقعن جون تصويرون سامهون اچن ٿيون.

حيدر منزل جون محفلون ۽ بندي جون توهان سان ملاقاتون، آن سان اسان جي مقدس سنڌ جي هاڻوڪي تاريخ جا ڪيترا باب وابسته آهن. بندو چئي سگهي ٿو ته ڪيترن نه صاف لفظن ۾ بندي ليلائي ۽ عاجزيون ڪري، توهان سان گفتگو ڪئي.

الهه بخش، جو اڪثي هلي شهيد الهه بخش ٿيو، آن سان بندي جو مضبوط واسطو ته هڪ پردو آهي، بندي توهان کي پنهنجي خيال جي دام ۾ قاسائڻ جا وس ڪيا.

اڄ، ساريءَ سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي، توهان جي جدائيءَ ۽ فراق جو جهڪو صدمو آهي، بندو آن ۾ ٻئي ڪنهن کان به گهٽ ڪونه آهي. جاتي قريب هوندا، بندو به آڏي ٿي آهي.

پنهنجي "زندگي" جو احوال" سنڌيءَ ۾ لکو، جو اردوءَ ۾ ترجمو ٿئي. پر اُن ۾ بيجا زور "ليگ" وغيره تي نه ڏيو. "ليگ چو"، ليگ چونه"، اهي اجايا خيال آهن، سنڌ اندر— "جي- ايم" ۽ "جي- ايميٽ" جي مقابلي ۾ چا چا نه ٿيو. هڪ طرف تون ۽ تنهنجا چيلا، ٻئي طرف جيڪب آباد ضلعي جو هي "مشت خاڪ"— اڄ تائين خيال جي هم آهنگي پيدا ٿي نه سگهي. محبت آهي، جنهن جو مثال ڪونه، باقي خيال ۽ عمل جي رستي ۾ ڪيترو نه فرق!

تو جهڙو صاحب ذوق، اهل درد، سنڌ جو صاحب قلم، بندي کي ملي وڃي، ته سنڌ جي هر زمين مان زندگي ۽ خوشيءَ جا سرچشما اُٻلن "فاناً" وهي روانا ٿين. تنهنجو قدردان ڪوڪونه، ۽ نه تون وري ڪنهن ڏکائي ٿي.

افسوس، نه واٽين منهنجي وقت تي پڌي، ۽ نه توڻي پڌو.

منهنجا لفظ صاف، منهنجو رستو ڪليل، نه اُن ۾ گانڌيءَ جي تعليم، نه جواهر لعل جي پرستش، نه ٻئي ڪنهن غيرڪان مرغوبيت. سنڌ اندر، سنڌ وارن لاءِ، وقت جي تقاضائن مطابق، هڪ مختصر مگر مڪمل عمل جو دائرو— "سنڌ الهه بخش جي الهه بخش سنڌ جو." ڪانگريس، الهه بخش جي قدمن ۾ ٿڪاندي به اُن تي نثار— ڪيڏو نه ڪامياب ڪم!

انهيءَ سنڌ ۾، مان غريب، داعي انقلاب امام عبدالله سنڌيءَ کي آڻي ڪيئيو. پاڪر ۾ رکيم توکي ۽ شيخ عبدالمجيد کي. ڏاڪي ۾ هجن جيرامداس، ڊاڪٽر چوٿرام، مان وٽ "تون ۽ الهه بخش" ڪڏهن خدا شخصيتون نه رهيا هئا. مان کي اهو پسندئي ڪونه هو، ته ڪو تون مان کان جدا رهين— ڪيڏا جتن ڪيم، پر اُن وقت ڪامياب نه ٿيس. اڄ تون ۽ الهه بخش، هڪٻئي کي جيترو قريب آهيو، شايد ٻيو ڪو ڪونه آهي. الهه بخش، زنده جاويد شهيد، منهنجي ۽ تنهنجي باهمي وابستگيءَ کي ڏسي رهيو آهي.

ٻاهر جلد اچو، ان لاءِ دعا گهرو- ۽ منهنجي حق ۾ ٻه دعا گهرو.

دعا جي مقبوليت جو هنڌ اهو آهي.

ـ محمد امين کوسو.

[نوٽ: هيءَ خط ٻـ ڪراچي جيل ۾ سون ڏانهن موڪليو هئائين ـ جي - ايم - سيد]

(١٢)

ڪوئٽا، بلوچستان، ١١-٨-١٩٥٩ع

ڪرمفرماه بنده شاه صاحب!

السلام عليڪم و رحمت الله.

بندي گذشته خط ۾ توهان سان زماني جي حالات بابت ڪجهه تلخ نموني سان گالهه ٻولهه ڪئي. ڪهڙو نه چڱو ٿئي جي بندي جي تنگ و دو جيڪا توهان جي سامهون آهي، ان جو پورو عڪس هن وقت توهان جي ذهن ۾ اچي وڃي. سموري سياسي منڊ، توهان، شيخ صاحب، ڪهڙو، سيٺ هارون، گذدر، الانا وغيره، مطلب ته هر ڪس و ناڪس، سواءِ بندي جي، هڪ ڪئمپ ۾ هٿ. بندو اڪيلو توهان جي سامهون هڪ "محاذ" جي صورت ۾ ٿي بيٺو. اهڙي تلخ ۽ شدت آميز دور ۾ ٻه بندو توهان جي نيازمندي قائم ڪيون آيو. توهان جي دربار مان، منهنجي دوست مرحوم الهبخش کي ڪهڙا نه خطاب پٽي ملياه. خود الهبخش توهان جو دوست هو. افسوس- توهان منهنجي عاجزين کي ان وقت ۽ ان کان پوءِ هميشه نظر انداز ڪندا رهيا. خود خان قلات جي باري ۾ توهان جا خيال صحيح نه هٿا.

مون کي خبر نه آهي ته ٻيو ڪو آدمي اهڙو آهي يا نه، پر بندو توهان جي ۽ پنهنجي وچ ۾ اهڙي نيازمنديءَ جو

رشتو جوڙي ڇڏيو آهي، جو سواءِ محبت جي ٻي ڪاٻه ڳالهه اسان کي هڪٻئي سان نٿي ڳنڍي.

توهان کي الله جلد ٻاهر آڻيندو. اهڙي هنڌ تي آهيو، جاتي ياد خدا اثر رکي ٿي. توهان ته خود سيد ۽ گدي‌نشين آهيو. سنڌ جي پيروي ڪريو ٿا. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ بنده اها رسم قائم ڪئي، جنهن جي پيروي بنده جي هر شناسا ويندي نواب محبوب‌علي خان، سندس فرزند سيف‌الله خان ۽ خان‌اعظم تائين، ضروري ٿي پيئي.

توهان سان ملندي، ڪڏهن به دل نه ڍاپي آهي. اهڙي شدومد جي مخالفت جي زماني ۾ به توهان ۽ بنده جا لاڳاپا استوار رهيا، ۽ بنده جو گهڻو وقت توهان وٽ گذرندو هو.

الله ڪري، توهان کي ٻاهر ڏسون. مايوسيون ۽ گهٻراهٽون انسان جو خاصو آهن. دل کي الله طرف متوجهه ڪريو. ذڪر ۽ فڪر جو اهو نمونو، جو صحيح مذهبي عقائد تي بنا رکي ٿو، جاري رکو. الله کان سواءِ ۽ الله جي رستي کان سواءِ هر دنوي معاملي ۽ مسئلي کي فنائيت آهي. انساني خيال ۽ منصوبا ته هيچ آهن، پر انسان جو الله سان تعلق ابدي ۽ ازلي آهي، ۽ ان کي فنا نه آهي. توهان سياست ۾ رهي ڪري به تصوف جي مسئلي کان آگاهه آهيو.

لکندا ڪريو، اهي خط سوغاتون آهن. افسوس، انهن جو قدردان به ڪو ڪونه آهي.

— محمد امين کوسو.

○

(١٣)

گرانڊ هوٽل، ڪوئيٽا، ١٩-٨-١٩٥٩ع

ڪرمفرماءِ بنده، شاهه صاحب!

افسوس، منهنجون هزارين علمي تدبيرون ۽ ڳالهيون توهان جي ذهن ۽ دل تي اثرانداز ٿي نه سگهيون. انهيءَ جو هڪ

سبب اهو آهي ته توهان تي وقتي صحبت ۽ رفاقت جو بيحد اثر پيجي ويندو آهي. بندو هميشه ۽ هروقت توهان سان گڏ ڪونه هوندو هو. جيتوڻيڪ منهنجي وابستگي توهان سان به ڪا رواجي وابستگي ڪانه آهي. رواج ۽ رسم کي ته مان جاڻان ئي ڪونه. هڪ دفعي جنهن سان وابستگي رهي ته انهيءَ سان وابستگي ئي رهندي. پر شڪر، جو توهان جيڪنهن به عملي اقدام کي مان ڪڏهن به قبولي ڪونه سگهيس. نيت سڀيءَ هوندي، اوهان علمليات ۾ هميشه ڏنگو رستو اختيار ڪندا آيا آهيو. اها ڏنگائي سنڌ کي نقصان رسائيندي آئي آهي ته ڪ غيرن کي!

شاهه پٽائيءَ کي سنڌ ۾ جيڪا نئين زندگي ملي آهي، بندو جاڻي ٿو ته اها فقط توهان جي بدولت آهي. ان وقت بنده چيو ته "سنڌ ۾ شاهه عبداللطيف پٽائي قيد آهي، باقي ان جو ڪلام آزاد آهي ته ان جو ڀتو ڪونه آهي."

تون جيل ۾ هجين، ۽ پٽائيءَ تي ميلو لڳي، سمجهه ۾ نقط اها ڪاله، تي اچي، ته پٽائي گهوٽ جي قبر مان اهو آواز اچي ٿو، جو منهنجي قلم مان نڪري ٿو— يعني شاهه جو محب سيد غلام‌مرتضيٰ شاهه، سنائي قيد آهي، ته پوءِ ميلا ۽ ملاکڙا ڇا جاءِ— شاهه، سنڌ ۽ سنڌين واسطي گاڏو آهي. اڄ سنڌ ۽ سنڌي بند ۾ آهن. سنڌ مارئيءَ جيان قيد آهي.

— محمد امين کوسو.

(١٣)

٢٥-٨-١٩٦٠ع

قبلا شاهه صاحب!

ورهيه ٿيا، جڏهن توهان کي هن سبقن پڙهائڻ سان گڏ هيءَ سبق به پڙهايو هوم ته "شاهه آزاد" ۽ "سنڌ غلام" ۽

(٦٤)

متضاد معاملا آهن. حسب معمول، ان وقت اهو سبق به توهان کي ياد نه بيٺو. هاڻ شاهه جي مقبري تي گڏهن هينگون ڪيون، ۽ ڪتن ڪيهون ڪيون. ٻڌي ڪري، توهان جي روح کي ضرور فرحت آئي هوندي! توهان کي ڪروڙين مبارڪون جو پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي محنتن جو ثمر ڏسو ٿا! مان ساڳيو الهه بخش جو دوست، گنهگار آهيان، جنهن ڪيئي ڪلاڪ توهان کي سمجهائيندي ضايع ڪيا.

صحت جو ڇا حال اٿوَ؟

شاهه جي نالي، سنڌ جي غلاميءَ جي زنجير کي وڌيڪ مان وڌيڪ مضبوط ڪيو پيو وڃي.

— محمد امين کوسو.

(١٥)

جيڪب آباد، ٣-٩-١٩٦٠ع

حسن ۽ سونهن جو تذڪرو، هڪ خط ۾ فرمايو هوو. حسن ۽ رعنائي به هڪ اضافي چيز آهي. هر حالت جو حسن پنهنجو: خود توهان جو وجود سراپا زيبائش آهي. پر وقتي طرح ان کان ڪي اهڙيون لغزشون وجود ۾ آيون، جنهن جي ڪري خود توهان جي حسن ۽ رعناين واري پيڪر ۽ وجود کي نقصان پهتو. حڪمت يا هوشمندي يا وقتي سياڻپ کان ڪم ورتو وڃي ها، ته اهي لغزشون به نه ٿين ها. سنڌ جي حالتن مطابق حسن ۽ آرائش جي تقاضا اها هئي ته توهان جي وجود کان وقتي ۽ بازاري ڪم نه ورتو وڃي. اهو قيح ۽ بدزيبائش هو. طبع سليم توهان کان اها توقع نه پئي رکي سگهي. اها ڪجي ۽ ڪج روي حسن ۽ خوبروئي جي سڀني پهلوئن کي پئي مجروح ڪندي رهي. جڏهين اسان جي پاسي وارو سڄو جهان توهان جي وجود جو دشمن ٿي بيٺو، بندي نهايت

بيباڪيءَ سان توهان جي لاءِ موثر مقابلو ڪيو. اهو مقابلو اُن ڪري نه ته توهان تي ڪو احسان هو، پر توهان جي اهليت ۽ وجودي خوبين جي تقاضائن کي نه ڏسڻ ڪور-ذوقي آهي. حسن بين نگاهه وٺي، دنيا ۾ پيدا ٿيو آهيان. دل محبت پرست ۽ نگاهه عشق‌آرا جو مالڪ مان کي ڪيو آهي. توکي "اَغيارن" وٽ ۽ "اَغيارن" جيان ڪندو ڏسي، منهنجي دل تي، جي صدما پهتا هوندا، اُن جو اندازو توجهڙوئي پيار ڀريو آدمي ۽ سيدزادو ڪري سگهي ٿو.

اسان جا ٻيا به ڪيترائي مخالف هئا، جن سان جيڪي ٿيو، يا جن جيڪي ڪيو، سو توهان کان مخفي نه آهي. منهنجي نظرن ۾ سنڌ تنهنجي آهي ۽ تون سنڌ جو آهين. سنڌ جي حسن ۽ زيبائش جو ذڪر، منهنجي قلم مان ٿيڻ مشڪل آهي. هيءَ مقدس ۽ پاڪ سرزمين ڏاڍي اهميت واري آهي. هن جو وڏو درجو ۽ پايو آهي. فقر هن جو ۽ درويشي هڪ اعليٰ حسن جو نمونو آهي؛ ازلي ۽ ابدي آهي.

"انهيءَ حسن ابديءَ ۽ ازليءَ جا ڪرڻا، هن وقت تائين سنڌ جي سرزمين مان دنيا تي وسن ۽ روشني وجهن ٿا. انهيءَ ضيافگن ڪرڻن کي ڦهلائڻ جو ڪم اڃا باقي آهي.

اهو انهيءَ بنيادي انساني مسئلي جو هڪ قسم جو حل هو، جو سياسي نمونن ۽ طريقن سان، منهنجي ٻيڙي، مولانا، حضرت مجاهد اعظم، عبيدالله سنڌيءَ، دنيا کي پيش ڪرڻ ٿي گهريو - سياست اِن معنيٰ ۾ عين عبادت ۽ جهاد آهي. حق سراپا حسن ۽ باطل سراپا قبح ۽ اها بدزيبي، جا مٽائڻ سان نه مٽجي سگهجي. حق ۽ باطل جو مقابلو ديرينه آهي.

ستيزه ڪار رها هے ازل سي تا امروز،
چراغ مصطفوي سي شرار بوالهبي!

تنهنجي تڙپ، ڏسندي تو حسن ازليءَ جي پرستار-کان وقتي باطل پرستيون به بندي کان نه سٺيون ويون. خير، اهي دير تائين

هلي به نه سگهن ها. چنانچ ائين ٿيو، جيئن بندي شروع ۾ ئي ڄاتو، اهي بيشمار طاقت ۽ وقت جا پوڄاري، جن توکان فائدا ورتا، سي درهم برهم ٿي ويا. تون پيڪر صداقت، حق پرستيءَ ۽ روشنيءَ جو منارو ٿي، چمڪڻ لڳين. پر هت به توکان ڪي فروگذاشتون ٿي ويون. تون پاڻ هڪ مستقل شمع راهه آهين، هيڏي هوڏي نهارڻ ۾ ئي نقصان آهي. تنهنجو عمل به جدا راهن جو متقاضي آهي.

تُو تو جلتي هے ڪه پروانون ڪو هو سودا تيرا،
مين فروزان هون ڪه ميري فطرت مين هي سوز.

تنهنجو سوزوگداز ڪو نمائشي ڪونه آهي، تون سطحي ۽ رواجي ماڻهو ته ڪونه آهين. تنهنڪري هر اها حرڪت جيڪا رواجي طرح توکان پاڻ ٿيندي يا توکان ڪرائي ويندي، سا تنهنجي اندروني جذبي جي ترجمان نه رهندي، بلڪ تنهنجي تب و تاب جي مخالفت ۾ هوندي. تنهنجي اندروني جذبي ۽ ظاهري عمل ۾ يڪسانيت پيدا ڪرڻ جي تمنا به هڪ قسم جي هنرمندي گهرندي آهي. الحمدالله، اها هنرمندي بندي ۾ آهي. هر ڪجي ۽ هر نقصانڪار حرڪت جي يا مخالفت ڪيم يا اُن سان شامل نه رهيس. جي تون رڳو اهو ڏسين ها، ته بندي جي رضامندي تنهنجي عملي ڪاروائين ۾ نه آهي، ته تون ان کي نه قبول ڪرين ها. پر بندي جو توسان لڳاءُ تنهنجي اصلي هنر ڪري آهي، تون اُن لڳاءُ ۽ لاڳاپي جي اصول کي نه قبول ڪيو. منهنجي مرضي ۽ رضامندو پاڻ لاءِ ضروري قرار ڏين ها، ته هن وقت جي تڪليف ۽ اذيت کان بندي کي بچائي وجهين ها.

تو جهڙا صاحب حسن و ڪمال آدمي عام جام نه پيدا ٿيندا آهن، ۽ اُنهن کان به جي رواجي آدمي نما گڏهن جو ڪم ورتو وڃي ته ظلم ۽ ستم ٻيو ڇاکي چئبو آهي؟

(٦٧)

اهي متضاد معاملا نہ پيش اچن ها. قرباني ۽ ايثار، وڏا انساني جوهر آهن، پر اُنهن جو استعمال ناجائز هنڌ ۽ نموني ۾ ڪرڻ گناهہ عظيم آهي.

تنهنجي طبع هڪ عجيب پياري طبيعت آهي. هڪ حد تائين منهنجو قصور آهي، جو مان تمام ويجهو ۽ هروقت موجود نہ پئي رهيو آهيان. جيڪو لاڳاپو منهنجو توهان سان آهي، اُهو پنهنجو پاڻ توهان کي مجبور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ها، پر مان بہ وقتي ڳالهين کي اهميت ڏني ۽ توهان جي طبع کي هيرائڻ ڦيرائڻ جي ڪم کي اورچ ٿي لڳي نہ پيس. ڪيڏا نہ نقصان اُن کان پهتا آهن! الله آمان ڏي!!

بندہ، محمد امين کوسو.

(١٦)

٣-٩-١٩٦٠ع

قبلا شاهہ صاحب!

هڪ خط نما "دستاويز" اڳ ۾ موڪلي چڪو آهيان. بندو پاڻ هاڻ قدري ڊاڪٽرن جي زير علاج آهي. درد گُردي جو دورو آهي. "اصلي انگريزن" جي وقت ۾ هڪ دفعي جيل ۾ هجڻ کان پوءِ هي درد شروع ٿيو. "اصلي انگريز" رڳو اسان کي پنهنجي اندروني جذبات ڪري نا پسند هئا، ورنہ براين ۾ خوبين جي انبار جا مالڪ هئا. "سودي" ۾ گهاٽي ۾ اسان رهياسين.

توهان جيل کان جلد ٻاهر نڪرڻ گهرجو. ڪو طريق ڪار عمل ۾ آڻيو. جنرل ايوب خان نہ پاڻ ايتريقدر دشمني رکندڙ آهي، ۽ نہ کپس ڪا ضرورت بہ اِن قسم جي آهي. انهيءَ تائين خبر پهچائي، گهمڻ ڦرڻ جو انتظام ڪرڻ ۾ اچي. مان کي پڪ آهي تہ هن کان ڪنهن معقول طريقي سان مطالبو

ڪيو ويندو، ته بنا دير ۽ بنا عذر مڃي ويندو. افسوس ته اهو آهي، جو ڳالهائڻ وارو به اهڙو موجود ڪونه آهي. سيد ميران محمد شاهه صاحب اڄڪلهه ڪٿي آهي؟ سنڌ جي چوٽيءَ جو هڪ قابليت وارو آدمي آهي، پر غيرمعمولي ڊپ ۽ ڊڄ کيس بيڪار بڻائي ڇڏيو.

تو پاڻ کي انهيءَ ماحول اندر وجهي، جنهن ۾ جيل موڪلڻ ضروري ٿئي، سنڌ کي وڏو ڌڪ ڏنو آهي. "خودساخته" پروگرامن جو نتيجو ائين ئي نڪرندو آهي. جن جو نه توسان واسطو، نه سنڌ سان واسطو- نه زمين سان واسطو، نه آسمان سان واسطو- سي جڏهن تنهنجا ساٿي، ليڊر ۽ مشير ٿيندا ته ٻيو ڇا ڪندا؟

ياد اٿئي يا وسري ويو اٿئي، ته تنهنجي سياسي مشورن جو نالو ڇا رکيو هوم؟ "چنڊو خانو" هرڪو سلفي ڇڪيون، مست ٿيو بيٺو آهي. ڪا معقول، ڪا اعتدال پسند تجويز يا طريقه ڪار، "چنڊو خاني" جو مالڪ بينظير آهي! هڻي پاڻ کي ۽ ساري سنڌ کي سڄائي وڌو! تندرست، حقيقت پسند واقعات ۽ حالات سان ٺهڪندڙ ڳالهيون ڪبيون آهن، آسمان جي ڳالهه زمين تي ۽ زمين جو قصو آسمان تي، ان مان اهو ورندو آهي جيڪو ڏسو ٿا!

سنڌ ۾ سواءِ چند آدمين جي ٻيو هن وقت ڪجهه به نه آهي. مولوي حقاني، ليگ وارو مرحوم مغفور ڪهڙو نه چڱو آدمي هو. مان کي چوندو هو ته سنڌ ٽن آدمين جو نالو آهي، شيخ عبدالمجيد، جي - ايم - سيد ۽ تون. خير، مان ته هڪ ڳوٺاڻو آدمي ٿيس. مان کي چوندو هو ته توهان ٽن آدمين کي ڪنهن به صورت ۾ هڪٻئي کان جدا رهڻ نه گهرجي. اهڙو اتفاق به ٿي ويو. جناح جي ذاتي چوڻ تي، مان ساڻس ڪم ڪرڻ قبول ڪيو، پر کيس چيم، ته مان کي سندس سڄي پروگرام سان اختلاف آهي. اُتي وري توهان نه سٺو. هاڻ به

پاڻ تي رحم ڪريو. سنڌ تي ٻاجهه ڪريو. پتنگ اُڏائڻ ڇڏيو.

اها مان کي پڪ آهي، ته توهان وري جي اِن طرف رخ ڪيو ته ڪامياب ٿي ويندا. توهان هر حالت ۾ مرد ميدان آهيو. هيڻو يا ڪمزور توهان کي ڪير چوي؟ يعني، پنهنجي آزاديءَ واسطي گهمڻ ڦِرڻ جي انتظام جي صورت خود توهان کان ئي نڪرڻي آهي. گهڻو ڪجهه سِٺو آڻو! هڪ سهڻ ضروري هوندو آهي، هڪ اجايو معاملو هوندو آهي. منهنجي نظر ۾ اِهو توهان جو سهڻ اجايو آهي.

جنهن ننڍڙي ملڪ ۾ تو جهڙا بي بها صلاحيتن جا مالڪ پنهنجي قدرتي صلاحيتن ۽ ماحول کان بيپرواهه ٿيندا، ته نتيجا ائين ئي نقصان انگيز رهندا.

تون سيد آهين- سختي گرميءَ کي سهي، نئين فضا پيدا ڪرڻ ڄاڻين ٿو. تنهنجي خون ۾ اهو سڀڪجهه آهي، جيڪي ٻيا صدين ۾ نه سکي سگهن. ماڻهن جي خدمت گذاري ۽ دستگيري- اهو تنهنجو حقيقي ورثو آهي.

نياز آگين، محمد امين کوسو.

(١٧)

٥-٩-١٩٦٠ع

قبلا شاهه صاحب!

هڪ تازي نامي ۾، توهان کي پنهنجي زندگيءَ جي احوال لکڻ جو مشورو ڏنو هوم. اهو ڪتاب جيترو جلد ٿي سگهي، تيار ٿيڻ گهرجي. توهان جي زندگي، هڪ رواجي آدميءَ جي زندگي نه رهي آهي. عجيب معاملو آهي، پاڻ سراپا سنڌ آهيو، "سِنڌيت" جي اها تصوير، جا مٽائڻ وارن کي مٽائي ڇڏي؛ پر عمل جو هڪ اهڙو پهلو جنهن مان سنڌ صفا آخرين منزل تنزل تي بظاهر اچي پهچي! گويا توهان خود پنهنجي صورت ۽ شڪل مٽائڻ جو ڪم پاڻ ڪيو آهي. ٻيو ڪو

ماڻهو انهيءَ محاذ کي شايد ٽوڙڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي ها، جو بنده سنڌ جي نالي، نه پر ساري هندستان جي نالي، سنڌ بچاءَ جو بند تيار ڪيو هو.

توهان ڏٺو ۽ محسوس ڪيو هوندو، ته بندي ڪهڙا ڪهڙا جزا لڳاتار جدوجهد سان گڏ ڪيا هئا. اڳتي هلي، توهان جي امداد ۾ اسان جي فيڪٽريءَ مان تيار ڪيل ماڻهو، توهان کي ڪم آيا.

توهان جي حياتي "جناح" سان بحث ۽ مباحثي جو پهلو رڳو پيش نه ٿي ڪري. اهو ته هڪ سطحي پاسو آهي. اصل ته توهان خود جناح بنجي، سنڌ تي غضب جي صورت ۾ نازل ٿيا. پاڻ ڄاڻو ٿا ۽ پاڻ کي خبر اٿو ته ڪيتريون منٿون ۽ عاجزيون توهان کي باز آڻڻ ۾ خرچ ڪيم. پاڻ کي ئي نظر ايندو، رڳو پوئتي نهاريندؤ ته سنڌ ڇا مان ڇا بڻجي وڃي ها، جي رڳو ضد ڇڏي ڏيو ها. جمنا جي ڪناري، لعل قلعي تائين الهه بخش جي روپ ۾ سنڌي آواز کي، پيچ در پيچ رستن سان پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئاسون. آزاد ڪانفرنس، سواءِ الهه بخش جي هڪ فضول مجموعي جو نالو هو. بندو ڪانگريس جو نالي ماتر طرفدار ڪونه هو. بندو هڪ نرالي ۽ تازي، شگفته، ملڪ گير ۽ قوم ساز رنگ ڍنگ سان، ڪانگريس جي معاونت کي استعمال ڪري رهيو هو. خود توهان "مهنجا" هئا. ڪيتري نه اذيت ۽ تڪليف مان کي پهچندي هوندي، جڏهن توهان منهنجي عرض ڪيل ڳالهين کي نظرانداز ڪري ٻين سان شامل ٿيؤ.

مختصر هي ته "جي. ايم. سيد" جي سوانح حيات ۾، هن باغ بهشت سنڌ، جو نقشو ڏسڻ گهران ٿو. لکو، جلد لکو! "جي. ايم. سيد" موجوده تاريخ جو هڪ اهم باب آهي. پنهنجي حياتي لکڻ هڪ فريضو ڪري ڄاڻو. صحت جو خيال رکو. گهڻو راڳ به رڳن کي نرم ڪري ٿو. ڪنهن سُٺي يوناني

حڪيم جي معالج طرف ۾ متوجهه ٿيو.

معاف فرمائيندا، بندو توهان کي ماضيءَ جي اصل شڪل ڊيڪارڻ ۾ تردد ۽ پس و پيش نه ڪندو آهي، ڇو جو توهان وٽ مؤر خانه قلم ۾ آهي. سنڌ جهڙي ملڪ کي دوباره آباد ڪرڻ لاءِ اُنهن آدمين جي قلم مان نڪتل جواهر ريزن کي وڏو دخل هوندو، جن پنهنجي دل و دماغ ۽ خون جگر سان سنڌ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. ظاهر آهي ته انهي لحاظ کان توهان جو درجو تمام بلند آهي. قلم توهان جو ۽ نفسانو ۾ توهان جو، ته ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا ڪپي؟ صاحب هنر ۽ ميدان ڪارزار جا واقفڪار فنڪار آهيو. قلم ۽ جان جي بازيءَ جي هنرن کي هڪ ئي وجود ۾ قائم رکيو اٿو.

۽ "ليگيٽ" جو اثر توهان تي غالب آهي. اهو نڪتا چاڻي سگهو ته توهان کي ليگ ۾ اهميت ئي خود اُن ڪري ڏني ويئي، جو سنڌ تي توهان کان سواه قبضي ڪرڻ جو منصوبو مڪمل نه ٿي سگهي ها. اسان کان اهو درد ڀريو داستان ٻڌو. ايشيا ۾ قوميپرستيءَ جي آيار کي ڏکي ڏيڻ ۾ توهان جي اسان کان ٿُٽي وڃڻ (وقتي طرح ٿُي) کي وڏو دخل آهي. سنڌ تمام اهم خطو آهي. ان جي "اهميت" جو احساس افسوس اُن وقت توهان کي نه ٿيو.

تاريخ جي - ايم - سيد هميشه نم پيدا ڪندي آهي. هڪ عجيب موڙ، موقعي ۽ محل تي توهان کان لغزش ٿي ويئي، پوه ان کي سڌارڻ لاءِ ڇا نه ڪيو؟ اڄ به توهان جون تحريرون گواهي ڏيئن ٿيون. ۽ هرڪو شد شد.

- محمد امين کوسو.

(۱۸)

جيڪب آباد، ۱۱-۹-۱۹۶۰ع

قبلا شاهه صاحب!

گهٽي وقت کان وٺي اهو دستور ٿاهي ڇڏيو اٿر ته

کھڑي ۽ دنيوي مسئلي تي چوٽو آهي تہ توهان کي چوندو آهيان.
يادگيري ۾ تي زور ڏيندا تہ اِها روز روشن جيان توهان
کي نظر ايندي. بارها مشڪل ۽ مشڪل مسئلا ائين ئي حل
ڪيا اٿم. سطحي نگاهن سان ڏسبو تہ منهنجي توهان کي چوڻ
سان آن مقصد جو ڪو خاص واسطو نظر ڪونہ ايندو. پر ٽيو
ائين آهي تہ توهان راضي ٿي ويا، تہ معاملو حل ٿيو. بعض
مسئلن ۾ توهان انڪار نہ ڇڏيو تہ آن ۾ ڪامياب نہ ٿي.
جيتوڻيڪ ورهين کان پوءِ منهنجو ٿي پيش ڪيل معاملو صاف
۽ سچو نظر آيو. هاڻي چا لکان ۽ چا چوان؟ آن موضوع تي
بارها لکندو رهيو آهيان. هن وقت جيڪو مسئلو لکان ٿو، سو
آهي توهان جي گهڻ ڦرڻ بابت. توهان گهمو ڦرو. اهو هڪدم
ٿئي. ان ۾ دير نہ پوي. پنهنجي خيال کان، نہ تہ مان کي خوش
ڪرڻ جي خيال کان ائين ڪريو. مان کي سخت تڪليف
پهچندي آهي ۽ پهچي ٿي. توهان واسطو ڪهڙو نہ قريبي آهي!
صبر ۽ ضبط جون حدون مقرر آهن.
بدن کي تندرست رکڻ جا سمورا انتظام ڪريو.....
پنهنجي تندرستيءَ کي هڪ قسم جي "امانت" چاڻو.
ڪجهہ وقت اڳ " اي - جي - جي " Agent of
Governor General جوتار جو پتو ئي "بلوچستان" هوندو هو.
سندس ڪارن تي به "بلوچستان" لکيل هوندو هو. سنڌ هن
وقت في زمانہ نالو ئي هڪ آدميءَ جو آهي، اهو آهي "جي
- ايم - سيد"!

توهان جي عملي پروگرامن سان، ظاهر آهي تہ مان شامل
قطعاً ڪونہ آهيان. جي هجان ها، تہ اهو نہ ٿئي ها، جو ٿي
رهيو آهي. تدبر ۽ حڪمت عملي حضرت مولانا ٻيڙي جي
زباني ٻڌي، آن کي ڪنڌ ڏيئي ڇڏي اٿم. شڪستون کائڻ
سڀو عملي پهلو نہ آهي، تا وقتڪ ٻيو ڪو رستو ئي باقي
نہ رهي .....

توهان وٽ اچڻ جا مطالبا وڌا آهن دل ۾ پر اهو قبول نٿو ڪري سگهان. ڇو جو توهان جي گهمڻ ڦرڻ جي پروگرام جي بندش کي طبع پسند نٿي ڪري سگهي.

لفظ "بندش" به قلم کان نڪري نٿو سگهي. "سياست" خود توهان جي زندگيءَ جو هڪ پاسو آهي. اصل ۽ بنيادي طرح سنڌ جا سرويچ ۽ بهادر سيد آهيو. "سيديت". هر شيءَ تي غالب آهي. ضد به آن ۾ اچي وڃي ٿو. ضد شيطاني معنيٰ ۾ نه، خيال جو لاڙو هڪ طرف!

توهان ڏنو آهي ته ڪهڙي به اختلاف کي توهان سان تعلقات ۾ڇڻ جي اجازت نه ڏنم. توها سان ڪهڙا اختلاف؟ ڏنو خود توهان جي باري ۾ جهڪو بندي جو خيال مبارڪ پهرين ملاقات سان قائم ٿي ويو، انت صورت آها وڃي بيني. توهان جو اڳيون چوڻ ڪرڻ سڀ بيڪار ٿي ويا! اختلاف جا پهاڙ سڀ ڳري لڙهي ويا!! اچي آڻي بيٺا، جتي هڪ غريب ڳوٺاڻي "مريد قسم" جي ڪوسي عرض ڪيو هو!!!

شادم از زندگيءِ خويش ڪه ڪاري ڪردم

بنده، محمد امين ڪوسو.

## (۱۹)

انڙ واه، رياوي اسٽيشن، جهڪب آباد، ۱۰-۹-۱۹۶۰ع

ڪرمفرماه بنده شاهه صاحب!

صبح جي نماز جي دعا ۾ توهان جو ۽ هڪ ٻئي عزيز دوست جو خيال آيو.

توهان کي چوڻو آهي ته توهان پنهنجي گهمڻ ڦرڻ جو فورن بندوبست ڪريو. بندي جي طبع تي سخت گرانيءَ جو احساس آهي. پاڻ محبت پرست آدمي آهيو. توهان تي ڪاب سختي بندي کي تڪليف ڏيندي آهي. مصلحت بين هروپرو

کونہ آهيان. حضرت مولانا سنڌي رحم جـي مجاهدانہ صبر ۽ خاموشي سامهون اچـي ويندي آهـي. از راهہ بنده نوازي کا صورت کيو. توهان هر حالت کي قابو ۾ رکڻ جا راز ڄاڻندا آهيو. وڏيڪ بنده نصيحت نٿو ڪري، رڳو توجهہ ڏيارياڻ ٿو. الله طرف رجوع ٿيو. مجاهدہ، عبادتون ۽ رياضتون سڀ لفظ "سيد" ۾ سمايل آهن. بهادري، بيپرواهـي، استغنيٰ قيصروڪسريٰ کي ٿوڪر سان اڏائڻ، اهي سڀ معنائون لفظ "سيد" ۾ درج آهن. هن وقت سياسي "سنڌسن" ۾ آهي.

پنهنجي حفاظت بدني توهان تي فرض عين آهي. اسان کي ايترو بيوس، هيٺو ۽ ڪمزور نہ ٻڌايو ها، تہ پاڻ ڇو ائين ٿيو ها. ريب ترين ماڻهو انهيءَ لحاظ کان توهان جـو بندو آهي. هر حياو، هر حجت، توهان کي باز آڻڻ لاءِ ڪم ۾ آندم. ڇا ڇا نہ توهان کي چيم. منهنجي خيال ۾ ڪنهن ٻئي آدميءَ توهان سان ايتري گستاخي نہ ڪئي هوندي، جيتري بندي ڪئي. آهي. قريب قريب روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ منت زاري، عاجزي ۽ جهيڙا جهٽا ڪيم. پيا خوشامدڙيا پڇي پاسي ٿيا، کي ڪاڻي تہ کي ڪاڻي. جسم "سيد" جو سنڌ کي ڪم ڏيئي رهيو آهي. هاڻ بہ پاڻ ۽ اسان واسطي، پاڻ کو رستو ڳولي هٽ ڪر!

ـ محمد امين کوسو.

(۲۰)

آنڙ واهہ ريلوي اسٽيشن، ۲۱-۹-۱۹۶۰ع

قبلا شاهہ صاحب!

تون سنڌ جو سرمايو ۽ سنڌ جو اماهہ خزانو آهين. پاڻ انصاف ڪر تہ انهيءَ خزاني کي بچائڻ واسطي مان ڪهڙا نہ وس ۽ جتن ڪيا. هين کي منهنجي ڪوشش جو ڪهڙو پتو! سنڌ هن زماني جي لحاظ کان معنيٰ ڏر هڪ آدمي آهي، آهو تون آهين.

انهي "تون" کي محفوظ رکڻ لاءِ جيڪي منهنجي وس ۽ وت ۾ هو، ڪري ڇڏيم. ليگ ۾ اچي به توکي بچائڻ جي جهاد ۾ لڳي ويس. شڪارپور اليڪشن ۾ سنڌ جي حفاظت لاءِ شيخ صاحب کي وٺي اچي پهتس. شيخ صاحب سان منهنجي الفت جو به توکي پتو آهي. اها الفت سنڌ جي ڪم آئي، پر وقت گذرڻ کان پوءِ.

پر تون بيخود ٿي ويندڙ آدمي آهين، جيئن هاڻي به بيخوديءَ جو عالم اٿيئي. "آزاد خيال" يعني (Free Thinker) نه ٿيءُ. "ڪربلا" آزاد خيالن جو ڪارنامو هو. نبيءَ جو اولاد ٿيو ته ڇا ٿيو، رقت جي حڪومت جو دشمن ٿي! حضرت امام جي مقابلي ۾ اچي، ٻيئي جهان پنهنجا ڪارا ڪيائون، ۽ اسلام کي اهڙو ڌڪ هنيائون، جو اڃا تائين اُن زخم جو اثر باقي آهي.

هڪ مقرر راهه، هڪ معين فڪر ۽ عمل - اهو آهي اسلام. واعظ هجڻ مان به راهه ورسم عاشقيءَ جي آگاهه جو ڪم آهي.

احوال ڏيندو ڪر. تنهنجا خط محض خط ته ڪونه هوندا آهن. اسان جي لاڳاپي به ڪئين طوفان ۽ ڪئين مقابلا ڏٺا.

زيارت لاءِ بيتاب آهيان. پر موجوده حالتون قبول ڪري ڪونه ٿو سگهان. توکي اُنهن حالن ۾ ڏسي، دل جي برداشت ۽ صبر جواب ڏيئي ٿا ڇڏين.

دل هي تو هے نه سنگ وخشت،
درد سي ڀر آئے نه ڪيون!

ضبط ۽ صبر جي حدن کان ٽپي پوڻ به انساني خاصو آهي. مان کي انهيءَ آزمائش ۾ نه وجهه!

مان لاءِ دعا گهرندو ڪر. -محمد امين کوسو.

(٢١)

٣٠-٩-١٩٦٠ع

قبلا شاهہ صاحب!

محبت آميز خط مليو. اچي نڪرندس.

توهان سان رشتو اهڙو ٺاهي ڇڏيو اٿم، جو دوري ٿيندي ئي ڪانہ آهي. ڪيڏن اختلافن هوندي، توهان جو گهر بندي کان نہ ڇٽو.

اسان جي زندگي، رواجي زندگي نہ رهي آهي. افسوس، توهان وقتي ۽ هنگامي جوش ڪري بندي جون بنيادي صلاحون نہ ٻڌيون. تاريخ ۾ اهي ڳالهيون اچن يا نہ اچن، پر مان صاف ۽ واضح نموني ۾ محبت ۽ دوستيءَ جو واسطو ڏيئي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ڏينهن جا ڏينهن، مهينن جا مهينا، توهان سان ٻئي مٿو ماريو آهي. منهنجي لاءِ ڪابہ ڳالهہ، ان لحاظ کان تعجب انگيز نہ آهي. هڪ نہ ٻئي نموني، اُن تي راءِ جو اظهار ڪري ڇڏيو اٿم. رهي مجذوبيت — منهنجي مجذوبيت، هڪ شخصي مجذوبيت هوندي. توهان جي مجذوبيت تہ ڍينگائي ڍيري ڪري ڇڏيا. نہ رهي بانس، نہ وڄي بانسري. نہ رهي سنڌ، نہ سنڌ جا هندو، نہ سنڌ جا مسلمان، سڀ فنا!

حسن ۽ عشق جو مسئلو چيڙيو اٿو. سنڌ آهي ئي حُسن ۽ عشق جي وادي. سهڻا صوفي، ڪامل فقير، چپي چپي تي موجود رهيا آهن. حسن ۽ رعنائي تہ سنڌ جو خاصو آهي. فقيرن جا احوال بہ گڏ ڪريو. ڪيئي برگزيدہ الله وارا ٿي گذريا آهن، جن تي ڪوبہ مفصل مضمون ڪونہ ٿو لڀي. درگاهن ۽ خانقاهن تي رڳو رسمي عقيدتمنديءَ جو اظهار ٿئي ٿو، باقي انهن درويشن جي اصليت عيان ڪانہ ٿي ٿئي. توهان قلم کڻو ۽ لکو.

فڪر اسلامي ئي پنهنجو ڪريو. توهان جهڙي مدبر ۽ قوم‌ساز لاءِ اهو ضروري آهي. باقي ٻاهريان لباس ڪهڙا به هجن. "دست به ڪار دل به يار." دين جي تبليغ بنهنجو پيدائشي حق ۽ خاصو آهي. دين جو رشتو، جي قائم ٿي نه سگهيو، ته پوءِ طاقت هٿ آئي، ته اُن جو استعمال ظاهر "يزيدي ۽ نمرودي" ٿيندو. سڀ خوبيون دين ۾ آهن. پر دين زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ٽنگيل ڪونه آهي، ۽ نه وري پنهنجي وهم ۽ گمان جو نالو آهي. دين هڪ معين عقيدو، معين راهه عمل جي چوکاٽ ۾ سمويل آهي. نه هي سياست آهي، ۽ نه وري سياست سان اُن جو واسطو نه به آهي. دين همه گير ۽ عالمگير به آهي. انهيءَ جي جائز تقاضائن کي توجهڙو مسلمانن جي هڪ وڏي گروه جو سرغنو، خود با عمل، سخت‌ڪيش، جان‌باز مجاهد ڄاڻي سگهي ٿو.

حيات انساني سياست جو ٻيو نالو آهي، پر اها رواجي حڪومت واري نه— حڪومتون ڦرنديون رهنديون— ديني سياست جيڪا حيات انسانيت تي اثر انگيز آهي، سا دائم ۽ قائم رهندي. توهان جهڙا اثر انگيز آدمي، ملڪن ۽ قومن ۾ ڪي جزوي ٿيا ۽ آهن، جڏهن جڏهن اُنهن پنهنجن اهڙن دوستن جو چيو نه مڃيو آهي جهڙوڪ بندو، ته اُن جو نتيجو هميشه ائين ئي پٽي نڪتو آهي. توهان جي همت، استقلال، ۽ مردانگيءَ ۾ ڪهڙو شڪ آهي. بندو ڪڏهن به، گهڻي وقت کان وٺي، توهان جي پروگرامن جي اصولن کي ڇڏي، طريقي ڪار سان متفق نه رهيو آهي. انهن نقصانڪار طريقي ڪارن جا ظاهر نتيجا وقتي شڪست ۾ پئي ظاهر ٿيا آهن.

منهنجي ۽ توهان جي گفتگو قوم سازيءَ سان واسطو رکندڙ هئي. سنڌ اسيمبليءَ اندر جڏهن بيوقوف هندن کي سنڌ مان ڪڍي ڇڏڻ جو توهان دڙڪو ڏنو هو، تڏهن بنده اڪيلي

آدميءَ اُتي چيو ته "تاريخ جا ورق الٽجي رهيا آهن."

مان خطرناڪ عملي آدمي آهيان ۽ حضرت مولانا ٻيڙي عبيدالله جو سوزوگداز ورثي ۾ آيل اٿم. هڪ تر به منهنجي اصل ڳالهه ۾ فرق نه آيو آهي. افسوس ته اهو آهي، جو بارها تجربن کان پوءِ به توهان اهو ضروري نه ڄاتو ته بندي جي راءِ ورتي وڃي.

مان عافيت پسند آدمي ڪونه آهيان. مالي حالتون، زماني ۾ رهندڙن جون درست ۽ ٺيڪ رهنديون آهن. مان عيبن ۽ ثوابن سان هڪ مقصد ۽ خيال جو ترجمان رهيو آهيان. وقتي ترميمون ٿينديون رهيون آهن، پر مدعا ۽ مقصد ساڳيو. اهڙا آدمي يا ائين رهندا آهن جيئن تون رهين ٿو؛ يا ائين رهندا آهن، جو ڦاسين جي تختن تي يا گمناميءَ ۾ بُک ۽ اُڃ جي وگهي مرندا آهن؛ يا وري ظاهري ڪامرانيون به پسند ڪندا آهن- پر هر حالت ۾ اُنهن پنهنجي اصلوڪي انجام کان منهن نه موڙيو.

اها تپش ۽ حرارت به حُسن جو هڪ تجلو ۽ ڪرڻو آهي. بدصورت ۽ بڇڙيءَ شيءِ کان نفرت، حسن واري ۽ موزون شيءِ جي طلب. هر آدميءَ واسطي بک ۽ ڏولاوا ڪٿي، هر آدميءَ واسطي ويرانا، جهنگل ۽ پهاڙ ڪٿي؟ هر آدميءَ واسطي پنجن پيرن شڪارپور، ۾ شهادت جو جامو پهري، آرام وٺڻ ڪٿي؟- تون پاڻ هڪ زنده جاويد شعلو آهين. جي-ايم-سيد، تون هروقت پيدا ڪونه ٿيندو آهين!

.....

پنهنجيءَ حياتيءَ بابت به لکو. عجيب تاريخ آهي اها به- ذاتي دوستيون ۽ وري هنگامه خيز ملڪي معاملا! جهڙي نموني سان شايع ٿئي، جلد شايع ٿئي. پر تصوير جو هڪ رخ پيش نه ڪريو. ليگ ۽ جناح، سنڌ ۾، منهنجي زبردست مخالفت هوندي تو آندا. هڪ هڪ انچ تي مقابلو ڪيم. سڀ هڪ

طرف۔ سيٺ هارون، گڏر، شيخ صاحب، کهڙو، راشدي، مطلب
ته سواه بندي جي، سڀ هڪ طرف. هڪ آدمي جيترو ڪري
سگهندو آهي، سو ڪيم. شهيدن جي رت سندڪي بچائڻ خاطر
ڏنيم. هت به عشق آهي ..... هي خط نه ٿيو، هڪ
دستاويز مرتب ٿيو.

در بزم تو مئي خيزد افسانه ز افساذ!

۔محمد امين کوسو.

# جي.ايم. سيد جا خط

## (۱)

سن، ۱۰-۳-۱۹۴۷ع

محبيم ميان محمد امين خان!

السلام عليڪم:- اوهان جو نوازشنامو پهتو. مهرباني! اليڪشن جو معاملو جهونو ٿي ويو آهي. مومن کي ۲۴ ڪلاڪن کان بعد ڪاوڙ دل ۾ رکڻ نه گهرجي. آن کڙي اميد ته اِن مسئلي کي درگذر ڪندا، ڪشاده دلي سان!

۲- پير صاحب پرچوندي جي لاءِ مون کي هميشه عزت ۽ احترام ٻڌي رهيو آهي. سندس بزرگي ۽ شرافت ڪري هڪ طرف، ۽ پير صاحب پاڪاري کان بعد سياسي طاقت جي مالڪ ٿيڻ ڪري ٻئي طرف.

بدقسمتي سان پير صاحب پاڪارو ڪانگريس پليان چڪجي ويو. نه پاڻ نفعو حاصل ڪيائين، ۽ نه ملڪ کي نفعي طرف رجوع ڪيائين. ڪيس صحيح ۽ سالم دماغن جي مدد سان گهر ٿاهڻ ڪپندو هو، ٻوه ٻئي جي مدد حاصل ڪري سگهي ها. پير صاحب پرچوندي، وري ٻئي طرف ليگ ڏانهن چڪجي وبا آهن، جا ساڳي غلطي آهي. گهر ٿاهڻ کان سواءِ سياڪاهون بيڪار آهن. سنڌ کي باهر جي ليڊرشپ جو تابع رکڻ منهنجي غيرت گوارا نه ڪندي.

مسٽر جناح، سندس حوارين ۽ موجوده ليگ جي پاليسيءَ کي آڏ اسلام، مسلمانن ۽ سنڌ لاءِ زهر قاتل مطابق صحيحان ٿو. هيءَ سارو ڊنگ عارضي ۽ ٿوري وقت جو مهمان آهي. پير صاحب قبلي جن مرضيءَ جا مالڪ آهن. سندن ليڊري قبول

ڪري سگهبي، ڇاڪاڻ ته اسلامي ۽ سنڌي آهي؛ ۽ نه جناح جي، جا غير اسلامي ۽ غير سنڌي آهي.

٣- اوهان گهڻو وقت ڪراچيءَ ۾ رهي، هروڀرو خرچ نه ڪريو. ڳوٺ وڃو، ڳوٺن ۾ ڪم ڪريو.

٤- آءٌ ڪجهه وقت لاءِ آرام وٺڻ گهران ٿو. سياست ۽ سياسي مسئلن لاءِ گهڻائي ماڻهو آهن.

مون ماڙيءَ جو سومرا، ٻنهي پارين ڏک
هت عمر جو اهک، هت مارو ڏينم ميهڻا!

زياده خير و السلام، غلام مرتضيٰ.

(٢)

٣١-٣-١٩٥٢ع

برادرم ميان محمد امين کوسه!

السلام عليڪم: اوهان کان موڪلائي، جهاز ۾ روانا ٿياسون. ڏهين بجي ڌاري جهاز بحرين ۾ لٿو، ۽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اُتان نڪري ساڍي ٽين بجي رات جو سائپرس ۾ لٿاسون. اڳي هي جهاز ڪيرو مان ويندو هو، ليڪن جنهن صورت ۾ هيءَ انگريزي ڪمپني هئي، ۽ مصر ۽ انگريزن جو ڌاهه نه آهي، اُن ڪري رستو ڦيرايو اٿن. چئين بجي ڌاري سائپرس مان اڏامي، ترڪيءَ جي ٽڪر ۽ يونان جي مٿان اڏامي، ١١ بجي ڌاري اٽليءَ ۾ روم جي هوائي اڏي تي لٿاسون. جتان جهاز بدلائي روانا ٿياسون ۽ ٿورو وقت ميدان ۾ لهي، پوءِ، آلپس جبل جي مٿان برف جو نظارو ڏسندا، شام جو ساڍي ٽين وڳي زورق ۾ آيا آهيون. ملڪ عجيب آهي. تعريف ڪرڻ، اوهان کي پنهنجي ملڪ جي ڪسمپرسيءَ تي جوش ڏيارڻ برابر ٿيندو. اُن ڪري وڌيڪ ڪجهه ڪونه ٿو لکان. سڀان، اول خيرپراگ ويندا سون. اُتان پرينهنءَ انشاءالله ماسڪو روانا ٿينداسون.

اوهان بعضي شڪايت ڪندا آهيو تہ اوهان جي پوري حاضري نہ ٿي ڏني وڃي. آن لاءِ جواب هيءُ آهي تہ خوشامد ڪبي آهي آنهن مائهن جي، جي آن تي راضي ٿين. اوهان جي دوستي ۽ دشمني خداڪارڻ هڻڻ ڪري، انهن خيالن کان بعيد آهي. البت سستي، ۽ بقول اوهان، چنڊ و خاني جي ڪثرت ملاقاتن ڪري، جيڪڏهن پوريءَ طرح اوهان جي محبتي ملاقاتن جي موٽ نہ ٿو ڪري سگهان، تہ اميد تہ اوهان پنهنجي فراخدلي ڪري آن کي درگذر ڪندا رهندا.

سلام جناب شيخ صاحب ۽ هين صيني ملاقاتين کي ڏيندا.
اميد تہ خوش خورم هوندا. -غلام مرتضيٰ.

[نوٽ: ولايت وڃڻ وقت، ڪوسي صاحب ڪي هيءُ خط لکيو اٿم، زورق، سوئيٽز رلئنڊ، مان]

(٣)

ڪراچي، ١٣-١-١٩٥٤ع.

السلام عليڪم: عبدالصمد خان هن وقت تائين آزاد ٿي ڦري آهي. هين بابت ڪوشش ڪبي. شاهزادي عبدالڪريم بابت، شايد پاڻس کان سواه ڪير هوري نہ ٿي سگهي.

اميد تہ خوش و خورم هوندا. زياده خيروالسلام،
غلام مرتضيٰ.

(٤)

ڪراچي، ٣٠-٧-١٩٥٤ع.

السلام عليڪم: آڳوٺ هوس ۽ طبيعت ٺيڪ نہ هئي. ڪالهہ شام جو ڪراچيءَ اچڻ بعد، اوهان جا ٻيئي خط خان عبدالصمد خان جي خطن سميت گڏ پڙهيم.

خان ۽ لسان، جملي هڪ قطار ۾ آهون، موجوده حڪام

جي نظر ۾. بهرحال سنگت لاءِ حتي الامڪان جيڪي ٿي سگهندو، ڪبو، ليڪن، حال ته امڪان اهو ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته سموري سنگت کي شايد تڪليف، پهچائجن.

۲- ڪهڙي مختيارڪار اوهان جي ملڪيت مان ڏل وصول ڪئي آهي؟ خان بادشاهه اڄ مليو. طبيعت پوري ٺيڪ نه اٿس، پر خوش آهي. خدا، شال! انهن بزرگن جي حياتي دراز ڪري. سوڪڙي آهن. هتي قدر ڪندڙ جو آهي. اشرافن جي اڇڪلهه پڇا گهٽ آهي.

توکي سڀ سنگت ياد ڪري ٿي. زياده خير والسلام،
غلام مرتضيٰ

(۵)

سينٽرل جيل، ڪراچي، ۳-۱-۱۹۵۵ع.

برادرم محمد امين!

السلام عليڪم: اوهان جي ياد آوري لاءِ شڪريو! آءٌ خوش آهيان. اميد ته اوهان به خوش هوندا.

مون سڀني دوستن کي چيو آهي ته هتي خط پٽڻ نه لکن. سبب ڏيڻ جي ضرورت نه آهي. موسم خراب آهي، هرويرو پاڻ کي تڪليف ۾ نه وجهن. اميد ته خوش هوندا.

—زياده خير و السلام، غلام مرتضيٰ.

(۶)

سن، ۲۸-۸-۱۹۶۰ع

برادرم عزيز ميان محمد امين!

السلام عليڪم: اوهان جو خط گهڻي وقت کان پوءِ ٻهتو. اندر ته پهچندا رهندا هئا. مجذوبيت نمايان طرح منجهانئس ظاهر ٿئي ٿي، جنهن ۾ ڪيئي جواهرريزه مثيءَ ۾ مليل، باريڪ بين نظرن کي ڏسڻ ۾ پيا اچن.

گهڻو وقت ٿيو آهي، ملاقات نه ٿي آهي. خبر نه آهي مالي حالت ڪٿي بيٺي اٿو. عمر وڏي ٿيڻ ڪري ۽ خوبروين جي ماحول کان پري هئڻ ڪري، حليي مبارڪ کي ڪهڙي رونق وٺائي اٿو.

اوهان جا سڀ خط فائيل ۾ گڏ ڪري رکيا ويا آهن.

هڪ طِرف طبيعت ٺيڪ نه ٿي رهي. دل ۽ پيٽ جي تڪليف وقت به وقت ستائي رهي آهي. ٻيو ڏهه مهينا اندر گذارڻ بعد ٻه سال يڪو ڳوٺ ۾، سوبه سمورو وقت اندر جاءِ تي رهڻ، ذرا گران پيو نظر اچي. پر نااميديءَ مان اميد جو ترورو نظر اچي، زندگيءَ جو سهارو بنيو بيٺو آهي.

هان م شو نااميد چون واقف نئي از سر غيب،
باشند اندر پرده بازيهائي پنهان، غم مخور.
(حافظ)

سياست ۾ سڌي اڻسڌيءَ طرح حصو وٺڻ کان منع آهي، جنهن ۾ لکڻ، ڳالهائڻ، بلڪ خيال ڪرڻ به اچي وڃن ٿا. اُن ڪري اوهان جي لکيل حقيقتن جي جواب ڏيڻ کان قاصر آهيان. هاڻ سمورو وقت پڙهڻ، ادبي ۽ ثقافتي ڳالهين تي فڪر ڪرڻ ۾ گذري ٿو. جي اُن جا شائق هجو، ته فرصت ۾ ملاقات ڪرائي وڃو. راڳ خاص طور تي وندر جو ڪارڻ بنجي ٿو.

"بدم گفتي و خورسندم تعاليالله نڪو گفتي" واري مصرع، ماحول ۽ واقعو ياد اٿو! زنده دلي هزار نعمت آهي.

اميد ته خوش هوندا

سلام سڀني دوستن کي رسن.

—زياده خير و السلام،

غلام مرتضيٰ.

# فصل ٽيون

## خط سال ١٩٦٥ع جا

هن فصل ۾ مرحوم محمد امين جي موڪليل ١٠٢ خطن مان ٦٨ خطن جو اختصار، ۽ سائين جي. ايم. سيد، جا ٩ خط ڏجن ٿا. (مرتب)

[نوٽ: ١٩٦٠ع کان ١٩٦٥ع تائين، آڳ جيل ۽ نظربندين جي حوالي هوس. حالت هيءَ هئي، جو جسم نظربند، زبان تي تالا ۽ قلم تي سنسرشپ لاگو هئي. تنهنڪري، برادرم مهان محمد امين خط و ڪتابت نه ڪري سگهيو. دردُ دل ۾ سانڍيندو رهيو، جو ٽيٽ ١٩٦٥ع ۾، جڏهن به آڳ نظربند هئس، برندڙ جبل جهان ڪالسي، "لاوي" جي صورت ۾، هن خطن ذريعي ظاهر ٿيو. هن هڪ سال ۾ ڪهڙائي خط لکيائين، پر سون وٽ ١٠٢ خط محفوظ ٿي سگهيا.

مرحوم جا خط اهڙا دل آويز آهن، جو هوند جملي پيش ڪجن، پر هيٺين ڪن سببن ڪري، اختصار تي اڪتفا ڪجي ٿي:

(١) مواد جي ڪهڙائيءَ ڪري، جملي خطن جو چڀڻ مشڪل ٿي پوي ها.

(٢) اڇڪلهه پنهنجو ۽ ڇپائي، گران ٿيڻ ڪري، خرچ تمام وڌي وڃي ها.

(٣) اڪثر ماڻهو، وڏن ڪتابن ۽ ڪهڙي مواد پڙهڻ جا عادي نه آهن. وقت جي ڪهڙائيءَ ڪري، نندا مضمون پڙهڻ پسند ڪن ٿا.

جيڪڏهن خدا گهريو، ۽ ملڪ آزاد ٿيو، تہ هي سڀ خط ڇپجي، پڌرا ٿي سگهندا.

هنن خطن ۾، سنڌ سان ٿيل ظلمن جي ترجماني ڪيل آهي.

—جي- ايم- سيد]

## خط (I)

جيڪب آباد، (ٻنان تاريخ)

حضرت جي- ايم- شاهہ!

۔ هت هڪ ادبي ڪانفرنس جي زبردستي مشاعرو ٿي رهيو هو، حيدرآباد. جو ڊاڪٽر ابراهيم "خليل" ۽ سردار علي شاهہ، موجود هئا. ماهرالقادري صاحب به هيو. بندي سائن جمالي هائوس ۾ ملاقاتون ڪيون. تنهنجو ۽ شيخ صاحب جو نالو ٻڌي ورتم، ۽ "ساري" فضا کي آزادي" ۽ حريت جي پيغام سان ٻڌي معمور ڪيم.

جي- ايم- سيد ۽ شيخ صاحب جو حليو رڳو بين نہ بگاڙيو آهي، هنن خود پاڻ سان هر نموني سان به ظلم و ستم گهٽ ڪونہ ڪيو آهي. ۽ مان جيڪا سندن تصوير پيش پيو ڪريان، سائي سندن اصلي صورت ۽ شڪل هئي. اهي ٻہ نالا ڪيي ڇڏجن، تہ سنڌ سيد غلام رسول شاهہ جيلاني" جي وڃي ٿي بچي. ان کان وڌيڪ، اڳ ۾ تباهہ حال ٿيل سنڌ سان ايڏو وبل مان ڪرڻ لاه هرگز تيار نہ آهيان.

اڳ ۾ لکيو اٿم، سنڌ جي آدمشماري ڏي عدد انسان، جي- ايم- سيد، فخر سنڌ ۽ هند شيخ عبدالمجيد سندي ۽ هي بندو، جنهن خطي ۾ تو ۽ شيخ صاحب پارا هجن، آڻهي" جي قسمت اڄ نہ سيائي ضرور روشن ٿيندي. يورپ، روس، آمريڪا وغيره جي مادي ترقين کان فائدو وٺجي، ۽ پنهنجي اصلي سرمائي کي تہ ضايع نہ ڪجي.

انسان محض فاني ۽ لابقا شيءَ ڪانه آهي. هن جي ساخت ۾ اهڙو جزو به ته آهي، جو آبدي ۽ ازلي آهي. اُن ابدي ۽ ازلي جزي کي نظر انداز ڪمو ته معاملو ڪجهه به نه بڻندو. انسانيت جي اِن ابدي ۽ ازلي جزي جو فروغ اسلام جو پيغام آهي، جو ساريءَ انسانيت واسطي سڀني وقتن لاءِ آهي.

..... سيني ۾ دل ته داغدار آهي، هڪ اهڙي جذبي سان، جيڪو لافاني آهي. آهي داغ، اهو سينو ۽ آها دل، يورپ، روس ۽ مغرب جي ڪارخانن جي محتاج نه آهي.

تون سياسي طرح خريد ٿي نه سگهين ٿو، اهو اِن ڪري ڪونه هو، جو تون يورپ، آمريڪا، روس ۽ چين کان اهو سبق سکي آئين، پر آهو اِن ڪري آهي، جو تو ۾ آهو ابدي ۽ ازلي جزو موجود آهي. ..... يورپ جي سحرڪارين ۾، حيات انسانيءَ جو راز لڪل ڪونه آهي. ها، دنيوي ترقيءَ جا ڪي دلفريب منظر هوندا. اصلي راز سياسي معنيٰ ۾ کولينڊڙ تون سن جو ويٺل سيدزادو آهين. دنيا جي دلفريبين کي به ڏسجي، ڇو جو اُنهن ۾ به قدرت جي ڪرشمي سازيءَ جو ڪونه ڪو جزو سمايل آهي. پر اصل انساني راز ته محمد عربي صلعم جي عظمت اڳيان عاجزي ۽ هيڻائيءَ سان لکين ڪروڙين دفعا سجدن ڪرڻ ۾ آهي— تون انهيءَ عظمت جي هڪ نشاني آهين. جيتوڻيڪ اُن جو مڪمل احساس توکي نه هجي، پر توکي باطل دٻائي نه سگهندو.....

—محمد امين کوسو

(٢)

عزيز آباد، انڙ واهه، ضلعو جيڪب آباد، (بنان تاريخ)

بخدمت قبلا سيد جي- ايم- شاهه صاحب!

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته!

هونئن ته تنهنجي ياد رهندي آهي، پر اڄڪلهه دل ٽپا

ڏئي ٿي، ته آڏري ڪري به تو وٽ پهچي وڃان. خيال ڪيم ته توکي تار ڪري، تنهنجي طبيعت جو احوال معلوم ڪريان. تو هن وقت تائين پاڻ ساڻ منهنجي نيازمنديءَ جي گهراين جو احساس به نه ڪيو. آهي پاڻ کي چورائيندو ته محبت‌پرست آهين، پر محبت وارن سان تنهنجو پلئه پورو نه اٽڪيو آهي.

شنيده ڪي بود مانند ديده

رڳو منهنجا طواف پنهنجي جاءِ جا ياد رکي سگهين، ته معلوم ڪري وڃين ته الفت ۽ نيازمندين جا ڪيڏا نه طوفان مان کي تو وٽ گهلي ايندا هئا. الهه بخش ته هو به منهنجو هڪ محبوب قسم جو يار، پر تو سان ۽ شيخ صاحب سان جيڪي لاڳاپا مان پاڻ قائم ڪيا آهن، اُن جو احساس توهان ٻنهي کي پوريءَ طرح نه آهي .....

شيخ صاحب ۽ جي- ايم- سيد پارن سان بلا جي محبت هوندي به سندن غلط سياسي قدمن جي اعلانيه مخالفت ڪئي اٿم. ....

..... شيخ صاحب غلطيون ته ضرور ڪيون آهن، پر سياست ۾ ٽن چئن سون سالن ۾ ايشيا ته ڇا، دنيا ۾ اهڙي پايي جو آدمي ته ڪو مان کي ڏيکاري! ٻيو جي- ايم- سيد — نالي وٺڻ سان سياسي باطل پرستين ۾ لرزو پيدا ٿي وڃي ٿو

---

حيدرآباد کان مس جناح سکر ويئي ته شيخ صاحب جي خدمت ۾ ڀرڳڙي صاحب جي موٽر تي مان به ويس. هزارين احمق آدمي اچي ڪٺا ٿيا هئا ..... هن هل هنگامي ۾ دل تي ياد ئي تنهنجي هئي. چنانچ جيڪو سامهون واقفڪار آيو، اُن سان تو بابت پئي ڳالهايم. شمس الدين شاهه وڪيل مليو، هو ته مس جناح جون تعريفون ڪرڻ جي ڪم ۾ مستغرق هو، مان تو بابت افسانو شروع ڪيو. ڪجا مس جناح ڪجا جي. ايم. سيد! ..... تو پاري کي نظربندين ۾ ڏسڻ جو ڏک ۽ افسوس جيڪو مان کي ٿئي ٿو، اُن جو

احساس ٿو ڪر..... تو پنهنجي مقابلي لاءِ "ڪنڊ ۽ ماڪوڙا" پاڻ کي بچائي ڇڏيا! ماڪوڙن ۽ ڪنڊن کان پاڻ کي بچائڻ، ڪانڊن جي ۽ ڪوڙي سياست آهي؟ دنيا جي تاريخ اهڙن دورن سان پريل آهي. جاتي اهلي اولي العزم آدمين پنهنجي تا اهل حڪمرانن کان سختيون سٺيون، زهر جا پيالا پيتا، قاسيءَ ۽ سوريءَ ني چڙهيا، قيد ۽ بند جون صعوبتون سٺيون، آتي اهڙا به آن کان وڌيڪ سياڻا هٿ، جن هڪ ڪوشائتي هٿ ۽ ويهي ڪري، قومن کي بچائڻ جو ڪم ڪيو. حق لاءِ مرڻ شهادت آهي، ته جيئڻ به جهاد آهي. تنهنجو پابندين ۽ نه هجڻ ئي سنڌ جي وڏي ۽ وڏي خدمت آهي. ٻيا جيلن ۽ وڃي، اهو ڪجهه نه ڪري سگهندا، جيڪو تون سنڌ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين وڃي، ڪري سگهندو آهين. توکي جيلن ۽ پوڻ جو دڳ ڏسيو جنهن، تنهن غلط نسخو ڏسيوا.....

..... منهنجا خط توڏي صرف هڪ موضوع تي آهن. آهو آهي تنهنجي ئي شخصيت ۽ تنهنجا ئي ڪارنامان! "من بتو، تو، به عمر و زيد!" تون پاشاني، بادشاهه خان، پڙهندو رهه، مان جي - ايم - سيد چوندو رهان— آهي ته ظلم ۽ ويل مان محمد امين کوسي مسڪين سان!

چڱو خدا حافظ - من کا گالهه مڃي وڃهون!
دعا طلب، محمدامين کوسو.

(٣)

جهڪب آباد، لوڪلبورڊ آفيس، ١٦-٧-١٩٦٥ع
قبلا شاهه صاحب جي - ايم شاهه صاحب!

يادم نمي ڪني وز يادم نمي روي،
عمرت دراز باد فراموش گار من!

مهدي شاهه صاحب جي ديرينه حڪمنامي جي پيرويءَ ۾ اڄ هت لوڪلبوڊ آفيس ۾ سندس روبرو حاضريءَ ۾ ويٺو آهيان. سندس، آجيان طور ڏنل "سيون اپ" هضم ڪرڻ کان اڳ، توهان جو نالو مبارڪ زبان تي آيو، ۽ هاڻي وري هيءَ عريضو سندس ئي ميز تي، سندس ئي سامهون، سندس ڏنل پني تي لکي رهيو آهيان.

بابا، سيد سونهارا! جهان الله جو هونئن ته تمام وسيع آهي، پر انسانن جي باري ۾ قدرت تمام ٿورن کي ئي نوازيندي آهي، ته آهي بقاي دوام حاصل ڪن. ساريءَ انساني تاريخ ۾ جيڪي برگزيده آدمي، هر دور ۾، هر شعبهء حيات ۾ ٿي گذريا آهن، اُنهن مان تون به هڪ آهين.

الله جو اهو به مان مسڪين تي احسان آهي، جو توسان به نيازمندي اهڙي اٿم، جو اُن ۾ ٻيو ڪوبه شريڪ ڪونه آهي. تون ۽ شيخ صاحب، في زمانه، سنڌ آهيو. ٻنهي سان نيازمندي لاشريڪ غيري اٿم.

سنڌ وارن ۾ نه شعور آهي، نه عقل آهي، نه فهم؛ ورنه سڀ ڪجهه آسانيءَ سان سنڌ جي برتريءَ بابت، رڳو ٻن آدمين جي نالن جي تڪرار سان حاصل ڪري سگهندا. اهي ٻه نالا آهن: شيخ صاحب ۽ تون.

اڃا تائين توتي بندشون ڇو آهن؟

طبع جو ڪهڙو حال آهي؟ هر وقت، تنهنجي حضور ۾ اچڻ لاءِ تياريون آهن. الله جلد ديدار نصيب ڪري. دعائون ڪندو ڪر. بندي کي هر وقت، هردم ياد آهيو!

لکندو ڪر. تو وارا خط، رڳو خط ته ڪونه هوندا آهن.

— محمد امين کوسو

(٤)

عزيزآباد، انڙ واهه، ضلع جيڪب آباد، ١١-١٠-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي. ايم. شاهه صاحب!

السلام عليڪم ورحمت الله وبرڪاته،

..... ڪالهوڪي خط ۾ ڪنهن هنڌ تي هڪ فقرو آيو ته جيڪو تو جي. ايم. شاهه سان وير رکندو، تباهه ٿي ويندو.

سنڌ جي ڪم فهم واڻين جي تباهيءَ جو سبب، هڪ منهنجي سائين مٺي محبوب سان دشمني، ٻيو توسان عداوت! توسان تنهنجي راين ۾ اختلاف ڪن ها، پر توسان وير؟ـ توسان سخت ترين لفظن ۾ اختلاف به مان ئي ڪيو، پر جڏهن الهه بخش کان اها غلطي ڪرائي ويئي ته توکي قيد ڪن، ته شينهن جيان مٿس حملي آور ٿيس. مان چيو ته "توکي ٻه رستا ٻڌايان ٿو: هڪ ته جي ايم کي هڪدم آزاد ڪر، يا مان کي ساڻس گڏ هڪ ئي هنڌ قيد ڪر، ٽيون رستو مان وٽ ڪونه آهي!.... مان حاجي صاحب مرحوم [يعني حاجي محمد عمر، الهه بخش جي والد] جو غلام ته ڪونه آهيان، جو تنهنجي گهر جا طواف ڪندو رهندو آهيان، ۽ جي. ايم. شاهه کي به قيد توکان ٿيندو ڏسان؟" .....

تو چيو، "هندو سنڌ مان نڪري ويندا." مان ئي آٿي فرمايو ته "بيشڪ ائين ئي ٿي ويو!" سنڌ اسيمبليءَ جو هال آن تي گواهيون ڏيندو. منهنجو ساهه سڪي ويو هو، ته شاهه ڪري ڇا ٿو؟ هت تي هڪ اهڙي تاريخ ٺاهي ٿو، جنهن ۾ اسان سنڌين کي ٻيا قبضي هيٺ قيد ڪري رکندا! مان مسڪين توسان ڪهڙا نه جتن ڪيا؟ مطلب هو ته "بابا سيد سونهارا! هٺ کان هيٺ لهه. اها تحريڪ ته ڪانه ٿو هلائين، پر رڳو ٺاهين ٿو آها سياست، جنهن ۾ سڀ کان اول تون پاڻ خود ڏکيو ٿيندين!"

هڪ ڏينهن، گوپال سپاهيملائي، پنهنجو هاريءَ وارو وڪيل دوست، ٽون وٽ وڃي آيو هئس. عبدالقادر هاري (ڪامريڊ) سائ هو. الله جنت نصيب ڪريس، منهنجو حقيقي يار هو ـــ ..... آن وقت تو وٽ هڪ ڪتاب (Pakistan, A Nation) زير مطالع هو، تو دروازو بند ڪري، جوش ۾ اچي، مان کي قائل ڪرڻ واري تقرير ڪئي. مان عرض ڪيو ته: برابر "پاڪستان اي نيشن" (پاڪستان هڪ قوم) ته ٿي، ۽ توکي سڀ کان اول، اهي نيشن وارا جبل ۽ هٽندا. منهنجو چوڻ سچ، مان مسڪين تي ظلم نه ڪر! منهنجي عرض تي نرم ته ٿي وئين، پر هٽ تان لٽين کونه. وري پهو دفعو، حاجي مولابخش جي الڪشن وقت، هڪ پولنگ اسٽيشن تي گڏجاڻي ٿي. مان اهو ساڳيو سنڌ جو محافظ هئس. افسوس، خود تنهنجي تحريرن ۾ منهنجو هيڏو سارو توسان ٿي جهاد ظاهر نه ٿي سگهيو. جاتي جي. ايم. سيد جو ذڪر آهي، آتي مان به حاضر آهيان.

من نيز حاضر مي شوم تصوير جانان در بغل.

سنڌ جي مقدس سرزمين جو نقشو دل ۽ زبان تي، برملا مان ٿي مقابلن ۾ هئس. سنڌ اسيمبلي هال هجي، توڙي جامع مسجد جي مينارن ۽ لعل قلعي جي ڪنگرن سان، الهه بخش جي آواز ذريعي ڪرائيندڙ اعلان حق هجي، هئس ته مان آهو ساڳيو مسڪين، هنن خطن جو لکندڙ ـــ جهڪو توکي منت زاري ڪرڻ ۾ مشغول هو. آن وقت تون الڪشن جي شغل کي وساري، مان سان ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي وئين. پسار ڪندي، به ادائي ڪلاڪ توسان گفتگو رهي. هٽ به نه مڙئين. چا ڪجي ها؟ ـــ انهيءَ الڪشن جي ساسلي ۾ توڏي خط لکيم، جو گاڙهيءَ مس سان نشان ڪري، تو ليگ جي دفتر ۾ موڪليو هو. مسٽر جناح منهنجي اڳ اطلاع ڏيڻ کان سواءِ، مان کي ليگ جو جوائنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو هو. مسٽر جناح سان سندس

اڏوري پروگرام کان سواءِ ذاتي طرح ورهين کان منهنجا خوشگوار تعلقات هٿ. اهو تعلق عليگڙهه جي تعليم جي زماني کان شروع ٿيو هو، جڏهن مان، پيربخش ۽ مرحوم نسيم ٽلوي، وٽس بلوچستان جي نمائندگي ڪرڻ واسطي ۱۹۳۳ع يا ۱۹۳۴ع ۾ ويا هٿا سون، يا شايد آن کان به اڳ ..... .....

مان چاڻي ورتو هو ته توهڪ کي مان ساڻو دڳ وڌايو، ته ملڪ جي قسمت تي آن جو اهڙو خوشگوار اثر وجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندس، جو تاريخ آن کي هميشه ياد رکندي. هن دور جي خصوصيت ٿي اها آهي، جيڪا هتن خطن ۾ بيان ٿيندي رهي ٿي. منهنجي مٿي محبوب سائين ۽ حضرت مولانا سنڌيءَ جو دور، سياست ۾ فخر سنڌ و هند شيخ صاحب ۽ تنهنجو دور! سياست ۾ توهان جي غلطين جو برملا مخالف ۽ توهان کان وسائل جي خيال کان هر طرح ڏاڍو ٿي رهيو آهيان. اڄ به آهيان، جي رڳو تون ٿي ڪرم جي نگاهه ڪرين. خود توهان جي محبت تي قبضوٿي منهنجو ٿي رهيو آهي. اهڙي مخالفت ته ڏيکار! مان تي ڪاوڙ تو ڪئي، جو مون تنهنجي غلط روش ۽ مسٽر جناح جي غلط سياست تي ڪوڙي ۽ سخت نڪته چيني ڪئي هئم. مان ته هڪوڻ ڪاوڙيس. مان رڳو آئينده اچڻ وارن هولناڪ نتائج کان توکي آگاهه ڪري، آن روش جي مخالفت ٿي ڪئي، جيڪا روش اهڙا خطرناڪ نتيجا پيدا ڪرڻ واري هئي. هندستان ۽ پاڪستان جي هالوڪي تاريخ انهن پيشينگوين جي صداقت تي گواه آهي. هت به مان نقال ڪونه هئس. خود مولانا ابوالڪلام آزاد ته تنهنجي ۽ شيخ صاحب جي دام ۾ اچي ويو، ۽ الهه بخش جو مخالف هو. مان بسر خود الهه بخش کي پڏائڻ ۽ صلاح ڪرڻ کان سواءِ دهليءَ وڃي پهتس. ٿيل رحمت الله عليه سان پولاپائيءَ جي روبرو، ۲ بجي رات جو ملي ڪري، ٿي ڏينهن صبح جو ڊنگين جي ڪالونيءَ برلا جي موٽر ۾ سائس ڪڍ وڃي، مهاتما گانڌيءَ جي حضور ۾ حاضري ڏنيم.

مولانا مرحوم، تو، شيخ صاحب، ڏانهن ڪي انهيءَ گفتگوءَ جي ذريعي سڌ اندر وقتي شڪست ڏنيم. ٻئي ڏينهن منجهند جو مسٽر آصف علي مرحوم جي فون رايل هوٽل، دهليءَ، ۾ ملي ته شام جي چاهه اچي حضرت مولانا سان گڏ سندس جاه ۾ پيان. آهه، اها چاهه! بهشت برين جي شراباً طهورا سان مقابلو ڪندڙ!! چا چوان؟ ــ مولاناکي جنهن همت ۽ طاقت سان، مهاتماگانڌيءَ وٽ شڪست ڏنيم، آن جو بار بار ذڪر پنهنجي ٿي سحرآميز شراب آميز گفتگوءَ ۾ ڪيائين. الهه بخش تي خوب حملا ڪيائين، ۽ ڪيس نهچلداس جو پوئلڳ قرار ڏنائين. پر مان تي ڪهڙو اثر پوڻو هو؟ مان جڏهن پنهنجي شهيد يار جي تعريف شروع ڪئي، ته مولانا جي دل به لرزش ۾ اچي ويئي. زبان ڪٿي آها نه هئي، پر دل ته الهه بخش جي محبت سان لبريز هئي—

بات جو دل سي نڪلتي هي اثر رکتي هي.

مولانا آزاد چوڻ لڳو: "هان ميري پائي! آپ ڪهلئي تو وه عقل کل هي." پڌين ٿو شاهه صاحب!. يعني، منهنجو ته الهه بخش سان عشق آهي. سو معشوق عقل کل نه ٿيندو ته ٻيو چا ٿيندو؟ چاهه ناهي پياريندڙ ساقي به مولانا آزاد هو. چاهه جو ساقي اهڙو پنهنجي ئي عشق ۽ محبت جي چاڪ دامانين سبب حاصل ڪرڻ منهنجوئي ڪم آهي.

ڪائي ڪائي توسان عملي دنيا جي هنگامه خيزين ۾ مقابلي آرائيون انهن فيصلي ڪن سالن ۾ نه ڪيم؟ هڪ طرف مقابلو، ٻئي طرف منهنجو عاجز همٿ تنهنجي دامن ۾ هو. ياد ته ڪر! تنهنجي ئي سرگذشت حيات جو اهمترين واقعو اهو آهي!! ذاتي دامن تون به ڇڏائڻ واسطي آماده نه هئين. ڪڏهن ڪڏهن استهزا تون به فرمائيندو هئين. پر محبت ۽ عشق جي ميدان ۾ ٽوڪ، ڪل، مسخري ۽ مصيبتون سهڻ ته اولهن شرط آهي. مان سڌ جي حفاظت ۾ مشغول ۽ تون پنهنجي الغرضيائين جي خمار ۾ هئين.

جڏهن عيدگاهه ميدان تي تو ليگ جو جاسو ڪرايو هو، تنهنجي سيني تي ليگ جو بيج هو. مان سنڌ زميندار هوٽل جي بالاخاني کان اهو بيج تنهنجي سيني تي ڏٺو. تون هرڪس ۽ شادان ۽ فرحان رستي تي گذري رهيو هئين، تہ خود منهنجي دل تي داغ اچي ويو. چاتم "اهو بيج، سنڌ جي غلاميءَ جو آهي"— ۽ دل چيو تہ بالاخاني کان ٽپو ڏيئي تنهنجي موٽر تي پهچان، ۽ اهو بيج ڦاڙي پرزا پرزا ڪريان. اهڙين حالتن ۾ به توسان ويڙ تہ ڪونہ هيم، پر تنهنجي روش تي سخت ڪاوڙ ايندي هيم، تہ اهڙو غلط ڪم ڪري چو تو؟ مسٽر جناح جو عملي حصو، ڪو ايڏو اهم هيوئي ڪونہ، سو هن تي ڪاوڙ ايندي هيم تہ پوءِ سين ڪري.

هنن خطن جو موضوع پڙهندين، تہ ساڳي بنيادي ڳالهہ نظر ايندي، تہ اهم تہ تون پاڻ آهين. پوءِ جي اهميت اضافي آهي. تون قدرت جي ڪارخاني جي هڪ مان اهم ڏهي، عظمتون حاصل ڪري، هن معموره ۾ آيل آهين. تنهنجي عظمت جو سبب ٻي ڪو نہ خود پاڻ آهين، نہ ڪ تنهنجا ڪي ڪم! جي- ايم- سيد وري نہ اچڻو آهي. صدين تائين، وري نہ اچڻا آهن هي خط! الفاظ ۽ جملا ڪيڏا هجن تہ هجن، مضمون تہ هنن جو توحيد، خدا پرستي ۽ خدا نمائيءَ جو آهي.

عجمي خم هے تو ڪيا، مئي تہ حجازي هے ميري،
نغمہ هندي هے تو ڪيا، لئے تو حجازي هے ميري.

..... مقام جي- ايم سيد جو هتان جو (Of this World) منهنجا مخدوم، هجي! تہ قلم تي بندشون روا ڪان!

— محمد امين کوسو.

[نوٽ: مرحوم محمد امين، جنهن پوءِ ڪي ۱۹۳۸ع ۾ غلاميءَ جو بيج پٽي سمجهيو، ۽ هندس دل ان کي پرزا پرزا ڪرڻ پٽي چاهيو؛ سو اسان پاڻ، تجربي بعد، ۱۹۴۵ع ۾ لاهي، لتن هيٺان لتاڙي چڏيو. ليڪن انهيءَ آزار مان جان اڃا سوڏو

آزاد نہ ڪري سگهيان آهيون. خدا شل اهو ڏينهن بہ آڻي، جو سنڌ مسلم‌ليگ جي آندل نظريي مان آزاد ٿي، سک جو ساهہ پٽي، ۽ مرحوم جو روح خوش ٿئي!(جي.ايم.سيد)]

(٥)

عزيزآباد، انڙ واهہ، ضلع جيڪب‌آباد، ١٨-١٠-١٩٦٥ع
ڪرمفرماي بنده جناب جي. ايم. شاهہ صاحب!
السلام عليڪم ورحمت الله و برڪاته.

هت رات، اسان جو هڪ عزيز حاجي محمد مسعودخان کوسو جيڪب‌آباد کان آيو. آن ٻڌايو تہ توهان جو عطا ڪيل ڪتاب، ان ۾ توهان جو رقعو کيس بندي کي پهچائڻ لاءِ مليو. وڌيڪ چيائين تہ جون مهيني جو لکيل خط هو. مان کيس چيو تہ شايد مهدي شاهہ صاحب جي معرفت اهو ڪتاب ۽ اهو رقعو موڪليو هوندائين. بندو آن وچ ۾ جيڪب‌آباد ويوئي ڪونہ آهي، تنهنڪري خط نہ مليو. هن وڌيڪ ٻڌايو ۽ مهدي شاهہ جو بہ تبادلو ٿي ويو آهي.

تنهنجي نالي اچڻ سان سڄي ساري هاڻوڪي تاريخ ذهن جي سامهون اچي بيٺي. تاريخ جا ظاهري صفحا آن کي نہ بہ عيان ڪن، پر تو جيڪي ڪري رکيو سو موجود آهي. مان هاڻي هن وقت بہ توکي بي دست و پا نٿو ڄاڻان. کڻي بيماريون بدن تي هونديون، پر تون پنهنجي روحاني توانائيءَ سبب هن وقت بہ فيصلي‌ڪن ارادن جو مالڪ ۽ ڌڻي آهين.

افسوس، مان شيخ صاحب ۽ توکان ظاهر پري آهيان، جيتوڻيڪ دلي لاڳاپا توهان ٻنهي سان ويجها ئي آهن. مان رڳو توهان کي سنئين سڌي نموني هلڻ تي آماده ڪري وٺان، تہ دنيا جي هر ظاهري چيز بمع حڪومت نرم ٿي سگهندي آهي. ايڏي ساري محبت جي باوجود، مان توهان ٻنهي جي هوندي بظاهر ڪو وڏو ڪم نموني طور بہ نہ ڪري سگهيو آهيان.

اسان جي هاڻوڪي سڄ انساني عظمتن سان پريل آهي. شايد ڏي تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾، سڄ ۾ ان قسم جي انسانن جو مجموعوگڏ ٿيو هجي. خود جناح بہ سڄڙي آهي، ۽ سڄ ۾ ڏي سندس هڏا پناهہ ورتيون ٻيا آهن. گو سندس روح کوکلي جو کوکلو رهيو ڏنہ. مان ڪيس مسلمان ٻڌايان ها تہ بڌجي وڃي ها، پر هت بہ منهنجو قصور ٿيو.

توسان ملي لاءِ ڪڏهن جو تيار آهيان، پر شايد تنهنجي ڇڪ ايتري ڪانہ آهي! طبيعت جو حال چا آهي؟ ٻوناني معالج ڪندا ڪريو.

-محمد امين کوسو.

(۶)

عزيزآباد، انڙ واهہ، ضلع جيڪب‌آباد، ۲۳ - ۱۰ - ۱۹۶۵ع

ڪرمفرماي بنده حضرت جي ۰ ايم ۰ شاهہ صاحب!

السلام عليڪم:

"رهاڻ" توهان جو سيد ميران محمد شاهہ صاحب جي خطوط جو شايع ڪيل ڪتاب رات ڏي هت ڪوٽ اچي مليو. ايترو سارو وقت جيڪب‌آباد ۾ هو. اڳئين خط ۾ ان جو احوال عرض ڪيو هوم. ڪتاب بابت ڪنهن وقت لکندس.

توکي هن گهڙيءَ تائين آن عمق ۽ گهرائيءَ جو شايد ڏي احساس هجي، جو منهنجي نيازمنديءَ ۽ محبت جو تو سان آهي. هيءَ ڪا هتان جي، هن گهڙيءَ جي، نيازمندي ڪانہ آهي. تون سيد، مان سادات جوابداري. ۽ آزاسي غلام! سياست ۾ اختلافن هوندي، سان توکي سيد ڏي ڪري چائيندو رهيو آهيان. هڪ آقا ۽ مخدوم، ٻيو خادم، تہ وچ ۾ ٿيون اچي ڪيئن سگهندو آهي.....

توکي موجوده حالتن ۾ بہ احساس ڏياري، اهو ڪجهہ ڪرائي سگهجي ٿو، جيڪو توهارو آدمي هر ملڪ ۾ هر قوم

۾ حياتيءَ جي آخرين گهڙين تائين ڪري سگهندو آهي.....
..... مان کان تون وسرڻو آهين ڪونه. توسان منهنجي آشنائين ۽ نيازمنديءَ جي ڪيفيت ئي عجيب آهي! هجين ڪو ڪَک-پَن، ٽِنڊڻ- ٽوپڻ، ڪِيڙو مَڪوڙو، کوجو- ڇاڇِي، ته وسري به سگهين! تون ۽ شيخ صاحب ئي ٻه آهيو، جيڪي مان کي بلڪل ويجها آهيو. جن تي مان جادو ۽ سحر نه ڪيو. منهنجي يارانين ۽ دوستين جو عڪس ئي آهي، جو بلوچستاني پهاڙيون "نعره مستانه" سان اُٿي، ميدان عمل ۾ آيون، ۽ بلوچ قوم جي ريگستاني علائقن ۾ حيات ۽ زندگيءَ جا اهي نمونا پيش ٿيا، جن جو بيان شايد تاريخ جي صفحن ۾ ڪڏهن به نه اچي. گوڪ اُن جو استعمال غلط بلڪل غلط طرح ڪيل آهي. منم هستم رستم پهلوان. اِهي منهنجون ادنيٰ تصنيفون آهن. توکي ۽ شيخ صاحب کي "راه راست" تي موڙي بيهارڻ سان سياسي طور اسلام زنده ٿي بيهندو.

ڪجا مسٽر ڀاشاني، ڪجا حيات انسانيءَ جا گهرا پيچ در پيچ مسئلا! چوڻ ۾ اچي ٿو ته هڪ خانقاهي قسم جو آدمي آهي. ان لحاظ کان کڻي ايتريءَ نفرت جو مستحق نه هجي، پر مان کي سندس نالو سياست ۾ ايترو غلط لڳندو آهي، جيترو مسٽر کوجي (جناح) جو! .....

مان کي نقالي، تقليد ۽ ٻين جي ڪڍ لڳڻ کان بيحد نفرت آهي. توهان کي ٻين سان "اُٺ - قطار" ۾ ٿي بيهڻ ۾ عار ۽ عيب نظر ڪونه ايندو آهي. ڪڏهن ڀاشاني، ڪڏهن عبدالغفار خان ته ڪڏهن مسٽر کوجو! مان گانڌي ٽُوپيون به پاتيون، گانڌيءَ وارو به ٿيس، ته ڪميونسٽ به ٿيس پر جَبين نياز رڳو پنهنجي پير جي چوَکٽ تي رکي سگهيس. ڪميونزم ۾ به منهنجون ايجادون پنهنجون ئي آهن.

ذهن صحيح معامله فهميءَ کان خالي، دل ڪنهن درد کان واندي، ته آدمي کوجو بڻندو يا ڀاشاني! ستر هزار گڏهه

گڏ ڪرائي، آنهن جي هينگن کي "جمهوريت" چو آواز ڪرڻ، انساني ذوق سليم لاءِ ڪيڏو نہ بار آهي! انسان، انسان آهي، گڏهه گڏهه آهي! هر ماڻهو، ماڻهو ڪيئن ٿيو؟ خدا پنج انگشت يڪسان نہ ڪرڻ، باقي انسانيت ۾ ڪٿي انسانذات جو خادم ٿجي ۽ پاڻ کي هيڻ چائجي، اهي به ماڻهن جا درجا آهن. کهڙو، جي پاڻ کي هيڻ چائي، تہ آهي به هيڻ، پوه آن ۾ خصوصيت ڪهڙي؟

هاڻي شاهه لطيف جي نالي سان جو ڪُتا، پِلا، گدڙ، کودڙا سڀ پانتِ پانتِ جون پوليون پوليندا رهن ٿا، تہ اهو به شاهه صاحب جي روحانيت لاه تسڪين جو سبب آهي يا شاهه سان سنڌ جي لاڳاپي جو ثبوت آهي؟ شاهه جي ڪلام جي معنيٰ ۽ تفسير، سنڌ ۾ اڄ به آهن: هڪ ٽون، هڪ شيخ صاحب! اين چه بوالعجبي، جو گڏهه هينگون ڪن ۽ ڪُتا پوٽڪن! اهو ٿيو شاهه جي ڪلام جو داد! توهان ٻنهي کي ڪيڏي چڏجي، تہ سنڌ سياسي طرح هڪ ويرانو آهي، جاتي جڻ شاهه صاحب پارو شاعر پيدائي ڪونہ ٿيو هو! بد اخلاقي ۽ بدتهذيبيءَ جو ثبوت اِن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ٿيندو، جو سنڌ جي غلاميءَ جي زنجيرن جي وَکڙن کي وڌيڪ ڪرڻ لاه شاهه صاحب جو ڪلام، خود شاهه جي مقبري تي پڙهيو وڃي ..... ان کان لک ڪروڙ دفعا وڌيڪ رُوح افزا ڪالهه هٿي تہ شاهه صاحب جي مقبري تي اهي غريب، مسڪين سادا سنڌي بظاهر اٺپڙهيل پر اندر ۾ عشق جي جوت رکندڙ، اچن هاه نہ کي "مرڪز" هجن ها، نہ تماشا هجن ها. سنڌ جي سياسي عصمتدري ڪٿي وڃي شاهه جي نالي سان؟! ماڻهن جا انبوهه تہ هت به تہ هاڻي گهٽا ٿين ٿا. سو انبوهن ۽ مجموعن تي "انسانيت" جو دارومدار نہ آهي.

ٻيا تہ محض بيڪار آهن، سو آنهن سان دماغ سوزي ڪجي ڇو؟ ٽون فعال قسم جو آدمي آهين. خود اهي بندشون

جيڪي تو پاڻ ۾ تي پاڻ قائم ڪيون، رُوحاني لَذتون وٺندو رهين ٿو، ڪيتريقدر جائز آهن؟ اُن جي جواب ۾ ڪو شاهه صاحب جو بيت لکي موڪليندين، جنهن جي معنيٰ سمجهڻ لاءِ مان کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳي ويندا. مان پاڻ پنهنجي دل، جگر ۽ بدن جي رت سان هڪ شعر، هڪ ڪافي، هڪ افسانو لکندو رهيو آهيان ..... تون "اصليت" وارو آدمي آهين، تون تصنع ۽ بناوٽ جو محتاج ته ڪونه آهين. روئے زيبا لاءِ خال ۽ خط ضروري نه آهن. توکي اُها راهه اختيار ڪرڻ کپندي آهي، جيڪا توکي سُونهين. باقي محض هنگامه آرائيون ۽ چنڊوخانا بڻائڻ ٻين جو ڪم آهي.....

..... سنڌ زنده آهي ڇاڪاڻ جو تون ۽ شيخ صاحب ٻيئي اُن ۾ آهيو. باقي سنڌ ۾ ٻيو رهيل ڇا آهي، جنهن کي قوم جي آئينده سياسي زندگيءَ جو بنياد قرار ڏيئي سگهجي؟

.....

ملاقات لاءِ تيارين ۾ آهيان. الله اُهو ڏينهن نصيب ڪري، جو اچي نِياز حاصل ڪريان.

—— محمد امين کوسو.

(٧)

٢٥-١٠-١٩٦٥ع

حضرت جي.ايم. شاهه صاحب!

السلام عليڪم: جيئن توهان جو اُن وقت ليگ ۾ وڃڻ بندي جي مرضيءَ خلاف، صحيح نه هو، تيئن هاڻي هن وقت به سياست ۾ توهان جو ڀاشاني ۽ خان عبدالغفارخان سان ڳانڍاپو غلط آهي. تنهنجو قدر خود تو وٽ نه آهي، ته ٻيا به توکي تنهنجي ظاهري افعالن کي ڏسي، محض هڪ رسمي سياستدان ڄاڻن، ته اُنهن جو ڪهڙو قصور آهي ..... سياست معنيٰ رڳو سطحي ۽ وقتي ڳالهيون نه آهن، جيئن عام طرح سمجهيو

ويندو آهي. سيدنا امام‌حسين عالي مقام جي سياست جي بازي
ڪئي. يزيد جو مطيع ٿي رهن کان شهادت کي ترجيح ڏين
واري سياست ڪري ڏيکاريائين. مقصد حيات جاتي فوت ٿيندو
هجي، آتي سياست نه ڪجي، تہ ٻيو ڇا ڪبو؟ هڪ سياست
آهي سيد علي‌محمد شاهہ راشديء جي، محض عقل فروشي ۽
شطرنج بازي! اها تہ ظاهر معيوب آهي. پيٽ تہ ڪتو به پالينڊو
آهي. شايد ڪتي جو پيٽ پالڻ به موجوده وقت ۾ ليکي ٿيڻ
کان وڌيڪ پاڪ آهي. سياست سياست ۾ فرق آهي. تو به
سياستون ڪيون آهن، انهن ۾ ٻهاڑ جيڏيون غلطيون نہ ڪرين
ها، تہ اڄ شايد سنڌ حقيقي معنيٰ ۾ آزاد هجي ها! پر توڪي
غلطين کان روڪڻ ٻيو معاملو آهي، خود سياست مان توڪي
بي‌دخل ڪجي، تہ پوءِ ائين ئي ٿيندو، جيئن هاڻي ٿي رهيو
آهي! اها سياست جائز يا ناجائز؟ حق ۽ باطل دنيا ۾ رهڻا آهن
حق ۽ باطل ۾ ٽڪر کان ڪوبہ بچي نہ سگهندو. فقط طريقي‌ڪار
۾ فرق اچي ٻيهندو آهي. هڪڙا حق جي حمايت خاموش ٿي
ٻ ڪندا رهندا آهن، هڪڙا مجبور ٿي ميدان ڪارزار ۾ ايندا آهن.
منهنجو روءِ سخن تودڙانهن آهي. تون پاڻ کي پاڻ مجبور
بڻائي ويهندو آهين، ورنہ ٻيا ڪير ٿيندا آهن، جي تو پاري شير
کي مجبور ڪن؟ لوڙ ۽ گدڙ ڪهڙا به گڏ ٿين، ڪهڙا به
آواز ڪن ۽ ڪهڙا به جتن ڪن، پر شيرن کي ڇا ڪري
سگهندا؟ بشرطيڪ شير پنهنجو پاڻ کنهن غلط قدم ڪري
قاسي نہ پوي! ..... سنڌ سياست جي لحاظ
کان آهي ٿي جي.ايم.سيد ۽ شيخ عبدالمجيد جو نالو!..... ....
سنڌ ٿي احياي اسلام جو مرڪز آهي. سنڌ ٿي دنيا ۾ امن ۽
عافيت جي پيغامبر ٿيندي، سنڌ ٿي پاڪستان ۽ هندستان مان
اختلافات کي صحيح معنيٰ ۾ ختم ڪرائڻ جو سبب بڻجندي.
اها سنڌ، جي.ايم.سيد ۽ شيخ عبدالمجيد جي سنڌ آهي، نہ ڪہ
راشدي بهادر جي سنڌ! راشديء جي قابليت ۽ صلاحيت ڪهڙي

ڪم جي، جو اُن مان سنڌ جو وجود خطري ۾ اچي وڃي.
”ٻن اهو سون جو ڪن ڇني“- اُن کي به ذهني آپريشن جي ضرورت آهي.

تنهنجو ڪنڊائتو ٿيڻ هڪ وڏو حادثو آهي. پر اهڙن حادثن سان ئي حيات انسانيت کي زيب ۽ زينت ميسر ٿيندي آهي. تون هر رنگ ۾ سهڻو نظر ايندو آهين.

- محمد امين کوسو.

(٨)

عزيزآباد، انڙ واه، ضلع جيڪب آباد- ٢٧-١٠-١٩٦٥ع،
حضرت جي.ايم. شاه صاحب!

السلام عليڪم- توکي لکيو اٿم ته تنهنجي ياد اُنهن مان هڪ آهي، جيڪا منهنجي وجود جو حصو بنجي ويئي آهي. مان کون وسرڻ جو آهين ڪونه. اڄ صبح جو سوير اُٿيس. نماز صبح کان اڳ چاه پيئڻ جي تيارين ۾ هئس، ته تنهنجو خيال آيو. اُهو مڪالمو دل تي تري آيو، جيڪو الهه‌بخش شهيد سان تنهنجي گرفتاريءَ جي خبر پوڻ کان ٻئي ڏينهن ساڻس ڪراچيءَ ۾ ٿيو. حاتم علوي، اُن وقت موجود هو. تو وٽ اها خبر جلدي جيل ۾ پهچي ويئي هئي. توکي سڀ کان اول ٻاهريون خط به منهنجو مليو هو. اهي خبرون تو جيل کان ٻاهر نڪرڻ وقت مان سان پاڻ ڪيون. پر الهه‌بخش مرحوم کي مان جنهن نموني سان چيو، اُن جو اثر ايتري وقت کان پوءِ خود توتي اهو هو، جو مان کي ڀاڪر پائي اُڪير سان ملڻ کان پوءِ تنهنجي ئي اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا. مان ڪيترن خطن ۾ به توڏي هن واقعي طرف اشارو ڪيو. مان الهه‌بخش کي جيڪي چيو هو، اُن مان هيءُ به هو ته ”جي.ايم سيد جيل ۾ تون وجهين ۽ مان ٻاهر هجان؛ اهو سودو بيغيرتيءَ جهڙو آهي. مان بيغيرت ڪونه آهيان، جو توکي امدادون ڪريان ان واسطي،

جو تون ٽڪي جي هندن کي خوش ڪرڻ لاءِ جي-ايم کي جيل ۾ هڻين. جي-ايم جي جاءِ تي مان کي جيل ۾ وجهڻ خود تو ۽ مون لاءِ عزت ۽ شان ڀريو آهي. مان کي ڪابه تڪليف ڏيندين، ته اُن جو ڏک ٿيڻو ڪونه آهي. هاڻي تو نه فقط جي-ايم سيد کي تڪليف ڏيئي پاڻ لاءِ مسلمانن جي هڪ وڏي طبقي ۾ نفرت پيدا ڪئي آهي، پر خود مون لاءِ ناقابل برداشت اذيت جو موقعو آندو آهي. جي-ايم سيد کي هڪدم ٻاهر ڪڍ، نه ته اِتي جو اِتي بلوچڪي نموني جو وير وٺي وجهندس." — "حاضر — حاضر!"، الهه بخش هڪ دردآميز مشڪ سان چيو. کيس، توکي جيل ۾ موڪلڻ ڪري، بيحد ڏک هو.

وري توکي ياد آهي، شڪارپور ۾ هڪ ٻهراڙيءَ جي پولنگ اسٽيشن تي مان حاجي مولابخش لاءِ آيس، ۽ تون سندس مقابلي لاءِ اڳ ۾ ئي رونق افروز هئين. مان کي ڏسندي، تو ورانڊي کان ٻاهر نڪري، مان سان محبت آميز نموني سان معذرت ڪئي. مان توکي چيو ته مان الهه بخش جي اليڪشن ۾ آيو آهيان. شايد مان توکي اُن وقت هڪ سخت خط لکيو هو مسٽر جناح جي باري ۾. توکي هن اليڪشن کان سختيءَ سان روڪيو هوم. شايد ٿورو وقت اڳ مسٽر جناح مان کي منهنجي پڇا کان سواءِ محض ذاتي ملاقات جي بنا تي (جيڪا هن جي ۽ منهنجي درميان سر عبدالله هارون جي جاءِ ۾ ٿي هئي) ليگ جو سنڌ ۾ جوائنٽ سيڪريٽري به بڻائي رکيو. تو انهيءَ خط جي سِٽن کي ڳاڙهيون ليڪون ڏيئي، مان کي ليگ مان نيڪالي ڏني. شايد ليگ جي ساري زندگيءَ ۾، نيڪ ڪم رڳو تو اهوئي ڪيو، جو تو ههڙي ڪن، گند ۽ عفونت ڀرئي مجموعي جي عهديدار هجڻ کان مان کي زوريءَ پناه ڏتي. خدا جي قدرت! مان کي ان لفظ "ليگ" سان قدرتي بغض آهي. تون پاڻ ڪيڏو نه مان کي پيارو آهين، پر ليگ سان تنهنجي اڳينءَ وابستگي جو خيال ايندو آهي، ته دل کي هڪ ڪاري ضرب لڳي ويندي

آهي، گوڪ مسلمانن جا گهڻو ڪري سڀ چوٽيءَ جا سياسي ليڊر ليگ ۾ هئا. سواءِ اسان جي ديوبندي حريت پسندن جي هڪ خاص مجموعي جي.

منهنجا عزيز شاهه صاحب! تو پارا قومن ۽ ملڪن ۾، صدين ۾ ڪي ورلي ليندا ۽ پيدا ٿيندا آهن. تون ليگين جو محتاج ڪونه آهين، تون خود پاڻ پنهنجي وجود ۾ هڪ جماعت، هڪ محاذ، هڪ قوم آهين. توکي شخص واحد چوڻ به غلط آهي. تون بندش هيٺ آهين، ته ساري سنڌ بندش هيٺ آهي. شيخ صاحب تي مقدمو هو ته ساريءَ سنڌ تي مقدمو هو.....

الله توکي خوش رکي!

تنهنجي خيالات جي وقتي ڌارن جي مان کي ڪابه ڳڻتي ڪانه آهي. مان وٽ تون سيد سونهاري ذات آهين. ٻاهريان رنگ تنهنجي اندر ۽ اصليت کي ڪونه بگاڙيندا.

—— محمدامين کوسو

(٩)

جيڪب آباد، ٢٧-١٠-١٩٦٥ع

حضرت جي.ايم شاهه صاحب!

توکي لکيو اٿم ته تنهنجي ياد جيئن هروقت آهي ئي آهي، ته زبان تي به هميشه واقفڪارن وٽ تنهنجو نالو هوندو آهي. مير جعفرخان سان هت مليس، ته تنهنجو ذڪر آيو. هن چيو ته شان بخاري، مير غوث علي شاهه توڏي موڪلي ڏنو اٿس، وغيره. وري شان بخاري صاحب هت مان وٽ منهنجي قيام واري هنڌ، ميونسپل ريسٽ هائوس ۾ آيو. شام جي چاءِ به پيتائين ۽ چيائين ته جي.ايم. شاهه صاحب خدا جو منڪر ٿي ويو آهي. توکي ڪجهه ڪرڻو آهي ته آل رسول جي مدد ڪر! مان جواب ديو ته هتان ئي سنڌس نقلي ۽ سطحي دهريت جا ٽائر ڦاڙي پرزا پرزا ڪري ٿو رکان ..... تون ڪهڙين تاريڪ غفائن

ڇو وڃي پاڻ اڙائڻ جي ڪوشش ڪرڻ ٿو؟ نوڪان ڏهريت جا جنجال ڪاڏون پڇندا؟ اهي اسان آهيون، جو،

برڪف جام شريعت، برڪف سندان عشق،
هر هوسناڪي ندائد، جام و سندان باختن!

—— محمد امين ڪوسو،

(۱۰)

ميونسپل ريسٽ هائوس، جيڪب آباد، ۱-۱۱ ۱۹۶۵ع

حضرت جي،ايم، شاهه صاحب!

بارها توڏي لکجي ويو آهي، آنهن لکيل خطن مان ڪي تو وٽ پهچي به ويا آهن، ته تنهنجي ياد ۾ منهنجي وجود جو حصو بڻجي وئي آهي، مان وٽ ظاهري حڪومت جي ڪرڪار ۾ به، هن وقت جڏهن تون نظربند آهين، ته به تون ئي اهميت رکين ٿو ..... خود گانڌيءَ ۽ نهروءَ کان ۾ن الاقوامي سياسي نقطي نگاه کان گهڻوئي بلند آهي نڪي جو مومن ديوان زادو، فقيرمنش ۽ شهنشاهه دل رکندڙ شيخ صاحب! ايشيا ڇا، دنيا جي هائوڪيءَ سياسي تاريخ ۾، گذريل ايائي ڏن سؤ سالن ۾، محض سياسي خيال کان، هن جي پايي جو آدمي نظر ڪونه ٿو اچي، بلڪل منفرد، سياسي مؤحد آهي، مشرڪ نه آهي، ۽ پنهنجي ضد ۽ ڪاوڙ سبب، غلطي ڪرڻ تي ٻهڇي ويندو آهي، مثلاً: الهه بخش تي ڪاوڙيو ته هن کي ڏڪ ڪري ڏيکارڻ جهڙي خس وخاشاڪ سوز تقرير ڪيائين، ۽ سندس اِن ڪاوڙ جي ڏال مان موجوده هئس، الهه بخش، شهيد اعظم ڏسي، دنيا مان ويو، سڏ جي آئينده قسمت ڏهٽي ئي شڪارپور جي "پنجن پيرن جي قبرستان" ۾ پوريل الهه بخش جي قبر تي ظاهر ۾ برملا سجدن ڪرڻ سان آهي.....

سياست بيڪاريءَ جو مشغلو ڪونه آهي، سياست ئي

شهادت ڪربلا جو سبب هئي ..... پاشاني بهادر، سنڌ لاءِ استعمال ٿئي ته خوب! باقي اسان جي امداد ڪري سگهندو، اهو هڪ پاراڏو خيال نه آهي، ته ٻيو ڇا آهي؟ اهڙا خواب مسٽر چيانگ ڪائي شيڪ ڏسي، چين جي هيڏي ساري حڪومت ختم ڪري ڇڏي. چي "آمريڪي مائي باپ اچي امداد ڪندو. نهرو اچي امداد ڪندو۔"

آپڻي گهوٽ ته نَشا ٿيوئي. پر "اها اَپني گهوٽڻ"، جنهن مان نشو ٿئي، سو سڀ ڪنهن جو ڪم نه آهي. آهي اسان آهيون، جو سر زمين سنڌ تي فرشتن جي سجود تي به زياده متعجب نه آهيون. سر زمين سنڌ۔ الله اڪبر! الله جون هن تي رحمتون قيامت تائين وسڻيون آهن، ظاهر ۽ برملا!.....پنڪين مان پاڻ ڪي ڪيڏ چند وخانن مان ڪجهه نه ٿيڻو آهي. حيات انساني جا مسائل، پنڪين سان حل نه ڪري سگهيا آهن.

—— محمد امين ڪوسو.

(۱۱)

۲- ۱۱- ۱۹۶۵ع

قبلا جي.ايم.شاهه صاحب!

۽ مان نقال، مقلد ڪونه آهيان. ها۔ الله واري جي خاڪپاه کي ڪعبو ٻڌائي، طواف ڪندڙ ضرور آهيان. جڏهن جڏهن ڪو ماڻهو سياست ۾ ڪنهن جو نالو وٺي، اهميت آن کي ڏيندو آهي، ته تون ياد ۾ ايندو آهي ۽ توتي ڪاوڙ ۾ ايندي آهي.

ميو جعفرخان ۾ پراڻو سياسي مشت باز آهي. مان کي فرمائش لکو ته شوڪت حيات خان، زيد.ايچ. لاري، ڏوڙ چاڻي، پڙواپيٽو سڀ فلاڻي فلاڻي۽ تاريخ ايندا. مان کي يڪدم تون ياد آئين. مان هن مشت‌بازي۽ جي جواب ۾ چوڻ لکس ته اڄا تائين جي.ايم.سيد جي بندش لٽي چونه؟ هت اچي ها ته زيارتون ڪريون ها ۽ ڪيس زيارتون ڪرايون ها.

(١٠٧)

ڪلهه جيڪب آباد اسٽيشن تي احبار خريد ڪرڻ ويس، ته طبع بيحد مايوس ٿي وئي، رڳو اُنڪري جو تو تي بندش آهي. معلوم آهي ته سنڌ ۾ حيا، شرم، ننگ اُنهن وٽ آهي ئي ڪونه، سواءِ ڪن جزوي آدمين جي ..... جيڪي جيڪي توسان هوندا هئا، اُنهن سڀني کي، ويندي ٿهلراماڻيءَ تائين، مان چوندو هئس ته توکي ليگ ۽ جناح کان باز رکن. پر هندو ڪانگريسين جو سنڌ ۾ تو دانگوڙو ڪري ڇڏيو هو. حضرت مولانا آزاد، تنهنجي ۽ شيخ صاحب جي دام ۾ اچي، مرحوم شهيد حق الهه بخش جي حڪومت جو مخالف ٿيو. جي مان پٽيل رحمةالله عليه کي وڃي روبرو دهليءَ ۾ نه ٺاهيان ها ۽ سندس ذريعي برلا سان گڏجي، گانڌي مهراج کي ڀنگي ڪالونيءَ ۾ قائل نه ڪريان ها، ته حضرت مولانا ته اسان جو ڍينگو ڍيري ڪرڻ تي مصر هو، .....

— محمد امين کوسو

(١٢)

٣-١١-١٩٦٥ع

حضرت جي-ايم-شاهه صاحب!

السلام عليڪم: رات هت سڪندرخان کوسي، ڊپٽي ڪمشنر صاحب سجاد حيدر کي مانيءَ جي دعوت ڪئي. بندو به سڪندرخان جي نوازيءَ سبب اتي موجود هو. بعد از طعام، ڳالهين ۾ هڪ بزرگ بندي کان پڇا شروع ڪئي- تنهنجو جي-ايم-سيد ۽ شيخ صاحب سان ڪهڙو تعلق آهي؟ گويا منهنجي موجودگي هر جاءِ تي، ساريءَ فضا ۾ جي-ايم-سيد ۽ شيخ صاحب جي موجودگي پيدا ڪري ڏئي ٿي ..... تون رڳو يادگيريءَ تي زور ڏي. رات ۽ ڏينهن جي هر گهڙيءَ، سرديءَ ۽ گرميءَ، بهار ۽ خزان جي هر موسم ۾ ڪراچيءَ جي قيام دوران تو وٽ

اچڻ قريب قريب هر روز فريضي مثل هوندو هو. هاڻي به منهنجي دل ۾ توهان جو خيال آهي، ته پوءِ ٻين، جو منهنجي دلي ريڊيو جو آواز جهڻو ته اها ڪا تعجب انگيز ڳالهه ڪانه آهي.

مير جعفرخان صاحب ڪراچيءَ ڪان موڪيو آهي. پنهنجي پاشاني وغيره جي ذڪرن سان پريل آهي. اهو نالوئي مان لاه چڙَ جو باعث آهي. N.A.P الائي ڪهڙي بلا آهي؟ بدبختن شيخ صاحب کي ڪهڙو پيچ ڏيڻ شروع ڪيو آهي! مومن مسلمان ڪن ٻڌڻ ۾ قيد ڪرڻ جو هوندو آهي! فقط جهان‌بازيون نه هن جي ميدان عمل و فڪر جو مرڪز نه آهن. هو، دنيا ۾ رهي ڪري، دنيا جي نيرنگين جو قيدي نه هوندو آهي. ائين نه هجي ها، ته پوه ماڻ ٻي، ڪڙم قبيلي جي محبت جي لذت ۽ عيش و عافيت کي ترڪ ڪري، تن تنها اسلام ۾ هي ابن ليلارام اهڙو مقام غيرفاني ڪيئن پيدا ڪري ها؟ سراپا عقل و تدبر آهي، پر ضد اڃا به جوان اٿس. انساني سياسي عظمت جو اهو معراج آهي. افسوس، شمڻ جي بيخبر، بيقدر ماحول ۾ پيدا ٿيو. جڏي سيد غلام رسول شاهه جيلاني به هجي ته ليگ به هجي! توبهه! ڪيڏو نه سياسي طرح اهو بدبودار لفظ آهي "ليگ"! ان ۾ ايڏيون ته عفونتون پريل آهن، جو محض آن جي نالي پڌڻ، وڻڻ ۽ لکڻ سان فضا مڪدر ٿي وڃي ٿي. مسٽر جناح پاڻ به ته ليگ ڪونه هو، مرندو مري ويو ۽ پاڻ‌کي سيني‌کان ڌار ۽ سيني کان مٿي ٿي سمجهندو رهيو. ڏڻ ته اختلافن هوندي، مان سان ذاتي لاڳاپن ڪري، پڇاڙيءَ ۾ مان‌کي ليگ ٻڌائڻ گهرياٿين. مان "ليگ" ٽيٽو ٿي ڪونه هٿس. ان نالي جي گندگيءَ کان تو آزاد ڪيو. "قاديانيءَ" ۽ "ليگ" ٻهئي مان وٽ قريب قريب هڪئي معنيٰ رکندا آهن. ڏيون لفظ انهن سان گڏيل "سي.آءِ.ڊي" ۽ چوڏون لفظ هم معنيٰ "پنجابي" آهي. هڪڙا پنجابي به پنجابي نه هوندا آهن. هڪڙا سنڌي به پنجابي هوندا آهن يا آنهن جهان هوندا آهن.

اچوڪو مقالو هت بند ٿيو. — محمد امين ڪوسو.

(۱۲)

میونسپل ریسٹ هائوس، جیکب آباد، ۶-۱۱-۱۹۶۵ع

حضرت جي.ايم. شاهه صاحب!

السلام عليڪم: توهان جي ديدار لاءِ دل بيتاب ڪي اها تسلي ڏيئي روڪيندو آهيان، ته حالات وقتي ڪان فرصتون ملڻ ڏين ته حضرت شاهه جون وڃي زيارتون ڪيون. هر خيال هردم ۽ هرگهڙيءَ توهان ڏي آهي ئي آهي.

هيءَ هنڌ جيڪب آباد شهر جي اوپر ڏکڻ ڪنڊ تي شڪارپور روڊ تي تمام ڪنڊائتو آهي. ويجهي ۾ ويجهي جاه مير صاحب جعفر خان جمالي جي آهي. مير صاحب سان شب روز گفتگو ٿيندي رهندي آهي. مان جيڏن ته رسمي باتين جو قائل نه هوندو آهيان، منهنجو سارو ڏيان تودڙي ڏي ڇڪجي ويندو آهي ته جي.ايم. شاهه پنهنجي شعلي مزاجين ڪي اعتدال ۾ وجهي ها ته موجوده دور جا ڪهڙائي دنيوي مسئلا طي ڪرائي سگهجن ها. فقط هن شخص جي عدم موجودگيءَ اسان جي ملڪي حالات ۾ اهو خلا پيدا ڪيو آهي، جو وقتي طرح پرجي نٿو سگهي. قدرت هر ڪم لاءِ ڪي نه ڪي آدمي منتخب ڪندي رهندي آهي. انتخاب رد ڪرڻ جو ٻئي ڪنهن ڪي به حق نٿو پهچي. جيڏن اهو خلا قدرت جي هڪ فعل ۽ دست اندازيءَ مثل آهي، ته ظاهري زماني جي ڪارخاني ۾ ابتريءَ جو پيدا ٿيڻ يقيني امر آهي. ..... سنڌ جي اعتدالي نشو ونما لاءِ توهان جي رهنمائي ۽ رهبري بلڪل ضروري آهي، ۽ جي توهان جي غلط اندازن يا ٻين جي دست اندازين ڪري، اُن رهبريءَ ڪان سنڌ ڪي محروم ڪيو ته پوءِ نتيجا ٽيڪ مرتب ڪوڻ ٿيندا.

توهان کي خود سنڌ جي حالات جو اندازو ڪرڻ ڪپندو هو. اهو ڪرڻ ئي نه ڪپندو هو، جنهن مان ڪنهن رڪاوٽ جو اندېشو ٿئي ها. اها ٻئي جي اڳيان شڪست ۽ هار ڪاڻ ٿئي،

پر پنهنجي ئي مقصد عظيم جي تڪميل لاءِ صحيح حڪمت عملي هئي. ضبط ۽ صبر کان ڪم وٺڻ به ڪڏهن ڪڏهن تمام ضروري هوندو آهي. مان بعد از واقعي يا بعد از وقت سياڻپ نٿو ڳالهايان، بلڪ قبل از وقت عرض ڪندڙ آهيان.....
حقيقتاً انساني تاريخ‌جا ابواب مرتب ڪندڙ چند يا ڪي افراد ئي هوندا آهن، آهي پوءِ کڻي وڏن مجموعن کي عمل پيرا ڪن. "عوام" جا ٺاهيندڙ به اهي ئي فرد هوندا آهن. آهي فرد بجاءِ خود تحريڪون ئي آهن. تون خود هڪ تحريڪ آهين. تون خود هڪ ملڪ، هڪ قوم آهين. تنهنجي رڪجڻ سان قوم رڪجي ٿي، تنهنجي هلڻ سان قوم هلي ٿي.....اڄ به هن ملڪ جي تاريخ گويا بڻڻ سنورڻ کان رڪيل آهي.....
تون شخص واحد ئي فيصلي‌ڪن قومي طاقت جو مالڪ آهين ۽ توکي حرڪت ۾ آڻڻ سان قوم جي بهترين صلاحيتن کي اڀاري سگهجي ٿو.....سنڌ ۾ تو پارو ۽ شيخ صاحب پارو آهي ته الله جون نعمتون آهن. الله جي نعمتن جو قدر ڪرڻ فرض آهي. آهي قومون ۽ ملڪ، ڪڏهن به نه سنوريا، جن شيخ صاحب ۽ تو پارن جو صحيح ۽ بروقت قدر نه ڪيو.

ـ محمدامين کوسو

(١٤)

ريل گاڏي، بيل‌پٽ، بلوچستان بطرف جيڪب‌آباد.
٧-١١-١٩٦٥ع

حضرت جي. ايم. شاهه صاحب!

هڪ عزيز ترين عملدار دوست کي ڊاڊر آماڻڻ لاءِ هيتري تائين سندس جيپ ۾ پهتو آهيان، ۽ هاڻي جيڪب‌آباد طرف ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيو آهيان. منهنجي دل ۽ قلم توسان گفتگوءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن.

هيءَ علائقو خان احمديار خان، بادشاهه قلات جو علائقو آهي. نيرنگيءَ قدرت جو عجيب تماشو آهي، جو هاڻي جڏهن پاڻي وغيره زياده اچي رهيو آهي، ته بظاهر وقتي طرح خانصاحب انتظام ملڪيءَ کان ذرا پري آهي. خانصاحب سان به دليناتا رکندو آهيان، پر ملندو گهٽ آهيان.

١٩٢٥ع کان بلوچستان ۾ ڪوئيٽا طرف اچڻ جو سلسلو شروع ڪيم. اڳتي هلي، منهنجي نواب سيف‌علي خان ۽ خان عبدالصمد خان جي باهمي برادرانه ياري ۽ سياسي دوستيءَ جو مرڪز بلوچستان بڻيو. مان ٻنهي جو مشترڪ دوست آهيان. يوسف سان منهنجي ياراني اِن حد تائين هئي، جو سندس شهادت، جا ڪوئيٽا جي ١٩٣٥ع واري قيامت خيز زلزلي ۾ ٿي، ان بعد سندس والده مرحومه مان کي سڏيندي ئي يوسف هئي. ڪوئيٽا ۾ ايندي هئي، منهنجي خبر پوندي هئس ته هڪدم مان کي گهرائي وٺندي هئي.

يوسف جي محبت منهنجي وجود جو هڪ حصو آهي، جيئن شهيد الهه‌بخش جي محبت! منهنجون يارانيون هوا سان اڏامندڙ ڪکن پنن جيان نه نه آهن. يار ته هميشه جو يار- ٿرڊ ڪلاس ماڻهن سان ياراني ڳنڍڻ منهنجي حصي ۽ قسمت ۾ نه آئي. منهنجا يار ۽ منهنجي پسند به عجيب آهي. منهنجي يارن ۾ عيب جيڪي به هجن، اُنهن ۾ ڪو نه ڪو انساني جواهر اهڙو هوندو جو غير رواجي هوندو.

پيرزادو عبدالستار ايڏا سارا سال وزير رهيو. منهنجي هن سان تمام گهاٽي ياراني رهي آهي. ليڪن ڪنهن به وقت هن تي اُن جو اظهار نه ڪيم، ته سندس حڪومت جي وقت ۾ به مان تي مقامي عملدارن طرفان ظلم ۽ زيادتيون ٿينديون رهيون آهن.

سياسي خيالن جي اختلاف منهنجي توسان محبت ۽ نيازمنديءَ تي تر جيترو اثر نه وڌو..... تون سنڌ جو سيدزادو، تنهنجي داتي شرافت ۽ تاريخي عظمت، توکي انهيءَ صوبي، انهيءَ ملڪ،

آنهيءَ فضا ۾ املهه بڻائي رکيو، جتي ٽڪي تي ٽي ضمير وڪامجي رهيا هئا..... تون ڪهڙا به جاما پاڻ کي پهرائين، ڪهڙن به لفظن ۾ پنهنجي اصلي مدعا کي لڪائين، آهين اصل ۾ ته سيد سونهارو- سو تون پنهنجي اصليت خلاف ته جهاد نه ڪر. اهي رنگ و پوش، اهي جاما سڀ نقلي آهن. تون پاڻ پنهنجي اصلي جوت کي بي‌نقاب ڪر!.....

تياز آگين، محمدامين کوسو.

(١٥)

١٤-١-١٩٦٥ع

قبلا حضرت جي- ايم- شاهه!

تو منهنجي سوانح عمريءَ جي پڇا ڪئي آهي. عشق ۽ محبت جي پروانن جي ڪهڙي سوانح عمري! سوز جاوداني ۽ شمع حسن تي نثار— اهوئي ته داستان هوندو آهي مان پارن جو!

الله توکي جزاي خير ڏئي، تو منهنجو ذڪر منهنجي آقا، مربي، سائين، محبوب، مرشد جي ذڪر ۾ ڪيو. تنهنجي قلم جي نوڪ تي هزار، لک، ڪروڙ سجدا!..... توئي راز پورو ڄاتو، ۽ منهنجو گنهگار نالو هن جي مقدس خاڪپاءِ جي سجده ريزيءَ ۾ ڏيئي ڇڏيو. مان توسان پنهنجي دوستيءَ ۽ نيازمنديءَ کي اجهو هن طرح بيان ٿو ڪريان:

حاصل عمر نثار ياري ڪردم
شادم از زندگي‌ءخويش‌ڪه ڪاري‌ڪردم

تنهنجي گهر جا طواف، هاڻي سياست جا نه پر عشق حقيقيءَ جا روشن باب بڻجي ويا..... عشق جون منزلون به عجيب آهن. اڄ هن وقت تائين اهم راز، راز ئي رهيو ته مان ڇو توسان وابسته رهيو آهيان!.....عشق جو راز تو آشڪارا ڪري ڇڏيو. هن جهان سان منهنجو ڪهڙو واسطو، جي دست قدرت مان کي سائينءَ مٺي محبوب سان غلاميءَ ۾ نه ڳنڍي ها؟ عجيب

(١١٣)

آهي معاملو منهنجو ۽ منهنجي سائينءَ جو! پاڻ هڪ دفعي منهنجي نيازمنديءَ ۽ پنهنجي شفقت جي سلسلي ۾ فرمايائون ته

ميـــان عـــاشق و معشوق رمزيست
ڪراماً ڪاتبين را هم خبر نيست!

.....ڪتاب ڪڏهن شايع ٿيندو؟ ڇپجي ته مون ڏي موڪلجو. تنهنجا خط هيرن، جواهرن ۽ موتين ۾ مڙهائي رکڻ جهڙا آهن، منهنجي ته دل جا هار بڻندا آهن. شايد ڪوبه خط ضايع نه ويو آهي، سڀ ڪٿي نه ڪٿي موجود آهن. تنهنجا خط وصول ٿيڻ کان پوءِ، زمين تي گهمڻ منهنجو ئي ڪم آهي-

باچنين زور جنون پاس گريبان داشتم
در جنون از خود نه رفتن کار هر ديوانه نيست

ـ محمدامين کوسو

(١٦)

١٤-١١-١٩٦٥ع

حضرت جي- ايم- شاهه صاحب!

.....سياسي عقيدن بابت تون لکين ٿو ـــ پاڻ خود هڪ مستقل عقيدو آهين. ٻين ڌارين، خارجي عقيدن جي توکي ڪهڙي حاجت؟

"بخال و خط چه حاجت روي زيبا را!

.....تون رڳو منهنجين اڳين ڳالهين کي ياد رکي سگهندين، ته توکي معلوم ٿيندو، ته سڀ ڪجهه توسان زيربحث آڻيندو هئس. خان قلات ـ بلوچ ـــ بلوچستان ـ! اڄ زندگي ئي آنهن خطن ۾ روان دوان آهي. اهو اثر ڪنهن جو؟ ـــــــ اسان ٻه: مان ۽ يوسف اعظم، ڪڏهن ته ڪوئيٽا جي دور دراز رستن تي سياسي گفتگو ڪرڻ لاءِ اڪيلا نڪري ويندا هئاسون. اڄ بهادر بلوچ، سينو سپر ڪيون، ميدان ڪارزار کي

گرمايونَ بيٺا آهن. منهنجي نزديڪ اِهو هڪ غلط استعمال آهي آن جذبهء آزادي ۽ حريت جو، جنهن جو ٻج اسان ٽيهه سال کن اڳ ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيئي ڇٽيو هو. بهرصورت ٻئي اڳيان سجدا ڪرڻ کان منع جو ڪئيسن، اهو سبق ڪنهن نه ڪنهن طرح ياد رکيو ويو. سنڌ ۽ بلوچستان، ٻنهي جي خاموش فضائن ۾، راتين جي تاريڪيءَ ۾، مان ورهين جا ورهيه پنهنجي آهه سحرگاهي پئي بلند ڪئي آهي.....
سنڌ ۾ تون آڏو آئين. بلوچستان ۾ يوسف اعظم انهن ئي جگرسوز نالن کي جهٽي ورتو. آخر تون به تاب جهلي نه سگهئين، تون به منهنجي ئي نقش قدم تي هلئين- ڪاڏي ويئي ليگ ته ڪاڏي اليڪشن ڪاميٽيون! پر دڳ قدري ڀليل آهين. ايندين، ضرور ايندين انهيءَ شاهراهه تي، جاتي منهنجي آهه هاي نيم شبيءَ جا نشان موجود آهن.

سنڌ، خطئه سنڌ، ديني سياست جو بين الاقوامي مرڪز ٺٻو ۽ انسانيت جي نجات جو پيغام هتان ئي چو طرف وڃڻو آهي. اڳ يا پوءِ، پنجن پيرن جي قبرستان ۾ پوريل، شهيد الهه بخش جي نالي سان اها سياست ٺهندي، جنهن جو اندازو ڪرڻ به مشڪل آهي.

— محمد امين کوسو.

(١٧)

١٦ ١١-١٩٦٥ع

قبلا حضرت جي.ايم.شاهه صاحب!

سکر ڪنهن ڪم سان وڃي رهيو آهيان ..... رات هتان جي نوجوان، ڪم آزمودگار ڊپٽي ڪمشنر سان ملاقات ۾ چيم، ته ملڪ جي سياست ۾ حصو وٺندڙ ٻه چوٽيءَ جا رهنما سنڌي آهن: جي.ايم.سيد ۽ شيخ صاحب- چونڪه سنڌي آهن، پنهنجي خوبوءِ رکن ٿا، تنهنڪري ڪيسن ۽ پابندين ۾ آهن. .... منظم جذبات سان ڪم ٿيندا آهن. پر جي جذبات

(١١٥)

کي حقائق سان غير متعلق رکبو، ته بي اعتداليون سرزد ٿينديون.
هڪ پاسي ماڻهو جي.ايم.سيد ٿيندو ته ٻئي پاسي علي محمد شاهه راشدي! هيءَ (جي-ايم) پاڪيزه ارادن جي بي ترتيبي، ۽ هو (راشدي) فاسد خيالات جي تنظيم و نمائش! ٻنهي ۾ اعتدال ڪونه! ٻنهي کي اصلاح جي ضرورت آهي ..... دل ٿي چوي، ته چوان:

قرعه فال بنام من ديوانه زدند .....

— محمد امين کوسو.

(١٨)

١٧-١١-١٩٦٥ع

قبلا جي.ايم.شاهه صاحب!

جي.ايم.سيد ۽ شيخ صاحب. انهن ٻنهي کي پنهنجي اهميت جو احساس نه هجي، ته اُن جي معنيٰ اها ڪانه آهي، ته هن دور ۾ پاڪستان ۽ هندستان اندر هنن جو ڪو درجوئي نه مڃجي؟ اڄ به، هن وقت به، ههڙن مشڪل وقتن ۾، سنڌ اندر انهن ٻنهي جي نالي وٺڻ سان سنڌ جي مُردن هڏن ۾ زندگي پيدا ڪري سگهجي ٿي ..... سنڌ ۾ انهن ٻنهي کان نظر هٽائي، ٻئي طرف ڏسڻ سياسي ڪفر آهي. — ..... ماتم ڪرڻ کپي اُن حڪومت جي قسمت تي، جنهن وٽ شيخ صاحب ۽ تو پارا به هجن، ۽ آهي انهن اڳيان عاجزين ڪرڻ بجاءِ انهن تي سختيون ڪن. — ..... اوهان ٻنهي جا نالا، قوم جي بيمارين لاءِ مفرح اعظم آهن. ..... شيخ صاحب پارن تي ڪورٽن ۾ ڪيس ڪبا آهن! ڪورٽون ججن سميت، ههڙن آدمين اڳيان جهڪي سلام ڪرڻ لاءِ آهن! حيران ۽ پريشان ٿي ويندو آهيان، ته هن سنهڙي آدميءَ ۾، سندس انساني ڪمزورين جي باوجود، ڪيڏي نه سياسي عظمت سمايل آهي! آهه! بيقدرن جي ملڪ ۾ ڄائو.

— محمد امين کوسو.

(١٩)

١٨-١١-١٩٦٥ع

قبلا حضرت جي-ايم-شاهه صاحب!

سوير صبح جي نماز پڙهي، چاءِ پي، ظفرحسن ايبڪ جي سوانح عمريءَ تي نگاهه وجهي رهيو هوس، ته تنهنجو هي فقرو ياد آيو ته تنهنجي منهنجي سڃاڻپ مذهبي نه آهي-! جواب ٺهي آيو ته منهنجي تنهنجي سڃاڻپ بلڪل ۽ قطعي مذهبي آهي. تون مذهبي مهندار، ليڊر ۽ سردار آهين. تنهنجي سيدپڻي ئي مان کي توسان وابسته رکيو. خود توئي پنهنجي الهه بخش جي زماني جي گرفتاريءَ جي آزاديءَ جي پهرينءَ ملاقات ۾ فرمايو هو ته مان بلوچ هئس، سو توسان ڪيئن نه وفادار رهان ها! شاهه صاحب جو ڪو بيت به تون فرمائي وئين - اڄ ته هت ڳالهه صاف صاف واضح ٿي بيٺي ..... منهنجي بعض ڇا، بنيادي سياسي فتويٰ جي تصديق ٿي ويئي ته سنڌ جو سياسي مرڪز تون ئي آهين. هن گهڙيءَ تائين اها دماغي يا مادي فتويٰ هئي، اڄ اها فتويٰ ڪنهن ٻئي مقام تان منظور ٿي آئي! ..... تون نظربند آهين— ..... سنڌ اندر سواءِ تنهنجي عزيزن جي، مان جيتري ڳڻتي ٻئي ڪنهن کي نه هوندي، جيڪا رڳو تنهنجي نظربنديءَ جي لفظ ۾ پنهان آهي.

رشتا به ٻن قسمن جا آهن: رت ۽ خون جا، روح ۽ قلب جا. تنهنجي ظاهري نمائش ڇا به هجي، روحي ۽ قلبي تعلق ته اسان سان اٿئي ..... هاڻي هليو آهين ڪنج تنهائيءَ جا ذڪر ڪرڻ. تنهنجي ڪنج تنهائي به بيقاعدي، ته تنهنجي جلوت به بيقاعدي! مان سياسي طرح چوان ٿو، ورنه تون ڪنج تنهائيءَ ۾ به زيب ۽ زينت، ته محفل ۾ به محفل جو سينگار. منهنجي مظلوم سنڌ مان کي سڏ ڪري ٿي. مان جواب ۾ "لبيڪ" چئي، توڏي ئي نهاريان ٿو.

..... سنڌ، خوش‌نصيب سنڌ، بخت ڀري سنڌ، حرمين شريفين جي خاڪ مقدس سان لڳندڙ، قريبي تعلق رکندڙ سندس خاڪ! ان ۾ سياستدان ته ڏسو: شيخ عبدالمجيد ۽ تون! وزير اعظم ته ڏسو الهه بخش شهيد! ... اختلافن هوندي اختلاف ڪونه. الهه‌بخش جو مان سخت ۾ سخت طرفدار— توهان ٻنهي شيخ صاحب ۽ جي.ايم.سيد جو حبدار! .....

— محمد امين کوسو.

(٢٠)

١٩-١١-١٩٦٥ع

قبلا حضرت جي.ايم. شاهه صاحب!

رات جا تقريباً ڏهه وڄڻ وارا آهن. ڊپٽي ڪمشنر سجاد احمد صاحب سان ڳالهه ٻولهه لاءِ جنرل جان جيڪب جي کانئس پوءِ ٺاهيل ريزيڊنسيءَ ۾، اچي ويٺو مس آهيان ته دل تو وٽ حاضر رهڻ جو حڪم ڏنو. اچي تنهنجي تنهاين جي ڪنڊ ۾ مخل ٿيو آهيان.

آهي به حقيقت ان پر. ته سنڌ جي ساريءَ فضا ۾ جي.ايم شاهه جو اسم گرامي موجود آهي. اهو نه نئون سنڌي آهي، نه پراڻو سنڌي آهي، جو هن نالي ۽ شيخ صاحب جي نالي جي عظمت کي سنڌ ۾ نٿو محسوس ڪري! سجاداحمد کي قدري سبق ڏيڻ شروع ڪيو اٿم.

... ..... تو پارا آدمي جيلن ۽ پابندين واسطي ته ڪونه آهن. ملڪن ۽ قومن جي عزت ۽ توقير جا جيڪي به سبب بڻجن، تن تي اسان مقدما هلايون يا انهن تي پابنديون وجهون؟ اڳ به مسلماني حڪومتن تو پارن سان ڀال ڀلايا آهن..... ....

هن وقت چوطرف چوڌار مايوسيءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل آهن، ته به الله جي فضل سان روشني تو ۽ شيخ صاحب وٽان، سياسي صورت ۾ نظر اچي رهي آهي. تون ڪو ٻين جي

پابندين ۽ محتاجين واسطي قدرت طرفان سنڌ کي عطا ڪيل آهين! تنهنجي صلاحيتن ۽ عظمتن هوندي، سنڌ وارا پنهنجي ئي ڪم ظرفي، ڪم فهمي ۽ ڪم عقليءَ ڪري خاڪ آلوده رهن، تہ آن جو علاج سوچجي. هرويرو پين جي ڪاوڙ کي پاڻ تي حملي ڪرڻ جي دعوت بہ نہ ڏجي، نہ وري سيد علي محمد شاهہ راشدي بہ ٿجي، جو آن ڪتابن جا پڙهڻ بعد بہ سنڌ فروشيءَ ۽ سپ کان گوءِ ڪٽي وڃي. سندس زهرآلوده مضامين اڇلهہ جنگ اخبار ۽ ايندا رهن ٿا. ڪهڙو نہ خوفناڪ ۽ خطرناڪ مواد آهي، انهن ڪشمير مسلمانن جي حوالي ڪري ڏين وارن مضمونن ۽!

اميد تہ خوش و خورم هوندا!

ـــ محمد امين کوسو

(۳۱)

جيڪب آباد، ۲۲-۱۱-۱۹۶۵ع

قبلا حضرت جي، ايم. شاهہ صاحب!

السلام عليڪم:- منهنجي پيڙي محبوب، حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رح کي هڪ بيوس، بي يار و مددگار سمجهي، شاهہ امان الله، انگريزن کي خوش ڪرڻ لاءِ، سندس رهن جا ڪابل ۾ امڪان گهٽ ڪري ڇڏيا، تہ هيءَ مرد مولا هندستان کي غلاميءَ کان آزاد ڪرائي، آتي اسلامي طاقت ۽ دين رسول جي تبليغ دنيا ۾ ٿان حاوي ڪرڻ جي ارادن کي عملي جامو پهرائڻ واسطي، ماسڪو طرف روانو ٿي ويو. امان الله خان اهو نہ چاڻو تہ هن جي برڪتن سبب ڪيس آزادي بہ ملي تہ تخت بہ ملیو. مولانا آتان روانا ٿيا تہ امان الله جون پاڙون پٽجي ويون. جنهن خاندان مولانا جي اڳيان نيازمندين ڪيون، اڄ آنهيءَ خاندان جو هڪ فرد افغانستان جو بادشاهہ آهي..... ....

..... مولانا يڪ سر جنهن نموني جو اثر رسوخ روس جي بظاهر مذهب کان مخالف حڪومت جي ڪارپردازن جي حلقن ۾ پيدا ڪيو، اُن جو هزارون حصو به اڄ اسان وٽ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. روسي مردم شناس آهي. اجاين هل هنگامن جي هنن کي ڪهڙي پرواهه؟..... حضرت مولانا جي روحانيت آميز شخصيت جو هنن تي بيحد اثر پيو. جي وچ ۾ ڪي خسيس قسم جا ڪالا لوگ دهريا نه هجن، ۽ اصلي روسي ڪميونسٽن جي مڪمل ڄاڻ ۾ معاملو ڏجي ها، ته هوحضرت مولانا جو اهو درجو ۽ مقام ساريءَ دنيا کي مڃائين ها، ۽ خود سنڌ ۾ رهندڙن کي به سندس عظمت جو احساس ٿئي ها.

حضرت مولانا محسن انسانيت آهن. اسلام جا مستند شارح ۽ ساري علم جي دنيا ۾ صحابه رسول کان پوءِ سياسي لحاظ کان وڏي ۾ وڏا عالم دين آهن.....

..... اڄوڪي دور جا اسان جي ملڪ ۾، وڏي ۾ وڏا سياستدان، تون ۽ شيخ صاحب آهيو. توهان ٻيئي پنهنجي طبيعت جا محتاج آهيو. هن نازڪ ترين موقعي تي، ٻنهي جي اصلي خدمات کان سارو ملڪ هماليه کان وٺي ڪيپ ڪامورين تائين محروم آهي. الله پيو پناهه ڏئي!

علي محمد راشدي صاحب جا زهرآلوده، قوم ڪش قلمي تير، ملڪ جي دل ۽ جگر تي پيوسته حملي آور آهن. الائي ظالم ڇا ٿو ڪرڻ گهري؟ بي سبب ته قلم کڻندو ڪونه آهي، ڪا نه ڪا تباهيءَ ۽ بربادي جي ڳالهه کڻي ميدان ۾ آيو آهي. هن دفعي هندستان پاڪستان ٻنهي کي شايد ختم ڪرڻ جو روح افزا خيال کڻي، ميدان ۾ آيو آهي، سنڌ سان ته اڳ ۾ ڀال ڀلايائين — اهڙن سنگدلن کي به تنهنجون امدادون ملنديون رهيون. تو ڇا نه ڪيو ۽ مان توکي ڇا نه چيو؟ ويندي هن گهڙيءَ تائين!

(١٢٠)

..... سنڌ هاڻوڪي گران خوابين مان به جلد بيدار ٿي سگهندي، آهي ڪو جو توکي رحم ڏياري سگهي؟
— محمدامين کوسو

(٢٢)

٢٢-١٢-١٩٦٥ع
جناب حضرت شاهه صاحب!

..... مير جعفرخان جمالي، جنهن اوستي محمد ۾، منهنجو مٿو ڦاڙايو هو، سو منهنجي ئي خاندان جو حليف ۽ مددگار آهي. هن وقت تائين هو ليگ ئي بڻيو بيٺو آهي. ڪتي جي پڇ کي ٻارهن مهينا نڙ ۾ وڌو هئائون، تڏهن به سڌو ڪونه ٿيو هو. مير صاحب کي ڪا غيرت ڪانه آهي— وڌيڪ ڇا چئون؟ — هڪ نه ته ٻي ليگ— لعنت بر همه ليگ! سواءِ چڱن ماڻهن جي، جيڪي اُن ۾ شامل آهن يا هئا. .....
— محمد امين کوسو.

(٢٣)

٢٣-١١-١٩٦٥ع
قبلا حضرت جي.ايم. شاهه صاحب!

فخر سنڌ ۽ هند، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ حضرت جي.ايم شاهه جون سياسي عظمتون، خود هنن جي پنهنجي احساس ۾ ئي نه آهن. حضرت شيخ صاحب سياست ۾ مؤحد آهي. سڀني شرڪن کان پاڪ آهي، ڪنهن جو پوئلڳ ڪونه آهي. پر ضد ۽ ڪاوڙ سبب غلطيون ڪيون اٿس. هندستان جي سياستدانن تي نگاهه ڪجي، ته سواءِ حضرت سيد ابوالحسن تاج محمد امروٽي ۽ حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ڪوبه ان راهه ۾ کانئس اڳيرو ڪونه آهي. گانڌي- نهرو؟ آهه! ماڻهن کي فهم ڪونه

آهي. آهي حقيقتا آنهيءَ جذبي کي فروغ ڏيندڙ آهن، جنهن کي ٻيدا شيخ صاحب ڪيو! سيڪنهن طرح علحده آدمي آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾، سندس ڪابه تقرير اهڙي ڪانه هوندي هئي، جنهن ۾ ٻين ڪان مختلف، پوشيده، ۽ علحده ڳالهه نه چوندو هو. تو سان سڌو يارانيون اٽس منهنجي ٻچا نه ڪر. توکان به وڌيڪ ويجهو اٽس ..... شيخ صاحب ۽ تو بابت لکجي ته ڇا لکجي؟ سنڌ سياسي بنديخانو آهي، جي توهان ۾ نه هجو. ڪير ڇڻي سگهندو ۽ ڪيئن ثابت ڪري سگهبو، ته واقعي شاهه عبداللطيف ڀارو درد وڊيندڙ شاعر به سنڌ ۾ ڄاڻو ۽ نينو هو، جيڪڏهن هن وقت توهان ٻئي به سنڌ ۾ نه هجوها!

نظر ته ڪر! چوطرف چوڏار ڪاري رات لڳي ٻئي آهي. توڏي خط نه لکجن، ته پوسائجي مري وڃجي. شيخ صاحب ۽ تنهنجو نالو، سياسي برق ۽ بجليءَ جيان هن ڪارنهن، اوندهه ۽ تاريڪيءَ کي ختم ڪري ڇڏي ٿو.

حيف آهي آنهن کي، جيڪي پاڻ کي اديب، شاعر، اخبار نويس چوراٽين ٿا، ۽ سندن مضمونن ۽ نظمن ۾ هي ۽ نالا ننڍا اچن؟ بد باطن! آهو نغمو سنڌ جو يا سنڌي ٿو ڪيئن، جنهن جي لئه ۾ شيخ صاحب ۽ جي.ايم توهان نه آندو!! توهان پاڻ کي صاحب قلم چئو ٿا؟ ..... سنڌ جي عظمت ۽ خود نالي جا دشمنو! توهان سنڌ جا اديب آهيو؟ اوهان جا قلب اندا آهن، دلمون اندیون آهن، اکيون اندیون آهن!!

..... سنڌ، ساريءَ دنيا کان عظمت ۾ مٿي آهي. حرم ڪعبو نه آهي، پرم حرم ڪعبي کان پري ڪونه آهي. حضور پرنور صلعم جو عشق ۽ محبت، اڃوکيءَ سنڌ جي رڳ ۽ ريشي مان عيان آهي.....

..... علم ۾ وري سيني عالمن کان علحده شان رکندڙ، دنيا ۾ ڪابه پنهنجي ذاتي ملڪيت سواه الله جي محبت جي،

نہ رکندڙ، عبيدالله سنڌي به اڄوڪيءَ سنڌ ۾ رونق افروز آهي....
ـ محمد امين کوسو.

(٢٤)

٢٤-١١-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي.ايم شاهہ!

تون ڪنج تنهائيءَ ۾ بادشاهي ڪندو رهہ ۽ سنڌ سڄي بنديخانو بڻجي وڃي!

روح جاتي آزاد نہ هجي، قلب جاتي پابند هجي، اُتي رهائش لاءِ آدمي ائين ئي ڪي طريقا ڳولي ڪڍندو آهي، جيئن مان ڪري رهيو آهيان؛ توڏي خطوط جو اڻ کٽ سلسلو شروع ڪري ڏنو اٿم.

مان وٽ تہ سنڌ ڪعبي سان ملائيندڙ ۽ دين رسول الله ۾ هجڻ جو سبب آهي؛ سنڌ نہ هجي ها، تہ مان مسلمان نہ رهي سگهان ها. منهنجي مٺي محبوب سائينءَ جي پيدائش سنڌ، ۽ سندس جسم اقدس سنڌ ۾ ئي موجود آهي—! منهنجي سنڌ پرستيءَ سان ڪير مقابلو ڪري سگهندو؟ بين الاقوامي ديني سياست جو مرڪز واقعي ۽ حقيقتاً سنڌ ئي آهي. دين جو پهلو حضرت پير سائين ۽ حضرت مولانا ٻيڙو، سياست ۾ جي.ايم. شاهہ ۽ فخر سنڌ و هند شيخ عبدالمجيد سنڌي .محض مردم ڪشي تہ دين جي خدمت ڪانہ آهي..... هيءَ اوندهہ، جنهن ۾ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي، سا تہ ختم ٿئي. اها ڪاري رات ۽ اها اوندهہ جي چادر چاڪ ڪندڙ طاقت، هن وقت صرف "سن" ۾ آهي.

—محمد امين کوسو.

(٢٥)

٢٤-١١-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي ايم. شاهه صاحب، ڪنج تنهائيءَ جا بادشاهه سلامت!

هر قسم جي جائز واڌاري لاءِ اولين شرط آزادي آهي. پاڪستان جي سڀني علائقن ۾، هن وقت سنڌ ئي آهي، جيڪا انهيءَ متاع گران بها کان محروم آهي. اُن جو ايڏو سبب ٻين جي لتاڙ نه آهي، جيتروڪ خود هت قحط الرجالي آهي.

نه هن کان چوٽيءَ تائين جو سنڌي، آغا غلام نبي خان پٺاڻ بڻجي ويندو، ته هن کي آزادي ۽ غلاميءَ جي مابين تميز رهندي ڪيئن؟ اهڙن ڀينسن (پاڏن) کي به تو وٽ پناهه هئي. اهڙا خوب پيٽ ڀري کائين، مٿن چڱا چڱا جهُل هجن، سٺا سٺا واڙا اُنهن جي ڍڪڻ لاءِ هجن. پر قومن جي قسمت جي فيصلن وارين محفلن ۾ به اچي ويهن، ته قوم اها ٺهندي، جيڪا سنڌ هاڻي آهي—!

الائي ڪٿان ڪٿان جا جانور، اسان جي پاڪ ۽ مقدس ارادن سان جوڙيل الهه بخش جي حڪومت کي ڊاهڻ واسطي تو گڏ ڪيا هئا. حالانڪ الهه بخش کي طاقت ۾ آڻڻ وارو به تون ئي هئين.

هاڻي وري ڪنج تنهائي! ڪنج تنهائي نه هر ڪنهن لاءِ جائز آهي، ۽ نه وري هر وقت جائز آهي. ماڻهو، جو غلام رسول شاهه جيلاني بنجي وڃي، ته به توکي رحم نه اچي. ظاهرا ته سوٽ به اٿن، ته نيڪٽاءَ به اٿن، پر سندن روح جو ايتريقدر مسخ ٿي ويندو آهي! پياري مٺي، سنڌ دنيا جي سڀني ملڪن، سواءِ حجاز مقدس جي، اوچي ۽ مٿاهين سنڌ، اڳوتر ۾ الائي کائن ڪهڙا حساب وٺندي؟

—— محمد امين کوسو.

(۲۶)

۲۵-۱۱-۱۹۶۵ع

قبلا حضرت جي‌ايم. شاهه صاحب!

..... توهان هڪ رسمي گفتگوءَ ۾ فرمايو هو ته حضرت مولانا عبيدالله سنڌي، حضرت شاهه ولي الله کان سکيو آهي. حضرت شاهه جي اهميت کان ڪير انڪاري؟ پر حضرت شاهه صاحب ڪنهن به هنڌ ڪنهن به مقام تي، سياست متعلق اُن جو هزارون حصو به نه چيو آهي يا ڪيو آهي، جو هن ٻيڙي محبوب ڪيو يا چيو آهي. ..... اهو چوڻ ائين ٿيندو، جو ڪو تو لاه چوي ته تون مسٽر جناح کان سکيو آهين. حالانڪ هن وقت بيروني دنيا ۾ ڏالو ته مسٽر جناح جو مشهور آهي. ..... پر ٻڌاه ته توکي مسٽر جناح جو شاگرد ۽ پوئلڳ چوڻ صحيح آهي؟ بعينهه اها حالت ديني سياست ۾ منهنجي ٻيڙي محبوب مولانا سنڌي ۽ حضرت شاهه ولي الله صاحب جي آهي .... هاءِ ڏي ڪم نظري! ..... رسمي روايتي ڳالهيون به ٺيڪ هوندڙون آهن، پر حقائق کي به ڏسجي.

مان جنهن "سنائي سيد" جي تعريف ۾ هيترو ڪجهه لکندو رهان ٿو، آن سان تعلق بذريعي سيد علي محمد شاهه راشديءَ پيدا ڪيو، ته هڪ ٻيو ۽ نازو موقعو علي محمد شاهه صاحب کي ملندو ته سنڌ کي مزيد تباهه ۽ برباد ڪري ..... تو وارو مولانا عبيدالله سنڌي، شاهه ولي‌الله جو شاگرد نظر اچي ٿو، مان وارو ٻيڙو محبوب مولانا عبيد الله سنڌي، سنائي سيد سان مان کي ملائي، ساريءَ دنيا تي دين جي غلبي جو عملي پروگرام ٻڌائي ٿو.

— محمد امين کوسو.

(۲۷)

ڊپٽي ڪمشنر آفيس، جيڪب آباد،
۲۵-۱۱-۱۹۶۵ع
حضرت شاهه صاحب!
..... ڪيڏو نه اهم موضوع آهي مورخ لاءِ، هاڻوڪي
ين ادائي سو سالن جي سياست ۽ آن ۾ سياستدانن جو درجو
۽ مقام ـــ! تون تاريخ جو شاگرد نه رهيو آهين، مان وت
ايم.اي تائين تاريخ ۽ سياست جو مضمون به هئو، وري خود
تاريخ ساز به بڻيس. انگريزن کي هندستان مان ڪيڏ جي آخرين
باب ۾ منهنجو ڏي ته اهم ڪردار آهي. جو ڪنهن نه لکيو،
خود تو به نه لکيو.
زميندار هوٽل کان حيدر منزل طرف، بي تحاشا شب‌وروز
گهمرا، پنڌ ۽ طواف!!
الهه‌بخش جي طاقت جو اصلي سبب، مان ـ منهنجي اصلي
طاقت جو سبب منهنجو مٽو محبوب سائين ۽ بي سموري سنڌ،
يعني جي.ايم. سيد ۽ شيخ صاحب جي محبت!
سنڌ ۾ الهه‌بخش ته لکيائون، پر الهه‌بخش ڪنهن جي
نمائندگي ڪندو هو، آهو ڪنهن به ڪونه لکيو.
سندس قبر به مان لاه آن ساڳيءَ جيئري جاڳندي نمائائيءَ،
نهائيءَ ۽ محبت جو اظهار ڪندي آهي.
ـــ محمدامين کوسو

(۲۸)

۲۵-۱۱-۱۹۶۵ع
حضرت قبلا شاهه صاحب!
سيد سڳورا! جيڪو مان لکان ٿو، چوان ٿو، اهو آهين
ته برابر تون، پر محمدابراهيم جوڻيو جي وايا نه! ادب ۾ مان

ڏاند مٿهاڙو به ڪونه ڄاڻان، پر انسانيت سازيءَ کان واقف آهيان.

سنڌي ادبي بورڊ، الهه بخش ۽ منهنجي عشق جو قصو اڃا ڪونه لکيو، ته اِهو سنڌي ادبي بورڊ ڪيئن ٿيو؟ ڇو جو الهه بخش منهنجي ئي بيهاريل جاءِ تي سيني تي گوليون سٺيون، پر سنڌ جي آزاديءَ جون ڪنجون غيرن جي حوالي نه ڪيائين. (اُن جو نالو لکڻ به سوريءَ جي سڏ مثل آهي)— الهه بخش جو نالو مان لاءِ وٺڻ اڄ به گردن زدني جرم آهي. تو به اهوئي قصور ڪيو، جو منهنجي ئي اشارن ۽ نقش پا تي بعد از وقت هلڻ لڳين.

منهنجا سائين ڏکيو مقام آهي اهو!

هاڻي مان ئي توکي دوباره چوان ٿو، پر ڪنهن جيل ۾ وڃڻ، تڪليف سهڻ جي تلقين نٿو ڪريان. رڳو جي. ايم. شاهه ۽ شيخ عبدالمجيد جي نالن جي مسيحائيءَ کي استعمال ڪرڻ لاءِ چوان ٿو.

آهه! ڪيڏو نه جادو آهي، ڪيڏو نه سحر آهي، اِنهن ٻنهي نالن ۾! سرزمين سنڌ اُنهن ٻنهي نالن جي اچارڻ سان سرمست ٿي، اُٿي هلڻ لاءِ بيتاب ٿي ٿي وڃي!

— محمدامين کوسو

(٢٩)

حضرت قبلا جي. ايم. شاهه صاحب!

السلام عليڪم و رحمته‌الله و برڪاته!

اڄ صبح صادق جي شروعات کان اڳ، اک کلي، ته اهو احساس آيو ته سنڌ نه بلڪ سڄي پاڪستان جي سياسي طاقت جو مرڪز جي. ايم. سيد آهي. پوءِ نماز پڙهيم، تلاوت ڪيم، ۽ هڪ ٻئي مسافرشناسا بندي سان اچي چاءِ پيتي ۽ هڪ پوليس صوبيدار پاڻ کي ڪوٽڙيءَ جو ويٺل ٻڌايو. کيس چيم

ته جي ايم. سيد جي ضلعي جو آهين نه؟ سنڌس چهرو خوشيءَ سان پرجي ويو.

راتِ هتان جي نوجوان ڊپٽي ڪمشنر (جنهن جو تجربو گهٽ آهي) کي ٻڌائي رهيو هئس ته هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جو داخلي اهم ترين حصو اهو آهي، جو جي. ايم. سيد سنڌ کي سياسي معنيٰ ۾ ٻڌائڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو هو ۽ بندو الهبخش جي ذريعي انگريزن کي هندستان کان ٻاهر ڪڍڻ ۾ مشغول هو. فصلي ڪن آدمي داخلي طرح رڳو اهي ٻه آهن. ۽ افسوس، اها تاريخ اڃا ڪنهن ڪانه لکي!

اڇڪلهه پير سائين علي محمد راشدي فرمائي ٿو ته. پنهنجي تياري پاڻ ڪريو. اهو ته بلڪل ٺيڪ ٿيو- پر پنهنجي تياري ڪجي ڪيئن ۽ ڪائون شروع ڪجي؟

..... "محاذ" قوم ناهيندي آهي. قوم نه هجي، "محاذ" هجي، اهو قريب قريب ناممڪن آهي. ساري قوم، ملڪري "ليفٽ رائيٽ" ڪائي ٻه نه ڪندي آهي.

..... سياست کان ڪناره ڪشي، زندگيءَ کان ڪناره ڪشي ڪانه آهي. تنهنجو پنهنجو ئي مقام آهي، جو ٻين جي پرڻ جو نه آهي. اهو خال نه پرڻ هڪ قسم جي بنيادي غلطي آهي..... تون ڪمالات جو مالڪ آهين..... پر تو وٽ جذبات ۾ اعتدال جو فقدان آهي، آن ڪري سنڌ ۽ پاڪستان خساري ۾ رهن ٿا.

پير علي محمد راشديءَ کي سنڌس تخريبي عمليات جو موقعو هٿ نه اچي ته قلمڪارهون فرمائي، اهو ٻيو مسئلو آهي. تون ڪنج تنهائين ۾ آسودگيون محسوس ڪرين، اهو وري ٻئي قسم جو حادثو آهي..... تنهنجي فڪر جون خاميون، تنهنجي ذيڻاه صلاحيتن جي اثراندازين کي گهٽ نه ٿيون ڪن. فڪر جي خاميءَ جو بنيادي سبب هيءَ آهي ته توکي "صالح" محبت

ملي ڪانه آهي. مولانا ٻيڙي سان توکي اِن قسم جو قرب پيدا نه ٿيو، جو توکي گهلي کڻي. منهنجي سائين محبوب کي تو رڳو سنڌ جي هڪ سياسي طاقت وارو پير ڪري ڄاتو. ٻنهي جي اصل مقام جو توکي احساس پيدا نه ٿيو. حالانڪ هو ٻيئي توکي تنهنجي صحيح رنگ ۾ ڏسندا رهيا آهن. ان ڪري مان کي ائين چوڻ ۾ ڪو تردد ٿئي ئي ڪونه ٿو ته تون سنڌ ۽ پاڪستان جي اصلي ۽ صحيح سياسي طاقت جو مرڪز آهين.

مان غلط هنگامه‌آرائين جو گهٽ معترف ٿيندو آهيان، جيتوڻيڪ پنهنجي شعله مزاج طبيعت کان مجبور ٿي، ظلم ۽ استبداد جي هر نوع ۽ قسم جي مقابلي‌آرائي ڪئي اٿم. هن وقت، هن گهڙيءَ به مقامي ظلم و ستم، مردم‌ڪشي، انسانيت سوزيءَ جي زد ۾ مان ئي آهيان. ..... تون پاڻ خود هڪ منظم طاقت آهين. تون ئي اُن جذبهء جهاد جي مرڪزي شخصيت آهين، جيڪو انسانيت ۽ اسلام جي ترقيءَ لاءِ سر زمين مقدس سنڌ مان چو طرف چوڌار دنيا ۾ هن وقت، هن گهڙيءَ ڦهلائڻ گهرجي. توکي کڻي انهن لفظن ۾ مبالغو نظر اچي، پر سنڌ جي ساري فضا ۾ اهوئي نعرو ڦهليل آهي، يا مان ڦهلايان ٿو. توکي جيئن وڻي اُن کي سمجهه!

—— محمد امين کوسو،

(٣٠)

٢٧-١١-١٩٦٥ع.

حضرت قبلا جي-ايم شاهه صاحب!

نه شبم، نه شب پرستم ڪ حديث خواب گويم،
چون غـــلام آفتابـــم همـــه ز آفتاب گويـــم.

مان ازلي ۽ ابدي سنڌ پرست، ڇاڪاڻ ته منهنجو پير، آقا، مربيءَ سائين، پيرن جو پير، مسند فقر جو يڪتا، بي بدل، بيمثل بوريا نشين، شاهنشاهه زيب و زينت حضرت عبدالرحمان رحه ڀرچونڊي شريف وارا به سنڌي آهن.

..... ..... سنڌي ٻولي، عربيءَ سان گڏ سڀني زبانن کان مٿانهين ۽ اوچي آهي.

درمحمد اوستي جي ڪيرڻ جو واحد سبب، ڪلهه ڪيس چيم تہ اهو آهي جو هن سنڌي ٻوليءَ جي هٽڪ ڪئي.

..... هت حيدرآباد جي شاهي محفلن ۽ هڪ شخص مسٽر آنڊ، بي-ڊيءَ جي عهديدار، مان ڪي گهمندو ڳالهائيندو ڏٺو آهي. هاڻي هو حيدرآباد وڃي ٿو. مان ڪيس چئي ڇڏيو آهي، هڪ قسم جو حڪم ڏنو اٿم ڪيس تہ "جي- ايم- سيد پڙهندو، پڙهائيندو رهي."

جي- ايم- سيد مان وٽ محض ڪنج ننهائيءَ جو بادشاهہ نہ آهي، پر سنڌ جي اونداهي حال جي سياست کي ڦيرائي، انسانيت جي نجات واري سياست ٻڌائي سگهڻ جي طاقت جو نالو آهي. ٻڌين ٿو، چا ٿو فرمايان؟ اهو جي- ايم سيد تون ئي آهين.

— محمدامين کوسو

(۲۱)

۲۷-۱۱-۱۹۶۵ع

قبلا حضرت جي- ايم- شاهہ صاحب!

السلام عليڪم.

منهنجي دوستن مان يوسف‌علي خان مرحوم ۽ خانبهادر الهبخش شهيد، امڙاهٽا، جو مان‌کي ڪا ڳالهہ انهن کي چئي، ڪهڻو ڪري ڏيارڻ جي ضرورت ڪانہ هوندي هئي. هو خان عبدالصمد خان اچکزئي، سو رکي رکاءُ ۽ ٻڌائي جذبي وارو آهي. ڪوڪ مان سان لاڪاپا پائڻ جهڙا اٿس، پر مٿس غفارخاني رنگ چڙهيل آهي. تون ۽ شيخ صاحب، ٻنهن دوستن ۽ مخدومن مان آهيو، جن سان ڪنهن بہ اختلاف کي مان اختلاف ڪري جاتو ئي ڪڏهن نہ — علامہ حڪيم فتح‌محمد سهوهاڻي ۽ مولانا محمدصادق جي دوستي، منهنجي اُن وقت جي سياسي عقيدن سان

بہ موافقت واري هئي. حضرت مولانا عبيدالله رح جي زيارت کان پوءِ حضرت مولانا وفائيءَ سان ياراني اهڙي بڻي، جو اُها قيامت تائين ڳنڍيل آهي.

هاڻي حياتيءَ ۾ تون، شيخ صاحب ۽ خان عبدالصمد خان آهيو. خان عبدالصمد خان جيل ۾ آهي. سندس نالو وٺڻ وارو بہ مان کون سواءِ هنن محفلن ۾ ڪونہ آهي. باقي بلوچستان جا گهڻائي حصا سياسي بيداريءَ جي خيال کان هوشيار ٿي چڪا آهن.....

..... تون آهين تہ اصليت ۾ ٻيو ڪجهہ پر ڪڏهن ڪڏهن مصلحتاً شخص واحد قطره آميز جا مثال بہ ڏيئي ويندو آهين. سيد سونهارا! قطرو، موج، دريا، طوفان، سڀ بيڪ وقت الله واري جا غلام ٿي ويندا آهن. هو مصلت بين بہ هوندو تہ مصلت شڪن بہ هوندو آهي. جنهن سنڌ اندر توکي نہ ڏٺو، اُن ڏٺو ڇا؟ جنهن توکي ڏٺو ۽ مان کي تنهنجي مقابلي ۾ ٻانهون کنجيل بيٺو نہ ڏٺو، انهيءَ هندستان جي هاڻوڪي سياسي تاريخ جي اصليت نہ ڄاتي.

ٻہ فقط ٻہ، هن طوفان‌انگيز سياست جا فيصليڪن فرد آهن: تون ۽ شيخ صاحب! اُف! تاريخ دانيءَ کان بہ سنڌي محروم آهن. اُنهن ۾ نقالي ۽ تقليد جو بہ سليقو پورو پورو ڪونہ آهي..... منهنجي رندانہ محفلن ۾ جي آواز نا و نيش جا بُلند ٿيندا رهندا آهن، اُنهن جو مختصر پڙلاءُ تنهنجي ڪنن تائين پوي ها، تہ "جي-ايم-سيد، جي-ايم سيد" جو سرمدي نغمو بلند ڪندي، سنڌ ساريءَ کي جاڳائي ڇڏين ها.....

مان تہ جي-ايم-سيد جي نالي جو نعرو بلند ڪري ميدان ۾ آيو آهيان. ڏسان هاڻي ڪو هن "هوتاهے جاده پيما هر ڪاروان همارا" کي روڪي سگهي؟

..... سنڌ، سنڌ چوندڙ تہ ڏسو! سنڌ پڙهڻي هجي، تہ مان کان ڪو پڙهي، مان کي ٻين جي داستانن پڙهڻ جي

ڪا ضرورت ڪانه هئي. منهنجي پنهنجي گناهگار زندگيءَ جون رندانه مستيون مان لاءِ ڪافي آهن.

—— آهي دفتر پارينه ٻين جي يا مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي ڪرم خورده دماغ لاءِ آهن.

آفتابِ تازه پيدا بطن گيتي سے هوا،
آسمان ڊوبے هوئے تارون ڪا ماتم ڪب تلڪ؟

منهنجي پنهنجي ئي زندگيءَ ۾ آهي رعنايون ۽ حُسن جون ڪرشمي سازيون آهن، جو شب‌وروز آن ۾ مست رهان ته ٻنهي جهانن کي ٺوڪر هڻان..... -- تاريخ انسانيت جي هڪ عجيب موڙ تي اسان اڄ آهيون. انسان مشينن، گيسن ۽ آئٽم بمن سان انسان کي تباهه ڪرڻ جي درپيءِ آهن. هن اُونداهي دور جي نجات جو ڏڳ جي.ايم. شاهه جي ذريعي مان صاف صاف لفظن ۾ ٻڌايان ٿو. —— محمدامين کوسو

(٢٢)

ميونسپل ريسٽ هائوس، جيڪب‌آباد

١-١٢ ١٩٦٥ع

قبلا حضرت جي. ايم. سيد صاحب!

تو واري مڪتوب گراميءَ، جنهن ۾ تو احتياط وٺڻ لاءِ فرمايو، منهنجي دل ۽ دماغ تي عجيب اثر وڌو آهي. ڇا توکي چوان يا لکان؟..... مان مجذوب = ته اهڙي مجذوب جي هڪ جذبي سان هزار ڪروڙ دانايون گهورجن!

—— .... چوڏهن سوَن سالن جي اسلام جي تاريخ تنهنجي نالي ۾ سمايل آهي.....مان ڪابه ساراهه سياسي نموني جي اخبار ۾ ڪانه ڪئي آهي. باقي تنهنجي تعريف سان ته سنڌ جي فضا جو ذرو ذرو معمور آهي. آدمين کي خدا کڻي انڌو يا ڪم عقل ڪيو هجي. راتين جو سُمهي، اڌ رات مهل، نمازن جي تياري ڪرڻ ۾ لڳندو آهيان، ته آن وقت جي فضا ۾

صاف صاف تنهنجو نالو، دل کي نظر ايندو آهي. اِن کي منهنجو جذبو ئي کڻي ڄاڻ، پر مان ته پنهنجي ئي اندر جو هوڪو ڏيندس.

اڄ همايون شريف کان گذر ٿيو، جتي حضرت ميان عبدالغفور همايوني ۽ سندس حسن ورعنائيءَ وارو ڏُهتو، مان تي مهربانيون ڪندڙ، فقير حضرت ميان عبدالباقي رح، مَدفون آهن- سڪندر خان، حضرت ميان مرحوم وڏي جو غزل "تنهنجي زُلف جي بند ڪَمند وڌا، زَندان هزارِين مان نه رُڳو"- پڙهڻ شروع ڪيو. ان غزل جي اڪثر شعرن جهڙو شعر اُردو، فارسي ڪلام ۾ ڪونه آهي، باقي عربيءَ جو پتو نه اٿم. خيال اٿم ته ڪنهن به زبان ۾ ان پايي جو نه هوندو.

.....منهنجي تگ و دو جي منزل تو تائين هرلحاظ کان.....دُعا ڪريو.

ـ محمدامين کوسو

(٧٣)

٢-١٢-١٩٦٥ع

حضرت جي.ايم شاه صاحب!

زاهد چه پرسي آز مذهب من،

زنديق عشقم بيے چون چرائے!

سڪندر خان کوسي جي واتان اهو ٻنهي جهانن ۾ زلزلو وجهندڙ شعر ٻڌم. اڄ هتان جي A.D.M. جي آفيس مان توڏي منتقل ڪريان ٿو. ان شعر جو اطلاق مان پارن تي ٿئي ٿو— منهنجي مِٺي محبوب سائين جي روضئي مقدس تي طواف ۽ سجدو ناجائز، ته اسلام سان سارا رشتا ناتا ختم!! وري اهڙو زنده، جيئرو جاڳندو، طاقتور رشتو دين رسول الله سان ٻين جو ٿي ڪيئن سگهندو آهي، جيڪو اسان گنهگارن عاجزن جو آهي. سڪندر خان ڏاڍا شعر پڙهندو رهندو آهي. وجد ڪندو نظر

ايندو آهي. شعر خواجه غلام‌فريد صاحب جي ڪافين کان وٺي فارسي نعت گو شاعرن جي ڪلام تائين هوندا آهن.

مان کي جاتي هڪ هڪ شعر ۾ تنهنجي ياد ايندي آهي هن کي آن جو احساس ئي ڪونه ٿيندو، ته حضور جي عشق جي تڪميل جي، ايم. سيد جي محبت کان سواءِ ٿي نه سگهندي آهي. اهو تعلق مذهبي ٿيو، يا دنيوي سياست جو؟

— محمدامين کوسو.

(٣٤)

ميونسپل ريسٽ هائوس، جيڪب‌آباد.

٦-١٢-١٩٦٥ع

حضرت جي. ايم. شاهه صاحب!

منهنجي خطن جي هڪ ئي معنيٰ، هڪ ئي مطلب آهي، توسان منهنجي نيازمندي ۽ آن جو اظهار! ڇو ٿو تون ملول ٿئين ته ان جي معنيٰ ڪا ٻي به نڪري سگهندي آهي! ان نيازمنديءَ ڪهڙا ڪهڙا دور ڏٺا آهن ۽ هاڻي ان جي ڪيفيت ڪهڙي آهي؟ مان عرض ڪريان ٿو ته تو پارو آدمي، هر موقعي ۽ مهل تي پنهنجو رفيق، يار، مددگار پاڻ آهي. رڳو حالات مطابق پنهنجو پاڻ کي 'پاڻ' ڪري بيهار- هاءِ ڙي! سنڌ جي قسمت، تو پاري جو قدر ڪرڻ نٿي ڄاڻي! تون ڇو ٿو خلق خدا جي نمونن کي ڏسين، وقت جي تقاضائن کي ڏس! سياسي مجدد بڻج! ٻين جي ڏٺل، چيل ۽ ڪيل واقعن کي ڇا ڪندين؟ پنهنجي راهه پاڻ پيدا ڪر! مان کي تنهنجي طاقت، همت ۽ هر ڏکئي ۾ ڏکئي معاملي کي سلجهائڻ جي تدبيرن ۾ پورو ۽ مڪمل ڀروسو آهي. پر خود توکي ان تي آماده ڪرڻ مشڪل آهي. تون مايوسين لاءِ ته ڪونه آهين. قومن ۽ ملڪن جي مايوسين کي دور ڪندڙ افراد جو وجود ئي مايوسيون شڪن هوندو آهي. ڪي وقتي ۽ هنگامي ڏکايون ضرور پيدا ٿينديون

آهن. انهن ڏکيائين جو سدباب ڪيو وڃي. ڪير ڪري سدباب؟ اهو به تون پاڻ ئي ڪندين!..... تون فقط تون، هر لحظ کان هن وقت جو اهم ترين فرد آهين. سياسي هنگامه آراين کان سواءِ به سياسي رستا اُڪري وڃبا آهن—

مردان ڪار ڍونڍڪے اسباب حادثات
ڪرتے هين چارهء ستم چراغ لاجورد.

افسوس، مان خود توکي تنهنجي ڪارڪردگين جي اصلي مقام کان آگاه نٿو ڪري سگهان. تنهنجي ذريعي هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڪهڙين طاقتن کي فروغ نصيب ٿيو، ۽ توکي ڪو اُن وقت صلاح مشوري ڏيڻ ۽ روڪڻ وارو هو يا نه هو؟ جي تون بروقت انهن طاقتن جي راه کي هموار نه بڻائين ها، ته پوءِ ڇا ٿئي ها؟ اهي سوال ڪڏهن تنهنجي ذهن ۾ اُڀريا آهن يا نه؟ جي اُڀريا آهن ته اُنهن جو جواب تو ڪهڙو ٺاهيو آهي يا ڏنو آهي؟ مان توکان تنهنجي عمل کي سمجهڻ جي تصديق نٿو چاهيان؟..... .... — محمدامين کوسو

(٣٥)

٥-١٢-١٩٦٥ع

حضرت جي. ايم. شاهه صاحب!

..... تون لکين ٿو ته حڪومت توتي بندشون وڌيون آهن. مان به اهو مڃي، وري توکي چوان، ته انهيءَ ساڳيءَ حڪومت کان بندشون لهراه! مان کي ته هڪ تر جيتري به ڏکيائي محسوس نٿي ٿئي، ته تون حڪومت سان ڇونه ڳالهائين. ڪي اُبتا يا چڱا ڪم آهن ته اُنهن جا آهن، تو وٽ جهڙو هڪ ٻڪرار، تهڙو اميرالمسلمين محمدايوب خان بادشاهه پاڪستان! ٻنهي جو تون مخدوم آهين ..... عرب ۽ عجم سيد جا غلام آهن. اهو سيد تون به آهين..... — مان جي. ايم. سيد کي،

سيدزادي جي حيثيت ۾ مڃان ٿو، جو خودآگاهي رکي ٿو. انهيءَ خودآگاهيءَ کان وقتي ڪم ڪهڙا وٺجن، اهو ڏسيان ٿو! اها خودآگاهي ستل قوم کي ڪنج تنهائيءَ ۾ رهي ڪري به بيدار ڪري سگهندي آهي.

— محمد امين کوسو

٣٦

ريسٽ هائوس، جيڪب آباد.

٦-١٢-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي. ايم. شاهه صاحب!

اڄ اسان جي قوم جي ٻن گروهن جو ڪو فيصلو هو. اهو فيصلو قادرپور ۾ سردار عبدالرزاق خان وٽ رکيل هو. بنده به سڪندر خان سان ان طرف ويو. موجوده سردار جو مان محافظ ۽ خيرخواه آهيان. بندي اتي قومي اجتماع تي نظر وڌي ته محسوس ٿيو ته اسان سڀني سنڌ جي رهواسين جو اندر کاڌل آهي. سبب ان جو اِهو آهي ته اسان پاڻ کي هر حال ۽ هر موقعي لاءِ مضبوط نه بڻايو آهي. هوا سان ڪک پن اڏامندا آهن، پهاڙ نه! اسان هر حالت ۾ پاڻ کي پهاڙ بنايون ها. اهو اونو نه ڪرڻ خطا جو ڪم هو ۽ آهي. اهي سياسي جٿابنديون، جي سنڌ جي هاڻوڪي حالات کان جدا يا مٿي آهن، خطا آهن.

هن مجموعي جي گفت و شنيد وقت منهنجو خيال توڏي ويو. ٿوري دير ٿي آهي، جو واپس جيڪب آباد پهتو آهيان، ۽ هاڻي تو وٽ حاضري ڏيان ٿو.

اسان وٽ، جيڪي مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ديني و انقلابي سياست جو داءُ ڄاڻندا آهيون، هر موقعي ۽ مهل جو پورو جائزو وٺڻ به ضروري آهي. 'آب نه ديده موزه ڪشيده'، سياست ۾، سو به هن قسم جي سياست ۾، ڪچن جو ڪم آهي. تنهنجون صلاحيتون ۽ تنهنجون ڪنج تنهايون، ٻيئي حسن ۽

زيبائش کان خالي ڪونہ آهن. پر اُنهن جو صحيح استعمال تولاءِ ٻيو ڪري ڪير؟ هن وقت سڀڪجهہ تہ تون هڪ آهين. پاڻ سنڌ، پاڻ پاڪستان، پاڻ مسلمان، پاڻ سياست ٺاهيندڙ، پاڻ صلح ڪرائيندڙ، پاڻ انقلابي، پاڻ سڀني طبقن ۾ خير ۽ عافيت پيدا ڪندڙ— غرضيڪہ حيات انسانيت جي مجموعي خواص جو مرڪب تون آهين. تو بابت جي آدمي ڳالهہ نہ ڪري، تہ پوءِ رڇن، ڀولڙن، گدڙن ۽ سوئرن بابت ڳالهائي ڇا؟ سنڌ سمورن آدمين واريءَ جو رکوالو تون آهين— اها شاعري آهي، مبالغو آهي، تہ حقيقت ٻي ڪا ٿيندي آهي، تہ اها مان کي ڏيکارين ڇو نہ ٿو؟..... هڪ ئي آدميءَ سان تقريبا ١٩٣٨ع کان يعني اٺاويهن سالن کان ڳالهايو اٿم. اهو تون ئي تہ آهين. انڪار ڪرڻ جي جرئت توکي ٿيندي ڪيئن؟ سنڌ ۾ ڪا قوم، ڪا پارٽي، توکان سواءِ هجي ها، تہ مان سنڌ جو، حضرت مولانا سنڌيءَ جي ذريعي انقلابي ديني سياست جو نمائندو، انهيءَ سان ڳالهايان ها. اڄ بہ ساڳي ئي ڪيفيت آهي. سنڌ جي رهندڙ آدمين جي سلسلي ۾ ڳالهائبو، تہ ضرور باالضرور توسان ئي ڳالهائڻو پوندو..... سيد سونهار! تون اصليت جي لحاظ کان اسلام جو هڪ حقيقي مؤيد ۽ معاون آهين. وطن جي لحاظ کان صفا سنڌي، ۽ سياست جي لحاظ کان پاڪستان جو زمانہ رو واحد، شيخ صاحب جي امداد سان، پايو وجهندڙ آهين..... تون تڪليفن ۾ آئين تہ ڄڻ سنڌ تڪليفن ۾ آئي. مان انسان آهيان، ڀت ڪونہ آهيان. تو بابت احساس نہ ٿيم، تہ پوءِ حيف آهي مان کي!

تون چوين ٿو تہ منهنجي خطن مان اهو مفهوم نڪرندو تہ مان ڪا سياسي ڳالهہ چوان ٿو، جيڪا توکي تحرڪ ۾ آڻي. جي. ايم. سيد نالي ۾ ئي ساري سنڌ سمايل آهي. جيڪي سنڌي آهن، سي سڀ اُن ۾ اچي ويا. تون زميندار جدا ڪندين، هاري جدا ڪندين، شاهوڪار جدا ڪندين، مزدور جدا ڪندين،

ته اُها سنڌ ساري ته نه چئبي! ساري سنڌ معنيٰ: شاهوڪار، زميندار، هاري، مزدور، ڪڙمي، ڪاسبي، ملا، مولوي، پير فقير، مسجد مندر ـــ سڀ جي-ايم-سيد! ٽڪاڻا، مندر ۽ مسجدون نه ڊاهين سياست ۾، ته پوءِ اُن تحريڪ جو نالو جي-ايم-سيد آهي.

ياد رک! ان سنڌ ۾ اوليت وارو فيصليڪن نالو، توسان گڏ فخر سنڌ ۽ هند شيخ صاحب جو آهي. اِها سنڌ آهي ئي اُها جيڪا مان چوان ٿو. سنڌي ٻولي مذهبي ٻولي آهي. عربيءَ سان گڏ آهي مرتبي ۽ شان ۾! حضرت مولانا همايونيءَ جي نعت جو هڪ شعر ته سنڌيءَ ۾ اهڙو آهي، جو ٻيءَ ڪنهن به زبان ۾ شايدئي اهڙو ڪو هجي.

سنڌ، پنهنجي سمورين رعنائين ۽ محبوبيتن سان توسان ئي ڳنڍيل ۽ وابسته آهي. ائين نه هجي ها، ته ڇو هيڏا سارا دفتر توڏي لکجي اچن ها..... تون ڪيترو پاڻ کي پري ڪندين. ڪنج تنهائين ۾ به تون ئي سنڌ آهين. ٻڌين ٿو يا نه ٿو ٻڌين؟ فرشتا هنن تحريرن تي وجد ۽ رقص ڪندا ڏسين ٿو يا نٿو ڏسين؟

ـــ محمد امين کوسو،

(٧٧)

حضرت قبلاجي- ايم-شاهه صاحب!

السلام عليڪم: اڄ صبح جي فرض نماز ۾، ٻيڙي محبوب حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو نور ڀريو چهره مقدس سامهون اچي بيٺو. دل بيتاب ٿي ويئي..... توڏي خط جو مضمون به اُن وقت دل ۾ آيو، ته اصل شيءِ ته حيات ۽ زندگي آهي. سنڌ جي حيات ۽ زندگي تون جي-ايم شاهه آهين. پاڻ کي اجاين فڪرن کان آزاد رک. تنهنجون سياسي بيروني ڪوششون بيڪار آهن، خود تنهنجو وجود ۽ اُن جو سهارو ئي سنڌ جو بچاءُ آهي. ... ... .... تون ۽ فقط تون، بغير ڪنهن چڙ ڏياريندڙ

تحرڪ جي، سنڌ جي هاڻوڪيءَ ڏٻرائيءَ جو علاج آهين .....
هڪ طرف سنڌ تي الله جون ايڏيون نوازشون، جو اسان جي
ئي دور ۾ دين رسول الله جو وڏي ۾ وڏو محافظت ڪندڙ
فقير، درويش، سلطان هڪ طرف، ٻئي طرف عالم دين حضرت
مولانا سنڌي موجود رهيا. ٻئي پاسي تو پارو پاڪباز ۽ شيخ
صاحب پارو سياڻو ۽ عقيل سياستدان آهن. طرف ديگر هي ته سنڌ
ته به ڏولاون ۾!! عجيب تضاد! انهيءَ جو سبب اهو هو ته
توهان اعتدال پيدا ڪري ڪونه سگهيؤ. تنهنجي ڪوشش ۽
تنهنجي جوش و عمل کي ڪنارا ڪونه هيا .... پاڻي ٻري رهيو
آهي. ڪهڙو نه سنگدل آهي علي محمدشاهه راشدي، جو سنڌ
کي اُبتو ٽنگي، اُن جي جيئري کل لاهڻ کان پوءِ به مٿس
ملال ۽ ندامت جو ڪو اثر نمايان نه ٿيو. (۽ توکي به شايد،
سنڌ سان ٿيل هيڏي سندس ظلم جو احساس ڪونه آهي.) توتي
مخبريون ڪندڙ به ڪي اهڙائي سنگدل هوندا..... اصل ۾ ته
توکي محفوظ رکڻو آهي، توکان ڪم وٺڻا آهن، حڪومتون
کڻي ڪاري چور جي هٿ ۾ هجي!..... سنڌ جي سڀني ڪفن-
چورن، سفاڪ، ڪمعقل، اوباش ۽ بيڪار قسم جي سياست ۾
چهنب اٽڪائيندڙن جو مرڪز، تو پاڻ جهڙي لاثاني آدميءَ کي،
منهنجي احتجاجن جي باوجود بڻايو..... اهي بدبخت ازلي،
توکي پنهنجي پنهنجي وقت لالچن ڪري هيڏي هوڏي گهمائيندا
رهيا. بيپناهه طاقت ۽ صلاحيتن وارو انسان خود غرضن جي ريشه-
دوانين سبب وڃي ڪنج تنهائيءَ ۾ آسودو ٿئي ٿو..... سنڌ
جو قدرتي سياسي حسن ۽ جمال توسان وابسته آهي..... تون ۽
شيخ صاحب بندشن واسطي نه آهيو. اها سياسي جٿابندي جيڪا
ناموزون هجي، ان ۾ شيخ صاحب جو هجڻ به هڪ عبث فعل
آهي. ان کي روڪڻ کپندو هو. تون ڪنج ۾ آهين ته ساري
سنڌ ڪنج ۾ آهي.

— محمدامين کوسو.

(٣٨)

عزيزآباد، انڙواهه، ضلعو جيڪب آباد.
١٠-١٢-١٩٦٥ع

اورون ڪا پيام اور هے، ميرا پيام اور هے
عشق ڪے دردمند ڪا طرز ڪلام اور هے.

قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

تنهنجو وجود، توکان سياسي غلطين جو ٿيڻ، ۽ هاڻي اُن جو ازالو ڪيئن ڪجي، اهوئي مضمون آهي منهنجي خطن جو ۽ خود توسان هيڏي ساري وڏي عرصي جي نيازمنديءَ جو.

مان ناقص شيءِ کان ڪڏهن زندگيءَ ۾ متاثر ٿيوئي ڪونه آهيان. مثلاً: هڪ ٽهلراماڻي، تنهنجو يار هوندو هو ته مان وٽ هن جي اهميت جو راز ئي هن سان تنهنجي ياراني هئي. پاڻ ڇا آهي، اِن ڪڏهن به منهنجي توجهه کي نه ڇڪايو. منهنجو يار، جي- الانا، پاڻ هڪ اعليٰ آدمي آهي، پر وتي جناح صاحب بابت تحريرون ڪندو، ته اُن سان منهنجي وابستگي ڪانه آهي. مسٽر جناح پنهنجي وجود ۾ عجيب خوبيون رکندو هو. سندس عمل جو پاڪستان ٺاهڻ سان ڪو واسطو ڏيکاريندو، ته اُن کي مڃيندس ڪونه. ڇو جو اها هڪ بازاري گپ، رسمي ڳالهه آهي. حقيقت اها نه آهي. اهو ناقص قصو ۽ ڏند ڪٿا آهي. عوام ۾ احمقن جو عقيدو ٿي سگهي ٿو. مان وٽ پاڪستان ٺاهيندڙ ٻيا آهن، ۽ اُن جو اظهار به ڪندو رهندو آهيان. مان پاڻ صاحب راهه آهيان. منهنجي راهه پنهنجي ئي ٿي سگهندي آهي، ٻين کان عقل اڌارو وٺي اچي راهه قائم نه ڪندس. الحمدالله! تو مان منهنجي نيازمندي به تقليدي نه آهي.... اصليت ۽ حقيقت جي ايم-شاهه جي وجود کي آهي ۽ نه منهنجي يا سندس عمل جي خامڪارين کي. تنهنجو وجود ئي نعمت خداوندي آهي. اُن جو

صحيح استعمال بہ اُن ڪري ئي، سياسي حدود ۾ بہ، شڪرانہ خداوندي آهي. اُن وجود جي اهميت کان انڪار ئي نامرادين جو سبب بڻجي ٿو. غلط ڪمن کان اختلاف تہ الله جي ڏمر جي نشاني ڪانہ آهي، پر اُن وجود سان ويرہ تباهي آڻيندڙ آهي.

بقول تنهنجي، تو مراقبا ترڪ ڪيا، تہ ڪيا، پر خود تنهنجو وجود، جو هڪ ازلي ۽ ابدي مراقبو آهي، اُن کي نہ تون ۽ نہ ٻيا ڇُپائي سگهڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهندا. لغزشون تو پارن جون، اسان پارن جي عبادتن کان درجي ۾ مٿانهيون ئي آهن ... .... مستيءَ ۽ بيخوديءَ ۾ جي.ايم.شاهہ، جي.ايم.شاهہ جا روح پرور نغما، جو سنڌ جي مقدس فضا ۾، شب و روز جي جدا جدا وقتن تي بلند ٿي، آسمانن وارن کي وجد ڪرائين ٿا، اهو معاملو ڪو وقتي ۽ هنگامي نہ آهي. تون کڻي مصلحت بينيون آڏو ڏئين، پر هن مقام تي مصلحت بينيون روڪي ڪيئن سگهنديون؟ بلڪ سڀ مصلحتون ئي اِن ۾ آهن تہ هن رقص ۽ وجد ۾ جا روحانيت آميزي آهي، اُن جي آڏو سر تسليم خم ڪجي. تنهنجون ظاهري عقلمنديون کڻي توتي حاوي بہ ٿين، پرهت وجد آفرين فضا ۾ عقلمنديون ڪهڙا مقابلا ڪري سگهن ٿيون؟ عقل ويچاري کي بہ هنن ئي موقعن تي ديوانگي اختيار ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارہ ڪار ڪاٿي رهندو آهي؟

عاقلان ديوانہ گردند از پئي زنجير ما!

— محمد امين کوسو.

(٢٩)

عزيز آباد، انڙواہ، ضلع جيڪب آباد،

١٣-١٢-١٩٦٥ع.

جناب قبلا حضرت جي.ايم.شاهہ صاحب!

السلام عليڪم- بي انداز نيازن بعد بندي جو عرض آنڪ؛ مڪتوب گرامي ١١-١٢-١٩٦٥ع جو سامهون کولي رکيو

اٿم. گستاخيون نہ بلڪ صاف گويون بہ معاف ڪندو وڃجانءِ!

سنڌ جي آزادي، هڪ دفعو تون مان عاجز جي هٿن مان، منهنجي يار جي بيگناهہ قتل سبب کسي ويو هئين. نہ الهہ بخش شهيد ٿئي ها، ۽ نہ تنهنجون غلط ڪاريون سنڌ کي وقتي طرح غلام ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿين ها.....

..... تنهنجون تنهايون رنگ آڻي، هنن تحريرن جي وجدآفرينيءَ جو سبب بڻجن ٿيون. پيروي ۽ تقليد مان باطل-شڪن ۽ سياسي بت-ٽوڙ جي دانستہ يا نادانستہ ڪرين ها، تہ پوءِ هي نظربنديون نہ ٿين ها. پر اها پيروي بہ بيقاعدي امر آهي. اهي سڀ مرحلا، مان اڳ ۾ ئي سنڌ ۾ طيءَ ڪري چڪو هوس. ياڻ جيئرو شهيد ۽ الهہ بخش شهادت ذريعي حيات بڻجي چڪا هئاسي. تولاءِ هن قسم جي سياست هلائڻ روا باقي نہ هئي.

سنڌ جي آزاديءَ جو دستاويز الهہ بخش جي پاڪ ۽ مقدس رت سان لکجي چڪو. آهہ! مان پنهنجي يار جي شهادت تي اڄ هن گهڙيءَ تائين برملا نوحہ خواني بہ ڪري نٿو سگهان. مڃجي تہ شهادت جو موقعو ڪونہ هو، پر بي موقعي بہ سرگهورڻو پوندو آهي- جڏهن راند آتي اچي بيهي. ههڙين تحريرن جو قدر ڪنهن وٽ نہ بہ هجي، پر اهو افسانہءِ دل بہ لکڻو ئي پوندو آهي-گوڪ ٻڌندڙ دل ۽ دماغ صاف صاف مفقود هجن. سنڌ جي اڄوڪي فضا ۾، هن قسم جا خط بہ لکجي رهيا آهن، ڇاڪاڻ جو تون ڪنج تنهائيءَ ۾ آهين .....

هتان جي غلام قادر جي آفيس ۾ هڪ ڪلرڪ آهي. سندس نالو حڪمت راءِ آهي. پڇا ڪيم تہ ڪاٿون جو آهين؟ جواب آيو، "ڏهرڪيءَ جو." اهو ڏهرڪي شريف جو لفظ ٻڌي، منهنجو سر بظاهر نہ پر حقيقتاً اُن ديوان جي اڳيان سجدي ۾ پيو. ڏهرڪي شريف، ڀرچونڊي شريف جو "شهر" آهي. هتان جا هندو ٿيندا تہ پڪا هندو آهن، پر اسلام جي عظمت جو مٿن پورو پورو ڌاڪو ڄميل هوندو آهي. کين مبلغ ڪري

موڪلجي ته اعليٰ حضرت امير المسلمين، فيلڊمارشل محمدايوب خان ۽ سندس ساٿين کي اسلامي عظمت تي سبق ڏين، ۽ لعل بهادر شاستري، جنهن جي دل اسلامي سطوت جي اڳيان اڳ ۾ ئي جهڪيل آهي، انهيءَ کي ڀرچونڊي شريف اچي، منهنجي سائينءَ جي روضي اڳيان ايمان آڻڻ جي تلقين ڪن.....

..... هنن تحريرن جو خاصوئي اهو آهي، جو لکجڻ کان اڳ حقيقت بڻجي، صفحهء دهر تي ڦهلجي وينديون آهن. ظاهري اکيون انهن حقيقتن کي ڪڏهن ڏسن، اهو پوءِ عملي سعي ۽ ڪوشش تي ڇڏيل آهي. پاڪ ۽ مقدس سرزمين سنڌ آزاد ڪندڙ ۽ آزاديون ڏيارينڌڙ آهي. هي ملڪي صوبائي وقتي تعصب زده نعرو ڪونه آهي. سنڌ سان ئي دين جو فروغ وابسته آهي..... سنڌ فقط سنڌين لاءِ نه پر اسلام جي احياءَ لاءِ آزاد ٿيڻي آهي. سنڌ جو درجو گهٽ سمجهڻ مذهبي معنيٰ ۾ بي ادبي آهي- شايد نه، پر يقيناً ڪبيروگناهه آهي. دانسته سنڌ کي گهٽ چوندڙ اسلام کان خارج آهي، چاهي ساري رات عبادت ڪري، هر روز روزا رکي ۽ هر سال حج ڪري.....

اهل الله جي مرقدن سان ڀريل هيءَ ملڪ ڪو رواجي ملڪ آهي ڇا؟ عشق نبوي صلعم ۾ سينه بريان رکندڙ فقراء جو هيءَ ملڪ، حرم ڪعبي مثل پاڪ ۽ مقدس آهي. بلڪ ڪعبو جن جي طواف لاءِ اچي، اهڙائي ته هت آهن، جن جي ياد ۾ دل سوزان جون آهون نڪري، تو تائين پهچي، سنڌ جي بيداريءَ جو توکي يقين ڏيارين ٿيون. تاريڪي ۽ اوندهه ختم ٿي، سنڌ سونهاري اٿي سجاڳ ٿي آهي، باقي آدمين جي سجاڳي آڻڻ تنهنجو ڪم، توگوشه تنهائيءَ واري جو ڪم. مان کان جيڪي پڄي ٿو، ڪريان ٿو.

حافظ وظيفه تو دعا گفتن است ويس،
در بند آن مباش ڪه نه شنيد يا شنيد!

پڙلاءُ، دردمند دل جي دانهن، جگر جي زخمن جي خون جي آميزش سان تو تائين ته پهچائي چڪس.

رات جا قريباً ٻارهن کن ٿيڻ وارا هوندا. سبق عشق جو لامحدود هوندو آهي.... اڄ هيتري تائين!

—— محمد امين کوسو.

(۴۰)

عزيز آباد، انڙ واهه،

۱۳-۱۲-۱۹۶۵ع

بحضورحضرت قبلا جي-ايم- شاهه صاحب!

تو ڪي سوال ڪيا هئا، هڪ ٻن سوالن جو جواب هن طرح آهي.

اسان ۽ سردار عبدالرحيم خان، تمندار اقوام کوسه، جو گهراڻو ساڳيو ئي آهي. اسان ڄاماڻي فرقي مان آهيون، آن ڄاماڻي فرقي مان پڳ سندن گهر تي ۽ سموريءَ قوم جي معتبريءَ جو واسطو اسان سان آهي. اسان کان سواءِ "کوسڪي شريعت" ۾ پڳ قائم نه ٿي سگهندي آهي. اسان ئي خاندانی سيدن ذريعي پهرين پڳ نئين سردار کي ٻڌائڻ جو بندوبست ڪندا آهيون. پهرين پڳ جو ور سيد ٻڌرائيندو آهي، ان کان پوءِ اسان مان هڪ.

سردار بهادر جي وصال کان پوءِ، برادريءَ جي سڀني معتبرن جو رخ ۽ خيال، مان طرف هو. پر مان ۽ سردار جدا ڪونه آهيون. اها ٻيائي، خاص ڪري هاڻوڪين حالتن ۾ جائز نه آهي. سردار بهادر عبدالرحيم خان مرحوم جي سهري، سردار شهيد عزيزالله کي پڳ ٻڌرائڻ وارو به مان ئي آهيان. هن ۽ سندس وڏي پٽ جي شهادت کان پوءِ، سندس ننڍي پٽ، هاڻوڪي سردار عبدالرزاق خان کي پڳ ٻڌرائڻ وارو به مان

آهيان. هاڻوڪو سردار، مرحوم سردار بهادر جـو سالو آهي. مرحوم سردار بهادر جـي اهليہ حيات آهي. اسان جو گهر ساڳيو ئي آهي. منهنجي قانوني حيثيت، سردار جي محافظ جي آهي. پر چونڪ سردار حالتن موجب زماني جي گرمي سرديءَ کان غير واقف آهي، مقامي شاطر لوڪن آن هو فائدو ورتو آهي. اسان ٻنهي جو هر حالت ۾ هڪ ئي ٻيهڻ ئي اچوڪي گهر آهي. اِها ملڪيت جِدي آهي ۽ آن جو تصرف ڪوڪلي شريعت ۽ قانون موجب خاندائي آهي. آن قـانون جو واحد محافظ مان عاجز، تنهنجو نمازمند، آهيان. چونڪ اها طاقت نسبتي آهي، مان زندگيءَ ۾ ڪڏهن چوڪرو ٿيوئي ڪونہ آهيان. اسڪول جي زماني کان، هر موقعي تي اهم ترين معاملن وقت خاندان جي سيادت جي طاقت جو ثبوت پڻي ڏنو اٿم. والد مرحوم کي بيحد پيارو ۽ لاڏلو هوس. ساڳيءَ طرح سردار بهادر عبدالرحيم‌خان کي پيارو هئس. خوبيءَ قسمت سان هاڻي زماني جي اندر تو محافظ سنڌ جي محبت تي قبضو اٿم.

سردار بهادر جي وصال کان پوءِ سردار خان کوسي، جو بکراڻي پاڙي مان آهي، اسان جي مخالفت ڪئي هئي. ۽ آن جي چاچي شاهل خان مرحوم، جيڪو سڪندر خان جو وڏو پاءُ ٿئي، منهنجي مدد ڪئي. هن ضلعي ۾، توڙي حڪومت سنڌ جي ڪارپردازن وٽ اها لڙائي، ڏي چار سال ساندہ تمام زورشور سان هلندي رهي. تنهنجون امدادون هن باري ۾ بہ حاصل ڪندو رهيو آهيان. هاڻوڪو سردار، جيڪو منهنجي ئي ڪري ٿيو، تنهن جي ٻاهڻ ۾ بہ حيدر منزل جي طواف کي دخل آهي.

سرداري اسان وٽ فرعونيت جي معنيٰ ۾ نہ آهي. اسان جو خاندان ذاتي اوصاف ۾ اهاڳالهہ نمايان طور ڪري ڏيکارينڊو آيو آهي تہ اسان باطل پرست ڪونہ آهيون. سڀني گذشتہ حڪومتن- ڪلهوڙن، مورن ۽ انگريزن- وٽ اسان جي خاندائي وڏائيءَ جو وڏو احترام رهندو آيو آهي. خود تنهنجي دربار سن شريف ۾،

تنهنجي ذريعي مان اڳين بزرگن کي بلڪل ويجهو آهيان.

مان انگريز حڪومت جو مخالف هئس، ته به ضلعي جا انگريز عملدار ذاتي طرح سڀ کان وڌيڪ منهنجي ڳالهه کي ڏسندا هئا ۽ مڃيندا هئا.

منهنجو ٿاڦيل سردار عبدالرزاق خان راڄ چڱو مڙس آهي، پر اڳ جي تجربي نه هئڻ سبب، مان لاءِ گهڻيون پيچيدگيون پيدا ٿيو پون. ماڻهو سندس خام تجربيڪاريءَ کي هٿيو بڻائي، اسان جي ئي خلاف کيس ڪم آڻين ٿا. وڏي مال ۽ دولت جي جاءِ جڏهن ائين ٿيندي آهي، ته لالچي ۽ ٺڳ مطلب برآوري ڪندا آهن. اهو مال جائز وڃڻ کان وڌيڪ ناجائز هٿن ۾ ويندو آهي. سردار جو به ساڳيو ئي حال آهي.....

... .... توکي ياد آهي ته انگريزن کي خوش ڪرڻ لاءِ، مردود ليگ جي نالي ۾، مير جعفر خان جماليءَ، مان مسڪين تي خوني حملو ڪرايو هو. عبدالغفار خان پنهنجي حدن ۾ انگريزي اقتدار لاءِ ايترو خطرو نه هو، جيترو مان سڀني طاغوتي طاقتن لاءِ بڻجي چڪو هئس ... ..... هن خط پهچڻ کان پوءِ توتي، منهنجي دل ۽ جگر سان گڏ پنهنجي بدن جي لهوءَ سان آزاديءَ جي جدوجهد ڪاميابيءَ سان لڙڻ جو جائز مقام به عيان ٿيو، ته تو کٽيو. مان جيئرو شهيد آهيان ..... اهو حملو مان تي اوستي محمد ۾ ٿيو هو. مان کي قتل ڪرڻ جو منصوبو هو. مان سان مير صاحب جي خاندان جا تعلق هئا. مان صاف صاف اِنڪار ڪري بيٺس، ته هن کان وير نه وٺندس. نه ته جيڪر اسان جي قانون موجب سندس ۽ ساڻس گڏ ٻين جو سر قلم ڪرائڻ ۾ سردار بهادر مرحوم دريغ نه ڪري ها.

گرچه خورديم نسبت است بلند
ذرهء آفتاب تابانيم!

مان خانداني لحاظ کان سردار بهادر جي حياتيءَ ۾ به سردار

بهادر کان گهٽ اهم ڪونه هئس. خانداني طرح اسان جو هڪٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ بلڪل ڳنڍيل هو. تر جيترو به فرق ڪونه هو، يعني مان سردار بهادر مرحوم سان ڀٽ، گڏ کوسي قوم جو سردار هئس. اسان ٻه جاڙا ۽ گڏيل آدمي هئاسون. آهه! هن جي موت سبب مان تي ڇا نه گذريو هوندو. ڪيئن سڀني جزن کي گڏ ڪيم. ڪيئن کهڙي جي سرڪار، راشدي بهادر ۽ سردار خان جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪيم.....

..... منهنجي هنن لاهوتي خطن جي مفهوم کي پهچي ته ويندو هوندين. هيءَ طرز ادا ئي ٻي آهي. عبارت آرايون ته مقصد ڪونه آهن، جو چٻي چٽي الفاظ لکجن. جذبات دل مان ٻنڀو ڏيئي نڪرن ٿا. صحيح لفظ ته الائي ڇا هوندا؟..... آنهن جذبات جي دريائن کي الفاظ جو جامو ڍڪائڻ ڪو آسان ڪم ڪونه آهي.

الحمدالله، جو خطن ۾ رُخ تو صاحب دل ڏي آهي. مطلب جي ٺڪاڻي جي جاءِ محفوظ ۽ مقدس آهي. سيد زادي جي سماعت ۽ سندس پاڪ دل ۾ جاءِ ـ ڪيڏو نه درجو آهي! سيد سُونهارا! خود اِهو به رشڪ ڪر منهنجي قلم جي خام‌ڪارين جي اعليٰ قسمتن تي!..... سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ اهڙو مقام ٻئي ڪنهن کي نصيب ٿيو آهي ته اهي پاڻ پاڪ ۽ مقدس هيا، مان هيڻو عاجز گنهگار آهيان. زهي قسمت!! خبر نه آهي ته هن نگارش جو ڪو قدردان آهي يا لڀندو؟ پر مان ته لکان ٿو. فرشتا ته پڙهي، سبحان رب‌العليٰ جا نغما زور سان بلند ڪن ٿا ۽ منهنجي دل صاف صاف انهن نغمن کي ٻڌي ٿي.

ـــ محمدامين کوسو.

(٤١)

عزيزآباد، انڙواهه، ١٣-١٢-١٩٦٥ع.

بحضور جي. ايم. شاهه صاحب!

السلام عليڪم و رحمته الله و برڪاته!

..... جيئن سنڌ جي سياست جو مالڪ تون آهين، پر اها مالڪي اڍائي گهرن جي آهي، نه ڪي سيد ۽ غير سيد جي تقسيم ۾ آهي. ائين ئي ٿي بيٺو ته سڀ سنڌ جا بهي خواه، جڏهن تو مان واري واٽ گهڻو پوءِ بعد از وقت ورتي ته ساري سنڌ تنهنجي جهنڊي هيٺ اچي بيٺي، پر تو سنڌ کي اُن وقت تائين نستو ڪري ڇڏيو هو. بعد از مرگ واويلا، اُن وقت اها ڪوشش ثابت ٿي بيٺي.

ليگ وارن جو "ڪٽڪ علاوالدين" وٺي، مان مسڪين جي حمايت سان حاصل ڪيل سرزمين سنڌ جي پهرين قومي حڪومت يعني الهه بخش حڪومت کي زير ۽ زير ڪرڻ جو تو ضد نه ڇڏيو. اها پهرين آزاد وقتي عبيدالاهي اسلامي حڪومت هئي، جيڪا تو ڪاوڙ ۾ اچي ڊاهي رکي، توکي ڇا ڪجي ها؟ ..... الهه بخش بذات خود وزارت جو لالچي ڪاٿي هو. منهنجي ياراني ڪنهن لالچي، خودغرض سان ٿي ڪيئن سگهندي آهي؟ لالچي هجي ها ته سنڌ خاطر سر صدقو نه ڪري ها.

تون، الهه بخش ۽ شيخ صاحب، اصل ۾ ته سڀ منهنجا ئي آهيو. اها "وحدت" آهي، جيڪا تو وقت تي نه ڏٺي. سنڌ جي مشترڪه سرمايي جي مالڪ، منهنجي ئي دل دردمند آهي.

هاڻوڪي سنڌ، جنهن ۾ قاتل، خوني، ڌاڙيل، چور، ٺڳ، سياسي مفاد پرست، ڀُنگ وٺندڙ هجن، اُن ۾ حضرت شيخ المشائخ قطب الاقطاب ڀرچونڊي شريف وارا ۽ حضرت مولانا

عبيدالله سنڌي هڪ طرف ـ ٻئي طرف تون ۽ فخر سنڌ و هند شيخ صاحب به هجن، اهو خود ڪرامت يا معجزو نه آهي؟ ڪرامت ۽ معجزن جي معاملن کي رواجي پيمانن سان نه ماپبو آهي. سنڌ کي توربو ته انهيءَ پيماني سان ماپبو ۽ توربو. امامت هن دور جي سنڌ کي الله نصيب فرمائي.....

پڙهه علي‌محمد شاهه جا شيطاني ڪارگذارين سان طولاني افسانا! سندس جواهردار هڪ بن جملن کان سواءِ سمورو اهڙو مواد فاسد، مڪروه ۽ چڙ ڏيارينڊڙ، جو روح ۽ قلب ۾ نفرت عميق پيدا ٿئي! چو نه اُن جي بجاءِ سنڌ جو افسانه دلپذير لکي ها! پر آها وات محبت جي اچٽي ٿي هنن مقدس تحريرن جي اصلي روح کي سمجهڻ کان پوءِ آهي. اسان وٽ آهي عشق ۽ محبت جو دل ليائيندڙ قصو ۽ افسانو!

ما قصهٔ سکندر و دارا خواندهٔ ايم
از ما بجز حکايت مهر و وفا مپرس!

اسان حضرت مولانا پيڙي سنڌي رح جي سمؤن شاهه ولي‌الله کي چائيندڙ آهيون ـــ دل چوندي آهي ته غلام مصطفيٰ، جو واقعي علامه به آهي، اُن جون ته آگريون قلم ڪجن؛ چو ته حضرت مولانا بابت جاهلانه طريقي سان لکندو آهي. اِن باري ۾ وڏو مجهول آهي. خبيث، بدباطن کي اهو خيال نه ٿيندو آهي ته مان حيات آهيان، مان تي ڪيڏو نه گران گذرندو هوندو سنڌس اهو نمونو! چوندس ته ڪاوڙجون ڪندا بيخبر ملان ـ

هن دور ۾ حضرت شاهه ولي‌الله صاحب حيات هجن ها، ته انهيءَ پيڙي کان قرآن سکن ها، ۽ جيئن ته ماڻهن جا ظرف ننڍا هئا، ان ڪري حضرت پيڙو انهن جي حسب حال قرآني علوم جي پرده داري ڪندو هو، زماني جا مثال ڏيئي سمجهائيندو هو. هنن اڌ پڙهيلن، آنهن ٿي نقرن کي قرآني معنيٰ جا فقرا چاتو. مثلا هن دور جي يورپي نظم ۾ مزدور ۽ سرمائيدار جي مقابلي آرائيءَ جي معاملي کي سمجهائيندي، ڪي

فقرا فرمايائون، يا روس ۾ رهندي، روسي حڪومت کي مڪمل طور پنهنجي ئي قبضي ۾ وٺي ورتائون، ته ابوجهلن، عبيدالاهي عزم ۽ طاقت کي اهو ڪجهه ڄاتو! ڪمينن جو ذهن هن کي سمجهي نٿو سگهي، ته پنهنجي جهالت کي عبيدالاهي پردا ته نه ڍڪائين.

مڪي معظمه ۽ مديني منوره حڪومت جي پنشن‌خوار ملن وٽ ويو ته اُنهن جي اڳيان سجدا ڪرڻ لڳو. ان تي سر قلم ڪجيس ها. اهو ائين ٿيو، جيئن ڪو هاڻي سنڌ ۾ اچي، سنڌ جي سياسي عظمت وارو انهن کي ڄاڻي، جيڪي نُنهن کان چوٽيءَ تائين غلاميءَ جي بدبودار ۽ غليظ لباس ۾ ڍڪيل هجن، ۽ لکي ته هن سنڌ جي مقتدر آدمين سان ملاقات ڪئي! حقيقي عظمت ته آهي ئي سن شريف جي ڪنج تنهائيءَ ۾، جيڪا عالم اسلام کي هنن خطوط ذريعي مرڻ کان بچائڻ لاءِ، حيات آفرين پيغام نشر ڪري رهي آهي ..... بدبختن کي ڀيٽ ڪرڻ به نه ايندي آهي. مغلن جي بادشاهي هئي، شاهه ولي‌الله اها بادشاهي ڪوششن هوندي نه بچائي سگهيو. هيءَ ڀرچونڊي شريف جو تعليم‌يافته نومسلم سِک اُٿي ٿو ته ڪريل هند مان نئين‌سر نئين نموني آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي ٻين جي امداد ۽ چاڙهين سان ٺاهي ڏيکاري ٿو.....

..... غلامي ۽ غلاظت سان ڀريل هڪ ٽوڪري نما ماهاني رسالي ۾ عربي، فارسي عبارتون درج ڪرائي، اُتي ئي حضرت مولانا جو نالو ٿنبي رکندو آهي!.....ڪجا رسالو "الرحيم"، ڪجا حضرت مولانا جو "مقدس نالو" چه نسبت خاڪ را با عالم پاڪ..... سياست شاهه ولي‌الله وارن ڪتابن ۾ پڙهڻ ٻي ڳالهه، هنن جي. ايم. شاهه جي خمار پيدا ڪندڙ خطوط ۾ ان ساڳيءَ تحريڪ کي سمجهڻ ٻيو معاملو آهي! پراڻيون تاريخون انهن لاءِ آهن، جيڪي نيون تاريخون ٺاهي نه ڄاڻن. هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جو فيصله ڪن باب

ڏي آهو آهي، جو رڳو محض ٻن آدمن جي بازوي باطل شڪن ۽ همت مرداڻ جي جولانگاهن سان ڏيو. اهي ٻئي شخص ٻيا ڪوڻ آهن، هڪ آهو جنهن ڏي هي خطوط اڇن ٿا، ٻيو آهو جيڪو هي خطوط لکي ٿو. غور ڪر، نگاهه ڪر وجهه! سرزمين سنڌ جي ميدانن تي اها لڙائي لڙي ويئي. ته هندستان آزاد ٿئي ها ۽ نه پاڪستان ڄي وجود ۾ هجي ها، جيڪڏهن آنهن ٻنهي آدمين جي ڪارنامي جو وجود ظاهر نه ٿئي ها. اختلافن هوندي هڪ!! پر هن انساني ڪي لکي ڪير ۽ سمجهائي ڪير؟ آنهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪين ٻيڪر محبوبيت آهي، سو آهي شيخ عبدالمجيد سنڌي!!

هندستان جي صوبن جا ڪي جا وزيراعظم ٻاڙڻ ڪائيندا رهيا، منهنجو ٻهاريل وزيراعظم سيني کي گولين سان داغدار ڪري، شهادت حسينيءَ جو مرتبو حاصل ڪري، سنڌ ۽ هند جي آزاديءَ جو دستاويز ٻنهنجي رت سان لکي ٿو. منهنجو يار هيءَ ٻي، تون ٻي منهنجو ڏي مخدوم!! خوشامد ۽ جهالت سان دلي نفرت اٿم. تعريف آنهن جي جن کي الله نوازيو هجي، حقيقي تعريف آهي. ڪوڙ ۽ بدوڙ کي ڦهلائي، انسانن جا ذهن خراب ڪرڻ اها ڪا تصنيفي لياقت آهي؟ سنڌ، پاڪستان ۽ هندستان جي آزاديءَ جي اڇوکي تاريخ اسان ڏي آهيون. تون ۽ مان!!..... اڇوکو سبق ايتري ناڻين.

— محمد امين کوسو.

(۴۲)

سکر، محمدي هوٽل، ۱۴-۱۲-۱۹۶۵ع.

حضرت قبلا جي، ابر، شاهه صاحب!

السلام عليڪم و رحمة الله!

توهان جو عنايت نامو منهنجي ۱۹۳۶ع جي هڪ فتويٰ

سان گڏ پهتو. اهو خط حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحـ جي منهنجي دل و دماغ کي تسخير ڪرڻ کان اڳ جو آهي ....

توهان کي ڪجهه نجي زندگيءَ بابت ٻڌائڻ گهران ٿو.

مئٽرڪ ۾ هٿس ته عليگڙهه روانو ٿيس. اتي ۱۹۳۶ع ۾ ايل-ايل-بي فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيم. آتي جي زندگيءَ جو ماحصل منهنجي نواب محمد اسماعيل خان مرحـوم جي پٽ غلام احمدخان مدنيءَ سان برادرانه ياري، سرسيد راس مسعود، سر سيد احمد جي پوتي سان سڌي واقفيت!

شايد توکي اڳ لکيو هوم، نه ته هاڻي هتي ٿو لکان: آڻان جو انگريز ڊاريڪٽر اسان جي مئٽرڪ ڪلاس ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو ته سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿئي يا نه ٿئي، آن ٻي آٿي تقرير ڪريو! ڪوبه شاگرد نه آٿيو. مان آٿي بهٽس. ڊاريڪٽر ڪِلي چيو ته تون سنڌ اسيمبليءَ جـو ميمبر آهين، سامهون ٽي بيهه، ۽ هن کي اسيمبلي ڄاڻ! مان منجهن وارو ڪاٿي هوس. ڪلاس روم کي مٿي ٽي ڪٿي، انگريزيءَ ۾ تقرير ڪيم. خبر نه آهي ته انگريزيءَ جا پير ڪاڌيم، هٿ ڪاڌيم يا ڪن ۽ نڪ، يا اکيون آنڌيون ڪيم! بر نتيجو ٻڌايان ٿو.

ٻئي ڏينهن مان کي پرنسپال اي.ايم. قريشي (عبدالمجيد قريشي) ڪان سڏ آيو. حاضر ٿيس ته چيائين ته "توکي راس مسعود صاحب گهرايو آهي، راس مسعود صاحب وائيس‌چانسلر آهي!" پويون فقرو، منهنجي آن وقت جي نئين ايندڙ ڏاڙهيءَ ڏي طنز آميز اشارو هو ته ڏاڙهي رکندڙ کي ڇا معلوم ته راس مسعود ڪهڙي بلا آهي؟ ..... چنانچه مان يونيورسٽيءَ جي آفيس وٽ پهتس ۽ وائيس‌چانسلر جي دروازي تي بيهي، حسب قاعده چٽ (Chit) اندر موڪليم، ته اندران هڪ گرجدار آواز آيو: "مقصود"! مقصود، سندس نوڪر جـو نالو هو. ڪيس چيائين "ان کي اندر سڏ". مان ويس ته هيءَ دراز قد، گوري شڪل

وارو، مَرگهه نيڻ سيد زادو آئي بيٺو. مان کي ڀاڪر پائي، منهنجي سر تي بوسو ڏنائين. سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. چوڻ لڳو "تون هن يونيورسٽيءَ جو شاگرد ته نه آهين، محسن آهين! تنهنجي تقرير ڪري، ڊاريڪٽر اهڙو خوش ٿيو، جو هو چاليهه هزار روپيا يونيورسٽيءَ کي ڏيئي ويو آهي. تون منهنجي ناني جي غريب يونيورسٽيءَ جي غريب شاگردن جو محسن آهين. تون منهنجو پٽ، ڀاءُ ۽ هميشه جو دوست آهين!"

.... هيءُ آڪسفورڊ جو پڙهيل، عالي دماغ، مغربي تهذيب ۽ تمدن جي باريڪ بينين کان مڪمل طور تعليمي ماهر آن وقت ٻيو ڪجهه به نه نظر آيو، فقط سيد هو سيد!! منهنجو سائس لاڳاپو اهڙو ته گهاٽو هو. جو پوءِ جڏهن ١٩٣٦ع ۾ عليگڙهه مسلم يونيورسٽي يونين جو وائيس پريزيڊنٽ هوس، ۽ پنهنجي ئي مضمون جي استاد پروفيسر حليم سان يونين جي جي ڪاروائيءَ جي سلسلي ۾ استعفيٰ ڏيڻ ڪري، يونيورسٽيءَ مان ڪڍيو ويو هوس، ته اها خبر کيس ڊاڪٽر اقبال ڏني هئي. انهن اٺن سالن ۾ عليگڙهه کان ايندي ويندي، لاهور ۾ سائس هر سال ملندو هوس. جڏهن يونين جو صدر ٿيس ته کيس خبر پئي ته آهو مان آهيان.

سيد راس مسعود جي موجودگيءَ ۾ نواب صاحب مرحوم ڀوپال، حاليءَ جي صد ساله ورسيءَ جي جلسي جي پاڻيپت ۾ صدارت ٿي رهي هئي. مان يونيورسٽي يونين طرفان پنهنجو صدارتي پيغام، پاڻ جلسي ۾ پڙهڻ لاءِ مدعو ڪيو ويو هوس..... هن اجلاس کان پوءِ منهنجو يونين جي ڪنهن رسمي معاملي ۾ پرو وائيس چانسلر حليم صاحب جي مداخلت سبب، استعفيٰ ڏيڻ تي اخراج جو واقعو ٿيو. آن غلاميءَ جي زماني ۾ به يونيورسٽي يونين جي منهنجي ساري منسٽريءَ ۽ سڀني عهديدارن استعفيٰ ڏني. ان ۾ بنگال جو عمران حسين نالي به هو. خبر نه آهي ته هاڻي ڪاٿي هوندو! غريب ۽ اسڪالرشپ کڻندڙ طالبعلم هو.

آءُ حليم صاحب جو خاص شاگرد هوس، کيس آن ڪري غصو آيو ۽ مان ڪي يونيورسٽيءَ مان ڪڍيائين. مان دهليءَ وڃي داخلا ونڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊاڪٽر ذاڪر صاحب منهنجو واقف هو، ۽ جيئن هاڻي ٿيئن آن وقت محض زباني شيرينيءَ کان سواءِ منجهس عملي ڪم ڪرڻ جي قوت ڪانه پيدا ٿي.

منهنجو والد مرحوم، هتان جي ڊپٽي ڪمشنر، مسٽر لمبرڪ جي صلاح تي عليگڙهه اچي ويو. پروفيسر حليم، منهنجي والد مرحوم جي عزت ڪئي ۽ کيس يقين ڏياريو، ته منهنجو اخراج منهنجي ڪنهن به استاد جي بي ادبيءَ ڪري نه ٿيو آهي، پر مان سندس شاگرد ٿي سندس احڪامن کي ڇيو/ڇو ڪوڻ؟ ـــ سيٺ حاجي عبدالله هارون مرحوم، جنهن جو ناتو به اسان جي خاندان سان خلافت تحريڪ ۾ هو ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ، ان وقت جي وائيس چانسلر سر ضياءُ الدين کي چيو ته منهنجو يونيورسٽيءَ جي آخرين سال ۽ خاص ڪري صدارت جي عهدي کان ٻوءِ اخراج، سنڌ اندر هڪ قسم جي نفرت جو جذبو پيدا ڪندو.

انهيءَ سال ڪوئٽا جي زلزلي جي تسلسلي ۾ توکي به شايد خط لکيو هئم. مان يونيورسٽيءَ ٻونهن طرفان ڪميل وغيره زلزليزدن لاءِ ورهائڻ واسطي ڪٽي وڃڻ وارو هوس. تنهنجي پاران ٽهاراماڻيءَ جو جواب ملهو هو.ـ

هاڻي ته ڪٽي ميڙ ته توسان لاڳاپا ڪائٽون مان ٿي شروع ڪيا. ان سال تون دادو ضلعي جي لوڪلبورڊ جو صدر، مان هندستان جي چوٽيءَ جي مسلم درسگاهه جي يونين جو صدر!! وڏيڪ پوءِ لکندس.

ـــ محمد امين کوسو.

(٤٣)

عزيز آباد، انڙ واه، ١٤-١٢-١٩٦٥ع
بحضور جي-ايم شاهه!
..... "تون ۽ مان" — پڙهه!

ساري هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جي معنيٰ ڪڍندڙ، اهي ٻه اچي بڻيا. سيد احمدشاهه شهيد جي تاريخ، شهداء بالاڪوٽ، سرنگاپٽم جي واقعي ۾ ٽيپو شهيد جي شيرانه جنگ ۽ شهادت، سراج الدوله جي شهادت، ١٨٥٧ع جي جنگ آزاديءَ ۾ تيموري شهزادن جي بيگناهه قتلام وغيره واقعن کي معنيٰ ۽ مفهوم ڏيندڙ؛ گانڌي، نهرو، علي ڀائرن، حسرت موهاني ۽ خود پنهنجي سنڌڙيءَ جي فقيرتن، فقير دل، صاحب عقل و دانش شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي فرزانه ڪردارن ۽ گفتارن جي عملي تفسير ۽ تشريح ڪندڙ؛ ٻه ۽ فقط ٻه اٿيئي. ٻئي پنهنجو مٽ پاڻ، پر ٻنهي ۾ ڳانڍاپو، لاڳاپو ۽ وحدت به ڏسڻ وٽان آهي! آهن اڄ هت جدا، سڀاڻي هڪ ئي مقام تي گڏ!! هڪ تي حڪومتن جا وار بس ئي نه ٿيا، ته ٻئي مٿان شروع ٿي ويا. سطحي نگاهه سان ڏسبو ته ڪو لاڳاپو نظر نه ايندو. نگاهه عشق ۽ محبت سان ڏسبو ته جي-ايم-شاهه مخدوم ۽ خادم محمدامين کوسو، الستي ۽ ازلي محبت جي رشتي ۾ پيوسته پيوند ٿيل آهن.

تنهنجون وقتي بيقاعدگيون نمايان نه ٿين ها، ته هيڏو سارو خلا (Void) ٿئي ڪونه ها. منهنجي مستين ۽ سرمستين ۾ ئي ته سنڌ جي آزادي مستور ۽ عيان نظر ايندي!

تون اڃا صلاحن ۽ مشورن ۾ آهين. هن خطوط کي چڱيءَ طرح ڇونه ٿو پڙهين؟ سن شريف مان انسانيت جي فلاح ۽ اسلام جي عالمگير فتوحات جي تحريڪ شروع ٿيندي تو نه

ڏني آهي؟ وري پڙهه جي.ايم شاهه جو غلامي-ڏوڻ، مايوسيون-شڪن نالو، جيڪو هتان ظاهر ٿي تو وٽ پهچي ٿو!

..... اي سنڌي غفلت شعار! تو اهي ۽ نالا پوري سوز ۽ درد سان گڏ ڪري نه پڙهيا، تہ اچوڪي سنڌ، جيڪا دنياي انسانيت ۽ عالم اسلام ۽ انقلاب ۽ آزاديء جي پيغامبر آهي، تو نہ ڏني نہ پڌي.

..... جي.ايم شاهه ۽ سان آچايل انسانيت ڪي مصطفوي شراب سان مخمور ڪندڙ .... عشق ۽ محبت جاتي بي نقاب ٿي ٻيهن، آتي تفريقون ۽ اختلاف ميٽجي، ميسارجي، نہ فقط فنا ٿين، بلڪ خود عشق جو "آڏوٽ"، غير تقسيم ٿيندر ازلي ۽ ابدي جزو بڻجي وڃن! ..... منهنجي قلم جون الوهيت آميز تحريرون! هي ڪي رواجي گفتا آهن؟ پڙهن تہ سڪ اي سنڌي، غيرن ۽ ناقصن جا نقال، پڙهن تہ جاڻ! توکي ٿي تہ دنيا جي رهبريء جو جهنڊو، سردار جي.ايم.سيد جي سرداريء هيٺ ڏيئي چڏيو اٿہ. تون آهين جو بين جي نقالي ڪري پاڻ کي همدان جاڻين ٿو. هي پڙهه صحيفا عشق جا! پراڻيون تاريخون ڪيتري تائين پڙهي، اکيون ۽ دل انڌيون ڪندين؟

آفتاب تازه پيدا بطن گيتي سے هوا،
آسمان ڈوبے هوئے ستارون کا ماتم کب تلک؟

— محمد امين ڪوسو،

(۱۴۴)

۱۴-۱۲-۱۹۶۵ع

قبلا حضرت جي.ايم. شاهه!

اڄ گهوٽ کان ٽل طرف وڃڻ لاه هڪ جيپ ۽ روانو ٿيس ..... رستي ۽ دل جو توسان ٿي خطاب رهيو ..... هڪ نوٽ بوڪ تي هڪ مسودو ٺاهڻ پرلڳس ويس. ان نوٽبوڪ جي تحرير جو اوتارو قدري ترميم سان لکان ٿو.

اي غافل سنڌي!..... رخ ته سڌو ڪر. ڏس طرف سن شريف جي! اچ ته دوست! اُنهي سيد سونهاري کي بہ سيکاريون، جنهن سنڌ کي نگهوسار ڪرڻ ۾ ڪا گهٽتائي ڪانہ ڪئي. خود اسيمبلي هال ۾ بارها ڳڻپ وقت، هن اکرن جي لکندڙ جي کڙي ڪيل سنڌ بچائيندڙ قطارن کي درهم برهم ڪرڻ جي هن ڪوشش ڪئي. اڄ ساڳيوئي سيد تنهنجي قسمت بچائڻ واسطي، مصيبتن ۽ تڪليفن کي مردانہ وار مُنهن ڏيو بيٺو آهي. اهوئي اسم گرامي، تنهنجي عزت، شان ۽ ماڻهپي جو ثبوت آهي..... ٻڌ اي دوست!..... ... تنهنجي ناموس، عزت، تنهنجي اولاد جي ناموس، عزت ۽ تنهنجي مال ملڪيت جو بچاءُبند اهوئي ٺالو اٿئي ..... آءُ دوست! ته يڪ آواز ٿي، صدا بلند ڪريون ته "سنائي سيد، مدد ڪر!" ـــ آهہ! ائين ته چوندو رهندو هوس، پر اُن وقت نہ ٻڌائين. نہ فقط مٿس، بلڪ اُن وقت جي ڪم ظرف، ڪم عقل هندو ڪانگريسين تي بہ اثر نہ پيو. مان کولي کولي چيو هو، تاريخ گواهہ آهي، ته مان سنڌ جي بچائڻ خاطر ڪانگريس جي ڪم عقل گروه جي پيروي ڪرڻ کان بَري آهيان. جنهن جي وزارت بچايم، تنهن شڪارپور ٿاڻي جي ڀرسان ظالم، سفاڪ قاتلن ۽ ملڪ فروشن جي هڪ منظم گروه جي منصوبي بازن هٿان سيني تي گوليون سَٺيون. گولين جا نشان، منهنجي دل جگر تي داغن جي صورت ۾ دائم ۽ تازا آهن. هو شهيد ٿيو. مان هنن اکرن جي صداقت زماني جي صفحن تي اُڪرڻ واسطي اڃا زنده آهيان.

هاڻي منهنجون ئي هي زنده جاويد تحريرون، جن ۾ سنائي سيد کي مشورا آهن، مشعل راهہ جو ڪم ڏينديون. اڳ بہ ۽ هاڻي بہ مان ۽ سيد، سنڌ جي ذريعي جوت جاڳائينداسون.

اسان جي اختلافن ۾ بہ اتحاد، ته اسان جي اتحاد ۾ انقلاب! اِن طرح، اِن پر سنڌ جي آزاديءَ جو قافلو سن شريف مان منهنجي ئي دردآميز نغمہ سراين ۾ جد اپيما ٿي رهيو آهي.

رواجي سر و سامانن ۽ رسمي تيارين جي عشق جي متوالن کي ڪهڙي گهرج؟ خدا خود مير سامان آهي اسان پارن جو.....
اُٿ اي سنڌي غفلت شعار، اُٿ! پنهنجي ڪامرانين کي پاڻ پنهنجي ئي همت سان حاصل ڪر. دير تنهنجي قدم کڻڻ جي آهي، آواز بلند ڪرڻ جي آهي.....تنهنجي ڏکن جي رات هاڻي ختم ٿيڻ تي اچي بيٺي آهي. اجها هيءَ آهي سحر اميدافزا!
— محمدامين کوسو.

(۴۵)

١٦-١٢-١٩٦٥ع

قبلا حضرت جي. ايم. شاهه!

ظالم، ناهر، بگهڙ (Wolf) کي ريجهه ۾ يا لالچ ۾ رڍن جو ڌنار ڪيو، ته ڪم آهو ٿيندو سنڌي سڀاجهڙن سان، جيڪو علي‌محمد شاهه راشديءَ ڪيو! ڏس، پنهنجي سيدن جا پرڪار! انهن کي نذر نياز جهجها ڏجن، باقي حڪومتن جي ڪرسين جي مالڪ بڻجڻ جي صلاحيت هاڻي اُنهن ۾ ڪاٿي موجود آهي؟ هت به تو پُڇ ٻڌي مهري ڪيا. توکي وري سيد پرستيءَ جو خفقان لڳو. تنهنجي ڪهڙي ڪهڙي خفقان جو مان علاج نه ڪيو آهي..... افسوس رڳو سنڌ جي اصل معاملي ۾، وقتي هار کاڌم، ڇو جو الهه‌بخش شهيد ٿي ويو ۽ ٻيو ڪو اهڙو اڃا نظر نه چڙهيم، جنهن کي ساڻ ڪري ميدان ڪارزار ۾ نڪران، سواءِ تنهنجي! پر تون هزار حيلا ۽ لک حجتون به ڪري ڄاڻين! هت مقام عشق آهي. هتي عقل‌بازيون ته نه هلنديون آهن.

بي خطر ڪود پڙا آتشِ عشق ۾ نمرود
عقل هے محوِ تماشاي لبِ بام اڀي!

..... الائي ڪيترا ڪلاڪ، ڪيترا ڏينهن، ڪيترا مهينا، توکي مان مسڪين جي عاشقانه، رندانه ۽ سرمستانه اقوال کي

سمجهڻ ۾ لڳن! چيم ته زندگيءَ جي روشني، ساري ملڪ ۾ فقط هڪ هنڌ، سن شريف ۾ آهي! قبول ڪرين ها، ته هن وقت اُن محبت ڀرئي مچ مان هزارين، لکين، ڪروڙين چنگاريون چوطرف چوڌار ڦهلائي ڏيان ها!..... الائي قلم مان به ڇا ڇا نه ڪڍيو اٿئي؟ جي. ايم. شاهه جي صحيح جائز تصوير توکي ڪڍڻ ايندي ڪيئن؟ غلطيون ڪرين هماليه پهاڙ کان ٽي ڪروڙ دفعا وڏيون، پوءِ وري اُنهن تي معافيآميز تحريرون لکين! ائين نه ٿو لکين ته مسٽر جناح توکي سياسي طاقت جو بکيو ڄاتو، تو هن جي محفل کي ٿڪ هنئين! تون خوددار ۽ غيرتمند، هن (جناح) تنهنجو رعب برداشت نه ڪيو! چيومانءِ، ۽ انهيءَ (جناح) جو شجرو به پيش ڪيم ته اُن کي تون ليڊر نه مڃ! پر توکي ڪيئن روڪيان ها؟ لفظ ته ياد ڪر! مان فرمايو هو ته "مسلم قوم جو "... نامعلوم" ليڊر ٿي نه سگهندو آهي." پر توکي جهليان ڪيئن ها! پاڪستان آخرين مرحلن تي ٺاهيو ئي تو هو.....

"سنڌي ادبي بورڊ"—— اهو نه سنڌ آهي، نه ادبي آهي، نه بورڊ آهي، الائي ڇا آهي؟ اتفاقي طرح ڪو هڪ اڌ ڪتاب ڪم جو ڇپجي سگهندو هوندو! الهه‌بخش جي حياتي لکيائون؟ لکندا، ته اهي احمق خرافات لکندا!

مان "مهراڻ" جو هڪ پرچو ڏٺو، حيرت ۾ پئجي ويس ته گندگش حماقت مابيءَ جي کوڙ گڏ ڪرڻ جو نالو ادبي رسالو!..... مولوي چشتيءَ تي هڪ قرمساق جو مضمون ڏٺم. چشتيءَ جي ذريعي، تنهنجي غلط ڪارين جي مقابلي ۾ سنڌ ۾ هيڏو سارو ڪم ڪيم، ان تي هڪ لفظ به موجود ڪونه هو! چشتيءَ کي سياسي قبر مان ڪڍي، "آزادبورڊ" جو پروپيگنڊا سيڪريٽري ڪيو هوم. ايڏو ظلم! ڄڻ مان محمدامين کوسو سنڌ ۾ ڄائوئي ڪونه آهيان! رڳو "زناهي" (جناحي) سنڌ پيدا ڪيا آهن..... ادب براءِ عمل ته ڄاڻن ڪونه، ڇو جو خود

احمق آهن. احمقن جي دانست وري ڪهڙي هوندي! نقالي ڪندا ته اُنهن کان ڪندا، جي سندن جهڙا چبرا يعني اُلو هوندا ته سنڌ ويچاريءَ جو جاڏهون ڪاڏهون الله واهي! غلام ملڪ جو اهوئي حال ٿيندو آهي. اُن جي جذبات، احساسات کي ماري فنا ڪيو ويندو آهي.

"پنجن پيرن" ۾ پوريل شهيد ۽ منهنجي لازوال الفت تي هڪ لفظ به ڪاٿي صحيح ڪونه لڀندو؟ توسان ايڏي نيازمندي ۽ ايڏا سارا جتن، اُن جو ذڪر به صفر! کهڙي کي نيڪٽاءِ کان وٺي گهوگها ڏنم اسيمبلي هال ۾، اهو به ڪاٿي ڪونه. اسيمبلي هال ۾ رڙيون ڪيم- حضرت مولانا محمدصادق صاحب کي پيرانه‌ساليءَ ۾ ڪلهي تي کڻي ساري سنڌ گهمايم، اُن تي هڪ اکر نه لڀندو. باقي سارو جهان "جناح- جناهه!" هي ڪهڙو ادب؟ هيءَ ڪهڙي زندگي؟ هيءُ ڪهڙو بورڊ؟

مان ۽ علامه فتح محمد سيوهاڻيءَ باهمي يگانگت سان سنڌ کي اوڙاهه کان بچائڻ لاءِ محبت آميز ڪچهريون ڪيون، اُن جو نالوئي ندارد! تنهنجي گفتارن تي علامه توکي خبردار ڪيو هو. ياد پون ٿا توکي سندس عالمانه دڙڪا؟ حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي حياتيءَ ۾ مٿس قربان ٿيندا رهياسين، سندس سامهون وجد ۽ رقص ڪندا رهياسي، ۽ سندس وصال کان پوءِ سمنڊ ڳوڙهن جا مان ۽ علامه دين محمد وفائيءَ گڏجي ڳاڙيا. اهو واقعو ڄڻ فرانس جو ۽ ستينءَ صديءَ جو آهي؟ مان شيخ صاحب جي حضور ۾، شب و روز هٿ ٻڌيون بيٺو رهيس، اهو ته ڄڻ قرون وسطيٰ جي روس جو واقعو آهي! ....

— محمد امين کوسو.

(٤٦)

عزيز آباد، ١٦-١٢-١٩٦٥ع

حضرت جي-ايم-شاهه!

..... .... الائي ڪاٿون ڪاٿون جا پراڻا ڪرم خورده

ڪتاب کنيو ويٺو آهين. اهڙيون تاريخون جيڪي سچ پچ روح کي راحت ڏين، ضرور لکجن. پر اها تاريخ هاڻوڪي جيڪا مردي بدن ۾ جان وجهي، ۽ لاش بيجان ۾ روح پيدا ڪري، اها به ته لک!

هر محفل، هر جلسو، هر ميلو، جيڪو سنڌ ۾ اڄ ڪٺو ٿيندو آهي، منهنجي روح کي پز مرده ڪندو آهي، ڇو جو اُن ۾ سنڌ جي تذليل هوندي آهي..... مصلحت بيني ۽ ڪم عقلي ٻيئي ساڳي شيءِ ڪونه آهن. مصلحت بيني چئبو آهي حق ۽ ثواب لاءِ تدبير ڪرڻ کي. ڪجهه ته مڃ، ڪاٿي ته راضي ٿيءُ!

سنڌ کي جيئرو اُبتي ٽنگي اُن جي کل لاهيندڙ، تو وارو ۽ منهنجو پير علي محمد شاهه راشدي، هاڻي هيءُ اٿيئي جو الائي ڪهڙي ڪهڙي خرافات ۾ هيرن ۽ جواهرن جهڙا فقرا لکندو رهندو آهي. اهڙيون تحريرون قومن کي فنا ڪنديون آهن. نه ڪري ها سنڌ سان ظلم ۽ تعدي، ته ڇو پاڻ به ائين، ئي هلڪڙو ۽ بي‌مايه نظر اچي ها؟ جعفر ۽ صادق هندستان سان اهو نه ڪيو، جيڪو هن سنڌ سان ڪيو؟ الله امان ڏئيس! سنڌ قروشيءَ جون سزائون گران به ٿي وينديون آهن.....

تو ڪاٿي مان کي لکيو هو ته جناح سنڌي نه آهي. مسٽر جناح بلڪل سنڌي آهي، پر تون سنڌين جو آقا آهين. هن کان اها غلطي ٿي، جو تو کي رواجي آدمين جيان اقتدار جو بکيو ڄاتائين. اها سندس واحد سياسي غلطي آهي. باقي پاڪستان ٺاهڻ ۾ هن جو ڪو خاص ڪردار ڪونه آهي. البت هڪ ترجمان جيان، هڪ ڳالهه جو اظهار ڪيائين. مسٽر جناح کان ته لک دفعا وڌيڪ حصو اسان جي سر غلام حسين، منهنجي دوست، جو آهي. جنهن جي ئي چوڻ تي انگريز آخرين طرح پاڪستان ٺاهڻ تي راضي ٿيا..... تون سيد احمد جون پراڻيون تاريخون ڪنج تنهائيءَ ۾ کولي، مان تاريخ ساز کي پڙهائين

ٿو؟ مان شهيد ڪونہ آهيان، زندہ شهيد ۽ شهيد پيدا ڪندڙ آهيان. سنڌ جي بيجان لاش کي اها حياتي ڏني اٿم، هنن تحريرن جي ذريعي، جو لک ڪروڙ علي محمد شاهہ راشديءَ جون بي معنيٰ تحريرون سنڌ کي هاڻي دوباره ماري نہ سگهنديون، ۽ نہ اُن جي هن دور جي با عظمت شخصيت کي پردي ۾ رکي سگهنديون.

— محمد امين کوسو.

(٤٧)

١٦-١٢-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي-ايم- سيد!

ڪيڏو نہ وڏو بهتان، عظيم ڪوڙ ۽ اڄوڪي پنهنجي ئي ٺاهيل تاريخ ۾ بدوڙ آهي، جو الهہ بخش شهيد کي هندوءَ جو ايجنٽ قرار ڏنو وڃي ۽ ڪانگريس جو هن کي محتاج بڻايو وڃي ..... مان سياستون سيکاريندو آهيان، سکندو ڪونہ آهيان. الهہ بخش جي شهادت رائگان وڃي، باقي مولانا ابوالڪلام جي تحريرن جو جوش، سو ٿيو هندستان آزاد ڪندڙ! اِهي ٺهراءَ پاس ڪندي، احمد نگر جيل ۾ مري وڃن ها، جي الهہ بخش جي شهادت جو شهنشاهيت ۽ امپريلزم-شڪن واقعو وجود ۾ نہ اچي ها! ..... الهہ بخش جان ڏني تہ سنڌ غلام نہ ٿئي. ..... تنهنجي ليگ، غلامي آڻيندڙ ليگ، کي ٻوٽ تي موچڙا ماريا هئم، جنهن تي تون ناراض ٿي ويو هئين. اهو نالوئي غلامي آڻيندڙ! "ليگ" انگريز مائي باپ جي حڪم تي ٺاهي ويئي هئي.....

قلم کان گهڻائي توڪچا ڦڪا ڪم ورتا آهن. اڄ هن شهادت عظميٰ جو بيان بہ لک! هيءَ شهادت قوم کي ابدي حياتي بخشيندڙ آهي..... اُن جو نالو وٺ تون، جيڪو توکي بہ حياتيءَ ۾ بيحد پيارو هو. حقائق نويسي ۽ تاريخ نويسيءَ

۾ سياستون، چالاڪيون ڇا جون؟..... وڏن واقعن ۽ حادثن وقت لڄ، خاموشي ۽ غلط ڪاري گناهه عظيم هوندي آهي. احمقن کي جو عقل وارو ڄاڻبو ته عقل وارن جون پڳڙيون ٿي ويندبون. شغال يعني گدڙن کي شينهن جي کل ڍڪائبي، ته ملڪ ئي شغال ٿي ويندو.

— محمد امين کوسو.

(۴۸)

عزيز آباد، انڙ واهه، ضلع جيڪب آباد.

هزارون سال نرگس اپني بے نوري پــه روتي هے،
بڙي مدت ســے هوتا هے چمن ۾ ديــده‌ور پيدا!

جناب قبلا جي-ايم-سيد صاحب!

سنڌين جا حال ڏسين ٿو. ساري سنڌ جي ذلت واسطي دروازو ته ڪهڙو ڪولين ٿا، قلندر شهباز جو! ۽ مان خود ’درگاه قلندر‘ جي عزت ۽ توقيرکي دوباره جيئارڻ واسطي سن شريف جي درگاه مقدس جون حاضريون ڀريان ٿو. اهي لفظ سياسي اهميتن سان لبريز آهن، ڪو معنيٰ ڪري ڄاڻي ته! .....

تون شاهه جي ڪلام سان ڀريل خطوط لکندو آهين؛ مان سنڌ جي ذلت کي مٽائڻ جي خيالن ۾ مستغرق، مان کي ان ادبيات ۾ پوڻ جو موقعو پوريءَ طرح مليو ڪاٿي آهي؟ پر ڪجهه سال اڳ چيو هوم ته، ”شاهه جي ڪلام جي معنيٰ ۽ تفسير جي-ايم-سيد ۽ شيخ عبدالمجيد!“ سنڌ ذلت جي غارن ۾ گهريل، جي اهي ٻه نالا نه هجن ها ته ڪير چئي سگهندو هو ته ڪو شاهه جو ڪلام به سنڌ ۾ ئي وارد ٿيو آهي. شاهه جي ڪلام جي صداقت جي گواهي، جي-ايم-سيد!! پر خود حضرت شاهه صاحب جو مقام ايڏو نه آهي، جو سنڌ جي فخر جو ان کي باعث بڻائجي. اهو سنڌ جو درجو آهي، جو دنيا

جو اهڙو لاثاني شاعر به قدرت سنڌ کي عطا ڪيو. افسوس جو اڌ پڙهيل آدمين هن جي عالمانه ۽ موحدانه ڪلام جي اهميت ئي گنوائي رکي! مذهب کان بيخبر ۽ سياست ۾ غلام، سي "شاهه جو ڪلام" ٻڌائين، ته مان ٻڌان ڇو؟ سنڌ جن تي فخر ڪري سگهندي آهي، اهي ٻيا آهن. الحمدالله، اسان جي گنهگار اکين به اهڙن جا جلوا پسيا! .....

غلام مصطفي قاسمي، ٻيڙي (عبيدالله سنڌيءَ) جو نالو ته ڪيئن لکندو آهي، ڄڻ ته اهو به ڪومُلو هو! بدبخت ازلي، خبيث ـ .... سنڌ کي فخر جو حق آهي، جو هن پاڻ کي سنڌي چورايو. سنڌ ۽ سنڌ وارن کي لک لک مبارڪون!ـــ

ـــ محمد امين کوسو.

(٤٩)

٢٠-١٢-١٩٦٥ع

جناب قبلا شاهه صاحب!

..... تون سيد عالي وقار، سنڌ جي مقبرن، قبن ۽ خانقاهن جي ويل آزادي وٺي ڏيندڙ، توکي فرصتون ڪاٿي، جو فضوليات کي پنهنجي جسم ۽ وجود ۾ جاءِ ڏيئي سگهين؟!

قلندر شهباز جو حوالو به توکي خوش ڪرڻ واسطي ڏيان ٿو. مان مست الست گنهگار پنهنجي ئي پير جي غلاميءَ ۾ غرق، مان کي حقيقتاً ان طرف توجهه ڪرڻ جي ضرورت آهي ڪانه. قلندر شهباز جي ڪلام جو نمونو، جيڪو ڏين ٿا سو نهايت پڪو، توحيد ۽ حقيقي سوز جو حامل آهي. پر اهو ڪلام هن وقت سندس باعظمت درگاه جي اردگرد جيڪا غلامي آهي، اُن جي پڪي ڪرڻ لاءِ ڳايو وڃي ٿو. سنڌ جي بدن جي چوگرد زنجيرن جو وڪڙ آهي، ان ۾ هڪ وڌيڪ وڪڙ قلندر ۽ شاهه جي ڪلام جي آواز سان وڌايو وڃي ٿو.

آنهن وڪڙن ۽ خود زنجير کي هڪ ئي اشاري، خاموش اشاري، سان پرزا پرزا ڪرڻ لاءِ هي خطوط منهنجي دل و جگر جي رت ۽ اکين جي اشڪ سان لبريز، تو جي. ايم. شاهه وٽ شب و روز پهچي رهيا آهن.

ڪٽ ڪهي گرجائيگي اي قيديءَ زندان ستم!
تجهڪو احساس گران باريءَ زنجير تو هو!

سنڌين جي ذهنيت جي پستيءَ جي گهرائي ۽ ان پستيءَ کان بلڪل بيخبري ڏسيندڙ، جيڪي اهڙا قرمساق شاهه بابت لکن، چون ۽ سندس قبر تي وڃن، آنهن جون گردنون قلم ڪرائجن.....

..... تون خاموشين ۾ به تحريڪون پيدا ڪري سگهندو آهين..... توتي بندشون هجن، پوءِ به سنڌ جي نالي تي وزير هجن؟ اهي اڳين نيمڪحرامن جهڙا نمڪحرام ۽ نڪ چپ وڍيا چئبا؟.....

..... خبرون ته توکي اڳ به ضرور آهن، تون مستن جي خوبيءَ کان واقف آهين. ڪراچيءَ جي ايام ۾ ٻه ٻه چار چار ڏينهن صرف چاءِ تي گذر ڪندو هوس، مانيءَ لاءِ پيسا نه هوندا هئا. اهڙن موقعن تي نه تو وٽ ايندو هوس ۽ نه شيخ صاحب وٽ، ڇو جو اهو اچڻ محض شڪم پريءَ لاءِ هجي ها! — عبدالقادر اچي پهچندو هو، منهنجي منهن کي لٿل ڏسي چوندو هو ته "روزا رکو ٿا؟" چوندو هئس "ها!" وٽس حق حلال جا جيڪي چار پيسا هوندا هئا ته نذر رکندو هو. منهنجو کيسو ته هيو ئي بيت‌المال! مان وٽ وري جڏهن ڪجهه ميسر ٿيو ته عبدالقادر کڻي ويندو هو. سو تو ٻڌو، بکون ڪراچيءَ ۾ ڪاٽي، هاري ۽ مزدور تحريڪ جي ليڊري پئي ڪيم، ۽ اچي وڃن ته هزار رپيا به چٽ!..... الهه‌بخش مرحوم سان دهلي آزاد ڪانفرنس جي صدارت لاءِ کيس وٺي وڃي رهيو هئس. مان وٽ ٿرڊ ڪلاس جي ڀاڙي کان زائد ڪل رقم

پنجاه روپيا کن هئي، الهه‌بخش فرسٽ ڪلاس ۾، مان ٿرڊ ڪلاس ۾ - سفر جو وڏو حصو مان سان اچي انهي ٿرڊ ڪلاس ۾ ويٺو رهيو. مان گوارا نه ڪيو ته وڃي ساڻس ويهان ها ۽ کيس ايتري همت نه ٿي، جو منهنجي ٽڪيٽ ڦيرائي. مان فرسٽ ڪلاس ۾ چڙهڻ کان عاري ڪونه آهيان، پر الهه‌بخش خرچ ڪري، آن تي اعتراض هيم ۽ اٿم به ..... ---

--- محمدامين کوسو

(٥٠)

٢٠-١٢-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي، ايم. شاهه!

لائون وه تنڪي ڪهان سڀ آشيانڻ ڪيلئے
بجليان بيتاب هون جن ڪے جلابي ڪيلئے!

سنڌ سازيءَ جا هي پنا آن آشياني جو ڪم ڏين ٿا، جيڪو اقبال وٽ محض شعرانه تخيل هو..... ....

جي، ايم. سيد جنهن جي دل ۽ زبان تي نه اچي، مان وٽ اهو سنڌي انسانيت جي درجي ۾ ته نه آهي، پر سنڌ جو جانور، ڪُتو، ٿيڻ جي لائق به نه آهي.

شيخ عبدالمجيد فقير تن، فقيردل جو نالو جنهن دل ۽ دماغ ۾ نه آهي، اهو انسان ته نه آهي، گڏهه به نه آهي.

مٿيون قول - اهو ادب آهي؟ سنڌي آهي يا نه آهي؟ تون ادب نواز ئي جواب ڏي!

تنهنجي وجود ۾ ئي حسن، جمال ۽ رعنايون پاڻ لاءِ پيدا ڪندس، سياست جي محدود دائري ۾ ئي، ته پوءِ تنهنجي نالي تي نغمه سنج نه ٿيندس ته ٻيو ڪنهن جي نالي ۾؟.....

مان کي خبر آهي ته توکي تنهنجي جذبن خاڪسار به بڻايو هو. يا خاڪساريءَ طرف متوجهه ڪيو هو. مان هونءَ ته خاڪسار ٿيڻ فخر ڄاڻان ٿو، پر مان کي اها تحريڪ ليک

وانگر وٺندي بلڪل نہ آهي. مان وٽ تہ قاديانيت، ليگ، سي-آءِ. ڊي ۽ پنجابيت بلڪل هم معنيٰ چيزون آهن، ۽ خاڪساريت بہ اُنهن جي ڀيڻ نہ تہ ماسات ضرور ٿئي! اسلام، تحريڪ انسانيت جي بڻائڻ لاءِ آهي، اُن ۾ ايتري نامعقوليت ٿي ڪيئن سگهندي آهي؟.....

هي دور انحطاط جو دور آهي. قرب قيامت جو دور آهي. تہ بہ الله جي خاص فضل سان اسان جي ئي دور کي وقت جا ٻہ وڏا امام عطا ٿيا؛ منهنجو پير ۽ آقا حضرت عبدالرحمان عليہ الرحمت ۽ حضرت مولانا عبيدالله سنڌي! فقيريءَ واريءَ علم ۾ هو يڪتا ۽ بيمثل، علم واريءَ فقيريءَ ۾ هيءُ بہ بي مثل ۽ يڪتا!..... حضرت مولانا جا مڪتوب مان لاءِ اڪسير آهن. هنن ٻنهي الله وارن جي ياد ۾ سر نميل، دل ڀريل ۽ خطوط تو ڏي تحرير ٿيل ـــ مدعا ۽ مقصد تون ڄاڻ! توسان عداوت هنن تحريرن کان پوءِ ڪفر جي نشاني آهي..... الله جو فضل ڏسو، جو مڪي معظمہ کان اچي مان کي سرفراز فرمايائين! تو وٽ اچي رهڻ کي محض ان ڪري معيوب ڄاتائين، جو تون ليگ جو صدر هئين. مان تہ کيس دعوت ڏني هئي. فرمائڻ لڳو تہ ”جي. ايم. سيد اسان جو آهي ۽ سندس ڄاءُ بہ اسان جي آهي، پر اسان ليگ جي عهديدار وٽ ڪيئن مهمان ٿيون؟“

هاڻي تون ليگي آهين؟

هـــر چہ ڪند دانا ڪند نادان

ليکـــ بعد از خـــواريءَ بسيار!

ـــ محمدامين کوسو.

(٥١)

٢٠-١٢-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي. ايم. شاهہ!

..... حضرت شيخ صاحب، جنهن پنهنجي ماءُ پيءُ

جي مذهب کي ترڪ ڪري اسلام جي عظمت ۾ صرف ٻاڻ لاءِ آندي هجي، پر آن جي قائم ڪرڻ لاءِ ساري عمر جهاد ۾ گذاري هجي، آن جي نالي ۾ ڪهڙو نه خمار آهي!

مان آن "ڪاڪ ٽيل" جو پيتل آهيان (آهي ته الائي ڪهڙي بلا، پر مولانا ابوالڪلام جي تحريرن مان اڌاري طور وڃان ٿو- الله معاف ڪري!) ايترو نشو جهاڻ ٻڌي جو ڪم نه آهي.

مان تنهنجي تقريرن وٽ سراپا انتظار هوندو هئس ته الله کو خير جو ڪلمو تنهنجي واڻان ڪيي. مان ٻاڻ جو سنڌ جي آزادي ۽ حريت جون پيغام بردار تقريرون ڪندو هئس، ته ڪ جاڻ ته جي-ايم-شاهه ۽ شيخ صاحب جي لازوال محبت جو يقين ۽ پروسو هوندو هوم. مان نڏاڪو ڪونه هئس. تو مان ڪي ڪانگريسي صفن ۾ ويڙل ڏٺو هوندو. شغالن (گدڙن) ۾ هڪ شير نيستان هوندو هئس.....

تون ئي هن دور ۾ سنڌ جو سياسي سرتاج آهين.
—— محمد امين کوسو.

(۵۲)

۲۱-۱۲-۱۹۶۵ع

حضرت جي-ايم شاه صاحب!

هن وقت تون بندشن هيٺ آهين. تو قيد به ڏٺو، بندشون به تنهنجي حصي ۾ آيون. توڻي پاڪستان ٻڌايو- ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي؟ جنهن جا تو-ان روحاني ۽ قلبي لاڳاپا هئا، ۽ جنهن جي دل ۾ انهن خطرات جو عڪس صاف صاف ٻڌي پيو، آن توکي چيو هو ته "قيد به ڀوريائين توکي ڪندا ۽ تڪليفون به توکي ڏينداء سنڌ تي رحم ڪر، پاڻ تي رحم ڪر!"

حادثه وه جو ابر پرده افلاک ۾ هے،
عکس آس کا مرے آئينه ادراک ۾ هے!

—— .... شدت سان توکي روڪيم، جهليم. هن حد تائين جو اتفاقي طور ليگ جي ڄار ۾ اچي ڦٽس ته، توکي اهڙو حقيقت آميز خط لکيم، جو تو منهنجو رهڻ ليگ ۾ به گوارا نه ڪيو.

اڄوڪي سنڌ تون ئي آهين، ته پوءِ هرڪنهن نموني سان تنهنجو ئي نالو وٺڻ ۾ ايترو تغافل ڇو؟ جيڪو تنهنجي نالي سان ناتو نه رکي، سو سڪندر اعظم جي زماني جو سنڌي چئبو! پر اُن وقت جي صاحب فهم سنڌين کي به اها خوشبوءِ ضرور اچي ها ته سنڌ ۾ هڪ برگزيدو بندو هنن پارن وارو ايندو ۽ کيس ٻيو عاجزترين سنڌي ههڙا خط ڏکئي ۾ ڏکئي وقت ۾ لکندو.....

تنهنجي نالي وٺڻ ۾ 'ادبيت' نه آهي؟ اڄوڪو ادب ته آهي اِهو! پر سنڌ اندر 'ادب بري اڊب' به اِهوئي نالو جپڻ آهي ۽ 'ادب بري زندگي' به اِن نالي جو ورد ۽ ذڪر آهي. باقي ڪو سج ۽ سج جي روشنيءَ جي نالي وٺڻ کان چڙ کائي ته ان کي روز روشن جو بائڪاٽ ڪري، پاڻ کي بند ڪرائڻ گهرجي، نه ڪه اُن تي ڪاوڙجي جو سج جي روشنيءَ کي سج جي روشني چوي! سج کي کاري هيٺيان لڪائڻ ۾ ڪير ڪامياب ٿيو آهي ڇا؟.....

—— محمد امين کوسو.

(٥٠)

عزيز آباد، انڙ واهه، ضلع جيڪب آباد.

٢١-١٢-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي- ايم- شاهه صاحب!

تون ئي سنڌ، تون ئي سياست جو مالڪ ۽ ڌڻي، تنهنجي ذريعي ئي شاهه لطيف ڀٽائي گهوٽ جي ڪلام جي عزت ۽ توقير اڄ هن دور ۽ زماني ۾ قائم!! انهيءَ حق سان ڀريل ڪلام جي معنيٰ فقط تون، ۽ اُن جو تفسير شيخ صاحب!

انگلنڊ جي انگريزي ڳالهائيندڙ انگريزن کي شيڪسپيئر تي ناز آهي، پر جي انگلنڊ تي نازي جرمنيءَ جو قبضو هجي ها، ته اهو ڪلام به غلام ٿي وڃي ها!

شاهه ڀٽائي گهوٽ جي روضي مان تولاءِ جيڪي دعائون نڪرن ٿيون، سي جملا بڻجي، منهنجي ئي ڏنگن ڦڏن لفظن جي جوڙجڪ ۽ ترتيب سان تو تائين پهچن ٿيون. سڀئي روضا، مقبرا ۽ خانقاهون، سنڌ اندر توڏي ئي نهارين ٿيون، جو هنن تحريرن مان عاجز جو روي سخن توڏي آهي.

حضرت مولانا ابوالڪلام جي قبر تي وڃي کيس تسليون ڏيندس. سندس ئي ڪوٽ ڪيل شعر جو مصرع لکان ٿو:

چشم سوي فلڪ و روي سخن سوي تو بود!

هت ته چشم ۽ روي سخن ٻيئي توڏي آهن.

ابو الڪلام جي قبر ڪهڙين نه اميدن سان سن شريف طرف ڏسڻ کان اڳ، مان محمد امين جي قلم جي جنبش کي داد ڏيئي رهي آهي! .....

—— محمد امين کوسو.

(٥٤)

حضرت قبلا جي ايم. شاهه صاحب!

..... انسانيت جي علمبرداريءَ جو شرف سنڌ کي ئي هن دور ۾ عطا ٿيڻ وارو آهي. اها دعويٰ محض بي دليل نه آهي. ..... سياست ۾ ٻه بيمثل. ٻيئي منهنجي هنن خطن سبب فرشتن جي محفلن ۾ ذڪر ڪيل: فخر سنڌ ۽ هند شيخ صاحب ۽ تون! ٻيئي سنڌي!!

خود مسٽر جناح به سنڌي ته مس جناح به سنڌي. مسٽر جناح ته اسلام ڪونه سکيو، مس جناح جي اسلام سيکارڻ ۽ تلقين ڪرڻ جو ته ڪو بندوبست ڪجي. مان کي وڏيءَ حد تائين وٺندي به آهي- خوددار، بيباڪ، صاف گو، همت واري!

افسوس مان کيس کٽائڻ واسطي تيارين هوندي به تيار نه ٿيس، ۽ سندس هار جو فيصلو اڳ ۾ ڏنم، ڀاڻس جي گناهن جي پاداش ۾! ـــ

تون ئي سنڌ جو گهوٽ، تون ئي سنڌ جو لعل، هيءَ وقت ۽ هيءَ گهڙي تنهنجي عمل ۽ اشارن طرف ڏسڻ تي مجبور ڪري رکي اٿم. تدبر، حڪمت عملي، انساني شعور کان مڪمل ڪم وٺڻ، اهو خاصو هڪ صحيح العمل ليدر جو هئڻ گهرجي. هن وقت کان وقت کان وڌيڪ آسان وقت سنڌ لاءِ ڪونه ايندو ڪو ناهڻ تي توکي آماده ڪري سهي! ـــ..... تو ۽ شيخ صاحب بابت ڳالهائڻ لاءِ به وقوف گهرجي.

پڙهه! علي محمد راشديءَ جون شيطان جي آنڊن کان به ڊگهيون ڪهاڻيون. سندس بي پناهه طرز کان سواءِ، منجهن قوم کي فنا ڪندڙ مواد هوندو آهي. ويو الهه بخش مري، نه ته هن قسم جون تحريرون جنم ڪيئن وٺن ها؟ هڪ جي شهادت سارو چرخ ئي ڦيري رکيو. هاڻي وري هڪ جي ئي تعريف سان چرخو سنئون ڪرڻ گهران ٿو..... ـــ

ـــ محمد امين کوسو.

(٥٥)

٢٢-١٠-١٩٦٥ع

حڪومتون خادم، تون مخدوم!
تون الله کي پيارو ۽ محبوب آهين!

حضرت قبلا جي-ايم- شاهه صاحب!

حريف ڪاوش مژگان خون ريزش نئي زاهد،
بدست آور رگ جان و نشتر را تماشا ڪن!

مولانا ابوالڪلام آزاد پنهنجي ئي جذبات عشق انگيز جي ترجماني اڪثر مٿئين شعر سان ڪئي آهي. مان توکي اهو شعر لکي عرض ڪريان ٿو. منهنجو جو ازلي لاڳاپو توسان آهي،

اُن جو احساس ڪر، ۽ پوءِ تنهنجي بندشن جو جيڪو اثر مان تي پوڻ گهرجي، ان کي به تور! هڪ شخص، جنهن هڪ لمحي تائين به تنهنجو دامن نه ڇڏيو هجي، ان جي وابستگين جو اندازو ته ڪر-تو تي ڪاوڙ، توسان ڪاوڙ، توسان ئي گفتگو پئي رهي آهي! يعني سڄي ڪائنات سياست جي به توکي ئي بڻايون آيو آهيان. هاڻي هنن خطن جي تشريح هڪ حدتائين ڪريان ٿو. پر عشق جي تشريح سواءِ عشق جي ٻي ڪهڙي ٿي سگهندي آهي؟

ادا شناس نه پورو آهين، پوءِ ڪيئن لکان ته
"ادا شناس نئي دلبرا خطا اينجاست"-

منهنجو چوڻ به صاف آهي ته تنهنجا خيال ڪهڙا به ڇو نه هجن، ڪهڙن به خيالن واري حڪومت ڇونه هجي، ته به توسان اُنهن جو رشتو ناتو فقط هڪ ئي طرح ممڪن آهي: اهو هي ته تون مخدوم آهي خادم!

تو ڪاٿي پيادي ۽ سوار جي تشبيه ڏني آهي. سوار تون آهين، پيادا آهي آهن. توکي حڪومتن جي گدي ۽ ڪرسي اُڌاري آڻي ۽ کسي اعزاز وٺڻ جي چندان ضرورت ڪانه آهي. آهي. تنهنجو اثر رسوخ ۽ طاقت خود تنهنجو وجود آهي.

"جي-ايم- شاهه!" چوڻ سان لحظي اندر، اهو سڀڪجهه هزار لک دفعا وڌيڪ اثرائتي ۽ شانائتي نموني ۾ ادا ٿي ويندو آهي، جو هن وقت پاڪستان جي برتري ڏيکارڻ لاءِ ريڊئي پاڪستان کان وٺي پير علي‌محمد شاهه جي فضوليات ۾ نمايان ٿيندو رهي ٿو. پاڪستان ظاهراً ڀارت کان وڌيڪ شاندار آهي، ڇو جو جي-ايم سيد ۽ شيخ عبدالمجيد، ٻيئي سنڌ ۾ رهن ٿا، ۽ سنڌ جي زير سايي پاڪستان آهي. سنڌ پاڪستان جي زير سايي چئجي، ته پوءِ ائين ٿيندو جيئن ڪو چوي ته جهنگل ۾ شينهن ۽ لومڙ رهن ٿا، ۽ شينهن لومڙ جي سلطنت هيٺ آهي! حالات جو صحيح ترين تصور اُنهن کي زيبا ڏيندو آهي، جي صحيح

ترين آدمي هوندا آهن. مان صحيح ترين نہ سهي، تنهنجي نيازمندي تہ قدرت عطا ڪيون بيٺي آهي ..... منهنجي اهميت جو سبب ئي اهو آهي، جو تون پاڪستان ٺاهيندڙ وڏي ۾ وڏي شخصي طاقت هئين، آن سان منهنجا لاڳاپا ايترا تہ گهرا آهن، جو مان توکان جدا ٿي سگهان ئي ڪونہ ٿو. اهـو عمل ۽ رد عمل هن ئي دور جي ٻن قريب‌ترين لاڳاپي رکندڙن جو آهي. هڪ سيد عالي‌وقار، ٻيو سيد جو ظاهر و باطن غلام!

شيخ صاحب جي سياسي اهميت کي پس پشت وجهڻ تہ لکيم "سياسي ڪفر آهي". مدعا ۽ مقصد، في زماني جي ٻوليءَ ۾، منهنجو هيءُ آهي تہ تو پارو ضرور هاڻوڪي زماني ۾ ڪاٿي ٻئي هنڌ ٿيو هجي، تہ آن جـو مثال راشدي بهادر جيان ڏيان. — سڄي جهان جي شيطانن، احمقن ۽ خناسن جي لغت لکي ويندو آهي. چالاڪ ۽ حريف تہ آهي، آتي ڪاٿي ڪاٿي حضورﷺ جو اسم پاڪ بہ آڻي، پنهنجي اخروي نجات ۽ بچاءَ جو بندوبست پوريءَ طرح ڪري ڇڏيندو آهي.

تون شخص واحد ۾ سڀڪجهہ تہ آهين ..... تون پاڻ تاريخ ساز، تون پاڻ سنڌ ۽ سنڌ- سـاز، تون پاڻ محاذ ۽ محاذ- ساز!! تون ئي تہ پاڪستان جو ظاهر ۽ برملا فخر آهين. توکي لڪائڻ ۽ ڇپائڻ سان معاملو ٺهندو، تہ ائين ئي جيئن راشدي صاحب بهادر ٺاهيس ٿو! تون ئي سنڌ جي سونهن ۽ تون ئي سنڌ جي مزاج ۽ مينا‌ج جو نمائندو! .....

مان عاجز هيٺي کي روزانو خطوط کان هاڻي نوازيندو رهہ! طبع ۾ هڪ قسم جو هيجان آهي. تنهنجي نالي جي ورد منهنجي طبيعت کي دگرگون بڻائي رکيو آهي.

— محمد امين کوسو.

باوضو بعد از نماز و تلاوت و درود!

(٥٦)

عزيز آباد، انڙ واهه ٢٢-١٢-١٩٦٥ع

قبلا حضرت جي-ايم- شاهه!

تنهنجي ذاتي جوهر کي غلطين سبب رڳو ڪنج تنهاين جي زيب ۽ زينت لاءِ ڇڏي ڏيڻ، اسان جي دور جي تاريخ جو هڪ المناڪ حادثو ٿيندو.

مان اڻڄاڻ ڪونه آهيان، ڄاڻو آهيان، جيتوڻيڪ پاڻ ڳوٺاڻو ۽ عاجزترين گنهگار آهيان ته تنهنجي ڪمالات انسانيءَ کان سنڌ وارن ذريعي، سڄي پاڪستان، هندستان ۽ خود عالم انسانيت جي قسمت ۾ ڦيري آڻڻ جي ڪم جي ابتدا ڪري سگهبي آهي.

حضرت مولانا ٻيڙي محبوب ڪاٿي هيءَ مصرع به لکڻ فرمائي آهي ته "ڪيسے تير انداز هو، سيڌا تو ڪرلو تير ڪو!" يعني معاملن کي سنئون سڌو ڪري سنوار!— سو ڏسين ٿو ڪهڙين ڪاوشن کي بروي ڪار آڻڻ ۾ مشغول آهيان. خدا نه ڪري جي منهنجون هي تحريرون عمل جي صورت پيدا نه ڪري سگهيون، ته سنڌ صدين تائين سنئين نه ٿي سگهندي! سنڌ جي قسمت هنن تحريرن ۾ ڇپيل آهي.

نه ستارے ۾ نه گردش افلاڪ ۾ هے،
تيري تقدير ميرے نالۂ بيباڪ ۾ هے!

منهنجي ئي تحريرن کي مشعل راهه بڻائڻو پوندو.

مشغل بنا ڪے تابش داغ جگر ڪو مين،
راتون ڪو ڍونڍتا هون تيري رهگذر ڪو مين!

..... سنائي سيد جي ذات والاصفات کي ئي انسانيت ۽ اسلام جي خدمت جو ڪم سونپيو اٿم.

من و ساقي بهم سازيم و طرح ديگر اندازيم!

— محمد امين کوسو.

(٥٧)

٢٢-١٢-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي-ايم- شاهه صاحب!

تو خطبات مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو هڪ مختصر ڪتاب (پروفيسر محمد سرور جي نامعقوليات سان ڀريل ته به معقول ديباچي وارو) پڙهيو آهي؟ نه يا هائو، ٻنهي حالتن ۾ پڙهه ته پڙهايانءِ!

شايد پهريون خطبوئي سرزمين سنڌ تي ٺٽي ۾ پڙهيائون. ان ڏينهن کان ٿورو وقت اڳي يا خود اُن ڏينهن به مان توسان مليو هئس. بهرنوع هڪ ڏينهن توڏانهن پيادل اچي رهيو هئس ته حضرت مولانا واٽ تي مليو، ڪنهن ڪانگريسي مجموعي کي خطاب ڪرڻ وڃي رهيو هو. سائس همراهه ٿيس، چيم ته جي-ايم-سيد ڏي وڃي رهيو هئس. تنهنجي نالي ٻڌڻ سان ٽهڪ نڪري ويس- يعني تون ۽ ليگ؟ هڪ مذاق، هڪ ٽوڪ، هڪ کل سنڌ سان، سنڌ جي تاريخ سان! مان محمد امين تنهنجي نيازمند سان، الهه بخش جي شهيد ٿيندڙ وجود ۽ سينه پاڪ سان! تنهنجو ليگ هجڻ حقيقت هجي ها ته اڄ ڪُنج تنهاين جو بادشاهه به نه هجين ها، جيڪڏهن منهنجي صداي دردمند توکي ان طرف نه گهلي وڃي ها! منهنجي صدائن ۾ اهو تاثير نه هجي ها، جيڪڏهن تنهنجي ئي دروازي جا طواف نه ڪيان ها!

هڪ دفعي توکي لکيو هوم، ته تو وٽ ڪيئن پئي آيو آهيان. پيادل- ٽرام تي- رڪشا تي- بگيءَ تي- اڪليو. فخر سنڌ شيخ صاحب سان گڏ، جي الانا سان، حاتم علويءَ سان، جمشيد ميهتا مرحوم و مغفور رحمةالله سان (مسلمان ٿي ئي ضرور واصل بحق ٿيڻ وارو روح وٺي آيو هو)، مير بنده علي‌خان سان، يوسف هارون سان، ڇيٺي سپا هيملاڻيءَ سان، شهيد الهه‌بخش سان، ميران

محمدشاهہ سان، سيد علي محمد شاهہ ۽ حسام الدين راشديءَ سان، سيد حسن بخش شاهہ سان، مير غلام علي خان مرحوم سان، عبدالقادر ڪامريڊ سان، گوپال سپاهيملاڻيءَ سان، ٺهلراماڻيءَ سان، ڊاڪٽر تاراچند سان، پيرزادي عبدالستار سان، پير الاهي بخش سان، خان عبدالغفار خان سان، خان عبدالصمد خان سان، عنقا ۽ نسيم مرحوم سان، قادربخش خان نظاماڻيءَ سان، مير الهہ بچائي سان، شيخ صاحب سان، مسٽر سيهتا سان، غرضيڪہ هر قسم جي انساني آدمين سان بہ آيس، تہ وري الوهيت جي رازن کي افشا ڪندڙ، فقير درويش ۽ سلطان پير سائين بادشاهہ سان بہ آيس. اڃا بہ تنهنجي نظربندي ناجائز ۽ غيرقانوني آهي؟ الله وارو، الله جون رحمتون کڻي، هڪ دفعي آيو تہ پوءِ ٻيو ڪير اُن ۾ ترميم آڻڻ جي طاقت رکي ٿو. هي وقتي ۽ هنگامي نظربندي بہ اسان آدمين جي بدبختيءَ جي کليل نشاني آهي! سائين تو آيا ڇو؟ تنهنجي اڱڻن کي هميشہ لاءِ آبادين ۽ رحمتن سان ڀرڻ لاءِ ئي آيا. هاڻي جيڪو توسان ويري ٿيو، اُن الله واري جي روش سان وير ڪيو، جنهن الله واري جي روش سان وير ڪيو، تنهن الله سان وير ڪيو؛ جنهن الله سان وير ڪيو اُن جون پاڙان پٽجي ويون. اڃا بہ اُن ۾ ڪو شڪ آهي؟ ـــ.....

ـــ..... سنڌ جون آباديون هاڻي توسان ئي وابستہ ٿي ويئون. هيءَ سياسي ٻولي چئبي، يا دين جون ڳالهيون!..... اهڙي فتويٰ جيڪا ڦري نہ سگهي..... حضرت مولانا ٻيڙي محبوب جي خطبات ۾ سنڌ جي مذهبي عظمت، سياسي عظمت جو ذڪر پڙهہ!..... انهن مختصر خطبات جي مجموعي کي سمجهائڻ واسطي علماء ۽ محققن جي هڪ جماعت گهرجي. هنن خطبن ۾ ٿوريون گهڻيون ترميمون ٻين جون ڏسيل آهن، ورنہ سمورا سندس ئي ارشادات آهن.

اتان ئي حضرت مخدوم محمد معين جي پابي جو پتو پوي ٿو. اتي ئي حضرت شاهہ لطيف جي ڪلام کي اهو پابو

۽ درجو عطا ٿئي ٿو، جنهن جو بيان الفاظ ۾ ماپي ڪيئن سگهندو؟ مان وارو يار علامہ حڪيم فتح‌محمد سيوهاڻي ۽ حضرت مولانا سنڌي، ٻيئي ساڳيءَ معنيٰ ۽ مفهوم سان شاهہ جو ڪلام پيش ڪن ٿا.

— محمدامين کوسو.

(٥٨)

عزيزآباد، انڙواهہ ٢٤-١٢-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي. ايم. سيد!

محافظ سنڌ چوندو رهيس ۽ اکندو رهيس!..... اختلافات کي مٽائيندڙ ۽ باهمي محبت کي مضبوط ڪندڙ آهي اها تحريڪ جيڪا دل ۽ جگر جي زخمن کي اکين جي آب جي صورت عطا ڪري. منهنجا ڳوڙها، منهنجي دل جي دامن کي جهليندا، گهليندا تو تائين اچي صدائون بلند ڪن ٿا .. .....

توکي نظربند ڪيو اٿن يا تو پاڻ کي پاڻ نظربند ڪيو آهي. ٻنهي صورتن ۾ مسلمانن کي عظيم نقصان پهچي ٿو. اُن نقصان عظيم جو جنهن دل پاڪباز ۽ محبت پرست کي احساس آهي، اها نالہ فشان آهي.

ڏس نہ! جنهن سنڌ خاطر تون ايڏيون سختيون سهين ٿو، اها آهي ڪاٿي؟ ڪنهن کي احساس ئي باقي نہ آهي تہ ڪو جي. ايم. سيد بہ آهي ۽ کيس ٻيو دل فگار رات ڏينهن جي هر گهڙيءَ، هر لحظي ياد پيو ڪري ٿو. اها سنڌ، جيڪا هن جي عظمت کي ڄاڻي سڃاڻي، سابہ هنن خطوط ۽ تحرير کي استعمال ڪرڻ سان ئي پيدا ٿي سگهندي. هن ۾ ويرورودّ، ڪلفت، دنگي فساد، بحث مباحثي ۽ قيل و قال جو سوال ئي نٿو اٿي، تہ جي. ايم. شاهہ ٻين حصن ۾ ڇو ڪين آهي! هي تہ الله جو فضل آهي. الله جي فضل، جي. ايم. شاهہ اسان کي عطا ڪيو! پوءِ جي الله جي فضل ۽ نعمت جو قدر نہ ڪجي؟.... خداپناهہ!

حڪومتن ڪنهن جي دل ۽ دماغ کي ڪُنجي ڪانه هنئي آهي. بلڪ سنڌ جي عام جهالت (جهالت مان مراد سنڌ اندر ته پڙهيل گرئجوئيٽ فردن جي جهالت آهي) کي خيال ۾ نه رکي، ڪنهن حڪومت کي هن تي آماده ڪرڻ به بلڪل سهل ۽ آسان آهي، ته سنڌ جو سڄو سارو سرمايو، اهو جي.ايم شاهه آهي .....پر هيڏي ساري انسانن واري سنڌ، ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين، غفلت ۽ بيحسيءَ جي چادر تاڻيون، اگهور ننڊ ۽ نشي ۾ سُتي پيئي آهي- آهه! غفلت شعار سنڌ! تحسن ڪش، احسان فراموش سنڌ!!.....

— محمدامين کوسو.

(٥٩)

٢٤-١٢-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي. ايم. شاهه!

توڏي لکندڙ قلم سان هڪ نامعقول ملان ڏي ٻه چار سِٽون لکيم، ته قلم اڌ مان ڀڄي پيو—

نئون قلم وٺان، ان کي توڏي لکيل خطن سان آسهايان، تڏهن وڃي ڪو بڻجي-

تنهنجي تندرستيءَ جي احوال جو بيحد انتظار رهندو آهي- ايتري دير؟ روزانو لکندو ڪر-

— محمدامين کوسو

(٦٠)

٢٧-١٢-١٩٦٥ع.

بحضور جي-ايم سيد صاحب!

مڪتوب گرامي ٢٤-١٢-١٩٦٥ع جو باعث صدافتخار ٿيو. الله ڪو توکي اِن باري ۾ وڌيڪ سخي فرمائي!

بنده پرورا تنهنجي نظربندي جي مزيد توسيع جي خبر
پئي..... موجوده حڪومت کي تو بابت ڪنهن چيو آهيو؟
سنڌي نمڪحرام وزير ته اڃا گلائون ڪندا، حالانڪ تنهنجي
تعريف ڪن ها ته ڪين قدرت اهو موقعو ڏنو. ورنه هن جي
تعريفن توصيفن جو تو پاڻ کي محتاج ٻڌايو ڪائي؟ انڌا پلا
حسن جي تعريف ڪندا ڪيئن؟..... ٻيو پاسو هن سوال جو
اهمترين پاسو آهي، جيڪو تون نظرانداز ڪرين ٿو. اهو هي
آهي ته الله ته سنڌ کي تو ياري سان نوازي ڏيکاريو، ۽ سنڌ
وارن مان ايترا ڪهترا آهن، جن کي اهو احساس آهي ته تنهنجو
وجود هڪ نعمت ربي آهي. ان نعمت کي استعمال نه ڪرڻ
يا غلط استعمال ڪرڻ جو اهوئي نتيجو آهي، جو نه فقط سنڌ
بلڪ موجوده حالتن ۾ پاڪستان ۽ دنياي اسلام هڪ بينظير
رهنما جي سياسي رهبري کان محروم آهي. ساري دنيا اندر
سياسي معنيٰ ۾ ٻوو. جي.ايم.سيد هن وقت موجود ڪونه آهي.
هڙڻ ڏسي ناقدرشناسن سبب قومن جون قسمتون يا ته هميشه
لاءِ تاريڪ ٿي ويندیون آهن يا وڏي عرصي تائين اُن جو وجود
اوجهل ٿي ويندو آهي .... ... ٻڌ، پوري ڏيان سان ٻڌا جنهن
جي قلم کي الله اهو فخر ۽ امتياز فرمائي، جنهن جي جملن ۽
فقرن کي اها اعجاز مسيحائي بخشي وڃي، جو جي.ايم.شاهه جي
تعريف ۽ توصيف فضا ۾ ڦهلائي، سنڌ، مثل سنڌ، جي رگ وريشي
۾ زندگيءَ جون لهرون ڊوڙائي ۽ حيات آفرينيءَ جي اها ڪرامت
۽ اهو معجزو ڏيکاري، جو دنياي اسلام سنڌ جي رهين منت
ٿي ٻيهي، اُن کي پنهنجي تاريخي مقام جو احساس نه ۽ يقيني
علم آهي. ..... پاڪستان هو مقابلو سپ کان وڌيڪ مان
ڪيو ۽ مان کي ٿي خبر آهي ته منهنجي مقابلي ۾ تون هيئن
يا مسٽر جناح هو؟ مسٽر جناح يا ليگ ته تنهنجا طفيلي هئا.
لکيم، اهي ڪڏهن علاوالدين ٻڌائي، تو مان مسڪين جي سنڌ

مٿان آندا. پاڪستان جو هن وقت ۾ تون ئي اهم ترين سياحي آدمي ناهين؟ هنن خطوط ۾ توکي ڇا ٻڌايو اٿم؟

..... الهه بخش شهيد، پير الاهي بخش سميت جناح سان پئڪٽ ڪري آيو هو. اهو پئڪٽ ٽوڙيندڙ نعره مستانه هڻي هرهنڌ پهچڻ وارو مان مسڪين هوس ..... سنڌ منهنجي، مان سنڌ جو.

توهان کي ان وقت به هن حقيقت حال جو پورو احساس ڪونه هو. منهنجي نزديڪ اُن وقت به مسئلو صاف ۽ عيان هو- يعني تون مان سان سنڌ جي آزاديءَ جي باري ۾ مقابلو ڪري رهيو هئين ۽ توکي اهو نه ڪرڻ کپندو هو. آخر ته ٿيو ائين، جيئن مان پئي چيو.

اڄ تون ظاهر ۽ برملا سنڌ جي عزت ۽ شان جو علمبردار آهين. توکي ڪڍي ڇڏجي، ته سنڌ هڪ ويرانو آهي ويرانو!! اها حالت وري بدلجي ۽ ساري سنڌ آباد نظر اچي. جنهن اهميت جو تون حامل آهين، اُن جو احساس ۽ يقين مان کي هن گهڙيءَ تائين ساڳيءَ طرح آهي، جيئن پهرئين ڏينهن هو.

حڪومتون تنهنجي اڳيان چه پاشد؟ تون جو پنهنجا ڪپڙا ڇتن ڪتن کان ڦاڙائين، ته ٻيو ڇا ڪري سگهندو؟

— محمد امين کوسو.

(٦١)

٢٧-١٢-١٩٦٥ع، حضرت قبلاجي -ايم-شاهه صاحب!

..... هي توڏانهن لکيل خط، رڳو خط نه آهن، پر محبت حقيقيءَ جون آيتون آهن. هنن جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ ترميم ٿيڻي ئي ڪانه آهي، هڪ نظام، هڪ ترتيب سان وارد ٿين ٿا. هي اچن ٿا، آندا نٿا وڃن. ڪير اهڙن مضمونن کي روڪي سگهندو آهي، يا ڪير اُنهن جي سچائيءَ ۽ صداقت تي حرف آڻڻ جي جرئت ڪري سگهندو آهي؟

حڪومتن وارا هميشه عاجز پئي رهيا آهن، الله وارا هميشه مالڪ ۽ مختيار پئي رهيا آهن.

نہ تخت و تاج ۾ نہ لشڪر و سپاهہ ۾ هي.
جو بات مرد قلندر ڪي بارگاهہ ۾ هي!

ان قسم جو مرد قلندر تون نہ آهين؟ کڻايانءَ قسم وتائي فقير جيان! باقي احمقن ۽ سفاڪن کان اڳ ڇا نہ ٿيو آهي؟ انهيءَ جي بندوبست لاءِ هي خطوط اچي رهيا آهن ..... تو پاڪستان بڻايو، توکي اُن جو حق هو، پر ائين ڪندي مان مسڪين جي سنڌ تي ڇا ڇا ڪٿڪ چاڙهي آيو هئين! مان سنڌ جي حفاظت زميندار هوٽل جي ڪمرن مان ڪندو هوس. کڏو شريف منهنجو مرڪز هوندو هو. توکي ڪير روڪي ها اُن وقت؟ هاڻي بہ حقيقت آميز نگاهہ تہ پنهنجي ماحول تي وجهين ڪونہ ٿو. ڏس تہ سهي چوطرف چوڌار آهي ڪو جي-ايم-شاهہ پارو؟ ..... رڳو ٻہ آدمي تہ آهيون هن تگريءَ ۾، هڪ تون جنهن ڏي هي الفت ۽ محبت جا پرتناما اچن ٿا، ٻيو مان عاجز ترين انهن پرتنامن جو ٺاهيندڙ ..... پر عشق ۽ محبت جي اظهار لاءِ ضرورت ئي دل ۽ جگر جي زخمن جي نمائش جي آهي، سني تہ تون پيسن ٿو. .....

—— محمد امين کوسو.

(٦٢)

٢٨-١٢-١٩٦٥ع. بحضور جي.ايم.شاهہ صاحب!

الله جون عنايتون تہ سنڌ وارن تي برملا آهن. تون ۽ شيخ صاحب هتان جا آهيو ..... الله جون رحمتون انهن کي ئي ڪم ڏينديون آهن، جي پاڻ بہ قدم بہ قدم ان راهہ تي هلڻ لاءِ آماده هوندا آهن- سنڌ هاڻوڪيءَ جي حالت ڇا آهي؟ هڪٻئي کي نقصان ڏيڻ تي آماده ناهرن جو هڪ ٽولو نظر اچي ٿو. اها درندگي قومسازي آهي؟

تنهنجي جذبات کي تنهنجي معاملا فهمي جي ماتحت
ڪجي، ته هن گهڙيءَ حالتون درست ٿيڻ شروع ٿي وينديون.
توسان ٿي هڪ قسم جو بغض ۽ حسد رکيو، ان لاءِ ته الله
جن رحمتن ۽ برڪتن کي توڏي موڪليو ٿو گهري، آهي ٻين
ڏي ڇو نه ٿيون وڃن، آءٌ ڪم ٻڌيو ڪيئن؟ حاسد ۽ سازيل
ته هر ملڪ ۽ قوم ۾ لهندا، پر ڪم وارا پنهنجو ڪم ڪندا ٿي
رهندا آهن. هت سازيل ۽ حاسد ميدان جا مالڪ آهن..... مان
دعائن کي طاقت ۽ قوت جي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ کي به
جائز چالنڊو آهيان. دعا ٿي اصلي طاقت جو سبب آهي. ۽ دعائون
لک هزار هجن ۽ ڪم جي. ايم. سيد جي بدران ڪنهن ناهر ۽
زهريلي نانڪ جي حوالي ڪيا، ته ملڪ جو ڏينگو ٿي ڏيري
ٿيندو. دعا معنيٰ ئري حماقت ڪائنون ڪنهن ثابت ڪئي؟
بهادري منعيٰ نانگ جي وات ۾ آڱرون ڏيڻ، اهو ڪنهن چيو؟

سنڌ ۾ آهين ٿي تون هڪ، اهو به نظربندن ۾، ٻوءِ
هيڏي ساري مخلوق نڏڪي نه هوندي! انهيءَ نڏڪي مخلوق
کي ڏٺين وارو ٻڌائڻ هنن مڪتوبات جو ڪم ۽ مقصد آهي.
سنڌ جي سياست جو ڏٺي سائين تون آهين، سنڌي ۽، هندوڙي
هندستان ۾ هجن، تنهنجي آواز تي سنڌ جا طرفدار ٿي، اڏان جي
مقابلي ۾ آڏي ڪڙا ٿي ٻيهندا، ۽ سڌ ته سنڌ جي پاران، جي-ايم-سيد
جي پاران، صاف صاف لفظن ۾ ڪجين. سنڌي پارٽي ٿي سگهندو
ٿي ڪونه آهي.....

.... اختلاف ٻن ساڳين شين ۾ ٿي سگهندو آهي. هڪ
جو قسم ٿي اور، خانقاهن جو محافظ، علم ۽ ادب جو صاحب،
دعائن ۽ برڪتن سان مالامال، دين ۽ مذهب جو رکوالو هنن
خطن جي ذريعي ٻڌايو ويو آهي، ٻيو هڪ خالي خولي ذهن ۽
دل وارو سوهن پريل سان مقابلو ڪري ڇو؟ پاڻ هن جي
امدادن کان فائدو وٺي. برتري ته الله توکي عطا ڪئي آهي.

اها نعمت ڪا جهڳڙن ۽ نظربندين جي استعمال سان ته ڪانه ايندي آهي..... "سنڌ سنڌين لاءِ" جي نعري ۽ مفهوم کي واضح ڪجي. سنڌ ساريءَ انسانيت لاءِ آهي. انسانيت جي نجات جي ڪنجي سنڌ وٽ آهي ۽ ٻيو ڪو رستو ۽ دڳ مان کي نظرئي ڪونه ٿو اچي. ماڻهو هن دعويٰ ڪري چڙ نه کائين، ۽ سنڌ جي رهنمائيءَ کان پاڻ کي محروم نه ڪري وجهن، اُن ڪري الفاظ آهي استعمال ڪبا، جن کان کين وحشت پيدا نه ٿئي. — محمد امين کوسو.

(٦٧)

عزيز آباد، انڙ واهه، ٢٨-١٢-١٩٦٥ع. قبلا حضرت جي-ايم-شاهه

تو هڪ سوال منهنجي عشق مجازيءَ بابت به پڇيو آهي! هڪ عشق جو قسم ته اهو آهي جو هنن خطن ۾ عيان ٿئي ٿو. تون پاڻ سان منهنجي محبت جي رشتن جي مضبوطي ته ڏس ۽ پروڙ!

هڪ دفعي شايد نواب يوسف‌علي‌خان مرحوم سان پنهنجي دوستيءَ جو احوال لکيو هوم. ابتدا هن محبت جي به عجيب طور سان ٿي. نواب محمد يوسف‌علي‌خان، خواب سر قيصرخان واليءَ جهل منگسيءَ جو پيارو ۽ وچون پٽ هو. مان اسڪول جيڪب‌آباد (هاڻي) ۾ چوٿون درجو پڙهندو هوس. هن جي آمدرفت منهنجي اسڪول واري زماني جي يار سردار قيصرخان گولاڻ ڊومبڪي بلوچ سان هوندي هئي. نوابزادو ته هيو، پر لباس باڪل فاخره پهرڻ جو اُن وقت عادي هوندو هو. علم ۽ ادب ۾ خاص دلچسپي هوندي هيس. مان پنهنجي يارن جي ٽولي جو هڪ قسم جو سرغنو هوندو هوس. مان سان بيحد پيار به هوندو هون ۽ منهنجي پذيرائي ڪرڻ ۾ به اڳرا هوندا

هئا. سو نوابزادي يوسف‌علي‌خان کي منهنجي هن يار قيصرخان ٻڌايو ته اسان جو هڪ دوست فارسي به ڄاڻندو آهي وغيره. چنانچه مان کي خبر ڪرڻ کان سواءِ منهنجي نوابزادي سان ملاقات جو بندوبست ڪيو ويو. مان جڏهن قيصرخان جي جاءِ رهائش تي پهتس ته نوابزادو صاحب به موجود هو. هن ڌڙاڌڙ حافظ جا غزل پڙهڻ شروع ڪري ڏنا. مان کيس چيو ته "هيءُ ملڪ غلام آهي. غلام ملڪ جي هڪ باشندي ۾ ايترو غرور، جيترو تو ۾ ڏسان ٿو، افسوسناڪ ڳالهه آهي. ٻيو تون حافظ پڙهين ٿو. حافظ جو ملڪ ته آزاد هو، ان کي شاعري به جڳائيندي هئي. اسان ماڻهن کي ملڪ جي آزاديءَ جو فڪر ڪرڻ گهرجي"، وغيره.

پوءِ ڪجهه سالن بعد جڏهن هن جو رياست قلات جي وزير اعظم سرشمن‌شاهه سان مقابلو ٿيو، ۽ هن کيس مستونگ جيل ۾ رکيو ۽ وڏي عرصي تائين نظربند ڪيائين- ته ان کان پوءِ هن مان کي ٻڌايو ته "مان کي جيڪب‌آباد واري اُها ملاقات ياد ايندي هئي. تنهنجو نالو مان کون وسري ويو هو، رڳو کوسه قوم ياد هئي. اها خبر به ڪانه هيم ته تون ڪاٿي آهين، پر هر وقت تنهنجي ياد رهندي هئي."

نواب يوسف‌علي خان جنهن وقت نظربند هو، مان اُنهن ڏينهين ڪوئيٽا ۾ هوس. سندس ڪوئيٽا واري بنگلي تي قريب قريب روزانو وڃي پڇا ڪندو هوس. نوڪرن کان روز پڇا ڪرڻ تي کين منهنجو نالو ياد رهجي ويو. ان درميان ۾ نوابزادو صاحب آزاد ٿي ڪوئيٽا واريءَ جاءِ ۾ اچي رهيو هو. سندس هاڻوڪي حالت ۽ لباس، ۽ جيڪب‌آباد واريءَ حالت ۽ لباس ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق اچي ويو هو ..... يوسف اعظم ڪو معمولي آدمي ڪونه هو، انگريز سرڪار سان بغاوت جي الزام ۾ نظربندو ڪيو ويو هو. سندس والده بروهيين جي خاندان

جي هڪ محترمه خاتون هئي. يوسف جي اردگرد اُن وقت ڪوئيٽا ۾ مخبرن ۽ سي-آءِ-ڊين جو هڪ ٽولو موجود هوندو هو.

مان عليگڙهه يونيورسٽيءَ جو طالبعلم هوس ۽ ڪوئيٽا ۾ گرمين گذارڻ لاءِ هر سال جي معمول مطابق هڪ سال آيو هوس. اسان ٻيئي ڪوئيٽا شهر جي دور دراز گهٽين طرف نڪري وياسين. ڪوئيٽا جو شهر ملٽري مرڪز هئڻ ڪري ڪافي دير تائين کليل هوندو هو. اسان جي پهرين ملاقات اُن رات جو شايد ٽين چئين ٻجي تائين هلي هئي.... هاڻوڪيءَ هن هڪ ئي ملاقات اڳينءَ سرسري ملاقات کي ابدي دوستيءَ ۾ ڦيري وڌو.... يوسف اعظم ۽ منهنجي ياريءَ جو راز سڀڪنهن کي معلوم آهي.... اها برادارنه محبت اُن منزل تي وڃي پهتي، جو شب و روز جو منهنجو وڏو حصو يوسف جي ياد ۾ ئي گذرندو هو. سالانه امتحانن ۾ جي ٽي ڪلاڪ پيپر ڏيندو هوس ته به يوسف اعظم جو خيال رهندو ... بلوچستان جي انقلاب انگيز سياست جي بنا اها لازوال ياراني.... منهنجي هن حالت جو يوسف کي ڏاڍو فڪر هوندو هو. چوندو هو ته بيمار ٿي پوندين. مان تو وٽ گهڻو وقت گذاريندس ته اڃا وڌيڪ مجبور ٿيندين.... چنانچه عليگڙهه منهنجي ڏسڻ لاءِ اچي نڪتو.

منهنجي ئي صلاح ۽ مشوري تي مشهور بلوچستان ائنڊ آل‌انڊيا بلوچستان ڪانفرنس جيڪب‌آباد ۾ ڪوٺائڻ تي راضي ٿيو. اُن جي صدارت مير سرعلي‌نوازخان واليءَ خيرپور ڪئي ۽ ٻي ڪانفرنس حيدرآباد ۾ ٿي. ٿورا گهڻا بلوچ نوجوان، جو همت وارا سنڌ ۾ ڏسجن ٿا، سي انهيءَ ڪانفرنس جي ڪاروائين جو نتيجو آهن. حيدرآباد واريءَ ڪانفرنس ۾ صدر مير بنده‌علي‌خان هو. مان اُن وقت يونيورسٽيءَ جو شاگرد هوس، پر اهو سڄو کيل منهنجو ئي رچايل هو. منهنجي ۽ يوسف جي ياراني اُن پاڪ ۽ مقدس سياست جو سبب بڻي. جيڪب‌آباد جي اجلاس

جي صدارت ميو صاحب جي غير حاضريءَ ۾ خان عبدالصمدخان اچڪزئيءَ ڪئي. هيءُ وري منهنجي زندگيءَ جو ٻيو يار آهي. يوسف جي ياد هاڻي منهنجي زندگيءَ جو حصو آهي. يوسف جهل قلات کان بدر رهيو يا نڪتل هو، مان کيس پرچوندي شريف وڻي ويس. حضرت سائينءَ سندس لاءِ دعا ڪري. جلد هو جهل رياست جو والي ۽ منگسي قوم جو سردار ٿيو. سندس وڏو پاءُ گل محمد خان آڻان هٿايو ويو. گل‌محمدخان "زيب" وڏو قابل هو. سندن ديوان "ديوان زيب" جي نالي سان ڇپيل آهي. عجيب پڪو ڪلام اٿس..... اصل مقصد هو منهنجي ۽ يوسف جي ياراني بيان ڪرڻ جو— راتين جون راتيون اسان جون هڪٻئي سان گالهائيندي ۽ مجاس ڪندي ختم ٿي ويندي‌ون هون..... انگريز ڪيئن ڪيجي؟ ان ۾ باوُچن‌ڪي ڪيئن حصو وٺائجي؟ هنن صحبتن جو اصل موضوع اهو. خشڪ ۽ سخت هوندو هو ..... .....

يوسفءَ جي قبر ڪوئيٽا جي پهاڙ جي دامن ۾ آهي. هاڻي به جڏهن ويندو آهيان ته ضرور آڻي آن قبر تي وڃي فاتحه به پڙهندو آهيان ۽ ملاقات جو حظ به وٺندو آهيان..... يوسف جي فراق ۽ جدائيءَ ۾ منهنجو جيڪو حال ٿي ويو هو، گهڻن جو خيال هو ته مان بچي ڪونه سگهندس. منهنجي والد مرحوم کي ته آن جو ايڏو احساس هوندو هو، جو ڪوشش ڪندو هو ته جيئن مان يوسف‌علي‌خان جي والده وغيره سان ملندو رهان ته جيئن اهو غم ٻيو رخ وٺي.....

اسان جي هن ياراني ۽ واريءَ سياست سنڌ ۽ بلوچستان کي چا ڏني، آهو تون ڏس ۽ جاڻ! هيءَ محبت به عشق جي سرحدن تائين پهچي ٿي.... .. .... — محمدامين کوسو

(۶۴)

۲۹-۱۲-۱۹۶۵ع. حضرت قبلا جي ـ ايم شاهہ!

منهنجا جذبات ۽ خيالات معلوم نہ آهي تہ ڪنهن محدود حد تائين ہ توتائين پهچي سگهن ٿا يا نہ؟ الفاظ ڪهڙا ہ چونہ هجن، اهي مڪمل قدرت جذبات جي ترجماني نٿا رکن، تا وقتيڪ پڙهندڙ پنهنجي ئي جذبات کان نہ مدد وٺي.

هاڻوڪي حالت سنڌ وارن جي ڪيڏي نہ سقيم آهي! ان ظاهري ڪمزوري ۽ سقميءَ جي حالتن جو رد عمل منهنجي ذهن، دل ۽ دماغ تي جيڪو ہو سو تو ڏنو ۽ محسوس ڪيو.

هنگام تنگ دستي در عيش کوش مستي
کين کيمياي هستي قارون کند گدا را!

وارو معاملو بڌجي وہو آهي يا بڌائي رکيو اٿم.

سنڌ کي عالمگير اسلامي سياست جي رهنمائيءَ لاءِ، پاڪستان ۽ هندستان اندر مسلمانن جي اڪثريل ہوڻ کي دوباره طاقت سان مضبوط رکڻ لاه ۽ ڪشمير کي پاڪستان ۽ ان طرح سنڌ جي زبردست سامي آڻڻ لاه هڪ شخص واحد جو نالو ڏيڻي ڏنو اٿم. اهو شخص واحد تون پاڻ آهين. تون وري نظربند آهين ـ تو نظربند کان دنيا جي غلاميءَ جا بند خلاص ڪرايان ٿو. الله اڪبر! الله الصمد!!

توکي ہ ياد هوندا آهي قهقها، جڏهن مان خانبهادر الهہبخش او. بي. اي، گورنمنٽ ڪنٽرڪٽر، کي آزاديءَ جو سپاهي ۽ سالار بڌائي، دوستي تلوار هلائڻ لڳو هوس.

آهہ! هن نهڻي جهي زندگيءَ جي گهراين تان پردا ہ ڪنهن نہ هٽايا.

اڄ تون کڻي جي-ايم-شاهه جي نالي تي منهنجي هن رجز تي کلندو نه هوندين، ڇو جو الله جي بزگزيده بندن جون دعائون، رحمتون ۽ برڪتون هن نالي جي حمايت ۾ اچي تو وٽ. بيهاريون اٿم. نه فقط هتان جو پر ڀارت جي ستم رسيده مسلمانن جي نالي ۾ جو لعل قلعي دهليءَ جي ڪنگرن ۽ جامع مسجد دهليءَ جي منارن مان ڏي نهاريو، ته اُن جو رخ تو ڏي به ڪيم.

اها خبر امير خسروءَ کي به پئجي چڪي آهي. توکي علم آهي ته اُن جهڙو قادر الڪلام فارسي گو ٻيو ڪوبه شاعر سرزمين هند تا امروز پيدا نه ڪيو. سندس زبان ۾ جيڪا شيريني آهي، سا ان قسم جي آهي، جا ٻئي وٽ آهي ئي ڪانه. پنهنجي پير جو محبوب هو.

هر قوم را ست راهي، ديني و قبله گاهي،
من قبله راست ڪردم به سمت ڪج ڪلاهي!

اهو اٿئي هڪ حد تائين منهنجي مذهبي عشق جو اظهار.
— پر منهنجي منزل اور اوچي — .....

هاڻي خسرو الائي توکي ريجهائڻ لاءِ ڪهڙا غزل تيار ڪيا هوندا. ظاهري ڪن نه به ٻڌن، پر هندستان جي فضا ۾ ته جي-ايم-شاهه بابت خسرو جا غزل هاڻي موجود هوندا—

پير علي محمد شاهه راشدي صاحب کي به سياسي ٽي بي ٿي آهي. ڇا ان قسم جون تحريرون لکڻ به ضروري آهن؟ خدا هن جي مت کسي آهي. خيال ڪري ٿو ته مان ٺيڪ ڪريان ٿو. افسوس سندس حال زار تي! آدمي جڏهن قوم فروش ٿيندو آهي، اُن ۾ توازن بلڪل نه رهندو آهي. ڪتو ڪڙم جو ويري نه ٿيندو آهي، هن سيدزادي کي الائي ڪنهن جي پٽ لڳي! ڪڏهن يزيد بڻجي، امامن جو قتل به جائز سمجهندو آهي.... ها— ڪمال به اهوئي اٿس، جو سنڌ جو ٽن مان هڪ قاصائي

اهو به آهي. بلڪ قاصائي اصل اهو آهي. حاجي مولابخش ته احمق ۽ کهڙو نرو احمق آهي. دنيا جي چئن ڪنڊن ۾ کهڙي ۽ حاجي مولابخش پارا پيدائشي احمق ڪونه هوندا- يعني احمقن جي بين‌الاقوامي ڪلب جا ايڪس-آفيشو ميمبر آهن. پر ٽيون پوءِ ڏٺم، مسٽر اخترحسين، لاهور وارن جو گورنر. راشدي پنهنجي مضمون يعني ڪم ۾ ڪو چالاڪ هوندو، پر آتي به الله جي قدرت ڏسڻ وٽان آهي.

سنڌ جي هڪ وڏي اڪثريت ڪڏهن ته کهڙي کي ليڊر مڃيو هو. پوءِ؟ جنهن ماڻهوءَ کيس نيڪٽاءِ کان جهلي گهوگهو ڏنو هو، سنڌ اسيمبلي هال اندر، آهو ۽ کهڙي کي مڃيندڙ، ٻيئي ڪيئن ساڳي قوم ٿي سگهندا آهن؟ سنڌ ۾ ٻه قومون، هڪ قوم مان محمدامين کوسي واري ۽ ٻي عام لوگ کهڙي پارا، سنڌ جا پٽيل ۽ ڌڪاريل!..... ها- قاضي فضل‌الله ۾ ڪي خوبيون آهن. حڪيم شمس‌الدين احمد جو ڀاءُ آهي ۽ حڪيم صاحب کي، حڪيم قائم‌الدين احمد جيڪب‌آباد واري جي دهلي طبيه ڪاليج جي شانائتي طالبعلم هئڻ جو شرف حاصل آهي. منهنجي قاضي صاحب سان هڪ حد تائين ياراني به رهي، پر کيس ڪڏهن به ڪا خاص اهميت ڪانه ڏنم.... هڪ دفعي سردار محمدعثمان سومرو، مان کي قاضي صاحب وٽ ڪنهن ڪم لاءِ گهلي ويو. قاضي صاحب دوران گفتگو چيو ته تو مون کي گاريون ڏنيون آهن. مان عرض ڪيو ته توهان کي غلط فهمي ٿي آهي، مان توهان کي گهٽ وڌ ڇو ڳالهائيندس؟ ٻيهر ٽيهر چيائين. مان کيس عرض ڪيو ته "منهنجون گاريون ايتريون سستيون آهن ڇا، جو توکي به ملي سگهنديون. تو ته منهنجي گارين جو ملهه ئي چٽ ڪري رکيو. مان کي منهنجون گاريون پياريون آهن، مان انهن جي استعمال جي مقام کي ڄاڻندو آهيان. بهرصورت تولاءِ منهنجون گاريون نٿيون ٿي سگهن."

سنڌ اسان جي دور جي به عجيب تماشه گاهه آهي، الله جون برڪتون ۽ رحمتون به مٿس، ته کهڙي ۽ راشدي صاحب جي عمل جو دور به اڄوڪو- واه، سبحان تنهنجي قدرت!-

هاڻي راشدي صاحب هليو آهي عالم نويسيءَ جي ذريعي سنڌ جي آئينده نسلن جي ذهني تاريڪيءَ جو بندوبست ڪرڻ! مطلب ته پاڻ مري ته سندس خرافات موجود هجن. ذهين ته آهي، الفاظ کي گهڙڻ ڏاهڻ ايندو اٿس. "عقل فروش" ته لقب اٿس..... سنڌ جي نالي ۾ جيڪا محويت ۽ مستي آهي، اُن کي آهي عقل فروش، ظاهري اقتدار تي اصل اقتدار وڪڻندڙ، ڇا ڄاڻن؟ آقائن جون تعريفون ڪرڻ به ايترو جرم نه آهي، جيترو سنڌ وسارڻ! مسٽر جناح بابت ائين لکندو آهي، ڄڻ سندس روحاني پٽ آهي.

..... هاڻي تو شاهنشاهه کي وري بدبختين دور ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ آڻيان ٿو. مان ڇا آڻيان ٿو، قدرتي اشارا مان کي مجبور ڪن ٿا، ته ائين ڪر.- پر شايد عشق ۽ محبت جون منزلون ڪشالن کان سواءِ پڪيون ۽ طئي نه ٿينديون آهن.

ڪنج تنهائي به شايد هڪ ضروري جزو هو.

عزلت خمڪده گير و ترسيدن آموز ..... هاڻي ته اهو بڻجي ويو آهين، جو تاريخ اُمر تو پاري جو مثال ڏيڻ کان عاجز آهي.

پڙهين ٿو هي وجد آفرين خط يا ائين مٿاڇرو ڏسندو آهين؟ جي-ايم-شاهه ڪو ڏيکاري ته مڃيان! شنيده ڪي بود مانند ديده! ها "جي-ايم-شاهه جي-ايم-شاهه!" ڪيف ۽ سرور هن نالي جو چک، ته خبر پويئي اي سنڌي غفلت شعار! — محمد امين کوسو.

(٦٥)

٢٩-١٢-١٩٦٥ع حضرت قبلا جي- ايم شاهه صاحب!

صبح جو تلاوت ڪلام پاڪ جي ٽڪري کان پوءِ، قبله ور ويٺو آهيان... ....

توتي ڪاوڙ آئي اٿم، ته تو انهن نظربندين ۾ ڏٺو ڇا آهي، جو انهن کي چنبڙيو پيو آهين؟ آهن ڇا يا ڪير، جن سان تو اچي پلئه اٽڪايا آهن؟..... سنڌ جي پڙهيل طبقي تي تنهنجي نظربندين هجڻ جي احساس جي عدم موجودگي، هڪ قسم جي لعنت آهي!.....

تون نظربند هجين، ۽ پوءِ گڏهن جيان مشاعرن ۾ هينگون ڪندڙ به شاعر چئبا، سنڌ جا چئبا ۽ هن دور جا چئبا؟

ڪجهه ته پنهنجي ذات جو احساس، منهنجي هنن خطن اچڻ کان پوءِ رک! وڏا تيس مارخان آيا آهن توکي نظربند رکڻ وارا؟..... ڪير چوي ٿو ته اها نظربندي طرهءِ امتياز نه آهي؟ آهي بلڪل آهي، پر "شهباز و شاهين" نظربندين کان سواءِ به تون آهين..... تو پاري الله جي شير کي لومڙ ۽ شغال نظربند ڪري رکن، قانون قدرت کي اهو چئلينج آهي! پاڪستان لاءِ وڏو نقصان ۽ اسلام جي بنيادي تقاضائن جي صاف خلاف ورزي آهي!

..... علي محمد شاه راشدي بهادر، ٻڌي نٿو مري!

انهن ڪالمن ۾ هڪ دفعو به هن دور جي مرد عظيم جو ذڪر نه ڪيو اٿس. کڻي توتي چغليون هنيون هجنس، اُن ۾ کيس ڏوهه نه ڏيو، ڇو جو اهو ته سندس شان ۽ مرتبي جي عين مطابق آهي.....

تون سمجهين ٿو ته تنهنجي نظربندي هڪ خسيس معاملو آهي. اُن ڪري ته سڀني جو منهن اڇو ٿيو پيو آهي. وڏا وڏا ٻوڪ ڦاڙيندڙ شاعر!

شاهه، لعلؤن لعل لطيف، قبي مان مان کي قسمين قسمين پيغام ڏيئي، لکڻ تي آماده ڪري ٿو.... جي-ايم-شاهه نظربند- آسمانن ۾ جنبش نٿو ڏسين؟ عرش برين تي غصي ۽ ڪاوڙ جون نشانيون توکي پسڻ ۾ نٿيون اچن؟ ..... قومن جون قسمتون ههڙن ئي حادثن سبب هميشه لاءِ مارجي وينديون آهن.

خبردار، سنڌي، خبردار! تون آرام ۽ عيش پاڻ تي جائز رکين ٿو؟ آت! ٻيو نه ته به، هڪ آهه آسمان شڪن مان سان گڏ بلند ڪر، جو سيد سونهارو سنائي سردار نظربند آهي! فرشتن جا گوڙها زمين تي وسندي نٿو ڏسين؟ اي سنڌي! رڳو تون ئي هن حادثي کان بيخبر آهين. پڙهه، جي.ايم شاهه! جي.ايم.شاهه سنڌ جو سرتاج!! سنڌ جو محافظ جي. ايم. شاهه!!!

—— محمدامين کوسو.

(٦٦)

عزيزآباد، انڙ واهه، جيڪب‌آباد، ٣٠-١٢-١٩٦٥ع.

حضرت قبلا جي. ايم. شاه صاحب!

..... ڪچو، اڻ واقف ۽ ناهنجار قسم جو آدمي بلڪل ڪونه آهيان. سياست ۾ پوري نظر رکڻ جو تربيتي ذهن ڌاريندو آهيان. ڪنهن پڪي آدميءَ کي ئي احساس ٿي سگهندو ته منهنجا رايا ۽ طريق عمل بابت خيال اجايان سجايان ٻڌل ڳالهين تي نه آهن. مان پروپگينڊا، اخباري "هوها" کان متاثر ٿي سگهان ها، ته ليگ جي طوفانن ۾ جاتي تون سنڌ ڪانگريس کي مڪمل طور استعمال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هئين، مان اڪيلي سر ميدان فتح نه ڪريان ها، ۽ نه وري اڄ ڦريل حالتن جي مڪمل تجزيي تي تو شخص واحد جي ذات کي هيڏن سارن انقلابات جو مرڪز بڻايان ها!— اهم‌ترين فرد تون آهين. افسوس ڪڏهن به تنهنجي عملي ڪارگذارين تي قبضو رکي نه سگهيس. هاڻي ڪنج تنهائيءَ ۾ متحرڪ ٿيڻ لاءِ توکي منٿون ڪريان ٿو، ته به توتي گهڻو اثر ڪو نه ٿو پوي. توکي تلخي هوندي، پر تو کان لک دفعا وڌيڪ مان کي تلخي آهي، جو توکي نظربند ڪيو ويو آهي. هيءَ وقت تلخين جي تورڻ ۽ ماپڻ جو نه آهي، تلخيون ۽ ڪاوڙون ڪنهن سان؟

ناز بران ڪن ڪہ خريدار تست،
پيش ڪسي روڪہ طلبگار تست!

اها تہ فقط سنڌ آهي ۽ ان جو ظاهر و برملا نيازمند محمد امين کوسو. سنڌ جي عظمت خاطر توکان اهي مطالبا ڪريان ٿو. تون انهن گوشہ تنهائين ۾ بہ انجمن آرائيون ڪر، ڇو جو ان کان سواءِ چاڙهو ٿيڻو ئي ڪونہ آهي.

پرده چهرے سي اُٺا، انجمن آرائي ڪر،
مهرو مهہ و انجم ڪو تماشائي ڪر!

..... حسن محجوب ٿيڻ واسطي آهي ئي ڪونہ.

آچاريا ڪرپالاڻيءَ ڪاٿي لکيو آهي تہ هڪ پاڻ ڪمال ۽ حسن کان عاري، اها تہ بدبختي چئبي، پر ٻيو حسن ۽ ڪمال کي سڃاڻڻ کان بہ محروم، اها ٻيڻي چنڊائي. تنهن کان خدا پناهہ ڏئي! آچاريا جو مفهوم ڪجهہ ان طرح آهي. اڄوڪا سنڌ وارا بہ ان ٻيڻيءَ چنڊائي ۾ مبتلا اٿيئي. نہ پاڻ جي.ايم. سيد جهڙا ۽ نہ جي.ايم.سيد جو حسن ۽ ڪمال کين محسوس! الله پناهہ ڏئي، اهڙن ڪاريءَ قسمت وارن جي سنگت ۽ محبت کان!

پير حسام الدين راشدي صاحب، جي ڪتاب "امير خاني" تي تبصرو ٽي چار سال اڳ جو لکيو رکيو آهي. تو ڏي موڪليان ٿو! ڪو شايع ڪري تہ بندوبست ڪر.... پير حسام الدين ۽ الهہ بخش شهيد جي تصوير سان..... اهو انقلاب آفرين مضمون، سنڌ ۾ ڪتابڙي جي صورت ۾ ظاهر ٿئي. ڪا اهڙي ترميم، جيڪا بلڪل موزون هجي، ان جي اجازت آهي، باقي جملن جي ساخت وغيره ۾ دست اندازي ممنوع آهي. ڇاڪاڻ تہ منهنجي ٻولي، ٻئي ڪنهن جي بہ نقالي نہ آهي. نقال ڪونہ آهيان، سواءِ مذهب جي!

اهو مضمون ڪتاب نما ڇپائڻ بہ ازحد ضروري ڄاڻان

ٿو، ڇو جو اهو ئي بنيادي اعلان آهي، ان حالات بابت، جيڪي سنڌ ۾ آهن..... مضمون قانوني طرح قابل اعتراض ٿي نٿو سگهي..... تنهنجي خط ۾ اڇي جي حالت ۽ سخت پريشاني ٿي پوي ٿي. پاڻ کي ئي احساس ٿيندو، ته شب و روز خيال جو رستو تو سان بنان تند ۽ تار ڳنڍيل ٿي آهي.

— محمد امين کوسو

(٦٧)

عزيزآباد [بنان تاريخ] حضرت قبلا جي. ايم شاه صاحب!

پاڪستان جو سياسي معنيٰ ۾ ابو ۽ هتان جي سڀني قسمن جي حڪومتن جو ڏاڏو پڑڏاڏو نون آهين.

رڳو اهو شجرو ڪو ڪولي واضح ڪري سمجهائي، ته ڏوتي سختيون ڪندڙن ٿي ملامتن جا چارون طرف چوڌار وسڪارا پئجي وڃن.

تو مسٽر جناح ٿي ڪاوڙ ڪئي، آن جو بيشڪ توکي حق هو. مسٽر جناح توکي ليڪ مان نيڪالي ڏني، آن جو هن کي قطعاً حق ڪونه هو. پر نون جو مان مسڪين ٿي مسٽر جناح جي پاروٺ ڪاوڙيو هئين، آن جو نتيجو قدرت توکي ٻيوڪهڙي صورت ۾ ڏيکاري ها!.....

انسان جي نجات دهنده سياست جي مسلسل تحريڪ جو هن وقت مرڪز سن شريف جي ٽهنائي جو ڪوشو بڻايو ويو آهي. ادارا ۽ انتظام انهيءَ ڪم ۽ سلسلي جا، هر هنڌ هر مقام ٿي آڻا "فانا" قدرت جي تقاضائن جو سات ڏين ٿا پنهنجو پاڻ ٽهندا ويندا. ٻوءِ پير علي محمد راشديءَ جو عقل ۽ فهم به هيڏي ڦوراڻي ٻهارڻ آسان ٿي ويندو. دنيا جي "تبليغي مشن" جو ڊڪٽر جنرل اهوئي ٿيندو، صلاحيتون جڏهن گند ۽ خرابيءَ کي ڦهلائڻ جون اٿس، ته ٻوءِ حق ۽ صداقت جي تبليغ نه ڪري سگهندو؟

..... ظاهر آهي ته هن عالمگير تحريڪ جي اثرات ۾ انساني حقوق کي وڏو درجو هوندو. طبقن سان ظلم ۽ تصادم جي اسباب کي دور ڪيو ويندو. هن تحريڪ جو اساسي نقطو اهو آهي ته هر نوع ۽ نموني سان انسان فقط پنهنجي ظاهر ۽ باطن جي ڀلائيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ وقف هجي. هڪدم ته ٽپ ڏيئي ساريءَ دنيا ۾ ڪونه پهچبو. ڪم بتدريج وڌندو، پر هن ڪم جي ابتدا جي جاءِ به معين ۽ مرڪزي شخصيت به معين: سن شريف ۽ جي-ايم شاهه! ..... ماڻهن جي ذهن ۽ فڪر کي ڦيرڻ ۽ انهن ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ته اهو سڄو پروگرام رٿيل آهي. ..... هن ۾ ذري ماتر به وقتي ۽ هنگامي ترشين جي گنجائش نه آهي. پر ڪو بدبخت ازلي هن ساريءَ داستان سرائيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم تائين نه پهچي، ان کي منهنجي ۽ توسان ذاتي محبت قرار ڏئي، ته به گهڻو فرق ڪونه آهي. هن چيز ڄاتي آهي، پر مقصد حل ڪري نه سگهيو .....

— محمد امين کوسو

(٦٨)

٣١-١٢-١٩٦٥ع بوقت شام.

حضرت قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

— .... هاڻي هاڻي جڏهن توکي هن اڄوڪي خط لکڻ جو ارادو بعد از افطار ڪيم، ته هي مضمون ذهن ۾ آيو ته مان آڪ، تنهن کان احياي اسلام واريون ڳالهيون ماکيءَ مثل آهن. يڪدم حضرت مولانا جو پرنور چهرو دل جي اکين اڳيان تري آيو. هڪ درد ڀريو سڏڪو نڪتو. اکين ۾ آب آهي ۽ توکي خطاب ڪريان ٿو..... اڳ نه لکيو اٿم ته هاڻي لکان ٿو. جي اڳي لکيو اٿم ته به دوباره لکڻ گناهن جو ڪفارو ٿيندو. زميندار هوٽل جي ٻيءَ منزل تي، ڏاڪڻ جي عين سامهون

ڪمرو هئم. هڪ ڪچيءَ منجهند جو ڏاڪڻ طرف نهاريم ته هڪ پيرمرد مٿي اگهاڙو اچي رهيو آهي. مان حضرت مولانا کي اڳ نه ڏٺو هو ۽ نه ئي سندس فوٽو به ڏٺو هوم. مان غور سان ڏٺو ته دل گواهي ڏني ته حضرت مولانا اهوئي آهي. بس ڏهه پندرهن قدم ڏاڪڻ کان ڪمرو هو. جيئن هن جي وک وڌندي ويئي، منهنجي ساري ذهن ۾ ڦيرو ايندو ويو. ڪمري ۾ اندر اچي چيائون "السلام عليڪم" مان وعلڪيم السلام ڪرڻ کان اڳ پڇا ڪئي ته "حضرت مولانا توهان ئي آهيو.؟" "ها! عبيدالله آءٌ ئي آهيان،" نوابشاهي حيدرآبادي سنڌي لهجي ۾ ارشاد فرمايائون. مان چيو "وعليڪم السلام!" ظاهر ڀاڪر ۾ هن جي پاڻ کي وجهي ڏنم ۽ دل سندس قدمن جي خاڪ تي سجدا ڪرڻ لڳي. حضرت مولانا کڏي شريف ۾ لٿل هئا. مان چيو وڃي ملندس. تيارين ۾ هوس ته رحمتون ۽ شفقتون منهنجي عاجزين ۽ هيڻاين کي ڍڪڻ واسطي بيتاب، سي پاڻهي اچي مان وٽ پهتيون. الله اڪبر! الله الصمد!! سارو وجود خوشيءَ سبب لرزش ۾ اچي ويو. فرشتن ليئا پائي مان کي ڏٺو آسمانن تي شادمانا ٿيا. حرم ڪعبي مان ئي عاجز کي امدادون ڏيڻ واسطي مسيحائي کڻي، منهنجو ٻيڙو محبوب خود پنهنجو پاڻ اچي بيٺو.

موتي سمجهه ڪے شان ڪريمي نے چن لئے
قطرے جو ٿے ميرے اشڪ انفعال ڪے.

پوءِ جو افسانو ڪنهن کي معلوم نه آهي؟ تون ته صاحب نظر آهين.....

شاهه ولي الله جي سياسي تحريڪ، حضرت مولانا جي اچڻ کان پوءِ هر ڪنهن کي چوڻ آسان ٿي پئي. ان سياسي تحريڪ جو جيئرو جاڳندو مرڪز سن شريف کي بڻايو اٿم. ..... مان ته شاهه ولي الله جي قبر تي به حضرت مولانا جي اچڻ کان پوءِ ويس. چيم ائين ته "حضور! مان ته ٻيڙي محبوب

جي سببؤن تو وٽ آيو آهيان، نه ته اٽ ڏهه سال عليگڙهه ۾ هوس ۽ دهليءَ عام جام ايندو هوس.— عجيب معاملو، منهنجي آڻهن ڏينهن جي آرام جي جاءِ فتحپوري مسجد هوندي هئي. نديڙيءَ بٽگ ۾ ٿورو سامان هوندو هوم. اها بٽگ سيراندي‌ءَ ڪري مسجد شريف ۾ سمهي پوندو هوس. ڏاڍو مزو ايندو هو. اڪثر نمازون به الهيءَ مسجد ۾ پڙهندو هوس.

خواجه حسن نظاميءَ سان مجلسون به ڪندو هوس، ويندو ته حضرت خواجه نظام‌الدين اولياء جي زيارت لاءِ هوس. خواجه حسن نظامي پنهنجي آن وقت جي اخبار "منادي" ۾ هڪ عليگڙهه جي سنڌي طالبعلم جو ذڪر پنهنجي روزنامچي ۾ ڪيو آهي، آهو مان مسڪين عاجز ئي آهيان. مطلب ته مان حضرت شاهه ولي‌الله جي زيارت لاه پيڙي محبوب جي اچڻ کان پوءِ ويس. هاڻي ته وڃڻ فرض ٿي پيو هو.

پيڙي محبوب جي واسطي سان هن تحريڪ جي هلائڻ جو بندوبست، تو ڪي وڏي نه وڏي، سيد غلام مرتضيٰ شاهه سنائيءَ (جي-ايم-شاه) جي نالي مبارڪ جي استعمال ڪي ٻڌايو اٿم. تنهنجي پسند نا پسند هٿن طوفان انگهزين ۾ ڪري چا سگهندي؟ هيءَ درياهه بهڪران آڻلن ۽ چولين ۾ آهي. موج در موج، جي-ايم-شاهه جي نالي جو ذڪر جاري آهي.

— محمد امين کوسو.

(۶۹)

۳۱-۱۲-۱۹۶۵ع. حضرت قبلا جي- ايم- سيدا!

..... پير علي محمد شاهه راشدي، هاڻي چوي ته چا چوي، لکي ته چا لکي؟ سندس مضمون پڙهه ته سهي! عفونت سان پريل هوندا آهن. لکندو جوگندي ذهنيت وارن لاه آهي! انهن کي ته پاڪيزه چيز سان چڙ آهي. پنگهن کي جو عطر ۽ مشڪ گلاب سنگهائجي، تہ مرندا يا بچندا؟ موجوده دور

جي ذهني ڀنگين لاءِ ادب ۽ سياسي لٽريچر اهو ئي بڻبو، جو ڏسين ۽ پڙهين ٿو.....

مان تنهنجي چيلن جي ڌڪن سان مري وڃان ها، ته اڄ جي- ايم- شاهه جو سرمدي نعرو بلند ڪرڻ وارو ڪو نه هجي ها. سنڌ کي وري حياتي بخشيندڙ آواز نصيب نه ٿئي ها! ڇڏ تڪلفات کي. پنهنجي جناحين (اولاد) کي پاڻ سيکار، متان وري مان مسڪين تي مير جعفر خان جيان نه اچي ڪڙڪن.

هڪ جنرل محمد اعظم خان نالي جيڪب آباد ۾ آيو. وڏو پچاس هزار مار خان پاڻ کي سمجهي واعظ ڪرڻ لڳو. مان مسڪينڙو به آن جي محفل ۾ بيٺو يا ويٺو هوس. مان چيو ته "تون پاڻ کي مبارڪ ڏي، جو اسان جي ٻوليءَ جو هزارون حصو ڳالهائڻ، سو به ٻاتيءَ زبان ۾، سکيو آهين. اسان کي توهان جي جمهوريت کان ڪروڙين دفعا توبهه آهي. اسان جي جند ڇڏيو. ڀاءُ (جناح) جيڪي رحمتون آنديون، انهن کان اڃا آزاد ئي نه ٿيا آهيون، ته هاڻي ڀيڻ (مس فاطمه جناح) جاڳي آهي ۽ تون سندن خليفو بڻجي آيو آهين." غريب محمد امين ڪاڏي وڃي؟— شيخ صاحب به پنهنجي نسوار جي دٻيءَ سميت ميدان ۾ نڪري آيو. مان چيو قبلا! کوجي کوجياڻيءَ وارو بلا جو آدمي مان نه آهيان. ڇاجي "مادر ملت" کنيون وتو آهين؟

شاه صاحب! مان خود پرست، خودبين، خودشناس آدمي آهيان. سنڌ پرست ته مان ئي آهيان. منهنجي پنهنجي حلقي احباب کان ٻاهر تو منهنجي زبان کان ڪنهن جي ثنا ٻڌي؟ هاڻي دنيا وارن کي توسان گڏ "جي- ايم- شاه" جو سبق پڙهائڻ نڪتو آهتان.

ما قصهء سڪندر و دارا نه خوانده‌ايم،
از ما بجز حڪايت مهر و وفا مپرس!

سنڌ ۽ سنڌ جي باعظمت چوکٽ تي پاڻ ۽ ساريءَ دنيا کي سجدو ڪرائڻ وارو مان عاجز گنهگار، محمد امين کوسو!

پڙهه! هن صبح ڪاذب جي وقت جي. ايم. شاه، جي. ايم. شاه، ته ٻيڙا پار ٿينئي اي. سنڌي!!

—— محمد امين کوسو.

قلم تازو: هن سلسلي ۾ وڏا ٻوڪ ته مان واري سابق خاڪسار، مير حاجي علي احمد ٽالپر ڦاڙيا ..... ٻولڻ لڳو وري مذهبي لفظ "مادر ملت". نعوذ بالله! "مادر ملت" جي مفهوم تي غور ته ڪجي، "ام المومنين" ئي ترجمو ٿيندس!— پير علي محمد راشدي به پنهنجي ماضيءَ جي قصي کي حضرت مسٽر جناح جي غلام نوازين سان سيکاريندو، ته ٻيا مادر ملت نه چوندا ته ڇا چوندا؟

اسان جي پاسي هڪ قصو مشهور آهي ته هڪ سيد سونهارو ٻن چئن خليفن سان گڏ هڪ مريد جي گهر مهمان ٿيو. پڇا ڪيائونس ته "سائينءَ جن لاءِ ڀت چاڙهيو اٿسي، خليفن لاءِ ڇا تيار ڪريون؟" سيد صاحب ڪو صاحب ذوق سان گڏ مان محمد امين کوسي جي طبيعت جو مالڪ هو. جواب ڏنائين ته خليفن جو تئو کڻي منهن ڪارو ڪيو! يعني، جڏهين سيد ڀت تي راضي ته خليفا وڃي منهن ڪارو ڪن. سو اسان جو سيد سونهارو اديب، جو مزا وٺي وٺي جناح سان پنهنجي رهاڻين جا قصا لکندو، ته ٻين جي ٻوٽ تي دانگي نه گهمندي، مادر ملت نه چوندا، ته ٻيو ڇا ڪندا؟

..... آءٌ ٿرڊ ڪلاس چيز کان متاثر عمر ڀر نه ٿيو آهيان. جنهن وٽ دل الڪايم، ان ۾ ڪا نه ڪا مٽيا هوندي. پنڊت جواهر لعل نهروءَ سان شاگرديءَ جي زماني جي سڌي واقفيت هيئم. ١٩٣٣ع يا ١٩٣٤ع ۾ يا ان جي لڳ ڀڳ يونيورسٽيءَ ۾ جن شاگردن کيس زور ڀري، عليگڙه آندو، انهن ۾ مان به هڪ هوس. توکي لکيو اٿم ته سيد راس مسعود مان

تي مهربان هو. جواهر لعل جڏهن اچڻ قبول ڪيو ته، ٻئي ڪنهن جي همت ڪانه ٿي، جو سيد صاحب کي وڃي ٻڌائي، مان ئي وڃي کيس چيو-- .... سباش بابوءَ سان ته ناتو بلڪل قريب هو، جو سندس دوباره ڪانگريس صدر بڻائڻ لاءِ، ساري هندستان مان جن خاص آدمين دهليءَ ۾ فيصلو ڪيو، انهن مان مان به هڪ هوس..... هت سنڌ ۾ سندس ساري دوري ۾ ساڻس گڏ سندس خاص مشيرڪار ۽ صلاحڪار هوس "نگتي معاملات" بابت هنن ٻنهي ڪانگريس جي صدرن، جيڪب آباد ۾ تقريرون ڪيون. ظاهر آهي ته سندن استقباليه تقريرون مان ئي ڪيون — جواهر لعل ته منهنجي اليڪشن کان ٿورو وقت اڳ جيڪب آباد آيو ئي ان ڪري هو ته جيئن منهنجي پوزيشن مضبوط ڪري، هندو ۽ ڪانگريس حلقن ۾!! ..... مان ڪانگريس ۾ هوس، پر ماتحت پنهنجي ئي خيالن جو هوس. مان پاڻ ڌڻين وارو، نيازمنديون به پنهنجون متضاد نموني جون.

علامه حڪيم فتح محمد ته شاگردي دور جو يار بڻجي ويو هو. منهنجا کيس ڪي لکيل خط به ان وقت اخبارن ۾ شايع ڪرايا هئائين. حڪيم صاحب جي ذريعي مولانا محمد صادق صاحب سان گهرو لاڳاپو ٿيو، جو پوءِ يار غار ٿي ويو -- توسان پاڻ اچي ڳنڍيس، شيخ صاحب سان عشق جي حد تائين نيازمندي اٿم.

هاڻي هنن ڏکين وقتن ۾، سنڌ سونهاريءَ کي "لطيفي لات" جي هاڻوڪي معنيٰ ۽ مفهوم پڙهائڻ ۾ مشغول آهيان. اهو آهي "جي- ايم- شاهه!" جنهن "جي- ايم- سيد" نه پڙهيو ته ان شاهه جي ڪلام جي ادا کي نه ڄاتو! شاهه جو ڪلام بي معنيٰ ٿي پوي ٿو، جي، جي- ايم- شاهه ۽ شيخ صاحب سنڌ ۾ موجود نه هجن! سنڌ جي، لڄ ۽ عزت جو رکپال جي- ايم- شاهه! جي- ايم- شاهه ٻئي ڪنهن جو دشمن ته نه آهي، جو ماڻهو حسد ۽ ساڙ ڪن ٿا. حاسدن ۽ ساڙيلن ڪنهن عشق واري جي رهه نوردين

کي روکڻ ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ڇا؟ هي ڦلو هندو ئي رهندو. هر دور، هر زماني ۽ حق جا پاسبان رهندا ئي آهن، هيڏا خط به سندن شان ۾ اڇا آهن!

جي. ايم. شاهه جي موجودگي، هن ويراني کي رشڪ گلستان بڻايون ويٺي آهي. سياست ۾، هاڻوڪي سنڌ، ساري دنيا جي سرتاج، ڇو جو جي. ايم. سيد ۽ شيخ صاحب سنڌي آهن!

ـ محمد امين کوسو

## جي. ايم. سيد جا خط

[نوٽ:- ۱۹۶۵ع ۾ آءٌ نظربند هئس. محترم محمد امين کوسي جي اهل خطن مان جيڪي محفوظ ٿي سگهيا، سي اڪ ۾ ڏنا ويا آهن. مون به ڪيس خطن جا جواب ڏني هئا، جي هن ڪمال محبت سان سانديي ڇڏيا هئا. آهي سڄي سال جا هت ڏجن ٿا. آءٌ سارو سال سن ۾ نظربند هئس، سنڌ ستل هئي ۽ محمدامين جاڳيل هو. آواز اڪيلو هئس، ٻئي ڪنهن نه ٿي ٻڌس ته مون کي ٻڌائي. اندر جون آهون ڪيديي، ٻئي دل کي آٽت ڏنائين. آءٌ هن جي عقيدت، محبت ۽ دعائن جي آواز کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نه ٿي سگهيس. پر ڇا ٿي ڪري سگهياسون.

حافظ مدار امید فرح از مدار چرخ
دارد هزار عیب و ندارو تفضلي!

(ج-س)]

(۱)

سن ۴-۱۱-۱۹۶۵ع برادرم ميان محمد امين!

السلام عليڪم: ڪڏهن ته سال گذريو وڃن ته خبرچار ڪائم اچي، هاڻ ته هفتي ۾ ست خط پهچي ويا آهن. شاهه صاحب فرمايو آهي ته.

ڪڏهن تاڙيون ڏين، ڪڏهن کلن در دوستن جا،
ڪڏهن اچان ته اچڻ نه لهان، ڪڏهن ڪوٺيو نين،
اهڙائي آهين، صاحب منهنجا سپرين!

سڀ خط پڙهيم. مجذوبانه مام سان ڀريل آهن. گنگن جون ٻوليون مائٽ ئي سمجهي سگهندا. سو احوال مڙيوئي معلوم ٿيو. اڄڪلهه اهڙي ٻولي مشڪل سان ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. دنيا اڪثر عقل واري ٿيندي وڃي. شاعر چوي ٿو ته

خرد ڪي گٿيان سلجها جڪا مين،
ميرے مولا مجهے صاحب جنون ڪر!

باوجود محبت جي هام جي، تون مون کي پنهنجي رستي تي نه هلائي سگهڻ جو شاڪي آهين، ڏوهه الائجي ڪنهن جو؟ شايد ڪنهن ۾ ڪا مڙيوئي خامي آهي. بخاري صاحب کان منهنجي لادينيت جي شڪايت ٻڌيو. هن ڳالهه کي صحيح سڃاتو آهي. فرق صرف سمجهه جو آهي. شاعر چوي ٿو ته

دلبر ديکيو جن، تن دين سڀ دور ڪيا!

واقعي اڄڪلهه آءٌ "فڪ ڪل نظام" جي نشي ۾ مخمور آهيان

حوصلو حيرت جو، آهي نه مٿي عام،
سندي محبت مام، ڪور پروڙي ڪينڪي!

مولانا حسين احمد مدني جڏهن حب الوطنيءَ جي گفتگو ڪئي ته شاعر مشرق علامه محمداقبال کي غصو اچي ويو ۽ چئي ويٺو ته مولانا "مقام محمدي" کان بيخبر هو. ڪم فهم ماڻهن تاڙيون وڄايون. صاحبدل کي علامه جي ڪم ظرف گفتگوءَ تي ارمان ٿيو. چي شايد علامه کي اهو پتو ئي ڪونه آهي ته آسمانن وانگر مقام محمدي به "طبقاً علي طبق" ٿيل هئا. مولانا جنهن مقام تان گفتگو ڪري رهيو هو، علامه آن کان گهڻو هيٺ هو. اوهان ته گهڻيون ئي نصيحتون ڪيون، پر مون تي به ڪو اثر پوي.

تعذير جرم عشق هے بيڪار محتسب!
بڙهتا هے اور ذوق گنه يان سزا ڪے بعد

واري معاملي کي ڪير پهچي؟

چو بيخود گشت حافظ ڪَي شمارد
به يڪ جَو مملڪت ڪائوس ڪَي را

اميد ته خوش و خرم هوندا. ايندا ته ڀلي اچو. جي ڪثرت ڪاروبار ڪري واندڪائي نه ٿئي ته پري کان دعا ڪندا رهندا.

گرچه دورم از بساطم قرب همت دور نيست
زياده خير والسلام، غلام مرتضيٰ

(٢)

سن، ١٣-١١-١٩٦٥ع. برادم محمد امين،

السلام عليڪم. سرڪار نامدار مهرباني فرمائي، ڪنج عافيت عطا فرمائي آهي. اُن ۾ هروڀرو ڇو ٿا خلل انداز ٿيو.

ملڪ آزادگي و ڪنج قناعت گنجي است
ڪه به شمشير ميسر نه شود سلطان را

تنهنجي مون سان واقفيت سياسي دنيا ۾ ٿي، نه مذهبي دنيا ۾. اُن ۾ باوجود شخصي تعلقات جي، طريقه ڪار علحده رهيا. هن وقت آءٌ سياست کان ٻاهر، ڪنج عافيت ۾ رهندڙ آهيان. اُن ۾ پراڻيون ڳالهيون چوري، ستا سور نه جاڳاه!

ڏائي چڙهي ڏار تي، ڪي جو ڪانگ ڪهيو،
سوريتيءَ سُور پئي، پَهو پَٽ ڪيو،
کامي ارٽ کنيو، ويچاريءَ ورونهن سان!
(شاهه)

نعپ کان ساڍا ست سال ٿيا آهن جو منهنجو تعلق ٽٽل آهي. ڀاشانيءَ سان انهي وقت کان تعلق ڪونه رهيو آهي.

هروڀرو ڇوٿو اُن جو پوئلڳ بنائينم؟ هن وقت نظربنديءَ سان اهڙو مانوس ٿي ويو آهيان، جو اُن جو مون کي احساس به ڪونه آهي.

درد ڪا حد سے گذرنا هے دوا هو جانا!

نظربنديءَ جو جڏهن مون کي فڪر نه آهي، ته توکي ڇو هئڻ گهرجي؟

مذهب بابت لکڻ شروع ڪيو اٿئي. ان معاملي ۾ پنهنجا ڪڏهن لاڳاپائي ڪونه رهيا آهن. منهنجو مذهب شخصي مسئلو آهي. اهو عام جي اظهار کان مٿي آهي. انهيءَ ميدان ۾ پنهنجي نه اڳي سڃاڻپ رهي آهي، نه هاڻ! آءٌ مذهب عشق جو پوئلڳ آهيان، تون مذهب شريعت جو!

"اُٺان ميهان دا ڪيها ميلا، اُو چرن جهنگ ته اُو ٻيلا"

عشق جو مسئلو لڪ لڪوٽيءَ وارو آهي، شريعت جو کليو کلايو. هڪ ٻاطن آهي ٻيو ظاهر آهي. پهريون سانڍڻ سان کٿوريءَ وانگر وڌيڪ خوشبوءِ ڪري ٿو- شاهه سائين فرمائي ٿو:

نهائينءَ کان نينهن، سک منهنجا سپرين.
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري!

حافظ شيرازي، جو به انهيءَ راهه جو ڄاڻو هو، چوي ٿو ته

مصلحت نيست ڪه از پرده برون افتد راز،
ورنه در مجلس رندان خبرے نيست ڪه نيست!

تون اِتان ويهي مون کي تلقين ڪرين ٿو. ان سخاوت ۽ محبت لاءِ شڪرگذار آهيان. پر توکي شايد اهو معلوم نه آهي ته هي بنده شاه حيدر عليه الرحمت جو سجاده نشين آهي، جنهن بابت تاريخ معصومي لکي ٿي ته "هڪ دفعي مجلس ۾ مريدن کي فرمايائين ته حق جي منزل تي پهچڻ لاءِ مون کي ايترا رستا معلوم آهن، جو اوهان مان هرهڪ کي ساڳيءَ منزل تي پهچائڻ لاءِ جدا جدا رستن سان موڪلي سگهان ٿو." شاهه لطيف به چيو آهي:

واٽون ويهه ليون، ڪُه ڄاڻان ڪهڙيءَ ويا!

اوهان کي جيڪڏهن پنهنجي مرشد ۽ معلم جي ڏسيل واٽ پسند آهي ته بسم الله، پر سلوڪ جي راه ۾ اها ڳالهه ڪفر سمان آهي، جو صرف پنهنجي راهه کي صحيح ۽ سڌي سمجهجي. قرآن شريف فرمائي ٿو ته "لڪم دينڪم ولي دين".

شاهه صاحب فرمائي ٿو ته "عين شرڪ ايءُ، جو بي شرڪ ڀانئين پاڻ کي!"

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئو!

اسان جي استادن نابوديءَ جو سبق ڏنو آهي. چي:

خودي ۽ خدا، ڪين ماپندا من ۾،
ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾!

---

جنين ڀانيو پاڻ، ڪيائين توائي تن کي (شاهه)

---

نابوديءَ نيئي، عبد کي اهلي ڪيو،
مورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پڻ سيئي
ڪجي آت ڪيهي، ڳالهه پريان جي ڳجهه ۾! (شاهه)

اسان کي وحدت الوجود جو سبق سيکاريل آهي. جنهن موجب:

مون کي اکڙين، وڏا ٿورا لائيا،
ته پڻ پرين پسن، کڻان جي کر سامهون!

اوهان کي اوهان جو اسلام نيبه هجي، جنهن ۾ خدا به اوهان کان پڇي ڪم ڪندو، ته ٻڌاءِ تنهنجو چوڻ ڇا آهي؟

اسان کي ته هيءَ سبق سيکاريو ويو آهي ته

واڳ ڌڻيءَ جي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيڻي!

مون سان مهرباني ڪري، مذهب جي معاملي ۾ گفتگو نه ڪر. جي ڪرين ته شاهه لطيف جي نصيحت ٻڌي، پوءِ گفتگو ڪج!

جي وڍيو هئين ته ويهه، نه ته وٺيو واٽ ونءُ تون،
هيءُ تنهن جو ڏيهه، ڪاتي جنين هٿ ۾!
اسان کي شاهه سائينءَ اهو سبق ڏنو آهي ته
ڏسڻ جي ڏسين، ته همه کي حق چئين،
شارڪ شڪ نه نين؛ انڌا انهيءَ ڳالهه ۾!

پيغمبر حق جو جيڪڏهن اوهان نالو وٺو ٿا، ته مهرباني ڪري ٻڌو ته آن سان نه صرف اوهان ۽ اقبال جو لاڳاپو آهي، پر مون ۽ حسين احمد جو پلاند به ڳنڍيل آهي.

جيڪي ڏٺو هو مون، آرياڻي، اوهان نه ڏٺو هو!
(شاهه)

هيءُ نينهن جو ناتو نهايت نازڪ آهي. اهو نه خطن ذريعي، نه بحث ذريعي حل ٿي سگهي ٿو. خواجه حافظ گهڻو اڳ چئي ويو آهي ته

حديثِ مطرب و مي گو و راز دهر ڪمتر جو،
ڪه ڪس نه ڪشود نه ڪشايد به حڪمت اين معما را!

عالم آءٌ ساڻ، ڀريو ٿو ڀيريون ڪري،
پاڻ نه آهي ڄاڻ، مانڊيءَ منڊ پکيڙيو!

اميد ته خوش و خرم هوندا. خط ڀلي لکندا رهو، پر مهرباني ڪري مذهبي ڳالهه نه ڇيڙيو.

زياده خير و السلام.— غلام مرتضيٰ

(٣)

سن، ٢٠-١١-١٩٦٥ع

ديکنا تقرير ڪي لذت ڪ جو اُس نے ڪها،
مون نے يہ جانا ڪہ گويا ميري دل ۾ هي

برادرم عزيز ميان محمدامين!

السلام عليڪم- باوجود منع ڪرڻ جي بہ جند نٿو ڇڏين. هاڻ ٻڌ تہ ٻڌايان؛ تنهنجي هاڻوڪي آيل مڙني خطن ۾ مطلب جا چار جملا آهن:

(١) توکي گهڻي وقت کان منهنجي فڪر ۽ عمل ۾ ڪي خاميون ڏسڻ ۾ پئي آيون آهن، پر باوجود ڪوشش جي تون انهن کي درست ڪرائي نہ سگهيو آهين.

(٢) باوجود اُنهن خامين جي تو مون ۾ ڪي صلاحيتون ڏٺيون آهن، جن مان انسان ذات جي ڀلي ٿيڻ جو امڪان آهي.

(٣) توکي اقبال سان، حسين احمد مدنيءَ کان وڌيڪ دلچسپي آهي.

(٤) تون وقت جي حاڪمن سان رغبت پيدا ڪري، کين صحيح راه کان واقف ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪرين ٿو.

انهن ڳالهين بابت منهنجا جواب هيٺيان آهن:

پهرئين فقري جو جواب:

عيبن ۽ خامين کان ڪير پاڪ آهي؟ مون کي جڏهن واقفيت ۽ تجربو گهٽ هو تہ پنهنجي خامين جو پتو ڪونہ هوم. هاڻي ٿورو ٿورو پتو پوڻ لڳو اٿم. پر عيبن جو پتو پوڻ جدا ڳالهہ آهي، راهہ هدايت جو علم جدا مسئلو آهي. اها هدايت نہ توکان ملي سگهي اٿم، نہ ڪنهن پئي ماڻهوءَ ميسر ڪري ڏني اٿم.

صلاح ڪار ڪُجا و من خراب ڪجا،
به بين تفاوت ره از ڪجا تا بڪجا!

راهه سلوڪ ۾ ٽن ڳالهين جي ضرورت ٿئي ٿي:
(١) غلطين ۽ خامين کان آگاهي: پاڻ سڃاڻڻ (فنائيت).
(٢) راهه حقيقت کان واقفيت: (سلسلهء طريقت، فنافي الشيخ).
(٣) منزل مقصود تائين پهچڻ جي قوت (سلوڪ ۾ رواني).
انهن ٽنهي ڳالهين مان پهرينءَ ڳالهه جو ٿورو پتو پوڻ لڳو آهي. ٻين ڳالهين کان اڃا اوات آهيان. ليڪن ٻيءَ ڳالهه لاءِ هي محسوس ڪري رهيو آهيان:

دلم ز صومع گرفت خرقه سالوس
ڪجا است دير مغان و شراب ناب ڪجا!

ٽينءَ ڳالهه لاءِ استاد فرمائي ٿو ته

اين سعادت بزور بازو نيست
تا نه بخشد خداي بخشنده

تنهنجي ٻئي فقري جو جواب هيٺيون آهي:
مون کي پنهنجي صلاحيتن ۽ قوتن جو پتو اڃا ڪونه پيو آهي. ممڪن آهي، جيڪي تو ڏٺو هجي، سو مون کي ڏسڻ ۾ نه آيو هجي. پر چوڻي آهي ته "شنيده ڪي بود مانند ديده!" مون کي صرف هيءَ خبر پئجي سگهي آهي ته

بس آسان مي نمود اول غم دريا ببوي سود
غلط گفتم ڪه هر موجش بصد گوهر نمي ارزد

بعضي قطرو، موج، بحر سبب حباب بنجي، هر شيءِ پاڻ ۾ ڏسي ٿو. ليڪن اها خودي عارضي هئڻ ڪري جلد ٽٽيو وڃي. پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته

واڳ ڌڻيءَ جي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيڻي!

سيلاب فطرت سندس لوڙهه ۾ ڪيئي قطرا گهليندو،

منزل مقصود طرف وڃي رهيو آهي. غلطيءَ کان قطرا محسوس ڪن ٿا ته اهو سيلاب سندن پيدا ڪيل آهي.

سنڌ جي هندن جڏهن انهيءَ قانون جي ڀڃڪڙي پئي ڪئي ته، مصلحت کي ڇڏي، سندن ئي جوش محبت ۾، راز فطرت جي پرده دري ڪري، کين ٻڌايم ته غلطي ٿا ڪريو. عالم تمام گنگ هو، ڪنهن ڪونه ٻڌو. اها منهنجي غلطي هئي، جا ڪيم.

هيءَ ڪميڻي ڪير، جا امر کي آڏو ڦري؟

انهيءَ راز فاش ڪرڻ جي سزا اڃا ڀوڳي رهيو آهيان. هاڻ وري ڪيئن ٿا مشورو ڏيو ته وري به انڌ جي گهوڙي تي سوار ٿيلن کي قدرت جي منصوبن کان مصلحت خلاف آگاه ڪريان، بابا! نه مون ۾ طاقت آهي، نه جريت، جو وري اها بي ادبي ڪريان.

پاڻ ڄاڻي سندس ڪم ڄاڻي!

تنهنجي ٽئين فقري جو جواب هيٺيون آهي:

علامه اقبال جو دور ۽ مشن علحده هئي، اها پوري ٿي. هو جو زمان حال صاحب هو. سيد (حسين احمد) صاحب جو واسطو مستقبل سان هو ۽ آهي. "ڪند هم جنس با هم جنس پرواز"! وانگر منهنجون اُن سان ڪي الستي ڳنڍيون آهن.

الست ارواحن کـــي، جڏهين چيائون،
ميثاقئون ميهارسين، لڌيون مـــون لائون،
سو موٽي ڪئن پاهون، جو محفوظان معاف ٿيو! (شاهه)

انهيءَ سلسلي ۾ دليل ۽ بحث جي دست اندازي ڪانه ٿئي ٿي. هاڻ پتو پوڻ لڳو آهي ته اهي تعلقات پراڻا آهن. انهيءَ جا تاريخي شجره طريقت به معلوم ٿي ويا آهن. اُنهن مان گهڻن جي شروعات سرزمين سنڌ مان ٿي آهي. اُهي ڪڏهن ملامبارڪ

۽ سندس پٽن جي صورت ۾ اڪبر تي اثرانداز ٿين ٿا، تہ ڪڏهن سومد ۽ ميان مير جي ذريعي دارا شڪوه کي فيض پهچائين ٿا. ڪڏهن شاهه عنايت ۽ شاهه لطيف جي پيغام ذريعي بنده کي سبق سيکارين ٿا. تنهنجا، هڪ خط ۾ لکيل هي مجذوبانہ الفاظ ڪتان نڪتا ۽ آنهن جي معنيٰ ڪهڙي آهي، تنهن جو شايد توکي به پورو پتو نہ هجي:

"سنڌ، خطہ سنڌ، ديني سياست جو بين‌الاقوامي مرڪز آهي. انسانيت جي نجات جو پيغام هتان ئي چوطرف پکڙجڻو آهي."

ميان، پڌي چڏا! مولانا عبيدالله علم شاهه ولي‌الله کان حاصل ڪيو- شاهه ولي‌الله جو پيو شاگرد رشيد، مخدوم معين ٺٽوي، شاهه لطيف عليه الرحمت جو يار غار هو. شاهه عنايت ۽ شاهه غلام‌محمد جي تعليم دهليءَ تائين پهتي- اهو ڏکهو سلسلو آهي.

اڃا ٻڌ آهين، جي سڙاوار سگهين جـــا،
وهـنـــا وڃائين، جـي سنياســـي سڏين!

علامه اقبال جي شجره طريقت کان به واقف آهيان، پر مصلحت جي تقاضا آهي، تہ آن جو اظهار نہ ڪجي.

اوهان جي چوٽين فقري جو جواب هيءَ آهي:

ميان صاحب! هي پڌي چڏيو تہ غريب ۽ شاهوڪار، ڏاڍي ۽ هٿي، سوار ۽ پيادي جو لاڳاپو غير فطري آهي.

شاهه سائينءَ آن بابت جيڪي چيو آهي، سو نٿو لکان. غالب جي مصرع مثال طور پيش ڪريون ٿو:

وان وه غرور عزوناز، يان يہ حجاب پاس وضع،
راه مين هم ملين ڪهان، بزم مين وه بلائين ڪيون!

پارسيءَ ۾ هڪ درويش چيو آهي تہ

غنـــي ترديم گـــرچ مفلسيم مـــا،
ڪہ بر سفره هاتم نہ نشيند مگس مـــا!

ميان امين! هنن ماڻهن تي ڪي عناصري قوتون غالب ٿي، ڪنهن طرف گهليندڙون وڃن ٿيون. اُنهن شخصن ۽ اُنهن جي پوئلڳن کي سندن مقرر ڪيل رستن کان ڦيرائڻ تنهنجي ۽ منهنجي طاقت کان ٻاهر آهي. سڀڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگبي. هيءَ ڪميڻي ڪير، جا امر کي آڏو ڦري؟ هر عمل جي جزا ۽ سزا ملڻي آهي.

مذهبن جو فسطائي تصور، سندس آخري تجربن مان لنگهي رهيو آهي. نتيجا اکين اڳيان آهن.

ماٺ ڪريان ته مشرڪ ٿيان، ڪڇان تا ڪافر،
انهيءَ وائيءَ ور، ڪو سمجهي سچيڏنو چوي!

---

مصلحت نيست ڪه از پرده برون افتد راز
ورنه در مجلس رندان خبري نيست ڪه نيست!

مذهبي شريعتن جا غوراب سندن ملاحن جي بدڪردارين، غفلت ۽ جهالت ڪري، اچي حقائق دهر جي ٽڪرن سان ٽڪريا آهن:

اچي سو ڏٺوه، جو ڪپر سوه ڪنن سين،
غافل ٿي غوراب کي، اوڙاه تي آندوه!

هاڻ، اُن جي مسافرن لاءِ ٻه رستا کليل آهن: يا ته روس جي عيسائين وانگر ضد ڪري، ٻڏندڙ غوارين سان چنبڙي وڃي الحاد جي اوڙاه ۾ پون يا طريقت جي ترهي تي، توبهه جي تاثير سان، تري وڃي دارالسلام پهچن.

زيادهه خير، السلام و غلام مرتضيٰ

(۴)

سن، ٢٥-١١-١٩٦٥ع. برادرم محمد امين!

السلام عليڪم: تنهنجا خط پهچندا رهن ٿا، مون ٽي خط

موڪليا آهن، تنهنجي ڳوٺ واريءَ ائڊريس تي- هڪ ۴ نومبر، ٻيو ١٣ نومبر، ٽيون ٢٠ نومبر تي- الائجي پهتا يا نه؟

تون خطن ۾ الائجي ڇا جو ڇا لکيو ڇڏين. توکي ته پرواه نه آهي، جو مجذوب ٿي جان ڇڏائي سگهين ٿو. باقي مون مسڪين جو خيال رک! زمانو نازڪ آهي. منهنجو نالو وٺڻ، ساراهه ڪرڻ، ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ ڏوهه آهي. تنهنجي لاءِ نه، منهنجي لاءِ! واڙ هميشه هيٺي هنڌ کان ڀڄندي آهي- خدا خير ڪري! منهنجي سڀ ٽپال سينسر ٿئي ٿي، مهرباني ڪري جذبات تي ضابطو رک.

اميد ته خوش و خرم هوندا— زياده خير و السلام، غلام مرتضيٰ

(٥)

سن، ٢٩-١١-١٩٦٥ع، برادرم محمد امين!

السلام عليڪم! حاڪمن جي شڪار وقت ڪي ويچارا تتر ڊپ کان وڃي، ساهه بچائڻ لاءِ ٻوڙن ۾ لڪندا آهن. پر ڪي بي رحم هاڪارا لٺيون کڻي، ٻوڙن تي هڻي، کين ٻاهر ڪڍي، شڪارين جو نشانو بنائڻ ۾ خوش ٿيندا آهن.

تنهنجا خط بعينه اهو ڪم ڏين ٿا. ازانسواءِ خط وري اهڙا ڏکيا ۽ ڳجهارتن سان ڀريل اچن ٿا، جو مون جهڙي بيمار ۽ ضعيف ماڻهوءَ جي سمجهه کان مٿي ٿيو پون. مثلا:

هيٺيون ڳالهيون سمجهه ۾ نٿيون اچنم:

(١) موجوده حڪمرانن جي ساريءَ قوم جي پٺڀرائيءَ سان ڪشمير وٺڻ ۽ پاڪستان کي مضبوط بنائڻ جي ڪوشش کي ناڪافي سمجهين ٿو.

(٢) حڪومت ۽ راشديءَ طرفان اسلامي نشات ثانيه لاءِ هلندڙ ڪوشش کي اڻپورو سمجهڻ.

(٣) بخاري صاحب جي فتويٰ دهريت جي باوجود، مون کي ديني سياست جي قيام لاءِ لائق ۽ صلاحيت وارو فرد واحد سمجهڻ.

(٤) مون کي باوجود جسمي نظربنديءَ جي آزاد سمجهڻ.

(٥) منهنجي سياست کان رٽائر ٿيڻ جي باوجود، مون کي سياسي مرڪز سمجهڻ.

(٦) نا اُميديءَ ۾ اُميد کي آڏو ڏسڻ.

(٧) بي دينيءَ ۾ دين پرکڻ ۽ دين ۾ بيديني ڏسڻ.

تون ڄاڻين تنهنجا ڪم- منهنجي اتي پڄندي ڪانه آهي.

اميد ته خوش و خرم هوندين. زياده خير و السلام، غلام مرتضيٰ

(٦)

سن، ٥-١٢-١٩٦٥ع، برادرم عزيز ميان محمد امين!

السلام عليڪم- خط هڪٻين جي مٿان پهچي رهيا آهن.

حريفي بد مرا ساقي ڪـــه هر شب،
ز زلف و رخ نمودي شمس دي را.
چو شوقم ديد در ساغر مي يفزود
بگفتم ساقـــي فرخنده پـــي را،
رهانيـــدي مـرا از شـــر هستي
چـو پيمودي پياپي جام مـــي را.

آءُ ڪو مرده دل نه آهيان، جو تنهنجا روح افزا ۽ خمارآلوده خط پهچن ۽ اثر ڪرڻ کان رهن. ڊپ رڳو اهو ٿو ٿئيم، ته خواجه حافظ وانگر ڪنهن مهل چئي نه ويهان ته-

دل مي رود ز دستم صاحب دلان خدارا
دردا ڪ بود پنهان خواهد شد آشڪارا!

نه تنهنجي نيت تي شڪ اٿم، نه تنهنجي صداقت تي! تنهنجي مجذوبيءَ واري گفتگوءَ تان عقل کي قربان ڪري ڇڏجي.

خط گهڻا لکيا اٿئي، هاڻي بهتر اهو آهي ته نصف ملاقات عيوض پوريءَ ملاقات کان مستفيد ڪراه! آن لاءِ جيستائين فرصت مليئي، آن کان اڳ هيٺيون احوال موڪلينر!

(١) ڪوءِ قوم بلوچن جي ڪهڙيءَ شاخ مان آهن؟

(٢) جهڪب‌آباد ضلعي ۾ ڪوسا ڪڏهن اچي ويٺا آهن؟

(٣) ان ضلعي ۾ ڪوسن جا ڪيترا پاڙا آهن ۽ آنهن جا نالا؟

(٤) سردار عبدالرحيم‌خان ڪهڙي پاڙي مان هو؟

(٥) تنهنجو پاڙو ڪهڙو آهي؟ جي سردار عبدالرحيم‌خان جي پاڙي سان آهين ته شجري ۾ ڪٿي هڪ هنڌ ملو ٿا؟

(٦) تنهنجي والد ڏاڏي، پڙڏاڏي جو نالو؟

(٧) تنهنجي جم جي تاريخ؟

(٨) ابتدائي تعليم ڪٿي ۽ ڪنهن وٽ ورتئي؟

(٩) سيڪنڊري ۽ هاير تعليم ڪٿي ورتئي؟ سال مٽرڪ پاس ڪرڻ جو.

(١٠) يونيورسٽيءَ جا ڪهڙا امتحان پاس ڪيئي، ۽ پاس ڪرڻ جا سال؟

(١١) عليگڙهه ۾ ڪيترو رهئين، آتي جون دوستيون ۽ لاڳاپا؟

(١٢) آنان امتحان پاس ڪري اڄ جو مختصر احوال.

(١٣) هاڻ جو مشغلو.

(١٤) هالوڪي سردار جو نالو، آن جو سردار عبدالرحيم‌خان سان لاڳاپو. مقرر ڪرڻ جو طريقو ۽ آن لاه جوابدار ڪير ها؟

هاڻ چا مرضي آهي؟ اميد ته خوش و خرم هوندا.

زياده خير و السلام، غلام‌مرتضيٰ

تلك الايام نداولها بين الناس. هيءَ تنهنجو ٣٠ سال اڳي موڪليل خط

موڪلجي ٿو. پڙهي واپس موڪلج، ته رڪارڊ تي رهي.
هاڻ تون نمازن ۾ آهين، ۽ آءٌ پـري آهيان.
اُن وقت آءُ نمازن ۽ تهجدن ۾ هئس ۽ تون پري هئين! (غ م)

(٧)

سن، ١١-١٢-١٩٦٥ع.
پسو لڄ لطيف چئي، ڪيڏي کي ڪکن،
يا ته ڪنڌيءَ ڪن، نا ته ساڻ وڃن سير ۾!

برادرم محمدامين!

السلام عليڪم: هڪ نه ٻئي ڏينهن خط ملندا رهن ٿا. ڪي خط ته جنسي انسپائرڊ ڏسجن ٿا. اهي بامعنيٰ ۽ بامطلب هئڻ کان علاوه پر سوز ۽ پر اثر معلوم ٿين ٿا.

چنان در جان من سوزش اثر کرد
ڪه بي رقت نديدم هيچ شي را!

آخري خطن ۾ جي ايم سيد، سنڌ، پاڪستان ۽ ڪشمير جي مشڪلاتن جو ذڪر ڪيل آهي. گهڻو وقت گوشه نشينيءَ ڪري دماغ سوچ ويچار ڪرڻ کان ضعيف ٿي ويو آهي. اُن ڪري بعضي حالتن ۽ مونجهاري وقت فقيرن کان انهن مسئلن بابت رهبري وٺندو آهيان. فقير صاحب سان ڪيل اهڙيءَ ملاقات جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

جڏهن فقير صاحب کي اوهان جي لکيل حال کان واقف ڪيم، ته اُن مٿين ڳالهين بابت هيٺيان جواب ڏنا، جي ملاحظي لاءِ خدمت ۾ موڪليان ٿو:

(١) جي-ايم-سيد جي نظربنديءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ بابت فرمايائين ته سيد نظربند پاڻ کي اُن ڪري ڪرايو آهي، جو سندس محبوب سنڌ آزاد نه آهي، اها

ڳالهه سندس شان وفاداريءَ ۽ روايات خلاف ٿيندي ته پاڻ کي اڳ ۾ آزاد ڪرائي. وڌيڪ هيءُ بيت پڙهيائين:

آءٌ ڪئن سوڙئين سمهان، مون ور گهاري ولهه،
کٿيريءَ تـــان کل، عمر! ڪج نـــه اهڙي.

(٢) ٻئي نمبر مسئلي جي مشڪلات جو ڪارڻ ٽئين نمبر جي ڪوتاهين کي بنايائين.

(٣) ٽئين نمبر جي مشڪلات جو ڪارڻ، ٻئي نمبر تي ٿيل ظلم کي قرار ڏنائين.

(٤) چوٿين نمبر لاءِ فرمايائين ته اُن جي آزاديءَ جو مدار ٻئي نمبر جي آزاديءَ تي منحصر آهي.

جيڪي فقير صاحب ٻڌايو آهي، سو عرض ڪيو اٿم. مون کي نه اوهان جي ڳالهه پوري سمجهه ۾ آئي هئي، نه هيءَ ڳالهه پوري سمجهه ۾ اچي ٿي ممڪن. آهي "ولي را ولي مي‌شناسد" وانگر، اوهان انهن پرولين کي پروڙي وڃو. باقي اسان جي ته اتي جاءِ نه آهي.

نهين جاءِ اِٿان ڪنهـــن دے آوڻ دي،
ريءَ عشـــق ٻاجهون لِئـــے پاوڻ دي!

زياده خير والسلام، غلام مرتضيٰ.

(٨)

سن، ٢٤-١٢-١٩٦٥ع. برادرم ميان محمدامين‌خان!

السلام‌عليڪم. ڪيترائي خـط صبح گاهي دعائن جاڀڊار ڀريو پيا پهچن. جن ۾ نه صرف تنهنجي دعائن جـا هديا اچن ٿا، پر تنهنجي معرفت سنڌ جي جملي ولين ۽ درويشن جـون برڪتون پيئون پهچن.

باوجود اُنهن جي، حڪومت وقت تي اثر ڪونه پيو ۽

نظربنديءَ جو مدو، جو ٣١- ڊسمبر ١٩٦٥ع تي پورو ٿيڻ وارو هو، تنهن کي ٤٠ مهينن لاءِ وڌائي ڇڏيو اٿن.

هرچه هست از قامت ناساز بي اندام ماست
ورنه تشريف او بر بالاي ڪس ڪوتاهه نيست!

تنهنجي "لائيف اسڪيچ" کي مڪمل ڪرڻ لا هيٺيون احوال گهربل آهي. مهرباني ڪري موڪليندا.

(١) تنهنجي ڄمڻ جي تاريخ، (٢) تنهنجي والده جي وفاتيءَ جي تاريخ، (٣) سردار عبدالرحيم خان جي انتقال جي تاريخ، (٤) سردار عبدالرحيم خان جي والد، ڏاڏي ۽ پڙڏاڏي جو نالو، (٥) جيڪب آباد ضلعي ۾ کوسن جا پاڙا، نالا، هرهڪ پاڙي جي ماڻهن جو تعداد، (٦) سبي ڊويزن ۾ کوسن جو تعداد ۽ سندن سردار، (٧) تنهنجي سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊجڻ جي تاريخ ۽ آن تي ڪهڙيءَ تاريخ تائين هئين؟ (٨) پير صاحب ڀرچونڊي شريف جي خاندان جا ڪڏهين مريد ٿيا؟ (٩) کوسن مان راڻيپور جي پيرن جا ڪهڙا مريد آهن؟ (١٠) انساني عشق (مجاز) جي به ڪڏهين ڪا لغار لڳي اٿيئي يا نه؟ (١١) تصوف تي ڪهڙا ڪتاب پڙهيا اٿئي؟ (١٢) همه اوست ۽ هم از اوست مان ڪنهن جو قائل آهين؟ (١٣) جبر يا قدر مان ڪنهن جو قائل آهين؟ (١٤) دادو ۽ ٿرپارڪر جي کوسن سان جيڪب آباد جي کوسن جا ڪهڙا تعلقات آهن؟

زياده خير والسلام، غلام مرتضيٰ

(٩)

سن، ٢٩-١٢-١٩٦٥ع. برادرم ميان محمدامين خان!

السلام عليڪم- هڪ خط ٢٤ تاريخ موڪليو اٿم، اميد ته پهتو هوندو. اوهان جا ٢٤ تاريخ جا ٽي لکيل خط مليا. اڳ اڄڪلهه لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪري رهيو آهيان. هن وقت

تائين ١٦٧ مشاهير سنڌ جي حياتيءَ جو احوال قلمبند ڪري چڪو آهيان. اُنهن مان پنجن جي حياتيءَ جو احوال ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو، جيئن اوهان کي پتو پئجي سگهي ته مختصر ڪهڙيءَ طرح سنڌ جي مختلف ماڻهن جي زندگيءَ کي قلمبند ڪري رهيو آهيان.

اوهان پنهنجي نسبت ٢٤ تاريخ واري گهربل احول کان واقف ڪندا. ڊيگهه نه کپي. سوالن جا جواب ملڻ گهرجن.

١- اوهان کي ڀاءُ گهڻا آهن. سندن نالا؟

٢- اوهان کي اولاد ڪهڙو آهي؟

زياده خير و السلام، غلام مرتضيٰ

# فصل چوٿون

## سال ١٩٦٦ع جا خط

(هن دور ۾، ڪل ١٣٩ خط محفوظ ٿي سگهيا، جن مان ١١٥ خطن جو اختصار ۽ سائين جي-ايم-سيد جا ١٢ خط، هن فصل ۾ ڏجن ٿا. —مرتب)

[سال ١٩٦٦ع اهو سال آهي، جنهن تائين ست سال ۽ ڪي مهينا آءٌ سنڌ جي محبت خاطر، جنرل ايوب‌خان جي دور آمريت ۾، جيل ۽ نظربندي ڪاٽي چڪو هوس. پر بقول منشي محمدابراهيم: "راڄ مٿان راڪاس ڦري ويو، ڀُڻڪو ناهه ڀليرو- گهرگهر گهُور انڌيرو"..... جو حال هو. سواءِ چند دوستن جي دٻيل آواز جي ٻيو ڪٿان به آواز ڪونه نڪتو. محمدامين‌خان کوسو، هڪ ئي درويش صفت انسان هو، جنهن جي دعائن ۽ سحرگاهي آهن، قدرت جي رحمت کي جوش ۾ آندو، ۽ مون کي سال جي ابتدا ۾ ٢٣- مارچ ١٩٦٦ع تي نظربنديءَ مان آزاد ڪيو ويو.

پاڪستان ۾ جناح‌کان وٺي اڄ تائين جيڪي به حڪمران ٿيا آهن، سي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جا گڏا، ايجنٽ ۽ ٻانهن ٻڌا ٻانها پئي رهيا آهن. جيتوڻيڪ انهيءَ گروه کي منهنجي آزادي پسند نه پئي هوندي، تنهن هوندي به جو مون کي جنرل ايوب آزاد ڪيو، اُن کي مون محمدامين کوسي جي دعائن ۽ سنڌ جي درويشن جي روحاني اثرن جو نتيجو سمجهيو. مون کي خبر هئي ته ذري ماتر به سياسي آواز ڪڍڻ مهاجر- پنجابي مستقل مفاد (جي سنڌ جا بدترين دشمن هئا) برداشت نه ڪندا.

تنهنڪري، سنڌ جي عوام ۽ خواص کي گهريءَ ننڊ ۾ ستل ڏسي، مون پنهنجو رويو بدلي، سنڌين جي ڪاچرل تعليم ۽ تربيت لاءِ توجهه ڏيڻ شروع ڪيو. سڄيءَ سنڌ جي مکيه درگاهن جي زيارت ڪيم، ۽ ٻن سياستدانن کي به اُن گروه ۾ شامل سمجهي، وٽن حاضري ڏنيم. جن ۾ هڪ شهيد سنڌ الهه‌بخش سومري مرحوم جي مزار جي حاضري، ۽ ٻي برادرم محمدامين، عاشق سنڌ، الهه‌بخش جي ساٿاريءَ، ۽ مون لاءِ هر وقت دعائون گهرندڙ بزرگ جي حاضري هئي. برادرم محمدامين، هن موقعي تي نهايت ڌام ڌوم سان ضيافت ڪري، ان کي "جشن محمدي" جو نالو ڏنو. اُن کان پوءِ سنڌ جي مختلف درگاهن جي ميلن تي مون ڏهاڪو کن "بزم صوفياي سنڌ" جي نالي مجلسون سڏائي، ادبي مقالا پڙهي ۽ پڙهائي، صوفيانه راڳ جي مجلسن سان مزين ڪيو. پر ڏسڻ ۾ آيو ته مهاجر-پنجابي مستقل مفاد، جن پاڪستان کي پنهنجو مرغزار بنائي، لٽڻ ۽ ڦرڻ ٿي گهريو، تن کي اهڙي بي ضرر تحريڪ مان به سندن مفاد کي خطرو محسوس ٿيو ۽ مون کي وري نظربند ڪيائون ۽ اُن سان گڏ منهنجي ڪتابن کي پڻ ضبط ڪيائون. هيءَ سال انهيءَ ڪشمڪش جي احوال سان ڀريل آهي. (ج-س)]

(١)

عزيزآباد، انڙواه، ١-١-١٩٦٦ع.

حضرت قبلا جي-ايم- شاهه!

تنهنجي برخلاف ليگ وارن آڏا اُبتا مضمون لکڻ شروع ڪيا هئا، مان جواباً ضرور ڪجهه نه ڪجهه لکيو هو، پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪنهن به اخبار اُن کي شايع نه ڪيو. هڪ اڌ سٽ، هڪ مضمون جي توڏي موڪلي ڏني هئم.

هن وقت ڪاٿي به اهو صاف لکيل ڪونه آهي ته پاڪستان ٺاهڻ واريءَ تحريڪ جو آخرين اهم ترين فرد تون ئي آهين. تون ميدان ۾ نه اچين ها ته سياسي طرح اهو ممڪن نه هو ته پاڪستان ڏيڻ تي انگريز آماده ٿئي ها، ۽ ان طرح شايد هندستان به آزاد نه ٿئي ها.

سنڌ ۾ الهه بخش مرحوم، آزاديءَ جي تحريڪ جو حصو بڻڻ قبول ڪيو ۽ تو پاڪستان جو اعلان ڪيو ... سنڌ ئي فيصليڪن خطو هو. هاڻي به اهوئي خطو فيصليڪن آهي. خطي ۾ ته چوطرف ننڊ ۽ غفلت آهي. جاڳن ڪير ٿا؟ اهي ئي هن خطي جا فيصليڪن آدمي به آهن، ته خود خطو به آهن. دامن تنهنجو، هٿ منهنجو— سجاڳي رڳو آتي ئي اٿيئي!! روشنيءَ جو مرڪز ان نياز ۽ ناز ۾ اٿئي!!

مسٽر جناح جون همتون بلڪل پنهنجيءَ جاءِ تي آهن، پر محض "ليڪے رهين گے" سان پاڪستان ڪوملڻو هو، يا اڄ قائم رهي سگهندو آهي؟ .....

توکي راضي ڪرڻ واسطي ڪهڙا نه جتن ڪريان ٿو؟

"ڪڇ تو هے جس ڪي پرده‌داري هے!"

محض هڪ مجبور نظربند سان ايڏا مٿا ڪير ماريندو آهي؟ ڪو اختيار، ڪا طاقت ته آهي ان نظربنديءَ ۾ به، جنهن جي ڪري هي عاجزيون ظاهر ٿين ٿيون. هيڏيون دعائون برڪتن ڀرپور موڪليندو رهان ٿو.

رات جو ڏيڍ کن هوندو. انگريزي نئون سال شروع ٿي ويو.

٦٦-١-١: دعا طلب، محمدامين کوسو.

(٢)

عزيزآباد، انڙواه، ١-١-١٩٦٦ع. حضرت قبلا جي-ايم- شاهه!

الله جون مهربانيون پنهنجي حال تي.

ڏس! سنڌ اندر حيران پريشان حڪام جي دروازن تي ڪتن جيان پڇ لٽڪائيندڙ ڪٽڪ آدمين جا آهن.

پير علي محمدشاهه راشديءَ، هڪ گهوڙي جو مثال، پير ترابعلي شاه جي زندگيءَ بابت لکندي ڏنو هو ته هڪ گهوڙو مرضيءَ کان سواه نه هلندو هو. هوڏانهن وڏيرن جا ڪٽڪ ڪليڪٽر وٽ لوس لوس ڪندا نظر آيا. پير ترابعلي شاهه چيو ته هي گهوڙو به اُنهن کان چڱو آهي.

پاڻ علي محمد شاهه ڇا سکيو ۽ سمجهيو اُن مثال مان؟ خبر نه آهي. منهنجي يار اقبال وري ڪتي جو مثال ڏنو آهي:

من نه ديدم ڪه سگي پيش سگي سر خم ڪرد!

اهڙيءَ سنڌ ۾، جنهن ۾ ڪتن کان خوارتر خُو وارا موجود آهن، تون به آهين — آزاديءَ غيرت، شرافت ۽ انسانيت جي شمع سوزان بڻيل يا خود دست قدرت جو ٻاريل!!

چراغ را ڪه ايزد بر فروزد
ڪسي ڪو تف زندريشش بسوزد!

سنڌ توکي وساري ويهندي ته اهو گناهه ڪو قدرت طرفان معاف ٿيڻ جو آهي؟ الله پناهه ڏي! سڪن گڏ آلا به اڪثر چٽ ٿي ويندا آهن ..... دعائون ڪندو ڪر!

دعائن جو محتاج، محمدامين کوسو.

(٣)

عزيزآباد، انڙواهه، جيڪبآباد، ١٠-١-١٩٦٦ع

حضرت قبلا جي-ايم شاهه صاحب!

السلام عليڪم. سحريءَ واسطي آڻڻ کان اڳ، بستري ۾ ئي اهو خيال آيو ته جي-ايم-سيدکي عرض ڪريان ته "هر ڪسي رابهر ڪاري ساختند" .... اسلام جو واڌارو ڪرڻو آهي.... ڪفر ۽ شرڪ کي ڪنبائڻ واسطي محض هٿيار ڪم نه ڏيندا

۽ نہ پروپگينڊا بہ ڪارگر آهي. هت گهرجي محمدي آواز- محمدي آواز اٿڻوئي سن شريف جي گوشہ تنهائيءَ جي بادشاهہ وٽان آهي.

هي تحريرون رواجي تحرون ڪري نہ سمجهہ!..... اسلام ۽ مسلمانن جي فتح بابت لکي رهيو آهيان ... مسلمانن جو آواز بڻجي، هن ملڪ ۾ تون هڪ دفعو ڪفر جي سڀني ظاهري طاقتن کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهين..... باقي مسٽر جناح تي تون ڪاوڙئين، تہ منهنجي سائينءَ کي بہ مسٽر جناح تي ڪاوڙ آئي. هو ڪراچيءَ مان ڪاوڙ ۾ روانو ٿيڻ تي هو، ليڪن مير هزارخان ڊي-ايس-پيءَ هن کي ريجهائي ۽ نيزاريون ڪري روڪيو..... سردارخان جو ووٽ پاڪستان لاءِ نہ وڃي، اهو کيس قبول ڪونہ هو. هن معاملي ۾ توکي نہ مڃيائين. تون کيس پيارو آهين. ان ۾ هاڻي هنن تحريرن جي ملڻ کان پوءِ ڪو شڪ ڪري سگهجي ٿو؟..... توکي سنڌ جي برتريءَ جي ڳڻتي آهي. ڳڻتي تون نہ ڪر. سنڌ بلڪل برتر آهي، توکي بار بار اهو لکجي اچي ملي ٿو. سنڌ حرم ڪعبو ۽ حرم نبوي صلعم نہ آهي، پر انهن کان پري ۽ جدا بہ نہ آهي. هيءَ سر زمين پاڪ، مقدس، حرمين شريفين سان ڳنڍيندڙ آهي. سنڌ نہ هجي ها تہ ڪم از ڪم مان مسلمان نہ هجان ها!.... سنڌ بلڪل مٿانهين آهي. ان اعزاز ۽ عظمت لاءِ، سنڌ حڪومتن جي محتاج آهي ڪاٿي؟ حڪومتون سنڌ جون غلام ۽ ٻانهيون ٿي بيهڻيون آهن. ..... .... محمد امين کوسو.

(۴)

عزيزآباد، انڙواه، ٢-١-١٩٦٦ع،

قبلا حضرت جي-ايم-شاهہ!

مسٽر جناح لاءِ، تنهنجي تعريف جي هڪ فقري تہ "مسلمانن هن کي قائد اعظم چيو"..... بندي کي حضرت مولانا ابوالڪلام

آزاد جو هڪ مقولو ياد ڏياريو. زبان ته اها مان ڳالهائڻ تي قدرت نٿو رکي سگهان، ته به مطلب هيٺ لکان ٿو:

”هان ميرے ڀائي! عوام ڪا ڪيا ڪهنا؟ رد ڪرنے پر آئين، تو مسيح ابن مريم ڪو ڀي رد ڪر دين، اور پرستش ڪرنے پر آجائين تو گوساله ڪي پرستش ڪرين!“ ——— سامريءَ جي ڳئونءَ کان تو وارو مسٽر جناح چڱيرڙوئي هو. پر هڪ ئي ساهيءَ ۾ ’اها هسستي، اها هستي،‘ جو شروع ڪري ڏني اٿئي، وچ ۾ پاڻي به ڪونه پيتوه— ..... تاريخ جي گردن ته نه مروڙ. ڪٿي پاڻ لاءِ ۽ پاڻ جهڙن لاءِ خدا ڪري لکينس. واقعي هيو به آن وقت تو پارن لاءِ خدا، نڏهن ته سنڌ جي ڳلي تي آبتي ڪاتي پئي وهايئي. ڪهڙي احمق توکي چيو ۽ سمجهايو آهي ته انگريزن تي هن جو رعب هيو يا آهي؟ انگريز جي دماغ جا ڌائر ڪافي پنڪچر ٿي چڪا آهن، ته به مان کي اها اميد ڪانه آهي ته اهي ايتريقدر احمق آهن، جو تنهنجي ممدوح (جناح) کي ان جي هزارين حصي جيتري اهميت اڄ به ڏيڻ واسطي تيار آهن، جيتري تون ڏئين ٿو! ڪجهه هوش ڪر، وهلور نه وڃ! مان اڃا جيئرو آهيان. پر بابا! توهان پارن آدمين کان ڊڄڻ کپي. وري جي ساڳيو جنون سوار ٿي وڃئي، ته مان غريب کي ته گڏهه جي کل ۾ وجهي ساڙائي رکندين. اڳ به انهيءَ (جناح) جي شان مقدس ۾ گستاخيءَ جي عيوض ليگ کان نيڪالي ڏيئي، ثواب‌دارين لاءِ هڪ ڪم ته تو ڪيو هو. هاڻ به باز نه ٿو اچين. چڀرن کي شهباز چوڻ وارو مان نه آهيان. مان ته آن وقت به کيس چيو هو ته ”مان سندس سياست ۾ قطعا اعتبار نه رکندو آهيان. مون کي چريو سڏڻ ٺيڪ نه آهي. توکي جيڪي وڻي سو ڪر، پر آءٌ گزدر ۽ کهڙي کي سنڌ جو وزير ڪرڻ نه ڏيندس“ ”مان توکي چوان ٿو ته پاڪستان هلائڻ لاءِ تو جهڙن ماڻهن کي وڌڻ گهرجي“ هن چيو. ”پر سنڌ ۾ مون کي تنهنجي ليگ ۾ رهي، پاڪستان

هلائڻ ڪير ڏيندو؟" منهنجو ارشاد گرامي هو. "I am with you"
هن نڪ مان آواز ڪڍندي، پنهنجي هميشه جي عادت موجب
چيو. "مون کي توکي رد ڪرڻ لاءِ ڪو سبب ئي ڪونه آهي
۽ نه ئي اهو وهم ويٺل اٿم ته پاڪستان هلائڻ لاءِ گزدر ۽
کهڙو ڪارائتا ٿي سگهندا. پر آهي وس پڄندن ته مون کي ڦاسي
ڏيئي ڇڏيندا." اِتي هو بي مزي طور کليو.

پر توکي ته خدا نظر ايندو، ڇو جو تو ٻيو بڙو آدمي
ڏٺو جو ڪونه آهي. آهه! چشم غلط بين ۽ دل بيدرد لاءِ جناح
ئي خدا نظر ايندو آهي. جاتي وڻ نه آهي، آتي ڪانڊيرو به
وڻ هوندو آهي. تو پاري زورآور کي آدمي ڇا چوي يا ڪري؟
..... منهنجو وس چوڻ، آکڻ ۽ سمجهائڻ آهي، وڌيڪ
ڇا ڪريان؟

ڪجهه توازن رکڻ سک! حسرت موهانيءَ ڪهڙي
مقبوليت حاصل ڪئي. تو وارو مسٽر جناح هن جي بوٽ جي
تسمي جيتري قيمت لهي؟ — محمدامين کوسو.

(٥)

عزيزآباد، انڙ واه، ٢-١-١٩٦٦ع

حضرت جي-ايم- شاهه!

الله جي خاص عنايت جو اڄ نمونو ڏٺم- مان پنهنجي
بي-اي جي ڊگري دير سان ورتي هئي، يعني سال ڏيڍ گذرڻ کان
پوءِ- ان وچ ۾ يونيورسٽيءَ جي عهديدارن ۾ ڪافي تبديليون ٿيون.
اڄ پراڻن ڪاغذن ۾ ڊگريءَ تي نظر وڌم، ته نواب محمداسماعيل خان
صاحب جي صحيح ڏٺم.

نواب صاحب ڪراچيءَ ۾ ايندو ته تنهنجي سڏن تي هو،
پر هر دفعي منهنجي غريب هوٽل ۾ اچي چاءِ پيئندو هو. سندس
پٽ جي-اي مدني منهنجي قريب ترين يارن مان آهي. ٻئي درجي
وارن يارن مان خاص درجو سردار بهادرخان کي آهي.

نواب صاحب کي هڪ دفعي پير ۾ سوج هئي. مان ڊاڪٽر هيمنداس، جو ان وقت وزير هو ۽ منهنجو جيڪب‌آباد ۾ زماني جو خاص ڊاڪٽر هو، وٽي آيس. ڊاڪٽر هيمنداس، منهنجي اسڪول جي هيڊ ماسٽر مسٽر هيرانند جو پائٽيو هو. جڏهن مان سکر جيل ۾ ڪافي بيمار هوس، تہ ڊاڪٽر صاحب جيل ۾ آيو ۽ مان کي پوري ڊاڪٽري همدرديء سان تپاسيائين. ڪلاڪ کن مان وٽ ويٹو رهيو ۽ منهنجي جيل واري جاه ٻيتائين. جيل ۾ اچڻ کان اڳ به ڊاڪٽر صاحب جي نسخن جو استعمال ڪندو هوس.

تو واري گزدر سان جيل اندر تمام سخت لهجي ۾ هٿ ملائڻ کان انڪار ڪيو. مان پنهنجي معصوم ٻار جي علالت ڪري پٽرول تي ڏکري، جڏهن ڪراچيء آيس، تہ تون سراپا مهربانيون ٻڌجي وئين. توکي ايتري تہ تڪليف ڏيڻي، جو مان حيران هٿس تہ توکي مان مسڪين سان اندر ۾ ڪيڏي نہ الفت آهي!

مان ڪانگريس ۾ تہ هٿس ڪونہ، پو جو جنگ سبب منهنجو سخت ۽ شديد اختلاف هو. ان کان اڳ مرحوم الهہ بخش جي سوال تي مان کي ڪانگريس مان نڪالي ڏني هٿائون. هاڻي ٻڌي مرن پڙوا پنهنجي حماقت تي. منهنجو چوڻ مڃين ها تہ الائجي ڇا جو ڇا هجي ها؟ ان تقرير ۾ مان ڇيو هو تہ "توهان پاڪستان ناهيو ٿا ۽ ان جو مقابلو ڪريان ٿو." ان تاريخي تقرير جو، جنهن ۾ منهنجي ڏي ووٽ تي الهہ بخش جي وزارت بچي وئي، تو اڄ ڏينهن ڏائين داد نہ ڏنو! داد ونڊجي ڏي تو هڪ کان، جنهن جي داد ۾ کو لطف تہ آهي! مان تو واري مسٽر جناح کي حقيقتن حساب ۾ نہ آڻيندو هٿس، ۽ نہ هاڻي به آڻيان ٿو.

هاڻي توکي "الف ـ ب ـ ت" ڪري پڙهايان تہ کو قدر ٿوئي! تون ليڪ (ليگ) بڻين، ان کان اڳ جي ليڪ

(ليگ) جو جائزو وٺ! تون ليگ بڻجي، جو ميدان ۾ پئجون پاتيون، ۽ توکي جو مٿي جو سينهون کڻي بنايائون، سو ڇو؟ ان تي نظر ڪر! پوءِ سنڌ اسيمبليءَ اندر پنهنجي تقريرن ۽ هندن جي مٿان حملن کي پڙهه! ٻئي ساري ملڪ اندر ڪاٿي به ڪو جي - ايم شاهه پارو سنڌ کي قتلام ڪرڻ وارو ڪو ٻيو نظر اچي ئي ٿو ..... تو سنڌ کي جناح جي حوالي ڪري، ليگ جي حوالي وڏي سياسي ڪاميابي ڪري ڏني.

الهه بخش جي شهادت مان لاءِ وڏو حادثو هو، ان جو بدل پيدا ڪري نه سگهيس. مسٽر پيرزادو بيشڪ معشوق يار آهي، پر هن ۾ اها ادا ڪاٿون اچي؟ مان کي ڏيڍ ٻه منٽ الهه بخش کي ڪنهن ڳالهه تي بيهارڻ ۾ مشڪل لڳندا هئا. هڪ دفعي ڪراچيءَ ۾ مزدورن جي ٽرام-وي گوديءَ تي اسٽرائيڪ ڪرايم. پاڻ بيٺو هوس. پوليس جو هجوم وڌي ويو. نظر اچڻ لڳو ته مظلوم مزدور هيسجي ويندا. مان ڀر واري سٽنيما مان الهه بخش کي فون ڪئي. کيس خوف ٿيو ته متان مان تي پوليس لاٺي چارج نه ڪري، چيائين "مان اچان ڇا؟" — "تون ته بيٺو آهين، جڏهين مان آهيان. رڳو پوليس هٽائڻ جو بندوبست ڪر." — "ها....!" جواب آيو. ڪمال ڪيائين، جڏهن شري ڪانتي کي سنڌ مان ڪڍڻ جو فيصلو مان کي هڪ ڏينهن اڳ معلوم ٿيو. سڌا ڪانتي مان وٽ آئي. ڏکڻ هندستان جي سليقه مند عورت هئي. مان الهه بخش مرحوم کي وڃي چيو ته ڪانتي جو حڪم رد ڪر. سڌا مان سان پنهنجي معصوم پٽ، جنهن کي مان "مولانا" ڪري سڏيندو هوس، ساڻ هئي. الهه بخش جي نگاهه سڌا تي پيئي ۽ اکيون زمين تي ٺڪا ٿيون. هڪدم خيال ۾ عملي شعريت پيدا ٿيس ته ڪانتي وڃي ته وڃي، پر جي سڌا ويئي ته مان محمد امين غريب جو الائجي ڇا حال ٿيندو؟ — حالانڪ سندس اهو خيال حقيقتن جي بلڪل برخلاف هو. مان ٻروچ ۽ انهن رازن کي ڄاڻندڙ، سو سڄهي ويس

ته الهه بخش هاڻي مڙندو ڪونه.

”چڱو، محمدامين، حاضر....!“ اڌ ڪلاڪ اندر ڪئبينٽ جو اجلاس گهرائي، ڪئبينٽ جو فيصلو ڪرائي، گورنر وٽ کڻي ويو. لڙ ئيءَ جو زمانو هو، گورنر کي ئي آرڊر ڪرڻو هو. رات جو ٻارهين بجي تائين سموري ڪاروائي پوري ٿي. منهنجي ئي هوٽل ۾ لکيل حڪم شري ڪانتي کي ملي ويو. هونءَ صبح جو سويري شري ڪانتي کي ڪراچي ڇڏڻي هئي. ”بابا! شري ڪانتي، هيءَ آرڊر ته منهنجي عشقبازيءَ جي نالي تي توکي مليو آهي“. مان شري ڪانتي کي سڌا جي روبرو چيو. الهه بخش منهنجي لحاظ ڪري، اهو سمورو ڪم گهڙي کن ۾ ڪيو. سڌا ته هونءَ به دوست آدمي هئي، پر الهه بخش ان کي ٻي معنيٰ ڏني ته ”توکي ڪراچيءَ ۾ هاڻي رکايو سڌا آهي نه ڪه مان.“ خبر نه اٿم ته سڌا ۽ ڪانتي ميسور ۾ هاڻي ڪاٿي آهن؟ جيئرا به آهن يا نه آهن؟ مان سان شري ڪانتي جي گهاٽي دوستي هوندي هئي. ڪافي محنتي مزدور ڪارڪن هو. مان سان ڪافي اٿڻ ويهڻ هوندو هوس. اڪثر ٻيئي زال مڙس مان وٽ ماني کائيندا هئا..... .... تون به آهين ته افسانه نويس، متان هن ۾ ڪو نُڪتو نه ڪڍي وجهين! نُڪتو ڪونه آهي سواءِ اُن جي ته سڌا جنس لطيف مان ڇيٺي سپاهيملاڻيءَ کان ڏيڍ سئو دفعا وڌيڪ جاذبيت واري هئي. الهه بخش جي هن غلطفهميءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ مان ۽ ڪانتي، سڌا سميت، ٻئي، ڏينهن سندس شڪريي لاءِ وياسين. هڪدم چاءِ جو حڪم ڏنائين سندس ننڍي نياڻي سعيده معصو مڙي آئي، ته ان کي چيائين. ته ”وڃ! وڃي چاچا لاءِ چاءِ کڻائي اچ“. ۽ ڀرواري هوٽل کي پاڻ فون ڪري، مٺايون ۽ ڪيڪ وغيره گهرايائين. مان ڪانتي کي ظاهر چيو ته ”بابا! اڃا به نه ٿو مڃينس. دعوتون به ڪري ٿو ۽ حڪم به رد ڪرائي ٿو، يعني اهو سڀ ڪجهه مان کي

خوش ڪرڻ لاءِ" ڪامريڊ عبدالقادر رحہ هڪ درويش قسم جو آدمي هو. قادربخش نظاماڻيءَ کيس چاڙهو ڏيئي، ڪاوڙائي موڪليو، تہ مان تہ سڌا ڪانتي کي الهہ بخش جا ڪيڪ ۽ پيسٽريون کارايا، هن کي رڳو خالي چاءِ پياريم. مان اهو معاملو سمجهي، ٻئي ڏينهن ڪامريڊ عبدالقادر کي ڀاڪر ۾ وجهي، خانبهادر الهہ بخش وٽ پهتس. چيم تہ ڪيڪ ۽ پيسٽريون ساڳي هوٽل مان گهراءِ، جنهن مان ڪلهہ سڌا لاءِ گهرايا هيئي! .....

— محمدامين کوسو.

(٦)

عزيزآباد، انڙواه، ضلع جيڪب آباد، ٤-١-١٩٦٦ع.

قبلا حضرت جي-ايم-شاهہ!

پاڻ قيدن ۽ نظربندين ۾ پيل آهين، تہ بہ ذهن ۾ اهو پراڻو ڀوسو ڀريل اٿيئي. اِناللہ وانا اليہ راجعون- جناح جون تعريفون ۽ سنڌ پرستي هڪ دماغ ۾ سمائجي نہ سگهنديون آهن. مسٽر جناح سان گڏجي ڪم ڪرڻ، جيئن حسرت موهانيءَ، نواب اسماعيل خان ۽ شيخ عبدالمجيد ڪيو، معاملو اور آهي، جي-ايم-شاهہ ٿي، مسٽر جناح کي سنڌ فتح ڪرائڻ واسطي آڻڻ ڪار ئي اور آهي.....

سيٺ حاجي عبدالله هارون، جيڪو سنڌ جو چوٽيءَ جو ليڊر هو، اُن جي مقابلي ۾ شيخ صاحب کي مان عليگڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ کان ترجيح ڏيئي سندس اليڪشن هن ضلعي ۾ پئي لڙي. هن ضلعي ۾ شايد ووٽن جي گهڻائي شيخ صاحب کي هئي. سيٺ هارون مان سان يونيورسٽيءَ جي زماني کان يار ٿي ويو هو، کيس بہ سمجهائڻ کان ڪين گسندو هوس.

مهرباني ڪري اهو فرسوده خيال ترڪ ڪر- ٻئي جي ٻڌ ۽ ٻئي کان سمجهہ! مسٽر جناح، مسٽر جناح.... ڇا جو

مسٽر جناح؟ پوڄا ته احمق ڪرنس ٿا، ان جو جواب پڙهين ٿو هنن الوهيت آميز خطن ۾ يا ٻيو ڪجهه؟ يه نادان گرگئے سجدون مين جب وقت قيام آيا! ..... جڏهن تون جناح پرستي جي نشن ۾ چور هئين، عين اُن وقت هڪ مختصر گروه جا آدمي، سنڌ جي طول و عرض ۾ زندگي ۽ انقلاب جي هڪ برقي رو ڊوڙائي رهيا هئا. اُهي آدمي ئي اصل سنڌ جو روح هئا. اُنهن آدمين جو خدمتگار، هنن خطن جو تحرير ڪندڙ توکي هاڻي به ذهن صاف ڪرڻ لاءِ حڪم ڪري ٿو. اسان کي سنڌ جي مظلوميت سڃاڻي ٿي! سنڌ جي مظلوميت ئي هنن خطن لکڻ تي آماده ڪري ٿي.....

تون نظربند ڇو آهين؟ مان ٿو حڪما توکان پڇا ڪيان! ..... تون پاڻ پنهنجي ذات ۾ جيئن ته جوهر رکندڙ هئين، تنهنڪري توکي ئي تڪليفن ۾ ڏنائون. اهي تڪليفون بيسود نه وڃن، اُن لاءِ ئي جتن ويٺو ڪريان ..... تنهنجو نالو، جيڪو قوم جي دشمنن وٽ گرو هو، سو هنن خطن ذريعي آزاد ڪرڻ گهران ٿو. تو وٽ گڏهن، احمقن ۽ قرمساقن کي ٺاهڻ ۽ انهن کي پنهنجو محتاج ڪرڻ جو هنر آهي. اهو هاڻ به استعمال ڪري سگهين ٿو. مان به اهوئي ٿو چوان ته پنهنجي جند ڇڏائي، سنڌ ۽ هند ۾ نئين زندگي پيدا ڪر!

قهر خدا جو، مسٽر جناح کي ته آسمانن تي پهچائي ڏنو اٿئي، باقي اميرالمسلمين محمدايوب‌خان سان ڳالهائڻ به توکي نٿو وڻي! ..... پاڻ کي برقعي ۾ ڏيئي ويٺو آهين.

تون برقعن ۾ ويهڻ جي لائق نه آهين. تون مسڪينڙو مسٽر جناح جو بئج لڳائيندڙ آهين، پاڪستان جو ظاهر ۽ برملا مخالف ته مان هوس. مان کي منهنجو سائين نه هٽائي ها ته توکي يا مسٽر جناح کي پاڪستان ٺاهڻ ڏيان ها؟ — مان ابوالڪلام ۽ غفارخان ڪونه آهيان، جو ڪم ڪرڻ نه ڄاڻان. پٽيل رحمت‌الله‌عليه کي پنهنجو يار بڻائيندڙ مان هوس. گڏي

مهاتما وٽ مولانا ابوالڪلام جو مقابلو ڪندڙ مان هوس، الله‌بخش درين معامله چه باشد؟ منهنجي ئي پروگرام جو هڪ فرد هو. دردشت جنون من جبريل زبون صيدي.....

ڪتاب بيشڪ اهڙا لک، جنهن مان عقل ۽ فهم سنڌين جو چٽ ٿئي! اڳيئي تباهه حال- وري راشدي بهادر جون قائداعظم "رحمت‌الله‌عليهون"، هاڻ تو واريون "اها هستيءَ" جون ڳالهيون! غريب محمدامين وڃي ته ڪاڏي وڃي؟ "اين خانه همه آفتاب است!" بنده خدا! مان جيتا مڙي تي تي نظر رکڻ لاءِ رحم ڀري نگاه ڪر! مان عاجز ترين آدمي به سنڌ ۾ آهيان.... مون مسٽر جناح جو مقابلو ڪيو، تون مان کي سندس نالي ڪهڙو رعب ويهاري سگهندو آهين؟ کهڙي کي گهوگها ڏنم. پنهنجو پٽ آراديءَ جي راهه ۾ قربان ڪيم، پنهنجي مٿي تي ڪهاڙين ۽ لوڙهن جا گهاءُ سهي، پنهنجي پاڪ ۽ صاف بدن جي رت سيرن جي حساب سان وهاٿي ڏيکاريم! اڃا تون مسٽر جناح منهنجي ڪوفت لاءِ پڙهندو رهين ٿو؟ آخر مطلب تنهنجو ڪهڙو آهي؟ وري ڀاشاني، وري غفارخان! باقي مان؟... .... منهنجو نالو ڪاٿي به نظر ڪونه ايندو، تنهنجي پنهنجي صوبي ۾ به!؟

يونيورسٽيءَ کان نڪري، توسان، شيخ صاحب سان ۽ احمقن ۽ بدمعاشن جي ساريءَ سنڌ سان، توهان جي اکين اڏو، توهان جي خدا ۽ ديوتا مسٽر جناح سان جنگ آزمايون ڪيم. هاڻي به ڪري رهيو آهيان. ڪجهه داد ته ڏي اي ستمگر!

منهنجو يار شهيد نه ٿئي ها، يا مان کان هڪ ڀ.. غلطيون نه ٿين ها، ته مان توهان سڀني کي ڏيکاريان ها، ته گهڻي ويهين سؤ ٿيندو آهي. سنڌ جي خاڪ جي ذري ذري کي مسٽر جناح کان وڌيڪ طاقت بخشي، مقابلو ڪندو رهان ها ۽ هرگز نه هٽان ها.....

پر هن الله جي برگزيده ٻانهي کي ڇا چوان، جنهن جي چوڻ تي مان هٽي ويس. پاڪستان جبر سان ٺهڻ ڏنم- تون وري مان کي ڪهاڻيون کڻي، پڙهائڻ هليو آهين، ته پاڪستان مسٽر

جناح ٺهرايو! اهي ڪهاڻيون پاڻ وٽ رک. مان وٽ لڪ لڪاءُ نه اڳ هو ۽ نه هاڻي به آهي. سڀڪجهه ڄاڻان ٿو. .....

مان کي ڏيڍ انچي شاستري احمق کان مرعوب ٿيڻ جو ڪو سبب ڪو نه آهي. هو ته نامعلوم (Unknown body) هوندو هو، هاڻي به نامعلوم ڪري سگهجيس ٿو. پاڪستان حڪومت وارا خيرن سان هاڻ هليا آهن، شاستريءَ جي مقابلي لاءِ قافلا بڻائي، تو جي ايم شاهه جي نظربنديءَ جو بيج لڳائي! ٻڏي مرن پهلوانين جي دعويٰ ڪرڻ سان!

موچي ۽ نائي پاڻ ۾ اٽڪيا. هڪ نهيرڻ ۽ ٻئي آرکنئي، ته سندن رنون قرآن کڻي بيٺيون، ته مڙس وڃي هٿيارين پيا آهن! ذهن ۾ جو مسٽر جناح جي هستيءَ جو عڪس هوندن، ته ائين ئي ڪندا. ..... تون پاڻ ته سياسي روڙا کائي، مسٽر جناح ڪندو رهيو آهين، هاڻي وري انگريز قوم جو به اڇو منهن ڪرڻ لڳو آهين، ته انگريزن تي به هن جو رعب هو! واهه تنهنجي تاريخ داني! پاڻ کي ايتريءَ غلط فهميءَ ۾ نه رک! انگريزن کي سندن سچي پچي ۽ صالح اولاد سر غلام حسين هدايت الله مشورو ڏنو ته پاڪستان ٺاهيو. سر غلام حسين منهنجو گهرو يار هو، اها خبر شايد توکي ڪا نه آهي. مان کي تنهنجي ليگي ڪتن کان بچائڻ لاءِ نيشنل وار قرنٽ جو مهندار بڻايائين. ظاهر آهي ته مان پاري صاف ذهن آدميءَ لاءِ ڪهڙو اعتراض ٿي سگهندو هو. بصد شڪريه قبول ڪري، وڏي ڪر ۽ فر سان آزاديءَ هند جو جهنڊو چاڙهي ويٺو هوس. ..... مان ڪو پٺو ۽ ٽٽون ته ڪو نه هوس، جو ڪانگريس جي ٻين "پيٽ ڪارن" وانگر ڪانگريس جي غلط پاليسيءَ کي صحيح چوان ها! ان وقت انگريز ڊپٽي ڪمشنر مسٽر آر.آر.پئيرس (R.R.Pearce) جي موجودگيءَ ۾ مان کي گلن جا هار وڌا ويا. گلن جي هارن کي لاٿم ڪو نه. سيني تي هار موجود، مان فرمايو "مان ساڳيو ئي آزاديءَ جو سپاهي آهيان. فرق صرف هيءُ آهي ته

انگريزن کان به وڏيڪ خطرناڪ دشمن حملي آور آهي، جيڪو انگريزن جو به ساڳيءَ طرح دشمن آهي. سان ڪريو ڪو نه آهيان، مان ساڳئي آزاديءَ جي محاذ تي بيٺو آهيان، مان انگريز جو مقابلو ڪندڙ، جرمن جپان جو مقابلو ڪريان ٿو. انگريز جيڪڏهن منهنجي سياهيانءَ عزم جي تعريف ٿو ڪري. تہ اها هن وقت سندس نيڪ نيتي آهي. اڄ جيتري هندو مسلم اتحاد جي ضرورت آهي، اوتري اڳ نه هئي. انگريز تہ هندستان مان ضرور وڃڻا آهن. انگريز وڃن ۽ انهن جي جاه پيا اچي وٺن، انهيءَ لاءِ تہ مان اڳتي آيو آهيان تہ ائين ڪرڻ نہ ڏيان. انگريز تہ ويا سمجهو. مان جرمن ۽ جپان جي وڌندڙ طاقت کي نيست ۽ نابود ڪندڙ ۽ انساني حقوق جي حفاظت ڪندڙ طاقتن جي نمائندگيءَ واسطي ٿي هي هار هاڻا آهن. هي هار انگريزن جي نوڪريءَ جا نہ، بلڪ منهنجي تازي ۽ نئين واڌاري تي منهنجي پنهنجي ئي آدمين جا وڏل هار آهن. مان ساڳيو توهان جو خادم ۽ پنهنجي قوم جي آزاديءَ جو سپاهي آهيان." آخر ۾ مان فرمايو "هندستان"، جواب آيو "آزاد!" "هندو مسلم اتحاد" ـــ "زنده باد!" ـــ منهنجي ئي حق پرست ۽ آزادي آڻيندڙ تقريرن تي هريل ۽ هيرايل هندن جي اڪثريت جو آواز اٿيو ..... ان زماني جي منهنجي هڪ وڏي تقرير سنڊ اسيمبليءَ جي رڪارڊ ۾ به انگريزي ترجمي ۾ توڪي ملي سگهندي. تو وٽ تہ شايد رڪارڊ هوندو. مان مست الست قسم جو آدمي، مان رڪارڊ ڪهڙين گالهين جو رکان؟ ايڏا فراغت ملي ڪاڻي اٿم، جو اهڙيون عياشيون به ڪريان. ايڏا تہ

مشعل بناکے تابش داغ جگر کو مين
راتون کو ديوديتا هون تيري رهگذر کو مين!

تون بيشڪ مسٽر جناح "اها هستي" لکندو رهين مان "جي- ايم شاه" پڙهندو لکندو رهندس.

تو و طوبيٰ و من و قامت يار
فکر هر کس بقدر همت اوست!

تولاءِ قضا قدر مسٹر جناح ناهيو، مان لاءِ جي ايم- شاه بڌايو! ڪٿيو تو يا مان؟ اهو فيصلو تاريخ جي هٿ ڪان وڌيڪ منهنجي عزم يا طن شڪن جو محتاج آهي ..... تنهنجي مسٹر جناح بڙهڻ ٽي هڪ واقعو لکان ٿو. حضرت مولانا ابوالڪلام آزاد "غبار خاطر" ۾ ڪنهن هڪ خط ۾ مولانا شيرواني ۽ کي لکيو ته "مان پنهنجي هڪ قيدي سنگتيءَ کي بلبل جي آواز، مٿي آواز، طرف ڪن ڏيڻ لاءِ چيو— ته من ڪن ڏيندي چيو ته برابر گاڏين جي پيرن جي گڙگڙاهٽ جو آواز آهي." حضرت مولانا چيو ته "پڌاه ته هڪ جي ڪنن ۾ بلبل جي ترنمريزين جو ٻڙلاءِ اچي، ٻئي کي گاڏين جي پيرن جي ڪرخت گڙگڙاهٽ پڌڻ ۾ اچي، اهي ٻئي دماغ جو ڪڌ ڪجن ته — ؟"

مان ته اڌ راتين جو اٿي، حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ياد ۾ توکي دل ۽ جگر جي رت سان رڱيل اکرن سان خط لکان، ۽ تون مسٹر جناح جي هستيءَ تي لکندو رهين ٿو. ڏسين ٿو تفاوت؟ .... — توکي خود تنهنجي غلط ڪارين ڪن ڪيڻ واسطي هي سر آلاپيان ٿو، هي نغمه سرائيون ڪريان ٿو ۽ هي چنگ چوريان ٿو.

تـــا تـو بيدار شوي ناله ڪشيدم ورنه
عشق ڪار يست ڪه بي آه و فغان نيز ڪنند!

تون سکين ۽ سمجهين، ان لاءِ ته هي شوريده نوايون ڪريٿون ٿيون ٻون.

بـي محابانه ز شـوريـدم نـوايم مگ نذر
مرغ لاهوتـم و از دوست پيامـي دارم

..... اهي زماني ساز قسم جا آدمي (جناح ۽ تولو)،

اسان زماني شڪن مجاهد! اسان جي روش ۽ طرز مقلدانه نه آهي — ڇڏ مسٽر جناح کي، تون اسان حق پرستن واري جي-ايم-شاه ڏي نهار، ته معلاملا طيء ٿين. وقت جو اهم ترين آدمي جي-ايم-شاه آهي! جنهن آدميء (جناح) جو ڪالر به قوم ۽ ملڪ واسطي ميرو نه ٿيو هجي، رندان قدح‌خوار جي محفلن ۾ انهيءَ جي پچار ڇا جي؟ هي دامن‌چاڪ قسم جي سنڌين جو دور آهي، جاتي سنڌ جي عشق ۽ محبت ۾ خون شهيدان ۽ دل و جگر ۽ بدن جي رت ڏيندڙن جا تذڪرا موجود آهن.

باطل پرستن جو مان معترف ٿي ڪين سگهندو آهيان مان محمدامين کوسو آهيان، مان کي سڃاڻ. ڏسي ڇڏ منهنجو چهرو! قلم ڪنهن جي به هٿن ۾ هجي، اسان تنهنجي چهري ۽ شڪل جي زيبائش واسطي پنهنجي ئي رت جا محتاج آهيون. منهنجي پنهنجي زندگيءَ جي جدوجهد جي تاريخ ايتري ته هوش‌ربا آهي، جو مان کي ٻين ڏي نهارڻ جي به حاجت ڪانه آهي. منهنجي خاموشين ۾ طوفان، منهنجي گوشه‌نشينين ۾ انقلاب موجزن آهن. ڪڍي ڦٽي ڪر، پنهنجي ذهن جو اهو سڙيل ۽ بدبودار حصو، جنهن سنڌفروشين لاءِ ماڻهو تيار ڪيو! ليگ، ليگ، ليگ! ١٩٣٨ع وارو اجلاس!! شرمائڻ گهرجي توکي پنهنجي غلاميءَ تي! منهنجا ان وقت جا مضمون، ايمان تازي ڪرڻ واسطي پڙهه، ته نظرايندءِ تاريڪيءَ ۽ آفتاب تابان رُو ۾ فرق!!

تون غيرن جي غلاميءَ (ليگ) جا بيج سيني تي رکيو وتندو هئين، منهنجو هٿ اُنهن بيجن کي پاره پاره ڪرڻ واسطي سڄيءَ سنڌ جو هٿ بڻجي، اڳتي وڌي رهيو هو. بازي توکٽي، توتي فتح مان کي حاصل ٿي.

ايـــن سعادت بزور بازو نيست
گرنـــه بخشند خداي بخشنده!

— محمدامين کوسو.

(٧)

٦-١-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم-شاهه!

تون پنهنجي ذات ۾ آهي خصوصيتون رکين ٿو، جن کي صحيح | صحيح رستي تي هلائڻ سان مئل قوم جاڳي آئندي.

اهي خصوصيتون، ڪنهن به صوبي ۾، مسلم ليگ جي ڪنهن به ٻئي فرد واحد ۾ نه هيون، تنهنڪري مسلم ليگ جو پاسو ڳورو نه هو تو هڪ جي اچڻ سبب ترازوءَ جو ليگ وارو پڙگران ٿي پيو. جيئن ته تنهنجو مقام اهو نه هو، ان ڪري مان توکي منٿون ڪيون، ته جنهن نموني سان تون هلين ٿو، ان مان اقتدار ضرور انهن هٿن ۾ اچڻو آهي، جيڪي توکي ئي تڪليفون ڏيندا. اهو اقتدار اهڙن هٿن ۾ نه وڃي، ان لاءِ هڪ مختصر مگر تمام حوصلي واري گروهه مان سان گڏجي سنڌ اندر مقابلو پئي ڪيو، تون مڙين پوين ها ته هيڏو سارو انڌارو ۽ انتشار، جيڪو ڏسين ٿو، نه ٿئي ها.....

سنڌ جهڙن پس‌مانده ٽڪرن ۾ تو پارا فرد، فرد واحد نه هوندا آهن، آهي محاذ هوندا آهن. محض محاذ به نه هوندا آهن، پر پوري قوم هوندا آهن. ....

سياست منهنجو ڪم آهي، فن آهي، مان آن کي ڄاڻان. جنهن عمل لاءِ وقت موزون نه هوندو، آن جي تائيد ڪري نه سگهندس. آءٌ غيرمانوس ۽ مجهول قسم جي سياسي جٿابندين ۾ قطعا حصيدار نه آهيان. ڪميونسٽ ٿيس، هاري ٿيس، مزدور ٿيس، ڪانگريسي ٿيس، خاڪساريءَ کي قابل توجهه به نه ڄاتم. ممڪن آهي ته خاڪساريت ڪنهن نه ڪنهن وقت فروغ وٺي، پر ان جي اها معنيٰ ڪڍڻ ته آها صحيح به آهي، غلط ٿيندو. .....

هن ملڪ جي هڪ اهمترين شخصيت تون آهين. توکي ڪاوڙائي ملڪ کي نقصان ڏيارڻ، اها ڪائون جي ملڪي خدمت آهي؟ شيخ صاحب عقل وارو آدمي آهي. پر عقل وارن کان ڪڏهن ڪڏهن اڪثر غلط ڪم ٿيندا آهن چا؟ غلط ته ڪيائين، وقت تي خبردار ڪيومانس. جيئن هاڻي به ڪريان ٿو. سنڌ کان ٻاهر ڪنهن سان به ۽ ڪنهن به قسم جو سياسي لاڳاپو تولاءِ ۽ شيخ صاحب لا جرم آهي.

هي خط دستاويز آهن، جن جي اهميت قيامت سوڌو قائم آهي. ... .... مان فتنو ۽ فساد برپا ڪندڙ نه آهيان. مان فتنن ۽ فسادن کي مٽائيندڙ، حق ۽ صداقت جي محبت آميز پيغام جو حامل بادبانشين بروچ آهيان ..... تون به هڪ سنڌ لکين ٿو، مان به هڪ سنڌ لکان ٿو، ٻڌاءِ دنيا جي تاريخ کهڙي سنڌ اکيان محبت ۽ عزت سان جهڪي ٿي؟ — مان فقرن ۽ جملن جو جوڙيندڙ صاحب قلم نه آهيان، مان ته سنڌ جي ارلي حسن کي نمايان ڪندڙ هڪ عاجزترين بندو آهيان. حسن ۽ زيبائش آهي ٿي ان واسطي ته دوست ۽ دشمن اُن کي پسي، حظ حاصل ڪن.... — محمدامين کوسو.

## (۸)

۶-۱-۱۹۶۶ع، حضرت قبلا جي ايم شاهه صاحب!

منهنجو موضوع سخن اچوڪي سنڌ جي سياسي تاريخ سازي آهي. هڪ ڪاريگر جيان مان عاجز ترين سنڌي، تنهنجي سامهون هڪ نقشو رکان ٿو، ۽ اُن نقشي جي بنا تي عمارت اڏڻ گهران ٿو. اها سنڌ، وري پنهنجي دائره اثر ۾ پاڪستان کير، هندستان کير ۽ عالمگير طاقت رکي ٿي. ان سلسلي ۾، هڪ ئي شخص واحد جو ذڪر مختلف فقرن، جملن ۽ الفاظ ۾ ڪندو رهان ٿو. اهو خود تون آهين. ظن و تخمين ۽

اندازي واريون ڳالهيون ته مان نٿو ڪريان. مان ته يقيني ۽ امر واقع بابت چوان ٿو.

تون ۽ فخر سنڌ و هند شيخ عبدالمجيد، رڳو مان مسڪين جي مشورن تي هلو سهي، ته سنڌ هن بيڪسيءَ جي عالم مان ٽپو کائي آٿي ويهندي. ڪنهن به ٻئي حصه ملڪ ۾، ان قسم جو وجودي اثر رکندڙ ٻه آدمي موجود ڪونه آهن .. ...

نعوذ بالله، خان عبدالغفار خان جي تذليل مقصود نه اٿم، پر آهو پنهنجي هنڌ ۽ مقام تي آهو ڪم ڏيئي نه سگهندو آهي. جيڪو تون ۽ شيخ صاحب ڏيئي سگهو ٿا..... هاڻي ستم ظريفيءَ جي حد نه هئي، جو شيخ صاحب هن پيرانه‌ساليءَ ۾ مس جناح جي درد فراق ۾ گويا سنڌ جا دور دراز شهر ووڙيندو وتيو— مان برڪت‌علي آزاد کي دڙڪو ڏيئي چيو ته احمق! ڪهڙي ”مادر ملت“ ٺاهي اٿئي؟ چئو فخر سنڌ شيخ عبدالمجيد سنڌي زنده باد!- نه ته ٻوٽ وارو موچڙو کوڙيندوسانءِ- يڪدم شيخ عبدالمجيد زنده‌باد، جا نعرا شروع ٿي ويا. اهو به وڏو قرمساق قسم جو آدمي آهي. مسٽر جناح کي هڪ ڏکئي وقت ۾ پنهنجو وڏو ڪري بيهاريائين. آهي ته پنجابي رت رکندڙ. هر پنجابي به پنجابي نه ٿيندو آهي، ڪي تمام اوچي قسم جا آدمي آتي به ڄمندا آهن. حضرت مولانا عبيدالله سنڌي ئي ڏسو، سيالڪوٽ جو آهي! پر هي سخت طوطاچشم قسم جو آدمي، منهنجي ضلعي جو، بدمعاشين کان باز نه ايندو آهي. پاڻ کي وري الائي ڇا جو ڇا مشهور ڪرائي! اهڙا گردن‌زدگيءَ جي لائق هوندا آهن ... اسان پارن لاءِ ڪمال بي‌حيائي ۽ بي‌ادبي آهي، جو مس جناح لاءِ مادرملت جو مذهبي لفظ يا خطاب استعمال ڪريون!..... مان پنهنجي وات ۽ قلم‌مان آهو لفظ ڪڍي نه سگهندس، جو حقيقت جي برخلاف هجي. چوندس آهو، جو حق نظر ايندو. حق ئي آهي جو منهنجي قلم ۽ زبان مان نڪري

ٿو..... دنيا جي تاريخ جي عجيب موڙ تي، مان سنڌ جي هن واهڻ مان، عالمگير انساني تاريخ ٺاهڻ لاءِ سنائي سيد جي-ايم-شاهه جو نالو پيش ڪريان ٿو. مان کي هن نسخي جي صداقت ۾ يقين ۽ ڀروسو آهي. —— محمدامين کوسو.

(٩)

١١-١-١٩٦٦ع، قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

... .... سائين مٺي محبوب کي تنهنجو نالو ڏاڍو وڻندو هو. مولوي ۽ عالم، دين جي بقا ۽ احياءِ جي سلسلي ۾، چوندا هئا ته حڪومت اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ هجي، جي سچا ۽ ايماندار هجن—— ته پاڻ فرمائي ڏيندا هئا، ته "وه تو ايڪ هين، جي-ايم-سيد!" يعني ساري هند ۾ سياست جي صداقت ۽ ايمانداري ته فقط هڪ جي-ايم-سيد آهي!

الائي هي خط پڙهندو به آهين يا نه؟ مان ته هي اڻاڀ موتي به موڪليندو رهندو آهيان-- ... تون نظربندين جي لائق آهين؟ تنهنجي نظربنديءَ جو خيال مذهبي طرح به دل ۾ جنبش نه آڻي ته ايمان ۾ خلل پوڻ يقيني آهي. تون سيد آل رسول جي، توکي اذيت پهچائڻ يزيديت نه آهي؟ ..... هڪڙي شخص کان پڇا ڪيائون، تنهنجو نالو ڇا آهي؟ چيائين "بچو". چيائون: ڪم ڪهڙا ڪندو آهين؟ چي: نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهڻ. جواب ڏنائون، تون به نه بچئين!

—— شاهن جو شاهه، جي-ايم- شاهه، نظربند هجي؟—— هي اکر لکندي، منهنجي اکين ۾ ڳوڙها نه اچن ۽ دل درد سان ڀرجي نه وڃي، ته پوءِ مان محمدامين جي مسلمانيءَ جي دعويٰ غلط، ۽ منهنجي نسب جي صحيح هجڻ تي حرف هجي! قسم خدا جو صحيح‌النسب، پاڪ ماءُ جي پاڪ ٿڃ پيتي اٿم.

شاهہ صاحب پيارا! مان کي تڪليفن ۾ نہ وجهہ مان رسمي آدمي نہ آهيان. افسوس توکي پورو احساس منهنجين پاڻ سان رغبتن جو ٿيو ڪونہ!— پر اڄ بہ ياد اچيم ٿو، تون حيدر منزل اندر ڪنهن "درپور ميٽنگ" ۾ هوندو هئين ۽ مان ٻاهر گانڌي ٽوپي پهريون، محض تنهنجي انتظار ۾ هوندو هوس. ٻاهر نڪرندو هئين تہ بعض دفعا ٽهڪ مارينديءَ اچي ڀاڪر پائيندو هئين. آن مان اندازو لڳائيندو هوس، تہ واڻين ۽ ڪانگريس تي ڪو ڪاري ۽ زبردست حملو ڪري آيو آهين. مان وٽ تہ اهي آل‌انڊيا ليڊر اهميت ڪونہ رکندا هئا، ڇو جو مان وٽ پاڻ آل‌انڊيا ليڊر موجود هوندا هئا ۽ آهن. شيخ صاحب ۽ تون!! هاڻي بہ ساڳي ئي ڳالهہ چوان ٿو.

اسڪول جو شاگرد هجين ها ۽ مان تنهنجو ماستر هجان ها، تہ هنن خطن ذريعي جيڪي توکي سبق پڙهايان ٿو، آن بابت امتحان وٺانہ ها!..... — محمدامين کوسو.

(١٠)

عزيزآباد، انڙواهہ، ٢٠-١-١٩٦٦ع.

حضرت قبلا جي-ايم-شاه صاحب!

تنهنجي خط ملڻ تي جيڪا خوشي ٿيندي آهي، آن کي محسوس ڪرڻ لاءِ منهنجي دل پنهنجي پهلوءَ ۾ گهڙي کن رکي ڏس، تہ پتو پوئي..... اڌ راتين جو ڪڏهن ڪڏهن آٿڻ ٿي ويندو آهي، تهجدگذار معمولاً نہ آهيان. پر ياد جو محبوبن جي رهندي آهي، تہ اهي ئي گهڙيون شايد اصلي نماز آهن. شايد ڇو، پڪ!

صحبت سپرينءَ جي، ايءَ پڻ چڱي هاج،
قضا ڪج نماج، وقت ورائڻ وترو!

..... مان جيڪي توکي چوان ٿو، اهو سياسي زبان ۾ ته آهي، پر آهي ڪا ٻي شيءِ! مان چوان ٿو ته تنهنجيءَ طاقت جو سبب تنهنجو وجود آهي. جنهن کي ڪنهن ٻئي بيروني پڇ يا پرتڪ جي حاجت ڪانه آهي..... توکي نظربند ڪرڻ وڏو پاپ جو ڪم آهي، گناهه عظيم آهي..... اسان وٽ، سواءِ منهنجي هنن خطن جي اهڙي ڪابه تحرير ۽ واضح شيءِ موجود هئي ڪانه، ته تنهنجو مقام اصلي ڇا آهي؟...

مسٽر جناح نه پر تو پنهنجي وجودي طاقت سبب پاڪستان بڻايو. سنڌ جا اڪثر آدمي انڪار وارا آهن.....

منهنجي خطن ۾ ٻن سياسي ليڊرن جو ذڪر آيل آهي، ٽيون مان! پنهنجي ثنا ۽ تعريف هڪ قسم جي ابلهي آهي. پر مون کي اُن ابلهيءَ تي ناز آهي، ڇو جو تنهنجي خبرگيري مان اُن وقت به ڪئي، جڏهن تون وڏو ليگ ليڊر هئين! ليگ ته هيچ هئي، پر تون ته هيچ ڪونه هئين نه، آهين! پنهنجي وجودي عناصر سبب هن دور جو اهم ترين آدمي آهين. توکي ئي ڪم آڻڻ سان سڀڪجهه ممڪن آهي.

تنهنجي اها ادا، ته سنڌي وري سنڌ ورن، مان کي ايتري ته وڻي، جو اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. ملڪ جو اهڙو، ته ورن ڇونه ورن، هڪدم ورن. سنڌي مڙيئي سنڌي! ..... تون سڀني سنڌين جو ليڊر آهين، نه ڪه ٻيو. تنهنجي آواز تي سڀ سنڌي، جتي به آهي هوندا، سنڌ طرف واجهائي زار زار روئندا ۽ اچڻ لاءِ بيتاب ٿيندا. موٽائين جلد موٽائين.....

خود تنهنجي نظربندي ڪو گهٽ امتحان آهي؟ اهو منهنجو جگر گردو آهي، دل ۽ دماغ آهي، جو هيءُ به سهان ٿو.... حيف هجي هاڻوڪن سنڌين کي، بيهودا، بيخبر! قدر تنهنجو نه ڄاڻون.

راشدي بهادر جا مضامين ڪڏهن ڪڏهن ڏسندو آهيان،

الائي ڇا ٿا فرمائين؟ جڏهن آدمي راهه کان ڀٽڪندو آهي ته ائين ئي ڪندو آهي. صحيح ڳالهه غلط مقام تي، غلط ڳالهه صحيح مقام تي، پوءِ اُن جو شيوو ٿي ويندو آهي. سنڌ جي عظمت جن جي دلين کي مسحور نه ڪيو، سي محروم ازلي ائين نه ڪندا ته ٻيو ڇا ڪندا؟.....

تنهنجي شخصي اهميت کي ڪهڙو نقصان پهچي ٿو؟ نقصان ۽ خساري ۾ اهي آهن، جي نه سمجهندا ته ميٽجي ويندا! آفتاب جهان جي روشني پروڻ سان ڪير ڍڪي سگهندو آهي؟

— محمد امين کوسو.

(١١)

٢٠-١-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

..... تون ۽ شيخ صاحب جڏهن ٻين جي دامن ۾ چنبڙيل هئا، مان ٻئي سنڌ جي نالي توهان کي دڙڪا ڏنا.

"سنڌ جدا ملڪ آهي" اهو سڀ کان اول منهنجي ئي قلم کان نڪتو. ۽ حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحه جي تحريرن مان اُن جي تائيد مان کي پوءِ دستياب ٿي. — شيخ صاحب کي ته ١٩٣٠ع کان به اڳ لکندو رهندو هوس. توهان ٻنهي هر زماني ۾ پنهنجو حليو بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ مان روڪيندو رهيس. هاڻي به تون چوين ٿو ته مان توکي ڪنهن خر (ايوب خان) جي تابع ٿيڻ لاءِ چيو آهي- نعوذ با الله! پر گڏهه ۽ ڪتي سان اٽڪڻ کان روڪڻ ته تابع ۽ مطيع ٿيڻ جي معنيٰ ۾ نه آهي. ڪو ڪتا پالي، جيڪي سندس اڳيان هڏي واسطي پُڇ لٽڪائين، يا ڪو گڏهه تي بار برداري ڪري، پوءِ اهو خرپرست يا سگ پرست ته نه چئبو! مان تو سيد عالي نسب کي سگ پرستيءَ يا خر پرستيءَ جي تعليم ڏيندس ڪيئن؟ باقي جهان ۾ ڪو گڏهه رهي ئي ڪونه، ته اهو ممڪن نه

آهي. گڏهه هميشه رهڻا آهن ۽ آنهن گڏهن کان ڪم وٺڻ واسطي فڪر انسانيءَ کان باموقعي ڪم وٺڻو آهي. آن جو نالو تدبر، آن جو نالو حڪمت عملي آهي.....

تنهنجي نظربندي مان کي نٿي وڻي، تڪليف رسي ٿي. رستا مان وٽ سڀ کليل آهن، پر پابند به آهيان. توکي آزاريندڙ رهي سگهندوئي ڪونه! اهو به ڪري ڄاڻان، مگر شريعت جي حدود کي لتاڙڻ جو به خيال دامنگير هوندو آهي.

— محمد امين کوسو.

(١٢)

عزيزآباد، انڙ واه، ٢١-١-١٩٦٦ع.

حضرت قبلا جي-ايم- شاهه!

..... الله توکي تا دير سلامت ۽ خوش رکي! تنهنجي نالي سان سنڌ کي وري گلزار بڻائڻ لاءِ هي مضامين غيب کان اچي رهيا آهن، صدين ۾ تو پارا ڪن خوش‌قسمت قومن ۽ ملڪن کي ملندا آهن. پر آهه! آن قوم ۽ ملڪ جي بدقسمتي، جو وٽن تو پارا به هجن ۽ پاڻ کي ڄاڻي واڻي يا بيخبريءَ سبب آنهن جي قدر ۽ قيمت کان محروم ڪن! تنهنجي در جي ٻاهران سنڌ پرستيءَ جا ميلا لڳائجن. جيئن مان هنن خطوط ذريعي لڳايون اچان ٿو.

سنڌ جي نجات جي ڪنجي، ٻين وٽ نه خود سنڌ وٽ آهي. سنڌ ئي باب الاسلام آهي. سنڌ ئي دنيا جي اندر ديني احيا جي سياست جو مرڪز ٿيندو. پاڪستان کي سنڌ جي پناهه هئي.... .....

— محمدامين کوسو.

(١٣)

(بنان تاريخ)، حضرت سيد اعظم!

هيءَ هڪ تحرير آهي، ظاهر آهي ته منهنجي ئي تحرير آهي. اُن ۾ منهنجي جذبات جو اظهار هوندو. ڪنهن ڄاڻوءَ سان صلاح ڪري، ضروري ۽ تمام مختصر اصلاح کان پوءِ شايع ڪرائڻ جو بندوبست ڪر. اصلاح تمام ضروري باقي ٻي نه، ڇو جو هي تحريرون الهامي آهن، ادبي نه آهن.

ڪابه فتويٰ موجود ڪانه آهي جنهن کي ڏسي، سنڌي ليگ جي ڍونڍ کان نفرت ڪن، سواءِ تنهنجي "باغيانه اعلانات" جي، جيڪي بيدردن ضبط ڪيا.

بزم صوفياي سنڌ لاءِ تو هزار روپيا چندو مقرر ڪيو آهي، گهٽ آهي. تنهنجي واتان نڪري، سر پنهنجي هٿن سان ڪپي تنهنجي قدمن ۾ پنهنجي ئي هٿن ۾ کڻي اچي پيش ڪجي، ته به حق ادائي نه ٿئي! حضرت حُر يزيد جي جرنيليءَ کي ٿُڪ هڻي، جڏهن اِمام حق جي ياران شهيد ٿيڻ لاءِ بيٺو ۽ زخمي ٿي ڪريو ته امام حق کيس اچي ڀاڪر ۾ ورتو. هن پنهنجو زخميل مُنهن امام جي قدمن ۾ ڏيئي پڇا ڪئي ته "هاڻي تون راضي آهين؟" — آهه! رضاي حق کي الله جي پيارن جي رضا کان جدا سمجهندڙ، بيخبر ۽ ٻه اکري مُلان، آهي هن مام کي ڄاڻن ڇا؟ — امام حق جواب ڏنو "الله توتي راضي ٿيندو....."

بنا دير تون مان کي هڪ هزار جو ميمبر بڻاءِ! سر ته اهو آهي، جو تنهنجي قدمن ۾ آندو اٿم، باقي هڪ هزار به اچي ويندو. پهريون نالو منهنجو شايع ڪر — اخبارن کي به ائين ئي اطلاع ڏي، اشتهار ڏي:

حضرت سيد اعظم جي بزم صوفياي سنڌ لاء منهنجو چندو، "محمد امين کوسو" جي زير عنوان! "سيد اعظم لکن" ۾ اچي، محب سنڌ بلکل ٺيڪ، پر خطاب منهنجي کي ترڪ نه ڪرايا!

— محمد امين کوسو.

(۱۴)

۲۷-۱-۱۹۶۶ع، بحضور جي-ايم شاهه صاحب!

مان پير پرست— هوالحق، هوالحق نعره رندانه هڻندڙ قسم جو پيرپرست آهيان. تو مان کي چئي ته طعنو هنيو ته مان ڪنهن ٻئي غير جي بيعت لاء هر ڪابو— توبهه، اهوگناه!!

مان وٽ اڄ تو پارو سياسي معنيٰ ۾ دنيا جي چٽن ڪندن ۾ هيو آهي ڏي ڪونه. هي خطوط الوهيت‌آميز آن جو ثبوت نه آهن؟ هنن خطن ۾ نقالي ۽ خودستائي مقصود نه آهي، هڪ واضح ۽ صاف صاف تاريخي حقيقت بيان ڪرڻ مقصود آهي. ميدان سياست ۾ آيس ته طفيلي ڪنهن جو ٻڌجي ڪونه آيس. سنڌ جي فضا تي چانڇجي ويس.....

منهنجي قلبي بيچينين جو پڙلاءُ، الله‌بخش جي آواز صداقت آميز ۾ ماول آهي، جو شهادت کان پوءِ به ڪنهن جي ڏاڻ جو نه آهي. اهوئي آواز غفلت شڪن بلکل ساڪيو آهي، جو سن شرنف جي فضا ۾ هنن خطوط جي نقوش مان بلند ٿي رهيو آهي. جي-ايم شاهه، حق جي-ايم شاهه!

تنهنجي هاڏوڪي ڪنج تنهائي به هڪ قسم جي منهنجي روش جي تقليد آهي. مان ٿي هائي تو کي دنياي اسلام جي دوبارهه زنده ڪرڻ جي خاطر لکي رهيو آهيان. خدا واسطي ڪجهه غور ڪر! منهنجي مستيءَ ۽ رنديءَ ۾ ڪڏهن کو فرق آيو ٿي ڪونه آهي. سنڌ فقط سنڌ، عالمگير انساني انقلاب واسطي مان پنهنجو مقصود بڻايو ..... مان عشق‌باز آهيان،

جان‌فروش آهيان، سنڌ پرست آهيان. منهنجي لغزش مستانه ۾ غلطي ٿيڻي ئي ڪانه آهي.

بابا، سيد سونهارا! شمع هر رنگ ۾ جلتي هي صبح هوني تڪ! مان ساڳيو رهڻو آهيان، لحد تائين، لحد جي اندر به!

منهنجي عاجزي ۽ درماندگي، حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي عظمت ۽ شان، آهي پاڻ ۾ پيوسته نه آهن؟ ته پوءِ منهنجي هر ادا ۾ سنڌ جي عظمت کي بچائڻ جي ڪوشش نهان هوندي. ڪيئن توکي ٻين جو محتاج بڻائيندس؟ سنڌ نه هجي، ته عالم اسلام مان لاءِ باعث توجهه هجي ڇو ها؟ سنڌ ئي ته مان کي اسلام سان وابسته رکڻ ۾ ڪامياب ٿي. سنڌ منهنجو ڪعبو آهي. —— محمدامين کوسو.

(١٥)

٣٠-١-١٩٦٦ع، بجناب قبلا جي-ايم شاهه صاحب!

تو وٽ فڪر عميق جي ڪمي ۽ عملي جذبي جي فراواني آهي. موجوده نظربندي به آن عملي بيڪار نه ويهڻ جي جذبي جي هڪ نشاني آهي. تو پارن لاثاني افراد جي دنيا جي هر دور ۽ هر قوم ۾ ڪمي رهي آهي. اهي به پنهنجي ئي جوش عمل جي غلط اندازن ڪري ضايع ٿي وڃن، ته انسانيت ساريءَ جو نقصان آهي. ان نقصان جو احساس پيرعلي‌محمد راشديءَ کي پيدا ڪيئن ٿيندو، جنهن هن جهان جي رعنائن کي ڪم از ڪم پاڻ لاءِ مقصود بڻايو هجي؟

دنيا هيچ، دنيا جو سارو معاملو هيچ، ان ۾ رهڻ سهڻ هرطرح جو ٿيندو آهي. پر اهو به ڪو رهڻ آهي، جو هڪ طرف جي-ايم شاهه اڪيلي سر ميدان غزا ۾ سربڪف بيٺو رهي، ٻئي طرف ساري سنڌ مسٽر علي‌محمد شاهه راشديءَ سميت لوليون ڳائيندي رهي؟

تفو بر تو اي چرخ گردان تفو!

اسلام اهڙي آسان طريق حيات جو نالو هجي ها، ته حضور پرنور جو جگر گوشو پنهنجي ئي غلامن جي هٿان، بيڪسيءَ جي عالم ۾ جام شهادت نه پئي ها! سڀني جو آقا، مربي ۽ ديني مالڪ، ميدان ڪربلا ۾ آڇيو، معصوم ٻچڙن سميت، الله جي عنايتن کي برملا پاڻ تي وسندو ڏسي رهيو هو، ۽ سندس سامهون اُمت نبويءَ جا بدبخت ۽ دين جي صحيح جذبن کان عاري، تيرتفنگ، ڀالا ۽ تلوارون سندن بدن مبارڪ کي مجروح ڪرڻ لاءِ تاڙيون بيٺا هئا— تاريخ انسانيت ۾ هن قسم جو دردناڪ واقعو، ڪڏهن به نه اڳ آيو ۽ نه وري ايندو. مظلوميت ۽ بيڪسي اصلي بادشاهه جي، هٿان پنهنجي ئي نمڪحرام غلامن جي!

تورو اورڀرو خيال شريف کي منتقل ڪر. هيءَ سن شريف جي گوشه نظربندي، اُن تي هنن اشڪ آميز ۽ خونفشان خطوط جي آمد— ٻنهي واقعن کي هڪٻئي سان ڪا نسبت آهي يا اصل آهي ئي ڪانه؟ هر دور ۾ حق ۽ باطل جو باهمي مقابلو پئي رهيو آهي.

ستيزه ڪار رها هے ازل سے تا امروز
چراغ مصطفوي سے شرار بوالهبي!

هيءُ تصادم، تحقيق حق ۽ باطل جو تصادم آهي. ليڪن ڪن بندشن کي استعمال ڪرڻ به اُن حق ۽ باطل جي لڙائيءَ جو حصو ڄاڻڻ کپي. توجهڙي عزيزترين حياتي سنڌ کي الله عطا فرمائي، اُن جا ڪي حقوق سڀني تي خود توتي پاڻ به، آهن. انهن حقوق کان بيخبر نه رهڻ کپي. منهنجو اندازو آهي ته توکي جي صحيح صحيح مشورو ڏيئي، اُن تي عامل ڪيو وڃي، ته هر مرحلي ۽ موقعي تي فتح حاصل ڪرڻ جون صلاحيتون الله توکي عطا فرمايون آهن— ان کي دعا سمجهين ته دعا آهي،

حقيقت سمجهين ته حقيت آهي!

حال طبيعت جو لک! الله توکي تادير خوش ۽ سلامت رکي! دعا طلب، محمدامين کوسو.

(١٦)

عزيزآباد، انڙ واه، ضلعو جيڪب آباد، ٣-٢-١٩٦٦ع

حضرت قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

..... همت، استقلال ۽ سچائي، اهي بنيادي خوبيون ۽ خاصيتون، الله توکي عطا فرمايون. باقي آنهن جو استعمال صحيح راهه ۾ ڪرڻو آهي. اڳ به تو دين جي بنيادي اصولن جي امداد پئي ڪئي آهي. تو دين پناهيءَ جو ايڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، جو ان راهه ۾ تنهنجو غلطيون نه هجن ها، ته هيءَ دور دين جي طاقتور دورن مان هڪ دور هجي ها. الله جون نعمتون هر ڪنهن سان شامل حال نه هونديون آهن. سڀ ڪو جي-ايم سيد نه بڻايو ويندو آهي.

ماڻهو مڙئي نه سهڻا، پکي مڙئي نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوه بهار جي!

تون بهار جون بويون پکيڙيندڙ، الله جي نعمتن سان مالامال، خوشنصيب مسلمانن جو رهبر آهين. تو ۾ ڪابه بنيادي اعتراض جوڳي وصف ڪانه آهي، سواءِ ان جي ته پاڻ کي هڪ خوب سوچيل سمجهيل ۽ اڳ ۾ طئي ٿيل پروگرام تي هلائڻ تي پابند رکي نه سگهيو آهين. اهو به آن ڪري، جو ماحول جون خرابيون ۽ ڪوتاهيون، همعصرن جون بي انتها الغرضايون ۽ خود غرضيون توکي مجبور ڪنديون رهيون آهن

..... تنهنجي طبيعت اسلام جي چوکٽ ۾ بند نه هجي ها، ته هيڏا سارا خودستائيءَ جا موقعا ٺڪرائي، ڇو ڪنج نظربنديءَ کي ترجيح ڏين ها؟ اهو اسلام جي چوڏهن سؤ

سالن جو سرمايو آهي، جيڪو توکي ڪنج تنهائيءَ ۾ به اها طاقت ۽ اهو سروربخشي ٿو، جو ٻين وٽ ان جو هزارون حصو به ڪونه آهي.

سنڌ جو درين حال، درين زمانه سياسي قبلو سن شريف کي بڻائي رکيو اٿم. ان ڪعبي جو منڪر مان وٽ سياسي ڪافر آهي. پر اِن ڪعبي جو رکوالو به مان آهيان.....
سنڌين بدبختن کي تنهنجي عظمت جو احساس پيدا سو ٿئي، غلاميءَ جون زنجيرون خود بخود پرزا پرزا ٿي ڪري پونديون.

ڪٽ ڪے گرجائيگي اے قيديءَ زندان ستم!
تجهه ڪو احساس گران باريءَ زنجير تو هو!

يا، توکي منهنجي هنن دردمندانه خطوط جي غرض و غايت سان دلي لڳاءُ سو پيدا ٿئي، ته سنڌ جو ذرو ذرو جي-ايم شاهه جي-ايم-شاهه جو سحرانگيز نعرومستانه‌وار بلند ڪندي، جاڳي اُٿندو. سنڌ جي قسمت، هنن خطن جي نقش و نگار ۾ عيان ڪري رکي اٿم. تون پاڻ به پڙهه ۽ جي-ايم-شاهه جي نالي تي وجد ڪر، ۽ ٻين کي به وجد ڪراءِ! توکي مضمون نگاريون اچن، مان کي دل ۽ جگر جي خونفشاني اچي! تون نظربند هجين، مان آن جو سارو درد صبر سان سهندو رهان؟ صبر ۽ ضبط ڏسڻو هجئي، ته منهنجي دامن چاڪ ڪندڙ جوش ۽ جنون جون صبرآزمايون ڏس! حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو چهرو مقدس، ههڙن موقعن تي سامهون اچي ويندو آهي. سندس مجبورين ۽ مسڪينين سان لبريز، پاڪ ۽ مقدس حيات جا اوراق يڪي بعد ديگري ذهن جي آڏو ايندا آهن. گويا صبر ۽ ضبط جي تلقين ڪن ٿا!

پر تنهنجي نالي سان ڪڏهن مسجدن ۾ نمازين کي زناربدست جي-ايم-شاهه جي اڳيان سربسجود ڪرايم، ته ڪڏهن مندرن جي پوڄارين کي الله اڪبر، الله الصمد جا نعرا بلند ڪرايم!

خود تنهنجي حيات جو انقلاب، جناح پرستيءَ کان قيد و نظربندي، ڪنهن جي آهه نيم شبيءَ جو اثر آهي؟

هوگيا پاني پگهل ڪر اُس بت ڪافر ڪافر ڪا دل،
ميرے اشڪون ڪي رواني جب ڪے اُس نے ياد ڪي!

تون آهين ته سنڌ جي بقا ذريعي اسلام جو جيارڻ ڪار آسان آهي. چيم، لکيم توکي ته دنيا جي چئن ڪنڊن ۾ اڄ تو ۽ شيخ پارو، سياسي دنيا ۾ ڪوبه ٻيو فرد نه آهي. ههڙو سرمايو منهنجي هٿ ۾ هجي، پوءِ به سنڌي ستل؟ تاريخ انسانيت ههڙا گناهه نه اڳ معاف ڪيا آهن، ۽ نه هاڻي به ٿيڻ وارا آهن. تون سنڌ کي پاڻ سڃاڻڻ سيکار! منهنجي هنن رندانه، عاشقانه ۽ بيباڪانه نغمهاي خزان‌شڪن کي سنڌ جي هر طرف، هر سمت ڦهلائڻ جو بندوبست ڪر. سنڌ جي حيات‌نؤ جي ڪنجي جي-ايم سيد جو اسم باطل‌شڪن آهي!

منهنجي هنن خطوط کي پڙهڻ لاءِ دل درد سان ٽمٽار پيدا ڪئي بغير ڪو چاڙهو ڪونه آهي. سنڌ جاڳائي رکيم. سنڌ ڪڏهين به غيرن اڳيان جهڪندي ڪانه، جي هنن خطن جو مقصد هن جي دل تي عيان ٿي ويو. هنن خطن، تنهنجي نالي سان سنڌ جي آزادي، قيامت تائين ڳنڍي ڇڏي آهي. قوم ساز ادب جگر ۽ دل جي زخمن جي رت طلبيندو آهي. دل درد کان خالي ۽ اکيون اشڪ آلوده نه، ته پوءِ هزار دفعا ڪو جي-ايم شاهه، چوي، ته ڇا ٿيڻو آهي؟ هنن خطوط ۾ ڪو جي-ايم شاهه پڙهي؛ ته ڪافر هجي ته به هڪدم دل لغزش ۾ اچي ويندس..... — محمدامين کوسو.

(١٧)

١٠-٢-١٩٦٦ع. بخدمت قبلا جي-ايم شاهه صاحب!

بابا، شاهه بادشاهه! ماضيءَ جي تاريخ لکڻ جي ڳالهه نه

آهي؛ هاڻوڪي تاريخ ڪيئن ٺاهيون، ان بابت توسان روبرو گفتگو ٿي رهي آهي.

هڪ باب ته اهو آهي جيڪو هلي ٿو، سنڌ جو تو ڍينگو ڍيري ڪري رکيو. تون جانسن جي قوم جو جانسن نه آهين، پر هڪ صاف مرندڙ ۽ ڪرندڙ قوم جو جي-ايم شاهه آهين. جانسن ٿيڻ وڏي ڳالهه نه آهي، جي-ايم سيد ڪو بڻي، ته خبرون پون! اُن جي-ايم شاهه کي سنئين دڳ تي بيهارڻ وارو محمدامين کوسو ڪو ٿئي، ته مڃيانس!

چوطرف چوڌار اوندهه انڌوڪار! هيءَ سنڌ آهي، جنهن جي سيني تي احمقن جا گهوڙا ڊوڙن ٿا! هي شاهه لطيف جو مقبرو آهي، جاتي گڏهه هينگون ڪن ۽ ڪتا ڀونڪن ٿا! هي لعل شهباز جو مقبرو آهي. جتي ڳجهون سنڌ جي مال غنيمت جي ڍ نڍ تي لامارا ڏين ٿيون!

زندگي، حيا، غيرت ۽ انسانيت فقط هڪ جاءِ تي. سو غصي ۾ جلالي ٿي ويندو آهيان، پر پاڻ جهلڻو پوندو آهي.

جيڪب آباد ضلعي ۾ گهوڙا ڊوڙ، انگريز حاڪمن جي مردم شناسيءَ جو موقعو هوندو هو. جيڪا جنهن جي ليقت هوندي هئي، اُن پٽاندر ان کي نوازيندا هئا. هاڻي احمقن جي يلغار جو موقعو آهي. ان مقدس شهر ۾ مان ئي سنڌ جي هاڻوڪيءَ تاريخ جو هڪ سنهري باب شروع ڪيو هو. ياد اچيم ٿو، مجموعن کي پنهنجو سيکاريل نعرو، هت ئي هاءِ اسڪول ۾ پڙهيم. هاءِ اسڪول جي ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ ۾ تقريرون ڪيم. هن ئي شهر ۾ پهرين بلوچ ائند آل انڊيا بلوچ ڪانفرس ڪوٺايم. هت ئي شاگرديءَ جي زماني ۾ حضور صلعم جي ميلاد ملهارايم. هت ئي مهاتما گانڌيءَ کي ١٩٢٧ع ۾ شاگردن طرفان ڀيٽا پيش ڪندڙ گروه جو ميمبر هوس. هت ئي پنڊت جواهرلعل نهروءَ کي پنهنجي اليڪشن جي ڪم لاءِ آڻي تقرير ڪرايم. هت ئي سباش چندر بوس سان سندس دوباره صدر ٿيڻ جو منصوبو مڪمل

ڪيم. هت ئي توکي ۽ شيخ عبدالمجيد کي توهان جي غلط ڪارين جو اعتراف هڪ پيڪ جلسي ۾ ڪرايم، تہ مان توهان کي روڪيندو رهندو هئس، ۽ توهان منهنجي نہ پڌي— اڄ آن ساڳئي شهر جي قسمت تہ ڏسو، واڳون، مانگرمچ ۽ بلائون مٿن گهوڙ-ڊوڙ جـي نالي تي حملي آور آهن هاڻي ۽ منهنجو آواز ساري شهر جي فضا تي حڪومت ڪري ٿو. پڌ تہ پڌايان‌ه!

مان چوان "انقلاب"، توهان چئو "زنده باد!"
مان چوان "انگريز شاهي"، توهان چئو "برباد!"
مان چوان "هندستان"، توهان چئـو "آزاد!"

جيڪب‌آباد جا هزارين هندو مسلم اهو آواز بلند ڪن ٿا— سو هندستان آزاد ٿيو، ۽ آن آزادي‌ء جي هڪ حصي کي آڏوهي کائي ويئي. آها اڏوهي تنهنجي آندل هئي.....

.... هاڻي مان چوان "جي-ايم-سيد"، توهان چئو "زنده باد! مان چـــوان "ســـر رمين سنـــڈ"، توهان چئـــو "آزاد!"

اهو ۽ سنهنجوئي ساڳيو آزادي آئينڈز آواز آهي. سمجهي وڃ! معاملوئي اِني اٿئي، ٻئي هنڌ نہ حياتي نہ زندگاني!

— محمدامين کوسو.

(۱۸)

عزيز آباد، ۱۵-۲-۱۹۶۶ع، حضرت قبلا جي-ايم-شاهہ!

معاملو ڪجهہ عجيب آهي. هـرڪنهن کي پنهنجي مقاصد جي حصول لاه ڪوڙ ڪو پروگرام هوندو آهي. مان هن دور انحطـاط ۽ اسلام جي زبون حالي‌ء جو پروگرام ئي هڪ شخص واحد جي نالي کي بڻايو ٻيٺو آهيان.

ڏسين ٿو عشق وارن جون ڳالهيون! تون ۽ پاڻ کي سڏ جو شيدا ۽ عاشق سڏائيندو آهين، پڙهہ! مان وانگر جي-ايم شاه تہ عقل ۽ خرد تار تار ٿين ٿي!— تون منهنجو سات نٿو ڏين،

اهو ظاهر آهي. سات مان قطعاً ڪا عملي ڪوشش ۽ تحريڪ نہ آهي، خيال ۽ ارادي جو تعاون تہ ڪان نڪو پچي.

افسوس! هن دور جي انسان جي تاريخ جا ٻہ روشن ترين فرد اسان سنڌين وٽ موجود آهن. ڪن ٻورن کان سواءِ ڪنهن کي به اهو احساس نڪو ٻيدا ٿئي تہ سندن ٿي مثال سامهون رکي رکي غور ڪريون، تہ سنڌ ٿي پاڪستان ۽ هندستان جي رهنما ٿي بيهي ٿي، تون ۽ فخر سنڌ و هند شيخ صاحب!!

قومون اڻن فنا ٿيندڙن آهن، پنهنجي دور ۽ وقت جي پيغمبرانہ عزم ۽ ارادن وارن کان بيخبري، جون سزائون مان کائن نہ پچ! ..... مان رسمي ۽ سطحي ڳالهيون ڪندس ۽ لکندس پچو؟ منهنجي قسمت ساز آواز تي ڌيان ڏي ۽ غور فرماءِ!

سنڌ جو مختصر خطو لازوال نعمتن سان الله نوازيو آهي. الله جي نعمتن جو قدر نہ ڪرڻ وڏو ستر ۽ ظلم آهي!

تو ماڻڪو وڃي ٻ ماڻڪو نہ سمجهيو. مان هت رهي ڪري ٻ ماڻڪو جي اصليت تي حاوي ٿي ڪري، "جي ايرشاد" جو نعرو بلند ڪيو. ان نعري سان سات ڏهن ۾ ٿي بقا آهي.

وڌيڪ نہ ڄاڻندو آهين تہ هاڻي ڄاڻ. "سنڌ جو سياسي ڪعبو سن شريف" آهوٽي بار بار لکجي اچي ٿو.

اختلاف وارن ڪڏهن اختلاف نہ ڪيا آهن ڇا؟ مان پارن اختلاف وارن جي رواه ڪڏهن ڪئي آهي؟

صاحب اختيار فقط عشق ۽ محبت جو جذبو هوندو آهي جو ٻئي هرڪنهن جذبي ۽ خيال کي فنا ڪري رکندو آهي، يا تابع بڻائي ڇڏيندو آهي. عشق جي حڪمراني ازل کان ابد تائين، عشق جي طاقت لازوال- سنڌ الله جي عشق جي مستانن جو مرڪز آهي. خص ۽ خاشاڪ پرست سنڌي روح جا منڪر آهن. سنڌ جي راهہ جي ٻاڌيڙن جي منزل خداپرستي! خدا

پرستيءَ جي صحيح جذبي وارا ڪڏهن به ٻين کان مرعوب نه ٿيندا آهن.....

نه گهڻراءِ نه وري ويسلو ٿيءُ! گهڻراهٽ ۽ بي حوصلگيءَ جا جذبا ته ڪچا ڪم ڪرائيندا آهن. جي وقت تي ٻڌين ها، ته تون نظربند نه هجين ها. اها سزا به توکي ان واسطي آهي ته جيئن پاڻ سڃاڻين! ٻين ڏي نهارڻ ترڪ ڪر. سڀ ڪجهه تو ۾ آهي، پر اُن لاءِ ڪي تدبيرون آهن، ورنه آدمي منصور بڻجي پوي ٿو. تنهنجو مقام ڪو گهٽ مقام نه آهي. جيئن ٻيا ڏسن ٿا، مان به توکي ائين ڏسان ته گنهگار ٿيان. مان کي پورو پورو پتو هو، ته توکي جناح پرستين کان ڪڍي ايندس.

جي-ايم شاهه جي هوندي، سنڌ جو بخت ستل ڇو آهي؟ سنڌ ته آهي ئي عشاق جو ڪعبو ۽ قبلو!!

الله جو فضل ڪارفرما نه هجي، ته شيخ صاحب ۽ تون ٻيئي، مسٽر جناح جا مجاور هجو ها! اها صنم پرستي ڪنهن مرد حق پرست ٽوڙي؟ ڪجهه ته چئه، ڪجهه ته فرماءِ! مان کي ان (جناح) تي به رحم اچي ويندو آهي. هن جي منزل ئي اها هئي، ان کان اڳتي ڪيئن وڌي ها؟ وڏي غلطي ڪيائين، جو توکي ڄاتائين ڪونه. شايد اڳ به لکيو اٿم ته سندس سياسي غلطي ئي اها هڪ آهي، جو تو جي-ايم شاهه کي ٻين جيان اقتدار پرست ڄاتائين. اقتدار ته خود تنهنجو محتاج هن گهڙيءَ تائين آهي، نه ته عشق ۽ محبت جون سندون تنهنجي حضور ۾ پيش ڇو ڪجن ها؟

منهنجي خطوط ۾ ڪو تضاد ڪونه هوندو اٿئي. هي مڪالما منطقي قوانين جا محتاج نه آهن، خود منطق هنن جو محتاج ٿئي.

عجب نهين ڪه پريشان هے گفتگو ميري
فروغ صبح پريشان نهين تو ڪڇ ڀي نهين!
(اقبال)

وقتي چرپر سان قومن جي صدين جي غلامي ختم نه ڪئي ويندي آهي. هيءَ ته الله واري جي اشارن سان ختم ٿيندڙ اونداهي آهي. سو اشارو ته برملا ٿيندو رهي ٿو: سنڌ جي سياست جو مرڪز سن شريف، سنڌ جو سياسي ڪعبو سن شريف!— نعوذبالله! هي ڪوڙ ته ڪونه آهي. مان پارو آدمي ڪوڙ ڳالهائڻ جي طاقت ئي نه رکندو آهي. منهنجي مقرر ڪيل نالي جي مخالفت گناهه آهي!.....

توڏي اچڻ جي تيارين ۾ آهيان ڏسان قدرت ڪڏهن ئي آڻي؟ طبع جو احوال ڏيندو ڪر.

— محمدامين کوسو.

(١٩)

عزيزآباد، انڙ واه، ١٥-٢-١٩٦٦ع،

حضرت قبلا جي-ايم شاهه صاحب!

السلام عليڪم ورحمت‌الله! مڪتوب گرامي بمع تنهنجي ڪتاب جي مسودي جي باعث صدر افتخار ٿيو. بيحد بيچين آهيان ته انهن ڪتابن جي ڇاپڻ جي نوبت ڪڏهن ايندي. تنهنجا لکيل آهن، آن ڪري وڏي نعمت آهن. بعض خيالات جي اصلاح به ضروري هئي، پر في‌الوقت آنهن جو شايع ٿيڻ اشد ضروري آهي. خيالات ڇا به آهن، آهن ته جي-ايم سيد جي قلم مان!

منهنجو تو بابت لکڻ، علمي موضوع ۽ مضمون نه آهي. عملي دنيا ۾ هندستان جي اهم‌ترين تاريخي دور ۾ ميدان ڪارزار کي اسان گرمايو— تون اڃا نظربندين جي زيب و زينت آهين، مان به گهٽ تڪليف ۾ ڪونه آهيان. منهنجي سهڻ ۽ برداشت جو دڳ ئي جدا آهي. سو چوان ڇا ته ٻڌايان ڇا؟

منهنجو يقيني اندازو آهي ته تنهنجي نظربنديءَ جو اهتمام اُنهن آدمين ڪيو آهي، جيڪي پاڻ کي نقلي انگريزن وٽ مقبول بڻائڻ گهرندا آهن. پنهنجي پذيرائي ۽ سرخروئيءَ لاءِ هاڻي سنڌ ۾ حيا وارا ڪنڊائتا آهن، سو تون آزاد ٿئين ته ڪيئن؟

مان تنهنجي بيرون سنڌ ڪنهن به پارٽيءَ جي شموليت جو اُن ڪري مخالف آهيان، جو اُن مان ڪو سودمند نتيجو نه نڪري سگهندو. البت تعلقات قائم رکجن. اُنهن جي رهنمائي به شايد سنڌ ئي ڪندي. شايد ڇو، يقيني طور! سنڌ جي حالت ڪجهه ان قسم جي آهي، جو ٻين جي ڪوتاهين جو بوج ته سنڌ تي پئجي سگهندو آهي، باقي اهي اسان کي ڪوبه فائدو نه ڏيئي سگهندا! هي ملڪ ئي اور آهي. مان هت توکان هن معاملي ۾ وري بلڪل علحده راءِ رکان ٿو، ته ٻاهرين آيلن (نون سنڌين) کي سنڌ جي عظمت ۽ توقير جي معاملي ۾ ڪارگر نه بڻائي سگهبو. سنڌئي اها عظمت‌ماب جاءِ آهي، جيڪا هر سرداريءَ ۽ رهنمائيءَ جي لياقت رکي ٿي. ٻين کان شان ئي نرالو ۽ علحده!

منهنجي راءِ هن باري ۾ يعني ون يونٽ وقت به ٻين کان مختلف هئي. مان ان قسم جي ٻاراڻين مخالفتن کي، جن جو مقصدئي هيچ هجي، ڪيئن روا رکي سگهيس ٿي. هڪ به تجويزون پيش ڪيون هيم، پر انهن تي مڪمل غور ٿي نه سگهيو. اڄ به ائين ئي ڪجي ته نتيجو برثواب نڪرندو ۽ ڪنهن خاص نقصان جو انديشو به نه آهي.

هاڻي به تو هڪ کي ئي تيار ڪرائي ميدان ۾ آڻڻ سان ۽ توسان سنڌ جي سڀني شعبن جي صلاحڪارن کي متصل ڪرڻ سان، سنڌ جو داخلي معاملو تمام خير ۽ عافيت سان سرانجام پذير ٿيندو. بيهوده چيخ ۽ پڪار يا رسمي صف‌آرائي

ڪرڻ جو ضرور ٿي نہ ٿئي. ھڪ رانجھو لکان جھا! اھوئي منھنجو خيال ھيو. افسوس، جو مان سان ٻيو ڪو ان ۾ شريڪ حال ڪونہ ھيو.

پاڪستان ٺھڻ کان ڪجھہ وقت اڳ آئيندہ حالات جو نقشو منھنجي ذھن ۾ تصور ۾ آيو. بھترين ساڳي حالت عملي اچي ٻڌي آھي. ١٩٥٨ع وارو فوجي انقلاب نہ اچي ھا، تہ ٻيو ڇا ٿئي ھا؟ يا ھتان جا فوجي قابض ٿين ھا، يا ٻئي ھنڌ جا فوجي اچن ھا! ھتان جي فوجين سان معاملات ٺيڪ ڪرڻ وارو ٿي تون ڪ آھين، سو نظربندين ۾!!

مان پنجاب ۽ بنگال جي رھندڙن سان تعاون ڪرڻ جي حق ۾ آھيان، ۽ آنھن کي سنڌ جي مخصوص حالتن ۾ حصيدار بڻڻ لاءِ ھرگز تيار نہ آھيان.

سنڌ ۾ تہ مسٽر جناح جو ڪتڪ آڻي، ان عظيم‌الشان سياسي تجربي کي ايرڻ ۽ پکيڙڻ ڏنوئي ڪونہ، جيڪو مرحوم شھيدالھ‌بخش جي حڪومت جي صورت ۾ ھت شروع ٿيو ھو سڄي قومن ۽ فرقن جو ھڪلي اعتماد الھ‌بخش شھيد ۾ ھو. سواءِ اقتدار پسنديءَ خود غرض، چند ھندو ليڊرن ۽ بدبخت نام نھاد مسلمان ليڊرن جي، جن ٽوڪي پنھنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. الھ‌بخش جي حڪومت جو روح دفترن ۾ نہ ھو، مان کي آن جي روح ۽ ضمير جي ترجماني ڪرڻ جو پورو پورو حق ھو.....

ٽوڪي صحيح راھ تي ھلائڻ ۾ ٿي وڏا وڏا ڪم قابل ڪاميابي ٿي سگھندا آھن!

دنيا ھڪٻئي جي قريب آھي. ھيڏا سارا وسائل، تہ بہ انسان جو ضمير اونڌہ ۾ ھجي ۽ پنھنجي ٿي مستقبل کي روشن نہ ٻڌائي سگھي، وڏو افسوسناڪ واقعو آھي.

جس نے سورج کے شعاعون کو گرفتار کیا،
زندگي کي شب تاريڪ سحر کر نہ سڪا!
(اقبال)

زندگيءَ جي ڪاريءَ رات کي سحر ڪندڙ معجزو، ڪرامت، هنر ۽ تدبير ئي تہ اسلام آهي. اهو اسلام جي بدولت آهي، جو چوڏهن صدين جي گذرڻ کان پوءِ ههڙي مشڪلات جي دور ۾، سنڌ جي چپي چپي تان اکين واري کي اهو نوراني شعاع ٻهڪندو نظر اچي ٿو. تون انهيءَ نور ڀريءَ روشنيءَ جو مشعل بردار آهين. خاڪي، فضول ۽ وقتي سياستون، انهيءَ نوراني شعلي اڳيان پنهنجو پاڻ سرنگون ٿينديون. هڪ سياست محض بيڪار طاقت جي طلب، هڪ سياست انسانيت جي عزت ۽ وقار جي نمائندگي ڪندڙ- ٻنهي ۾ فرق نہ هجي تہ پوءِ هن نظربنديءَ جي عالم ۾، هنن لاهوتي خطن ۾، سنڌ جو سياسي ڪعبو سن‌شريف ڇو سڏجي؟ هن ئي قحط الرجاليءَ ۾، بجاءِ بيسود غم ۽ افسوس جي، توکي ئي مرڪز بڻائجي تہ ڇا نٿو الله ڪري ڏيکاري! پر الله جي طاقت ۽ مهربانين جو نمائندو ڪنهن کي بڻڻ اچي؟

توڏي اهو سڀ‌ڪجهہ لکجي آيو آهي، جنهن کي اساس ۽ بنياد بڻائي، تعمير نو شروع ڪجي.

حق ۽ ناحق، ابد کان ازل تائين هڪٻئي جا مقابل، ٻہ مخالف طاقتون! حق کي بچائڻ جو سمورو جواز آهي. هر تدبير، جيڪا قوانين قدرت ۽ فطرت جي خلاف نہ هجي، حق جي بچاءَ ۾ استعمال ڪرڻ، حق جو ئي حصو آهي.

تنهنجي حياتي بہ دين رسول‌الله جو سرمايو آهي- ان سرمايي کي ائين ضايع ڪرڻ ڪاٿي ڏيندس.

ڏسين ٿو منهنجون ڪاوشون ۽ محنتون! اهي سڀ ڪتاب، جيڪي توڏي لکجي اچن ٿا، دين جا دفتر آهن، خطبہءِ

جهاد جا مختلف حصا ۽ ٽڪرا آهن. عبيدالاهي لئي انهن ۾ مضمر آهي. اهي نغما وقت جي مشڪلاتن کي حل ڪندڙ آهن. ڪو انهن تي غور ڪري ته سنڌ جي قسمت وري قيد ئي نه سگهندي. سنڌي عالم انسانيت جو خادم ۽ رهنما بڻايو ويو آهي..... دڳ صاف سڌو آهي، البت ڪن تدبيرن جي ضرورت آهي. هر دور جي فرعونن، نمرودن، شدادن ۽ يزيدن جو پيچرو به ساڳيو آهي، حق سان سندن ازلي مخاصمت ۽ دشمني! حق جي اظهار لاءِ تدبيرون ڪرڻ ئي حق جو حصو آهن..... رڳو مقصد ذاتي حصول جاهه نه هجي. باقي "ذات" ئي اهميت واري آهي. اصول، اصول وارن کان سواءِ هلندائي ڪونه آهن. مسلمان غلط هجي، ته اسلام سلامت رهندو ڪيئن؟ ..... ٻڌين ٿو يا نيم‌خواب آهين؟ ..... سنڌ ساريءَ جي فضا معمور بڻائيندڙ هي عبيدالاهي مڪتوبات دائمي اثر جا حامل آهن. هنن جي اثر، معنيٰ ۽ مفهوم کي زائل ڪرڻ جي قدرت ڪنهن کي آهي ئي ڪانه.

لاهوتي لئي سان ڀريل منهنجي درد مند دل جا نالهاي آسمان، باطل شڪن اثر رکن ٿا پهاڙن کي حرڪت ۾ آڻڻ جو!

سنڌ جي قسمت سازيءَ جو وقت ئي هيءُ آهي، جڏهن تون جي-ايم شاهه ۽ شيخ صاحب سنڌ ۾ موجود آهيو. مان ڪن مصلحتن جي پابنديءَ جا مشورا ڪونه ٿو ڏيان، پر تنهنجي وجود کي ئي مصلحت‌شڪن ڄاڻندو آهيان. ڪنهن به قسم جو مادي تصادم ضروري نه آهي. باطل پرستي به ساڳيءَ طرح ضروري نه آهي. باطل پرستيءَ جي خاتمي لاءِ ته هي ڪوششون جاري ڪجن ٿيون.....

جيڪي وهندو واپرندو آهي، اُن جو سمورو علاج توکي بڻايون اچان ٿو. يعني جي تو هڪ کي ڪنهن قريني سان استعمال ڪجي ته هن مادي دنيا جو سمورو ڪاروبار حسب منشا

هلائي سگهجي ٿو. ٻين هنڌن تي ته اهڙا آدمي آهن ئي ڪونه، سو اهي ته مجبور آهن. مان ته مجبور ڪونه آهيان، جنهن کي الله شيخ صاحب ۽ جي-ايم سيد مهيا ڪري ڏنا آهن.

مان سنڌ جي ڳالهه کڻي مهاتماگانڌيءَ وٽ ويس. مان پنهنجي ئي خطن (Parts of Country) کي هڪ نئين زندگي بخشي. منهنجي زندگي عجيب قسم جي آهي. آئيس ته غلاميءَ تي حملي آور ٿي آئيس. تو ڏٺو، غلامي ختم شد! بلوچستان جي پهاڙن ۽ ريگ جي ذرن ۾ حياتيءَ ۽ زندگيءَ جا شعلا نظر اچن ٿا!

ڪاش! ڪو صاحب نظر ۽ ڪو صاحب بصيرت هجي ها، ته آهو انهن کي ڪنهن طور ۽ طريقي سان هلائي ها! اِهي ڪنهن جي شعله فگن دل ۽ جگر جا ڪرشما آهن؟ سڀ هن دل ۽ جگر جي حرارت جون چنگاريون آهن- رڳو تنظيم نه آهي.

اقتدار جي بک ته جهاد نه آهي. ائين ته ناهر، مرون ۽ دور حاضر جو انسان به ڪري ٿو. ان خلاف ئي جهنڊي شريف جي مدرسي جي معلمي ترڪ ڪري، بلوچستان جي ريگستاني علائقن کان ڪابل، ڪابل کان سخت مشڪل سنگلاخن مان پار پئي، ماسڪو، ماسڪو کان يورپ، يورپ کان حرم ڪعبي، ڪعبي کان وري خاڪ مقدس سنڌ جي طواف ۽ دائمي سجدي ۾ جبين رکڻ لاءِ، حضرت مولانا عبيدالله سنڌي ڪونه پاڻ پتوڙيندو رهيو! مقصد انسانيت جي فلاح، مقصد انسانيت جي نجات— ساڳيوئي مقصد هنن خطوط جو آهي. فضا ڪهڙي به هجي، هيءُ ڏيئو قيامت تائين جلڻو آهي، قيامت تائين اها روشني رهڻي آهي.

هن حق جي آواز کي نه روس، نه آمريڪا، نه نازي نه عريانيت، نه سئنيما، نه فيشن، نه هي، نه هو، هميشه لاءِ ختم ڪري سگهندا. حق، حق آهي ۽ قيامت تائين رهڻو آهي.

ڏسين ٿو ته سنڌ جي ڪهڙين حالتن ۾ سن شريف جي نظربنديءَ جو نوراني مشعل ٻري ٿو!

انساني وهم ۽ گسان اتي وڃي سگهڻو هو، ته مسلم ليگ جا ٻلا سيني تي لڳائي، ڪراچيءَ جي بازارين ۾ يلغار ڪندڙ جي-ايم-سيد، ان ساڳئي (مسلم ليگي) گروه جي حڪومت جو نظربند ٿيندو، جنهن جو هو واضح ۽ صاف صاف باني آهي!

تون ئي سندن محسن اعظم آهين. الله کي توکي بچائڻو هو، سوتون بچي وئين- ۽ هاڻي هي خطوط توکي ملن ٿا ته هن متاع گران بها کان صحيح ڪم وٺ!

— محمدامين کوسو.

(٢٠)

عزيزآباد، انڙ واه، ضلع جيڪب آباد، ١٧-٢-١٩٦٦ع.

حضرت قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

ڪهڙو نه زور آور آهين. توکي سمجهايان ته ڪيئن سمجهايان؟ ... .... ڪنهن ٻئي جي به ٻڌ! تنهنجي نظربندي بلڪل بلڪل ناجائز آهي. منهنجي خطن کي رد ڪرڻ جو نه ڪو اختيار رکي ٿو ۽ نه رد ٿي سگهندا. هي احڪامات ڄاڻ! آخر ڪو اشارو ظاهر ۽ باطن آهي، جو ائين ويٺو لکان ٿو.

مڃ! ضد ۽ هوڏ ڇڏ، نه ته مان ٽپي پيس، ته مان کي تون ڇڏائي نه سگهندين. مان کي پنهنجي ڳڻتي نه آهي. مان ٻين جي حڪمن جي ٻنڌڻن کي ٽوڙڻ نه گهرندو آهيان. غلام آهيان ڪن اهڙن جو جن جي اجازت بغير ڪجهه ڪرڻ ڏوهه آهي.

حڪومت جون مصلحتون ٽوڙڻ به ڄاڻندو آهيان.

تاريخ انسانيت تي نظر ڪر. مان پارا ئي ڦاسين تي چڙهندي، ۽ زهر جي پيالن پيئندي، رجز ڳائيندا نظر ايندو!

تو پاڻ جي نظربندي سڄي ڪوڪهٽ واقعو نه آهي! تون مان ڪي پنهنجي ساهه کان پياروءَ نه هجين تہ هڙا خط لکان ڇو؟ يا تون مسٽر جناح کان جدا ٿيڻ ڇو ها؟ منهنجي ڪاڻ ڪا ڇڪ هن انقلاب ۾ ضرور پوشيده آهي. توتي پاڻ قربان ڪرڻ جـو هنر نہ ڄاڻندو آهيان ڇا؟ اهو تہ آسان ۽ آسان مرحلو آهي، جو لحظي اندر طي ڪري وڃجي. مان ڪي امتحانن ۾ نہ وجهه! شمع ۽ پروانی جو قصو ڪو پراڻو قصو ڪونہ آهي. شمع روشن ڪر، ۽ پرواني جي تاريخ پڙهي وڃ! توکي لاچار ٿي مان خبردار ٿو ڪريان تہ مان ڪون تنهنجي نظربندي وڌيڪ برداشت نٿي ٿي سگهي.

ٹُو تو جلتي ہے کہ پروانون کو ہو سودا تیرا
مین فروزاں ہون کہ ہے مضمر میری فطرت ہی سوز!

تون سنڌين جو، توڙي پارت ۽ آهن، منهنجي ذريعي واحد ليڊر آهين. منهنجي ذريعي ٿي ڪري، جو جيڪڏهن وري مسٽر جناح ياد ڪيو، تہ ڪا نڪيلي تہ هجيئي، جو روڪي سگهان؟ اڇا سودو توکي مسٽر جناح جون يادگيريون آهن. ڇڏ جند ويچاري جي! — محمد امين کوسو.

(۲۱)

۱۸-۲-۱۹۶۶ع، حضرت قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

مان جو توکي پاڪستان ۽ حاڪمن جو حاڪم لکندو آهيان. ٻيو ڪير آهي جو ان کي رد ڪيئي سگهي؟ خوف رکو اهو آهي تہ وري نہ جناحي وهڪري ۾ وهي وڃين. ڏوڙ ڪيڻ، ڇائي ليڪ ۾ آڻ جا ٿي عڪس آهن. راهه گم ڪيلن جا مجموعا!!

ڪير ٿيندا آهن اهي ڏيڏر، چمڙا ۽ چبرا توکي نظربند ڪرڻ وارا؟ تون منهنجي خطن جي اهميت پنهنجي دل سان

هنڊاءِ تہ سهي! مهرباني ڪري منهنجا خط پڙهہ، چڱيءَ طرح پڙهہ ۽ دل جون اکيون کولي پڙهہ!.....

ڪڏهن ڪا عقل جي ڳالهہ، سواءِ جناح کي ڇڏڻ جي، تو ڪئي آهي سهي؟ اها بہ پاڻئون نہ ڪيئي، سنڌ کي تباهہ ڪري پوءِ! اڌ ننڊ تنهنجي ڀڳي، اڃا بہ جاڳيو ڪونہ آهين؟ جاڳ- جاڳ! منهنجا هي غفلت شڪن، حق پرست خط توکي ملن ٿا؟ انسانيت جي خدمت جون سڀ راهون هنن خطن ۾ اشاري طور ملنديءَ!..... تون هنن خطن جي مفهوم مطابق، ٽن آدمين جي گروه، محاذ، مجموعي ۽ جماعت کي حق تسليم ڪر! ٽن جي جماعت حق بين ۽ حق پرست، سنڌ ساز، انسانيت جي خادم ۽ محافظ:

(١) فخر سنڌ و هند شيخ عبدالمجيد سنڌي.
(٢) سياسي پيشواي سنڌ حضرت قبلا جي- يم-سيد.
(٣) ڀرچونڊي شريف جو ادنيٰ خادم ۽ هنن خطوط جو لکندڙ، محمدامين کوسو.....

.... بابا شاهہ سڳورا! شيخ صاحب تہ ايوب خان جو صدر، تہ راڌا ڪرشن جو بہ صدر. اهي ٻيئي سندس سياسي ٽڪريل ۽ نمڪخور— راڌا ڪرشن، اهو ڪم عقل خالي خولي فلسفي جا ڪتاب لکندو ۽ پڙهائيندو هو، اُن وقت هيءُ مرد مجاهد (شيخ صاحب) هندستان جي غلاميءَ جي زنجير جي ڪڙين تي پنهنجي ئي آواز سان ڌڪ هڻي، ٽوڙي رهيو هو.

ٻيئي هٿ ٻڌي، سندس سياسي عظمت اڳيان سجدا ڪجن! زنده ڪرامتون هن جي نالي مان عيان ٿيون آهن. هيءُ جي مان تي اثر نہ وجهي ها، تہ اهو ڪيئن ٿيان ها، جو آهيان! عجيب دل‌آويز شخصيت آهي شيخ عبدالمجيد جي! هن وقت تائين نہ پاڻ پاڻ کي: ڄاتائين، نہ ٻين کيس ڄاتو— حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو فرمان توکي نہ لکيو اٿم، تہ وري لکان ٿو:

مان وٽ هڪ منجهندڙي جو اڪيلو زميندار هوندل ۽ آيل. اچي فرمائش لڳا ته "خان! اسان کي اسان جو شيخ صاحب پيارو آهي. شيخ صاحب جا پيار پيارا آهن. تون ليک وغيره ڪري، شيخ صاحب سان تکو نه ڳالهائيندو ڪر. جي ائين ڪندين ته اسان کي ڏاڍو ڏک رسندو۔۔۔ اسان توکي چئون ٿا ته تون پنهنجي زمين شيخ صاحب واسطي وکڻ ته وڪڻ ڏين؟" مان عرض ڪيو ته "ها!" آن تي ڏاڍو خوش ٿيا. مانيگڏجي ڪاڏيسي. پوه مان کي فرمائش لڳا ته شيخ صاحب ڏي هلون۔ شيخ صاحب جي جاه به قريب ئي هوندي هئي. پيهري جي نماز جو وقت آيو ته فرمائش لڳا ته "وضو ڪر ته نماز پڙهون." مان کي روحاني خوشي ٿيڻ لڳي ته اڄ سندس امانت نصيب ٿيندي. مان کي فرمايائون "نماز پڙهاه!" مان ڪلندي چيو ته "مان ....؟" "ها.... تون!" ارشاد مقدس ٿيو. نماز شروع ڪرايم. پٺيان نه، اڳيان به امام۔ حضرت امام العرب والعجم مولانا سندي ۽ شيخ عبدالمجيد..... ياد اٿئي ته کهڙي جو راج هو. مسٽر جناح جيئرو هو. سر غلام حسين گورنر هو. مان کي کهڙي مرڪزي حڪومت جي سفارش يا وارنٽ تي گرفتار ڪرايو هو، الزام شايد اهو ته بلوچستان اندر نقلي انگريزن جو سارو کيل منهنجي اشاري تي خراب ٿئي ٿو. اهو الزام هو يا صداقت، ڪير چئي سگهندو؟ چو جو براه راست ڪنهن کي ڪجهه چوڻ ته مان پاڪستان ٺهڻ کان ڏيڍ سال اڳ ترڪ ڪيو هو.... توکي ۽ شيخ صاحب کي حيدر منزل ۾ به ئي دڙڪا ڏنم، ته توهان ٻيئي چوڻ لڳئو، "جيئن حڪم ڪر۔ پر اسان جي مڃيندو ڪير؟" شيخ صاحب کاڏي ٻيئي هٿ ٻڌا "حضور! تون ئي! اسان جو ليڈر، جيئن حڪم ڪندين، مڃينداسين." ۔۔۔ ان کان پوه مسٽر غلام حسين سان ملوس..... پرمائند وڪيل سان پاڻي. شربت، جيڪو پيندا آهن، پي رهيو هو. مان چيو توهان شربت پيئو ۽ مشغول آهيو ته مان نماز پڙهي وٺان. مصلو گهرائي

ڏنائين. هيٺ لان تي وڃي مغرب جي نماز ادا ڪيم. پوءِ اچي حڪم ڪيم ته "کهڙي کي ختم ڪر!"- چئي "مان وٽ رات سندس گهر واري آئي هئي. مائيءَ رئو مٿي تان لاٿو ٿي." مان چيو، "ڪجهه به نه ٻڌندس. هن ڪميڻي مان کي گرفتار ڪرائيندڙ وارنٽ روڪيا ڇو نه؟ تو وٽ وفاداريءَ جو صلو اهو آهي! مان ڪڏهين به تنهنجي مخالفت هڪ لحظي ۽ گهڙيءَ خاطر به سنڌ اسيمبليءَ ۾ نه ڪئي. تون وڃ، مسٽر جناح کي چئه! پاڪستان ته انگريزن کان تو ورتو. هنن کي تو صلاح ڏني ۽ تنهنجي صلاح مڃياتون. اهم تون آهين ۽ نه اهو کوجو..."

"بابا، ائين ته نه چئو!" — "ائين ڇو نه چوان؟ حقيقت آهي! تون گورنر هجين ۽ آءُ کهڙي جي ڪري جيل ۾ هجان، ڇو؟" — "ڇا ڪريان؟" — "ڏند ڪڍي رکينس. ٻيو ڇا ڪريان؟ اڃا پڇا ڪرين ٿو؟ مان سان اهو بدبخت اٽڪيو ڇاجي واسطي؟" تو ڏٺو، پوءِ پير الاهي بخش سنڌ جو وزير اعظم شد!.....

تون ۽ شيخ عبدالمجيد، پاڪستان ۽ هندستان ٻنهي کان ڳورا آهيو. پڙهين ٿو يا نه؟ هڪ هيرو، اُن جي مقابلي ۾ مڻ ڇيڻن جا ڪٺا ڪجن، ته ڇا ٿيندو؟

قدر زر زرگر بداند، قدر گوهر جوهري!

شيخ صاحب پياري جو قدر ۽ قيمت ڪو مان کان پڇا ڪري؟

تون نظربند آهين — ظلم ڙي ظلم! شير خدا جو چمڙن جي بنديخاني ۾! آسماني غضب اڃا به نه اچي؟

حقيقت ۾ تون نظربنديءَ ۾ آزاد، ٻيا آزاديءَ ۾ قيد آهن. پر مان کي اهو نمونوئي نٿو وڻي. ٿيندا اُهي ڪير آهن تو کي نظربند ڪندڙ؟..... — محمد امين کوسو

(٢٢)

عزيزآباد، ١٨-٢-١٩٦٦ع،

حضرت قبلا جي-ايم-شاه صاحب!

السلام عليڪم: تنهنجي تعريفن ۾ جاذب توجهه رکو تنهنجو نالو آهي، ورنه اُنهن جو مطلب ۽ طرز اڪثر مقلدانه آهي. يعني جيئن ٻيو ڪو رواجي ۽ رسمي آدمي، سطحي نگاه وارو لکي. جڏهن دل ۽ جگر ڪنهن معشوق جي چشم نيم باز جي تيرن کان گهائل نه ٿيل هجن، ته ائين ئي هئڻ گهرجي! برعڪس اُن جي منهنجي هر ادا کي ڏس! معلوم ۽ محسوس ٿيندو ته هڪ رند مست الست محو خرام آهي، يا قلم بتڪلم رکي ٿو.

مان به ڪڏهن ڪاليجن ۾ پڙهيو آهيان. سڀڪجهه، جيڪي موجوده دنيا جو حصو ۽ ورثو آهي، ڄاڻڻ گهران ته ڄاڻي سگهندو آهيان، پر،

بالا بلند عشوه‌گر سرو ناز من
ڪوتاه ڪرد قصهٔ زهد دراز من!

جنهن وقت کان سندس چشم ناز جو گهائل ٿيو آهيان، چئي نه سگهندس ته ڪابه گهڙي اهڙي گذري هجي، جيڪا سندس خيال کان سراسر خالي هجي!- تون انهن سر مستين کان آجو رهيو آهين. تڏهن ته سجدن جي بي ڪيفيتن جو ذڪر ڪرين ٿو! هت ته هر معاملي جو دامن وڃي انهيءَ جي پاي مقدس جي نشان خاڪ اطهر سان ڳنڍيندو آهيان. منهنجا گناهه ۽ عيب، عيب ئي نٿا رهن، جو هن گناهه بخشائيندڙ ۽ عيب ڍڪيندڙ ڪرم نواز جي قدمن تي سجدن تائين پهچائين ٿا.

نازم به ڪفر خويش ڪه ايمان برابر است

انهيءَ جي محبت سان ئي تنهنجي محبت ڳنڍيل آهي.
اڳي هڪ خط ۾ ارشاد لکجي آيو آهي ته چوينس ته سنڌ جو روح اسلامي آهي. ڪير ان کي خواب چوندو؟ ڪير هن پيغام موڪليندڙ کي صاحب وصال چوندو؟ ڪير هنن خطن کي رواجي معنيٰ وارو چوندو؟ سواءِ انهن جي، جيڪي دل ۽ اکيون انڌيون وٺي آيا، ۽ انڌيون ئي قبر تائين کڻي ويا!

پوءِ، تنهنجي نالي تبليغ ئي هڪ اهم ترين ڪم آهي. اُن نالي جي ذريعي ڦهلاءُ ئي "حق" ٿيڻ وارو آهي. مطلب ڍڪائيندڙ، انهيءَ کي پاڻ موزون ۽ گهربل مطلب ڍڪائيندا....

فرد واحد کي هنن خطن ۾ پڪار آهي. اهو مطلب ته ايڏو مشڪل نه آهي، جو سمجهڻ ڏکيو هجي. اهو فرد واحد ايڏو ئي ضعيف، ڪمزور ۽ معاملي فهميءَ جي لحاظ کان دور از ڪار افتاده هجي ها، ته هنن خطن جو مرڪزي نقطو نه بڻجي ها.... منهنجي هنن خطن، دل ۾ درد ذرو پيدا ڪيئه، ته پاڻهي اهڙو سڌو ٿي بيهندين، جو دنيا ڏسندي.

---- هي حق پرستيءَ جا افسانا، فتني ۽ فساد لاءِ ته زماني جي سيني تي نٿو اُڪيريان. فتنو گهٽ ٿئي، ايترو ته گهٽ ٿئي، جو ڀٽڪيل انسان پنهنجو اصلي مقام ڄاڻي؛ اِن لاءِ ته تو سيدعالي مقام جي ضد ۽ غصي جو رخ ڦيرڻ ۾ مشغول آهيان ...---- تو پارن جو وجود نعمت آهي. اُن نعمت جو قدر نه ڪندڙ فرد يا قومون يقينان تباهه ٿينديون آهن. پوءِ خود تون به انهن کي بچائي نه سگهندين. لهاذا توتي فرض هيو ۽ آهي ته انهن کي پاڻ سڃاڻاءِ! هنن خطن جو مقصد جي-ايم سيد جو تعارف به آهي. تون ڇا آهين، ڇا نه آهين؟ اُن جو هڪ ادنيٰ پهلو، هنن خطن ۾ سمائجي تو وٽ پهتو آهي. اهو جيتريقدر مستقبل جو سرمايو آهي، اوتروئي حال جو به حصو آهي. ڪنهن کي جي تنهنجيءَ تعريف جو اهو نمونو نه وڻي، ته بيشڪ ڦاهو

کائي پاڻ ماري، زهر ڪائي خانءو آڻي يا پاڻ کي گولي هڻي، منهنجي ان کي ڪلي اجازت آهي. مان کي جيڪي چوڻو هو، سو چوندو رهيو آهيان.....

مان پرولين وارو نہ آهيان. عملي جدوجهد جي سينءي قسمن کان مڪمل واقفيت رکندڙ، هنگام خيز مرد غوغا آهيان. منهنجون خاموشيون انقلاب آفرين، منهنجو ڪنڌائتو ٽيون معنيٰ ۽ مطالب سان پرپور آهي. ڪاش! مان عاجز تي تنهنجي نظر عنايت هاڻي ٻ پوي.

عمل جو هنگامو، فڪر جي هنگامي سان واسطو رکندو آهي. فڪرئي غلط هجي تہ ٻوءِ هنگاموئي بيسود! ويڙهاڻ ۽ خونريزيون ڪرائڻ مفسدن جو ڪم آهي. مصلحن جو اهو وطيرو تہ نہ آهي..... توکي چيم، سنڌ جو هندو اسلام جي روح ۽ ضمير کي بلڪل ويجهو آهي. اهو يقينان تو جي-ايم شاهہ جي آواز تي بيڪ آواز لبيڪ چوندو، سواه چرين ۽ بدمعاشن جي. اهو طبقو هرهنڌ موجود آهي. تونڏي سنڌن ليڊر آهين- "سنڌ تنهنجي، تون سنڌ جو" ـــ هي خطوط الهامي چوندا رهن ٿا. هنن خطن جو منڪر ٻ ڪافر عشق آهي. ڪافر عشق جو هيءَ جهان ٻ چٽ تہ هو جهان ٻ چٽ. ان ٻيٽي چنڊائيءَ ۽ بدبختيءَ کان الله پناهہ ڏئي!

ـــ محمد امين کوسو

(۲۳)

۲۰-۲-۱۹۶۶ع حضرت قبلا جي-ايم-شاهہ صاحب!

سيد علي محمد شاهہ راشديءَ صاحب جا مضامين اخبار "جنگ" ۽ شيءِ کان اول ئي پڙهندو آهيان. ٻہ متضاد اثر پوندا آهن. "عقل ڪل" قسم جو انسان ۽ ديده دانستہ گهٽو ڪري ڪن ڪچري سان پريل مضمون، محض ٻيٽ پرڻ خاطر، ٻيدا ڪندو رهندو آهي.

"گوهر داشت ولے نذرقباء و جم ڪرد"

تون نہ سڌو ٿي پوين، تہ هيءَ عقل فروش ڪاڏي ويندو؟ تو هڪ جي شترغمزن ئي ڪم الٽہ ڪري رکيو. توکي نظربندين جا مشورا ڪنهن بدبخت ڏنا ڇو؟ تو پارن جي جتين جي خاڪ کي سرمو ڪجي، يا توکي نظربند ڪجي؟ جاتي بہ هجين ها، حق ۽ صداقت تنهنجي موجودگيءَ مان پيا ٽمن ها، چوين ڇا بہ، هجين ڪنهن سان بہ!

هر ڪجا ڪہ بـــود چشمۂ شيرين
مردم و مـــور ومگس گـرد آينـــد

مان تہ توسان هڪ قسم جو بائڪاٽ ڪيو هو، ڇو جو تو سنئون دڳ وٺڻ ڇڏي ڏنو. پورو زور هلائڻ لاءِ مان تيار ڪونہ ٿي ٿو سگهان، پوءِ توسان چنڊوخاني ڳالهين بابت ڇا ڳالهايان ها؟

مان چيستان نٿو لکان. منهنجي پنهنجي لاڳاپن جا ابواب ياد ڪري سگهين تہ ڪر ويندي، ڄيٺيءَ جي بدم گفتي و خورسندم تائين. مان مسڪين کي ناحق جو هـن ڪمعقل پر باهمٿ هاٿياڻيءَ جو عاشق زار پيو بڻائين. اهي سڀ ڪم تنهنجا!

تون عجيب لطيف قسم جو آدمي آهين، سوخودغرض توکي، حسب منشا، هر ڪنهن موقعي تي غلط استعمال ڪن. هنن جي چالاڪين ۽ ملڪ فروشين تي تنهنجي نگاهہ ئي ڪانہ!

مان صاف خيالن ۽ پروگرامن وارو. هڪ تر جيترو بہ نقص منهنجي اسڪيمن ۾ ڪو ثابت ڪري وڃي، تہ ٽڪو ڏنڊي ڀري ڏيان. خود موجوده انقلابات جـي تحريڪن جي مرتب ڪرڻ بابت منهنجي راهہ عمل ۾ جيڪڏهن ٺاهڻ ۽ جوڙڻ تي اچان تہ اميد آهي تہ غلطي ڪانہ ٿيندي. عملي دنيا جي لاهين چاڙهين تي انساني وسعت مطابق ڪافي غور ڪندو آهيان..... تنهنجي هوندي سنڌ ڪمزور ٿي ئي نہ سگهندي

آهي. تون ڪتاب لکين ٿو. ڪٿي بيهار پاڻ کي دنيا جي انڌن ماڻهن جي سامهون- ”سنڌ هيءَ آهي“! پوءِ لکجي ته تو بابت لکجي، تنهنجو نالو لکجي، تنهنجا فوٽا ڪڍجن. سڀڪجهه انهيءَ هڪ نالي ۾ داخل ۽ درج آهي..... سنڌ جي سرزمين تي ڪروڙين دفعا قربان ٿجي، جو تو پاري لاهوتيءَ کي جنم ڏنائين. سنڌ جو نالو تو مرڻ ۽ ميسارڻ کان بچائي ورتو. اؤن (۽) جي هجين ها مسٽر جناح وارو، ته شايد انهيءَ جي مقبري مان به دانهون نڪرن ها.....

سنڌ جي دوزخ جهڙي سياسي زندگي، تو هڪ سبب ايتري ساڙيندڙ نه آهي. هاڻي تون کڻي گلزاري ابراهيم بڻائينس. سڀ ڪجهه بغير تصادم جي، بغير جهڳڙي جي، بغير خونريزيءَ جي رڳو تو هڪ جي نالي تي ڪري ڏيڻ آسان ٿيندو..... سياسي طور اسان خطا ڪار ڪونه آهيون، ملڪ جا دشمن ڪونه آهيون، ڪفر ۽ شرڪ جا مبلغ ڪونه آهيون. پوءِ به تو پاري بلا جي طاقتن ۽ صلاحيتن واري جي موجودگيءَ ۾ غلط ڪم ٿين ڇو؟.....

مولانا ابوالڪلام آزاد جي قبر تي تون، مان ۽ حضرت شيخ صاحب گڏجي هلنداسون. چون ٿا ڀرسان اٿس سرمد. ڄاڻندو سڃاڻندو آهين آن مرد مجاهد کي؟ روح و قلب ۽ عشق جي آڳ حاصل ڪرڻ ۾ سنڌي آهي! شريعت جي نالي سر ڏيڻ قبول ڪيائين. ورنه اورنگزيب جي پڄڻ جي ڀيڻي ڪانه هيس. سياستون ڪاٿي هلائيندو هو هي خدا نما الله وارو. ماڻهن سندس متعلق غلط افسانا گهڙيا آهن، منهنجو مٺو محبوب سائين سندس مزار تي فاتحه لاءِ ويو هو. مان پڇا ڪئي ته ”سرمد کي زيارتون ڪرائي آيا؟“- ”ها فاتحه پڙهي آيا سي،“ ارشاد مقدس هو. مٺي محبوب سائنءَ جا سلام ”حضرت“ مولانا ابوالڪلام آزاد جي قبر تي کڻي ويندس. حضرت به هنن پيغامن جي لفظ

قلم مان نڪرڻ کان پوءِ پهريون ڀيرو لکيو اٿم! سائينءَ سان ته اڳ ۾ ئي ملايو هوم پرپٽ. پاڻ ڪراچي جيل ۾ نظربند هيا، سندن ماڻهو مولوُ مسافرخاني ۾ هئا، جنهن جي نالي تي بدتميزن "مولوي مسافر" خانو بڻائي رکيو. مان کين چيو ته مولانا آزاد جي رهڻ واريءَ جاءِ تي وڃو. مولانا اسان جي يار لال جي ملهوترا جو مهمان هو. انهن ملاقاتن جي نتيجي ۾ شايد تو استعفا ڏيئي، وزارت ۾ الهه بخش مرحوم ڏوباره آندو.... هڪ دفعي تنهنجي ۽ شيخ صاحب جي چوڻ تي الهه بخش جو سخت مخالف ٿي پيو هو. مان دهليءَ ۾ گانڌي مهاتما وٽ پيش ٿيس ۽ مولانا کي مهاتما جي ذريعي ڦيرايم. ڦريو ته قطعان ڪونه، رڳو ماٺ لاچار کڻي ڪيائين.

اڄ ئي حضرت قبلي مٺي محبوب سائينءَ جي نالي تي مولانا آزاد بابت منهنجي دل ۽ دماغ رخ ئي پيو ورتو آهي. سندس قبر تي وڃي زار زار روئندس. منهنجي روڻڻ جو مطلب اهو ڄاڻندو ۽ پاڻ به مان سان شامل ٿيندو. حضرت مولانا به دردمند دل جو مالڪ هيو.....

شيخ صاحب کي عوامي ليگ جي ڊيڊاڻي سنگت کان باز آڻ. پاڻ ئي محفل، پاڻ ئي جماعت، پاڻ ئي محاذ، پاڻ ئي قوم ۽ ملڪ. اهڙن کي خود غرضن سان شامل ٿيڻ جي حاجت ڪهڙي؟

بخال و خط چه حاجت روي زيبا را

سنڌ ڇا آهي؟ انڌا ته ڪونه آهن، توکي ۽ شيخ صاحب کي کڻي ڏسن! اٿن ڪو توهان پارو، ته منهنجي مقابلي ۾ اچن، نه ته کڻي توهان ٻنهي اڳيان سجدا ڪن. پاڻ وٽ جو ڏيڏر، چبرا ۽ چمڙا اٿن، ته مان پنهنجي بيمثل ۽ بيبدل انسانيت جي زيب ۽ زينت کي بالا ڪندڙ هيرن کي سندن ڪري هلڪو ڪريان؟ نه بابا، اهو ڪم مان کون نه پڄڻ وارو! پوري

پاڪستان جا اهي سڀ سياسي ليڊر گڏ ڪجن، تہ شيخ صاحب جي جوتي چپل برابر نہ ڄاڻان!

پڙهين ٿو يا هنن خطوط جي ملڻ کان پوءِ ۽ دل بند اٿيئي؟ پڙهندو ڪر۔ هنن خطوط جو لکندڙ شايد نہ ڪري، تون آنهن جي تبليغ کي ۽ مذهبي ۽ سياسي فريضو ڄاڻ۔ الفاظ ڪهڙا ۽ هجن، هنن ۾ اهو ڪجهہ اچي ويو آهي، جو ٻئي هنڌ ڪاڏي ۽ ڪونہ آهي۔

نغمہ هندي هے تو ڪيا، لئے تو حجازي هے
عجمي خم هے تو ڪيا، مے تو حجازي هے!

— محمدامين ڪوسو۔

قلم تازو: سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ڏي، تنهنجي ڪري هڪ خط لکجي ويو۔ هيءُ رواجي خط نہ ٿيو، حصو آهي سنڌ جي تاريخ نو جي عظمت ماب باب جو۔ توکي ٿي موڪليان ٿو۔ پاڻ وٽ نقل رکائينس، موڪلينس يا نہ موڪلينس، خط جو ڪم ٿي وجود ۽ اچڻ هو، سو آهي۔ تو ڪائين پهتو، بس خط ۽ منهنجو فرض پورو ٿيو۔ — محمدامين ڪوسو۔

(۲۴)

عزيز آباد، انڙواهہ، ۱۶-۲-۱۹۶۶ع۔

بجناب سيد غلام مصطفيٰ شاهہ صاحب!

هڪ سيد، ٻيو سنڌ جي هن دور جي اهمرترين ... رد مجاهد حضرت قبلي جي-ايم-سيد جون توتي عنايتون ڏسندو رهيو آهيان، تنهنڪري عريضو لکان ٿو۔

شاگرد هوندو هئين، تہ جي-ايم-سيد جو سلامي هوندو هئين۔ اڄ ميرن ۽ ڪلهوڙن واريءَ حيدرآباد ۽ ان صلي ۽ تعليمات جو وڏو عهدو حاصل ڪيو اٿئي۔ اهو سڀڪجهہ تو تي

الله جو فضل ۽ اُن مرد مولي جي شفقت جو اثر آهي. سياسي معنيٰ ۾ سنڌ جو محافظ اهو هڪ آهي. اهو نه هجي ته سنڌ هڪ ويرانو هجي. هندستان جي ڪنهن ٻئي برڪٽي ۾ فخر سنڌ شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ حضرت قبلي جي-ايم-سيد جي پاڻي جو آدمي ڪونه آهي. وري ڪنهن بہ برڪٽي جا آدمي پنهنجي محسنن کان انهن بيخبر نه آهن، جيئن هن برڪٽي جا هي خط غفلت شڪني لاه ٿي لکان ٿو. رسمي مبارڪون ته آهن ئي آهن. الحمدالله! جناح پرستيءَ کان حال في الحال ته جي-ايم کي چڏائي رکيو انهن آئيندي جو پتو نه انهن. اهو به مهلڪ مرض آهي، وري شل عود ڪري نه اچي!

حيدرآباد ۾ تنهنجو اچڻ مبارڪ! جي-ايم سيد سان جيئرو جاگندو تعلق رک! سنڌ کي مرڻ نه ڏنائين. ٻاڻ جيلن ۽ نظربندين ۾ رهي ڪري سنڌ کي جيئرو رکيو انس. خدا پناهه ڏئي!.... اها قوم جا اهڙي محسن کي نه سڃاڻي، سا تباهه ۽ برباد ٿي ويندي آهي. تون ته تعليمات جو ماهر آهين. توکان ته اهو مرڪزي نقطو ڪجهو نه هوندو، منهنجي ٿي دعائن وڃي هڻي هنڌ ڪيو. جي-ايم-سيد سنڌ کي غلام ڪندڙ ليکي ڪٽڪ وٽي آيو هو، اڄ سنڌ جي آزاديءَ خاطر نظربند آهي! سنڌ جي تعليم جي لحاظ کان ٿي اهم ترين شخصيت آهي. مٿس بندشون، جهالت، هر ڪنهن قسم جي جهالت، جو ثبوت آهي. جاهل نه هجن ها، ته هن تي بندشون وجهن ڇو ها؟ ڪڏهن جو پڙهائڻ آسان آهي، هنن خرن کي سواه ڏنڊين هڻڻ جي سمجهائڻ ممڪن نه آهي. جي-ايم-سيد نظربند آهي ته ساري سنڌ نظربند آهي. انهيءَ جي صدقي ۽ طفيلي بادشاهه ٻڌيا ويٺا آهن. اها ڪا ماضيءَ جي تاريخ ڪانه آهي، اڄ ڪلهه جي ۽ اسان جي ٿي ناهيل تاريخ آهي. جنهن جي صدقي نمڪحرام بادشاه ٻڌيا، ان کي نظربند ڪيون اچن ٿا. محسن‌ڪش، ظاهر ۽ باطن پليدسـ متان

پنهنجي دل ۽ دماغ کي هنن خبيثن جي محبت سان آلوده ڪيو اٿئي! باقي زماني ساريءَ جو هنر تون ڄاڻين ٿو. زماني سان هلڻ ۽ انسانيت کي وسارڻ اهو ٺيڪ نه آهي.

وقت اچڻ وارو آهي، جڏهن سنڌ سجاڳ ٿيندي. اهو وقت دير يا ويجهو ضرور اچڻو آهي. اُن وقت جو توکي به خيال رکڻ گهرجي. سنڌ ٻين جي محتاج نه آهي. سنڌ اسلامي نقطي نگاه کان ته دنيا جو رهبر ملڪ آهي. الله وارا اهڙا، جن جهڙو اصحابه جي دور کان سواءِ ڪڏهين به ڪونه آيو، سي اسان جي سنڌ ۾ ٿي گذريا آهن. حضرت قبلو منهنجو پير عبدالرحمان ڀرچونڊي شريف وارو، ٻيو مولانا عبيدالله سنڌي. سياست ۾ ٻه نالا اهم لکيا اٿم: حضرت شيخ صاحب ۽ حضرت جي-ايم سيد!

هيتري وقت تائين توکي واعظ نه ٻڌايو هوم. اڄ اُن فرض کان به آجو ٿيس. پيارو ته هميشه هوندو هئين. دوباره توکي مبارڪون ۽ خود حيدرآباد ريجن کي مبارڪون، جو تون تعليمات جو وڏو عهديدار ٿي آيو آهين. اصل مبارڪون جي-ايم سيد کي، جنهن هميشه تنهنجي همت افزائي پئي ڪئي آهي.

— نياز مند، محمد امين کوسو.

(٢٥)

٢٠-٢-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم شاهه صاحب!

نقلي ۽ سطحي آدمين جي پروگرامن، تجويزن ۽ خيالن تي هلڻ سان قومون فنا ٿي ويون. افراد برباد ٿيا، بادشاهه ۽ سلطان بي‌خان‌مان ٿيا. نااهلن، ڪم‌همتن ۽ ڪم‌عقلن جون تباهڪاريون انساني تاريخ جي صفحن تي پکڙيل آهن.

سنڌ جي جاهه ۽ حشمت جيڪا بچيل هئي، تنهن کي فنائيت آئي ڇاڪاڻ ته تو پارو خانقاهي سيد وقتي جوش ۽

خروش ۾ اچي. پوءِ ڏاڪ جي جاڙهين تي لڳو. هاڻي وري "طيقاتي- طيقاتي" لفظ جي رٽ شروع ڪئي اٿئي. طبقاتي جي معنيٰ ۽ چاڻندو آهيئي. يا ٻئي ڪالهين تي جملهه پڌي ڪرو آهين.

خير. سائق ٻاڻ الڻ راهه جو واقف آهيان. اها منزل هت کانه آڻي آهي. جو ساڻي مڃڻ وارن سيڊن ۽ شريفن جي گهرن ۽ عزتن کي ٻڪين ۽ چرسن جي هٿان "طيقاتي" لفظ جي ڏڻي ۾ اچي لٽن ۽ لٽڻ جو حڪم ڏيان.... هاڻ حضرت مولانا جي ديدار کانپوءِ جهالت جو داعي ته ٿي سگهندس ۽ نه الاسي طرز فڪر جڏي سگهندس.

توهان سڀني جي ناموس ۽ عزت جو محافظ اڄا ته حياتي آهيئي. جو ٿو ايترينقدر مايوس ٿيو پوين. اڪ امڙو قدم نه کڻجي هاڻ ته اڇوڪا ڏيڻهن ئي ته ڏسجن ها. ضرورت امڙي زاڪ جي سرڊست ڪانه آهي. پٽي ته پڙهندا سين. سڀني ۾ ڏنهنجي ڏاڏي ورتي. ساري دنيا جي نجات جو آساڻي سان سبب بڻي سگهي ٿو الاڙا!

"طيقات ۽ طيقاتي" جا آندا ڪوندا هڪ دفعو ته هزار دفعا آيريشن ٿوڙي ٻئير آيريشن جي ٻه ڏٻا اٿن. هتن نظرين جو مڪمل ملهر آهيائي. اهي هولناڪيون ڏنهنجي وهر ۽ ڪمان ۾ آهن ئي ڪوتي جيڪي انهن لفظن سان وابسته آهن. ڏنهنجي ڏاڏي وڏن سائق عالمگير امن امان جو ٻڌويسٽ ٿيندو. ته ڪي تياهيون ايندیون. هر ملڪ ۽ قوم جون خاص حالتون آهن. امان ڏنهنجي مخصوص حالت جو اندازو ڪري ڪم ڪرڻون. ته سواءِ نقصان جي ڪهڙو ڪجهه ڪرڻ ممڪن آهي. اهو ديڙ. طالب معمو- ٻه ته آهي. هاڻي هن ڪهڙيءَ سڊ آڻي ڪڙي ٿيندي. محض ٻين جي ٻڌل ڪالهين تي توهان نه لڳي. تو ۽ ۽ شيخ صاحب ۾ الها سيچائي آهيئي. جنهن جو علم رکڻ ماڻ کي آهي. رکيو ٻاڻ هت ڪرڻو. وڌيڪ ڇا چوان يا لکان؟

— محمد امين کوسو.

(٢٦)

٢٢-٢-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم- شاهه!

هڪ آدميءَ جو قصو مشور آهي، جنهن کي چئين آني جي مزوريءَ تي ڪنهن گيهه جو دلو کڻايو هو. هن پنهنجي زندگيءَ جو سڄو ڪارخانو اُن مزوريءَ تي بڻائي رکيو. دلو کانئس ڀڳو، ته سيٺ هن کي دڙڪو ڏنو ته تو دلو ڇو ڀڳو؟ هن چيو "سيٺ! تنهنجو ته نقصان ڪجهه نه ٿيو، منهنجو ته سمورو گهر ٻار هن دلي سان ٻڌل هو، جو ٽٽي پيو."

ٻين ۽ خود تولاءِ تون هڪ آدمي آهين، جو نظربند آهين. مان وٽ ته ساريءَ دنيا جو چرخو توسان ٻڌل آهي.... تون پنهنجي نظربنديءَ تي راضي آهين يا ڪم از ڪم فڪر ڪوا اٿئي، مان ته راضي ڪونه آهيان. سو تنهنجو رضامندو هن سلسلي ۾ ڪهڙي ڪم جو، جيڪو مان کي اهڙي بيچينيءَ ۽ تڪليف ۾ مبتلا رکي. ٻين کي نه سود جو پتو ۽ نه زيان جو احساس! اهي سنڌي چرندڙ ۽ ڳُوها لاهيندڙ جانور، سٺي جهُل مٿن پوي ۽ ڪنهن سٺي وٿاڻ تي ٻڌجن.

دنيا محض جاءِ آسائش ۽ تفريح هجي ها، ته هيڏا سارا نبي ۽ اولياءَ، الله جو سلسلو کڻي ڇو ايندا رهن ها؟

اِن اعليٰ مقصدن جي تڪميل لاءِ دنيوي دڳ هموار ڪرڻ واسطي تنهنجي همتن ۽ امدادن جي ضرورت آهي. تون منهنجي خطوط جي مفهوم سان ايڏي ساري ڪشتي ڇوٿو لڙين؟ حق ۽ صحيح بات اها آهي، جيڪا توڏي لکجي اچي ٿي. هر آهو دڳ، جيڪو مان، شان ۽ مرتبي جي خلاف نه هجي، تون اختيار ڪري مان کي راضي ڪر!.....

توکي لکيو اٿم، شايد وسري ويئه. مس جناح جي اليڪشن جي هنگامي وقت، سکر سرڪٽ هائوس ۾ وڪيلن جي دعوت

هئي. مان شمس‌الدين شاهه سان مليس، چيم ته جي-ايم- سيد جي نظربندي ياد ئي نه اٿو! تيئن بلوچستان وارن کي خان عبدالصمد خان جي قيد جو احساس ئي نه آهي.

سڀ احمق پاڻ ليڊر بنجي ويا آهن. تون چئو، انصاف ڪر! مس جناح سنڌ اندر مان کون سواءِ ڪيئن کٽي ها؟ مان حرڪت ۾ اچان ها ته تنهنجي ئي نظربندين جون ڳڻتيون کڻي گهمندو رهان ها. سنڌ جي روح ۽ ضمير ۾ حرڪت پيدا نه ٿئي ها؟ ڳالهاءِ، چئو! حرڪت ته بجاءِ، خود انقلاب هرهنڌ برپا ٿي وڃي ها، جي دل ۾ سيد سنائيءَ جي نظربنديءَ جو احساس کڻي نڪران ها. اهو احساس ڇا، پڪ هيم. چيم، صاف صاف چوندو رهيس ته، هن اليڪشن جي ڪاميابيءَ جو دارومدار منهنجي ڪوششن تي آهي، ۽ مان ڪوشش ڪرڻ تي تياريون نه ڪيون آهن. سڀني کي، ويندي چوڌري محمدعليءَ کي، چيم. هن چڱي آدميءَ ته مان مسڪين تي مڪمل اعتماد ڪيو. پنهنجي پير جي محبت دل ۾، تو سيد سونهاري جي ڳڻتي دماغ جي پريشانين جو سبب، پوءِ به ٻڌندڙن تي اثر نه ٿئي، اهو ممڪن آهي؟

سنڌ جا اديب، پاڻ کي سنڌي سڏائڻ کان ٻڏي مرن.... ڦاهيءَ جي تختي تي لٽڪائڻ جهڙا آهن. تشبيهون ۽ استعارا به تنهنجي ۽ شيخ صاحب جي نالي تي هن دور ۾ نه ڏنا اٿن! اهڙي بيڪار ادب جو تو پايو وڌو؟ اهڙا خبيث اديب تنهنجائي رهين منت آهن. شاهه لطيف جي دروازي تي بيهي ڪري، سندس روح جي مخالفت ڪن!.....

..... سنڌ جو هن باري ۾ نمائندو مان آهيان ۽ نه تون. سنڌ آنهن حرامين جو نالو ته نه آهي، جيڪي تنهنجي نالي کي وساري ويٺا آهن. سنڌ مان آهيان، مان ڀرچونڊي شريف جو غلام ۽ امام انقلاب حضرت ٻيڙي محبوب جو ظاهر ۽ برملا نمائندو. ڪفر ۽ دين جي دشمني آهي تنهنجي نظربندي. اها آهي منهنجي

(٢٧٧)

فتويٰ. خبردار! متان هن سلسلي کي ذاتي معلوملو ڇاڻي، هن جي اهميت کي گهٽ ڇاتو اٿئي. "ناقابل برداشت" لفظ لکيم. Intolerable!. اِن لفظ جي مفهوم تي غور ڪر.

اهو سنڌ جو آواز، سنڌ جو مطالبو آهي. جيڪو هن مطالبي سان نه آهي، سو سنڌ جو دشمن آهي ۽ سنڌي نه آهي.... لعنت ڪجي اهڙي ادب تي، جو سنڌ ۾ شايع ٿئي ۽ تنهنجي نالي کي بلند نه ڪري. جي-ايم شاهه حق جو عَلم آهي. نبيءَ جي اولاد سان ظلم ۽ تعدي، نبيءَ سان بي ادبي ۽ گستاخي آهي. باقي ڪفر ڪيئن ثابت ڪريان؟ کول فقهه جا سڀ ڪتاب، ڪهڙي امام جي مذهب ۾ تنهنجي نظربندي جائز آهي؟ بدبختان ازلي، اسلامي قوانين جي عڪس ۾ قانون ٺاهڻ هليا آهن!!

امام اعظم، امام مالڪ، امام احمد بن حنبل ۽ امام شافعي رح جا روح تـه هت هن تحرير جي تائيد ڪرڻ لاءِ اچي موجود ٿيا آهن. منهنجي دل جون اکيون هنن جو زيارتون ڪن ٿيون.

— محمد امين کوسو.

(٢٧)

٢٢-٢-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم شاهه صاحب!

.... هڪ ڏينهن گرميءَ جي موسم جو تو وٽ اچڻ ياد ٿو پوي. تنهنجي الهه‌بخش سان مخالفت زورن تـي هئي. مان سڀني هندو اسيمبلي ميمبرن کان ٿيندو، تنهنجي هنن جفاڪشين کي زيروزبر ڪندو، سخت گرميءَ ۾ تو وٽ پهتس. ڏاڍو ٽڪل هوس. توسان مليس، ته تون بـه سخت ٽڪل هئين. ملياسي، تنهنجي صندل تي ٻه چار ڳالهيون ڪري تون به ننڊ ۾ پئجي وئين، مان به. تان جو شام ٿي ويئي. مان آٿي وضو ڪري، اولهه پاسي واري ڪمري ۾ نماز پڙهڻ ويس ته آن وچ ۾ حاتم علوي به اچي ويو. آسمان تي خنڪي به نظر اچڻ لڳي. پروگرام

ٿيو ته ٽيئي گڏجي سمنڊ ڏسڻ هلون! توسان جڏهين به حاتم صاحب مون کي ڏسندو هو، بيحد خوش ٿيندو هو، ته هونئن هڪٻئي جي مخالفت ۾ سرگردان ۽ پريشان، پر دلين جو ايترو اتحاد! ياد ارک، اهو اتحاد منهنجي جبين نياز ۽ تنهنجي چوکٽ تي حاضرين جو رهين منت آهي! سمنڊ تي دير تائين گهمندا رهياسي. آني ئي هڪ ريسٽورينٽ ۾ چاه پيارڻ جو مان کي شرف ٿيو. تنهنجي ننگر جون مانيون، جي حساب ۾ آڻيان ته منهنجا گناهه ته ڪنهن ڳاڻاٽي ۾ ئي نه اچن. اڪثر تو وٽ هوندوئي هوس، سو تنهنجي ماني ڇڏي وڃڻ جو سوال اٿندوئي ڪونه هو. مان وٽ هوٽل ۾ مهمانن جي ڌم لڳي پيئي هوندي هئي، پر تنهنجي دسترخوان کي ڪير پٺي ڏئي؟ هتان ماني کائي وڃي آنهن جي خدمت چاڪريءَ ۾ لڳندو هوس. پوءِ الهه‌بخش ۽ سندس تات! تون ڪراچيءَ نه هوندو هئين ته اڪثر حاتم صاحب منهنجي هوٽل مان اچي مان کي کڻي ويندو هو. رات جو ڪاٿي نه ڪاٿي حاتم صاحب جي حسب منشا کيس دعوت کارائيندو هوس. حاتم صاحب پارو دل‌آويز آدمي به ڪو گهٽ هوندو، هرڪنهن مسئلي تي پنهنجي جدا راءِ رکندو آهي. مسلمانن جي تاريخ تي اهڙي نموني سان ڳالهائيندو آهي، جڻ پاڻ هر زماني ۾ گڏ ويٺو هون. مان کي چوندو هو هو ته "بابا! تون ۽ سيد گڏجي وڃي ڪنهن غار ۾ ويهو. هيءَ قوم (مسلم عوام) ڪا سڌارڻ جهڙي آهي، جنهن کان رڳو حضرت ابوبڪر وڏو يار بچي ويو، باقي ٻين سڀني کي قتل ڪيائون. هاڻي ڏک اٿن ته اهو هڪ به ڇو بچي ويو! الهه‌بخش کي قتل ڪيائون ته ڪهڙي عجب جي ڳالهه آهي؟ تون ۽ سيد اڃا تائين بچيل آهيو، جو ڪنهن طاقت واريءَ جاءِ تي نه آهيو. رڳو طاقت هجو، ته پوءِ هڪ اڳي ته ٻيو آن جي پٺيان شهيد ٿيندو."

تنهنجي گهر جي پرسان اڳ واري ياڻيجو آهي يا ڪوبه آهي؟ اتي به ڪترا پيرا ڪنڊ جي چمڙي سان ڪندا هٿاسي هر ملڪ غمتار ملڪات هوندي هئي. تنهنجي ۽ شيخ صاحب جي مان ڪا سواه تنهنجو ڪوبه ڏينهن گذري تي نه سگهندو هو. الهه بخش ۽ الانا ته هميشه ضروري ملاقاتي. هر روز اچو معمول هوندو هو. پهرياتين مائٽن کي عجيب به لڳندو هو. "سين پين به ڪندا هٿا، پر سڀ ڪهي ويا ته تنهنجو تو ڏي اچن ڪنهن بيروني مقصد سان ته هوندو هو. تو ڪلان جدا رهن مان لاءِ ممڪن هيوئي ڪين. بابا پيرائين محمدابراهيم مرحوم الدراتيين جو تنهنجي موٽر تي پهچائڻ ايندو هو. سڀ روانا ڪري. آخرين ۾ چار جملا اڪهلائي، جا ڪالهائي، جدا ڏيندو هوس. شيخ صاحب ۽ مان ته اڪثر ڪڏ ايندا هئاسي.

اها اسان ڏن جي ملاقات ڪنهن به خبر سلاستي، واري نه هوندي هئي. شيخ صاحب خوب درڪا ڏيندو هوم.—— "هليو آهي ڪاڏي مهاتماجي غلامي ڪرائڻ. توڻ پالي وڃي جنڪار ڪر. بابا! آڳ توکي جهاڙيلس ڪوته" وغيره قسم جون ڪالهيون شيخ صاحب جون هوندڙون هيون. مان شيخ صاحب کي ته ڪجهه نه چوندو هوس ۽ توڻ اڪثر اڳري موقعي تي رکيو لطف انڊوز ڏيندو هئين. "پالڻ ۾ ٿهوا" چوندو هئين. "سڀ! هن جي مرضي آهي ته پالڻ هلي الهبخش ڪتي، جي پٽ، جا غلام ٿيون. هل بابا! تنهنجو اهو حڪم آهي ته قبول. اسان پڻهي جا هٽ هٽان پڏي وڃي هل. توکي ته نالائق نه ڪبوا" "شيخ صاحب! ڪتي، جو پٽ آهي، ڪتي پالڻ به آهي، پر آهي مجاهد ۽ غازي! انگريز شهنشاهيت جو وڏي ۽ وڏو دشمن! پلا ذات تي به ڪنهن ڏات تي؟" مان چوندو هوس. "توڻ ڪٿي خدا پڻائيتس تنهنجي ۽ موٽ کي ڪهڙو تعلق تو پهچي؟" شيخ صاحب جوش ۾ چوندو هو. "سڀ! هي ۽

اسان جي جند اوئين ڪانه ڇڏيندو. سڀاڻي هلي سندس مورتيءَ جي گڏجي پوڄا ڪريون. چڱو بابا، جيئن توکي وڻي.... ... مهتما الهه‌بخش جي جئه!....." اسان ٽن جي محفلن جو لطف ئي اور هوندو هو.... ڪڏهن شيخ صاحب کي هوٽل ۾ آڻيندو هوس. آتي پهچڻ کان پوءِ ڪلاڪ کن گذرندو هو. ته توکي فون ڪندو هوس. توکان سواءِ گذارو جو نه هيو. جيئن هاڻي ڏسين ٿو! خطن جا انبار پيا اچن. ڪڏهن ڪنهن عشق واري پنهنجي معشوق سان ڳالهائڻ کان بس ڪئي آهي، يا آن جو ڪو وقت به معين ٿيو آهي؟..... — محمدامين کوسو.

(٢٨)

٢٢-٢-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم-شاهه!

تو واري ڪتاب جي مسودي تي نظر وڌم. سنڌ جي سجاڳي گهرجيئي، ته پڙهه "جي-ايم-شاهه!" ڇاجيون پروليون ۽ افسانه نويسي؟ مختصر معاملو!! آسان ۽ سولو طريقو ٻڌائي ڇڏيو اٿم، سنڌ معنيٰ ئي جي-ايم-سيد!

منهنجي پنڌن ته هڻي وڃي هنڌ ڪيو، نه ته اهو ناممڪن هو، جو تون انهيءَ غلاميءَ کان آزاد ٿي سگهين ها، جنهن ۾ بي‌تحاشا پاڻ کي وڃي وڌو هيئه! اڄ ته سنڌ تنهنجي نالي جي واهر وٺي، هن اوڙاهه مان آسانيءَ سان نڪري سگهندي...

توکي آزاد ڪرايم، لک کٽيم. شادم از زندگيءَ خويش ڪه ڪاري ڪردم! هاڻي تنهنجا خيال ڪهڙا به ڇو نه هجن، اهو اهم مسئلو ڪونه آهي. تنهنجو نالوئي سنڌ جي سڀني سياسي مرضن جي دوا بڻايو اٿم. هاڻي جڏهن به سنڌ بيدار ٿي، ته "جي-ايم-شاهه، جي-ايم-شاهه" جو ورد ڪندي بيدار ٿيندي. سجاڳيءَ ۽ بيداريءَ جو ٻيو دڳ ئي ڪونه آهي! ڳڻتيون نه ڪر. توتان بندش هٽڻ ئي هڪ وڏو ۽ اهم‌ترين ڪم آهي. اهو مان کون پڇ، ٻئي کان نه پڇ!

رموزِ عشق و سرمستي زمن شنو نه از واعظ!
که با جام و قدح هر شب قرین ماهم و پرویئم!

تون قدرت طرفان سنڌ کي نظربندين لاءِ عطا نه کيو ويو آهين. تو خود گهٽيون غلطيون کيون. نيٺ توکي به اهي دکُ ۽ پيڇرا ونڻا پيا، جتان مان دل و دامن چاڪ جو گذر ٿيو. منهنجي جيل حي زندگيءَ جون سرمستيون به ٻين وانگر نه آهن. پنهنجي محبوب پير جي تصور نور افشان ۽ الهام بخش جي محبت ۾ مان ڀٽي سگهندو هوس ته

"پري خانه بنا رکا هے هم نے اپنے زندان کو!"

تون هاڻي هنن خطوط ذريعي گهر از گهر اهو احساس ته ڪري ويو هوندين، ته منهنجو انداز محبت خود توسان به ايترو ته علحدو آهي، جو ٻئي ڪنهن جو نه آهي. خود توتي اهو به عيان نه آهي، ته تون ڪهڙو گهر ڪري سگهين ٿو. مان ظاهر ۾ برملا ڏسندو رهندو آهيان.

جذبات ۾ به مان تنهنجي طرز فڪر سان متفق نه آهيان. جهڪي تون چوين يا لکين ٿو، سو پيارو الڳ، چاکاڻ ته تنهنجو لکيل آهي. .....

چا مان چا بڻي رکيو منهنجي پيڙي محبوب حضرت مولانا سنڌيءَ؟ مولانا چا فرمايو آهي، اهو عملي دنيا ۾ ڏسڻ گهرين ٿو؟ جي ڏسڻ گهرين ته پوه پڙهه "جي-ايم-شاهه!" "جي-ايم-شاهه هڪ شخص واحد نه رهيو آهي، پر هڪ محاذ ۽ هڪ عالمگير تحريڪ جو ٻيو نالو آهي. تون جيڪي ڪجهه چوين آکين ٿو، اهو بلڪل ممڪن آهي، چاکاڻ ته الله توکي سنڌ ۾ اپيد ڪيو ۽ منهنجي دردمند دل توکي ئي پنهنجي زخمن جي داد طلبيءَ لاءِ منتخب ڪري ورتو. تون ساڳيو نه رهيو آهين. هرنوع، هرصورت ۾ تو پارو انسان واحد ٻئي هنڌ ٿي نٿو سگهي.....
سنڌ جي عظمت ۽ توقير جي تون زنده تصوير آهين.

..... تون طاقت، همت، جرئت، رواداري، غيرت، ۽ ذاتي قربانين جو مجسمو ۽ دين‌نبويءَ جو نگهبان، محافظ ۽ مبلغ آهين. پڙهين ٿو پاڻ بابت احڪامات؟ بس، تون اهو آهين! تون ئي اهم ترين اسلامي مجاهد، فڪر ۽ عمل ۾ آهين. اسلام جي چوڏهن سون ورهين جي تاريخ جو رُخ توڏي منتقل ڪري بيهاريو اٿم..... — محمد امين کوسو.

(٢٩)

٢٣-٢-١٩٦٦ع، بخدمت قبلا جي-ايم سيد صاحب!

السلام عليڪم و رحمت الله وبر ڪاته — حق ۽ باطل جو مقابلو، تاريخ انسانيت سان لاڳو آهي.

ستيزه ڪار رها هے ازل سے تا امروز
چراغ مصطفوي سے شرر بوالهبي!

پر تون جنهن خطي ۾ آهين، اُن جي حالتن تي غور ڪرڻ جو حق به توکي آهي. ٻين جي ديکديکيءَ هت ڪابه سياست نه هلڻي آهي. "اپڻي گهوٽ ته نشا ٿيوئي!" سنڌ، سنڌ ئي آهي. ان کي تبديل ڪرڻ ۾ نقصان عظيم آهن، سو اُن جي حالتن پٽاندر هلڻو هو ۽ آهي. حالتون اُن جون صاف آهن ته سياسي سطح تي توکي ئي "لاڏو اٺ" جيان سڀ بار سونپجن. "سنڌ جدا ملڪ" ته آهي، پر اهو جدا ڪري ڪڏهن هلايو هجيئي، ته پتو پويئي. صدين کان پوءِ ٿورڙو وقفو الهه‌بخش وزارت جو دور سنڌ جو مخصوص دور هو. تنهنجا لاڳاپا ساڻس ايڏا ۽ ايترا گهرا نه هئا. منهنجو ته محبوب يار آهي. اها ياراني راز به نه آهي. بلڪل صاف ٺيٺ شڪارپوري تواضع ۾ خود داريءَ جو نمونو رکيون آيو. هن کي وزارت ۽ حڪومت جي ته هوا به نه لڳي هئي. حڪومتن جو بکيو هو منهنجو شهيد يار؟

ڪم نظر بيتابيءَ جانم نہ ديد!

تو واريءَ نظربنديءَ جي باري ۾ خبر پوندي ئي سخت ڪاوڙ ۾ اچي سندس جاءِ تي پهتس. حاتم علوي صاحب وٽس ويٺو هو. چيم: ”پاڳل! تون وزير هجين، باقي جي-ايم-سيد قيد ۾ هجي؟ ٻڏي نٿو مرين اهڙي وزارت ڪرڻ کان؟ يا جي-ايم-سيد کي هڪدم جيل مان آزاد ڪر يا مان کي بہ ساڻس گڏ رک، يا وزارت ڇڏ!“ ڪيڏا نہ سخت دڙڪا آهن! سٺائين. سهڻ گهرجنس ها. مان سان جيڪا محبت هئس، اُن جي بنا تي هوڳالهائيندو ئي ڪونہ هو. خاموش ٿي سناٽي ۾ پئجي ويو. منهنجي ڪاوڙ تي نہ، پر اُن تي تہ ڪري ڇا ويٺو هو، يا کانئس ڪرايو ڇا ويو هو! افسوس تو اڄ ڏينهن تائين کيس نہ ڄاتو آهي. الهہ بخش کي تون پيارو هئين، اُن ۾ ڪهڙو شڪ؟ پر تون اڻگهڙيو ڪاٺ، جنهن ضد ۽ هوڏ تي چڙهين، ان تان توکي لاهي ڪير؟ جيئن هاڻي گڏهن کي آدمي ڄاڻي، سندن جواب ۾ ڪتاب ويٺو جوڙين، جيئن هاڻي قيد ۾ مزي سان لوليون ويٺو پڙهين ٿو ۽ منهنجو اندر ڪاوڙ مان تار تار ٿي رهيو آهي!

گڏهن جو هڪليندڙ بہ تون آهين، باقي توکي ڏنڊي ڏجي، جو خوب ٺوڪين. گڏهن سان بحث مباحثا ڇا جا؟ اهڙو غضب بہ ٿي سگهندو آهي، جيڪو سنڌ ۾ پسجي ٿو؟ جن جي لت ڏيندي سنڌ ناپاڪ ٿئي، سي سنڌ ۾ وتن دعوتون کائيندا ۽ جن جون لتون اکين تي رکي دل ٺارجي، سي نظربند! اڃا بہ ڪي اديب سنڌ ۾ چئبا، جن تي هيءُ منظر عيان نٿو ٿئي؟ صفا ڪربلا جو نظارو ۽ معاملو بڻجي بيٺو آهي. توکي منهنجي حال تي نہ قياس ٿو اچي ۽ نہ رحم. مان لاءِ اهو برداشت ڪرڻ ڪيڏو نہ مشڪل هوندو! ها، تو ڪو جي-ايم شاهہ ڌاريو هجي، تہ توکي پتو بہ پوي!

حريفِ ناوڪ مژگان خون ريزش نئي واعظ!
بدست آور رگ جان و نشتر را تماشاڪن.

واهي تباهي آدمين جي لهه‌وچڙ ۾ رهندڙ مجلسي آدمي آهين، اسان پارو رندمست الست ته ڪونه آهين. تولاءِ هن طور ۽ طريقي جون عشقبازيون باڪل اڻ ڏٺل شيون آهن. تو جي-ايم-شاهه ڏٺو ڪاٿي، جو اسان جي حال جي خبر رکين!؟ تنهنجي هر غلطيءَ جو ڏک ٿيندو هوم. توتي هر وار منهنجي دل ۽ جگر کي گهاءُ ڪندو رهيو آهي..... سنڌ جو واليوارث ئي تون هڪ آهين. ملڪ سارو نڌڻڪو بنائڻ جو حق توکي ڪيئن پهچي ٿو؟..... ٻڌ، ڪن کولي ٻڌ! ٻين پرڳڻن ۾ تو ۽ شيخ صاحب پارو ڪو ڪونه آهي. اهي ته ٿيا مجبور، تنهنڪري ٻن هزار گڏهن کي گڏي هينگائن ته بڻي "قومي آواز"، قومي مطالبو، قومي جلسو ۽ قومي اجتماع!! اهي ته گڏهن جا ملڪ پر هيءُ ملڪ دنيا جو ڪعبو آهه! هت شيخ صاحب ۽ تنهنجي نالي وٺڻ سان ئي هڪ ممتاز ۽ شاندار قوم جو تصور نه فقط پيدا ٿيندو، پر قوم به نرالي شان سان سطح زمين تي نظر ايندي. نالو وٺڻ به ڪنهن کي موزون طرح اچي نه! توهان ٻيئي ڪي گمنام ڳنڍيڪپ ۽ مسجدن مان جتيون چورائيندڙ نه آهيو، جو پنهنجي نالي ورتي به توهان کي شرم اچي؟....

— محمد امين کوسو.

(٣٠)

(تار)

جيڪب آباد. ٢٤-٣-١٩٦٦ع

حضرت سيد اعظم، جي-ايم-سيد صاحب، سن.

ڪرم نواز! منهنجي ڳوٺ ترسڻ جي پروگرام جو اطلاع ڪج. مهرباني ڪري، ڪنهن به بيان ڪڍڻ کان اڳ، منهنجي ملاقات جو انتظار ڪج!

— محمد امين کوسو.

(۳۱)

۲۵-۲-۱۹۶۶ع، بجناب قبلا حضرت جي ايم شاهه صاحب!

مان عاجز دنيا جي تاريخ جي هن دور ۽ توکي سبق پڙهائي رهيو آهيان..... ته انسان ذات جي بڏندڙ ٻيڙيءَ کي تنهنجي ناخدائيءَ سان ئي هن طوفان پرئي سمنڊ جي ڪاريءَ رات مان ڪڍي، اچي ساحل تي ٻوهاريو. اها فتويٰ بار بار دهرايان ٿو. بي معنيٰ ۽ لغو سياسي گفتا هتن خطن ۽ نه آهن. ڪي سخت گفتاريون آهن، ته به آنهن جو موقعو ۽ محل هوندي آهي....

هر چند هو مشاهده حق کي گفتگو،
بنتي نهين هے ساغر و مينا کهے بغير!

تون الائي ڪهڙن غلطانن ۽ آهين؟ تنهنجي نظربندي اتفاقي امر ڪونه آهي. اهو تنهنجي ئي غفلتن جو نتيجو آهي.... تنهنجي نظربندي ناقابل قبول جرم آهي، جو شريف انسان آن کي هڪ گهڙي به برداشت نه ڪري سگهندو.

هڪڙا عالم ۽ سيد خبر نٿا رکن، آنهن تي الزام ڏرڻ بي ادبي آهي. مثال طور پير سائين پاڳارو. کنهن هن کي آکيو سڏايو؟ جاهلن جي ڪڙي ڪيل ديوارن ۽ هڪ قيدي آهي، جنهن کي انسانن جهان سوچ جي اجازت ۽ موقعو به ميسر نه آهي. پيا عام سنڌي آهن. انهن کي کنهن تعليم ۽ تربيت ڏني؟ تون ڪير آهين يا چا ٿو ڪرڻ گهرين؟ هر هنڌ تو وارن لاءِ تڪليفون آهن. پر منهنجو چوڻ آهي ته تون تڪليفن جي خارزار ۽ پوڻ کان سواءِ به ڪاميابيون حاصل ڪرڻ جون صلاحيتون ۽ طاقتون رکين ٿو. تو لاءِ هي جنهگ جبل ڏاڙڻ ضروري نه هو. اهي سڀ ڪرمان ڪيا، بيپارومددگار حالت ۾! منهنجي دل ۽ جگر سان گڏ، منهنجي بدن ميڪجهه

سنڌو آهي، منهنجي مٽي تي کهاڙين، لوڙهين ۽ لٽين جا وار مان کي قتل ڪرڻ لاءِ ڪيا ويا. افسوس، سنڌ ۽ بلوچستان جي هن واقعي جو ڪنهن کي احساس ئي ڪونہ آهي. مان ذاتي مقاصد لاءِ نہ پر تو واري ڪڙي کيل قوم‌ڪُش سياست کي شڪست ڏيڻ لاءِ، پنهنجي بدن جو بہ رت ڏنو آهي. هڪ رت ڏيندڙ شهيد صاحب وفات، مان رت ڏيندڙ شهيد صاحب حيات! اهو ڪو معمولي منصوبو ڪونہ هو. مان صبر سان سڻو، پر معاف ڪونہ ڪيم، ويڙ بہ نہ ورتم. مير جعفر کان ڪهڙو ويڙ ونڻان ها؟ تو سان مٽا ماريان ٿو تہ من تون عقل ۽ فهم کي ڪر ۽ آڻي، منهنجو سات ڏين! اسان پنهنجي دل، جگر ۽ بدن جي رت ڏيڻ سان سنڌ ۽ بلوچستان جي آزادي جي پکي راهہ ڏاهي ڇڏي آهي. ان تي رکو ڪوگامزن ٿيو! هڪڙا ڏکن سان شهيد ٿيو، پئي جهان ۾ پهچندا آهن، مان ڏک جهلندڙ شهيد جيئرو ويٺو آهيان.

احمدآباد جي هڪ جلسي ۾، تو واري لیگ جي نالي ڏيڙي محبوب تي ڪميني قسم جو جملو ٿيو هو. آن جا تفصيلات چا لکان؟ جيڪڏهن غلام‌مصطفيٰ ڄڻان کي آن جو احساس هجي ها تہ چند هڏن واسطي، مولانا مرحوم جي نالي تي بٽا (ڪا) نہ لڳائي ها. اهڙن داغن هوندي بہ مان ئي توکي صبر ۽ تحمل جي تعليم ۽ تلقين ڪري رهيو آهيان.

تون پنهنجي نگاهہ ناز جو گهائل آهين. مان توکي چوان ٿو تہ اهي باهمي دل لڳيون وسار. هڪ باهمت مرد ميدان جيان منهنجي صلاح ۽ مشوري تي عمل شروع ڪر.... پنهنجي افتاد طبيعت، سودائي خيالن ۽ بدن جي هيٺين ڪمزورين کي پنهنجي عزم ۽ ارادي جو تابع بڻاءِ! مان خطرن کي ڏيندڙ نہ پر دور ڪندڙ نسخو ڏسيان ٿو، جنهن ۾ ذري ماتر خرابي ڪانہ آهي. خرابي رکو آن جو اندیشو آهي تہ متان توتي ساڳي

بيماري حملي آور نہ ٿئي. تون منهنجو ٿي بيٺين تہ پوءِ ٻي ڪابہ پريشانيءَ خاطر توکي راهہ حق کان ڀڪائي نہ سگهندي. اڳ ڪتن کان بہ وڌيڪ ذليل آدمين توتي چغليون هيون آهن. توکي اها راهہ اختيار ڪرڻي ئي ڪانہ هئي، جنهن مان ڪنهن چغل‌خور کي فائدو رسي ها ۽ ملڪ کي نقصان رسي ها.... تون پاڻ هڪ مستقل راهہ عمل آهين- يعني تو پاري جو وجود هڙن پس‌مانده علائقن ۾ بجاءِ خود هڪ تحريڪ، هڪ محاذ، هڪ قلعو هوندو آهي. اهو حق‌پرستيءَ جو قلعو ضايع نہ ٿئي. شخص واحد لاءِ ڪير ايترا جتن ڪري ها، ڇو ايترا اوقات ضايع ڪري ها؟ راتين ۽ اڌر اتين جو آٿي ڪري توکي ئي سڏڻ!

مشعل بنا ڪے تابش داغ جگر ڪو مين،
راتون ڪو ڍونڍتا هون تيرے رهگذر ڪو مين!

سو منزل بہ تون، تہ مقصد بہ تون!! تو بن معاملات انسانيت جي موجوده تباهڪن نوعيت ۾ ڪوبہ ڦيرو نہ ايندو.

— محمدامين کوسو.

(٣٢)

عزيز آباد، ٢٧-٢-١٩٦٦ع،

حضرت قبلا جي-ايم- شاهہ صاحب!

صبح جو سويري مرغان سحريءَ جي اذانن آٿاريو، تہ منهنجي دل اڳ ۾ ٿي تنهنجي دروازي تي وڃي بيٺي ..... "سنڌ بچايو- دين وڌايو" جي معنيٰ ۽ مفهوم کي هن طرح ڏسڻ، تہ سنڌ کي نون آيلن کي پاڻ سان ملائڻ جي طاقت ڪانہ آهي، غلط آهي. هيڏي ساري حڪومتي دٻدٻي جي غلط استعمال کان پوءِ بہ تون آٽل بيٺو آهين، تہ ثابت ٿيو تہ سنڌ دٻائڻ جي نہ آهي. پر اها سنڌ، جنهن جو تون ظاهر ۽ برملا

ليڊر آهين، توسان ڳنڍي بيهارڻ ضروري آهي.

مولانا آزاد جي "غبار خاطر" مان توڏي هڪ مثال لکيو هوم ته هڪ صبح جو مولانا پنهنجي سنگتيءَ کي چيو ته "ڪن ته ڏي، بلبل جي ٻولڻ جو آواز آهي!" هن ڪن ڏنو ۽ چوڻ لڳو، "ها ٽئنڪن هلڻ جو گهڪو آهي." مولانا اڳتي لکندي چيو ته "هڪ ئي جڳهه تي جڏهن ٻه اهڙا ماڻهو گڏ بند ڪيا وڃن، جن مان هڪڙي کي بلبل جا ترنم ريز نغما ٻڌڻ ۾ اچن ۽ ٻيو ٽئنڪن جي گڙگڙاهٽ ٻڌي، ته حشر ڇا ٿئي؟"

مان اڌ راتين جو اٿي توکي سڏ ڪيان ۽ سنڌ جي بگڙيل قسمت جي سنوارڻ لاءِ تنهنجون آزاديون ڳوليان؛ ۽ ٻيا توکي نظربند ڪندڙن جي درشن کي دارين جي عزت سمجهن، ته معاملو ڪاٿي وڃي بيهي؟.....

اسلام جي تاريخ صرف ڪمزوريءَ ۽ هيڻائيءَ جي تاريخ نه آهي، جو محض مسخرا ۽ ڀنڊ اُن جي نمائندگي ڪن. ڪاٿي راشديت ۽ ڪاٿي روزانو سيد علي محمدشاهه راشديءَ جي قلم مان بيهوديون ٺٺوليون! وڏن جي قبي تي رڳو هڪ دفعو نگاهه پويس، ته سندس قلم مان جيڪر رعب ۽ تاب پيو ٽمي! مرين جي بهادريءَ جو افسانو ياد اٿس، پر سندس وڏن جي نانءَ تي هن دور ۽ زماني ۾ به ڪي بدمست سسيون ڪپائين ٿا، اُن جو احساس ندارد! هنن جا قلب ڪارا ٿي ويا آهن يا ڪارنهن ايتري گهاٽي چڙهيل اٿن، جو مان ڀاري جي صيقل ڪرڻ جي ضرورت اٿن.

توکي چوان ٿو. سنڌ ماضيءَ جو افسانو نه آهي، ڇاڪاڻ ته تو خود ان کي ماضي بڻڻ کان بچائي ورتو. سنڌ جي قاصاين جي قوم ۽ مان مسڪين تي حملو ڪندڙ سياسي ٽولي مان ڦري، محافظ سنڌ بڻئين. الله توکي نوازيو آهي اهو فڪر ۽ عمل جو ايڏو انقلاب مفت هٿ نه ايندو آهي. الهبخش جي

شهادت ۽ مان مسڪين جي بيگناهه خون وڃي هنڌ ڪيو. هاڻي جڏهن تون اسان جو آهين ته سنئون سڌو دڳ وٺي بيهه! مان نه پر سنڌ پڇا ڪري ٿي ته ڪير آهن جو توکي نظربند ڪن؟ تون سنڌ جو محب، اسلام جي عزت جو علمبردار، توکي نظربند ڪرڻ جو ڪنهن کي به حق ڪونه آهي! ها— ديني قانون جي زبان آهي! تنهنجي نظربندي ڏوهه ۽ قابل گرفت عمل آهي. هي اکر تو وٽ لکجي پهچن ٿا، اُن جي تائيد سنڌ جا سڀ درويش، فقير، سندن مقبرا ۽ خانقاهون ڪن ٿيون.

— محمد امين کوسو.

(٣٣)

عزيز آباد، انڙ واه، ٣٠-٢-١٩٦٦ع

حضرت قبلا جي-ايم-شاه!

مان توکي چيو آهي ته جنهن وقت کان مان توکي ڏٺو آهي، منهنجي فڪر جو اهم ترين جزو توکي سنڌ جي ڀلائيءَ واسطي ڪم آڻڻ جي طريقن تي سوچيندي خرچ ٿيندو رهيو آهي. منٽن، ڪلاڪن، ڏينهن، هفتن، مهينن ۽ سالن جو ايڏو سارو عرصو گويا تون منهنجي دل ۽ دماغ ۾ موجود رهيو آهين.

اهوئي سبب آهي جو تنهنجي ليگ ۾ هجڻ ۽ صوبي ليگ جي صدر هئڻ، منهنجي ذهن ۾ تو بابت ترجيترو به پردو حائل نه ڪيو..... تنهنجي مجال ڪهڙي، جو تون ليگ ۾ رهي سگهين ها، جڏهن مان کي اهو پسند ڪونه هو! نڪرڻو هئين ضرور نڪرڻو هئين!

خود چاڻ آئينگے نالون ۾ اثر هونے دو!

پر ٿيڻ ائين کنپدو هو ته تون مسٽر جناح جي طرز فڪر کي ڪڍين ها ۽ خود کيس سندس ئي زندگيءَ ۾ ا ثابت

ٿي چڪو ته آهو تنهنجي ۾ مجبور هو ۽ نه ٿون!.....
مان کي تنهنجو ساڻو ڪيو، جو قدرت جي سڀني منشائن کي پوري ڪرڻ واسطي پاڪستان ۾ موجود آهين.
مان وٽ ثبوت آهي. آسمان ثبوت آهي، رحماني ثبوت آهي.
آن ثبوت جي سلسلي ۾ خود جي نوشت به موجود آهي،
اڇوڪي نه پر ۱۹۴۷ع جي. سربيان ويهه سال آن کي گذري
ويا آهن. آن وقت تنهنجو خط مليو، ٻئي ڏينهن مان آن جو
جواب لکڻ ويٺس. اهو جواب به آن ئي خط ۾ وڃي رکيم.
شايد موڪلڻ وسري ويو، يا ٻيءَ ڪنهن شڪل ۾ موڪلي
ڏنم. آهو لفافو مقدس لاچار موڪلياڻن ٿو. گويا تنهنجي ساهه
جو هڪ حصو پاڻ کان جدا ڪري موڪلياڻن ٿو. جاني تنهنجي
خط جو ايڏو احساس هجي، آني تنهنجي نظربندين کيڏا ڏسم
گهاو ڪيا هوندا؟ منهنجي تڪليفن کي ياد ڪري محسوس
ڪرين ها، ته تون خود ايڏو متين به پنهنجو دامن چاڪ ڪري
رکين ها! تنهنجي نظربندين جي دور ۾ مان تي غم جا ايڏا
ڏ حملا ٿيا، جو بيان ڪيئن ڪريان؟ ايڏا غم ڪيئن سهندو
رهيو آهيان، ٻيو ڪو چا چائي؟ انهن تڪليفن مان هڪ اها
به هئي جو منهنجي حياتيءَ ۾، منهنجي سامهون تون قيدي
هجين! اهڙن موقعن تي انسان مسڪين جو هوش ۽ خرد جواب
ڏيئي ويندو آهي، ۽ جنهن غيبي طاقت جي سهاري پاڻ جهاڙيون
ٻڌو رهيس، آن آخرين ايام ۾ ته صاف شڪل ۾ صورت اختيار
ڪئي. پنهنجي ڪوٺ جي مسجد شريف ۾ اڪيلي نماز پڙهندي،
تنهنجي پاڪ خيالن ۾ غرق هوندو هوس، ته منهنجي سائين
مني محبوب جو آواز منهنجي دل کي ٻڌڻ ۾ ايندو هو ته "آزاد
ڪرائينس. تون سيکجهه ڪري سگهندو آهين...." اهو "تون"
مان نه پر "پاڻ" آهن. ايڏو آٽت مرشد ڪامل جي صورت
مقدس نه ڏئي ها، ته مان يا ته ايڏو بار نه سهي مري وڃان
ها، يا چريو ٿي پوان ها. بعض دفعي منهنجا ڪوڙها شدت غم

سبب سڪي ويندا هئا، رڳو اکين ۾ بيهجي ويندا هئا. چوندو هوس، سائينءَ جو فرمان ته هيءُ آهي ته آزاد ڪرائينس، پر مان ڇا ڪريان؟ لاچار ٿي، توکي ئي لکندو هوس. اهي تحريرون اڄ جون نه آهن، اڳ ئي تو وٽ پهتل آهن. پوءِ جيڪي خيال ڪيم، اُن جي اظهار جي ضرورت ڪانه آهي. اشارو توکي ڪري ڇڏيو هوم. مطلب هو توکي ٻڌائڻ ته هن نظربنديءَ جي عالم ۾ تو بابت جنهن سهارو ڏنو، ان جي هڪ محفل جو قصو لکان ٿو:

مشائخ جي هڪ ڪانفرنس هئي، شايد اُن ۾ صاحبزادو عبدالستار جان به موجوده هو، پير سائين چناهه شريف وارا محمدفضل رح جن به موجود هئا. منهنجي عليڳڙهي زماني جو فلسفي جو پروفيسر سيد ظفرالحسن به حاضر هو. دين جي بقاء ۽ پاڪستان جي اسلامي رياست بنائڻ بابت گفتگو هئي. اهڙيءَ محفل ۾ مسٽر جناح رڳو هڪ ٻن کي ياد هو. شهبازن جي موجودگيءَ ۾ مک جي اڏامڻ جو ذڪر ئي ڇا هوندو؟ اهو مان چوڻ جو حق رکان ٿو. ٻيو چوندو ته ڪوڙ ڳالهائيندو. ٻيو زنده آدمي شيخ صاحب ائين چوي ته بجا آهي، ڇو جو هن سياسي موحد جي ڪڏهن ڪنهن ۾ اک ٻڏندي ئي ڪانه آهي..... محفل مشائخ جو ذڪر آهي..... قصو ٿيو ته مسٽر جناح کان ته دين جي باري ۾ ڪجهه ٿيڻو ئي ڪونه آهي، هيءَ مملڪت ڪير هلائي؟ مسٽر جناح گورنر جنرل هو. خيرپور هائوس ۾ هن ڪانفرنس جون مجلسون ٿينديون هيون ته حڪمرانيءَ لاءِ ايماندار گهرجن، سي آڻجن ڪاٿئون؟ منهنجي سائينءَ فرمايو ته "وه تو اکيلے ايک جي-ايم-سيد هين!" يعني پاڪستان ۾ اسلام رائج ڪندڙ سياست ۾ ايماندار ته فقط هڪ آهي، جي-ايم-سيد! ..... ٻڌي تو آسمانن واري فتويٰ— ته پاڪستان کي اسلامي حڪومت بڻائڻ واروئي هڪ فقط هڪ آهي. تو منهنجي خطن ۾ "تون فقط تون هڪ" جو رجز ته

ٻڌو آهي، اڄ اُن جو اصلي بنياد به توتي کُلي ويو.... .....
ڪيئن نه جي-ايم-سيد جي نالي تي وجد ڪريان؟

دوش از مسجد سوئے ميخانه آمد پير ما،
چيست ياران طريقت بعد ازين تدبير ما!

— محمدامين کوسو.

(٣٤)

عزيزآباد، انڙ واهه، ٣-٣-١٩٦٦ع،
حضرت قبلا جي-ايم-شاه صاحب!

دنيا ۾ جيڪي خرافات ڏسان ٿو ۽ اُنهن جي ردعمل ۾ جيڪي احساسات دل ۾ پيدا ٿين ٿا، اُهي هڪ ئي خيال ۽ ارادي جي شڪل وٺن ٿا ته توکي هن دور تاريڪيءَ ۾ زير ۽ زبر ڪرڻ کان اڳتي ڪري بيهاريان.

انسان ظاهرا جيترو ترقي يافته نظر اچي ٿو، ايتريقدر سندس تباهي، سندس ئي هٿان کيس ويجهي ۾ ويجهي آهي! تو لکيو ته توکي تاريخ پڙهندي اميد نظر آئي، مان توکي ڏسندي مايوسين کان انڪاري آهيان. تو حال جي نااميدين کي ماضيءَ ۾ وڃي اميد ڀريو ڪيو، مان ماضيءَ ۽ حال جي نااميدين جو ازالو حال جي تو هڪ فرد سان ڪري ورتو. تو ماضيءَ جا ڪتاب کوليا، مان سن شريف جو رستو پڪڙيو. ٻڌاءِ ته حقيقت حال جي عيان تو وٽ يا مان وٽ؟ تو اڻ ڏٺل تي يقين رکيو، مان ويجهي ۾ ويجهي فرد واحد کي انساندات جي نجات لاءِ سڏيان ٿو!.....

تون راهه اُها وٺ، جنهن کي شڪست اچيئي ڪانه اها راهه بعض دفعا حڪومتن کي قبضي ۾ رکڻ سان هٿ ايندي آهي، بعض دفعا حڪومتن کي لتاڙي لنگهي وڃڻ سان

ميسر ٿيندي آهي، ته بعض دفعا حڪومت ڏي نظر کڻي نهارڻ کي معيوب سمجهڻ سان ايندي آهي.....

تون آهين. سڀڪجهه گهر ۾ موجود آهي. قدرت جا عجيب ڪارخانا آهن، هڪطرف سنڌ ۾ چوطرف چوڌار اونده ئي اونده آهي، اُن اونده ۾ تون روشنيءَ جو مينار موجود آهين! واهه منهنجا مالڪ! سنڌ هونءَ سياست ۾ سڀ کان هيٺ، پر وري جو نگاهه کڻي توکي ۽ شيخ صاحب کي ڏسجي، ته سنڌ، هند و پاڪ ۽ دنيا اندر سڀ کان مٿي بيٺي آهي.

هڪڙيون تحريرون پير علي محمد شاهه راشديءَ جون پڙهندين ته روح کي فنا ڪنديون، هڪڙيون تحريرون منهنجون، الفاظ، ڪهڙا به، سراپا معنيٰ، سراپا چراغ راهه! هنن تحريرن جون معنائون ديوانن ۽ قوم فروشن کي فرزانا ۽ مجاهد بڻائي رکن!

مطلب ته سڀني سياسي مايوسين جو علاج تون جي-ايم-شاه! توکي ۽ تنهنجي نالي کي منهنجي سامهون ڪري بيهاريو ٿو وڃي. سنڌ جي ههڙي دور ۾ تنهنجو نالو مشعل راهه آهي. اونده انڌوڪار تنهنجي نالي سان ٽٽي پرزا پرزا ٿيو وڃي. پڙهه ته سهي منهنجي هنن خطن کي، چت ۽ من لائي! تون خزان ۾ بهار آهين، اونداهيءَ ۾ روشنيءَ ۽ عظمت جو منارو!! عقل حيران ٿي ٿو وڃي ته الله سنڌ جي عظمت ڪيئن بچائي ۽ محفوظ ڪري ورتي؟ مان کي ان روشنيءَ ۽ عظمت جو پرستار بڻايائين. ٻيا الائي ڇا ۾ غرق ۽ مبتلا، مان "جي-ايم-شاهه، جي-ايم-شاهه" جي ترنم ريزين سان هڪ نئين دنيا بڻائڻ ۽ جوڙڻ ۾ شب و روز مشغول آهيان.

مرده صبح درين تيره شبانم دادند
شمع ڪشتند وز خورشيد نشانم دادند

(غالب)

ماضيءَ کي ڇا ڪجي ها، جي حال ۾ تون ۽ شيخ صاحب نه هجو ها؟ اها ماضي پنهنجي حال تي شرمائجي ها.

اڄ سنڌ جي ماضيءَ کي پنهنجي حال تي به ناز آهي. سندس حال تو ۽ شيخ صاحب مان ظاهر ۽ عيان ٿئي ٿو!!....

سهروردي صاحب مرحوم جي سوانح عمري جيڪا شايع ٿي رهي آهي، سا پنهنجي ئي لکيل اٿس يا پوءِ جا اضافا ٿيل آهن، چئي نه سگهبو. پر اُن جو ترجمو ڪلهوڪي جنگ ۾ پڙهيم. سندس تو بابت خيال ڏٺم ته ڄڻ ته پاڪستان جو حڪمران آهين. صفا ٺيڪ چيائين. ڄڻ ڇو، حقيقت ئي ائين آهي!

سهروردي صاحب کي سکر ۾ چانڊين جي هڪ ڪيس جي ڏينهن ۾ ڏٺو هوم. کيس ٻڌايو هوم ته تون وزير اعظم ٿيندين، پر سنڌ کي نه وسارجانءِ! وغيره. تنهنجو ۽ شيخ صاحب جو ذڪر به ڪيو هوم. اُن وقت ايترو ته مايوس هو، جو چوڻ لڳو ته "مان کي وزير اعظم ڪرڻ ڪير ڏيندو؟" مان چيو "اها پڪ آهي ته وزير اعظم ٿيندين. ڪير ڏيندو يا نه ڏيندو، اُن سان منهنجو واسطو نه آهي." وري جڏهن وزير اعظم ٿيو ۽ سندس ڪرڻ جا ڏينهن قريب آيا، ته جيڪب آباد ۾ هڪ شخص "مدني" نالي کي چيم، ته "توهان جو ليڊر ۽ يار ته ختم ٿيندڙ ڳالهيون ڪري ٿو."

سهروردي به خوبين وارو آدمي هو. اهڙا ماڻهو ائين ئي ٿيندا آهن. انقلاب انسانيت جا علمبردار ته ڪونه آهن، جو طاقت ۾ اچڻ کان پوءِ به چال ۾ لوڏو نه اچي. اهي ته اسان آهيون، جو هڪ نظربند، ته ٻيو ڳوٺڙي ۾ ويٺل انسانذات جي نجات واريون بادشاهيون ٺاهيون! وري جي حڪومت ۾ ڪو ڄاڻو سڄاڻو اچي، ته ان کي پڇا به نه ڪريون.

تون ساريءَ سنڌ جون مشڪلاتون حل ڪندڙ آدمي، توکي اُنهن نظربندين ۾ پوڻ نه گهرجي. هرڪس ۽ ناڪس برابر نظربندين جي لائق نه آهن، پر اُهي به نظربند نه هجن جن جي هر قدم کڻڻ سان ٻين جا ڪم آسان ٿين. جي ايم شاه

مشڪلون، قومي مشڪلون. آسان ڪندڙ جو نالو آهي. تون نظربند نہ هجين ها تہ بہ ائين رهين ها، رڳو اڳينءَ راهہ کان پري هجڻ سان! توليگ وساري، حق تي پهتين، باقي ٻيا ڪشٽ ڪشالا غير ضروري آهن. تولاءِ نظربنديون ڪي لياقتن جو اضافو ڪونہ آهن. تون پيدائشي حق نما قسم جو سيدزادو آهين.

بہ خال و خط چہ حاجت روي زيبا را!

— محمدامين کوسو.

(٣٥)

٤-٣-١٩٦٦ع حضرت قبلا جي-ايم-شاهہ صاحب!

توکي پنهنجي نظربنديءَ جو خيال نہ هجڻ، تنهنجي همت ۽ استقلال ۽ فقيري طينت جو خاصو آهي. مان تنهنجو خادم ۽ نيازمند ديرينہ، مان کي تڪليف نہ پهچي، آن ڪري تہ مان غيرت کان خالي ٿيان. جنهن سنڌيءَ کي تنهنجي نظربنديءَ تي ڪاوڙ ۽ غصو نہ آهي، آن کي سنڌي نہ ڄاڻ! بيخبر نہ هجي تہ چوان تہ اهڙي کي نطفہ حرام سمجهہ! بيخبريءَ ۾ سڀڪنهن قسم جا آدمي اچي ويا. لکين نمازي نيڪ آهن، جن جو واسطوئي هن شيطاني ڪارخاني سان ڪونہ آهي تہ ڪنهن توکي جيل ۾ وڌو. پر جي آنهن کي ٻڌايو وڃي تہ آهي مرندي مري ويندا، تنهنجي نظربنديءَ تي راضي ڪونہ ٿيندا. ٻيا پيرسائين پاڳاري وارا، آنهن کي ڇا پتو تہ ڪڪڙ ڪاٿون مٿندي آهي. بادشاهہ آهن بہ معني "اصل خبر نہ رکڻ جي صلاحيت وارا." هڪڙا صفا مسڪينڙا، آنهن جو هنن ڌنڌن سان واسطو رهڻوئي ڪونہ آهي، پنهنجي الله سان مست!

تون پنهنجي نظربنديءَ تي مان کي صابر ۽ لاتعلق ڄاڻي، منهنجي ذات ۽ منهنجي پاڻ ساڻ هيڏي ساري نيازمنديءَ جي بيعزتي نہ ڪر. احساس اٿم، شدت جو احساس اٿم. تون

اهڙن احساسات جي گهرائيءَ کي ڇاڻي سگهين ٿو!

تون ماڻ لاءِ محض بيان‌باز سياست وارو ڪونہ آهين. منهنجا تنهنجا رشتا ناتا تمام ڏيگهرا آهن. توسان محبت مان لاءِ دين جو روح آهي. ايمان ۾ ڪمي اچي، جيڪڏهن تنهنجي نظريندي محض هڪ سياسي واقعو ڇاڻي، آن سان لاتعلق ٿجي. تنهنجي نظريندي اسلام جي روح ۽ قلب تي تير وسائڻ مثل آهي. پڙهندو وڃجانءِ. متان وري ڇوڙن تہ توکي ڪنهن نہ ٻڌايو هو. هي ميدان حشر تي ٻچا ٿيڻ واريون گالهيون آهن. ٻوهہ بہ تون مان‌کي آن تي راضي رهڻ يا آن کان لاتعلق ٿيڻ جي تلقين زماني واريءَ پوليءَ ۽ زبان ۾ ڪرين ٿو؟ تنهنجي ٻڌندس؟ هرگز نہ! واقعي ڪا سنڌ جيئري ۽ حيات هجي ها، تہ تنهنجي نظريندي ڪير سهي سگهي ها؟ توکي سنڌ سڃيءَ جو مهندار ۽ ليڊر ٻڌايون اڇان ٿو. ٽڪ هجي انهن سنڌين تي، جي منهنجي مهندار جي نظريندي‌ءَ تي ائين ماڻ هجن!...

..... منهنجي شب و روز جو وڏو حصو تنهنجي نظريندي‌ءَ جي معاملي تي غور ڪندي گذرندو آهي. هن سلسلي ۾ بہ هر طرف کان مان ٻاڻ کي مظلوم ڇاڻندو آهيان. تون قيد ۽ نظربندين جي حوالي هجين، هڏو سارو بار بہ منهنجي ڏي دل ناڏوان سهي؟ ڪنهن کي چوان، ڪنهن‌کي ٻڌايان؟ تو منهنجو لکيو پڙهيو، تہ ڪشمير جو سوال ايڏو اهم آهي ڏي ڪونہ، جيتريقدر جي.ايم.سيد جي رهائي! هي ڪو معمولي فضول آدميءَ جو خيال ڪونہ آهي، اهو منهنجو ڇوڙ آهي! مان پرچوندي شريف جي فقير درويش سلطان جو غلام آهيان. سنڌ جي اسلامي روح جو آواز ۽ نمائندو آهيان. مان پنهنجي تائيد ٻاڻ. مان‌کي ٻين بيروني تائيدن جي صورت ۽ حاجت ڪانہ آهي. منهنجي ڇوڙ ۽ خيال جي اهميت کي ڄاڻ!

مگذر از نغمهء شوقم کہ بيابے در وے
رمـــز درويشي وســـرمايهء شهنشاهـــي!

درويش و شهنشاه ٻيئي تون پاڻ پيدائشي طور آهين. تو بايت ئي لکان ٿو ۽ توکي ئي ٻڌايان ٿو.....

اسلام کي اهڙو آسان معاملو نه ڄاڻ، انهيءَ جو محافظ الله آهي. تنهنجي فهم ۽ انديشي ۾ اسلام جي گهراين جو اثر گهٽ آهي، ڇو جو ڪنهن ڪامل کان سکيو نه آهين. ته به وجود ته تنهنجو اصل اسلام جو محافظ آهي. پنهنجي وجودي ڪيفيت کي ڏس! ٻڌل سڌل ڪچيون ڦڪيون ڳالهيون، جيڪي ڪتابن ۾ پڙهندو آهين، سي هيچ ۽ ڪا شيءِ نه آهن. تون خود آهين جيڪو آهي!

تو لکيو آهي ته "جدا جدا لفافن" ۾ خط وجهي، هڪ ئي ڏينهن موڪليان ٿو! ها سيد سونهارا! ائين ته ٿيندو آهي، پر جدا جدا لفافي تي جي-ايم-شاهه ۽ سن شريف لکڻ ۾ جيڪو لطف ۽ لذت آهي، سا غريب محمدامين کوسي کان پڇ، ٻئي کان نه پڇ! هڪ هڪ لفافي جا لفظ، منهنجي دل ۽ جگر جي گهراين کي عيان ڪندا، سنڌ جي فضا کي معمور بڻائيندا، تو وٽ پهچن ٿا. اهي لفافا به ضايع ڪرڻ جهڙا نه آهن. منهنجي دل ته گهرندي آهي ته سارو ڏينهن جيئن دل ۾ آهي، تيئن تنهنجو نالو به لکندو ڪريان. هيءَ معاملو عشق جو آهي. عقل ۽ عشق مدمقابلي ۾ اچن ته ڇا عقل جو ڪم سينو ساهڻ آهي؟ عقل حڪومت پاڪستاني، عشق محمدامين کوسي جا حق پرست خطوط! هڪ توکي نظربند ڪري، ٻيا توکي دنيا اندر انسانيت جي نجات ۽ عافيت جو پيغام بردار بڻائين.... ....فتح هميشه عشق جي ئي رهڻي آهي.

— محمدامين کوسو.

[نوٽ:- هن خط ۾ مرحوم برادرم محمدامين کوسي سندس موڪليل لفافن، جن تي "سيد اعظم، جي-ايم-سيد" ۽ سنڌ جو سياسي ڪعبو سن شريف" لکيل هو، کي محفوظ رکڻ جي تلقين ڪئي آهي. انهيءَ تلقين موجب مون وٽ سندس گهڻا لفافا اڃا تائين محفوظ آهن. (ج-س)]

(۳۶)

۵-۳-۱۹۶۶ع، حضرت قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

مان پنهنجي جان ناتوان جي بيچينين بابت چا چوان؟ سواه آن جي جو مير جعفرخان جمالي، جنهن کي هاڻي به مان فخر پاڪستان مير جعفرخان جمالي چوندو آهيان، منهنجي زندگيءَ کي ڪهاڙين، لئين ۽ لوڙهين سان ختم ڪرڻ جو منصوبو ڪيو. صرف انگريزن کي خوش ڪري، پنهنجون زمينون وڃڻ لا !

خان عبدالغفارخان، ڊاڪٽر چوٿترام، خان‌عبدالصمدخان سميت سڀ ان جاسي ۽ هئاسي. ڏک سڀ کان وڌيڪ مان کي ۽ ڊاڪٽر چوٿترام‌کي لڳا. حسن اتفاق ڏسو، جو الهه‌بخش، جو اڳتي هلي شهيد ٿيڻ وارو هو، آن جي باري ۾ سڀ‌کان وڌيڪ غلطي ڊاڪٽر چوٿترام ڪان ٿي. مان ڪيس سختيءَ سان آگاهه ڪيو، پر آن وقت هو نه سمجهي سگهيو.

منهنجي مجروح بدن جي خدمت جيڪب‌آباد سول اسپتال ۾ هڪ هندو سول سرجن ڪمال تندهيءَ سان ڪئي. مان قدري گهڻ جهڙو ٿيس ته. منهنجي متي تي پٽي بدل تصوير خان عبدالصمدخان اچڪزئيءَ سان ڪرائي ويئي.

توڪي آن وقت چو مان تي حملي ڪري ڏک ٿيو هوندو، تون ليڪ، جي نشن ۾ غرق هٿون. هي حملو آنهن جي ڏيرائيءَ جو اعلان هو. ڏسين ٿو ڪا نسبت پنهنجي نظربنديءَ جي منهنجي بدن جي رت سان؟ منهنجي رت سان همدردي نه ته نه سهي، پنهنجي نظربنديءَ جو احترام ته ڪر! ڪهڙيون ڪهڙيون نه منزلون هن عشق ۾ طئي ڪيون اٿم؟ اڃان به ساحل ته نظر نٿو اچي، تنهنجي نظربندي به هڪ وڏو امتحان آهي. جنهن ۾ هڪ نه، ڪيترائي پهلو آهن. جاڏي نظر ڪريان ٿو ته مان پاڻ کي ئي امتحان ۾ ٻيهر ڏسان ٿو، چو جو اها نظربندي

منهنجي ئي روح ۽ قلب تي گران آهي. رڳو اُن جو احساس ته مان کي ڪيڏي نه تڪليف ۽ اذيت پهچي ٿي، توکي پيدا ٿي پوي ته مان کي ائين چيچلائڻ جي عيوض ڪونه ڪو دڳ ڪڍي وجهين ها..... تنهنجي هر بات مڃڻ جهڙي آهي، پوءِ اختلاف ڪجي ڇو ۽ ٿئي ڪيئن؟ رڳو مڃائڻ وارو به تون پاڻ هڪ آهين. چوندڙ به پاڻ، ته ثبوت ۽ دليل به پاڻ. پاڻ سنڌ، پاڻ سنڌي قوميت، ۽ پاڻ، سنڌي فلسفه حيات! شخص واحد ساري قوم ۽ سارو ملڪ بڻيو بيٺو آهين. پوءِ به مان کي ڪهڪاءَ نه اچي، پوءِ به دل ۽ جگر نه ڪپجن؟ـ هر طرح، هر نموني مان پاڻ ئي امتحانن جو مرڪز آهيان. ڇا چوان، ڇالکان؟؟

عاشقي صبر طلب اور تمنا بي تاب،
دل ڪا ڪيا حال ڪرون خون جگر هونے تڪ

ـــ محمدامين کوسو.

(٣٧)

عزيز آباد، انڙ واهه ٦-٣-١٩٦٦ع،
حضرت قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

ڪلهه پير علي محمدشاهه صاحب جو هڪ مضمون ڏٺم جنهن ۾ هڪ ڳالهه واهه جو ڪئي اٿس، ته پاڪستان معني اِسلام جي وڏي ۾ وڏي طاقت! ٺيڪ باڪل ٺيڪ آهي، پر اهو بچي ڪيئن؟ جيئن علي محمد شاهه راشدي چوي ٿو يا جيئن مان چوان ٿو؟ وري اُن ۾ ٻي ڳالهه پتي جي لکي، ڳالهه کي اونڌو ڪري رکيائين، يعني هر ڪنهن ڪم لاءِ ڪو آدمي هوندو آهي. لوهر جو ڪم حجام کان ۽ حجام جو ڪم لوهر کان نه وٺي سگهبو. ٺيڪ سؤفي فيصد ٺيڪ، ته پوءِ پاڪستان بچائڻ جو ڪم جي-ايم-سيد کان وٺبو ۽ نه ڪر جي-ايم-سيد کي قيد ڪندڙن کان؟ جي پاڪستان کي بچائڻو ته سنڌ جي محافظ جي-ايم-سيد کي ئي اڳي ڪري بيهارڻو پوندو!

پاڪستان جي بچاءَ خاطر ئي ته سنڌ آهي، يعني سنڌ کان سواءِ پاڪستان رهي سگهندو ئي ڪونه. سنڌ معنيٰ ئي جي-ايم-سيد سنڌ جي عظمت جو محافظ آهين، اُن لاءِ ته سختيون سهين تو. پر اُن عظمت جو پورو پورو پتو توکي آهي ڪونه، ته اها عظمت ڪهڙي قسم جي آهي؟ اها عظمت اسلام جي آندل آهي.

مسٽر جي- الانا روايت ڪئي ته هڪدفعي تو واريءَ اليڪشن ۾ مسٽر جناح جيڪو تنهنجي مقابلي جو غلط قدم کنيو هو، اُن اليڪشن ڏينهن ووٽرن جون ٻه صفان ڪري بيهاريون ويون هيون. هڪ تنهنجي هڪ پاسي، ٻي هنن جي ٻئي پاسي. وچ مان لنگهه هو. تون جي اتفاقا ٻاهر پئي آئين ته ٻنهي طرفن جا ووٽر تنهنجي قدمن تي ڪري پيا. ٻيئي پيا پيرين پون!! مسٽر الانا اهو واقعو ڪيترا دفعا دهرايو. مسٽر الانا ۽ منهنجون ملاقاتون به وڏيءَ اهميت واريون اٿئي. ٻيو مطلب نه به نڪرين، ته به الانا ماني مڇيءَ لائق ته حال في الحال ٿي ويو. کيس ماني ڪمائڻ جو دڳ ڏسيو هوم ته سائين مٺي محبوب کي پاڻ وٽ دعوت ڪري. سو دعوت ڪيائين ۽ اڄ تائين نتيجو ظاهر آهي. منهنجي ساڻس ياراني به آهي. پر توسان مقابلو ئي هڪ اهڙو واقعو آهي، جو هن سڄي کيل کي خرابيءَ طرف نئي ٿو. سو تون ٻنهي پاسن جو بزرگ- سو اُٿ، اُٿي بچاءِ! بچاءِ پاڪستان کي سنڌ جي رهنمائيءَ ذريعي!.....

"حاڪم- حاڪم" لکندو آهين، ڪير حاڪم؟ حاڪم ته تون آهين خطءِ پاڪستان ۾ ..... مانيءَ ٽڪر جي واسطي دين ۽ ايمان وڪڻندڙن کي به ڪنهن حاڪم چيو آهي؟

(شايد) حضرت شفيق بلخي خليفي هارون الرشيد وٽ ويو. وڃڻ سان چيائين "السلام عليڪم يا زاهد!" بادشاهه وراڻي ڏني ته "مان روءِ زمين جو بادشاهه آهيان. مان زاهد ڪيئن ٿيس، زاهد تون آهين!" بزرگ وراڻي ڏنيس ته "دنيا کي الله مقام قليل چيو آهي، تون اُن تي راضي آهين. مان ٻنهي جهانن

کي حاصل ڪرڻ تي به راضي نه ٿيان. سوتون زاهد آهين، جو ٿورڙيءَ شيءِ تي راضي آهين!"

تون منهنجو چوڻ مڃ ته سهي!..... طاقت جو مرڪز تون آهين يا ٻيا ڪي؟ .. .... سنڌ ساري تنهنجي آهي. علي محمد شاه راشديءَ جي سياست واريءَ عقلمنديءَ، جيڪي ڀنگين کان به ذليل ڪم تي سنڌي لڳايا آهن، سي به تنهنجي چادر ۾ ڇپيل آهن. تون باغي، وطن جو دشمن، وطن جو مخالف ڪونه آهين.... تون ئي ته وطن جي آزاديءَ جو هڪ بهادر ۽ جري سورمو ۽ سردار آهين. تنهنجي غلط اقدام ڪري ڪي غلط نتيجا نڪتا، پر وطن آزاد ڪرائيندڙ فيصلي ڪن طاقت جو مالڪ ته تون آهين.

ليگ جي سياست جا ٽي فيصلي ڪن آدمي هئا: نواب محمد اسماعيل خان مرحوم، (٢) شيخ عبدالمجيد سنڌي، ۽ (٣) جي-ايم سيد تون. اُنهن ٽن مان به اولين نمبر شيخ صاحب جو آهي. شيخ صاحب جي سياست جو ڇا بيان ڪريان؟ هڪ ٻه دفعو مان سندس روبرو سندس تعريف ڪئي، ته ڳوڙها وهڻ لڳس. عجيب محبوبيت جو مالڪ آهي. لذت اُن محبوبيت جي مڪمل طور وٺندو رهيو آهيان. اٺ نو سال تو مان کي ڪراچيءَ ۾ ڏٺو، اختلاف جي طوفانن ۾ منهنجي شيخ صاحب سان نيازمنديءَ ۾ تر جيترو ڪو فرق توکي نظر آيو؟..... هاڻ جيئن اسڪول جي شاگردن کان سوال ڪبا آهن، توکان ڪريان؟ ٻڌاءِ ليگ جي تحريڪ جا اهم ترين آدمي؟ مظلوم ۽ مسڪين مسٽر جناح ته هاڻي قبر مان توکي دعائون ڪري ٿو. شايد توکي ۽ شيخ صاحب کي ساڻ ڪري ڪڏهن وڃانس ۽ مٿس جيڪو عذاب الاهي ٿئي ٿو، اُن ۾ گهٽتائي ڪرائجي.....

هي "تون- تون- تون" جون تنوارون ٻڌي، وجد نٿو ڪرين؟ مان رندمست الست وجد ۾ آهيان، ته ڄڻ ساري خدائي تنهنجي نالي تي وجد ۽ رقص ۾ آهي، سواءِ بيخبر انسانن جي!

(٣٠٢)

سنڌ جي سياسي عين کي ڍڪيندڙ چادر آهين تون جي-ايم-شاهه!
هاڻي ڪير چئي سگهندو ته سنڌ هيٺي يا ڪمزور آهي؟

مقابلو، فساد، جهيڙو ۽ تصادم منهنجي خطوط مان ثابت ڪرڻ ائين ٿيندو، جيئن ڪو روشنيءَ کي اونده ۽ ڏينهن کي رات چوي! مان ته تنهنجي شخصيت تي جيڪي بيخبريءَ يا بيپرواهيءَ جا پردا چڙهيل آهن يا چاڙهيا ويا آهن، انهن کي هڪ هڪ ڪري دور ڪري ٿو وڃان..... بني نوع انسان جي تون خدمت گذاري ڪندڙ سيد زادو، الله جون عنايتون ڏسين ٿو ته تنهنجي ثنا جو درجو مان مسڪين کي بخشيو وڃي ٿو... هنن خطن جي آمد جي سلسلي تي ته نظر ڪر. هنن خطن جي مفهوم جي تشريح عشق عالم افروز جي روشني ڦهلائڻ مثل آهي. فرزانن جا گريبان چاڪ ڪندڙ ۽ انهن کي سن شريف جي نظربند جي سامهون وجد ۽ رقص جو هنر سيکاريندڙ ۽ رموز عشق کي آشڪارا ڪندڙ مڪتوبات آهن هي!.....

— محمد امين کوسو

(٣٨)

عزيز آباد، انڙ واه، ٧-٣-١٩٦٦ع،
حضرت قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

خوف اٿم ته تنهنجو ذهن به منهنجي مشورن تي مستعد نٿو نظر اچي. ڪي عادتون، ڪي ذهني ساختون ٽوڙڻ به قدري مشڪل مسئلو ٿي پوندو آهي، سواءِ اسان پارن حق شناس ۽ حق پرست آدمين لاءِ، جن جي اڳيان حق پرستيءَ جو مقصد ئي خود ايڏو عظيم هوندو آهي، ايڏو صاف ۽ واضح هوندو آهي، جو باطل ۽ طاغو تي ڄارن ۾ هو ڦاسن ئي گهٽ. وقت ۽ حالات کي ڪڏهن موڙين ۽ ڪڏهن آنهن کان ٽپي پار پون. مان پارو ساري پاڪستان ۾ شايد آهيان ئي مان هڪ، جنهن تي هن ڪُهر ۽ تاريڪيءَ جي دور تر جيترو اثر به نه ڪيو.

جيڪو ڪجهه ٿيڻو هو، سو مان کي معلوم هيو. توهان ٽپن ۽ ناچ ۾ پئي ويو، مان جيڪا يڪسوئي اختيار ڪئي، اُن ۾ تبديليءَ جي ضرورت تا امروز نظر ڪانه آئي. سڀ دور مان لاءِ يڪسان آهن ۽ رهيا آهن. سگ زرد برادر شغال!

ون يونٽ سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي انفرادي توڙي مجموعي مفاد جي بلڪل برخلاف هو. پر اُن کي شڪست ڏيڻ ۾ اهو دڳ ته ڪونه هو، جيڪو توهان اختيار ڪيو. آهيان به توهان کي قريب ترين، پر تير ماتر منهنجي شموليت ته پنهنجي ان ٽپن ۾ ثابت ڪريو؟

هاڻي به نظربند آهين ته مان ذري ماتر به اُن سان شامل ڪونه آهيان. ڇاڪاڻ ته اها غير واجب، غير مناسب ۽ سنڌ جي مفاد جي منافي آهي. خطرو رڳو هيءَ ٿي سگهي ٿو ته آزاديون توکي وري ڪنهن غلط دڳ ڏي نه وٺي وڃن، يا ڪي خود غرض ۽ خود مطلب پنهنجي ذاتي مفادن خاطر اهڙن اوجهڙن ۾ ٻيهر وجهن، جن کان پرهيز ئي لازم ۽ ضروري آهي. سنڌ پرستي صوبي پرستي ڪاٿي آهي؟ سنڌ ئي پاڪستان، هندستان ۽ دنيا جي انسانذات جي خدمتگاري ڪندي. توکي ڪي خودغرض غلط دڳ تي نه لائين، ته ساري پاڪستان جي حصن ۾ تنهنجي شخصيت هڻي وڃي هنڌ ڪندي، يعني پنجاب جا آدمي خود توکي ئي مڃيندا - .... سڀني (صوبن) جي رهبري دين اسلام جي احيا جي نالي سان رڳو سنڌ تنهنجي ئي ذريعي ڪري سگهندي آهي، جي ائين جلد نه ٿيو ته عظيم نقصان ڏسان ٿو.

حادثه وه جو ابر پردهء افلاڪ ميں هے،
عڪس اس ڪا ميرے آئينه ادراڪ ۾ هے!

انسان جي اجتماعي ڀلائيءَ خاطر توکي منهنجي مشورن کي مڃڻ کپي ۽ پنهنجي تن جي آزاديءَ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. سنڌ کي مرعوب هئڻ جو ڪهڙو سبب، جڏهن تو ۽

شيخ صاحب پارو موجود هجن! ٻين جي رعب ۾ اچڻ ۽ تقليد واريون ڳالهيون هنن خطوط ۾ پڙهندو آيو آهين؟

پنجاب پنجاب جي خاطر، سرحد سرحد جي خاطر، بلوچستان بلوچستان خاطر، بنگال بنگال جي خاطر، بلڪ سارو پاڪستان سنڌ جو حقيقتان محتاج آهي. پر آها سنڌ منهنجي ئي خطوط ۾ عيان ۽ بيان ٿيل سنڌ آهي، ۽ نه پير علي محمدشاهه راشديءَ جي مضامين واري، جن ۾ سنڌ جو نالو به ڳنڍي ڇڏيو اٿس. کولي ڇا بيان ڪريان، بيان جون ڪوتاهيون ڪنهن کي معلوم نه آهن؟ بس! سنڌ ۾ تون جي ايم شاهه واهر، وسيلو ۽ مددگار ٿي سگندو آهين، انسانيت جي ڪشتيءَ کي موجوده شب تاريڪ ۾ موجن جي خطرن کان پار ڪرڻ لاءِ! سنڌ جي عظمت تاريخ ۽ هاڻوڪي بارعب حال جو تون ئي وارث بڻايو وڃين ٿو سستي ۽ رسمي تساهل ترڪ ڪرڻ کان سواءِ توکي ٻيو ڪو چاره ڪار آهي، ئي ڪونه. حڪومت يا غير حڪومت، ٻنهي لاءِ تنهنجو وجود يڪسان طور باعث رحمت آهي. ڪو آن کي نه ڄاڻي ته آن کان وڌيڪ ناداني ٻي ڪهڙي چئبي؟ آن ناداني جو علاج به تو وٽان ئي ٿي سگهندو آهي. ——محمدامين کوسو.

(٣٩)

٨-٣-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم-شاه صاحب!

اڄ وري ٻيو مضمون، "جنگ" جي "وغيره وغيره" ۾ پيرعلي محمدشاهه صاحب جي قلم مان حقيقت آميزانه آيو آهي. چي: آدمي ڊڪٽيٽر ٿيندا ڇو آهن ۽ تصويرون اهڙيون بڻائين ڇو، جن جي بيعزتي ٿئي؟ تصوير آها جيڪا مرڻ کان پوءِ به آدمي يادگارطور رکن! خوب!

هڪڙن اهڙن جون تصويرون جيڪي اکين تي رکي چمجن ۽ دل ۾ جاءِ ڏجين، بعد از موت به آنهن جي اصلي مقام جو ڪنهن کي احساس ڪونه! شهيد حق مرحوم الهه بخش

جو مثال ئي وٺ! هن مجاهد، غازيءَ ۽ سرفروش جي طور طريقن کي اڃا به ڪنهن نه سمجهيو آهي. آهه! سنڌ جي ڪورچشمي ۽ ڪُور قسمتي! تون پاڻ سراپا سونُ ٿي ويو آهين. خود توکي هن مجاهد اعظم جي ڪردار جي گهراين جو احساس ئي پيدا نه ٿيو آهي. جيئن شيخ صاحب سان ايترو قريب هوندي، توتي هن جو اصلي جوهر مڪمل طور عيان ڪونه آهي. وري ساري سنڌ تنهنجي ڪمالات کان بيخبر! توکي تصوير جيان مڙهائي، دل ۾ هميشه لاءِ سانڍڻ گهرجي. ماڻهن جون بيخبريون به لامحدود هونديون آهن. خود علي‌محمدشاه راشديءَ پاري کي ماني مڇيءَ لاءِ ايتري دردسري ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ سموريون ڪاوشون، سموريون عقلمنديون ۽ هوشبازيون، نذر ڍوڍو ۽ ساڳ!!! افسوس!

اڄ خيال آيو ته تون سنڌ جي مٿي تي تاج مثل آهين. تون اختلافات ۾ ٽپي نه پوين ته اختلافات تنهنجي هوندي رهن ئي ڪونه. تون اختلافات کي مٽائي، هڪ اهڙو طريق عمل به تيار ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهندو آهين، جو ساري سنڌ نه فقط پنهنجي حدود ۾ اطمينان آڻي، بلڪ خلق خدا کي رحمتن ۽ برڪتن سان مالامال ڪري ڇڏي. سنڌ ۾، دنيا جي خرابين کي دور ڪرڻ لاءِ، وسعت ۽ طاقت باڪل ۽ قطعان موجود آهي. سنڌ سنڌين لاءِ ته آهي، پر سنڌ ساريءَ دنيا لاءِ ئي ڪرڻ لاءِ، توکي لکان ٿو. منهنجي معنائن ۽ مفهومن کي دل سان هنڊائي، ان تي عمل ڪر..... تو پارا پنهنجي قسمتن سان گڏ ٻين جي قسمتن کي ڦيرڻ جون طاقتون رڳو پنهنجي ئي وجود ۾ رکندا آيا آهن....

هن گهڙيءَ، هن وقت ۽ هن عصر جو مرد حيات‌آفرين تون ئي آهين. اها حيات آفريني، مٿو هيٺ ۽ ٽنگون مٿي ڪرڻ سان نه ايندي آهي، پر حالات جي تقاضائن کي پوري ڪرڻ سان ايندي آهي. سو تون يقين رک ته حالات منتظر ئي تنهنجي

عمل جا آهن. جي-ايم-سيد جي نالي جي فروغ ۾ ئي اهوسڀ ڪجهه آيل ۽ سمايل آهي.

خُدا جب حُسن ديتا هے، نزاڪت آ ڀي جاتي هے!

جي-ايم-سيد کي جو الله ليگ کان آجو ۽ آزاد ڪيو، ته ٻيون سڀ زينتون اُن ۾ اچي ويون.....

—— محمدامين کوسو

(۴٠)

عزيز آباد، ٩-٣-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

السلام عليڪم.

١- مارچ جو تنهنجو خط آيو. ها. ائين ئي نوازبو آهي. ههڙو خط جي ملي ته هزارين لکين بادشاهيون ۽ صدارتون قربان نه ڪجن؟ مان کي ڪو چوي ته تون اهو خط واپس ڏي ته توکي پاڪستان جو صدر ڪنداسي. قبول ڪرڻ ته بجاءِ خود ان سودي ۾ جيڪا خيال جي پستي، گمراهي ۽ ذلت آهي، سا برداشت ڪرڻ جهڙي آهي؟

بخال هندويش بخشم سمرقند و بخارا را!

---

چند تصوير بُتان، چند حسينون ڪے خطوط،
بعد مرنے ڪے ميرے گهرسے يه سامان نڪلا!

منهنجو سامان ته قبل از مرگ به اهوئي آهي، ۽ ان تي فخر اٿم. تنهنجا خط ملن ٿا، ڇڻ ته زندگيءَ جي جدوجهد جو اُجورو ، ي ٿو. منهنجي هنگامه خيزين جو وسعتون ڪنهن کي معلوم؟ آهيان سوگنهگار!.....

.... تنهنجي خلاف غلط رپورٽون ٿينديون آهن. يقينان ائين ئي آهي. ڪير ڪن ٿا؟ سو ظاهر آهي ته تنهنجا ڪي دوست ڏيکاري ڪندا هوندا! پر پاڪستان اندر، تنهنجي شڪل وشباهت

ڇو غلط رپورٽن جي رحم و ڪرم تي ڇڏجي؟ منهنجي مدد ڪر ته توکي عيان ڪري بيهارجي. مختصر ملڪ، هرڪو هڪٻئي کي ڄاڻي سڃاڻي، پوءِ ڇا جيون غلط فهميون؟

پير علي محمدشاهه راشدي، جو پنهنجي اعجاز قلم کي ائين سستو ڪري هلائيندو، ته اُن جي معنيٰ اها ڪانه آهي ته وزارتون سندس هڪ فقري تي قربان نه ڪجن. مان اخبار ۾ سندس مضمون پڙهڻ لاءِ ايترو ته بيتاب هوندو آهيان، ڄڻ ڪنهن نئين بين‌الاقوامي واقعي جو منتظر هجان! ڇو جو سندس هر مضمون هڪ واقعي کان گهٽ ڪونه هوندو آهي. اها جادو نگاري ۽ سحرڪاري ڪهڙي ڪم جي، جنهن مان سنڌ جي ايام تاريڪيءَ ۾ واڌارو اچي؟ اهڙائي نا پاڪيزه لٽريچر، اهڙن جادونگارن جي قلم مان محض وقت جي آدمين جي گندن ذهنن جي تشفي يا تسڪين يا ضيافت طبع لاءِ نڪرن، توبهه! رنڊيءَ جو پيشو به اُن لحاظ کان وڌيڪ شريف آهي، ڇو جو اُن کان ذهن گندانه ٿيندا، دليون ته ڪاريون نه ٿينديون. بعض بعض دفعا مجبور ٿي ڪري، پنهنجي اصلي جوهر کان ڪي اهڙيون شيون به لکندو آهي، جو دل چاهيندي آهي ته سندس قلم چمجي!

تو بابت منهنجو صحيح صحيح رايو اهو ته ڪنهن غلط فهميءَ کي قريب اچڻ ڏجي ئي ڪونه. تون جيئن آهين، جنهن حال ۾ به آهين، سراپا سون آهين. اهو هرهنڌ جي يعني ٻين ملڪن جي سياستدانن لاءِ نه چئبو، ڇاڪاڻ جو اڪثر اُنهن مان خود غرض هوندا آهن. خود غرض نه هوندا ته سندن لاڳاپا پنهنجي ملڪ ۽ قوم سان مختلف طريقن سان ايتريقدر ڳنڍيل نه هوندا آهن، جيترا تنهنجا آهن!

سنڌ جي حال ۾ پاڻ آهين، ۽ ماضي هر شڪل ۽ صورت ۾ (جيڪا اسلامي عظمت جي نمائنده آهي) تو سان براه راست

ڳنڍيل آهي. ماضيءَ ۽ حال ٻنهي جو يڪسان طور نمائندو آهين. سنڌ جي تاريخ ۽ حال ٻيئي توتي ناز ڪن ٿا.....

(٤١)

عزيز آباد، ٩-٣-١٩٦٦ع،

حضرت قبلا جي-ايم-سيد صاحب!

لکيو اٿم ته سنڌ هاڻي به، هن وقت به، هاڻوڪي حال ۾ به پاڪستان توڙي هندستان جي ٻين حصن کان مٿانهين آهي. ظاهري سياست ۾ به. ڇاڪاڻ ته فخر سنڌ ۽ هند شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ تون جي-ايم-شاهه سنڌ ۾ آهيو. سنڌي هجڻ جو فخر اٿو! سنڌ کي توهان تي فخر ۽ ناز، توهان کي سنڌ تي فخر ۽ ناز! سبحان الله!!

منهنجي جملن جي ساخت به آمد هوندي آهي. اهي مضامين اختياري جملن ۽ فقرن جي صورت آسانيءَ سان ڪيئن وٺن، جيڪي نازل ٿين! ته به سنڌ جي رهبريءَ لاءِ جيڪو ثبوت پيش ڪريان ٿو، اهو ته ڪم از ڪم سمجهي ويو هوندين.

ڪراچيءَ ۾ جيترو وقت هوندو هوس، شيخ صاحب جي موجودگيءَ ۽ قرب جو خمار ۽ نشو چڙهيل هوندو هو. اختلاف ڪهڙي قسم جا هئا. سي ته تون ڄاڻندو آهين. وري شيخ صاحب مان کي دڙڪا به گهٽ ڪونه ڏيندو هو. پر آهي محض دڙڪا هوندا هئا، جي حڪم ڪري ها ته هيئن ڪر يا هونئن ڪر، ته ائين ئي ڪيان ها، جيئن چوي ها. کيس مان تي پنهنجي قبضي جو پورو پورو علم ۽ احساس ئي هيو، تنهنڪري ڪڏهن اشاري ۽ ڪنايي ۾ به مان کي ڪانگريس ڇڏڻ ۽ الهه‌بخش جي مدد نه ڪرڻ واسطي نه چيائين..... سنڌ جي هر خار ۽ خس کي به الله آهي درجا عطا فرمايا آهن جو ٻين هنڌن جي گل ۽ ريحان ۾ ڪونه آهن.

"خار وطن از سنبل و ريحان خوشتر" ههڙي ئي وطن پاڪ لاءِ چئبو آهي. ملڪ آهي يا ڪعبو بڻائي طواف ڪرڻ جهڙو ملڪ آهي!.....

منهنجي قسمت ته ڏس! نيازمندي اهڙي جيڪا ظاهر ۽ برملا آهي توسان ۽ شيخ صاحب سان، پوءِ به تون اها اميد رکين ٿو ته ڏيڏرن، چوهن، چمڙن ۽ چپرن جي ٻولين کان يا جن جدا جدا پرن ۽ چمڙين ۾ هو ملبوس ٿي پاڻ ڏيکارين، مان متاثر ٿيان؟ اهو ممڪن آهي؟—

شيخ صاحب عجيب طرز رکندو آهي. ضدي آهي، پر جن سان ياراني هجيس، انهن جو چوڻ مڃيندو آهي. جهڙي مهرباني مان تي اٿس، ٻئي تي آهيس ئي ڪانه! ..... عليڳڙه ۾ پڙهندو هوس، اخبارن ۾ اعلان ٿيو ته شيخ صاحب به دهليءَ ۾ ايندو ۽ تقرير ڪندو. مان به اتان دهليءَ پهتس، پنڊال ۾ داخلا ٽڪيٽ سان هئي. مان به وڏي ۾ وڏي ٽڪيٽ وٺي اچي ويٺس. مولانا شوڪت‌علي ۽ ٻين تقريرون ڪيون. شايد آغاخان به هو. شيخ صاحب ٻنهي سان اختلاف ڪيو. پهريائين ماڻهن ٽوڪ ڪئي، پر ٻه چار فقرا ٻڌايائون ته هال ۾ الله‌اڪبر جا نعرا بلند ٿيڻ لڳا. ساري مجموعي تي قابض ٿي ويو، بلڪ سڄو هال هن جو عاشق بڻجي ويو.... هن جو قدردان ته آهيان، پر تو وسائل تي پورو قبضو اڃا سوڌو ڪرڻ نه ڏنو آهي....

— محمد امين کوسو.

(۴٢)

١٠-٣-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم-سيد صاحب!

تو لکيو آهي ته تون ٻيا ڪم ڇڏي به بندي جي خطوط کي پڙهندو آهين، بلڪل ٺيڪ ڪندو آهي. دنيا جي چئن ڪنڊن ۾ هن قسم جي تنوار ٻي ڪاٿي نه ملندي، جا

ڪنهن جي دل جي ڪنن تائين پهچي! ڪي فقير درويش لڪل ضرور آهن ۽ رهندا، پر ظاهري شڪل ۾ هي خطوط آهن، جي عشق ۽ محبت جي رازن کي ائين برملا چون ٿا.

اقبال به منبر زد رازي ڪه نبايد گفت
ناپخته برون آمد آز محفل رندانه!

اڄ نماز پڙهندي خيال آيو ته هنن خطوط جو چڱو چوکو حصو ڇپرائجي.

"جي-ايم-سيد، سنڌ جو سياسي رهبر" (خطوط جو مجموعو)
از محمدامين کوسو.

هيءَ ٻولي ۽ طرز فڪر ٻئي جي نه آهي، ۽ نه ائين ٿيڻي آهي. اُن جو رواج ڏيڻ به خود عشق ۽ محبت جي جذبي جي فراواني پيدا ڪندو. بلڪل نئين چيز ۽ سراپا انقلاب آفرين!! تنهنجا فوٽا، اسيمبليءَ جي ميمبريءَ جا، تنهنجا ٺهراءَ پاڪستان بابت، تنهنجي تقريرن جا ٽڪرا پاڪستان جي حصول لاءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ۽ ٻيا ضروري حوالا، ڪنهن معقول ۽ درد دل رکندڙ آدميءَ کان گڏ ڪرائجن ۽ انهن لاءِ سندس شڪريو ادا ڪجي. ان طرح سنڌ جي هاڻوڪي سياسي حالت جو مڪمل خاڪو تنهنجي ذات سان ڳنڍي بيهارجي. مان پاڻ لاءِ ان مجموعي جي اشاعت لاءِ هاڻي منتظر رهندس. توڏي اڳ جا به گهڻائي خطوط آهن. تو لکيو هو ته تو منهنجي خطن کي هڪ جدا فائيل ۾ رکيو آهي. موجوده خطوط سان ٺهڪندڙ اڳيان خط يا سندن جزا به گڏ ڪجن.

ظاهر آهي ته سنڌ ۾ هنن خطوط جي جيتري اشاعت ڪبي، اها سنڌ جي وڏي ۾ وڏي خدمت آهي. اها هڪ شخص واحد جي پذيرائي هن معنيٰ ۾ ضرور آهي، جو اُن شخص واحد کي ڪڍي ڇڏجي ته اڄ سنڌ جو نالوئي ڄڻ ڪونه آهي. تنهنجي ڪچهرين ۽ محفلن لاءِ عرض آهي ته متان انهن محفلن

۽ ڪچهرين مان به ڪي موادگڏ ڪري رپورٽون ڪندا هجن.

تو لکيو آهي ته مخدوم محمدزمان طالب‌المولىٰ صاحب توڏي اچڻ وارو آهي. خدا شال کيس اهو درجو جلد عطا ڪري ۽ ورور پيو اچي! اهائي تات ۽ اهوئي ڪم الله نصيب ڪريس!

گذريل سال جيڪب‌آباد گهوڙن جي جلسي جي موقعي تي ساڻس ملاقاتون ٿيون هيون. باذوق آدمي آهي، شعر فهميءَ جو ملڪو اٿس، خانداني بڙو آدمي آهي. پر سنڌ جي خانداني بڙائيءَ جو محافظ تون، نظربندين ۾، پوءِ اها بڙائي ڪهڙي ڪم جي؟ اصل بات هيئن آهي ته تو ۽ مان جدا جدا اسباب جي بنا تي سنڌ کي سنئون ڪري بيهاريو ئي ڪونه. هاڻي به وقت ويو ڪونه آهي. تون آهين، مقصد حاصل آهي فقط حرڪت ۾ اچ..... اها سنڌ جيڪا توکي سڃاڻي، پيدا ڪرڻي آهي. مان وارا خطوط هڪ قسم جا گرز آهن، جي ماڻهن جي ذهنن جي لوهه کي درست ڪندا، يا ڪهاڙيون آهن جي اُنهن کي گهڙينديون. تولاءِ مايوس ٿيڻ جو سبب آهي به ۽ نه به آهي. مايوس نه ٿيڻ جو سبب اهو آهي جو تون آهين. خود تنهنجو وجود مايوسيون مٽائيندڙ وجود آهي. ٿورڙي محنت، جفاڪشيءَ ۽ حقيقت پسنديءَ جي ضرورت آهي، سنڌ جاڳي اُٿندي. صوبي پرستي يعني سنڌپرستي ته مان وٽ عين ايمان آهي. سنڌ احياءِ اسلام جو مرڪز آهي! .. ....

شاهه قبلا! هي ڀاتيون هتان جون نه آهن، جن جي اشاعت لاءِ آمادگي نماز ۾ آئي. تنهنجي دامن سان منهنجي دست طلب جي ازلي ۽ ابدي وابستگيءَ جو اظهار، هن دور جي امام ۽ زماني جي وڏي ۾ وڏي مذهبي پيشوا جي امر ۽ حڪم سان ٿي رهيو آهي.....

هڪ ڳالهه جو اظهار ڪريان؟ راشدي ڀائرن کي شايد اُن جو احساس اڃا پيدا نه ٿيو آهي، سائينءَ کي سندن وڏو

هوندو هو، بلڪ سندس ئي پاليل آهن. هي پنهنجي عقل فروشين کي ئي پنهجي زماني جي مانيءَ مڇيءَ لاءِ ذميوار ٺهرائيندا هوندا. پر اصل ۾ سائينءَ جو مٿن ڏاڍو پيار هوندو هو. هڪ دفعو پير علي محمد راشديءَ کي رڳو ايترو چيائون.... "اسان کي چوڻ ته نه گهرجي. چوڻ ئي بيعزتي آهي..." چهري مبارڪ تي پگهر اچي وين. پوءِ آهستي آهستي فرمايائون. "چوندا آهن ته توهان کي به هڪ جاءِ تي قرار ڪونه هوندو آهي...." "اسان ته توهان جا غلام آهيون..." مان ڄاتو ته اڄ راشدي بهادر اڏجي ويو. سنڌ جو اڳ قاصائي بڻيو، ته هاڻي کڻي منهنجي هٿ تي بيعت ڪري خادم بڻجيس. مان کون سواءِ ته اهو قطعاً ٺيڪ ٿيڻو ڪونه آهي، پر مان کون اهڙن موقعن تي ڪترائي ويندو آهي.

دل ۾ اُمنگ اٿندا هئم ته هانگ ڪانگ جاڻي آهي، اُتي ملي اچانس. ٻنهي ڀائرن جو مان سان تعلق بي پردي آهي يعني مان سندن، اُهي منهنجا! مان کي سندن عقل فروشين تي بيحد ڪاوڙ ايندي آهي، پر وري چوندو آهيان ته انهن حرڪتن کان روڪي به مان ئي سگهندو آهيان، ٻئي جي هٿ ڪرڻ جانه اهن. مان ويجهو وڃان ڪونه، هي ٻئي ڪنهن کي قطعن ڪونه مڃيندا آهن.

توسان هر سنڌيءَ جو لاڳاپو ٿي سگهندو آهي، سو لاڳاپا ضرور اٿن، پر هت معاملو ڪجهه اور آهي.

پير علي محمد شاهه جي آواز ۾ ڏاڍو درد آهي. ڪڏهن ڪٿي ۽ سُر ۾ تو وٽ ڪجهه ڳايو اٿس؟ مان وٽ منهنجي رايل هوٽل ۾، ڪڏهن ڪڏهن زماني جي ڪمن کان ٿڪي اچي، پناهه گزين ٿيندو هو. هڪ بلڪل علحده ڪمرو هن جي حوالي ڪري ڏيندو هوس، پوءِ مان ڪُنڊائتو ٿي بيهندو هوس. ڪلام چوندو هو ڏاڍي درد سان!....

پير علي‌محمد شاهہ بعض دفعا ملڻ وقت تہ بيخود ٿي ويندو آهي. ٿيڻ گهرجيس. مان کي ڏسي ٽپا ڏئي، وجد ڪري، ڪپڑا ڦاڑي خوشيءَ مان تہ بہ جائز آهي. ڪوبہ پردو حائل ٿي نہ سگهندو آهي هن رشتي ۾. تون تہ ٻاڻ پير آهين. پيرسائين ٻاڪارا آهن، بادشاهہ آهن، ۽ منهنجي دل ۾جهڪڏهن اچي، ۽ ٻيا موانعات نہ هجن تہ جهڪي وڃيم آهو ڪرائي ويندس. تون هن روايتي رشتي ناتي جي حُسن ٿي نگاهہ وجهہ. خرابيون تہ برابر اچي ويون، ۽ ڪي خوبيون بہ آهن. سڀ راشدي اسان جا مالڪ ٿي آهن ۽ سڀني ٿي اسان جو حق بہ آهي.

پير سيدعلي‌محمد شاهہ بمع سيد حسام‌الدين شاهہ ڪنڊ ڪوٽ

منهنجي الیڪشن جي دوران آيا تہ آن الیڪشن تي چانٽجي وبا، حڪمان ووٽ ورتائون. ووٽ چا، الیڪشن ظاهر ٿي ٻيئي. سردار شيرمحمد خان قومي سردار جي ظاهري شڪست نظر اچڻ لڳي. پير علي‌محمد شاهہ راشديءَ آن وقت جي ڊپٽي‌ڪمشنر مسٽر ٻوٽ کي هڪ تقرير ۾ چيو تہ "الیڪشن پڪنڊاسون ۽ ڪابہ طاقت اسان جو مقابلو نہ ڪري سگهندي. مسٽر ٻوٽ الیڪشن ۾ مداخلت ڪري، غلط ڪم ڪري ٿو." مسٽر ٻوٽ ٻوءِ مان کي لکيو تہ تون علي‌محمدشاهہ راشديءَ جي ان تقرير کان دست‌برداريءَ جو اظهار مان ووٽ اچي ڪر. آن ٿي وڏي لکپڑهہ ٿي. مسٽر جيرامداس دولترام اهو سوال شايد ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽيءَ ۾ کنيو. ٻوه سرلٽنسلاٽ گرهام، مرحوم شهيد الهہ‌بخش کي چئي، اسان ٻنهي جو صلح ڪرايو. الهہ‌بخش اسان ٻنهي کي چانهہ تي گهرايوسين. مسٽر ٻوٽ چيو تہ "مان توکي جهڪي ڪجهہ لکيو هو، سو تنهنجي تقرير ڪري تہ ڪونہ هو، ٻوءِ توکي دل ۾ چو ڪرڻ گهربو هو؟ منهنجي مرضي هئي تہ تون رکجو اڻين چئہ تہ اهو خيال تنهنجو ڪونہ هو تہ ڪو مان الیڪشن ۾ دست‌اندازي ڪئي." مان چيو تہ "الیڪشن گذري ويئي ۽ نتيجو بہ اوئين نہ نڪتو جيئن

راشدي صاحب فرمايو هو، ته پوءِ هن قسم جي لکپڙه ئي بيسود هئي." وغيره. نيٺ چاءِ پي يار ٿياسون.

پوءِ هڪ دفعي مسٽر بوٽ مان کي چيو ته "تون هندستان جي آزاديءَ لاءِ لڙين ٿو. پر شايد آهو وقت اچي جو تون آن وقت جي حالتن کان خوش نه رهين." مطلب آنڪه هيءُ اسان جو ننڍو پر آباديءَ ۽ ٻئي لحاظ کان وڏو سنڌ جو ملڪ، اهڙو ته هڪٻئي سان ڳنڍيل آهي جو اسان "هڪ" آهيون.

افسوس آنهن تي جي هن "لاهوتي"، ازلي، ابدي، وحدت ۽ "هيڪڙائيءَ" کي ٽوڙين.

اسان کي ٻين جيان زنده باد، مرده باد چئي، هڪٻئي سان ناتا ڳنڍڻ ۽ ٽوڙڻ جي ڪهڙي ضرورت پيش آئي. هن وحدت جي ميخاني جا سڀ پوڄاري، سڀ سنڌي آهيون. سڀ هڪ ئي خمار الستيءَ سان مدهوش ۽ مخمور. تن کي عداوتن ۽ اختلافن کان بچائڻ ڪم تو پير مغان جو! ها- اڄ وري خطاب ئي اور بڻجي آيو. اڳ هيترن خطن ۾ نه سنڌ ميخانو سڏجي سگهي، نه تون ئي پير مغان جي نالي سان خطاب ٿيو آهين. سو پيرمغان آٿ! آئي محبت جا پيالا گردش ۾ آڻ ته دنيا جي اونده ۽ ڪارنهن کي ختم ڪرڻ جو سعيو ڪريون. تون پيرمغان، مان مئي‌پرست! اچ ته سنڌ جي ذريعي انسانيت کي عشق ۽ محبت سيکاريون، جنگ جدال، قتل ۽ غارت‌گريءَ جو دور ختم ڪرايون.

خيز تا امروز درِ ميخانه ڪشادي طلبيم،
بر درِ دوست نشينم و مرادي طلبيم!

مطلب ته تون هڪ هن دور جو نقشو ئي دل آويز بڻائي سگهندو آهين. پوءِ سياسي غلط خفقان ڪهڙي ڪم جا؟

پڙهه جي-ايم‌شاهه! اي سنڌي، پڙهه جي-ايم-شاهه! پڙهه هن سيد سونهاري جو عشق ۽ محبت جي رازن سان ڀريل نالو!

سنڌ جي عظمت رفتہ جو پاسبان، سنڌ جي عزت ۽ شان جو رکوالو. سنڌ جو هر عيب سندس نالي سبب ثواب! سنڌ جو هر ڪريل سندس اسم جي مسيحائيءَ سبب اٿيل ۽ آبرودار! ڪر طواف تون بہ سن‌شريف جو مان سان گڏجي. اکين ۾ دل جي جذبن جو آب هجيئي، ۽ ٻيئي هٿ ٻڌل!

هيءَ بارگاهہ، بارگاهہ جي-ايم-شاهہ آهي- آءُ، آءُ! اڄ تہ تون ۽ مان گڏجي سربسجود ٿيون ۽ ساري جهان کي هٿ‌ئي جهڪايون! هت جهڪايون تہ انسان انسانيت جو مرتبو ڄاڻي، مسلمان مسلمانيءَ جي رمز سکي، سنڌ وري سنڌ ٿي، هندستان ۽ پاڪستان جي رهبري ڪري! — محمدامين کوسو.

(٤٣)

١١-٣-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم-شاهہ صاحب!

نسيما! جانبِ بطحيٰ گذر ڪُن،
زاحوالم محمد را خبر ڪن!

حضرت "جاميءَ" جو مٿيون شعر اڳئين ڏينهن دل ۾ ۽ زبان تي آيو، ۽ حضرت مولانا عبيدالله سنڌي‌رح جون مشقتون ۽ تڪليفون ياد آيون. دين خاطر ڪهڙي ڪهڙن دشوار رستن سان پاپياده سفر ڪندو، جهنگ ۽ جبل ڏوريندو، ملڪان ملڪ، ديسان ديس هجرتون ڪندو رهيو. وري هت اسان جي سنڌ ۾ وريو تہ سواءِ چند نفوس جي ڪنهن کي اهو احساس ئي پيدا نہ ٿيو تہ هي ڪير ۽ ڇا؟... .... هاءِ! هن علم جي اٿاهہ سمنڊ عمل جي ڪوهہ گران، صبر ۽ برداشت ۾ بيمثل مجاهد، غازي، مفڪر، مفسر، واعظ، متڪلم، فلسفيءَ، تاريخدان، سياسي رهنما ۽ ليڊر جو اڄ تائين ڪنهن کي پورو پتوئي نہ پيو! ڪهڙي نہ قسمت ۽ اکين جي انڌائي! سندس علم ۽ عمل جي گردش جو زمانو بہ اسان جوئي آهي. ڀرچونڊي شريف مان حضرت

جنيد وقت حافظ صاحب رحہ کان ڪلمئہ توحيد پڙهي، سندس ديني پُٽ ٿيڻ جو شرف حاصل ڪيائين. پيرانہ ساليءَ ۽ پختہ خياليءَ جا آخرين ايام بہ وري هت اسان وٽ ئي گذاريائين. مان ۽ مولانا دين محمد وفائي هڪٻئي سان سندس مٿان صدقي ۽ قربان ٿيڻ وارن وجد ۽ رقص ۾ پئي مقابلا ڪيا. پر ڪنهن نہ ٻڌو، ڪنهن نہ ڏٺو. توبهہ، لک ڪروڙ دفعا توبهہ! تون تہ ليگين جي نشي ۾ سخت مخمور هئين. منهنجي هر ڪوشش بظاهر توکي بيدار ڪرڻ جي آن وقت تائين رائگان ٿيندي هئي. پر مان کي پنهنجي مستانہ رويءَ ۽ سوز درون جي تپش ۽ شعلہ فگنيءَ ۾ اميدون هيون تہ توکي گرمائي وجهندس. توکي ليگ کان ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪندس! ڪامياب ٿيس ڪهڙي نہ شان سان!

آن وقت بہ مان حضرت مولاناکي سندس آخرين بيماريءَ جي وقت تنهنجي بنگلي ۾ اچي رهڻ لاءِ دعوت ڏني هئي، پر انڪار ڪيائون، ”جي-ايم-سيد تہ اسان جو آهي، پر هُو ليگ جو عهديدار آهي. اسان لاءِ مناسب نہ آهي، جو اسان ليگ جي عهديدارن جي جاءِ ۾ رهون.“

ليگ، سنڌ ۾ رڳو کهڙي پارن احمقن جي جاءِ آهي، پر اهو بدبخت ازلي بہ آتي جالي ۽ گذاري نہ سگهيو.

ٻن حصن، سنڌ ۽ بلوچستان، ۾ ليگ جو نالوئي غلط آهي، ٻين سببن کان علاوه الهہ بخش شهيد جو پاڪ رت اسان کي ليگ کان جُدا ڪري ٿو بيهاري. منهنجو يار بہ يارن جهڙو، جنهن جي سيني تي دشمنان سنڌ ۽ قوم جون گوليون وسيون، مان تن جي ليگ کي ڪيئن برداشت ڪري سگهندس!....

مان وٽ تہ منهنجي ٽُڪ بہ (سواءِ تو پارن پيارن ۽ عزيز سيدن ۽عالمن جي) ليگ جي ليڊرن کان وڌيڪ عزت واري آهي.

بات جو صحيح صحيح سمجهڻ ڄاڻندو آهيان. ٻہ هزار گڏهہ، چار هزار ڪُتا (Dogs) هينگن ۽ ڀونڪن تہ اها حقيقت

ٿي ويئي؟ اهڙين جمهوريتن کي پيشاب جي قطري کان بہ گهٽ سمجهندو آهيان. ڇاجي جمهوريت، ڇا جو عوام؟ اسان جي هاڻوڪي عوام کي ايوب‌خان اشارو ڪري ٿـ. اسان هارن کي لتاڙي ماريون. ڪربلا ۾ بہ "عوامي لشڪر" حضرت امام کي شهيد ڪيو هو!

هڪڙا فرسوده ۽ بين جا ٻڌل نعرا ڪنهون وٺندا آهن. وڏا وڏا بظاهر پڙهيل ٿ سنڌ ۾ ڪتن ۽ ڪڏهن کان بہ گهٽا آهن. ڪنهن کي تنهنجو فڪر ۽ خيال بہ آهـي؟ ڏوند سان پيٽ ڀري ڇاڻن.

لکيو هوم تو کي ٿ هڪ ديوان، ڏاڍوئي سهاڻو ۽ تجربيڪار، جوڪب‌آباد جي ريسٽ‌هائوس ۾ ملهو. مان چهو ٿ سنڌ جي آدمشماري ڪل ڏي آدمي!! ڇاڻين بلڪل ٺهڪ ٿو چوين. هوه ڪم بہ آنهن ڏن جي وزن جهڙو ۽ جيترو ڪرڻ گهرجي. آهي ڏي سنڌ کي ٿ برابر پنهنجي مٿي تي سينهون ڪري کڻي بيهڻ جي طاقت ۽ همت رکن ٿا. ۽ سنڌي، جو اسان جي مٿي تي سوار ٿيڻ بجاه بين جي جوتن جي مٿيءَ تي سجدا ڪري ٻاڻ کي ذليل ۽ خوار ڪندا ٿ ڪيو ڇا؟.....

تون ٿ ٻڌ ٻيڪ هڻين، ۽ اسان ٿ خاموش ڪونہ هڻاسي. مان ۽ مولانا دين محمد وفائيءَ وس ڪيا. ٻيا ٿ چڏيو، احمق مڙلان بہ ايترا سست هجن، جو معاملو نہ سمجهن! جيئن هاڻي بہ هڪ آهي، علامہ غلام‌مصطفيٰ قاسمي— چنبو ۽ بدبخـت. ميدان حشر ۾ الائي مٿس ڇا گذرندي؟ مان جيئرو جاگندو ويٺو آهيان، منهنجي حياتيءَ ۾ حضرت مولانا سنڌيءَ بابت اهڙن خيالن جو اظهار ڪندو آهي، جڏ ٿ انهيءَ ٻوٽيءَ جي تعريف جو مولانا محتاج آهي! نہ ٻيڻا کي ڪو شرم نہ ڪو لحاظ. "الرحيم"— ايوب‌خان جي زير صدارت ۽ ان جو ايڊيٽر هيءَ جهنمي ۽ دوزخي ملو؟! .....

"صوفي- صوفي"، جيڪو تنهنجي تصور ۾ آهي، اهو ٿيندو ڇا آهي؟ صوفي ئي ته اسلام جو اڻ شڪست کائيندڙ فاتح آهي! تون پاڻ کي ئي ڏس! پاڪستان ٺاهڻ تي اچي بيٺين، ته نه انگريزن کي خيال ۾ آندءِ، نه هندن جي پرواه ڪيئي. پاڪستان جو جهنڊو سنڌ جي هٿ ۾ ڏيئي بيهي رهئين! ڪنهن کي مجال هئي، سواءِ منهنجي، جو آن وقت به هڪدم ٽپو ڏيئي، آڻي بيهي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ فرمائي ته "هن سيد تاريخ جو باب آلٽائي رکيو"، ۽ توهان ڏند شيڪي کلو ٿا؟

ٻه آدمي: هڪ طرف تون مخدوم، ٻئي طرف مان خادم بيهجي وياسين. — محمدامين کوسو.

(٤٤)

١٢-٣-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم-سيد صاحب!

راشدي بهادر ناقابل معافي غلطيون ڪيون آهن. پر مان موجود آهيان، مان وٽ اچي دوباره بيعت ڪري ۽ از سر نو سنڌ جي خدمتن جو اقرار ڪري، ته معافيون به ملي سگهنديون آهن!

مانيءَ مڇيءَ خاطر سنڌ جهڙو ملڪ تين وال ڪبو آهي؟ جيئن هن ڪيو يا ڪيون اچي ٿو! بدناميون سهي، سر قربان ڪري به سنڌ جي بقا جون ڪوششون ڪبيون آهن.

تون درويش قسم جو آدمي آهين، سڀڪنهن وٽ تنهنجي خيالات جو ڪتاب کلي ويندو آهي. بعض امور خاموشي طلب هوندا آهن. گوڪه تنهنجي ذات ۾ اهڙين تدبيرن جي ضرورت ئي ڪانه آهي. تون ڪنهن سان مقابلي آرائي ڪرين ٿو؟ هرڪو وڃي کڏ ڀري. تنهنجو هجڻ ئي هڪ اهڙو اعجاز مسيحا آهي، جو سنڌ سرفراز ئي رهندي. تنهنجي هر ادا محبوبانه، تنهنجي هر حرڪت ۾ دلربائي موجود، ته پوءِ توکي سلامت الله رکي ته

سنڌ سلامت آهي. هنن ڪارن ڪُنن ڀرئي طوفانن جي منجهدار مان تون ئي سنڌ سلامتيءَ جي ساحل تي آڻي بيهاريندين. آمين!
— محمدامين کوسو.

(٤٥)

١٢-٣-١٩٦٦ع حضرت قبلا جي-ايم-شاهه!

صبح جو وقت آهي، نماز ۽ تلاوت کان فارغ ٿي، چاهه پي رهيو هوس ته تنهنجي خيال دامن ڇڪيو. اچي حاضر ٿيو آهيان. خيال آيو ته الهه بخش جو نالو ظلم، تعصب، جهالت ۽ سنڌ جي غلاميءَ جي پردن کي چاڪ ڪندڙ نالو آهي. حسيني لباس ۾ ڍڪيل نالو- جيستائين سنڌ اندر هن جي جلوه گري عام نه ڪئي ويندي، ڪجهه نه ٿيندو.

"مرڻ قبول ڪندس، ليڪ ۾ شامل نه ٿيندس"، سندس اهو مردانه نعرو سنڌ اسيمبليءَ اندر توکي ياد آهي؟ ڳولي اها تقرير هٿ ڪر. رستو ئي تو سنڌ جي تباهيءَ جو ورتو هو ته توکي ڪير موڙي ها؟ سنڌ جي نالي تي، سنڌ جي آزاديءَ خاطر سر گهوري قربان ڪيائين.

بنا ڪردند خوش رسمي به خون و خاڪ غلطيدن!

ڏٺي تو به معنيٰ منهنجي الهه‌بخش سان والهانه وابستگيءَ جي؟ يارانيون ڪجن ته ائين ڪجن، اهڙن سان ڪجن! ڇا جي ڪانگريس ته ڇا جا ٻيا اصول؟ شهيد ٿيندڙ يار تي ووٽ قربان ڪيم. توکي خبر آهي ته چيو ڇا هوم هڪ محفل ۾ ته اهو به الهه بخش جو احسان، جو منهنجو ووٽ قبول ڪيائين. منهنجي ووٽ جي لائق اهو هڪ هو. جي ان کي ووٽ ڪم نه اچي ها ته ٻئي کي ته ووٽ نه ڏيان ها!.... — جي ٿورڙي غلطي ڪندو هو، ته اسيمبليءَ اندر تقريرن ۾ به کيس دڙڪا ڏيندو هوس. سر يار جي نالي ڪٽائيندڙ، عاشق مزاج ۽ پاڪ طينت جي

عظمتن جو عمق ڪير ماپي سگهندو؟ اُن جو صلو ڏيندڙ فقط الله آهي. الهه‌بخش حياتيءَ ۾ به نرالو ۽ محبوب، ته موت ۾ به نرالو ۽ محبوب‌ترين! اهو وقت ضرور ايندو جڏهن سنڌي اِن نام عظيم جي عظمتن اڳيان دست‌بسته ٿي جهڪندا ۽ ديوانه‌وار هن قبر تي زيارتون ڪرڻ ايندا. سنڌ جي گوشي گوشي ۽ چپي چپي تي هن مرد عظيم جون يادگريون قائم ڪيون وينديون.

هن جي حلق مان نڪتل اهو دلڪش سنڌي آواز منهنجي ۽ حضرت مولانا سنڌيءَ جي موجوگيءَ ۾، آزاد ڪانفرنس جي موقعڻ تي، لعل قلعي جي ڪنگرن ۽ جامع مسجد دهليءَ جي منارن سان ٽڪرايو، جنهن جي معنيٰ جي باز گشت هن صورت ۾ ڏسڻ ۾ ايندي ته هندستان اندر اسلام ئي ڪارفرما طاقت هوندي. مسلمان هند کي مايوسين کان بچائڻ واسطي اهو نعرو شڪارپور جي پنجن پيرن جي قبرستان ۾ پوريل، سدا جيئري پنهنجي يار الهه‌بخش کان بلند ڪرايم. اهي نه اتفاقي باتيون آهن ۽ نه ٻڌل ڳالهيون آهن.

تنهنجو واسطو ۽ ڪم مان جهڙي دل ۽ جگر فگار ڪندڙ آدميءَ سان اچي پيو هو. توکي جناح پرستيون مان ڪيئن ڪرڻ ڏيان ها؟

هاڻي به اُستوار ٿي، ماحول تي نظر ڪر. پنهنجي ۽ منهنجي سياسي تگ‌ودو تي غور ڪر ۽ آءُ، اچي ميدان ۾ جلوه گر ٿيءُ! نظربنديون ئي مقام عشق کي معين ڪنديون آهن. اهي ٿي ويون. هاڻي دڳ ۽ رستو اهو ڪڍ ته هيتي ڏهتي الله جي دين جو غلغلو دوباره بلند ٿئي!

لومڙن واريون سياستان تو شير مرد لاءِ نه آهن. صلاح ۽ مشورو منهنجو، عمل تنهنجو. اُٿ ته الهه‌بخش جي قبر ۽ مرقد جو گڏجي، ساريءَ سنڌ سميت طواف ڪريون. شيخ عبدالمجيد

۽ راشدي پاڻ (پنهنجا اکيان کڏا ڪ ر وساريون ٻه شعر
ڪريون هن طواف ۽ عبادت ۾!! پرستش گاهه عباد گاه بڻائي
رکيائين پنهنجي قبر کي، اهڙي کي ووٽ نه ڏيان ها؟ الحمدالله!
مٺس پرواني حيان قربان ٿيندو رهيس.

اسمبلي ۾ جي هڪ اجلاس ۾ کهڙي جي خدمت جي
مقابلي ۾ هڪ هاڻي الهبخش جو آواز هو ته ٻڌي ٻڌي سان
هوس. آن ڏينهن جي ڪاروائي ۾ تي هاڻي به ڪو نظر ڪري
ته معلوم ٿيندو ته ٻه فقط ٻه سنڌ کسي بچائڻ جي تگ ودو ۾
لڳل آهن. هڪ شهادت حاصل ڪئي، ٻيو ٽهنجي دامن کي
پکڙي، توکي انڌپندين جي زنجيرن کي ٽوڙڻ لاء عاجزانه
۽ محڪمانه طريقي سان چئي رهيو آهي. تون هندستان وارا
سنڌي به آڻ.....

هي دور خود انسان لاء انسان جي هٿان تاريڪ ترين
دور آهي. ان جو خاتمو تنهنجي ڪوشش ذريعي سنڌ، عظيم
سنڌ ايترو جلد ڪندي، جو انسان جو عقل حيران ٿي ويندو
ته هي ٿيو ڇا؟

سنڌ جي هاڻوڪي دور ۾ جيڪو تضاد آهي، سو به حيرت
ڪن آهي. هڪ طرف اوندهه انڌوڪار، ٻئي طرف وقت ۽ زماني
جو مجدد اعظم منهنجو آقا ۽ ٻيو، پرچونڊي شريف جو فخر
درويش سلطان عبدالرحمن رحه، مولانا عبيدالله سنڌي، سياست
۾ تون ۽ فخر سنڌ وهند شيخ صاحب!! ٻوه هڏن آفتابي جلون
جي سامهون مايوسيون پنهنجون تاريڪيون فقط ان وقت تائين
ڪاميابي سان ڦهلائي سگهنديون آهن، جڏهن دلين ۽ اکين
تي انهن جي عڪس کي روڪن واسطي پردا ڇڙهيل يا هاڙهيل
هوندا. اهي پردا چاڪ ڪرڻ ڪم تنهنجو! جهالت، خود فريبي،
غلاميء ۽ سنڌ جي حال ۽ ماضيء جي عظمتن کي لڪائيندڙ
پردن کي چاڪ ڪرڻ جون دعوتون هنن صفحات ۾ توکي
ڪيل ۽ عيان ملنديون رهن ٿيون. آت! عقل، فهم ۽ تدبر کي

عشق جو تابع بڻائي آٿ! تنهنجي آڻڻ ۽ تنهنجي عمل ۾ اسلام جي سرفرازي ۽ سربلنديءَ جو راز سمايل آهي. آٿ! سستي نه ڪر، چوطرف چوڌار روحاني دنيا مان توکي دعائون ملنديون رهن ٿيون. سنڌ سڄيءَ جون برڪتون ۽ رحمتون توسان شامل حال ڪري رکيون اٿم. آٿ! سنڌ جي حسن ۽ عظمت مٿان آيل يا آندل پردا هڪ هڪ دور ڪري، دنيا کي آن جو ديدار ڪراءِ. پوءِ پاڻ به وجد ۽ رقص ڪر ته مان به توسان وجد ۽ رقص ڪريان جيئن هاڻي ڪري رهيو آهيان.

سنڌ....؟ سنڌ منهنجو ڪعبو!

—— محمدامين کوسو

(٤٦)

١٥-٣-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم-شاهه صاحب!

سنڌ جي ماضيءَ ۾ تنهنجا روحاني، بدني ۽ نسبي رشتا ناتا کتل آهن. حال جو پاڻ هن ڏکئي وقت ۾ واحد نمائندو بڻيو پيٺو آهين.

راشدي بهادر جي مضامين ۾ مڻ عقل جا موجود آهن، شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ اهڙو ڪو آدمي هوندو، جو پنهنجي کوپڙيءَ ۾ ايترو عقل محفوظ ڪيون گهمندو هوندو! هاڻي آن عقل جي ورکا آهي، بي سبب ته ڪوبه ڪم نه ڪندو آهي. سنڌ سان نئون نينهن لڳو اٿس، اهو ڪير ۽ ڪيئن باور ڪري؟ ايترو عقل جو باڦيندو رهي ٿو. سنئون سڌو مختصر دڳ ڇو نه ٿو وٺي. سنڌ جي مطمئن ڪرڻ جو لفظ هيڏو سارو ڇو ٿو لکي، ڇونه ٿو جي-ايم-سيد جي آزادي لکي. پاڻ شايد اِن نالي لکندي لڄارو ٿيندو هجي، ته هيئن لکي ته "سنڌ ۾ اهڙا به آدمي هن دور ۾ پيا آهن، جي جي-ايم-سيد کي رهبر ۽ ليڊر ڄاڻن ٿا ۽ سندن واحد مطالبو اهو آهي ته سيد تان

بندشون هڪدم بنا دير، هن پل هٽايون وڃن. اهڙن آدمين جو دماغ صحيح آهي يا نه، اهو پوءِ جو خيال آهي، پر جي اهڙن آدمين کي مطمئن ڪرڻو آهي ته سندن مطالبو واحد ۽ سولو مطالبو آهي".....

مان جيڪي چوان ٿو، اُن کي هضم به ڪندو آهين؟ منهنجي دعويٰ آهي، جي توکي جلد از جلد سنڌ جي ذريعي پاڪستان جي خدمتن طرف متوجه ڪرڻ ۾ مان ڪامياب نه ٿيس يا ٻين نه ڏنو، ته پوءِ هن ملڪ کي وڏي نقصان جو انديشو آهي.

هن رياست ۾ جيڪا سياست نيڪيءَ ۽ انسانيت جي ٺهڻي آهي، اُن ۾ تنهنجو حصو يقينان اوتروئي اهم ٿيڻو آهي، جهڙو هن کي وجود ۾ آڻڻ وقت هو. محض تخمينا هي ڪونه آهن.....

بغير جذبات ۾ اچڻ جي هزار لک دفعا هن رياست پاڪستان جي سياست بابت غور ڪبو ته ان پنڌ ۾ نالو نمبر پهريون تنهنجوئي ذهن ۾ اچڻ کپي. جي ائين نٿو ٿئي ته ان شخص جي کوپريءَ ۾ ڪي ٻيا فاسد خيال آهن. اهو پوءِ نيڪيءَ واري سياست چئي ڪونه سگهندو.

پير علي محمد راشديءَ جي عقل منديءَ جي اسان جي هن صوبي کي هر وقت ضرورت آهي، جنهن جو هو ليڊر به آهي ته فرزند به آهي. (بشرطيڪ هو محسوس ڪري ۽ کيس مطمئن ڪجي). سندس حق هن صوبي تي آهن ۽ صوبي جا حق مٿس آهن. اسان جا، خود منهنجا، مٿس وڏا حق آهن. پير خاندان کان سواءِ، سندس ۽ سندس ڀاءُ جا ذاتي احسان مان تي آهن، جو هنن ضلعي اندر منهنجي انقلاب آفرين سياست کي امدادون اچي ڪيون. ڏينهن، هفتا ۽ مهينا ساڙيائون. مان هڪ واضح سياسي خيال ۽ ارادي رکندڙ آدمي هوس. هنن جو منهنجي امداد ڪئي، ته مان هڪ تر جيترو به انهن بنيادي معاملن ۾ نه هٽيو آهيان.....

شب و روز جون گهڙيون جنهن ۾ تو بابت غور ڪندو رهندو آهيان، هيترن سالن جي عرصي ۾ شايد ١٩٣٦ع جي آخري مهينن ۾ رام سدارنگاڻي وڪيل، مون کي تو وٽ وٺي آيو هو. مان يونيورسٽيءَ کان نئون نئون آيو هوس. منهنجي ذهن تي آها ملاقات نقش ٿي ويئي. مان توکي گهلي، پنهنجيءَ دل ۾ هميشه لاءِ جاءِ ڏيئي ڇڏي. منهنجي تحريرن ۽ زباني گفتگو ۾ تنهنجي هوش ۽ هلت تي سخت لفظ به ظاهر ٿيا، پر آها صورت ۽ شڪل جيڪا دل ۾ جاءِ ڪري ويئي، ان ۾ تر ماتر ترميم ڪرڻ جي ضرورت ڪانه آهي. هاڻي پنهنجي بيچينين جو اظهار ڪريان، ته تنهنجو آرام به ڦٽي وڃي.

تنهنجي نظربنديءَ تي بيپرواهي اسلام سان دشمني ۽ غداري آهي، سنڌ جي عزت ۽ عظمت تي وار ۽ حملو آهي. سنڌ دين جو مرڪز آهي. دين جي مرڪز تي حملو دين تي حملو آهي. دين تي حملو ڪندڙ مسلمان رهي نٿو سگهي.

— محمدامين کوسو.

(٤٧)

١٦-٣-١٩٦٦ع، سيد اعظم جي-ايم-سيد صاحب!

السلام عليڪم ورحمت الله وبرڪاته!

نوا را تيز تر مي زن چون ذوقِ نغمه ڪميابي،
حُدي را تيز تر خوان چون محمل را گران بيني!

دنيا ۾ ڏسين ٿو، ڪاٿي به آرام ۽ چين ڪونه آهي. انسان انسان کي قتل ڪري رهيو آهي، ته به دعويٰ انسانيت جي ترقيءَ جي؟ بعضي تو پارا ڀلجي وڃن، ته اصل مقصد ئي اهو آهي جو هنن صاف هوٽلن، جاين ۽ پارڪن وارن حاصل ڪيو آهي، جيتوڻيڪ سندن دماغ ۽ دل اونده ۽ ڪارنهن جا مرڪز آهن. اقبال چيو ته اڄوڪو انسان "زندگي ڪي شب تاريڪ ڪو سحر ڪر نه سڪا". مان جو توکي چوان ٿو، اهو عمل جو پابند به آهي يا نه؟

(Practical Proposition) اهو باڪل قابل عمل آهي.
تون ان باري ۾ ڪو تردد ڪر ئي ڪونه، رڳو ڏانءُ يعني داءُ اسان کي هٿ اچي وڃي.....

هيءُ تجربو پنهنجي قسم جو اولين تجربو آهي، جو بنان مقابلي آرائي جي محض عقل، فهم، تدبر ۽ الله جي ڀروسي تي هڪ عالمگير تحريڪ شروع به ٿئي ۽ ڪامياب به ٿئي.

هيڏي ساري دعويٰ ظاهر آهي ته هڪدم ڪري آدمين جي دماغن ۾ وحشت پيدا نه ڪجي. الفاظ، جملا ۽ سٽون ته مروج نموني جون هونديون، مقاصد کي عيان ڪبو ته هلي ڪيئن سگهبو.

هي هڪ ڪناره ڪش آدميءَ جا پور نه آهن. بلڪل واضح ۽ صاف ڳالهه جيڪا منهنجي دل ۽ دماغ تي عيان ٿيندي رهي ٿي، هڪ هڪ گهڙي قيمتي آهي. انسان هر لحظي وڌيڪ تباهين ۾ گهيربو ٿو وڃي. وقت اچي ويو آهي، جو نڪرجي ۽ حضور ﷺ جي تعليمات جي ڦهلاءَ ذريعي غافل ۽ بدبخت انسان کي بچائي وٺجي..... تحريڪ هلندي ۽ ڪامياب ٿيندي، جو هلائيندڙ ته ٻيا آهن ئي آهن. ظاهري طور توکي پيش ڪرڻ جو خيال منهنجي دل ۾ وڌو ٿو وڃي. تون هن طريق خيال کان گهبراءِ نه! مان پاڻ نه صوفي آهيان ۽ نه ئي وهمي ۽ پورالو آدمي آهيان. صاف ذهن ۽ معين پروگرام رکندڙ آدمي آهيان. جي اهي ارادا رڳو ارادا ئي آهن، ته به آهو خيال جهاد ۽ آن ۾ مرڻ شهادت آهي. — محمدامين کوسو.

(٤٨)

١٧-٣-١٩٦٦ع، حضرت قبلا جي-ايم- شاهه صاحب!
متان منهنجي خطن جو اهو مفهوم ورتو اٿئي ته توسان

جو مقابلو ئي رهيو آهي، مان ان جي اهميتن کي گهٽ ٿو ڪريان! حق ۽ ناحق، رات ۽ ڏينهن، ٻنهي جي مقابلي جي اهميت کي ڪير گهٽ ڪري سگهندو آهي؟ تون حق ۽ سراپا حق، توسان مقابلو ناحق!! ناحق کي حق چوڻ ڪيڏو وڏو گناهه آهي؟ ناحق تي راضي ۽ بپرواه رهڻ اهي سڀ قسم آهن گناهه جا، جن کان الله مان کي محفوظ رکي!

مان رکو چوان ٿو ته تون اهو حق جو علمبردار آهين اسان جي هن دور ۾، جي مان مسڪين سان رکو مشورو ڪرڻ ها ته اهو طريقو تجويز ڪري سگهندو هوس، جو بغير جنگ وجدال، بغير تصادم ۽ مقابلي آرائيءَ جي ناحق نابود ٿئي ها. بغير مقابلي آرائيءَ جي معنيٰ اها ته ڪانه آهي، جو اعلان ۽ حق جو نه ڪجي. اعلان ئي ان طور ۽ طريقي سان ڪجي، جو ناحق معلوم ٿيندو وڃي. ڏيئي جو محض هجڻ، اونده جي معدوم مثل نه آهي؟ ڏينهون ايرو ته رات رهندي؟

آفتاب تازه پيدا بطن گيتي سے هوا،
آسمان ڈوبے هوئے تارون کا ماتم کب تلک؟

سنڌ جي هالوڪي سياسي تاريخ جي بسم الله ئي شيخ صاحب کان ٿئي. ٿي. شيخ صاحب کي حضرت مولانا امروٽيءَ جون دعائون حاصل هيون. شيخ صاحب ۾ غلطيون ڪيون ورنه اباطل جو هت هنن اسان جي رخطن ۽ فروغ ٿي نه سگهي ها.

افسوس، لک ڪروڙ دفعا افسوس، شهيد الهبخش ۽ منهنجي يارانيءَ جو اصلي مقصد ان وقت تو نه جانو!..... شهادت، کان ٻوءِ ته رواجي رسمي معيار هن مرد عظيم جي پرکڻ لاءِ استعمال ڪرڻ ته پاڻ سان ۽ ظلم آهي.

هن وقت تنهنجو وجود شمع آزاديءَ مثل آهي. تون آهين ته اونده ختم! اها شمع هر هنڌ ٻهچي، سنڌ جي هر فرد کي توسان گڏيجي، ٻوءِ سڀ آلام ۽ سڀ مصيبتون ختم! تون آهين، غلامي نه آهي. تنهنجي موجودگي غلاميءَ جي تاريڪيءَ ۽ اونده کي ختم ڪري ٿي.

ـــ محمد امين کوسو

(٤٩)

١٩-٣-١٩٦٦ع، حضرت قبلا سيد اعظم، جي-ايم-سيد صاحب!
السلام عليڪم ورحمت الله وبرڪاته.

منهنجو تنهنجو رشتو ناتو محض خطوط نويسيءَ جي دائري تائين ڪيئن محدود آهي، جڏهين گذريل ٽيهن سالن شب و روز جي عملي هنگامن ۽ جگر ۽ دل سوزين ۾ توکي پئي صحيح راهه عمل طرف متوجهه ڪيو اٿم؟ ٻيو ڪو به هجي ها ته ائين نه ڪري سگهي ها. مان ڪانگريس ته تون ليگ، مان الهه بخش ته تون جناح! "آڻان ميهان دا ڪيها ميلا" ٿي وڃي ها، پر انهن وقتن تي مان نهايت اطمينان سان توکي فرمايو هو ته توکي ئي قيد ڪندا ۽ توکي ئي نظربند ڪندا، توکي ئي تڪليفن ۾ وجهندا ۽ ماڪ جي ستيا ناس ٿي ويندي.

توکان وڌيڪ خان بادشاهه خان عبدالغفار خان کي ويجهو هوس. توکان وڌيڪ ڪانگريس کي ويجهو هوس. توکان وڌيڪ روس کي بين الاقوامي سياست ۾ ويجهو آهيان. انهن سڀني حالتن ۾ به منهنجي نگاهه رڳو تو هڪ تي ئي کتل رهي آهي. مولانا عطاءُ الله شاهه بخاري احرار جميعت العماء آهي. سڀ سڃاڻندو آهيان. انهن مان ڪيترا ته عزيز آهن. سنڌ ۾ حضرت مولانا محمد صادق، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ مولانا وفائي ته منهنجائي يار آهن آهه الهه بخش! ان جو منهنجو ناتو ڪنهن کي چئي ٻڌايان؟ اهي گوليون جن الهه بخش کي شهيد ڪيو، انهن جا زخم ۽ نشان منهنجي دل ۽ جگر تي عيان، ڪو نٿو ڏسي، ته صفا انڌو چئبو!

انهي سڀني حالتن هوندي به مون کي اهائي ڳڻتي پئي رهي آهي، ته توکي هٿ ڪري وٺان- چنانچه منهنجو هه هڪ خيال فقط خيال نه هيو، اهو ثابت ٿي بيٺو. اڃا به تون مڪمل طور قائل ٿي، ڪجهه نٿو ڪرين؟....

منهنجو سؤ فيصد اندازو آهي ته توکي سواءِ جنگ وجدل ۽ مقابلي آرائيءَ جي، پوري مشوري سان بيهارجي، ته جهڳڙو ٿيڻو ئي ڪونه آهي.

هيءَ ملڪ اسان جو، پاڪستان ۽ هندستان، ٻيئي مقدس ۽ پياريءَ سنڌ، جنهن جي خاڪ جي ذري ذري تي سجدا ڪجن، جا حصا آهن. جي-ايم-شاهه جي سنڌ، اسلامي سنڌ، جنهن جي خاڪ مقدس جي طواف لاءِ فرشتا حيران ۽ پريشان آهن. انهيءَ سنڌ جي خاڪ مقدس مان ئي هي آسمانن تي وجد آڻيندڙ "جي-ايم شاهه، جي-ايم-شاهه" جو رجز ٻڌين ٿو؟ تو جي-ايم شاهه ڪو ڌاريو ڪونه آهي، ته توکي منهنجي تڪليفن جو اندازو ٿيندو ڪيئن؟ توکي ڪنڊو به نه لڳي ۽ منهنجو سر ڪپجي، ايتري ۽ آها ڀيٽ ڪرڻ به مان لاءِ تڪليف ده آهي.

حريف ناوڪ مژگان خون ريزش نئي واعظ!
بدست آور رگ جان و نثتر را تماشا ڪُن!

تون جناحن جو سٽيل ۽ ماريل، مان جي-ايم شاهه جي محبت ۽ مهربانيون حاصل ڪندڙ- پوءِ جي-ايم شاهه ئي نظربند! ڏسان به مان، ٻڌان به مان- اچي نظربنديءَ ۾ دعوتون کاوان! مارڻو آڻئي ڇا مان کي جوش ۽ جنون ۾؟ دل اٿم، پٿر جو ٺهيل نه آهيان، ۽ نه پهلوءَ ۾ برف جي سر (بقول مولانا آزاد) کنيو گهمندو آهيان. منهنجي خاموشين کان تون ئي ناجائز فائدو وٺين ٿو. تنهنجي نظربندي منهنجي سهڻ کان گهڻو مٿي آهي، ڳوري آهي. پر الائجي ڪير اچي آٿت ڏيندا آهن. شب و روز جنهن شخص جي محبت ۽ ياد ۾ دل تڙپندي هجي ان جون نظربنديون سهڻ؟ هيءَ به ڪو امتحان آهي، جنهن ۾ مان مسڪين کي قدرت جي ڪارخاني وارا وجهڻ گهرن ٿا؟

مان هر طور طريقي جي جزئيات کان واقف آهيان، جو حق جي پاسبانيءَ لاءِ بروي ڪار آندو وڃي. ليڪن امتحانن جي رعيت اها جو هر طرف کان امتحان ئي مان هڪ کان

ورتو وڃي ٿو. شخص واحد ڳوٺاڻو، ناز ۽ نعمت ۾ تعليم ورتل، عليڳڙهه جي زندگيءَ ۾ نواب محمداسماعيل‌خان مرحوم جي سڄي گهرجي شفقت حاصل ڪندڙ، ان کان پوءِ عملي زندگيءَ ۾ ههڙا ڏک ۽ جهاڪا!

بابا سيد اعظم، رحم ڪر! انسان انسان هوندو آهي، مان کي بيحد تڪليف ٿي پهچي. تنهنجي نظربندي منهنجي واسطي معاملو نه رهيو آهي..... ساري پاڪستان کي جيل ۾ هڻن يا ڦاهي چاڙهين (سواءِ منهنجي يارن جي جن جو مختصر ٽولو آهي) ته مان کي ڏک نه ٿيندو، ڇو جو اُنهن جي مدد سان مان هڪ نه هزار پاڪستان ٺاهي سگهان ٿو. مان جمهوريت وارو ته نه آهيان. مان ته ايوب‌خان کان وڌيڪ اهم ڊڪٽيٽر سيد اعظم جي-ايم سيد وارو آهيان. منهنجو ايوب‌خان سان وير ۽ بغض به ڪونه ٿو ٺهي. هڪڙو آدمي پاڻ کي پاڻ کڏ ۾ اڇلائي، ان سان ڇاجو بغض؟ اهو کڏ ۾ اڇلائڻ جو ڪم به تنهنجي نظربندي آهي..... — محمدامين کوسو.

(٥٠)

٢٠-٣-١٩٦٦ع، حضرت سيد اعظم جي-ايم سيد

باوجود لکڻ جي قبله سيد مددعلي شاهه ۽ تنهنجي مڪتوبات کي ٽپال ذريعي موڪلڻ تي دل کي راضي ڪري نه سگهيس. ڇا ڪريان؟ لاچار نقل ڪرائي موڪليندس. معاف ڪندا دل ديوانه جي صحيح جذبي کي. — محمدامين کوسو.

(٥١)

عزيزآباد، انڙواهه، ٢٠-٣-١٩٦٦ع،

حضرت قبلا جي-ايم شاهه صاحب!

— تو پاري کي نظربندين ۾ ڏسڻ جون دل آزاريون ڪنهن اڳ مان کان سواءِ سٺيون آهن؟ ڪراچيءَ ۾ هٿين، ٿو کي

جيل ۾ رکيو هئائون ته جيل ۾ اچي ڏسڻ جي همت پيدا ٿي نه سگهي. مجبور آهيان، جاڏهون ڪاڏهون مجبور آهيان. راز آهو جو سلي نه سگهجي. فقير وقير ڪونه آهيان، پر الله واري جي رحمت ۽ برڪت جي گرفت کان به آزاد ڪونه آهيان. ڇا چوان؟ منهنجا قصور ذميوارنه هجن هاته تون نظر بنديءَ ۾ هجين ڇو ها؟..... سنڌ اها اٿيئي، جا تو ڏانهن موڪليل هنن مختصر خطن ۾ اچي ويئي. خوب. خوب غور ڪر! سنڌ جو روشن پاسو، اونداهو پاسو سڀ اتي درج ٿي ويو. ڪاش! مهننجن صاف راين تي آن وقت ئي متوجهه ٿين ها. مان توسان محو خيال ۽ تو وٽ ٻين سان گفتگو هلي رهي هجي، پوءِ نتيجو اهو نه نڪري هاته ٻيو ڇا ٿئي ها؟ ..... چوان ٿو، صاف صاف توکي چوان ٿو ته سيد اعظم جي.ايم. سيد جي نظربندي مان لاءِ تڪليف جو سبب آهي ..... ملڪ ۽ قومون ههڙين دل آزارين سبب فنا ۽ برباد ٿي وينديون آهن.

هر ڪه با درد ڪشان در افتاد بر افتاد!

دل جي مجروحن جي آزار کان حذر ۽ پرهيز ئي لازم آهي. ظاهربين هنن زخمن جي اهميت کي ڄاڻن ڇا؟ ڪا رسمي ۽ رواجي ڳالهه هجي ها ته هيءَ صورت وٺي ڇو ها؟ ..... دين جو خلاصو ۽ نچوڙ آهي حضرت سيد اعظم جي.ايم شاه جي آزاديءَ جو مطالبو.

در ڪعبهٔ ڪوئے تو هر آن ڪس ڪه در آيد
از قبلهٔ ابروئے تو در عين نماز است!

مان پنهنجي سائينءَ جي ياد ۾ هي لکان ٿو. آهه! حضرت حافظ ڄڻ منهنجي ئي عاجزترين خطن بابت فرمايو آهي:

خمها همه در جوش و خروشند زمستی
وان مي ڪه درانجاست حقيقت نه مجازست!

خود تنهنجون عدم توجهيون پنهنجي نظربنديءَ بابت چوان؟ پڇا ٿيڻ جهڙو معاملو آهي.

مان کي تاريخ جي صفحن کولڻ جي تو جيان ضرورت آهي ئي ڪانه. مان هڪ روشن ترين انسان جي باب جي تصنيف جو مواد گڏ ڪري رهيو آهيان. حضرت سيد اعظم جي-ايم شاهه جي دامن سان سنڌ کي ڳنڍي رهيو آهيان. ڏسين ٿو منهنجي تاريخ-سازيءَ ۽ تاريخ نويسيءَ جي هنرن کي؟ تو کي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان؟ حضرت حافظ کان به چورايان:

رازيڪه بر خلق نهفتيم و نه گفتيم
بادوست بگوئيم ڪه اومحرم راز است!

آن غزل جو آخرين شعر تون پاڻ کولي پڙهه. مان به لکان ٿو

اي مجلسيان! سوز دل حافظ مسڪين
از شمع بپرسيد ڪه درسوز و گداز است!

پر افسوس، سنڌ ۾ آهي مجلسي آهن ڪاٿي؟ شايد ڪڏهين نه ڪڏهين پيدا ٿي. وڃن، اڄ ته ڪوبه ڪونه ٿو نظر اچي. ته به سنڌ جي خاڪ مقدس جا ذرا، پکي پکڻ، وڻن جا پن، زمين جا سَر ۽ گاهه، آسمان جا فرشتا، سڀئي رازدار رکان ٿو. پنهنجي دل دردمند جا افسانا، انهن کي ئي وجد ۾ آڻڻ لاءِ ظاهري طرح لکندو رهان ٿو. ورنه عشق ۽ محبت ۾ آواز جائز ڪاٿي؟

اي مُرغِ سحر عشق ز پروانه بياموز
ڪان سوخته را جان شد آواز نيامد!

— محمدامين کوسو

(٥٢)

٢٢-٣-١٩٦٦ع، حضرت سيد اعظم جي-ايم-شاهه صاحب!
السلام عليڪم.

ٻن سنڌين جا قلم، ملڪ جي معاملات تي ظاهر ڪم ڪري رهيا آهن: هڪ سيد علي محمد شاه راشدي ۽ ٻيو بندو!

ٻنهي جو موضوع به قريب قريب ساڳيو آهي ته ملڪ ڪيئن خوشحال ٿئي؟ هڪ، زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ جيڪي آهي، اُن کي نجات جو ذريعو بڻايو آهي، ٻئي فقط سنڌ کي جي.ايم سيد جي ذريعي پاڪستان جو سهارو چيو آهي. ائين آهي يا نه آهي؟ پاڪستان مضبوط ۽ "اٽوٽ" گهرو ٿا؟ جي هـا ته ته اچو اچو سيد اعظم جو دامن پڪڙيو، نه ته اهي ڇهه يا ٻارهن نقاطي پروگرام توهان جو ٽِٽ ڪڍي رکندا. ملڪن ۾ بگيڙو ايندو آهي ته ڪير انهن کي روڪي سگهندو آهي؟ پاڪستان اندر به خون جون نديون انهيءَ افعالن سان وهنديون. ملڪ تباهه ٿي ويندو! "اسلامي تنظيم" محض هڪ سڌ، هڪ پُور ۽ وهم ته نه آهي؟ ڀُٽي جي تقريرن کي معنيٰ ڏيڻ گهرو ٿا، ته ڀُٽو جهڪي منهنجي جي.ايم شاه وٽ. ايمانداري ۽ صداقت ڪي سکڻ سيکارڻ سان ايندين آهن ڇا؟ نوڪرين وارن ۾ ته ڪيئي ايماندار ۽ سچا آدمي آهن. پر آهي جي ملڪ جي واڳن کي جهليو بيٺا آهن، سي پاڻ ڇا آهن؟

چو ڪفر از ڪعبه برخيزد ڪُجا مانند مسلماني! بنياد ئي غلط، ته مٿي ڇا ٿيڻو آهي؟ بنياد صحيح ملڪي سياست جو رکڻو ته پوءِ حضرت جي. ايم شاه کي مان مسڪين جي صلاح مشوري تي ڪن ڌرڻو پوندو ..... اسان مسلمان آهيون، اسلام اسان جو سرمايو آهي. خدام دين ئي خدام خلق ٿيڻ جو حق رکن ٿا. وقت جون تقاضائون ئي احياي اسلام لاءِ آهن. دين جي احياءَ جو پينگهو ئي سنڌ آهي. سنڌ وابسته آهي هڪ نام ناميءَ سان! ..... هيڏا سارا انساني وسائل نامعقوليت ۽ تباهي آڻين ٿا. انهن ئي وسائل تي انسان لاءِ هن جهان ۾ امن ۽ عافيت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. ڪاٿي به امن ۽ عافيت جي ضمانت آهي ئي ڪانه، سواءِ اُن جي ته ڪو نئون دڳ پيدا ڪجي. اهو نئون دڳ آهي احياي اسلام!

الفاظ ۾ گنجائش رکجي، ڇو جو دنيا جي چڙيل آدمين

لاءِ اسلام هڪ ڳاڙهي جهنڊي مثل آهي..... هيءَ مملڪت (پاڪستان) سنئين ٿي هلندي ئي تڏهن جڏهين سيد اعظم تان هڪدم بندشون لاهي، هن کي پوريءَ عزت ۽ احترام سان بيهاريو ويندو. ٻيو سڀڪو دڳ هنن خطرط بند ڪري رکيو آهي. موڪل اٿن، راشدي بهادر جي عقل‌فروشن سميت، ٻيو ڪجهه به نه ٿيندو. سموريون رمزون هنن عشق انگيز مڪتوبات ۾، مان مسڪين جي اکرن ۾ داخل ٿي چڪيون، ملڪ سازي ۽ دين‌پروريءَ جون! ٻيو ڪو دڳ آهي ئي ڪونه. ڪير ٻنگال کي جدا ٿيڻ کان روڪي سگهندو آهي، سواءِ سيداعظم جي-ايم سيد جي؟ پوءِ اهڙي کي نظربند رکيو آهي؟ ٿڪ هجي اهڙيءَ فراست، عقل ۽ حڪومت‌بازيءَ کي، جيڪي وطن جي محافظ کي بند ڪن! جيڪو وطن جو باني، پاڪستان جو پيدا ڪندڙ، سو سن شريف ۾ نظربند آهي، آسمان وارن جون ملامتون اهڙن تي زمين وارن سان گڏ!

— محمدامين کوسو.

(٥٣)

عزيزآباد، انڙواه، ٢٣-٣-١٩٦٦ع،

بجناب حضرت سيد اعظم جي-ايم-سيد صاحب!

السلام‌عليڪم: ڪي ڏينهن ٿيا آهن، ڪو احوال ڪونه آيو- تشويش آهي. لکندا ڪريو. دير نه فرمائيندا ڪريو. منهنجي تيارين ۾ ڪا گهٽنائي ڪانه آهي. توتان بندشون لٿيون، مان پهتس!

زمين آسمان سڀ اچي ڪٺا ڪندا آهن، راشدي صاحب جي عقل فروشين سميت، ڇو نه ٿو توتان بندشون لاهڻ جو خيال اچين.

ڀٽو صاحب پنهنجي اصليت ۽ سنڌيت کان محروم ٿيندو ٿو وڃي— هر منٽ، لحظي لحظي ۾، جنهن ۾ تون نظربند آهين.

سنڌ جي سيد اعظم جي هن ڪهڙي نيازمندي ڪئي، هاڻي هليو آهي ڪشمير آزاد ڪرائڻ!

تو ڪار زمين را نيڪو ساختي،
ڪه با آسمان نيز پرداختي!

خطوط، جن جا اشارا اچي ويا آهن، سي ڪو منهنجو ماڻهو دستي کڻي ايندو. منهنجي دل برداشت نه ڪري سگهي ته اُنهن کي ٽِپال جي حوالي ڪريان!

— محمدامين کوسو.

(٥٤)

٢٤-٣-١٩٦٦ع، جناب سيد اِعظم جي-ايم سيد صاحب!

پير علي محمد راشديءَ جا قلمي ڪرتب ڏسندو رهيو آهيان. سبحان الله!

آنچه شيران را ڪُند روباه مزاج
احتياج ست احتياج ست احتياج!

ڏيڏرن، چمڙن ۽ گڏهن جون ٻوليون ڳڻڻ هن جي قلم جي قسمت ۾ آيو. ڄڻ ڊاڪا ۾ "قومي اسيمبلي"-گڏهه هيئن هينگ ڪئي، ته گدڙ جي ڪوڪ هونءَ هئي؟ ڏسين ٿو قدرت جا قهر! سنڌ فروشيءَ جون سزائون ملاحظي هجن!

هت مان مسڪين جو هيءُ قلم، هن قحط الرجاليءَ جي دور ۾ "سنڌ، سنڌ، سنڌ" جو نعره حق بلند ڪري، تو وٽ پهچي ٿو. الله جي رحمتن ۽ برڪتن جو رُخ ته سن شريف طرف آهي، جو مان گنهگار الله وارن جي محبت ۾ سرشار ٿي ڪري "جي-ايم-سيد- جي-ايم سيد" چوان ٿو. ان هڪ ئي نالي ۾ دنيا جي موجوده خرابين جي مقابلي وارو نسخو سمايل آهي. الله جي دين کي هنن گڏهن پنهنجي هينگن ۾ دٻائي ڇڏيو آهي.

مسٽر جناح ته ٿيو، پر مسٽر جناح کي قائداعظم تائين پهچايو ڪنهن؟ خوشامد ۽ ذهني منافقي پيدا ڪندڙ تحريرون

زهر کان به وڌيڪ تباهه ڪن اثر رکندڙ آهن. ڏس ته سهي، ڇا ڇا لکجي ظاهر ٿئي ٿو؟ انهن جو دين جي روح سان تر جيترو به تعلق نه آهي، جيتوڻيڪ بظاهر آيتن جي ئي معنيٰ لکندا رهن ٿا. انهن چمڙن ۽ ڏيڏرن کان پڇا ڪجي ته توهان تاشقند ۾ ويئو ڇو ۽ ضرورت ڪهڙي؟ جهڙيءَ عزت جا لائق آهيو، اُن کان مٿي دنيا وارا توهان کي سمجهن ڇو؟ چمڙا آهيو، چمڙا ئي توهان کي سمجهيو وڃي ٿو. بهترين آدمي نظربنديءَ ۾، چٻرن جون ٻوليون ڳئڻ هليو آهي راشدي صاحب!

اين چه شوريست ڪه در دور قمر مي نيم؟

ڪجهه ته راشدي نالي جو به احساس هجي! حق فروشيءَ کي ته صحيح عقلندي نه چئبو آهي؟

تنهنجون اهي غلطيون، جن توکي نظربندين جي اعليٰ مقام تي پهچايو، قوم لاءِ نعمت آهن، بنسبت اُنهن عقل فروشين جي، جن سان سنڌ جي غلاميءَ جو هڪ وڪڙ وڌي! سنڌ جا آهن ۽ سنڌ کي الله هنن عظمتن سان نوازيو آهي، اُنهن جو احساس ئي بدبختن کان نڪري ويو آهي! تون ظاهر نظربندين ۾ آهين، ته به سندن نوڪ قلم تي چٻرن جي ٻولين جو ذڪر آهي! مسخ ذهنيت ان جو نالو آهي!

اهڙن کي تون پڙهيل ۽ عقل وارو چوندين؟ قومن جي تباهيءَ جا سمورا آثار موجود آهن. مان انهن کي ٽارڻ واسطي ئي توکي تيار ڪري رهيو آهيان. تو منهنجي ڳالهه هاڻ نه ٻڌي يا ٻڌڻ ۾ سستي ڪئي، ته هن اڻٽر تباهيءَ کان ڪابه طاقت بچائي نه سگهندي ..... منهنجي اپيلن ۽ عرضداشتن کي محض پڙهي ڇڏڻ ڪافي نه ٿيندو.

آهي گهڙيون، جي تنهنجي نظربندين ۾ گذرن ٿيون، قوم جي آئينده تعمير ۾ گذرڻ گهرجن ها! انهن گهڙين جي ضايع ٿيڻ جو خميازو ساري قوم ڀوڳيندي. الله پناهه ڏئي!

— محمدامين کوسو.

(٥٥)

عزيزآباد، انڙ واهه، ٢٥-٣-١٩٦٦ع،

حضرت سيد اعظم جي-ايم-شاهه صاحب!

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام ڪهڙيءَ سنڌ لاءِ آهي؟ اها جيڪا غيرن جي غلاميءَ ۾ چوٽيءَ کان پيرن تائين ٽمٽار آهي، يا تو لاءِ جيڪو نظربندين ۾ به مگن ۽ مست آهين؟

شاهه جو ڪلام پڙهندي، ان ڪلام جي آئيني ۾ به پنهنجي منحوس ۽ غلاميءَ سان ڀريل شڪل نظر ڪانه ٿي اچين! حياتي ئي انهن جي جهنم آهي، ته وڌيڪ جهنمون هنن کي ڪنديون ڇا؟ اهڙن خبيث روحن لاءِ تون ڏکڙا سهين ٿو؟ ڏس ته! جمود، بيخبريءَ ۽ بيهودگيءَ ۾ جيڪو وڌيڪ پاڻ کي تيس مارخان ڄاڻي، اهو ٻين کان وڌيڪ جهالت ۾ وڪوڙيل آهي. سنڌ کي اهڙن ناهنجارن سان ڪهڙو واسطو آهي؟ قومن جي انحطاط جون اهي مڪمل صورتون آهن، بظاهر ته ڏاڍا ڪي سلجهيل آهن؟

مخدوم محمدزمان صاحب بابت تو لکيو هو، ته تو وٽ اچڻ وارو هو. آيو؟ـ سنڌ جي محفلن جو سينگار تون هڪ آهين. شعر جو ذوق پايهء تڪميل تي پهچندو ئي تنهنجي ڏٺي آهي. سو جي مخدوم صاحب آيو ته کيس سندس ذوقِ سليم تي مبارڪون ڏجن. محض توکي ڏسڻ جي حسرتن ۾ رهڻ ئي ڪن ٻين دل و دامان چاڪ رکندڙن جو ڪم ۽ مقام آهي. اوتري تائين پهچڻ ٻئي جو ڪم نه آهي. هي مقام عشق ۽ شوق، ڪوششن ۽ ڪاوشن جو متحاج ڪاٿي آهي؟ هي ته عطائون آهن، جن کي ٿيون، ٿيون!!

اين سعادت بزور بازو نيست!

٢٥-٣-١٩٦٦ع ـــ محمدامين کوسو.

هاڻي هاڻي تنهنجي تار بندشن جي لهڻ جي باري ۾ پهتي. ائين ئي ٿيڻ گهرجي.

صحيح صحيح مصرف تنهنجي وجود جو ڪو مان کان سکي. حضرت شيخ صاحب کي مبارڪون ڏي، سنڌ ساريءَ کي مبارڪ! سنڌ جو صاحب عظمت خادم ۽ محافظ، وقتي هنگامي تڪليفن کان ڇٽو.

گهڻو ڪجهه توکي ڪرڻو آهي. صحت ۽ تندرستيءَ جي خيال کي سڀ کان مقدم ڄاڻ! تنهنجو بدن قدرت وٽان توکي ۽ ساريءَ سنڌ کي بطور امانت ۽ تحفي جي عطا ٿيل آهي. قدرت جي تحفن سان الغرضائي جرم آهي.

ڪڏهن ٿو هن طرف رونق افروز ٿيڻ جو ارادو رکين؟ هن تار کان اڳ به هڪ احساس ته ٿيو. دل جي اکين مولانا وفائي مرحوم سان گڏ توکي به پنهنجي ئي ڳوٺ جي مسجد ۾ ايندي ڏٺو.

هڪ وڏو يار منهنجي ناتوان ڪُلهن تان لهي پيو. بار آن ڪري نه ته جيڪو به قدم کڻجي ها سو فڪر پيدا ڪندڙ هو، پر سنڌ جي مقدس نالي تي اهو داغ هو. ان لاءِ ڪوبه سبب، ڪوبه دليل، ڪهڙيءَ به حڪومت جو مان وٽ قابل سماعت نه هيو. الله توکي تادير خوش ۽ با عافيت سلامت رکي! سڀني محفل نشينن کي سلام.

٢٥-٣-٦٦ — محمدامين کوسو.

(٥٦)

٢٦-٣-١٩٦٦ع، حضرت سيد اعظم جي-ايم شاهه!

توهان تان بندشن لاهڻ واري تار، ڪلهه ئي موصول ٿي هئي. بنده آن بابت ڪجهه لکيو به هو. اڄ مڪتوب گرامي به ان سلسلي بابت وارد ٿيو. خط ۽ تار موڪلي، جنهن شاهانه

شفقتن سان مان عاجز کي نوازيو اٿو الله آن جي جزاء خير توهان کي عطا فرمائي! شاهان چه عجب گر بنوازند گدا را! قومن وٽ تو پارا ئي سرمايو هوندا آهن، پوءِ آنهن جي حفاظت، پرداخت ۽ احتياط لازمي چيز آهي. پاڻ کي حفاظتن ۾ رکندو ڪر!

منهنجي خطن جا تو وٽ انبار اچي چڪا آهن، ڪهڙين انتظارين ۽ اذيتن کي منهن ڏنيون بيٺو هوندو هوس، آن جو ادنيٰ ذڪر ٿي چڪو آهي.

سنڌ وارن کي نه تنهنجي نظربنديءَ جو احساس نه وري بندشن هٽڻ جو صحيح مفهوم آنهن تي عيان! هاڻي ڪي رسمي آدمي پيدا ٿيندا، جي خوشيءَ جو اظهار ڪندا. اصل خوشي ته تو مان کي عطا ڪئي. جزاڪ الله!

تو بابت منهنجو رايو صاف صاف الفاظن ۾ تو وٽ ايندو رهيو آهي. تون سياسي طرح بانيءَ پاڪستان آهين. توکان ئي آهو سڀڪجهه ممڪن آهي، جنهن جي ذريعي هيءُ ملڪ سنئون ٿي هلي ۽ اسلام کي تقويت پهچي ۽ دنيا اندر انسان عافيت ۽ امن حاصل ڪري.

مان صدر ايوب خان جي نالي هڪ تار ڪري رهيو آهيان. تار جي مضمون صحيح هجڻ ۾ ڪهڙو شڪ؟ طرفين ان کي قبوليت ڏين يا نه ڏين. طرفين ۾ به اهم ڌر تون ئي الله طرفان بڻيل آهين.....

تنهنجو خط مان مسڪين جي عزت افزائي دعائن سان ڀريل جو نمونو پيش ڪري ٿو. منهنجا حقير پر سچائيءَ سان ڀريل خط ۽ تنهنجون جواب ۾ مهربانيون، سي سڀ سنڌي ادب جو هڪ لازوال حصو آهن! ٿورين گهڻين ڦيرين سان آنهن کي هڪدم شايع ڪرائڻ جو بندوبست ڪريو.

هاڻي مان انشاءالله سن شريف ايندس!

الله توکي تا دير سلامت ۽ خوش باش رکي!

— محمد امين کوسو.

(٥٧)

٣٠٣٠ ١٩٦٦ع، بجناب سيد اعظم جي-ايم-شاهه!

مال، دولت ۽ حڪومت سڀ آسانيءَ سان دستياب ٿي سگهڻيون آهن. انسان ئي درجي وارو، هڪ جنس ناپيد آهي.

"آدمي ڪو ڀے ميسر نهين انسان هونا!"

تون تہ هڪ گوهر ناياب آهيان. تنهنجي هرطرح حفاظت قومي فرض آهي. افسوس اسان جي املهہ ماڻهن جي قيمت جي پرک ڪنهن کي ڪانہ ٿي. خود پاڻ بہ پنهنجي قيمت ڪري نہ ڄاتائون.

تون هڪ بااختيار قسم جو سيدزادو، تو پاڻ کي اجايو ٻين جي ديکاديکي هنن اوجهڙن ۾ اڙايو هو. الله جا لک احسان، جو تومان کي خوش ڪيو. الله توکي هميشه خوش ڪري!

حضرت امام حسن بصريءَ جو واقعو آهي تہ جمع تي واعظ فرمائڻ لاءِ ممبر تي ايندا هئا. بي بي رابعہ بصريءَ کي نہ ڏسندا هئا، تہ ممبر کان لهي ايندا هئا. چئي تہ "اسان جيڪو شربت هاڻين کي پيارڻ لاءِ تيار ڪيو آهي، سو ڪيولين کي ڪونہ پيارينداسي." هر ڪنهن لاءِ جُدا جُدا پيمانو قدرت ٺاهيو آهي.

هر ڪسي را بهر ڪاري ساختہ اند!

تون هن ملڪ جي قحط الرجاليءَ جي دور ۾ رهنمائيءَ لاءِ مُنتخب ٿيل آهين. تون سوچي سمجهي، ڦوڪي ڦوڪي ڪو قدم کڻ يا واتان ڪجهہ ڪڍ. قوم جي دشمنن کي اهو وجهہ ملندو آهي تہ توکي بدنام ڪري تڪليفن ۾ ڏين. هاڻي الله اُنهن جي ڪوششن کي هميشه هميشه لاءِ ناڪام بنايو آهي. ايوب خان صدر بڻڻ سان مٿي ڪونہ ٿيو آهي، تون نظربندين ۾ هجڻ ڪري هيٺ ڪونہ ٿيو آهين. شينهن گدڙ جي کَلَ

ڍڪي به شينهن آهي. گدڙ شينهن جي کَل ڍڪي به گدڙ ئي آهي. سو تون هر حال ۾ اعليٰ ۽ ارفع آهين..... تون پاڻ کي مخالفتن جي تصادم کان بلڪل آزاد رک!

— محمدامين کوسو.

(٥٨)

٣٠-٣-١٩٦٦ع حضرت سيد اعظم جي-ايم شاهه صاحب!

متان وزارت قبول ڪرڻ جي صلاح کي ايوب‌خان جي نوڪري ۽ ملازمت جي معنيٰ ۾ وٺي مان کي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئي!

ڪِيا پـــدي ڪِيا پِـدي ڪا شوربه!

ايوب‌خان پارن ڪڏهن مرندڙ قومن کي اڳ بچايو آهي، جو اڄ بچائيندا. هي ته وڌيڪ خرابين ڪرڻ جا باعث آهن! مسلمان، مجموعي طور ساري دنيا، جنهن حالت تي آهي، اُن جو علاج اهڙن کان ٿي ڪيئن سگهندو آهي؟

خفته خفته را ڪي ڪند بيدار!

پاڻ اسلام کان بي يقين، دل ايماني ارادن کان محروم، دماغ سلف جي ڪارهاي نيڪ جي عظمتن کان يڪسر غيرمتاثر، ته پوءِ نه اُنهن جو حال ٺيڪ، ۽ نه مستقبل يقين دار! اهـي جي گناهه‌گارين هوندي به دين رسول‌الله جي صداقت تي يقين محڪم رکن ٿا، اُنهن جي بازوي باطل شڪن ۽ فڪر صحيح جي لاءِ اڄ ميدان تيار آهي. هن ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي غيرن جي غير صالح خوشامدين مان ڇا هڙ حاصل ٿيندو؟

- ڪانگريس وزارتون قبوليون، اُن ڪري نه ته انگريزن جي نوڪري ڪن ٿا، پر اُن ڪري جو ٿورو ان کان آرام جو وقت ملندو ۽ اڳتي قدم وڌائڻ جو موقعو هٿ ايندو. منهنجي ئي مشورن تي وزارت قبول ڪرڻ، وڏي ۾ وڏو انقلابي قدم

تو وٽان ثابت ٿيندو، جو وڏين وڏين خلائن کي وڃي ڀريندو ۽ هڪ وڏي منزل طئي ٿي ويندي. ائين ڄاڻ قوم جي حالت دگرگون کي سنڀالو ملي ويو. خود اُنهن فنا ٿيندڙ طاقتن جي خاتم باالخير جو سبب ٿيندي، ورنه هنن جي خاتمي کي ڪو روڪي سگهي ڪونه ٿو. خرابيون، خونريزيون، خانه جنگيون اِن قسم جون ظاهر ٿي بيهنديون، جيڪي ٻين هنڌن تي آهن، اڃا به اُن کان وڌيڪ!

تنهنجي ئي صحيح قدم تي پاڪستان جي هاڻوڪي حال ۽ قريبي مستقبل تي استحڪام جي اُميد ٿي سگهندي آهي.

وزارت هڪ يا چند، پر اُصول اهو ته توکي آڇ ٿئي ۽ تون اُها قبول ڪرين. مرڪز ۽ صوبي ۾، لاهور واريءَ حڪومت ۾ حصيداري نه پر سنڌ جي نمائندگيءَ جي خيال کان چوان ٿو. تنهنجي يعني سنڌ جي اها پهرين منزل آهي. ظاهر آهي ته ان لاءِ اندرون ملڪ يعني سنڌ ۾ توکي ئي پنهنجا انتظام ڪرڻا پوندا. هيءُ گهر ئي تنهنجو گهر آهي. توهان ئي سنڌ جي واضح برتريءَ جا ثبوت ۽ دليل آهيو. جماعتون ۽ پارٽيون جن ۾ افراد جا گوهر پيوسته نه هجن، سي کوکليون هونديون آهن. گانڌي ۽ نهرو ڪانگريس جي جان هُيا. هنن جي شخصيتن هڪ قومي شڪل اختيار ڪئي.

— محمدامين کوسو.

(٥٩)

١-٤-١٩٦٦ع، حضرت قبلا سيد اعظم جي-ايم سيد صاحب!

جيڪي سبب تون سياست ۾ نه اچڻ جا ڏين ٿو، سي سَوَ نه هزار في صدي صحيح چئبا. پر اهو ٿيو اُن ڪري، جو سنڌ جي مخصوص حالات جي بنا تي تو قدم نه کنيو يا توکي قدم کڻڻ نه ڏنو ويو. تُنهنجا قدم جاڏي به اُٿن، رحمتون ۽ برڪتون الله وارن جون توتي سايو ڪنديون.

اهي علم ڪتابي نہ آهن. بيشڪ تون لکي، پر عشق لکڻ جو مضمون آهي ڪاٿي؟

عاشقان رامذهب و ملت جُدا است!
آني وبچاري قلم جي پهچڻ جي جاءِ آهي؟
موسيٰ ز هوش رفت بيڪ جلوه صفات
تو عين ذات مي نگري و در تبسمي!

جي راڙن کي ڇاڻندڙن جي قُبن ۽ قبرن تي تنهنجو وڃڻ ئي سونهي. تون پيو گشت ڪر! پرچونڊي شريف تہ آهي ئي مرڪزي مقام!..... مان تو وٽ پهچڻ لاءِ بيتاب آهيان. طبع ۾ هيڻو بہ آهيان- ڪي بيماريون بہ لاحق آهن. هلي سگهيس، تہ اجهو پهتس!

تون مايوسيون دور ڪندڙ آهين. مايوسيون تنهنجي هوندي مقابلي جو تاب نہ رکنديون آهن- انهن سفرن جو احوال بہ مرتب ڪندو وڃ..... تنهنجي عقائد ۽ خيالات کي ديده دانسته هڪ مخصوص رنگ چاڙهيو ويو هو، جو غلط قطعاً غلط آهي.

تون گهمين ٿو، ان جو احوال اخبارن ۾ اچڻ گهرجي. اها دين جي خدمت آهي، انسانيت جي بقاءَ ۽ بچاءَ جو هڪ پروگرام آهي، جو موجوده حالتن ۾ اها صورت وٺي ٿو. دنيا گير (World event) واقعو آهي. ان جي اهميت کي نہ ڇاڻندڙ فقط گڏهہ قسم جو سنڌي ٿي سگهندو آهي، يا سادو سودو مومن ..... منهنجو خيال آهي تہ هاڻوڪي، غفلتن ۾ پيل، اونڌيءَ تهذيب واري ۽ سياسي غلاظتن کان چوٽيءَ تائين غرق ٿيل دنيا کي تنهنجو تعارف ڪرائجي. تون ۽ شيخ صاحب تہ بہ بين الاقوامي حيثيت جا مالڪ آهيو، جن جي چهرن تي پردا پيل آهن. توهان جي هوندي سڀڪجهہ آسانيءَ سان ٿي سگهندو.

مان سياست ڪهڙي مفهوم ۽ معنيٰ ۾ چوان ٿو، ان جي تشريح ڪنهن خط ۾ ٿي چڪي آهي.

اڄ عيد جي رات آهي. تنهنجي ئي يادگيرين سان دل ۽ دماغ ڀريل آهي.... هيءُ خط به هڪ قسم جي عبادت پوري ڪري ٿو. ڪهڙن ڪهڙن الله وارن جي رحمتن جو عڪس آن تي پوي ٿو.

تنهنجو وجود ماضي، حال ۽ مستقبل تي حاوي وجود آهي. تون پاڻ هڪ دور ۽ هڪ تاريخ آهين. هي خطوط، ڪچن ڦڪن الفاظن ۾، آن دور ۽ تاريخ جي تذڪري سان ڀريل آهن..... — محمدامين کوسو.

(٦٠)

عزيزآباد، ٢-٤-١٩٦٦ع

قبلا حضرت سيد اعظم جي-ايم-سيد صاحب!

سنڌهڪ بيجان قالب قطعاً نه آهي، باجان آهي. پر ان باجان کي تربيت ڏيڻ جو ڪم ڪڏهن به مڪمل غور ۽ خوض سان ٿي نه سگهيو. ڪوششون به يقينان جاري رهيون آهن.

هي خطوط ڇا آهن، جي عملي ڪوششن جي نشاندهي نٿا ڪن. بهر نوع نه وقت وڃائڻ جو هيءُ موقعو آهي، ۽ نه باهه ۾ ٽپي پوڻ ئي صحيح دڳ آهي. محتاط رهي، عمل ۽ فڪر جو دامن ڦهلائڻو آهي.....

جي-ايم-شاهه امن ۽ عافيت جو ضامن آهي.....

قومن جي حفاظت ۽ بقاءَ لاءِ قومن جي محافظن ۽ حقيقي خيرخواهن کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ پهرين تدبير آهي. اهو جهاد به عين جهاد آهي. — محمدامين کوسو.

(٦١)

۳-۴-۱۹٦٦ع حضرت سيد اعظم، جي-ايم شاهه صاحب!

تنهنجو مفصل خط سياسي معاملات کان تنهنجي يڪسوئي اختيار ڪرڻ جي دلائل سان پريل پهتو. اول ته آن مزده جانفزا تي، ته تون هن ننڍڙي مگر حقيقتاً دنيا ۾ مرڪزي حيثيت رکندڙ ڳوٺ ۾ سان عاجز کي نوازڻ اچين ٿو، شڪريي جا محض لفظ لکان ٿو.

سياسيات و حڪومت‌سازي، اهو منهنجو مضمون آهي. سان ڏکن تي رايا نه ڏيندو آهيان. سان کي انديشو هو ته تون ضرور ٿوڪر کائيندين، ان ڪري تشريحي خطوط توڏي اڇي چڪا آهن.

اها قوم، اها سياست، اهو ملڪ، جنهن ۾ جي-ايم شاهه نه هجي، ته جيڪي تون چوين ٿو، ان کي مڃجي. پر تون هڙ ڪمزوريءَ جو علاج موجود آهين، پوءِ شڪوي ۽ شڪايت ڪرڻ جي بجاءِ تنهنجو صحيح استعمال ڪجي.

هن ملڪ جو ظاهري خالق ڏي تون آهين- موجود آهين. شيخ صاحب حڪومت نه ڪري، ته حڪومت سندس قدمن جي خاڪ تي ته سجدا ڪري! جيتوڻيڪ سندس قدمن جي خاڪ جو درجو آن کان مٿانهون آهي.

مان کي پند و واعظ دنيا کي ٿوڪرن ۾ هلائڻ بابت ڇا ٿو ڪرين؟ دنيا ۾ هوندي، دنيا جو ڪليتاً تارڪ مان آهيان. توڏي ته انبار خطن جا پرجي آيا آهن، ته مان پنهنجي يار وزيرن کي تر ماتر به ذاتي ڪم نه چيو، ۽ اهو خلاف شان جاتم. منهنجي ملفوظات کي جمع ڪرڻ جو جڏهن توکي قدرت موقعو عطا ڪيو، ته ڏسي وٺندين ته ڇا آهيان. اختيار ڪل رکندڙ قسم جو گنهگار ۽ عاجز آدمي آهيان.

مان وٽ هيءُ ملڪ پاڪستان ٻئي ڪنهن به حيلي حوالي

سان نہ ڏھڻو نہ هلڻو، جيستائين اُن جي حاڪمي حقدارن جي حق ۾ نہ ايندي. هوا ۾ ڪو ڪم نہ ٿيندو آهي. تون جيڪي آهين، آهين. سو تو ۾ تر ميمون آڻڻ قدرت جي ڪارڪردگيءَ ۾ مداخلت ڪرڻ مثل آهي. سو تون پاڻ کي خود پري رکي، ملڪ کي محروم بڻائين يا پيا اهو ڪم ڪن، نتيجي ۾ اهو سڀ هڪ آهي. منهنجي هيءَ راءِ اجوکي نہ آهي.

.....نالو بہ جي-ايم-شاهہ جو وٺان، اڃا بہ تون سان کي ٻين جو محتاج بڻايو اچين. ذاتي ۽ شخصي تڪاليف و مصائب جو ڪهڙو امتحان ٿيندو آهي، جو نہ ڏنواٿم. پر حق پرستي ڪيئن ڪبي آهي، ان راهہ ڪان نہ هٽيو آهيان. وقت وقت جون تقاضائون هوندیون آهن. جڏ، بيخبر ۽ اڻ ڳهڙيو ڪاڪ ڪونہ آهيان، جو ٻين جي نعرن ۽ نصيحتن تي ڪن ڏريندو وتان. تو بابت راين ۾ تبديل اچي سگهڻي ڪانہ آهي، سو تون اطمينان رکي، اُنهن جي صداقت تي ايمان آڻ. هي تحريرون هتان جون نہ آهن. سنڌ ۾ تون آهين تہ سڀڪجهہ درست، سڀ ڪجهہ ٺيڪ ڪري سگهبو آهي.....

نگاهہ ڪيميا اثر ٻڌي اٿيئي؟ سيني مرضن جو علاج تون! چا چوان، ۽ ڪيئن چوان، تہ ڪائنون منهنجي دل ۾ ڳالهيون وڌيون وڃن ٿيون.

بيشڪ خانقاهن تي وڃ! پرچونڊي شريف ۽ هت هڻي نڪازي وٽ جو آئين، باقي توڪي وڃڻ جي ضرورت آهي تہ ڪانہ! قلندريون ۽ بيپرواهيون ٻڌيون اٿيئي، ڏٺيون نہ اٿيئي. سان کي ڏس، سان کي پڙهہ! اڄ چيائون تہ سنڌ تہ پاڻ آهي، خانقاهون سڻيون ئي انهيءَ سان آهن! .....منهنجن ڪچن ڪن خطن جو دور ڪندو ڪر. تنهنجي نظربنديءَ جي تڪليف بہ مان سڻي.

بسا چنيں زور جنـوں پـاس گـريبان داشتـم،
در جنون از خود نہ رفتن کار هر ديوانہ نيست!

تنهنجي هڪ وک تي مان سر ڪٽي قربان ڪريان ته حق ادا نه ٿئي. حيف هجي ان قلم کي جنهن مان کي حڪومتن جو بکايل ڄاتو. اسيمبليءَ جي ميمبري تون منهنجي ٺوڪرن ۾ ڏسندو هئين يا اُن کي سينهون بڻائي مٿي تي رکيو هوم. منهنجي زندگيءَ جو هر قدم قوم ساز ۽ انقلاب انگيز آهي، ۽ ائين هن جهان مان اٿڻو آهيان. دنيا جون چيزون ڇا، جڏهن عقبيٰ جي هت غرض ڪانه! هي لاف و گداف ڪاٿي آهن. ائين ته پئي توهان ۾ زندگيءَ جا ڏينهن گذاريا اٿم. باقي نه مان فقير، نه درويش، نه ملان!

حقيقت ۾ تون نه، مان ئي تنهنجي باري ۾، تنهنجي هر ڳالهه جو ذميدار آهيان، پر مان کي تنهنجو لحاظ مانع ٿيندو آهي. پورو چئي نه سگهندو آهيان ....

تون اوڻويهين تاريخ هت اچين ٿو! اها خبر جا آسمان وارن کي تحرڪ ۾ وجهي ٿي، تون ان کي زمين تي ٻه نه ڦهلائين؟ چار سئو ورهيه دنيا جي تاريخ جا تنهنجي ذهن اڳيان رکان ٿو، جي پڙهڻ ڄاڻندو آهين ته هڙو واقعو اڳ ملڪي تاريخ ۾ ڪونه ٿي گذريو آهي، جيڪو هاڻي ٿئي ٿو.

وري شيخ صاحب سان منهنجي ياراني ڪا اڄوڪي ته ڪانه آهي. تون هن World events کي سطحي ته نه ڄاڻ!....

شڪارپور ۾ هڪ پٺاڻ پئي پنيو، ته هڪ چيو ته "فقير! معاف ڪرو." چيائين، "هم فقير نهين پٺاڻ هي!" — مان ۽ ويچاري محمد ايوب خان کان پنڻ؟ — سندس بيخبرين ۽ سندس پوئلڳن جي شر، فساد ۽ فتني کان خائف رهڻ، اهو اسلامي عقيدو آهي. پر مان تي تون رحم ڪرين، ته مان کيس به پورو مسلمان ڪري رکڻ جي طاقت رکان ٿو — افسوس، تون منهنجي خطوط جي روح کي هن طرح مجروح ڪرين ٿو! طاقت جو مرڪز تون يا اُهو؟ اُهو هجي ها، ته مان هيترا سال هن

سان پنهنجو پاڻ لهه وچڙ ۾ چو نه آيس؟ هٿي وڃي هنڊ ڪريان ها! پر ڏٺم ته حڪومت جي جاءِ تون آهين، سو توتي چو نه حڪم هلايان.

(ايوب خان ڏي موڪليل) هيءَ تار، درخواست يا عرض ته ڪانه آهي، حڪم آهي. اهڙن حڪمن جي ئي غلط تاويلن سبب قومون تباهه ٿي ويندڙيون آهن ....

شاهه صاحب قبلا! سان آهيان بيشڪ گنهگار، پر سان پارن پنهنجن پراون جا پٿر ڪاڌا آهن، ۽ سوريءَ جي تختي تي ناچ ڪيو اٿن!

منهنجي اسيمبليءَ جي ميمبريءَ طرف هڪ تجاهل عارفانه قسم جو اشارو تو ڪيو آهي. اها ميمبري به آسان بات ڪاڻي آهي؟ اها منهنجي اسيمبلي ميمبري ته هئي، جيڪا الهه بخش کي ذريعو بڻائي سنڊ ڪان دهليءَ جي لعل قلعي تائين رجعت پسنديءَ خلاف هڪ مضبوط ديوار بڌجي ويئس. افسوس قاتلن جي گولين سان هيءُ شهيد ٿيو ۽ منهنجو بازو ٽٽي پيو!

.... منهنجي اسيمبليءَ جي ميمبريءَ جا ڪارناما تنهنجي سامهون آهن. تون جناح پرستين ۾، منهنجي اسيمبليءَ جي ميمبري جيلن ۽ بندشن جو طواف ڪندي رهندي هئي! تنهنجي دامن کي ڪشان ڪشان ڪنهن گهليو، جو خود پاڻ نظربند ٿي پئين.

سان پارن ڪڏهن به پين جون تاريخون پيش نه ڪيون آهن، پنهنجي دل ۽ جگر جي داغن جي نمائش ڪندا رهندا آيا آهن. گهٽن آنهن تي مسخريون ڪيون، ٽوڪون ڪيون، ڪن ٿورن اثر قبول ڪيو ۽ دنيا جي تاريخ جي صفحن کي پلٽي رکيائون ....

آها قوم، جنهن ۾ تو پارو هجي، پنهنجي خام ڪارين کي به تنهنجي نالي سان ڏکي سگهندي آهي ۽ پين جي

رهنمائي بہ ڪندي آهي. سان بہ اهوئي ڪجهہ ڪريان ٿو، ۽ نہ ٻيو ڪجهہ!

منهنجي تار، بيڪ سگنل نہ آهي، منهنجي طاقت ۽ منهنجي برملا فضيلت ۽ رهنمائيءَ جي حق جو اظهار آهي .....

.....منهنجي نشست هت اڪثر تڏهن تي هوندي آهي يا سارين جي پلال تي يا مٿيءَ تي بہ ويٺو هوندو آهيان. اهي تخت پيغمبرن يا ولين کي نصيب هوندا آهن. جيڪو مٿيءَ تي ويهڻ جو فخر ۽ امتياز قدرت کان وٺي آيو هجي، اُن لاءِ وزارتون بہ ڪمر جو ذريعو آهن.

..... ايوب خان خدا تہ نہ آهي، جو سان هن کي آکيان چوان ڪجهہ نہ! چيم ۽ پراپرچئنل جي ٽرو چيم..... تون ڪٽي وزارت نہ قبول ڪر..... شيخ صاحب بيشڪ وزارت نہ قبول ڪري، پر وزارت سندس قدمن ۾ بہ نہ رکجي؟ وزارتون ۽ حڪومتون، قلندرن جي قلندريءَ تي ڇا اثر رکي سگهنديون آهن؟.... تون منهنجي تار کي گداگري چاتو؟.... سنڌ جون اخبارون ۽ لکندڙ گدڙن جي پروگرامن سان پريل آهن. منهنجي غرور کي هزار اُٺ بہ نہ ڪٽن. تو سان کي گداگر چاتو آهي؟ حڪم ڪيم، حڪم!!....

هت منهنجي خيال ۽ فڪر ۾ هر گهڙي تنهنجي موجودگي پئي رهي آهي. انسانذات جي نجات جا پروگرام تنهنجي نالي سان هت پئي ترتيب وٺندا رهيا آهن. "جي- ايم شاهم" معني هر شيءِ درست است! ماڻهن کي هتان جي گهڙي خبر، پر هن زمين جو ذرو ذرو توکي چاڻي سڃاڻي. هتان جا لوا، ڪرڙ، ڪانڊيرا، ٻوٽا ۽ جهاڙيون، تنهنجي نالي سان مغمور ٻٽائي چڏيا اٿم. اڪثر اڪيلو ئي گهمندو آهيان، ۽ ڇا چوان تہ تنهنجي ياد ۾ ڪنهن ڪنهن کي نہ جنبش ۾ آندم؟....

.....تون رخ زيبا ڪٽي ٻيو گهم! سنڌ کي تنهنجي هن خيرامي ۽ تي ناز آهي. هيءُ گهمڻ کو رواجي گهمڻ تہ

ڪونہ آهي..... تون دلشڪستو نہ ٿيءُ، ڇو جو مايوسيون ۽ دل شڪستگيون شڪن آدمي آهين. باقي ڪنهن بہ قسم جو تصادم ۽ مقابلو توکي ڪرڻو نہ آهي. عوامي پارٽيون وغيره سڀ جاءِ دارد. ڇڏ هنن ڇو تذڪرو- ڀالهہ ئي هڪ جي، مضمون ئي هڪ جو: "پڙهہ - پڙهاءِ جي- ايم شاهہ!"

باطل ۽ رجعت پسنديءَ جي سيني قلعن ۾ شگاف وجهندڙ خبر آهي اها، تہ تون چراغ رخ زيبا ڪٽي اچڻ جو ارادو رکين ٿو..... هڪ شخص واحد ڪيڏهہ بہ نہ ٿيندو آهي، اهو مان ڪي ڪير قائل ڪندو؟ باعظمت اشخاص جي عمل ۽ فڪر جي دنيا هميشہ رهيز منت رهڻي آهي. باقي آدمي رڍن مثل آهن..... - محمد امين ڪوسو.

(۶۲)

۴-۴-۱۹۶۶ع

ڪافر عشقم مسلماني مرا درڪار نيست،
هر رگ من تار گشتہ حاجت زنار نيست!

حضرت سيد اعظم، جي- ايم- شاهہ! ڪلهہ تنهنجي رجسٽرڊ خط جي سرفرازي حاصل ڪري، ٻاهر پوکن جي ديري طرف اڪيلو وڃي رهيو هوس، تہ خيال آيو تہ جي- ايم- شاهہ تہ سائين مڻي محبوب جي شفقتن ۽ مهربانين جي برسلا ۽ صاف اظهار ڪرڻ لاءِ ئي هت اچي رهيو آهي. دل فورن بيدار ٿي ٻيڻي. هت پيٽي ٻڌجي ويا ۽ اکين ۾ عشق جو آب اچي ويو ۽ سر منهنجو منهنجي سائينءَ جي چهري مقدس جي نور جي شعاع اڳيان جهڪي ويو، دل ڏڻو تہ ساريءَ خدائيءَ ۾ هڪ عالم اضطراب اچي ويو ۽ عرش عظيم جو رخ آن جاءِ ۽ مقام طرف ٿي ٻيٺو، جاتي مان گنهگار ۽ هيٺو تنهنجي آمد جي خبر جي خوشيءَ ۾ نهايت عاجزيءَ سان پنهنجي مڻي محبوب سائينءَ جي حضور ۾ ٻانهون ٻڌي ٻيٺو هوس. ائين چوڻ ڪفر تہ آن ڪفر تي مان ڪي فخر!

نازم بہ کفر خویش کہ ایمان برابر است !

..... آسمانن تي فرشتن پر شادمانن جون کيفيتون برپا ٿي ويئون آهن، جو سيد اعظم گداي بينوا جي نوازڻ لاءِ اچي رهيو آهي. آهم تنهنجي ظاهر پرستي ! عادتي دليل و دلائل ڦٽي ڪر ! ڇڏ اهڙي بوسيده طرز ڪلام ! هي مقام عشق و محبت جون گالهيون آهن. مان جيڪي چوان ٿو، اُهو پڌندو ڪر، اُن تي ايمان آڻيندو ڪر، جي معصيت ۽ گناهم نہ هجي! گناهم جي تلقين ڪريان تہ اها نہ سمجهندو ڪر. پر عشق پر گناهم ۽ ثواب آهن ڪاڏي؟ حق ڏي حق، سچ ڏي سچ هنن مڪتوبات پر نظر ايندو.

قبلا ! ظاهري سياستون آهن ڪاڏي هت ! ايوب خان کي فنائيت کان بچائڻ جي تار کي تو عرض ڪري جاتو ۽ پاڻ لاءِ لالچ جي معنيٰ پر استعمال ڪيو. هيئن چيو اٿم، پڌ ! ڪولي ڪولي چوان ٿو تہ "ايوب خان ! تون رڳو جي-ايم-سيد ۽ شيخ صاحب جي ذريعي بچي سگهندين. پاڪستان فقط جي-ايم-سيد ۽ شيخ صاحب بچائي سگهندا آهن. سنڌ رڳو جي-ايم-سيد ۽ شيخ صاحب بچائي سگهندا آهن. اسلام، هندستان ۽ پاڪستان پر رڳو جي-ايم-سيد ۽ شيخ صاحب بچائي سگهندا آهن. عالم انسانيت جو امن امان رڳو جي-ايم-سيد ۽ شيخ صاحب آڻي سگهندا آهن."

عرش عظيم منهنجي گنهگار گوڙهن تي ظاهر جنبش پر ڏسين ٿو، تہ بہ توکي يقين نٿو اچي..... بابا ! سيد سونهارا، لالچ ڏنم صدر محمد ايوب کي تہ "ميان پٽاڻ خان ! چو ٿو پين جي درن تي رلندو نظر اچين. تون پاڻ ئي هندستان کي جهڪائي رکڻ جي طاقت رکين ٿو. رڳو جهڪ منهنجي سيد اعظم ۽ قلندر وقت شيخ صاحب وٽ ! تنهنجو مٿو رڳو انهن ڀن جي اڳيان جهڪي، تہ ڏس ساريءَ دنيا جا فرعون بي‌سامان تو اميرالمسلمين، غازي محمد ايوب خان جي اڳيان جهڪن ٿا."

مان رڳو مزاح طور مسٽر جناح جي مقابلي ۾ هن (ايوب خان) کي اهي خطاب عطا فرمايا، ته تو ڏٺو ته اخبارن ۾ آناً فاناً اهي خطاب کيس برملا ملڻ لڳا..... "سنڌ جو سياسي ڪعبو" سن شريف ته آهي، باقي ٻيا ڇا به ڪن! سنڌ تو سان ڳنڍي ممتاز ڪري بيهاريم، هاڻي سنڌ قيامت تائين گهٽ نه ٿيڻي آهي. سنڌ جو درجو مٿانهون ۽ اوچو ظاهراً به رهڻو آهي. سڀ عيب سنڌين ۾ - ٺيڪ! پر هڪ جي-ايم-سيد جو اُنهن جو آهي، ته عيب، ثواب بڻائي رکيم. اهو تاريخ اُمم جو راز کولي رکيم - ڪنهن کي هاڻي طاقت يا مجال جو اُن ۾ ترميم ڪري. عجب بات ظاهراً هڪ معاملو ڏسندو رهيو آهين، پاڻ اُن ۾ شامل به رهندو آيو آهين.

قبلا! تون محمد امين کوسو ته ڪونه آهين، جو تنهنجو دامن هنن بدبختن جي غلاظت آميز سياست جي آلودگين کان پاڪ هجي! ته به تون به طعنو محمد امين کي ڏين! اُهي ڀيٽو ڀڙوا، جن جي سياستن کي درست ڪرڻ جو مان توکي ٺيڪيدار نظر ٿو اچان، سڀ تنهنجا ئي آندل ۽ اسان مسڪينن تي مسلط ڪيل آهن. پوءِ وري خبيثن تو پنهنجي محسن کي جيلن ۾ به رکيو!!

خير! هاڻوڪا حال ڇو نه ٿو ڏسين. رومال فرعونيت جيان ٻاهر نڪتل پر پاڻ کان هر وڏي فرعون يا گهٽ درجي واري فرعون جي اڳيان هٿ ٻڌل، قيام ۾، رڪوع ۾ يا سجدن ۾ آهن! حال ڇو نه ٿو ڏسين؟ آهن ته خوار، خراب ۽ ذليل؟ دنيا جو ڪو ملڪ ڇڏيو اٿن، جاتي اِنهن گيسيون نه ڪيون هجن؟ ڀائٽئي ذوالفقار عليءَ کي ته ڳالهائي ڳالهائي گهگهيون پئجي ويئون آهن! پاڪستان کي بدنام ۽ اسلام کي خطري ۾ ڏسي، مان لفظن ۽ قلم جي اشارن ۾ هيءُ اٽل فرمان جاري رکيو، ته توهان جي درد جو درمان هڪ آهي: جي-ايم سيد ۽ شيخ صاحب اڳيان جهڪو! .... ويچاري ايوب خان جي پيشانيءَ جي

کل ئي غير خدائن جي اڳيان سجدن ڪندي لهي ويئي آهي!....

تو وڏيون وڏيون ڳالهيون لکيون ته سنڌ جو اوجو طبقو هيئن آهي، هونئن آهي! وڏا وڏا واعظ لکيا اٿئي. سنڌ جو وڏو طبقو ڏوڙ پائي ته پائي، آن سان منهنجو ڇا وڃي! مان توکي "سنڌ جي عظمت ۽ طاقت جو ضامن" نالو ڏيئي ڇڏيو. هزار لک دفعا فخر محسوس ڪريان ٿو، هن نالي لکندي..... رجز و وجد نه پڏندو رهيو آهين. "جي- ايم شاهه، جي- ايم شاهه!" فرشتا ته اهو ڳائيندا رهن ٿا. حضرت مولانا پيرڙي جي اڳيان دست بسته ٿي اچي بيهندا آهن. مولانا ٿهڪ پري، مولانا وفائيءَ کي فرمائيندا آهن، "مولوي صاحب! اهو نغمو هنن کي اسان جي خان جي واتان ۽ قلمان هٽ آيو آهي. اسان جي خان، اسان جو چيو مڃيو، ته اسان جو جي- ايم- سيد به اسان کي مسٽر جناح کان مونٽرائي ڏنائين-" پڏبن ٿو، يا ياد اچن ٿي ٿا ليگ جا غلاميءَ وارا تمغا سيني تي!.....

ستان بدبخت انسان بدبخت ئي رهن، مان تنهنجو سهارو وڃي آن بدبختيءَ جي پردن کي چاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته توکان دانهن نڪري ويئي. مان نوهم و ماتم ڪندڙ آدمي نه آهيان. خاميون مڪمل حالات جون تنهنجي اڳيان کولي کولي رکيم. پر انهن تاريڪين ۾ آفتاب عالمتاب آميدن جو به آياري ڏيکاريم. بلڪل مختصر بات، "جي- ايم شاهه!" سڀ تاريڪيون ختم، هڪ نئون دور شروع ٿي وڃي، جي اِن نالي جو صحيح استعمال ڪنهن مان کان سکي ڪيو. "سنڌ جو سياسي ڪعبو" ته تو پڏو آهي يا نه پڏو اٿئي؟ حضرت رابعه بصريءَ جو واقعو به پڏو اٿئي ته ڪعبو هن جي طواف خاطر پنڌجي روانو ٿيو بحڪم ايزدي. پڏو پيو واقعو ته حضرت رابعه بصريءَ کي اهڙو پير عطا ٿيو ڪاٿوڻ هو، جيڪو مان کي عطا ٿيو آهي، مان پاڻ گنهگار، پر منهنجو پير ته ڏس! هاڻي سنڌ جو سياسي ڪعبو هلي ٿو مان گنهگار کي نرازڻ، سنڌ جي ذري ذري کي وجد

ڪرائي. جيئن مان هن خبر جي ڪري وجد ۾ آهيان.

تو الائي ڪهڙي مسڪينڙي جو حوالو ڏنو، تہ جاگيرون وڻي، فقيري وڃايائين. مان هن دور جي مجدد اعظم جو غلام، مان ڪي ڇو نہ ٿو ڏسين؟ مان ہ جهان جاگير ۾ ورتيون وينو ہ ڏڪ سهان ٿو! ڏسين ٿو منهنجو مقام، گنهگار جو مقام؟! منهنجي تحريرن جي سامهون، مان وٽ تون مسڪينڙن جون گالهيون نہ ڪندو ڪر!

آفتاب تازه پيدا بطن گيتي سے هوا،
آسمان ڈوبے هوئے تارون کا ماتم کب تلک؟

توکي ٿي لکيو هوم، تنهنجي ليگ جي بيزاريءَ جي زماني ۱۹۴۷ع ۾، اهو نوشتو موجود آهي تہ جي پير سائين ليگ ۾ وڃڻ لاءِ چوي تہ پوءِ وڃجي. "ہ مي سجاده رنگين ڪن گرت پير مغان گويد!"

واهہ سيد سونهارا! ڪنهن ہ حڪمران، ڪنهن ہ بادشاهہ جي پيءُ کي اهو درجو ڇڻ پنجن سون سالن ۾ نصيب نہ ٿيو، جو مان کي ٿي رهيو آهي. يا پنهنجي عظمتن جو احساس ڪونہ اٿيئي، يا منهنجي قلندرانہ طبيعت کي ٿو توري سگهين!

منهنجي زبان سادي ڏسي تہ هوندي، پر بيان ۽ مقصد کو ڏيندو، تہ اڪر منهنجا هن جي پوري پوري رهنمائي ڪندا. مان فرمايو آهي تہ وزارت صدارت ڪان شيخ صاحب جي جتيءَ جي خاڪ ہ مٽانهين آهي. اهو عقيدو نہ هجيم ها، تہ لکان ڇو ها؟ ڪو ان کي نہ مڃي ۽ محض مبالغو ڄاڻي، تہ ان انڊي کي شيخ صاحب جي سياسي عظمت پري تاريخ مان پڙهايان ڏيئن؟..... آهہ! تون بيشڪ خانقاهن کي ڳنڍ.

شعر پورو آهي يا نہ، لکان ٿو، پاڻ بابت:

زاهد چہ پرسي از مذهب من،
زنديق عشقم بے چون چرائے!

مان فقط پرچونڊي شريف ڄاڻندو آهيان. انهيءَ جي نام

نامیءَ سان هر معاملي جي ابتدا ڪندو آهيان. ٻين هنڌن جي رلڻ جي مان ڪي ضرورت ته ڪانه آهي، پر توسان هلندس. ڇوجو فرشتا ڪٿين شادمانا ٿا ڪن. ايوب خان ويچارو ڇاڻي ها ته هن بندشن لاهڻ سان ساريءَ خدائيءَ ۾ ڪهڙو لقاءُ ٿي ويو آهي، ته بي‌تحاشا ڊوڙي ها ۽ مان مسڪين کي اچي پاڪر پائي ها. گداگر آهو آهي. مان جو داتا دوجهان جو غلام آهيان، سو ڪيس دائمي بادشاهيءَ جو گر ٻڌائي رهيو هوس، ته اهڙن ڪڌن ڪرتوتن جو علاج به مان وٽ آهي. خبر پويس ته هيءَ اسرار ڪهڙو ٿو بيان ڪري، ته "جي‌ايم شاه، جي‌ايم شاه!" اهو به ڪري!

عمل گردانند ڪه دل در بند زلفت چون خوش ست
عاقلان ديوانه از پئي زنجير ما!

هي لاهوتي ڳالهيون سيني لاءِ ڪونه هونديون آهن. توکي رڳو ڪولي ٻڌايم ته جيڪو دڳ ٻڌايان ٿو، اُن کان سواءِ پاڪستان جي چاڙهي جي ٻي صورت نه آهي ۽ نه ٿي سگهندي....

تو وڏيون وڏيون تاريخون آمد ۽ وجهي موڪليون، مان ته هر وقت خدمت ۾ ٻيٺو رهندو آهيان، اهو ته ڏسندو هوندين! رات ڏينهن جي ڪا گهڙي ڪانه آهي، جو تنهنجو خيال دامنگير نه هجي. حسام‌الدين شاه، دنيا جي مرڪزن ڏي معتبريون قائم ڪرڻ لاءِ ته ويندو آهي، هيءُ به هڪ مرڪز آهي جو هڪ خاڪ نشين به جهان مٽ ۾ جهليڻ اچي ٿو، سو سندن غلام آهي. هن سادڙي ڳوٺ ۾ اچي رهي سگهي ته بس سندس ئي گهر ۽ سندس ئي جاءِ آهي. مان هن گهرائي جوادني غلام آهيان. سندن عقل فروشيون سو نه وٺندبون اٿم. ڪراچيءَ جي دور قيام ۾ منهنجون ۽ سيد حسام‌الدين شاه جون محفلون به لڳنديون هيون. مجالس سماع و رقص‌به سواءِ جنبش بدن جي ٿيندبون هيون. هوندا رڳو اسان ۾ يا شيخ صاحب قبلو يا مولانا وفائي، يا مولانا وفائيءَ جو پٽ علينواز وفائي. انهيءَ جي اُن وقت جي

حساب ڪتاب موجب سان هڪڙي ڏيڪ هوندو هوس، پيا سپ غلط آهن. تمام سويري، صبح صادق جي شروعات ۾ خاموشيءَ سان اڇي منهنجي ڪمري ۾ ويهي رهندو هو. سان اٽندو هوس، ۽ نمازون پڙهي، چاءِ پيئندا هئاسون. آن وقت هن جون نصيحتون مان ڪي ملنديون هيون تہ هيئن ڪر، هونئن ڪر. "جي-ايم-شاه ڏي يا نہ ويندو ڪر." هڪدفعي حڪم ڪيائين. مان چيو "چو؟" "ماڻهو ظاهر پرست آهن. ماڻهو توڪي جو آن وٽ هر وقت حاضر ڏسندا آهن تہ سمجهندا آهن تہ اهو برابر آهي. پوءِ چو نہ ليگ ۾ وڃجي، تون پاڻ به جڏهن آن وٽ موجود هوندو آهين. هت آهو چو نہ ايندو آهي؟"- مان ڪلندي وراڻي ڏني تہ "هت اڇي تہ به اهو فائدي ۾، اتي مان وڃان، تہ به هو فائدي ۾!" "سو ڪيئن؟"- مان چيو تہ "ات به مان ڪيس ليگ جي مخالفت ۾ چوندو آهيان. ۽ هت به ساڻيوئي چوندس، پنهي حالتن ۾ هن ڪي صحيح ڀالهہ ٻڌڻ جو موقعو ملي ٿو....."

مان مختصر نالي جو وظيفو قوم کي پڙهائي، ڪين سختين کان نجات ڏيارڻ گهران ٿو، تہ تون عاشق ازليءَ کي واعظ ڪرين ٿو؟ هاڻي ڪير پڇي؟.....

هن مقدس تار جي معنائن کي تون ٽوڙي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرين ٿو.

يو.اين.او. ۾ جيئن روسي احمق پنهنجو بوٽ رکيو هو ميز تي، تيئن هتان جو وزير خارجہ (پٽو) غلافن ۾ شيخ صاحب جو بوٽ يا چمپل کڻي وڃي چوي تہ "اي دنيا جي ملڪن جا نمائندو! جاڻو ٿا اسان جي ملڪ جي سياسي عظمت؟ هن غلاف ۾ جنهن جو بوٽ يا چمپل رکيل آهي، ان پارو جيڪڏهن توهان سڀني وٽ گذريل ڏن ڇڻ سون سالن ۾ پيدا ڏٺي ها، تہ توهان کي مبارڪون ڏيان ها! اهو اسان کي الله شرف بخشيو آهي. اها نعمت اسان جي حصي ۾ آئي آهي. ان جو سنگتي ۽ دوست جي-ايم سيد آهي. هي ظاهري عنايتون اسان تي آهن"....

— محمد امين کوسو.

## خط (٦٣)

٥.٤.١٩٦٦ع. حضرت سيد اعظم، جي-ايم شاهه صاحب!
دل جي تمنا آهي ته تنهنجي آمد جو چونڪه دنيا ۽ ماوراي دنيا تي حاوي ٿيندڙ اثر ٿيڻو آهي، ان لاءِ هڪ نئين بستي قائم ڪجي، ۽ سنڌ جي چڱي تعداد آدمين کي آڻجي. اها تمنا رکڻ ته جرم نه آهي! ڳوٺ سادگيءَ جي انتها جو نمونو آهي. ايترن ماڻهن لاءِ پورو بندوبست ڪجي. هڪ "شيخ عبدالمجيدآباد" نئون ڳوٺ ٺاهجي. سڀني دوستن احبابن کي موقعو ڏجي، ته هن ديدار فرحت آثار کان مستفيض ٿين. آهيئي حقيقتاً وڏي ۾ وڏيءَ اهميت وارو واقعو. پريس اچي ته اها به اچي. اخبار وارا اچن ته بيشڪ اچن. زمين جو فرش، آسمان جي ڇت تنگ ته ڪونه آهن. اسان جي احباب جو حلقو ته لامحدود ئي چئبو. آسمان وارا، عالم روحانيت وارا ته هوندائي هوندا. انهن لاءِ ظاهري بندوبست جي ڪهڙي گهرج؟ باقي زمين وارن واسطي بندوبست ڪجي، ٿوروئي سهي. انهن کي اچڻ جي دعوت نه ڏيڻ ظلم عظيم ٿيندو. تنبو ۽ عارضي جهوپڙيون کڙيون ڪجن. ڪانگريس جو اجلاس ڳوٺن ۾ محض دنيوي بات هوندي هئي، هيءَ ته الله خاطر تشريف آوري آهي. توکي اچرج وٺندو منظوري ته ڏيندي. هت اليڪٽرڪ ڪانه آهي ته ننڍيءَ مشين ذريعي ظاهري روشنيءَ جو بندوبست ڪجي. باقي باطني نور جا تجليٰ ته هت نه اچي موجود ٿيڻا آهن، ته ٻيو ڪاٿي ٿيندا؟ خسرو پيءَ ۽ پٽ جي گڏجاڻيءَ کي نظم (منظوم) ڪيو آهي، اهو واقعو هن جي ڀيٽ ۾ هيچ آهي. ظاهر آهي ته اهو بندوبست تونئي ڪرائي سگهندو آهين. منهنجي طمطراقن تي معترض نه ٿيءُ ۽ امداد ڪر- ته ميان صاحب کي اهو بندوبست ڪرائي ڏي! ڀل دنيا به ڏسي، ته الله خاطر به بندوبست ظاهري رکي سگهبو آهي. "رواجي سياست" ته ادنيٰ ٻانهي "هن سياست" جي! مان هيچه ايڏي مرتبي جو آهيان ڪاٿي؟- مولانا محمدعلي

عاشق رسول جي شان ۾ سيد مناظر حسن گيلاني مرحوم جو مرثيو تو ڪائي پڙهيو هوندو- هڪ مصرع اٿس:

"سياست تهمتي بر عشق پاڪت!"

..... سو هيءَ رونق افروزي ۽ گدانوازي ڪو ڇپائڻ جهڙو واقعو تہ ڪونہ آهي..... مان وارا واڻيا هجن ها، تہ ڪين چوان ها سڀ بندوبست اڪ چنبہ ۾ ڪري ڏيکارين ها- انهن کي يهودي بڻائي، نيڪالي تو ڏياري.... شاهانا آمد آهي فقير ٻينوا وٽ! مان تہ هرحال ۾ ٺيڪ آهيان، اصل عظمتون تہ ائين ئي رهڻ ۾ الله وارن لاءِ پوشيده هونديون آهن. مان زماني ۾ آهيان، فقير ٻہ ڪونہ آهيان. زماني وارو ٿي ڪري روش خدا پرستانہ!

تون تاريخ جا اوراق لکندو رهندو آهين، فقيرن درويشن جا قصا پڌل اٿيئي. هيءُ ٻہ ملاحظو ڪر!

بي حجابانہ درآ از در کاشانئہ ما!
ڪہ کسي نيست بجز درد تو درخانئہ ما!

مون وٽ حڪومتن جي خواهش لکي سگهندي تہ ڪائي لکي سگهندي؟ پلال جي گاهہ تي ويڙل ۽ تڏي جي تخت واري تي حرص و هوس جو حملو ٿي سگهڻو آهيَ؟ "منہ" چوڻ جو پورو پورو حق رکان ٿو، پر ڏچندو آهيان تہ ائين نہ ڪريان. پنهنجن پراون جا ظلم جيڪي سهندو رهندو آهيان، ان جو بيان ئي عبث آهي.

درجو اهو جو تون هن دور جو فخر وشان اچڻ جو مزده ڏين ٿو. الله توکي نوازيو آهي، ورنہ ٻيو ڪو ٻہ سبب ڪونہ آهي هن آمد جو! هڪ دفعي سائينءَ جي پرسان ويڙل هوس. مان ۽ سندن قرب؟ "ڪلاه گوشہء دهقان بہ آسمان رسيد" مان عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ "هاڻ ڪلاه گوشئہ دهقان بہ آسمان رسيدا!" مان "ڪلاه گوشہء دهقان بہ آسمان رسيد" وارو آدمي، تون ٿو مون کي بکيارين جا طعنا هڻين؟ مان سان گڏجي پڙهہ ۽ ڦوڙها روڪ تہ خبران پونئي!

مژده اي دل كه مسيحا نفسي مي آيد،
كه از انفاس خوشش بوي كسي مي آيد.
از غم و درد مكن ناله فرياد كه دوش،
زده ام ناله و فرياد رسي مي آيد!

---

"شاهباز به شكارے مگسے مي آيد"

جنهن رستي تان ٹيندو تون هت پهچين ٿو، انهيءَ رستي ۾ دڳ جي هڪ هڪ ڏڙڪي ذري تي سجدا نه ڪجن؟! ڪيڏو نه اهم ترين واقعو آهي!! منهنجو ته هوش و خرد چڪرائجي وڃي ٿو. هن دور ۾ عصر جو اهوئي ته اهم ترين واقعو آهي! اهو مان ئي آهيان، جو پاڻ کي رڳو اکين جي آب جي روانيءَ جي حدن تائين محدود رکڻ جي طاقت رکان ٿو.

شهيد الله‌بخش جو روح ته هت موجود آهي، هر وقت هوندو آهي. هت حسب طاقت خير و خيرات ٿيندي رهندي آهي، هر خير جي ڪم ۾ الهه‌بخش جي روح کي ثواب جي نيت ۾ هوندي آهي.....

ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ رستي سان ڪراچيءَ ايندو هوس، ته سن شريف جي اسٽيشن ايندي هئي، ته دروازي تي اچي بيهي رهندو هوس. ڪڏهن به ائين نه ٿيو، جو اها اسٽيشن بي توجهيءَ سان لنگهي ويو هجان.

هڪدفعي آڻي بينس، کي همسفر هئا، آنهن کي خوشيءَ وچان چوڻ لڳس ته "سن جي اسٽيشن آهي!" آنهن کي ڪهڙي خبر ته مان تي ڪهڙو لقاءَ ٿيو آهي، جو اهو چوان ٿو؟ چوڻ لڳا، "ها اسان کي اها خبر آهي." کي اتان ويجهڙائيءَ جا آدمي هئا.

"جي-ايم-سيد جي گهوٽ واري اسٽيشن آهي نه؟" مان چيو.

"نون‌ملڻ ويندينس چا؟" مان چا جواب ڏيان ته هت تڏهين آڻي چو بيٺو آهيان، جي هن جي ملڻ جي تمنا ڪانه آهي!

حافظ جي هن مصرع شعر کي، خود ساري غزل کي، نيون

معنائون عطا ٿين ٿيون. حافظ جو مان تي احسان، منهنجو حافظ تي احسان، جو سندس ڪلام کي اها حقيقت بخشي رکيـم، جنهن جو اهو ڪلام لائق هو! حافظ ڪشتءِ عشق نبي هو. اهڙو وجد آفرين ڪلام نہ چوي ها پوءِ! سندس ڪلام جي آواز تي، مرده جان ۾ زندگيءَ جا آثار ڏيکارڻ تي مجبور ٿي پوندو آهي. تنهنجي آمد جي هن موقعي، تہ ڪلام حافظ کي رڳي رکيو. اهو ڪلام هن موقعي جو ئي منتظر رهيو آهي ايترا سئو سال! اها تاريخ ادبيات جي هاڻي سڪ ۽ پڙهہ! تون مان ڏي اچڻ جو ارادو فرمائين تہ هيءَ نئين نوراني ۽ حقيقي عشق جي آبريزي هن ڪلام کي وڌيڪ چمڪائڻ ڏئي!.....

ـ محمد امين کوسو.

(٦٤)

٦-٤-١٩٦٦ع حضرت جي- ايم شاه صاحب، سيد اعظم!

السلام عليڪم- تنهنجي آمد ڪري، ڪيف و سرور ۽ سرمستيءَ جو عالم طاري ٿيل آهي. اکين ۾ آب آهي ئي آهي. ساريءَ ڪائنات جو وجد تون ڏسڻ گهرندين تہ ڏسي سگهندين!

ڪلهہ مغرب جي نماز ۾، قعده ۾ ويٺو هوس، تہ منهنجي دل هڪدم پرچونديءَ شريف طرف سجود ۾ آئي، ۽ آتان هڪ نوراني تجليءَ جو ڀانڊاپو حضور پرنور جي روضءِ و اقدس سان محسوس ٿيو. ائين محسوس ٿيو تہ روضءِ مقدس جو نور منهنجي سامهون آهي. صرف منهنجون گناهہ آلوديون اکيون پردو ٻڌي ٻيٺيون، وزنہ زيارتون ٿين ها. هيءُ ٻيو ٻيرو آهي، جو ان قسم جو واقعو ٿئي ٿو. منهنجي ساري بدن ۾ خوف ۽ رعب سبب لرزش پيدا ٿي ويئي. نماز ختم ٿي، مان هٿ ٻڌي، ڪنڌ نمائي ويهي رهيس. اهو چوڻ محض اضافو آهي تہ تنهنجي آمد جي معنيٰ مان لاءِ اها ۽ فقط اها آهي، جيڪا مان کي ٻڌائي ويئي، تہ اسان جي اولاد جي آمد تو ڏانهن آهي- طفيلين پرچونديءَ شريف جي- مان تعبيرون چاڻندو آهيان .....

مان تنهنجي اچڻ واريءَ راهہ کي ڪئين دفعا خيال ۾ پنبڻن سان ٻهاري چڪو آهيان ۽ ڳوڙهن جو ڇڻڪاءُ جاري آهي. تون بہ ظاهرداريون ترڪ ڪر- نہ تہ بہ دل جو رخ تہ آن ذات مقدس طرف ڪر، جيڪا هڪ گنهگار بندي کي اهو شرف قرب قيامت جي زماني ۾ بخشي ٿي..... سرڪار دوجهان جي برڪتن ۽ رحمتن جي آمد تنهنجي ذريعي ٿيڻ جو مزده مان گنهگار کي ملي ٿو، تہ آهو خود تو لاءِ مزده آهي. تون بہ نوازجين ٿو مان کي نوازڻ سان. ڪير مڃيندو هنن ڪيفيتن کي؟ جيڪو دل انڌي ۽ سينو ڪارو رکندو هوندو؟.....

هن کان اڳ لکيو هوم، تنهنجي هڪ قدم کڻڻ تي پنهنجو سر قربان ڪري، گهوري ڦٽو ڪريان تہ حق ادا نہ ٿئي؛ تہ ڪهڙو مبالغو ڪيم؟ مبالغو ههڙن معاملن ۾ ٿيندو ئي ڪونہ آهي. سڀ سچ، سڀ حق! سياست جو ڪعبو جو سن شريف کي چيم، تہ هاڻي ڪنهن کان سند مليم؟.... — محمد امين کوسو.

(٦٥)

٦-٤-١٩٦٦ع حضرت سيد اعظم، جي- ايم شاهہ!

..... مان اثباتي ۽ تعميري نتائج خيز عمل جو حامي آهيان. افسوس، جن مشڪل حالات ۾ مان مسڪين کي جدوجهد جو موقعو قدرت طرفان مليو، آن ۾ انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ ٿي نہ سگهندو هو. منهنجي حتمي راين کي ڪنهن نہ ٻڌو، مرحوم الهہ بخش کان پوءِ —

پاڪستان ٺهڻ ٺاهڻ جي اها تحريڪ ٻيءَ شڪل ۾ اچڻ کپي ها، جنهن جو خاڪو منهنجي ذهن ۾ تہ بلڪل صاف هو، پر مان توکي ۽ شيخ صاحب کي هن هاڃيڪار ڪارگذارين کان روڪي نہ سگهيس. صلو مومن لاءِ ٿي سگهندو آهي، جو سنئون سڌو حسن ازل سامهون ٿيڻ لاءِ رونق افروز ٿئي!

هاءِ- هاءِ! ڪنهن کي چئجي ۽ سمجهائجي!

— محمد امين کوسو.

(٦٦)

٧-٤-١٩٦٦ع، حضرت سيد اعظم جي- ايم شاهه صاحب!

..... قومون بگڙنديون آهن آن ڪري، جو آنهن ۾ اجتماعي صلاحيتون ختم ٿي وينديون آهن، يا منجهن صلاحيت وارا رهنما نه رهندا آهن. اصل ۾ صلاحيت ۽ استعداد رهنمائن جي قوم سازي ڪندي آهي.

مسلمان جو آٿي مسٽر جناح جي قبر جي پُوڄا بغير سبب ڪن، يا تون مسٽر جناح جي حياتيءَ ۾ منهنجي نه ٻڌندين ڪندين، ته اهو قصور نه منهنجو، نه قوم جو، پر قصور تنهنجو!

وري ويهه پنجويهه سال اڳ ۾، سو به مسٽر جناح جي حياتيءَ ۾ فرمايم، "تون ئي 'اسلامي' سنڌي ٿي ڪري، سنئون دڳ وٺُ-" ته آن وقت به تو مون کي "ڳوٺن ۾ وڃڻ کپي" وارو واڻڪو بيدليو جواب ڏنو. ڪم پورو وقت تي، منهنجي چوڻ تي نه ڪيئه. سنڌ تي ون يونٽ جو وبال آيو ۽ پاڻ قيدن ۽ نظربندين ۾ پئين!

آن وقت مولانا ابوالڪلام به هو، جواهر لعل پنڊت ۽ گانڌي مهاتما به هئا، ۽ تو وارو مسٽر جناح به هُيو. راشدي بهادر، جن جي نالن جي نمائش سان پنهنجي اهميت کي چمڪائڻ گهري ٿو، سي سڀ به هيا؛ پر مان ڪنهن کي سمجهائڻ ۽ پرچائڻ ۾ لڳل هوس؟ منهنجو وقت ڏاڍو قيمتي آهي. مان کي ڏاڍو عزيز آهي. توکي اصل مسلمانن سان ڪو دلي وير ۽ بغض آهي ته چئو کڻي، باقي مقابلن ۽ تصادمن جي پچر ڇڏي ڏي، توکان سواءِ ڪجهه به نه ٿيڻو آهي. پاڻ لاءِ کڻي نيڪ نيت مسلمان، صحيح مسلمانن جي صلاحڪارن جو هڪ مجموعو تيار ڪر- ڪم جو مرڪز تون فقط تون! پاڪستان، جنهن جي رهنمائي سنڌ تنهنجي ذريعي سان ڪندي، تنهنجي نظرڪرم جو محتاج ۽ منتظر آهي. سنڌ، پاڪستان ڪري ڪانه آهي، پر پاڪستان سنڌ ڪري آهي. ۽ سنڌ جو شرم ۽ حيا تو بچائي ورتو! .....

..... مختصراً آن تي ايمان ۽ يقين رک، تہ توکي قدرت مسلمانن جي تنزل کي ڦيرائي، ترقيءَ لاءِ ٿي پيدا ڪيو آهي. پاڪستاني قومهڪ ماڻهوءَ جي ارشاد جو نتيجو(One man's show) آهو "ون-مئن" تون، هنن خطوط وارو. انهيءَ "ون-مئن" سان مٿا ماريندو رهان ٿو.

توکي اهڙو ذهين شاگرد ملي ها، جيڪو مان کي ملیو آهي، تہ هن وقت الائي ڪاڏي وينو بورڊ ڪارا ڪرين ها. چاليهن سالن ۾ بخت پرئي پهربون سبق ياد نہ ڪيو آهي. هرڪنهن جي قسمت! منهنجي قسمت ۾ پڙهائڻ واسطي تون آيو آهين. چا ڪريان؟ ڪم جو اهو آهي، سو وينو ٿو ڪريان! پلا سمجهين نہ سمجهين، هائو تہ ڪندو ڪر تہ "آخوند جو چوڻ هيئن آهي، تنهنکري مڃيان ڪٽي!"

ـ محمد امين کوسو.

(٦٧)

٦-٤-١٩٦٦ع حضرت جي-ايم شاهہ، سيد اعظم!

تون تاريخ جي ورقن ورائڻ جو ڏاڍو شوقين نظر اچين ٿو. هاڻوڪي اهم ترين تاريخ، جيڪا باب در باب هنن خطوط ذريعي تيار ٿيڻ جي منتظر آهي، ان طرف تنهنجي نگاهہ پوري توجهہ سان نٿي وڃي.

تو پڏو آهي اقبال جو مصرع؟

نگاهہ مرد مومن سے بدل جاتي هيں تقديريں!

آءٌ تہ توکي ڏيکاريان تہ آهو مرد مومن ڪير آهي! هن وقت جو آهو مرد مومن تون آهين ..... گهبراهٽ، جلد بازي، ضد، تنهنجي عادتن جو خاصو آهي. سخت ڪاوڙ هوندي بہ، طوفانن جي درميان، هيڏن سارن اختلافن هوندي تنهنجي دامن کي مڪمل اطمينان سان جهلي بيهڻ ڪم منهنجو آهہ! تو مان وارو جي-ايم-سيد رڳو پراڻيءَ تاريخ جي ورقن لاءِ وقف ڪيو، حالانڪ پراڻيءَ تاريخ کي نئون آب و تاب بخشيندڙ بہ اهوئي آهي.

..... منهنجو هت هن ڳوڙي ۾ محض آمد جي خبر پڌي، روئندي روئندي ساهه نڪرڻ تي آيو آهي.

حيدرآباد شهر ۾ تون وئين، تو ڏٺو يا نه ڏٺو ته ميرن جي صاحبيءَ واري قلعي جا ڪنگرا تنهنجي قدمن تي ڪري سلام ڪري رهيا هئا. ميرن ۽ ڪلهوڙن جي قبن وارن هڪپئي کي مبارڪون ڏيئي، مان عاجز مسڪين ڏي نهاريو. وٽن ٽٽن، پوٽن، خوشيءَ ۾ توحيدي نغما بلند ڪيا. سڀ جا سڀ مان کي مبارڪون موڪلڻ لڳا ۽ هوا ۾ اهي مبارڪون ڦهلجي مان تائين پهتيون ۽ مان عاجز گنهگار ڳوڙهن پرين اکين سان پنهنجي مولا جي اڳيان سربسجود ٿيس..... آهي ئي اهو هڪ نالو، جنهن جي پڙهڻ سان سيڪڇهم آسان ٿي پوندو آهي ..... افسوس مان لکان ٿو، مان هندستان ۽ يورپ جي تاريخ جو ڪاليجي يونيورسٽي نموني سان "ايڪسپرٽ" آهيان، گذريل ٽن چئن سؤن وَرهين ۾ شيخ صاحب ۽ تو پارا نٽا ملن! ..... جي- ايم- شاهم، جي- ايم- شاهم ئي رهڻو آهي. سڄ کي سڄ چوڻ ڇو ڪنهن لاءِ ڇڙ، ڪاوڙ يا حسد جو سبب بڻي؟

ڇئو، ظاهر ڇئو! ته تون مان هيڻي کي نوازڻ لاءِ اڇي رهيو آهين. پروگرام ئي اصليت وارو اهو هڪ آهي. پيا سڀ دورا آهن، هيءُ ئي "آمد" آهي! فصل بهار لالہ و گل کي پنهان رکڻ جي. ڪنهن کي طاقت هوندي آهي؟ تيئن هيءُ واقعو به آهي.

اهي ٻه آدمي ئي وقت ۽ عصر جا نتيجہ خيز آدمي اٿئي. شيخ صاحب منهنجو آهي ظاهر و باطن ۽ نہ تنهنجو يا ٻين جو. تون پنهنجون حجتون ۽ دليلون پاڻ تائين محدود رکي، رڳو منهنجي ارشادن کي اها معني ڏي، جيڪا عام ۾ وحشت پيدا نہ ڪري ..... تنهنجي ذات ڪارساز، ڪارآفرين قسم جي مومن جي آهي. تو پاڻ کي نہ ڄاتو نہ قدر ڪيو، ته مان به نہ ڪريان؟ مان تنهنجي قدمن جي خاڪ کي هاڻي ڪعبو بڻائيندس.

تو مان کي چاتو سڃاتو نہ آهي. اهي سياستون خاڪبازيءَ واريون مان وٺ ڪاڻي ليندیون؟ مان طبعاً ۽ تعليماً قوم و تاريخ ساز آهيان. مان پارا فرد واحد ئي قومن کي اشارن ۾ ڏاهيندا آهن. منهنجي استعداد لامحدود، منهنجي مقابلي جي همت ڪنهن کي ٿي سگهڻي ئي ڪانہ آهي، پر ظاهري سختيون مان پارا نہ سهن تہ ٻيو ڪير سهي سگهندو؟ ڪيئن والدين جي ناز و نعمت سان پليل، تو پارن جي ازلي نيازمنديءَ جو فخر حاصل ڪندڙ، مان مصيبتون سهندو اچان ٿو، اهو بيان ۾ اچي نہ سگهندي! علاج ملکي توڙي شخصي تڪاليف کي دور ڪرڻ جو هڪ فقط هڪ: "جي-ايم-شاهم!" نسخو مان حڪيم حاذق جو تجويز ڪيل، ڪير ماڻ جو لال هاڻي هن ۾ ترميم آڻي سگهندو؟ تنهنجو هر قدم تاريخ جو هڪ باب- تون، مان تاريخدان کي تاريخون نہ پڙهائيندو ڪر. تون پنهنجو ڪم ڪر- منهنجي ڪم ۾ دخل نہ ڏيندو ڪر. تنهنجي دست وسعت کان منهنجي قلم جي تذڪره نويسي ٻاهر آهي، گهٽو ٻاهر آهي. جنهن کي تون ماضيءَ جو شانُ ڄاڻين ٿو، ان کي‌ئي برقرار رکڻ لاءِ هي ڪجهہ تحرير ڪريان ٿو.

سنڌ جا خانقاهہ مان سان نہ آهن، تہ تنهنجي انهن گشتن جا محتاج آهن؟..... انهن خانقاهن تنهنجي بندشن لهڻ کان گهٽو وقت اڳ مان سان ڳالهائي ورتو هو. مان دعويٰ بنا دليل جي ڪانہ ڪئي هئي. سوگهم ٻلي گهم! هر هنڌ مجلس جو سينگار ٿ! تنهنجو هر هنڌ وڃڻ پنهنجو مقام رکي ٿو، پر هت جي تشريف آوري تہ آهي‌ئي گدانوازي! بخشش ۽ عطا، ڪڏهين برملا ڪبي آهي، ڪڏهين پوشيده ٻہ- پر مان ڇو پوشيده رکان؟ برملا ڇو نہ چوان ۽ لکان، جيڪي زمينن ۽ آسمانن ۾ ڏسان ٿو!..... خرچ اخراجات ۾ اعتدلال جو قائل تون هوندو آهين. منهنجو اعتدال هي تہ ٻہ جهان منهنجي نظرن ۾ "ڪڪ" آهن. هاڻي بذريعہ تار ۽ خط روزانہ پنهنجي حالات کان واقف ڪندو

ڪن جاتي به هُجين، مان کي اُتان ضرور لکندو ڪر. اهو فريضو ڪري ڄاڻ!

— محمد امين کوسو.

عزيز آباد، انڙ واه. (٦٨)

٨-٤-١٩٦٦ع حضرت سيد اعظم!

تو به پئي پڙهيو ۽ لکيو آهي، مان به پئي پڙهيو ۽ لکيو آهي. ٺيڪ ٺيڪ ڪنهن پڙهيو ۽ لکيو، سو تون جواب ڏي! مان هڪ نالو پئي پڙهيو آهي. هڪ جو تذڪرو منهنجي قلم مقدس کان ٻئي نڪتو آهي. تاريخ جو روح تنهنجي قلم بيان ڪيو يا منهنجي؟ يورهيو ڪنهن جو بر ثواب؟

شاهبازے به شڪارے مگسے مٽي آيد! تنهنجي قسمت ۾ يا منهنجي قسمت ۾؟ هاڻي ڦيرا کائيندين ته ڇا ٿيندو؟ عرش عظيم تي هڪ گنهگار جي ڪيف و سرور جي گريي تي جنبش و وجد جو عالم طاري آهي! هزار دفعا اهو مصرعو منهنجي زبان تي آيو آهي. اڃا به حافظ بهشت برين تي پنهنجي ڪلام ڪري رقت سبب وجد ۾ نه آهي؟

اڄ ڪنهن ٻئي مڪتوب ۾ عنايتن جي اُها صورت، جيڪا بيان ڪرڻ به بي ادبي آهي، نظر آئي.

هزار بار بشويم دهن به مُشڪ و گلاب،
هنوز نام تو گرفتن ڪمال بي ادبي ست!

اهي عنايتون هن لکڻ پڙهڻ جي بدولت نصيب ٿيون آهن....

١٩٤٧ع جو لکيل منهنجو خط تو ڏي موجود آهي، جي اُن وقت ٻين وقتي حالات کان خيال موڙي، رڳو مان مسڪين جي ٻُڌين ها، ته سڀڪجهه هن وقت تائين رنگ ئي ٻيو وٺي بيهي ها!

ڪرامتن کي نه ڪن آهن، نه سنگ ۽ نه ٽنگون، جو ڪو ڏسي! هي ڪرامتي قصا آهن، جي دل جي ڪنن سان ئي ٻُڌا ويندا آهن ۽ اُنهن تي فقط اتي ئي اعتبار ڄمي سگهندو آهي. جن جي دل تي تاريڪيءَ جا پردا چڙهيل، سي هنن حقيقتن کي ڇا ڄاڻن!

— محمد امين کوسو.

(٦٩)

٦-٤-١٩٦٦ع حضرت سيد اعظم!

سنهنجي خط جو تو ڏانهن قريب قريب موضوع ئي هڪ آهي، يعني: تنهنجي ذات! سنڌ جو مالڪ، والي وارث، ڪرتاڏرتا، شاهن جو شاهه، آدم ذات جي هن دور انحطاط اندر سندس قسمتن ۾ ڦيرو آڻيندڙ اهم ترين شخصيت ۽ صلاحيتن وارو سڏيو ويو آهين!

هي خط ڪهڙين اندروني وجد ۽ رقص جي حالتن ۾ لکيا ويا آهن، ڪو صاحبدل هجي، تہ اُن کي پتو پوندو تہ هڪڙيون فتوائون بي معنيٰ ۽ لغوَ الفاظ نہ هوندِيُون آهن. معنائون ۽ حقيقتون، جن کي پوري انسانذات کي ڦيرڻ جي طاقت نہ آهي، هي رکن ٿيون! وقتي ۽ هنگامي معاملات هنن خطوط جا نہ آهن. سياستون، حڪمتون، ملڪ گيريون ۽ محض هَوسن کي پوري ڪرڻ وارن جو ذڪر اذڪار نہ آهي .....

"شخص واحد" هن ائٽم بمن جي دور ۾ اخلاقيات ۽ روحانيت سان پريل نظام حڪومت دنيا جي چئن ڪُنڊن ۾ ڦهلائي رکي، اُهو تون ئي چيو ويو آهين! ظاهر آهي تہ تائيد ايزديءَ کان سواءِ هڪ ناتوان انسان ايڏو ڪم ڪيئن ڪري سگهندو؟ مطلب تہ هنن خطن جو اهو تہ تائيد ايزدي حاصل ٿيندي ئي تو سيد اعظم جي-ايم-سيد جي ذريعي. ڪارخانہ قدرت جي ڪارپردازين کي ائين ئي بي نقاب ڪرڻ جو مان عاجز، هيڻو ۽ گنهگار، حقدار پاڻهوڻ ڪونہ آهيان .....

..... منهنجي پير صاحب پرچونڊي شريف ۽ امام الوقت حضرت مولانا عبيدالله سنڌي، انهن جي زور، انهن جي طاقت، اُنهن جي تصرف تي مڪمل پروسو رکي، توڪي ئي عالم انسانيت ۾ انقلاب آڻڻ جون دعوتون هتان مان مسڪين وڻان ملن ٿيون.

الله پاڪ پانهن تي بيحد مهربان آهي، پر سندس مهربانين کي حاصل ڪرڻ لاءِ بہ ڪن قاعدن ۽ قانونن جي پابندي ڪرڻي پوندي آهي. تو ملڪ ۽ قوم جي عزت بچائيندڙ قوانين

جي پابندي، پنهنجي سر تي تڪليفون سهي ڪئي آهي. يقيناً الله تنهنجي ذريعي سنڌ کي نوازيندو ۽ سنڌ ۾ احيائي اسلام ۽ انسانيت جي رهنمائيءَ جو مرڪز تنهنجي ئي بدولت بڻجي آهي. رڳو توکان ڪا لغزش، ڪا بيپرواهي نه ٿئي. ڇو جو الله کي ڪنهن جي پرواه نه ڪانه آهي. اهي اونده ۽ ناريڪي پيدا ڪندڙ ادارا، روشني ۽ آزاديءَ جا مرڪز ڦي ويندا، تون ان طرف توجهه ڪر سهي!

"پاسبان مل گئے ڪعبي ڪو صنم خانون سي"

هن دور جو فاتح اعظم تون سڏائي سيد آهين. بغير جنگ و جدال تنهنجي فتوحات جون سرحدون ساري انسانيت ۾ مشتمل رهڻيون آهن. آهيان سو گنهگار، پر چوندو اهو آهيان، جو محسوس ڪريان ٿو.

انقلابي ڪم نه گنجد بهه ضمير افلاڪ،
بينم وهيچ ندانم ڪه چسان مي بينم! (اقبال)

مان چاڻان ٿو، چاڪاڻ ته دين رسول صلعم جي هن محافظ مجاهدن جون دعائون، برڪتون ۽ رحمتون تو تائين پهچائي ڏيان ٿو. اِن ۽ اهڙي انقلاب جو تون ئي ليڊر آهين. توکان دنيا جي برتريءَ جو ڪم ٽيڻو آهي. You are a world Leader پر اهو ڪم رڳو چوڻ سان ته جڳ پاڻ تي ڪيلائبو. دنيا ۾ احمقن پهريائين ڏند ڏيڙي چڙون ڪيون، پوء اهڙن ئي حق پرستن کي طرح طرح جا عذاب ڏيئي قتل ڪيائون.

مان اِن قسم جي ليڊري توکي نٿو سونپيان. تنهنجي ذريعي ظاهري اسباب کي ئي استوار ڪري ڪم وٺڻ وارو انقلاب آڻڻ گهران ٿو. منٽ منٽ، سيڪنڊ سيڪنڊ قيمتي آهي. چوڻ منهنجو ڪوس، ان طرف توجهه ڪرڻ ڪم تنهنجو!

ـ محمد امين کوسو.

عزيز آباد، (٧٠)

١١-٤-١٩٦٦ع حضرت سيد اعظم، جي- ايم شاهه صاحب!

هت اچڻ جي معنيٰ ۽ مفهوم کي تہ پورو ڪر. گهڙي کن ۾ چا ٿيندو! حالانڪہ منهنجي هيڏي ساري سالن جي وابستگي به هڪ گهڙيءَ مثل آهي. زمانو گذرندي ويرم نہ ڪندو آهي. گهٽ ۾ گهٽ هفتو، نہ تہ ڪنهن به صورت ۾ ٽن ڏينهن ڏائين رهو. ظاهر آهي تہ تنهنجي هت اچڻ جي معنيٰ سرتب ٿئي، اهو تہ يقين رک. اها معنيٰ ٻن جهانن جي حالات تي اثر وجهندي.

اورون کا پيام اور هي، ميرا پيام اور هي،
عشق کي درد مند کا طرز کلام اور هي!

رسمي ۽ روايتي زبان ۽ فقرن ۾ منهنجي الهامي فرسودن جا ترجما ٽون پاڻ لاءِ، ٻين لاءِ ڪندو ڪر.

خود مان وٺ تہ ثبوت ۽ شاهدين ۾ منهنجي دل پاڪبازو دردمند موجود آهي. تنهنجي ياد، جيڪا نوعيت عت وڏي بيٺي آهي، ان لاءِ ڪهڙا دليل ڏيان؟ اڳئين ڏينهن خيال ٿيو، مان جڏهن شاهہ جو غلام آهيان، تہ اسان جي گهر جا پاڻي پانهيون ٿين. سواءِ شرعي پردي ۽ حجاب جي، ٻيو هن مهمان عزيز ۽ اسان جي وچ ۾ رشتو ناتوئي آقا ۽ پانهہ جو آهي. مان پروچن جي سردار خاندان جو فرد آهيان. ڪيڏا به اختلاف زماني جي لحاظ کان مان سان ڇو نہ هجن، پر ڪوبہ ڪوسو منهنجي نسب تي اعتراف ڪندو تہ جاڻ پاڻ کي گهٽ ڪيائين. تون سنڌ اندر بلوچن ۽ سيدن جي اختلافي حالات ۾ خود به حصيدار ٿي رهيو آهين. گهر جا پاڻي سردار پروچ جا تنهنجون ڪنيزون ٿي نظر اچن، سو فقط هت مان وٺ ٿي سگهندو آهي.....

هڻڻ خطن ذريعي "عوامي تنظيم" ڪن افراد جي اردگرد گڏ ٿي سگهندي آهي، جن کي استعداد هجي، جي صحيح ترين قدم کڻي سگهن، نہ تہ اجايو افراتفري ٿيندي. ٻيو ڪجهہ نہ ٿيندو. اها "عوامي تنظيم" هوا ۾ نہ کڻي ڪري سگهبي. فضا ۽ تنظيم هڪبئي تي اثر انداز ٿيندڙ آهن. اها تنظيم ايندي ڪٽان، جيڪا عوام کي سياسي طاقت بخشي! لهاذا ترسٽو پوندو.

ڪن حالتن ۾ پوئتي هٽڻو پوندو. بظاهر شڪست جي صورت هوندي، پر اصل ۾ انقلاب ۽ اڳتي وڌڻ جي راهه ۾ صحيح ترين تدبير هوندي. پنهنجا بهترين ليڊر ۽ ڪم ڪندڙ اجاين مقابلي آراين ۾ نقصان هيٺ نه آندا ويندا.

مان ٻڌل ۽ تقليدي طريقه‌ڪار ۽ عمل جو قائل نه آهيان، دل ۾ هڪ صاف صاف نقشو ڪم ۽ اُن کي حاصل ڪرڻ جو اُڀري بيهندو آهي. دوست، جي ڪو مڃيندو آهي ته ٺهيو، نه ته پاسيرو ٿيندو آهيان. باقي دشمن ڪو انڪاري ٿئي، گهرندو آهيان ته اُن جي ڳچي پٽي رکان، ڇاڪاڻ جو اهو ته هوندوئي ظلم ۽ اونده جو نمائندو آهي..... محمد امين کوسو.

(٧١)

حضرت سيداعظم، جي-ايم‌سيد صاحب!

تنهنجون نظر بنديون، جن کي منهنجي راتين جي بيتابين، الائي ڇا مان ڇا بڻائي رکيو هو، سي ختم ٿين، ته تون عزيزآباد، انڙواه پڇائيندو پڇائيندو اچي نڪرين! آهه، هن سفر جون عظمتون، جيڪي تون ڪاٽي مان وٽ پهتين!!

ڏسين ٿو ڪرشما دل ناصبور جا؟ اها تاريخ ٻئي هنڌ لکيل ڏيکار، ته تاريخدانيءَ ۾ ڪمال پيدا ٿئي! آهي‌ئي ڪانه يڪتا واقعو عالم انسانيت جو! ڪو صاحب نظر هجي، ڪو فهم و تدبر رکندو هجي! ههڙو مثال ٽن چئن سون سالن جي حڪومت ۽ انسانيت سازيءَ جي تاريخ ۾ موجود ڪونه آهي. ڪونه تاريخ ڄاڻي، نه حال ڄاڻي، نه ماضي ڄاڻي، نه فهم ۽ تدبر رکي، نه اکيون ڏسڻ لاءِ هجنس، نه دل درد سان ڀريل هجيس، صفا نپٽ انڌو، تنهن کي ته مسٽر ڀٽي جي حيدرآباد ۾ آمدئي اهم نظر ايندي. مسٽر ڀٽي جي ههڙي حالت ۾ پذيرائيءَ جو اصلي سبب به تنهنجون نظربنديون آهن.....

خبردار! پنهنجي اهميت جو مقام جو محافظ ٿي بيهه! ڪوبه ٻيو تو کان سواءِ نه هن وقت سنڌ جي عظمت ۽ توقير جو

جو محافظ آهي ۽ اُن لائق آهي جو سنڌ اُن کي ياد ڪري. ٻين جون يادگيريون به تنهنجي طفيلين جائز ٿي سگهن ٿيون.... ....شخصي تعريفون مذموم هونديون آهن، پر قوم ۽ ملت جي پاسبانيءَ جو الله ڪنهن کي درجو عطا ڪري ڏئي، ته اُن جو اظهار به قوم ۽ ملت جي خدمت آهي.

سنڌ جي فقط هڪ ئي اخبار سيد اعظم چوندي، لکندي رهي ٿي، سا آهي "اتحاد" جيڪب آباد واري.

مسٽر ڀٽي ساڳيو ئي بي سُرو راڳ ڳايو، ساڳي ئي بي معني ۽ فضول ڳالهه ڪئي. پر سنڌ جو آهي، سو سندس آواز ۾ ڪي قدر شانُ نظر آيو. اهو شانُ پاڪستان جي ڪشمير جي سوال بابت مطالبي ڪري ڪو نه پيدا ٿيو، پر اُن ڪري پيدا ٿيو، جو سنڌ جو هڪ ڀٽو اصلي خاندان جو هڪ فرد ڳالهائي رهيو هو. پاڪستان ۽ خود مسٽر ڀٽي تي اهو سنڌ جو احسان آهي. ڀٽي سنڌ جو شان وڌايو ڪو نه، هزار لک دفعا گهٽايو آهي، ته به ٻين کان جيڪي پاڻ کي پاڪستان جا تيس مار خان ڄاڻن، لک دفعا چڱو آهي. هاڻوڪي سنڌ کي هن خسته حاليءَ ۾ وري اهو شان ڪنهن عطا ڪيو، جو ٻين جا شان بلند ڪري؟ اهو شان سنڌ کي تنهنجي نظربندين ۽ حضرت شيخ صاحب جي ڪيسن ڏنو. گو مان انهن جي برخلاف هوس ۽ آهيان، پر سنڌ جي ئي خاطر اهي تڪليفون سهو ٿا، انهن کان گڏهه ۽ جهنگ جا سوئر به انڪار نه ڪندا. سو سنڌ جو محسن هن وقت تون آهين. سنڌ جي وجود کي نئون آب تاب، نئون شان، تو ۽ شيخ صاحب عطا ڪيو آهي. سنڌ توهان جي احسانن اڳيان سر نياز خم ڪري ٿي.

محسن سنڌ، سيد اعظم، جي-ايم سيد جي احترام ۽ عزت ۾ مان سان ٻِٽ ٿي بيهڻ سان، اي سنڌي غفلت شعار، تون ڪيڏو به سُستين ۾ هجين، ٻين کان گهڻو گهڻو مٿانهون آهين. تون اي سنڌي بيخبر! هن گهڙيءَ به شاهه اعظم، محسن سنڌ

جي-ايم سيد ۽ فخر سنڌ و هند شيخ صاحب جي ڪري پاڪستان جو فخر آهين. تون نہ هجين ها، تہ هن وقت پاڪستان تباهہ ٿي وڃي ها.....هيءَ لاهوتي تحرير وجود ۾ نہ اچي ها، تہ سنڌ ۾ جو اسان جي پائٽئي (پٽڻي) جي استقبال لاءِ دهل وڄايا وڃن ٿا، تہ الله جو غضب نازل ٿئي ها، حيدرآباد ۽ سنڌ غرق ٿين ها! احسان فراموشيءَ جي حد آهي— ضعيف‌البدن، بيمار، شاهہ اعظم پنهنجي بدن کي جهوري ۽ ڪاري رکيو سنڌ جي خفقانن ۾ ۽ آن جي نالي تڪليفن سهڻ ۾، ۽ اعزاز ٻئي جو ڪجي! اهڙي ناقدر شناسيءَ تي قضا ۽ قدر جا مالڪ خاموش ڪاٽي رهن ٿا، سنڌ ۾ طوفان ۽ آندين اچن ها، طغيانيون ۽ طوفان برپا ٿين ها، يا آسمان مان بلا نازل ٿئي ها يا زمين ڦاٽي ها، جي هيءَ تحرير وجود نہ وڃي ها!

"شاهہ اعظم" هيءَ جو توڏي مخاطب ٿي توکي لکيم، تہ تو تي فرض عين آهي هن جي اشاعت ۽ تبليغ!!

قوم ساز ۽ ملت نواز تحريرون هن قسم جون، هر ڪنهن جي قلم مان ايندين ۽ نڪرنديون ڪاٽي آهن؟..... تو واريءَ دعوت تي، تو چيو خرچ ڪهڙو ڪيو، مان چوان ٿو تہ خرچ اڃا ڪهڙو ڇو نہ ٿيو؟ منهنجي ذهن ۽ دل ۾ جيڪو نقشو هيو، آن جو احساس توکي آهي، الله وٺان تہ آن جا بدلا ملي ڇڪا. وري ڏسين ٿو اهي نشا جهلڻ! هڪ دفعي صفا بيهوش ٿي، آهلي رهيو هوس جڏ ن موٽر تي ديد پيئي، پر سائين مڱي محبوب جي همٿ مبارڪ اچي سهارو ڏنو. جي اهو جذبو قائم رهي ها تہ تنهنجي موٽر ۾ بيهي ها ۽ مان هڪ لاش ٿيو پيو هجان ها. اهو حقيقت ۾ تہ ٿي بيٺس ۽ اها ظاهري دلداري آن دست مقدس جي هئي، جنهن جي ڪري هن ڳوٺ تي اهي رحمتون آهن! تو ۽ فرمايو— آهين جو الله وارو! جيئن ڪعبو رابعہ بصريءَ جي طواف لاءِ آيو، سن شريف ۾ تنهنجي طواف لاءِ اچي بيٺو آهي.

ها- شاهہ صاحب! اهڙا قرب توکان ئي ٿيڻا هئا، سي ڪَيَوَ! تو اهو ڪيو، جو ڪنهن ڪنهن جي واسطي نہ ڪيو. ها، پاڻ بہ نوازجي وئين، جو اهل الله جي هن نگريءَ ۾ آئين ۽ مان کي بہ تو اڏي رکيو!..... مان هيڻي تي تو جو نظر ڪئي تہ ڀرچونڊي شريف جي ذريعي مديني پاڪ واري جون مهربانيون توتي ڇٽي ڪري بيٺيون. منهنجي دل جي اکين اڳيان تہ اِهو راز ڪونہ آهي.

وري مولوي محمد معاذ ۽ مان کي تو هڪ ٻئي جي هنج ۾ ويهاريو، واهہ تُنهنجي ادا! مان ڪن کي ڪي روپيا ڏنا، پر اصل تہ هڪ هڪ جي هٿ ۾ سر ڪپي قربان ڪري ڏيندو رهيس.

راشد ڀائر ڇا بہ چون، سئدن موجودگي هئي. مان فتويٰ ڏني تہ جڏهن مان تُنهنجي خدمت ۾ آهيان، تہ اهي آهن. خود حاتم جو خيال آيو، ڄيٺيءَ جو خيال آيو، لالجي ملهوترا جو خيال آيو. اسان ٻنهي، مون ۽ لالجي ملهوترا جو خيال تو بابت قريب قريب ساڳيو هوندو هو تہ توکي ڪهڙي نموني سان ريجهائجي. اسان کي تنهنجي روش تي ڪاوڙ سان گڏ ڏک ٿيندو هو، تہ تون سنڌ سان ڇو ٿو برملا ويل وهائين ..... هڪ دفعي لالجيءَ چيو تہ گڏجي هلونس. لالجي عجيب ’ڪلچر‘ جو نمونو هو. سندس ڳوٺ پراڻن علماءَ جو مرڪز هو. جونپور جو آهي شايد! مان سان جيڪا محبت هيس، سائي ذميوار آهي جو لکين روپيا يڪي سر گڏ ڪيائين منهنجي خاطر- اها ڪانگريس لالجيءَ واري هئي. راشدي صاحب جي اليڪشن ۾ سندس ڪري روپيا ڪي قدر مليا ۽ پوءِ بہ ڏنائين يا ڏياريائين. اُن وقت لالجيءَ وٽ ڪانگريس هڪ ’ملڪي‘، نہ ڪ هڪ فرقي جو ادارو هو. افسوس، واڻين بقالن اهو نہ ڪيو ۽ اڄ هندستان ۽ پاڪستان سندن حماقت سبب لوڙين پيا- هندو، مسلمان، ٻنهي کي نقصان پهتو آهي. هن وقت بہ

اسان جي همت ۽ آواز جي ضرورت آهي..... وري به اسان ئي آهيون وقت ورائيندڙ. تو ته وقت ورائي ڏيکاريو. مان گنهگار وٽ اچي گهڙيون گذاري، ابدي ۽ ازلي عشق و محبت جو اٽ سڻندڙ منارو قائم ڪري وئين!

"ثبت است برجريده عالم دوام ما!"

هاڻي هت پيو انيدين، پيا فرشتا وجد ڪندا. آسمانن وارن جي محفلن جو ذڪر اخبار "اتحاد" ۾ توکي ملیو هوندو..... خط تو لکڻ ڇو بند ڪيو آهي؟ لکندو ڪر..... احوال ذري پرزي ڏيندو ڪر. تارون ڪندو ڪر.

حضرت مولانا محمد علي جو هڪ انداز اهو به هوندو هو، جو خط لکڻ لاءِ ڪيس وقت نه ملي، ته ڏهي وڏيون تارون ڪري. جواهر لعل آن جو ذڪر ڪيو آهي. جواهر لعل جي قلم مان مولانا جي ذڪر پڙهڻ ۾ مزو آهي. افسوس، مان توجهه ڏيئي نه سگهيس، جواهر لعل کي مسلمان ڪريان ها. بيحد محبت آميز شخصيت هيس. جادو ۽ سحر جو ڦهيل انسان هو. شايد اهائي خصوصيت سندس ڏيءَ جي هجي!

— محمد امين کوسو.

(۷۲)

۲-۵-۱۹۶۶ع حضرت سيد اعظم!

بير علي محمد شاه راشديءَ جو ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" خوب پڙهندو آهيان. شاهڪار مضمون به هڪ حڪيم قائم الدين ٻيو مير بيگ يا جان بيگ جو مديني پاڪ طرف وڃي مرڻ. حڪيم صاحب واري مضمون جي داد ائين ڏجي، جو پاڻ مرجي ته اهڙو مضمون مرڻ ڪان پوء راشدي صاحب لکندو ۽ آخير واري مضمون کي ته به چار ڀيرا پڙهيو اٽم ۽ رڙنو آهيان. جنهن ماڻهوءَ جي قلم کان الله اهڙا مضامين لکائي، ته ان کي ڪهڙي مصيبت آهي، جو چبرن جي آوازن ۽ گڏهن جي هينگن بابت لکندو رهي. وري سندس محرم بابت هڪ مضمون جو آخرين

فقرو تہ ”محرم ۾ مظلومن جي گهٽ ٻڌڻ ۾ ايندي آهي.“ عقل جا مڻ، جو ننڍيءَ کوپڙيءَ ۾ کڻي گهمندو، تہ گاهي بگاهہ اُنهن کي استعمال ضرور ڪندو. سنڌ جي ناحق ستياناس ڪئي هئائين. جيري واسطي هزارين هاٿي قربان!

الهہ بخش بابت سندس تحرير معيار کان ڪروڙ دفعا گهٽ آهي. شايد ندامت ۽ هٺ يا زماني جي خوف کيس لکڻ نہ ڏنو.

شهيد جو ڪير همعصر؟ جنهن سر قربان ڪري ڏيکاريو، اُن سان ڪنهن جي پڄڻ جي جاءِ آهي؟

— محمد امين کوسو.

(٧٣)

(سيد غلام مصطفيٰ شاه ڏانهن)

ڪاپي - جي - ايم سيد

٢-٥-١٩٦٦ع بجناب سيد غلام مصطفيٰ شاه صاحب!

مذهبي ۽ ملڪي فرض نہ ڄاڻان ها، تہ نہ لکان ها. تون تعليمات جو وڏو آهين ۽ تعليم ۽ خواندگيءَ سان ئي هن مسئلي جو گهري ۾ گهرو تعلق آهي، تنهنڪري خطاب ئي توکي ڪبو.

جنهن پڙهيل لکيل آدميءَ کي اهو پتو نہ هجي تہ سندس ملڪ ۾ وڏي ۾ وڏو آدمي ڪير آهي؟ ۽ اُن جي پتي هوندي اُن جو اظهار ڊپ ۽ خوف کان نہ ڪري. ان کي نہ پڙهيل چئبو ۽ نہ خوانده! مٿس خواندگي ۽ پڙهيل هجڻ جي جهُلَ چئبي.

سنڌ جو محسن، محافظ، خدمتگار، جنهن پنهنجو بدن جهوري ۽ ڳاري رکيو آهي، سيد اعظم جي - ايم - سيد آهي. اهڙن محسنن جي شان ۽ مرتبي کان بيخبري يا بيپرواهي، قوم جي تباهيءَ ۽ بربادیءَ جي صورت اختيار ڪندي.

شاهہ اعظم حيدرآباد ۾ آيو. سنڌ جي ڪلهوڙن ۽ ميرن جي روحن سندس استقبال ڪيو، ميرن جي قلعي جي ڪنگرن هن کي جهُڪي سلام ڪيا، حيدرآباد جي خاڪ جي ذري

ذري جهمريون هنيون ۽ درختن جي پتن ۽ زمين جي گاهه نغما ڳايا، پر آهه! قومي بيخبري ۽ بي احساسي ۽ غفلت جي پردن ماڻهن کي آن جو پتو ڏيڻ ته ڇڏيو!

مسٽر ڀٽي به ساڳي لغو ۽ بي معني ڳالهه ڪئي، جيڪا پيا ڪندا آيا آهن. مسٽر ڀٽي ۽ پاڪستان تي سنڌ جا احسان، جو سندس ساڳي ٻولي "ڀي" کي ماڻهن پئي آواز ڇاتو. ۽ سنڌ تي احسان منهنجي شاهه اعظم جا، جو هو ههڙي وقت، ڏکئي وقت، سندس عظمت برقرار رکيائين. اهو، جو ته هجي ها ته سنڌ مٽيءَ جو ڍير نظر اچي ها. آهه! جنهن مرد عظيم پاڻ کي ڳاري توهان آدمين کي عزتون بخشيون، آن جو احساس ئي ڪونه اٿو - افسوس، ڀين جا نعرا بلند ڪندا رهو ٿا.

تفو بر تو اي چرخ گردان تفو!

آسماني ۽ ارضي آفتون اهڙيءَ بيقدريءَ ڪري نازل ته ٿين، آن جي بچاءَ خاطر هيءَ تحرير تو پاري صاحب بصيرت ڏي لکان ٿو.

تون جو چوين ته شاهه لطيف جو پيغام سمجهو، تي وقت شاهه جي پيغام جي معني، سياسي معني، جي-ايم- سيد جي نظر بندي نه آهي؟ مارئيءَ جا گيت پڙهڻ وارا انڌا ٿي ويا آهن ڇا، جو جي-ايم-سيد ۽ شيخ عبدالمجيد جي حب الوطني نٿا ڏسن؟ خود شاهه لطيف جي ڪلام کي هتن ڀتهي نئون مرتبو بلڪ نئين زندگي بخشي آهي. اهي ته هجن ها ته شاهه جي ڪلام جي معني ڪيئن ڪجي ها! ڪيئن چئي سگهجي ها، ته سنڌ ۾ ئي شاهه صاحب ڇاٿو هو ۽ سندس قبر سنڌ ۾ آهي؟....

واهه سنائي سيد سو تهارا! سنڌ کي تو صدين تائين جياري ڏيکاريو- شاهه جي ڪلام جي اصلي معني ۽ تفسير، سنڌ جي سياسي ڪعبي سن شريف اڳيان سربسجود ٿي بيهڻ سان حاصل ٿي سگهندي آهي. شاهه جي ڪلام جو ذڪر، جي-ايم-سيد جي نالي وٽڻ کان سواءِ ڪمال بي ادبي ۽ گستاخي آهي.

اهڙن کي، جي جي-ايم سيد- جو نالو نٿا وٺي سگهن، ڀٽائي گهوٽ جي نالو وٺڻ جو ڪو حق ڪونه آهي. اهو مذهبي ۽ اخلاقي جرم آهي، ثبوت ۾ منهنجي هيءَ تحرير موجود آهي.

سنڌ تي خدائي غضب نه نازل ٿئي، احسان فراموشيءَ ڪري— تنهنڪري هي لکي ڇڏيان ٿو. ڪو پڙهڻ وارو زمين تي نه آهي، ته نه هجي. فرشتا پڙهن ٿا ۽ وجد ڪن ٿا ۽ اهل مماتيءَ جا بزرگ مان کي دعائون ڪن ٿا. هيءَ تحرير به اهم ترين دستاويز آهي، سنڌ جي توقير ۽ بقاءَ لاءِ!

— محمد امين کوسو.

(٧٤)

٥-٥-١٩٦٦ع حضرت سيد اعظم!

بندي جي قلم مان هن تاريڪ دور ۾ جيڪي ڪي نڪري ٿو، ان کي تو تائين نه پهچائڻ به ناعاقبت انديشي آهي.

لکان ٿو ته الاهي غضب سنڌ وارن تي ڪڙڪي ها، جو توکان علاوه ٻين لاءِ دهل وڄائين ٿا ۽ انهن جي اڳيان جهُمريون پائين ٿا. اهڙن غضبن کي روڪڻ لاءِ منهنجون ناچيز تحريرون وجود وٺنديون رهن ٿيون. خُدا ڪو هنن کي عقل جو انڌو بڻايو آهي، جو تو پاري ۽ شيخ صاحب پاري جي هوندي، صدا لنگها، ميراثي ٿي بيٺا آهن. اهڙن کان الله جي پناه! هيءَ تحرير توکي ئي موڪليان ٿو.

— محمد امين کوسو.

(٧٥)

٧-٥-١٩٦٦ع، حضرت سيد اعظم!

پير علي محمد شاه راشديءَ جي نالي هڪ خط مرتب ٿيو. ايا ڏينهن رکيو ويٺو هوس، هاڻي خيال ٿيو ته توکي موڪليان. پهريائين پاڻ پڙهه! الهه بخش— ليگ— هندستان، پاڪستان— راشديت— روضي شريف— پير جي ڳوٺ درگاهه شريف ۾ منهنجي

سائينءَ جي زيارتن جو احوال — خود راشدي صاحب جي مضامين ۽ ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ تي تبصرو سڀ اُن خط ۾ آهن.

”سيد اعظم“ جو باربار نالو آبو آهي. تو سنڌ جي مالڪ جي چوڻ آکڻ جو لحاظ رکي ها، ته تو واريءَ سنڌ جي جيئري کل لاهي ها؟ مان کي سامهون ڪري بيهارينس ها، ٻئي کان ڪڏهن به ٺيڪ نه ٿي سگهندو. اڪثر مان کون اهڙن موقعن تي ڪترائيندو آهي. سندس مضامين جو وڏو حصو عقل خناسيءَ سان ڀريل هوندو آهي.

اهڙا مضمون، جو خبيث پڙهندا ته سندن مغز ۾ پيدا ڇا ٿيندو؟ تباهه ڪري رکيو اٿس انهن کي. وري سنوان نه ٿيڻا.

هاڻي ڪو ٻيو صحتمند لٽريچر لکندڙ پيدا ٿئي يا خود اُهو ڪم به اهو پاڻهي ڪري. جنگ اخبار ۾ اڪثر مضامين اُن مواد سان ڀريل لکندو آهي.

قومن جي مذاق مدارج جو پتو ادب مان پوندو آهي! ڇا لکن ٿا، ڇا پڙهن ٿا؟ ڪاري گڏهه تي چاڙهي ڍانڍورو ڏجين. ڪو ڏسڻ وارو هجي! آدمي خود جڏهن اهڙي پروسيشن ۾ هلڻ پاڻ کي معزز ڄاڻي ته پوءِ علاج ڪهڙو؟

حسام الدين شاه جي ڪتاب ”تذڪره اميرخاني“ تي تبصرو به موجود آهي. ڪراچيءَ ۾ قيام وڌيڪ آهي، ته اُهو به موڪليان. ڪتابڙي جي صورت ۾ جلد به جلد ڇپراءِ — سچ ٿو عرض ڪريان، وقت جي اهم تقاضا پوري ڪندو. ڪو اتفاق ڪري يا انڪار!

— محمد امين کوسو.

عزيز آباد، (٧٦) (پير علي محمد شاه راشديءَ ذانهن)

انڙ واهه،

١٠-٤-١٩٦٦ع، قبلا حضرت پير علي محمد شاهه راشدي!

السلام عليڪم: ”اهي ڏينهن، اهي شينهن“ هٿ چڙهيم، پاڻ ته ڪونه موڪليوءِ- اها به هڪ ادا، هڪ بيپرواهي سمجهڻ

گهرجي. ٻيو جلد ڪاٿي آهي؟ ڪڏهن شايع ٿيندو؟

تنهنجي ڪتاب ۾، تومان بابت به لکيو. اهو ڪو گهٽ اعزاز ڪونه آهي، جو اڃا اُن جو تجزيو ويهي ڪيان- ڪروڙ شُڪريا! ڪتاب ۾ شاهڪار حڪيم صاحب قبلي جو تذڪرو آهي ۽ شاهبيگ يا حاجي بيگ جي موت جو ذڪر- آخر واري موقعي تي زار زار رُنس. الله توکي آجر فرمائي! اهڙن مضمونن کان پوءِ توکان ڪا پڇا ٿي سگهندي آهي، سا منهنجي حساب ۽ ڪتاب مطابق غلط آهي.

باقي الهه بخش بابت يا سنڌ جي سياست بابت تنهنجي لکڻي صاف صاف جانبدارانه ۽ کهڙي تي نظر رکي لکندو ويو آهين- اڃا به باز نه آئين- مان جيئرو آهيان- مُئو ڪونه آهيان- ظاهر آهي:-

ليلي را بچشم مجنون بايد ديد

الهه بخش توکي ڪيئن سمجهه ۾ ايندو؟ بعد از مرگ به اهوئي خوف دامنگير ٿيو بيٺو اٿو ته سنڌ کي مان سندس نالي جاڳائي رکندس. بيشڪ سنڌ جي آزادي سندس خون سان لکي ويئي آهي. سنڌ يقيناً پنهنجو مقام حاصل ڪندي. تحقيق انهيءَ قبر تي وقت جي حڪومتن جا جهنڊا ۽ عملدار سلاميون ڀرڻ ايندا. سنڌ جي آزاديءَ جو پاسبان، پنجن پيرن جي قبرستان ۾، حورن جي هنج ۾، آرامي آهي. سندس نگاهه مان عاجز جي چرپر تي کُتل آهي. اسان هڪٻئي سان محو گفتگو آهيون. ٻڌڻ وارا ٻڌن ٿا. شهادت — سرگهوري ڦٽوڪرڻ، ڪو آسان ڪم آهي، جو اُن کي اکرن، لفظن ۽ جملن جي ايرڦير سان ڦيرائي يا ميساري مٽائي سگهبو آهي. تو الهه بخش جي صورت بگاڙي آهي، عيان نه ڪئي آهي. ڇا جا تو الهه بخش جا همعصر بڻائي رکيا آهن؟ شهيد جو همعصر ڪو ڪونه هوندو آهي- حُسيني زمري ۾ آيل شهيد پنهنجو نه مٽ رکندو نه ثاني. وري لِک هن شهيد اعظم بابت ۽ سندس ياد ۾ تُون ۽ تنهنجا قلم ٻيئي سربسجود ٿي مان کي خوش ڪريو! حڪيم

صاحب سان حق دوستيءَ جو تو ادا ڪيو..... مضمون جو داد رڳو هن صورت ۾ ڏيئي سگهبو آهي، جو پاڻ مرجي، آن خوشيءَ سان تہ تـون اهڙو ڪو مضمون بعد از مرگ لکندين پر خـود تنهنجي قلـم جي اعجاز جو اهـو ٽڪرو معراج آهي- وري اها ادا توکان بہ ادا نہ ٿي سگهندي- تنهنجي تحريري ڪمالات جو صِلو الله توکي حڪيم صاحب جي ياد ۾ لکيل تنهنجي شاهڪار ۾ عطا ڪيو!

ـ محمد امين کوسو

۱۰-۴-۱۹۶۶ع [علي محمد شاهم راشديءَ ڏانهن لکيل خط جو نقل:]

حضرت سيد اعظم، ۱۹ تاريخ هت اسان جي ڳوٺ اچڻ وارو آهي. تون بہ اچي نڪرين، حسام الدين شاه صاحب سان، تہ ڏاڍو بهتر! سالن جي وڇوڙي بعد اڪيون تہ سيڪي وڻون- وري ڪو نئون تب و تاب ڏيئي ڇڏيانءِ!

ليگ- ليگ- ليگ ـــ آهي توکي ڇا؟ قرمساقن جي گـلا کان بہ آدمي پرهيز ڪندو آهي. تون پاڻ خود پنهنجي عقل ۽ دماغ جي صلاحيتن سـان آهين- مسلمانان هند سان کهڙا ويل ٿيا، آن جـي ذميواري ڪنهن جـي ڪنڌن تـي آهـي. هيڏيـن خوارين ۽ خرابين هوندي بہ توکي آرام نہ آيو آهي! "پسر خر هم خـر باشد!"

بابا شاهم صاحب! هاڻي تـم اسان جي جند ڇڏ، ملڪ ۽ قوم سان گڏ پاڻ بہ آرام جا ڪي ڏينهن ڏسي قبر داخل ٿيون.

..... تون "مالڪ"، اسين "غلام" آهيون. ڇا جا حجاب، تہ ڇا جون دعوتون؟ تون سان ڪي ڪراچيءَ واريءَ فضا ۾ گهليين ٿـو. دنيا ۾ گندن جا ايڏا ڏير ڏسڻ کان يوءِ بہ طبيعت ۾ ڪراهت نٿي پيدا ٿيئي. آنهـن منافقتن جي منارن سان تہ ڪا زالـي وابستگي اٿيئي- هيڏي آءٌ، نہ تہ بـہ خيال ڪي تہ اِتان هٽائي اسان غريبن جي حال طرف ڪري بيهارينـدو ڪر! "خوی ليگيت" ڪـي لت مار- بدترين باب آهي مسلمانن جو

هندستان اندر اهو! مسلمان اڀرندا ضرور، ليڪن مان واري نموني سان ـ هندن سان بغض نہ، سندن مطيع و تابع نہ، بلڪ سندن مالڪي ڪرڻ جي خيال کان.

سر سيد جو زمانو تہ اهو هو، جو انگريزن سان مقابلو، جهاد ۽ قتال مسلمان ڪري چڪا هئا. اُن طرف جو هڪ خاندان خود سيد جو خاندان بہ ظلم ۽ ستم جي حملي کان بچيل ڪونہ هو، تنهنڪري هن کي اها لائين اختيار ڪرڻي پيئي.

اسان کي ڪهڙيءَ بلا ورتو آهي، جو هندن سان لڙي، ٻين جا..... پير چُمندا وتون، هند ۾ اسلام جي دوباره فروغ لاءِ سمورا اسباب موجود آهن، افسوس ڪو مير ڪاروان بڻجڻ وارو ڪونہ آهي.....

يہ نغمہ فصلِ گُل و لالہ کا نهين پابند
بهار هو ڪہ خزان لاإلٰہ إلا الله!

"اقبال" فرمايو تہ ٺيڪ، پر کيس ڌرتيءَ تي اهڙو نغمہ سنج نظر آيو ڪونہ هو. اسان جون دليون ۽ اسان جا ڪن انهيءَ روح پرور نغمي جا روز ازل کان خوگر بڻايل آهن.

تون انهيءَ نغمي کي سنڌ اندر بنياد ڏيندڙ جد امجد جو پُٽ آهين. حضرت روضي ڌڻيءَ جي جماعت جو اهو نعرو هوندو هو، جو آهہ! هاڻي ڦري بڻيو "ڀيڄ پاڳاره" ـــ چہ نسبت خاڪ را با عالم پاڪ!

تون "فضوليات" نہ لکندو ڪر ـ خود "مشرق و مغرب" ۾ پنهنجي سير و سياحت بابت لکندو ڪر. احمقن جي حوالي ڏيڻ ۾ ڇا توکي هڙ حاصل ٿيندو آهي؟

تنهنجا دردمند لوڙائو ۽ ڪلام، رايل هوٽل جي، تنهنجي قيام دوران ٻڌندو هوس ـ چيم نہ منهنجون واڇان ٽڙي ويندبون هيون، منهنجي حالت جو احساس ڪري سگهين تہ چوين ها تہ ڪنڌڪوٽ اليڪشن ۾ توکي اڀو ڪري بيهاري تقرير ڪرائڻ جو درجو ميمبريءَ کان گهڻو مٿي هو. فتح جو ڏونڪو ئي تُنهنجو اچڻ هو. اليڪشن تہ ڪانہ ٿي، زوريءَ هر مقام ۽

هرهنڌ تي ووٽرن کي تو شيرُ ڪري بيهاريو هو.

مان ساڳيو آهيان- تو ۾ عشق جون حرارتون گهٽيل آهن. ورنه جيئن ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن ڪندو هئين، يا ته مهينن جا مهينا خبرچار ڪانه. يا ٽيليفون تي حڪم ٿيندو هو "هڪدم نيرن تيار ڪرائي رکي ڇڏ- تيار هجي- مان اچان ٿو. نيرن تيار نه هوندي ته هڪ سيڪنڊ به نه ترسندس." ايندين، "نيرن ٺيڪ ٺاهي اٿس! چڱو، ماني به آتي کائيندس. پر ٻيلي الله جو قسم اٿيئي شيخ صاحب يا مولانا وفائي يا ٻئي ڪنهن کي مان مسڪين جي موت لاءِ عزرائيل ڪري نه گهُراءِ!"

مان کي تنهنجي خبر هئي ته هڪ دفعو ٽهي وئين، ته وري ملڻ مشڪل ..... تون مان کي لغوَ مضامين جي تحرير لاءِ هائودار نٿو ٿين. ڇاجيون اسيمبليون ٺاهي آنهن بابت لکندو آهين. چٻرن، گدڙن، گڏهن جي آوازن ۽ ٻولين جو ڪنهن ذڪر قلم گوهر افشان سان ڪيو آهي، جو تون هاڻي ڪرين ٿو. توبهون ڪر ته آئينده اهڙو گناه جو ڪم نه ڪندين.

حضرت سيد اعظم کي لکندو هوس- هر روز تنهنجي آنهن مضمونن جي واهياتين تي ڇوهه ڇنڊيندو هوس. ڇو جو منهنجو اهو وطيرو رهيو آهي ته تنهنجو يا تُنهنجي ڀاءُ جو ڪو لکيو به مليو ته ان کي بسم الله ڪري پڙهندس- وري پڙهندس. پڙهندو به ويندس، ۽ جيڪا ڳالهه نه وڻندي، آن تي تپندو به ويندس. وڻڻ جهڙي ڳالهه تي ڳوڙها ڳاڙڻ جو موقعو ايندو ته خوب روئندس. اخبار ۾ سڀ کان اول تنهنجي ئي مضمون جي ڳولا ڪندس. مان لاءِ اهم ترين واقعو هن دنيا اندر تنهنجي قلم جو نِوشتو آهي.

گهانا کان هڪ احمق ويو، ٻيو قرمساق آيو، ته ڇا ٿيو؟ تنهنجي قلم جيڪي لکيو، آن جي اثرن کي مٽائڻ جي طاقت ۽ حق ته رڳو مان هڪ کي آهي. ٽيٽيهر رات جون ٽنگون مٿي ڪري سمهندو آهي— چي، آسمان ڪرندو ته جهليندس!

سچ آهي ته هن وقت تائين مان کي تنهنجي ڪنهن به سياسي بات تي پڪ نه هوندي آهي. تون "ليڪ" بڻيو، ٻلا پاتيون وتندو هئين. مان کي اها پڪ نه هوندي هئي ته ڪنهن وقت ور چڙهي وئين، ٻه چار دڙڪا ڪڍي، ڪا ڳالهه اهڙي ڪيم جو کلي ويٺين ته بازي منهنجي هٿ ۾. تون پُڇ لڪائي مان کون اهڙن وقتن تي ڀڄي ويندو آهين، ته پوءِ ڇاڪريان.

هاڻي جو ٻاهر نوڪرين تي هئين، ڪي گهڙيون ته روئي روئي ڪن ڪيم ته ويو ڇو؟ هڪ دفعي زور زبردستي ڪري پيسو بچائڻ شروع ڪيم، ته هانگ ڪانگ وڃي ڏسي اچانس، الهه بخش سان توکي محبت رکڻ ايندي ڪانه. اهو وڏو مقام، وڏو درجو آهي. اي ظالم! شهيد آهي شهيد!! کڻي توئي آن ۾ ڪو پارٽ ادا ڪيو هجي.

سنت "به خونِ خاڪ غلطيدن" وارن جو مقام ڄاڻ! قلم کي ڌوئبو آهي ڳوڙهن جي آب سان. هزار لک دفعا دل جا ان کي بوسا ڏياربا آهن، پوءِ ئي آنهن پاڪ طينتن وارن جو تذڪرو ڪبو آهي. ڪنهن ڀڙوي ڀيٽوءَ توکي ٻڌايو ته وزارتن جو بکيو يا خواهان هو؟ روزانا ٽي لک دفعا دڙڪا چاڙهيندو هوس. وزارت کي ٿُڪ هڻڻ تي بگڙجي بيهندو هو ته راءِ بهادر پهلاج سنگهه لُولو هڪدم مان وٽ پهچي ويندو هو. واڻين ميمبرن يا ڪانگريسين کي تو سندس دڙڪا ٻڌا؟ پيرزادي کي جو ميمبرن جي سامهون چوندو هو، سو تو ٻڌو؟ منهنجي ئي ڪري وزيريءَ سان ڳنڍيو ايندو هو.....ڪانگريسين کي پيشاب به نه ڪري ها، جي مان کيس نڪ ۾ ناڪيلي نه وجهان ها!.....بادشاهي تخت تي ظاهري لباس ۾ الله وارو آخرين قسم جو اهو الهه بخش اٿيئي.... ....تون منهنجو آهين، ڇاڪاڻ جو اِهو منهنجو ئي حق آهي. حضرت سيد اعظم سان لاڳاپا اٿم، پر آنهن جو نمونو قدري ٻيو آهي.....هاڻي به منهنجي چئي آکي طرف ڪن ڏيندين ته قيامت برپا ڪري رکندس. لفظي پروگرام بازي کدڙن جو ڪم.

مقصد معين ۽ آهو هٽ ڪرڻ هڪدم مردن جو ادني ڪيل!
يا مرد يا ڪدڙو؟
يا اين بكن يا آن بكن؟

ـــ محمد امين كوسو ۱۱۰۴۰۶۶

(۷۷)

۱۹۶۶۰۵۰۷ع، حضرت قبلا جي-ايم سيد! ڪراچيءَ ۾ "بدنام ڪنندہ- نيڪو ناسي چند" (ڏسٹا وائسٹا گلاخور) ڪراچيءَ جي عام چيز آهي.

ڏون پنهنجي ڪناره ڪشيءَ کي نہ ٽوڙ. پاڻ کي نجي ملاقاتن ۾ بہ محفلون تنهنجي نالي سان رڳو بد بختن، چندن ۽ ڪوتاهہ قسمن جون نہ ٿينديون آهن. تون محفلون سينگارينڊڙ مرد مجلسي آهين. حق پرست تہ ضرور پروانہ وار گڏ ٿينـدا، تعداد سندن ڪيترو بہ مختصر ڇو نہ هجي! ڪو آنهن مجلسن کان جلي تہ آن جو علاج ڪو نہ آهي. باقي بندو تـوکي اميرالمسلمين محمد ايوب خان بادشاه جي ڪردار ماپڻ جو ڪم بلڪل نڪو سونپي. اهو چاڻي سندس ڪم ٻاڻي. مان سان سندس گفتگوءَ جو ڪو دڳ پيدا ٿي پوي تہ مزو اچي. تنهنجو آن ۾ ڇا، تہ ڪنهن جي وڏي هجي يا ڪنهن جي ننڍي هجي؟ تنهنجو ڪم معين. تنهنجو قدرت طرفان هڪ خاص مقام مقرر آهي. تو پاڪستان ٻڌايو. اڄ تنهنجيئي وجود ڪري مسٽر جناح کي اڳوتر ۾ ڪجهہ آٿت ايندي هوندي. اعراف ۾ آهي سندس روح- اهو عيان نظر آيو.....اها پي ڳالهہ تہ سيد علي محمد شاه راشدي سنڌ جي جيئري کل لاهڻ کان بہ ڪا وڏيـڪ سزا سنڌ کي ڏيڻ جي خيال کان اهڙا مضمون لکـي، جنهن جي آزاد پاڪستان ۾ بندش هجي ها- ۽ انهن کي مسٽر جناح جي تعريفن سان ڀري رکي. بنيادئي ڪچ، ديوار ئي ڪچ، تہ خير سلامتي ڪائنون ايندي؟

البت فيلڊ مارشل محمد ايوب خان خليفتہ المسلمين کي ڏنهنجو

ڏس پتو تون ڏين تہ ڪيس عرض ڪريان تہ "اي عالمن جا ابا! جي پنهنجو ڪو حشر ڏيڪ ڪرڻو اٿيئي تہ ٻڌ مان مسڪين فخر امين جي....." پر فيلڊ مارشل محمد ايوب خان کي انهن راحتن ۽ لذتن جو پتو ۽ احساس پوندو ڪيئن، جيڪي تنهنجي اڻن سالن جي نظربنديءَ کان پوءِ مان مسڪين وٽ آمد ۽ عيان و پنهان ٿيئي آهن؟ هندستانين سان خير ڪين "ذمي" ٻڌائي ڇو نہ ڪجي، جو اسلام تي ماڻهو ڪلائجن- هڪ گڏهہ جو شينهن جي تعريف ڪندو، تہ شينهن جي لڄ ۽ ندامت آن کان وڌيڪ ٻيو ڇا ۽ آهي!

ٽيپوءَ جي تلوار ۽ خالد جي تلوار جا نعرا هڻي، مسلمانن کي ناحق قتل ڪرائڻ مان ڇا هڙ حاصل؟ سڏو دڳ اختيار ڪجي. اجائي هيجان ڇو پيدا ڪجي. هندستان دوباره تسخير ٿي سگهندو آهي. قطعاً آسان بات آهي.....قومون ۽ فرد محبت ۽ اخلاق جي حملي اڳيان بي‌بس ٿي پونديون آهن، تيئن اسلام ذريعي هندستان ڇو نہ فتح ڪجي، آن کان جو تلوار ڪٽي آنهن کي بہ قتل ڪجي، پاڻ کي بہ مارائجي.

هندستان تہ آهيئي اسان جو. افسوس تو وقت تي نہ ٻڌي، نہ‌تہ ٻيٽي تڪليف ڪجي ئي نہ ها. هڪئي ڏڪ سان انگريز بہ وڃن ها تہ هندستان ۾ اسان جي نظرين جي ماتحت حڪومت قائم ٿي وڃي ها..... اعلان ڪرين تہ منهنجو حوالو ڪاٿي نہ ڪاٿي ضرور اچڻ گهرجي، تہ مان توکي موجوده حڪومت جي مقابلي کان قطعاً روڪي ڇڏيو آهي ۽ تنهنجي موجوده پروگرام کي بلڪل صحيح ڄاڻان ٿو، تون ڪٽي آن موجوده حڪومت واري لشڪرن تي اعتراض ڪندہ هجين، مان کي تہ ڪم مان ڪم آهي. منهنجي نالي سان اهڙيءَ گاڙهم جو اچڻ نہ اچڻ کو خاص فرق تہ نہ وجهندو، ۽ تنهنجي زباني پاڻ کي تيس‌مار خان چورائڻ ۾ جيڪو مزو آهي، آن مزي ۾ جيڪا معنيٰ آهي، سا دوست دشمن ٻنهي لاءِ ڪم ايندڙ چيز ٻڌجي پوي ٿي.

—محمد امين کوسو

(٧٨)

٢٦-٤-١٩٦٦ع حضرت سيد اعظم، جي-ايم سيد!

تو فقر ۽ درويشيءَ جي روح کي اڃا نہ ڄاتو، جي هن سال واري سن شريف جي جشن محمديءَ ۾ تو مان مسڪين عاجز هيڻي گنهگار جي آهہ و زارين جو برملا هٿ نہ ڏٺو.

مان جي پنهنجي پير دستيگر جي دروازي تي اڳ بہ عاجزيون ڪريان ها تہ توتي بندشن وجهڻ وارو ماءُ پٽ نہ ڄڻيو هو. خيال آيم- اهو خيال منهنجي خطن ۾ بہ اشاري طور عيان آهي، تہ زوريءَ يعني مقابلي ۾ اچي، تنهنجي بندشن لهرائڻ لاءِ اعلان ڪري ميدان ۾ ٽپي پوان، حُرَ ميدان ڪربلا ۾ اهو تہ ڪيو هو. مان هت سن شريف جي سيد سونهاري واسطي تلوار هٿ ۾ کڻي اعلان جهاد ڪريان. هيءُ ويهين صدي، ائٽم جو زمانو آهي. پر منهنجي خطن ۾ چيڪي نظربنديءَ وقت توکي لکيل آهن، اعلان ٿيل آهي..... مان حڪومت پاڪستان وٽ توکي مجبور، هيڻو، بيڪار نٿو ڏسان ۽ محسوس ڪريان. تون صاحب طاقت مئين ۽ آهين- رڳو رمز درويشيءَ جو عملي پهلو الائي ڇو توکان لڪايو ويو آهي.

تو شاهنشاهہ جو مان ڏي اچڻ! ٻيو مان ڪول کان بہ گهٽ جو تو ڏي اچان تہ مطلب ڪهڙو نڪتو؟ اچڻ کان انڪاري تہ ڪونہ آهيان- ايندس. بدن بہ آڻيندس- باقي منهنجا شب و روز جا طواف دل و دماغ جا ظاهر ٿيا بيٺا آهن!

تون هر دفعي ايندين، نقارا وڄندا تہ شاهنشاهہ الله جي مخلوق جي عاجزترين ماڻهوءَ ڏانهن اچي رهيو آهي- سو اچڻ تنهنجو!! اطلاع اڳ ۾ مان کي بہ هجي تہ اخبارن ۾ بہ هجي. هن ۾ شرم، ڪسر نفسي ڪرڻ گناهہ آهي. اهي روحاني ناتا برملا ڪري بيهارڻ بہ وڏي ۾ وڏي عبادت آهي..... پاڪستان جي اصلي طاقت جو مظهر تون آهين نہ ڪ ٻيو. توکي تنهنڪري اهو دڳ وٺڻ ئي نہ گهرجي، جنهن مان ڪو تصادم جو

اعلان هتان ٿي رهيو آهي. منهنجي ڳوٺ مان مان. وٽ ته ايوب خاني حڪومت جي تر جيتريءَ مخالفت جو احساس به نه جاڳيو آهي، نه سندس صحيح ڪمن سان به تر جيترو لاڳاپو اٿم، نه ڪو ثابت ڪندو. اهو ڄاڻي اُن جا ڪم ڄاڻن. مان نه مخالفت ۾ نه موافقت ۾! تون منهنجي عنديه کي چڱيءَ طرح پروڙ. وڏو اٿاهه ڪم توکي هتان سونپجي ملي ٿو- متان هنن لکين کي تو وقتي، هنگامي ۽ رسمي ڳالهه ڄاتو آهي- "من نه نمي گويم، يار مي گويد بگو!" مان کي خوف رڳو اهو آهي ته متان ڪا توکان غلطي ٿيندي هجي. ذري ماتر به مخالفت هنن ظاهري حڪومتي ڪارندن سان تنهنجي، منهنجي نزديڪ منع آهي. — محمد امين کوسو.

(٧٩)

٢٧-٤-١٩٦٦ع، سيد اعظم جي- ايم- سيد!

ڏسين ٿو عشق جا معاملا، انڌن کي به ڏسڻ اچي ويو، گونگن به ڳالهائڻ شروع ڪيو، ٻوڙن به ٻڌڻ جو هُنر هٿ ڪيو!

مان جو چيو "سيد اعظم"، ته ٻين تائين به اهو "خطاب اعظم" پهچڻ لڳو. پاڪستان جي قباي خسروي ۽ درويشي سونهي توکي. تون اڳ به عملي طرح غلط وئين. مان توکي اُن وقت به آگاهه ڪيو ته منهنجو سائين جيئن چوي تون ائين ڪر- دين جو ظاهر ۽ برملا محافظ ٿي بيهه!..... قدرت دين جي استواريءَ جو ڪم توکان وٺڻ گهري ٿي. قباي خسروي و عباي درويشي تو لاءِ موزون آهي ..... ٻيو مان کي پاڻ کان پري نه ڄاڻندو ڪر، مان ظاهري طرح هجان نه هجان، منهنجو خيال تو ڏي آهي ئي آهي.

مان ڪٽر ۽ صاف پير پرست آهيان، اُن ۾ ترميم ٿي سگهڻي ڪانه آهي.

هر قوم را ست راهي ديني و قبله گاهي،
قبله راست کردم بر سمت ڪج ڪلاهي!

منهنجو رخ تو ڏي تہ منهنجي پير جو رحمت پريو رخ ٻہ تو ڏي. تون رڳو جلد بازيون نہ ڪر. آسان ۽ آسان بات تون نہ سمجهي سگهيو آهين تہ باطني دنيا اندر منهنجو پير ۽ ظاهري سياست ۾ تون پاڪستان ٺهرائڻ ۾ ڪامياب ٿيئو، نہ تہ مان ڪوجياڻيءَ جي پٽ کي هاڻ ڏيان ها. ٽيٽ ڪيڊي رڪانس ها. ٿيندو ڪير هو آهو؟ ڪجهہ هوش حواس کان ڪم وٺ. رڳو پير علي محمد راشديءَ جيان نمبر ڏيئي، مضمون لکڻ جي تقليدن کي ترڪ ڪر. پاڻ (راشدي) عقل ۾ اڪابر، شايد اڌ دنيا جي برابر عقل آٿس، تہ ٻہ احمقائيءَ جا ڏيرن ڏير اڻهي جي قلم مان نڪرندا رهندا آهن. چاڪاڻ جو قلم انهيءَ جو آهي، تنهنڪري سڀ کان اول آهي مضمون پڙهندو آهيان، ڇو جو هاڻوڪيءَ دنيا ۾ اهم ترين ڳالهہ منهنجي نظر ۾ پير علي محمد شاه جو مضمون هوندو آهي. انهن مضمونن، خرافاتي مضمونن جا جواب گهڙي، خطوط جي صورت ۾ تو ڏي موڪلينڊو آهيان، جو توتي سنئون سڌو اثر نٿو پوي.

بي سبب، بي معنيٰ محض لفظ هي خط نہ آهن. تقدير جي نوشتن کي عيان ڪندڙ بعض دفعا قيرينڊڙ عملي نمونا آهن هي خط! ..... اسان بلاڪشانِ محبت جي طاقتن جو اندازو ڪنهن کي؟ لکيو اٿم، وري وري لکيو اٿم تہ پاڪستان جي طاقت جو مرڪز تون آهين. سنڌ جي سياسي ڪعبي جو مجاور سيد اعظم جي. ايم. سيد. اهو اعلان ڪرڻ جو حڪم ٿئيم ٿو تہ عدولي ڪريان ڪيئن؟ ساز و سامان، اسباب طريقا گڏ ڪرڻ ڪم تنهنجو! ..... سنڌ جو والي وارث سياسي معنيٰ ۾ آهين ئي تون. سنڌ ۾ انساني حقوق جو تحفظ ڪندڙ!

ـ محمد امين ڪوسو.

(۸۰)

۳۰-۴-۱۹۶۶ع، حضرت سيد اعظم، جي. ايم. شاهہ صاحب!

اصل گرمي ۽ حرارت عشق جي، الله، الله جي حبيب ۽

اولياء عظام جي محبت سان پيدا ٿيندي آهي. جنهن جي دل انهن هنڌن تان تير جو زخم نه کاڌو، سا دل درد آشنائيءَ جي اصلي لذتن کان محروم ڇاڻ ڪپي.

مان ڪي ڪراچيءَ ۾ تو ڏي پنهنجا پنڌ ياد پون ٿا، ته صاف صاف ڏي ٿو ٻيهي، ته سواءِ منهنجي ٻيو ڪوبه توڪي ايترو ويجهو ڪونه هو. هرڪو مطلب ۽ مقصد واسطي ايندو هو ۽ هليو ويندو هو. رڳو مان ڏي اڪيلو هوس، جو سياسي اختلاف جي شدتن هوندي به توسان هوندو هوس. هڪ خط ۾ اڳ ئي لکجي آيو آهي ته سال جي هر موسم ۽ ڏينهن رات جي هر گهڙي ۽ سواريءَ جي هر قسم، ويندي توڪي هوائي جهاز تي سوار ڪرائڻ تائين موجود هوس. منهنجا دوست رفيق، اُن وقت جا، ويندي ارباب نورمحمد خان پليجي تائين چونڊا هٿا ته تون سيد ڪي ليگ کان موڙي نه سگهندين ـ اجايو پنڌ ٿو ڪرين. هاڻي به مان ڪي ڪٽڪو اهو آهي، ته متان وري پنهنجن سان يعني ليگ وارن سان ملي ويندو هجين. منهنجي نزديڪ جنسنگهين ڪي اسلام قبول ڪرائڻ جي اميد رکڻ جو موقعو آهي، پر هنن [مسلم ليگين] جن اسلام جي نبيءَ برحق جي مقابلي ۾ قاديانين کان به وڌيڪ ڪٽر عقيدي سان هڪ نئون نبي (نعوذ بالله) پيدا ڪيو آهي، اُنهن کان ڪڏهن اسلام آڻڻ جي اميد رکي نٿي سگهجي. پاڪستان اُنهن ٺهرايو يا آندو، اِهو افسانو تنهنجي مهربانين ڪري اڃا هلندو اچي ٿو..... انهيءَ رجعت پسند گروه سان جيڪو ويو، سو ختم ٿيو. انهيءَ جو طلسم ٽوڙڻ ڏي وڌو ڪم آهي.....

پنهنجي طبع حسن بين جون تعريفون ڪنهن جي اڳيان ڪريان؟ قدرت کان دل درد آشنا ۽ نگاهه حسن بين وڏي آيو آهيان.

ڪراچيءَ ۾ ڪوبه هڪ ڏينهن شيخ صاحب جي ملڻ کان سواءِ نه گذاريم. توسان به ساڳيو حال هو. پر ڪڏهن

ڪڏهن ناغو ٻه ٿيندو هو، پر شيخ صاحب وٽ وڃڻ ۾ ناغو تڏهن ٿيندو هو، جڏهن منهنجو منو سائين پرچونڊيءَ جو فقير، درويش، سلطان ايندو هو. ته تہ هر روز ۽ هر روز ۾ اڪثر ڪيترا ئي ڀيرا ملندو هوس.....

الله وڏيڪ سنڌ سان ٻي ڪهڙي مهرباني ڪري، جو ڪو خدا پرست ٻڌي. تو پارو ۽ شيخ صاحب پارو ته سياست ۾ انهيءَ ملڪ کي عطا ڪيائين.

شايد حافظو ٻه تنهنجو گهٽ آهي، يا ڇاڻي واڻي جيڪا ڳالهه تنهنجي چنڊوخاني پروگرام سان ٺهڪندي ڪانہ آهي، اها ياد نہ رکندو آهين. ياد ڪرڻ تي ايندين، تہ ياد اچي ويندءِ تہ دنيا ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهه منهنجي سامهون ڪانہ آئي، جنهن جو مشورو تو سان نہ ڪيو هجيم، باقي هاري- مزدور تحريڪ نہ اڃ تون سمجهي سگهندو هئين، نہ هاڻي ٻه سمجهندين. تون ۽ حيدربخش جتوئي، منهنجي نزديڪ هن معاملي ۾ پيئي ساڳئي زمري ۾ آهيو..... بهر نوع هارين ۽ مزدورن جي تنظيم ڪهڙيءَ بلا جو نالو ٿيندو آهي، سو توهان ٻنهي کي سمجهه ۾ نہ ايندو. انهيءَ چيز کان سواءِ ٻي هر ڳالهه مان تو سان ڪئي. تون جيل ۾ هئين، تہ مان تي جيڪي تڪليفن جا وقت گذريا، سي ڇا چوان؟ آخر ۾ تہ هڪ روز و شب اوندهه جي حالت هئي. پريشانيءَ جي اها حالت، جو جيڪر بيان ڪريان تہ ماڻهو اعتبار نہ ڪن. اکيون هر وقت پُرآب رهنديون هيون. تو کي لکيم تہ مس جناح جي اليڪشن واري جلسي ۾ سکر ۾ موجود هوس ۽ فوٽن ۾ ٻه (جيڪي جيڪڏهن ڪاڻي دستياب ٿين تہ) مان مس جناح جي قريب ٻہ ويڙل هوس، پر طبيعت ايتري قدر پريشان هئي، جو بي اختيار زار زار روئڻ تي هوس. بدبخت سنڌي، مس جناح ياد اٿن، جي- ايم سيد وساريون ويڙا آهن! شمس‌الدين شاه صاحب، مس جناح. جي "شوق" ۾ هو، ڪيس ور ور ڪري پئي هٽ ڪان جهليم، تہ جي- ايم- سيد جو احساس توهان کي ڇو

نہ ٿو ٿئي؟ هي ڇا ٿا ڪريو؟ ـــ پر اهڙن احمقن جي ڪمي هجي ها، تہ سنڌ آزاد نہ هجي ها!؟.....

بندهٔ خدا! تنهنجي ياد ۾ منهنجي وجود جو حصو آهي، يعني تنهنجي ياد کان سواءِ هوندو ئي ڪونہ آهيان. تنهنجي محبت، پنهنجي پير جي محبت جو حصو جو بڻايم! سچي پاڻيءَ کان سواءِ ڇيڙي رهي سگهندي آهي، مان پنهنجي پير جي ياد کان سواءِ جيئرو رهي نہ سگهندو آهيان. تنهنجي ياد ۾ آن سان شامل، يا آن جو ئي حصو! ..... تون يوناني معالجو ڪندو ڪر. فڪر ۽ ڳڻتيون نہ ڪر. تون ظاهري معاملات ۾ خود پارس آهين. طبع ۾ ذاتي طرح خاموشين هوندي، غصو اٿئي، تنهنڪري جلد بازي اچا تائين ترڪ نہ ڪيئي. نہ تہ تنهنجي هوندي زماني جي معاملن ۾ ڪو غم جيڪر سنڌين کي هت توڙي هندستان انـدر رهي ئي ڪونہ. مان جتن تہ گهٽائي ٿو ڪريان تہ توکي سمجهائي سگهان، پـر اچا تائين تہ ڪاميابيَ پوري حاصل ڪانہ ئي اٿم.....

مـان وضعدار آدمي آهيان، ذاتي ڳالهيون منهنجون زماني بابت رڳو عبدالقادر مرحوم کي پتو هونـدو هو. نورمحمد پليجو پري کان ڄاڻندو هو. اوڙي پاڙي جي ضرورتمندن کان عـلاوه هر ڳوڙيءَ مصيبت وارو آدمي مان وٺ ئي امداد لاءِ اچي ٻيهندو آهي. پاڻ کي ڏکيو رکندو آهيان، اِنهن معاملن ۾ ڪنهن کي "نہ" ڪري نہ سگهندو آهيان. خود اسان جو خاندان هن ضلعي اندر وڏن امتحانن ۾ آهي. سردار بهادر عبدالرحيم خان کان پوءِ مان ئي هن خاندان جـو عملي طرح مڪيہ آدمي آهيان. سيڪا مخالفت گويا هن ضلعي اندر مان سان ئي آهي. سردار بهادر مرحوم پنهنجي حياتيءَ ۾ اها روش رکي هئي تہ مان کي اڳيرو ڪري. انحطاط پذير خاندان جي فڪرات بابت تو سان رڳو سردار بهادر جي وفات وقت مدد ورتي هيم ۽ آن ۾ ڪامياب ٿيس. پيو موقعو ئي ڪونہ مليو. تون جيان ۽ نظربندين ۾ رهين، ڪيڏو

نہ ظلم! سنڌ جي هر فرد جو انفرادي طرح بہ مددون ڏيڻ وارو نظر بندن ۾ !! .....

ـ محمد امين کوسو.

(٨١)

١٧-٥-١٩٦٦ع، بخالِ هندويش بخشم سمرقند و بخارا را !

حضرت سيد اعظم جي- ايم شاهہ !

خط ٻنهي جهانن جي خلعت پهتو- دل وڃي تنهنجي قدمن جي خاڪ تي سجدا ڪيا.

اين سعادت بزور بازو نيست،
گر نہ بخشد خدائي بخشنده !

تو، جي- ايم شاهہ، شاهہ اعظم ڪوٺايو هجي تہ توکي پتو پوي تہ اهڙن خطن جي قسمت هت ٺهندي ئي ڪانہ آهي. ازلي و ابدي برڪتون جن خطن ۾ سمايل هجن، سي روزِ ازل کان وٺي آيس.

تو خرچ جو ذڪر ڪيو، اُن جي عيوض جيڪو تو وٺان مليو، اُن کي ڪَڇ، ماپ ۽ تورِ تہ پتو پوي! تنهنجي هڪ قدم هن طرف کڻڻ تي سر قربان ڪجي تہ حق ادا نہ ٿئي! عشق واري دل سانڍي پوءِ ئي ڳالهہ ڪر. تون مان کي، منهنجي پونين، آبا و اجداد کي نوازيو آهي. خرچ ٿئي ۽ گهڻو ٿئي. ڏيندڙ الله، تون ڇو بخل ڪرين؟ تون ايندين تہ ظاهري و باطني خزانا الله جا مان وٺ کلندا.

تنهنجي اندازن کي بدلڻ گهران ٿو. تو لکيو آهي "سرڪار"- ڪهڙي سرڪار؟ "سرڪار" تہ تون آهين. اصل سرڪاري آدمي وڏي ۾ وڏو مان آهيان. باقي علي محمد شاهہ ۽ الانا ڪهڙيءَ سرڪار جا آدمي آهن؟ هي خراج پنندڙ سرڪاريون ڪهڙي حساب ۾؟ .....

خطوط جيڪي وقتي حالات تي مان کون قضا و قدر جا مالڪ لکرائين ٿا، اُنهن جو مفهوم پاڻ دل ۽ ذهن تي نقش ڪر،

پوءِ ٻين کي تبليغ ڪر! اهوئي لٽريچر الهامي ذريعن سان، منهنجي ناقص الفاظ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. هن وقت ٻيا ٻه لکن ٿا، سان ٻه لکان ٿو، آسمان وارن جي محفلن ۾ ڪنهن جي تحريرن ڪري رونق ٿئي ٿي؟

سان وٽ تون آءُ، سدا آءُ، هڪ پل ٻه جدا نه ٿيءُ! ڇا، جو تنهنجي آمد نه آندو آهي؟ دنيا، دولت، دين، حڪومت و ايمان!! دين و دولت خداداد سان وٽ تنهنجي قدمن ڪري اچي، ۽ سان چوان ته سڀ خساري ۾ آهيان! خساري ۾ الله جي رسول جا دشمن ويا، تنهنجي آمد جو تاب نه جهلي، هاڻي آهي ٻه پڇتائين ٿا ته اسان چو نه هن مهدي جشن وقت شامل رهياسي. ــ محمد امين ڪوسو.

(۸۲)

۱۹۶۶۰۵۰۷ع. حضرت سيد اعظم! حضرت سيد علي محمد شاه راشديءَ جو مضمون ڪربلا تي- آهم سندس بيخبر يون! "آمريت- آمريت- آمريت!" محض بدل لفظ، نه معني جو احساس ۽ نه مفهوم جو لحاظ! ڪربلا جو رازئي اهو هو ته حضور جي جگر گوشي سان مقابلو ٿيو، جيڪو حق سراپا حق، نور سراپا نور- جسم نبيءَ جو، چهرو نبيءَ جو، روح نبيءَ جو! جگر گوشئه فاطمةالزهرا! هڪطرف دين، ٻئي طرف دين جي دشمني! حسيني پيڪر ۾ دين جلوه گر هو! حضرت حسين ظاهر و باطن دين رسول الله جو پيڪر! اهو مقابلو ناجائز، اهو هٿيار ڪٽ ناجائز اها حڪومت ناجائز- آمريت ۽ غير آمريت جو ڇا سوال؟ جي "جمهوريت" هجي ها- يقياً جمهوريت ته هئي، جو جم غفير بظاهر مسلمانن جو آنهن سان هو. هت مختصر ٽولو. هڪ، توڙي جو هڪ هجي، ساريءَ اُمت کان ياري آهي نبيءَ جي اولاد!

پڙهين ٿو اسلام جي باطني معني، جا لکان ٿو؟ آهيان سو آهي، اٽڙهيل- اعتقاد ته صحيح رکجن- اها حڪومت جيڪا امام حق سان مقابلي ۾ آئي، سا غلط هئي، ناحق تي هئي،

ناحق تي هجڻ، ٻين معاملن ۾ نہ- دين جي بنياد ۾.

سر داد، نہ داد دست در دست يزيد،

حقا ڪہ بناي لاإلـــه اســت حسين.

يزيديت ۽ حسينيت جو مقابلو هو. ڪٿي ساري دنيا گڏ ٿئي، تہ بہ هڪ ئي حسين هر دور ۾ حـق تي ۽ حق وارو رهندو. ڇا جي آمريت، ڇا جي جمهوريت؟ دين سان مقابلو هو. هن سلسلي ۾ ٻين ڌارين لفظن کي آڻڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ اسلام ۽ امام حسين، هڪٻئي کان جُدا ڪاٿي آهن؟ قيامت تائين اهو سلسلو هلڻو آهي. پنهنجي بچاءَ ۾، هتي اسلام جي بچاءَ ۾، امام حق تلوار کڻي بيٺو هو. توکي ڪنهن پنهنجي لازوال خط ۾ لکيو هوم- هُو ڪربلا هِي سَن. هُو حُر هي محمد امين کوسو. رڳو درجن جو فرق آهي. دين جي تقاضا هڪ، حُب رسول‌الله جو مطالبو ساڳيو!

افسوس حسيني اولاد تي ڪري بہ، سيد علي‌محمد شاه راشدي رسمي الفاظ جو سهارو وٺي ٿو. عشق ٻين جي محتاجي ڪڍندوئي نہ آهي. حضرت امام جو نالو ساريءَ دنيا ۾ هڪئي مقام رکندو آهي. "اسلام زنده هوتا هي هر ڪربلا ڪي بعد!"

مطلب سمجهين ٿو- سن جي نظر بندي، عين دين جي خدمت آهي. اسلام نئين آب و تاب سان نظربندين جي ختم ٿيڻ تي چمڪندو آهي. ڪو "ڪربلائي" بڻي سهي! سنائـي عڪس آهي ڪربلائي جو- اعتقاد صحيح سان.

ڇا ٿي ويو آهي هن جادو و سحر پکيڙيندڙ قلـم جي مالڪ کي؟ نَڪ کي اَبتو پڪڙجي ڇو؟ سڌي ڳالهہ آسان طريقن سان چئجي. بغاوتون ڪجن ڇو؟ تو سان مقابـلا، توکي رد، توکي پس برده وجهڻ، توکي هٽائي بيـهارڻ، اهي سڀ علامتون اٿيئي يزيديت جون !..... انهيءَ قلم ۾، جنهن کي غلط استعمال ڪري ٿو، ڪيڏو نہ اعجاز آهي! سندس مير بيگ جي موت جو احوال تہ ڪو پڙهي سهي- دل هجيس تہ اَوڇنگارون

ڏيئي روئندو! پُڇا ڪرينس، تون ڇو پنهنجي لياقتن ۽ صلاحيتن کي ائين برباد ڪندو، بي رحم ثابت ٿيندو رهين ٿو؟ حضرت مولانا ابوالڪلام آزاد تمثيل ڏني آهي، ته ڪِن جي سيني ۾ دل جي بجاءِ برف جي سِرَ هوندي آهي!! هيءُ آهي ته اهڙو نه، بيروني عقل وارو به سينو داغ داغ رکندڙ آهي. ڇو ٿو پنهنجي قلم کي لغام چاڙهي لکي! جيڪو لکڻ جو کيس حق ٿو پهچي. حضور صلي‌الله عليه وسلم جي تاريخ سنڌيءَ ۾ لکي، عقل کي پنهنجو مقام ڏئي- هت ته بيپرده حسن ازليءَ جي تعريف جو معاملو آهي!..... تو جيڪو هيڏانهن اچڻ سان ڪيو- "شنيده ڪٻي بُود مانند ديده". ڏاڍو آلڪوهيم، ڇو جو اهڙا واقعات ٿيندائي گهٽ آهن. تون اليڪشنون لڙين، گهمندو وتين، سو آور؛ هت هن طرح رونق افروز ٿئين، تنهن تاريخ جو دورو ڦيرائي بيهاريو! ڪاش! علي محمد شاه، حسام‌الدين شاه وارا هجن ها- سندن موجودگي شرعاً ۽ حقيقتاً هئي، جو مان کي سندن انتظار ۽ خيال هو. تو کي بار بار لکندو رهيو آهيان، واڄٽ وڄي ويا. باطل شڪست ڪامل کاڌي. حق وارن جون خوشيون ۽ شادمانا ظاهري به ٿيا. ڇو نه ٿين ها، جڏهن عالمِ بالا ۾ هيڏو هنگامو هو. نبيءَ جي اولاد جي آمد، مظلوميت جي خاتمي تي- الله اڪبر! الله‌الصمد!! مير جعفر خان هن راز جو اظهار پنهنجي لفظن ۾ ڪيو، جنهن اندر ٺاري رکيو!! —محمد امين کوسو.

(٨٣)

١٩٦٦.٥.٩ع حضرت سيد اعظم! تو بابت منهنجا خيال، جيڪي توڏانهن لکجي اچن ٿا، تن جو پتو اٿيئي؟ تو واريءَ سنڌ ۾ نغما ۽ نعرا، ڪن بدبختان ازليءَ جي زبانن ۽ قلمن مان "غيرن" جا نڪري، ساريءَ سنڌ جي روح کي شرمائڻ جهڙا، چوطرف اوندهه انڌوڪار کي وڌيڪ اڻ قابل برداشت ڪندڙ بڻائين ٿا. آنهن جو جواب، هي رحماني تحريرون وجودُ نه وٺن ها، ته خُدائي قهر ۽ غضب سنڌ تي نازل ٿئي ها. انتري بيخبري

۽ نا شڪرگذاري!! رڳو عبادت گذاريون، شيطاني ڪارگذارين جو جواب نہ آهن.

روزا ۽ نمازون، ايءُ پڻ. چڱو ڪم،
اوڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پر کي!

اِن تاريڪيءَ جي ماحول کي زيرو زبر ڪندڙ هي رندانہ، عاشقانہ ۽ سرمستانہ گفتا، سنڌ جي عظمت، تو جي-ايم شاه،سيد اعظم، جي لاثاني وجود ۽ قربانين ڪري، قيامت تائين قائم ڪن ها! هن گهڙيءَ بہ سنڌ ئي پاڪستان جو نڪ آهي، ڇو جو تون ۽ حضرت فخر سنڌ و هند شيخ صاحب سنڌ ۾ آهيو! سنڌئي دنياي اسلام جي رهبريءَ ۽ احياي اسلام جو مرڪز آهي؛

پاڻ تائين محدود رکندڙ هي معاملا نہ آهن. منهنجي هنن خيالات جي تبليغ توتي فرض عين آهي. هيءَ ڪا صوبي‌پرستي ڪانہ آهي. انساني عزت ۽ توقير جڏهن ختم ٿي وڃي تہ اهڙن طوفانن ۾، اُن وقت چراغِ خودشناسي ۽ حق‌گوئي و حق نمائي ڪو جلايون ويٺو هجي، تہ اهائي انسان جي وڏي ۽ عظمت جي نشاني آهي!

چوڌري خليق‌الزمان پارو تمغن وٺندڙن ۾ شامل هو. خانبهادر مولابخش ٽن ڪروڙن جي مشينري هٿ ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ ڪپڙن ۾ نہ ٿو ماپي. گوڪ سندس لک هزار گناه معاف ٿي ويندا آهن، رڳو الهہ‌بخش جي ڀاءُ هجڻ جي چغي ۾!

الهہ‌بخش بہ سنڌ جي گناهن کي ڍڪيندڙ چادر- تون بہ آخر منهنجي‌ئي بيتابين جي گرفت سبب جناحي رونقون ۽ محفلون ٿوڪاري، سنڌ جي عظمت جو دائمي ثبوت بڻئين! حضرت شيخ قبلو!! سندس نالي ۾ ئي اُها بهار آهي، جنهن جو هميشه کان اڪيلي سر، بلا شرڪت غيري خوشہ چين رهڻ جو فخر ۽ امتياز رهيو اٿم.

تنهنجي آمد ۽ اُن سلسلي ۾ خرچ، سڀڪجهہ پيدا ڪري ڏيکاريندا آهن تہ تون روپيہ، دولت ۽ دين آڻيندڙ "مهمان" آهين!

سڪندر خان اگئين پيري نہ آيو، ٻهاني سازيءَ سبب. هاڻي هڪ دعوت تي آيو تہ بندي ڪيس چيو تہ اهو درجو ڪو ڪوشش سان تہ عطا نہ ٿيندو آهي، جو اڻ سالن جي نظربندين ڏان سنڌ جو آفتاب عالمتاب آڇو ٿئي، ۽ سندس جلوو بذات خود هِت هن ڳوٺ ۾ اچي، منهنجي ڪاشانہ جي ازلي ۽ ابدي روشنيءَ جو سبب ٻڌي! مان ڪيس چيو تہ توکي ايتري طاقت هئي ڪانہ، جو انڪار تي قائم رهي سگهين. سو آئين ۽ آن جاءِ تي اچي نياز ۽ نوڙت ڪرڻ تي مجبور ٿئين، جاتي سيد سونهارو منهنجي عاجزين کي نوازڻ واسطي آيو هو. تنهنجي اڇ، سيني جا واڇٽ وڃائي ڇڏيا. وڏو اعزاز آهي، وڏي ڪرم نوازي آهي، اها جيڪا تو ڪئي؟ تون آيو ڪر. خرچن جي ضمني ڳالهين کي ڪو ڏسبو آهي ڇا؟ خرچ ٿيندا رهن، ڇو نہ ٿين؟ پر خرچ بجاءِ خود مقصود ڪونہ آهي، جو آن واسطي اصلي مقصد فوت ڪجي. مقصد آهي تنهنجي هت آمد. هت اچي عارضي سڪونت ڪرڻ ضروري مرحلو نظر اچي ٿو. "مسئلا" ٻيءَ طرح حل ٿيندا نظر نٿا اچن. ٽپال وغيره جو بندوبست ٻہ هت، تہ آسمانن واري جي رونقن جي اضافي جو بندوبست ٻہ هت ..... هيءُ اهو شهر آهي، آهو ڳوٺ آهي، جاتي ڪنهن جي خوش قسمتي ان کي گهلي ايندي آهي. وڏيون عظمتون برملا هت آهن.

تنهنجو خط تہ تو هت خدمت ڏني، ٻنهي جهانن جي خلعت نہ آهي؟ ڪير، جو اهڙي انعام حاصل ڪرڻ لاءِ پيرَ نہ سوريندو هوندو تو سميت .....

— محمد امين ڪوسو.

(٨٤)

١٣-٥-١٩٦٦ع، حضرت سيد اعظم!

تو سان هڪ چڱي، ايماندار، فرض شناس، وطن ۽ ملت دوست عملي جي ضرورت آهي.

سياسي اختلاف، بمعني محمد ايوب خان بادشاهہ اميرالمسلمين

جي يادگيري، بلڪل ترڪ ڪري ڇڏ. ڪس سمجهائڻ وارو مانکون سواءِ ملڻو ڪونه. مان کي پهچائڻ وارو نون. تنهنڪري تنهنجي ۽ حضرت فخر سنڌ و هند جي عظمتن کان آهو به ائين بيخبر، جيئن سنڌ جو احمق اخباريين!

تنهنجو وجود هڪ ڪرامت، هڪ معجزو آهي. انهيءَ ڪري هر طرح جي محافظت فرض عين آهي.

منهنجيءَ ناتوان جسم کي پتو آهي ته اڌ راتين جو غم، غصي، ۽ ملاقاتن جي جذبن کي ڪيئن ڳوڙهن جي شڪل ڏيئي، پنهنجي عاجزين ۽ گنهگارين سان ملائي، پنهنجي مولا جي حضور ۾ سجدن ۾ پيش ڪندو هوس؟

انگريز حاڪمن جي محفلن ۾ ويندوئي آن ڪري هوس، جو منهنجي دلي جذبات ۾ هيجان پيدا ٿئي. دل جو درد اهڙن موقعن تي آخرين منزلن تي هوندو هو. ڳوڙها طوفان بڻجي، اکين کان ٻاهر نڪري، ساريءَ محفل کي زيروزبر ڪرڻ تي آماده هوندا هئا. يعني سيد نظربندين ۾، سنڌ جي سرزمين تي ههڙيون خوشيون!؟

تون درويشن جي اولاد، درويشن جي صبر جو نمائندو آهين. منهنجو عشق عالم سوز هر وقت ته قابو ۾ اچي نه سگهندو آهي. گاهي گاهي ڪاٿي ۽ ڪنهن هنڌ، جو هيڏن سالن ۾ ٻڙڪ ڪڍي اٿم، آتي شعلا ڀڙڪندا نظر اچن ٿا. اهو سڀ ڪجهه منهنجيءَ گفتارن جو اثر اٿيئي. پر، مان ٻين جو طواف ڪندڙ ڪو نه آهيان. سنڌ ۽ بلوچستان کي مرڪز بڻائي، ساري هندستان جا چڪر ڪاٽيم. اهم رڳو آنهن هنڌن کي ئي ڄاتم ۽ بڻايم. آهو به ڪن حدود قوانين جي ماتحت.

مسٽر جناح جو خاص چيلو تون. مقابلو توسان ته هيم ڪونه، مسٽر جناح سان هيم ۽ اٿم. پر آن مقابلي لاءِ روحاني لذتون توکان ۽ شيخ صاحب کان پئي ورتم.....مان جو ضد ڪري نه بيهان ها، ته تون ته فيلڊ مارشل محمد ايوب خان کان

به وڏيڪ فيلڊ مارشل بڻيو بيٺو هجين ها اڄ! برابر تُون سنڌ جو محسن، پر آهو محسن ورايو ڪنهن جي آهن ۽ زارين؟

فضوليات ڄاڻ، بيهودگي سمجهه، اهو ڪجهه جيڪو سيد اعظم جي اردگرد سنڌ ۾ چڪر نٿو ڪاٽي!

ملڪ ۽ وطن جي عظمت جو پاسبان، امت محمديه جي دوباره اوج ۽ ترقيءَ جو آڻيندڙ، اهو مان وارو سيد اعظم بيروني ۽ خارجي مقابلہ آرائين جي منزلن کان هاڻي گهڻوئي مٿي ٿي ويو آهي.....مان مصنوعي ۽ هٿ جو ڦهيل معتبرين ۽ ڪارروائين جو قائل نہ هوندو آهيان. يزيد به هٿ جو ڦهيل، مصنوعي معتبر هو، حضرت امام جي مقابلي ۾! پير علي محمد شاه واري جمهوريت تہ يزيد سان هئي. آمريت يعني شخص واحد جي حڪمراني ۽ برتري حضرت امام وٽ هئي! جمهور، جو گڏهہ بڻجي پوي تہ هڪ شخص انساني عقل وارو سو به آنهن سان شامل ٿي وڃي، اهو ممڪن ئي نہ آهي. سو تاريخ انسانيت ۾ خون خرابا تہ ٿيا، پر مختصر انسانن قتل ٿيڻ قبول ڪيو، گڏهہ ٿيڻ نہ قبوليائون.

نيپولين اعظم- عجيب متضاد رايا آهن هن مرد عظيم بابت آدمين جا. پر هُيو تہ انسان! قيد ۾، بيڪسيءَ جي حالتن ۾ مرڻ قبوليائين، گڏهہ ٿي تخت ني نہ رهيو. فريڊرڪ جي قبر تي کيس فريڊرڪ جي تلوار ٿي ڏنائون. چيائين "تہ مان کي پنهنجي تلوار ڪانہ آهي ڇا، جو فريڊرڪ جي تلوار وٺان؟" انسان هو گڏهن جي مجموعي ۾. قيد ۾ مئو، گڏهن جو تابع نہ ٿيو!

حياتي انسان جي مختصر، ڪم اٿاهہ. تو جيڪو ڪيو آهي، سو سنڌ کي تباهيءَ کان بچائي رکندو. پر آهہ! اڄوڪا بيخبر سنڌي، اٿن ڪا ٻيٽ، اٿن ڪو پتو، اٿن ڪو احساس؟ هي مان واريون تحريرون به نہ وجود وٺن ها، تہ الله جي فرشتن جي غيض و غضب جا نشانا بنجي وڃن ها!

ڪراچيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾، عمر ساري اسلام جي برتريءَ ۽ مسلمانن جي آزاديءَ واسطي حرڪت ۾ ايندڙ بدن جو مالڪ شيخ صاحب بيمار آهي. جنهن جي ڪري ئي انگريز شهنشاهيت کي وڏي ۾ وڏو ڌڪو آيو. پر اڄ ڪنهن کي ڄاڻ؟ ٻئي طرف "زنده‌باد" جا نعرا گڏهن ۽ ڪتن لاءِ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. هاءِ ڙي سنڌڙي! توکي پنهنجن محسنن جو احساس ئي نه رهيو. شيخ صاحب جي جٽين جي جيڪا مٿي آهي، سا به مسلمان حڪمرانن (ساريءَ دنيا جي) ڪابن ڪروڙين دفعا مٿي آهي. عظمتون ته هن هڏن جي پڄري جون ڪو محسوس ڪري!

عقل ڇرخ ٿيو وڃي.

تو ڀاڻ کي جهوري رکيو، پر سنڌ ۾ اڄ ڪان مس نه ٿي. بظاهر پڙهيل آهن. سوٽ ۽ نيڪٽاءِ به ساڻ اٿن. دنيا جي ملڪن جو اپياس ڪرڻ به ويندا.

خر عيسيٰ اگر به مڪه رود هنوز خر باشد!

الفاظ پورا آهن يا ڪيئن، مثال ائين ئي آهي.

سيد اعظم جي،ايم سيد هت، هي هليا آهن دنيا جي ڏسڻ ۽ اپياس ڪرڻ لاءِ! اهي پڙهيل ڇٻا؟ محقق ڇٻا؟ تاريخدان ڇٻا؟ انساني تاريخ جي فلسفي جا ڄاڻو ڇٻا؟ انساني تاريخ جا هاڻوڪا زرين باب تم سن جي نظربنديءَ ۾ لکجي وڃا ۽ صفحي جو ٻيو اڌ سول اسپتال جي سامهون، برهمو مندر ۾ رهندڙ مرد مومن پنهنجي ئي استغنا سان لکندو رهيو!

هي منهنجون تحريرون به نه هجن ها ته ثبوت ڪاڏون آڄي ها، ته ڪتن ۽ گڏهن جي بادشاهيءَ جي دور ۾ انسانيت جو سبق ڏيندڙ به موجود هئا. خير! ائين به ٿيندو آيو آهي، جن جي واسطي هيڏا ڪشالا، تن کي رڳو احساس ئي ڪونه!

بسوخت عقل زحيرت ڪه اين چه بوالعجبي ست!

هاڻي اڄجي تنهنجي پروگرام تي:

تون ڪڏهن ٿو اچين؟

تنهنجا ڪتاب ڪڏهن ٿا شايع ٿين؟ ايتري دير ڇو؟ ڇو نه ٿو اسٽاف ۾ اضافو ڪيو وڃي؟ ڇو نه ٿو بندوبست مزيد ڪيو وڃي؟ — محمد امين کوسو.

(۸۵)

عزيزآباد، انڙواه،

۱۹۶۶.۵.۱۳ع. حضرت سيد اعظم! آهين ئي هن دور جو مرد عظيم ٿون. توکي ڪاٿون نه ورايو اٿم. ڪاٿي ائڪشن ڪاميٽيون، اليڪشن ڪاميٽيون ليگ جي جلسن جا ٻلا. ڪاٿي خادم رسول، سيد اعظم، جي.ايم سيد؟

ببين تفاوت راه ڪ است ڪجا تا بڪجا!

عشق ۽ محبت وارن جا حملائي ائين ٿيندا آيا آهن. تون "ليگ" هجين ها، ته حيف هجي ها منهجي جذبئه دل کي! .....حضرت مولانا ابوالڪلام جي خطن ۾ ڪاٿي ايندو آهي ته "پوءِ مان پنهنجي اشغال ۾ ٻڏي ويس." اهي اشغال ڇا آهن؟ ذڪر و فڪر، مراقبو ۽ دل جو محاسبو! سندس قبر تي توکي ۽ شيخ صاحب کي وٺي وڃڻ به وڏوئي ڪم آهي. "سرمد" جو پاڙيسري آهي. دل سرمدي، ظاهري نمونو اور. صفا صاحب درد هو. ملندوئي ڀاڪر پائي هو! هاڻي ئي تنهنجي نظربنديءَ تي دل داغدار جي زخمن جي وهڻ وقت سندس اصلي دردمنديءَ جو احساس جاڳيو!

جيئن اسان جو سيد علي محمد شاه راشدي. ٻاهريون عمل ته ڏسينس! شيطان کي شهه ڏنيون بيٺو آهي. پر دل ڏاڍي نرم اٿس. سنڌ جي کل لاهڻ تي آيو ته جيئري کل لاهي رکيائين ۽ مير غلام‌عليءَ پاري تي ظلم ڪرڻ کان ڪين گڻو. ها. جڏهن آدميءَ تي شيطان سوار ٿي بيهندو آهي ته ائين ڪري ڏيکاريندو آهي. سنڌ لاءِ ته هن شمر کان به وڌيڪ لرزه اندام ڪڏو ڪم ڪيو. پر لکندو جو آهي ڪڏهن دردوندن کي کي محظوظ ڪندڙ ڳالهيون، ته بخشجي وڃي.

(۴۰۱)

اڄوڪيءَ "جنگ" ۾ جُتين چورائڻ جو بيان فرمايو اٿس. پاڪستان اندر حڪومتن جا چور وسري ويس، هيءُ يار هليو آهي جُتي چورن جي استهزا ڪرڻ. جُتي چور ته لک ڪروڙ دفعه حڪومتي چورن کان معزز آهن، جو ٻين جو سردار ته نٿا چورائين. جي ڪو ائين نه چوي ۽ مڃي، ته ان کي جيل ۾ ته ڪونه ٿا موڪلين. چورن جي برادريءَ ۾ "جُتي - چور"، حڪومت جي چورن کان يقيناً معزز، محترم ۽ باوقار آهن. ڇو جو اُنهن آدمين جا حق ڪونه چورايا، محض جتي چورايائون.

—محمد امين کوسو.

(۸۶)

۱۴-۵-۱۹۶۶ع، حضرت سيد اعظم!

السلام عليڪم- تنهنجو هت اسان وٽ اچي قيام پذير ٿيڻ، هڪ ضروري ۽ اشد ضروري مرحلو نظر اچي رهيو آهي.

منهنجي ننڍي ڀائٽئي ڪنون خان (عبدالسميع) (اهو منهنجي چاچي جو نالو آهي ۽ سندس پڙ نانو آهي) ڪلهه جمعي جي ڏينهن نماز پڙهڻ کان اڳ مان کي ورايو ته جي-ايم- سيد جو اُهو خط پڙهي ٻڌاءِ، جنهن ۾ اسان کي "ڳراٽڙيون ۽ پيار رسن" لکيو اٿس. مان چيو "نماز پڙهون." مان سان گڏجي مسجد ۾ هليو. اُتان نماز کان پوءِ وري گڏجي آيو. ايتري تائين جند نه ڇڏيائين، جيستائين اهو ساڳيو خط کيس پڙهي ٻڌايم ۽ ڳراٽڙيون به پاتيم. اُن تي خوش ٿي کلڻ لڳو. مان کي ٻروچڪيءَ ۾ چيائين، "هاڻي خط بند ڪري رک." هن معصوم اُن وچ ۾ اٺ ڏهه ڀيرا انهيءَ خط جو ذڪر ڪيو آهي. هيءُ اُنس ڪو هتان جو هجي ته اُن کي ماپي ۽ توري سگهجي. وڏو معاملو آهي اهو- سو تنهنجو هت رهڻ ئي هڪ معين مقصد رکي ٿو. تون ڊڄ نه- تنهنجو هت اچڻ روپيا، پيسا مان کي ڏيندو. مان تي هرگز هرگز بار زماني جي معنيٰ ۾ نه ٿيندو. خرچ پيدا ڪندڙ جو ايندو ته خرچ به ضرور ٿيندا.

ابي مرحوم جو فرمان تہ توکي ٻڌايم، "وٺي آڻي هت رهائينس" تو بابت چيائين. پهريون ئي ڀيرو آهي، جو ابي مرحوم جو روح مخاطب نظر آيو. مان کي انديشو رڳو اهو آهي تہ متان ڪي چغلخور توتي غلط چغليون نہ هڻن. صحيح ڳالهہ ڪو ڄاڻي ۽ چوي تہ پوءِ غنيمت آهي. ڇو جو تو ۾ ۽ پاڪستان جي حڪومتن ۾ جيڪو رشتو آهي، سو ظاهر آهي. اڄ مسٽر جناح ٻئي جهان مان تنهنجي وجود ڪري فرحت ۽ لذت محسوس ڪري ٿو. کيس ڏوهہ ڏبو ئي ڪونہ، ڇو جو هن جي ذهن ۽ قلب جي ساخت ۾ ايماني لذتون اچن ڪٿان ها؟ نہ تعليم اها، نہ پئدائش اها، نہ ماحول آهو، البت ديکا ديکي جيڪو حاصل ڪيائين ۽ مسلمانن جي بات ڪيائين، تنهن کيس "اعراف" ڏياريو.

بنديخانا تو پارن لاءِ ضروري بہ هوندا آهن، نہ تہ معاملو بڻي ڪيئن؟ سو معاملو بڻجي چڪو، ڏسين ٿو؟ آهين ئي موجوده حڪومتن ۽ حاڪمن جو ابو ڏاڏو (تون پاڪستان نہ ٺاهين ها تہ هي حڪمران ڪيئن ٿين ها؟) پر سندن هم مشرب نہ آهين، تون عشق و محبت جون رمزون کوليندڙ ۽ رازن جو افشا ڪندڙ، تون اُنهن "۾" ۽ اُنهن "منجهان" نہ پيو ٺهين. قدرت توکي سختين ۽ تڪليفن ۾ خُود اُنهن بيخبرن جي هٿان وجهرايو، جن جو ظاهري خالق، زماني جي اوجن جو، تون آهين. سو اها منزل تو ڪاٽي.

اسان وٽ هت بہ توکي گهڙيون گذارئيون آهن. محفلون ۽ رونقون تنهنجي ذات سان ٻڌل آهن، سي تہ لڳنديون. تون پاڻ ئي هڪ انجمن، هڪ محفل آهين.

حضرت شيخ صاحب اچن تہ زهي قسمت!

— محمد امين کوسو.

(٨٧)

١٦-٥-١٩٦٦ع، حضرت سيد اعظم، جي-ايم سيد!

السلام عليڪم- تنهنجي نالي ۾ جو ڪيف و سرور،

حيات آفريني ۽ انقلاب انگيزي، هنن رحماني خطوط پيدا ڪئي آهي، اُنهن جي ترويج ۽ تبليغ جو پورو اهتمام ٿي سگهي ها، ته هن خطئه سنڌ جي فضا ئي ٻي ٿي وڃي ها.....

انسان جيڪي ٻڌندو آهي، ڪندو ڏسندو آهي، اُن کان متاثر ٿيندو آهي. هڪ وقت هو، جو ضرورت سبب ڪن چڱن به مسٽر جناح جون تعريفون ڪيون. نتيجو اهو نڪتو جو ساري ملڪ جي هڪ چڱي چوکي حصي کي اسان آدمي ذهني پستيءَ جي هن رو کان بچائي نه سگهياسي. خود تون اُن پروپيگنڊا ۽ عام ذهنيت ۾ وهي وئين ۽ مان مسڪين جون عاجزيون اُن وقت بيڪار ويئون.

تعليم ۽ تربيت، تحرير ۽ واعظ جي ذريعي، اُن ڪري ضروري حصو آهي انسان کي سيکارڻ جو.

"سيد اعظم"، سنڌين کي ڪنهن پڙهايو، جو پڙهن! يا ته مسٽر جناح جون تعريفون هيون، يا خود سندس ۽ سندس پارن جي عتاب هيٺ اچي وئين. هاڻي تنهنجي وجود سان هن واديءَ جو بقاءُ ڳنڍي ڇڏيو اٿم. هر سياسي قيدي ۽ نظربند جي قسمت ۾ اهو نه ايندو آهي، يا آيو آهي، جيڪي قدرت توکي نصيب ڪيو آهي. عجيب معاملو آهي ته جنهن شيءِ ۽ تحريڪ جي ذريعي سنڌ کي تو نقصان پهچايو، خود توکان ئي قدرت اُن جي اُبتڙ ڪم وٺي، سنڌ کي سنوارڻ جو رستو معين فرمايو آهي. هي منهنجون تحريرون اِن ڪري قدرت جو آواز آهن. هي چورايل ۽ حڪم ڪيل گفتا آهن. اُنهن ۾ جي مفهوم ۽ مطالب اچي وڃن ٿا، تن جو پرچار توتي فرض آهي.

باقي هت هن ڳوٺ ۾ منهنجي نوازڻ جو بندوبست، سو ته منزل مقصود تي پهچڻ جو ذريعو آهي، اُن کان سواءِ ڪجهه حاصل ٿي نه سگهندو. هيءُ بندوبست به قدرت طرفان ٿيل آهي. ائين نه ڪندين ته غلطيون سرزد ٿينديون، جيئن تو سان سنڌ کي نه ڳنڍيو ته سنڌ جي ستياناس ٿي ويندي!

ـ محمد امين ڪوسو.

(٨٨)

١٩٦٦.٥.١٨ع. حضرت سيد اعظم! ڪڏهن ٿو اچين؟ پروگرام ظاهر و برملا واڄٽ وڄائڻ واسطي ظاهر ڪري، آيو ڪر! .....شيطاني ۽ طاغوتي طاقتون هن حق جي آمد رفت جي دٻدٻي سبب لرزي ۾ آهن!.....

پير سائين علي محمد شاه راشديءَ جو تازو قصيدو، ڊيگال-فرانس بابت پڙهيم. الفاظ و معانيءَ جو غلط استعمال! هت، هن مقدس وادي‌ءَ (سنڌ) ۾ چوطرف چوڌار تاريڪي، ٻه مرد خدا جا، ڪمزور بدن سان (هڪ ته عمر جي انتهائي حصن تي وڃي پهتو آهي)، انهيءَ تاريڪيءَ جي پردن کي چاڪ ڪري، آزادي و حريت جو ڏيئو ٻارين ٿا ـــ شيخ صاحب ۽ تون ـــ انهيءَ واقعي طرف اشارو به نوڪ قلم تي نٿو اچي. ڊيگال، هڪ آزاد ملڪ، آزاد فوج، پنهنجي ئي ماحول ۽ يورپ وارن جي همعصرن سان انهيءَ آزاد ملڪ جي ڳالهه، آزاد فوج جي نالي تي ڪري ٿو، ته هيڏو سارو قصيدو بصد صدق و حسن ظن سپرد قلم ٿئي ٿو. هاڻي جي ايم-سيد جو تذڪرو نه ڪو پڙهندءِ ۽ نه ڪنهن جي ذهن ۾ انهيءَ عظمت جو احساس ئي پيدا ٿيندو. ڄڻ ته ڊيگال جي وقت ۾ هت هيوئي ڪو ڪونه، محض ڊيگال ئي هيو، جنهن بابت لکجي ها! هن وقت هزارين نوجوان تعليم وٺي رهيا آهن. انهن جي ذهنن اڳيان سنڌ جي خودداريءَ ۽ خود اعتماديءَ جو ڪو مثال پيش ئي نه ڪيو ويندو، ته اهي ڪيئن ۽ ڪاٿئون سکندا؟ سنڌ، هن دور جو اهم ترين ملڪ آهي. پر ان جي اهميت جي نمائندگي ٿيندي ڪيئن، جڏهن بهترين صاحب قلم بغير ڪنهن ضروري سببن جي سنڌ جو نالوئي نه وٺندا؟ ڏسين ٿو، هر موقعي ۽ مهل تي تنهنجي ڪاوشن ۽ همتن جي ضرورت آهي. ادب ۽ تاريخ جيڪا تيار ڪئي پيئي وڃي، انهن سڀني محاذن تي تنهنجي توجهه جي ضرورت آهي.

اخبارن ۾ انبار خرافات جالکڇي، آدمين جي ذهنن ڇي تياهيءَ واسطي تيار ٿين ٿا. اخبارون، رسالا، ڪتاب، سڀ ڇا آهن؟ دلين ۽ ذهنن تي ڪارنهن جا پردا! اهو جڏهن "علم" ٿيو، تہ باقي "جهل" الائجي ڇا جو نالو آهي؟

فضا هرطرف هر طرح اونداهي آهي، آن اونداهيءَ فضا ۾ روشنيءَ جا ڪرڻا رڳو سنڌ جي مقدس سرزمين ۾ موجود آهن. ظاهري شڪل ۾ يعني دنيوي اعتبار کان آهي ڪرڻا نڪري ٿي "سن شريف" کان سگهن ٿا، جن سان هن اوندهه انڌوڪار کي ختم ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو. منهنجي ارادي ۽ عزم ۾ محض شاعري آهي يا حقيقت آهي، آن بابت ڪنهن ٻئي جو، خود تنهنجو، اختلاف مان کي ڇا ڪري سگهندو؟ جي توکي منهنجي ڪا واهر ڪرٽي آهي تہ ڪندو ڪر، نہ تہ خير! ههڙا ڪم، صلاحن ۽ بشورن جي دير سهي نہ سگهندا آهن. هڪ هڪ گهڙي قيمتي هوندي آهي، چوجو آن سان واسطو ٿي آن فرد واحد جي حياتيءَ جي گهڙين کي آهي.

صحبت سپريان جي، ايءُ ٻڙ چگو هاج،
قضا ڪج نماز، وقت ورائڻ ويجهڙو.

نڪو احساس ڪري سگهين، تہ پنهنجو پاڻ ڄاڻ. مان ڪي تہ چوٽو آهي، سوچوندو رهندس، لکندو رهندس..... ۔ محمد امين کوسو.

(۸۹)

۱۹۶۶۰۵۰۱۹ع. حضرت سيداعظم، جي-ايم سيد! تون ٿي "شاهه اعظم" آهين. تنهنجي آمد، الله اڪبر!! ڪجهہ تہ احساس خود پاڻ ۾ پيدا ڪر، هت هن ڪوٽ ۾ جڏهن بهشت برين جون رونقون پيدا ڪري وڃي ٿي، تہ هي دنيا وارا ڇاآهن؟ اهو ڪوڙ نہ آهي، افسانو نہ آهي، مبالغو نہ آهي، اڻ ڏٺل واقعو بيان نڪو ڪريان! هيا نڪا ڏسن، تہ آن جي معني تہ مان ۾ ڏٺل واقعو بيان نہ ڪريان. ڪاوڙ جو سبب آهي، نہ غصي جو. تقريباً ٻارهن هزار ڪن هن "محفل مهدي" جي اهتمام ۾ خرچ

ٿيو، ۽ جيڪي اُن جي عيوض آيو، اهو تون نه ڳڻيندين. ڇو جو ظاهري اکيون اُن کي ڏسڻ لاءِ تيار نه آهن، پر تون ته باطن جي نگاهه رکين ٿو. مان کان سستيون ٿيون آهن! نه ته هڪ نئون شهر آباد ڪري توکي ڏيکاريان ها! ڪير جو تنهجي استقبال لاءِ نه اچي ها؟..... "شاهه اعظم" جي آمد؟ ڪيڏو نه اعزاز آهي، رشڪ ته اِن درجي تي خود تُون بہ ڪر! اهو ڇا، جو مسٽر جناح آيو يا ٻيو ڪو آيو ته مُڙس آڪڙجي ويا. شاهه اعظم، جي-ايم سيد نظربندين کان پوءِ آڻي ڏيکارين ها ته توکي بہ مڃيان ها. الله منهنجي قسمت ٺاهي ٿو، ته توکي بہ خيال پون ٿا ته توکان ته ساري زندگيءَ ۾ اهڙو ڪم ٿيو ڪونہ. ڪوا، چٻرا، اُلو، ڪيڙا مڪوڙا يا خَرَ چئن ڪنن وارا، تن جا استقبال پئي تو ڪيا.

هت اهو آيو ۽ وري ايندو، الله ڪندو، جنهن جي آمد تي ملائڪن جي محفلن ۾ مبارڪباديون ٿيون. ـ محمدامين کوسو.

(٩٠)

٢٠-٥-١٩٦٦ع. حضرت سيد اعظم، جي-ايم سيد صاحب!

ڪيڏيون بہ سيد علي محمد شاهه ڊيگالن جون تعريفون ڪري، اُن جي مقابلي ۾ هڪ ضعيف بدن سيدزادي، جي-ايم شاهه، جون سرزمين سنڌ واسطي ڪوششن جو تجزيو ڪبو، ته زمين و آسمان جو فرق نظر ايندو. جي بنيادي طرح سيد ۽ ٻين جي ذهني ساخت ۾ ڪو فرق ڪونہ آهي، ته هيءُ بہ ڇو نہ ٻين جيان زندگيءَ جا مزا ماڻي ها؟ زندگيءَ جا حقيقي مزا ته بيشڪ هن ماڻيا، جو پاڻ کي ٻين جيان پيٽ جي خاطر ذليل نہ ڪيائين. ڪُتن سان ڪتو ٿيڻ- توبهہ!

جي-ايم سيد جي بنيادي خصوصيت اها آهي، جو سندس

جي-ايم سيد جي بنيادي خصوصيت اها آهي، جو سندس ضمير ۾ اسلامي شان و شوڪت جو احساس ۽ جذبو موجود آهي. سنڌين کي حب الوطنيءَ جو عملي نمونو ڪري ڏيکاريائين.

وري هن مرد عظيم، حضرت فخر سنڌ و هند شيخ عبدالمجيد

جو معاملو وڏو. عمر آخرين ايامن تائين اڇي پهتي آهي، خردي ۽ خوداريءَ جو جذبو معراج تي!

ٻنهي سان محبت ۽ نياز مندي پنهنجي انتهائي عروج تائينءَ جو شرف هن بندي عاجز مسڪين کي آهي..... منهنجو اهو پڪو يقين آهي ته توکان ۽ تنهنجي تالي کان قدرت کي وڏي ۽ وڏو ڪم ان مسڪين جي ذريعي سان وٺڻو آهي. توں ۽ان هڪ محفل، هڪ انجمن آهين- ڪراچي تو وٽ ڇو نه اچي، جو تون ڪراچيءَ ڀيو وڃين. "سيواگرام" ۾ گانڌي مهراج رهندو هو، دنيا جهان جا ڪيس ڏسندڙ آڻي ٿي ايندا هئا.

هندستان ۾ امن و امان، سڪ ۽ سانت ايندائي اسلامي جهنڊي جي پناهه سبب! اسلام جو جهنڊو، جي ڪهڙي خان جي هٿ ۾ ڏبو ته رڳو صبح جو سويري قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري، سارو ڏينهن روپين گڏ ڪرڻ جا سوداءَ لهندو..... غير ضروري، فضول، وقتي ۽ هنگامي ڳالهيون توکي جيئن متوجهه نه ڪن، ان توکي تنهنجي ئي عظيم الشان زندگيءَ جو قائل ڪرڻ ٿو گهران! اڇوکي ملڪي تاريخ ۾ تو ۽ ان پورو پورو حصو ورتو آهي. تنهنجو نمونو پوءِ يڪسوئيءَ جو ٿي سگهي ٿو، منهنجي وابستگين جو دامن ته ڦهليل هو. انگريز عملدار، سر غلام حسين، مسٽر جناح ۽ ليگ جا ٻيا وڏا ليڊر، توکان ۽ شيخ صاحب کان علاوه ان کي سڃاڻندا هئا. ان ڇڻي سگهان ٿو ته داخلي طرح سندس ئي اهم ۽ فيصلي ڪن حصو هندستان جي آزاديءَ آڻڻ ۾ ورتو آهي، الهه بخش جي قربانين سبب ـــ ۽ الهه بخش سان بيڪ وقت تنهنجو ۽ منهنجو گهري ۾ گهرو واسطو رهيو آهي ۽ هاڻي به موجود آهي، جو الهه بخش سان سينوسيني سان ملائي، توں سان سينه و دامن چاڪ طرف وڏي سگهين! تنهنجو هت رهڻ، ڇا ڇڄي؟ هڪ مڪمل تصوير آهي!

آ ملیں گے سینہ چاکانِ چمن سے سینہ چاک!

ا ـرو تساهل ههڙن عالمگير واقعات کي مرتب ڪندڙ ڪمن ۾ نه ڪبو آهي. تون ڇو اوچتو اچين ۽ وڃين؟ واضح پروگرام ئي تنهنجي هت آمد آهي. سج جو اڀرندو ته ڪورلهيون ۽ کارا کڻي بيهندو، ته لڪي سگهندو؟ خرچ و اخراجات ضمني معاملا آهن. انهن کي ڪا ايڏي اهميت ڏبي آهي ڇا؟ ٿيندا به آهن، نه به ٿيندا آهن ٻنهي صورتن ۾ ڪنهن خاص فڪر جي ڪهڙي حاجت؟ تنهنجي آمد محض حساب و ڪتابن ڪري رُڪجي وڃي، ڇو؟ گهڻو ڪجهه هن آمد رفت جو محتاج آهي. هيڏو سارو واقعو، تنهن کي پنهنجي بد قسمتين ڪري هاڻوڪي سنڌين نه ڏٺو ۽ نه محسوس ڪيو! انهن کي تون صاحبِ ذوق سليم چوندين؟ هر لحاظ کان حسن و جمال هن تنهنجي آمد سببِ آسمانن کان مٿي وڃي، پکڙجي ويو ـــ ڪو شاعر صاحب ذوق آهي ڪاٿي، جو لکي ها؟ ـ محمد امين کوسو.

عزيز آباد، انڙواه، (۹۱)

۲۱-۵-۱۹۶۶ع. حضرت سيداعظم، جي-ايم-سيد صاحب!

السلام عليڪم- انسانيت جا وڏا وڏا معاملا تو سان متعلق ڪري رکيا اٿم. تنهنجو متوجهه ٿيڻ ۽ اُنهن جو حل ٿي وڃڻ! هزارين لکين بيتابيون مان مسڪين گنهگار جون اِن توجهه تنهنجي سان ڳنڍيل آهن. ڪيترا هزار دفعا "آهه! هاءِ هاءِ!" منهنجي دل سوخته کان نڪري، زبان کان ظاهر ٿينديون رهيون آهن. اهي آهون ۽ دانهون مان گنهگار جون هڪ "مقام" رکن ٿيون. اهي رائگان نه وڃن، اُن ڪري توکي ئي واهر ۽ امداد لاءِ سڏيان ٿو.

واديءِ عشق بسي دور و دراز است ولي
طي شود جاده صد ساله به آهي گاهي!

خدا پرستي ۽ خدا مستيءَ جو رواج ئي وڃي ڪن ڪنڊن ۾ محدود ٿيو، ٻاهر و برملا شيطان جي گرم بازاري آهي. دنيا هڪ وحدت بڻجي رهي آهي. ويڇا ۽ فاصلا گهٽ

ٿيندا ٿا وڃن. سڀ يڪرنگيءَ ۾ رڳو وڃن ٿا، يعني نسل، مذهب ۽ جغرافيائي فاصلا گهٽ ٿيندا ٿا وڃن. هر هنڌ، هر مقام تي انسان شيطان جو ايجنٽ ٿيندو ٿو وڃي. فرق آهي ته رڳو ڏگرين جو! جيڪو ماسڪو ۾ سوئي ڌهليءَ ۾، جيڪو ڌهليءَ ۾ سوئي لاهور ۾، جيڪو لاهور ۾ سوئي لنڊن ۾، جيڪو لنڊن ۾ سوئي پئرس ۾ ــ فرق آهي ته رڳو نمونن ۽ طريقن ۾ آهي!

مان انفرادي گنهگاريءَ کي ايترو جبرم ڪائي قرار ڏيندو آهيان. پاڻ ڪهڙو نيڪوڪار آهيان؟ مان اجتماعي خرابين ۽ برادين جي اڏن ۽ عقيدن جو ذڪر ڪريان ٿو. ائين تحقيق آهي ته انهيءَ شيطاني چار جي مقابليءَ ۾ هر هنڌ کي نفوس نيڪ موجود هوندا، نه پر آهن. انهن نيڪ نفوس جي ڪري ئي دنيا اڃا درهم برهم نه ٿي آهي. آنهن جي بدولت ئي اڃا قيامت برپا نه ٿي آهي. ورنه الله جي غضب و قهر کي حرڪت ۾ اچڻ جي هاڻي دير بلڪل ڪانه آهي.

اهي شيطان جا ايجنٽ، ڪهڙي به مذهب جو نالو وٺن، ڪهڙيءَ به قوم ۽ ملڪ جي جغرافيائي حڪومت جو جهنڊو جهولائين، سڀ "هڪ" آهن. انهيءَ شيطاني اتحاد ۽ وحدت کي زير و زبر ڪرڻ جي ارادن ۽ انقلابي ڪوشش جو پيو نالو آهي "عبيداللهي سياست ۽ حڪمت عملي"! جنهن کي منهنجي مڃي سائين محبوب پيرچوندي شريف واري جي مڪمل تائيد آهي.... مان چا به آکيان، منهنجي دلِ ناتوان هنن ٻنهي بزرگن جي سهاري هيٺ عظيم‌الشان عزائم جي مرڪز آهي. منهنجي فڪر ۾ جيڪا تنظيم آهي، تنهن کي ڪو به ماڻ جو پٽ هاڻي اکاڙڻ جي طاقت نٿو رکي. منهنجي نگاهه پرسوز هر گهڙيءَ، هر لحظي آٿندي آهي، ته توتي ئي پوندي آهي

هي ظاهري حرڪتن جو پابند انقلاب نه آهي. پهريائين فڪر ۽ ذهن صاف ٿين، ته ميدان عمل سر ڪرڻ آسان آهي.

آن آسانيءَ جو سبب ٿي بظاهر تون آهين .

هيڏا سارا معاملا جڏهن توسان وابستہ ، تہ تون هن طرف نہ ايندين ، پئي طرف ويندو رهندين ، تہ مسئلن جو حل تہ پيدا ڪونہ ٿيندو . تحريڪون ۽ ڪوششون شيطان جون ، حڪومتون ۽ نظام شيطان جا تہ هر هنڌ مضبوط شڪل ۾ آهن . انسان ذات جو صحيح صحيح اونو ۽ فڪر اڄ وقت ۾ رَڳو هت آهي. آن فڪر جي بنياد عبيدالاهي عمل و جدوجهد جو نمونو آهي. نہ ظاهري سادي انقلابين سان ڪو ٽڪر جو سوال آٿي ٿو. آهي هڪ ڪم ڪري رهيا آهن . آنهن سان آلجهاءُ تہ شيطان کي وڌيڪ مضبوط ڪندو. پر اهو ڪم يڪطرفو آهي ، محض "سادي مظالم" جو جواب آهي. "سادي مظالم" خود هڪ بيمار ، سڙيل ۽ ڪينئين ڪاڏل جهنمي ذهن ۽ فڪر تي ٻڌل "نظام" جا براه راست نتيجا آهن . ظاهر و باطن انقلاب ، انقلاب ئي انقلاب تہ ايندو ئي دين رسول الله تي جيڪي پردا جهالت جا چڙهيل آهن ، آنهن جي چاڪ ڪرڻ سان !

نياز آگين
محمد امين ڪوسو

( ۹۲ )

۲۴-۵-۱۹۶۶ع . حضرت سيد اعظم ، جي-ايم شاهہ صاحب !

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحہ جي الهہ بخش جي دور حڪومت ۾ آمد هت هڪ خواب نہ حقيقت آهي . سندس مان مسڪين تي مهرباني ۽ شفقت بہ حقيقت ئي آهي. مولانا دين محمد وفائيءَ جهڙي محقق ، تاريخ جي فيلسوف جي مولانا سان نيازمندي بلڪ غلاميءَ جي ڪمرڪشي ٻيهڙ بہ حقيقت آهي . توسان منهنجي نيازمندي بہ حقيقت آهي. خود توڪي ليگ جي خطرناڪ سياسي ڪارڪردگين جي نتائج ڪان آگاهہ ڪري ، آن سان سڀ واسطا ٽوڙڻ لاءِ آماده ڪرڻ بہ حقيقت آهي. وري تنهنجون نظربنديون ۽ حضرت شيخ صاحب تي ڪيس ۽ مقدما بہ حقيقتون

آهن. انهن حقائق جي پس منظر ۾ تون ۽ مان سنڌ سونهاريءَ جي بظاهر "سجدي" ۾ پيل حالتن کي ٺيڪ ڪرڻ ۽ سڌارڻ لاءِ ايڏا بس حياتيءَ ۾ آهيون. مان هن مسئلي کي تمام آسان بڌائي رکيو آهي. سڀ بار تنهنجي "نالي" مٿان اڇلائي، پاڻ رڳو گالهه هولهه ڪرڻ لاءِ فراغتون حاصل ڪيون اٿم.

تنهنجي تندرستيءَ جو خيال ۽ تولاءِ جهاد تہ هنن خطن جي معنائن کي سنڌ اندر ڦهلائڻ ۽ جهاد آهي.

سنڌ، ڪونڊيو ملڪ ڪونہ آهي. سڀ کي اکين ۽ دل کان انڌا ڪونہ ٿا رهن، پر سندن اکين، دل ۽ مغز تي احمقائيءَ جا پردا چاڙهيا ويا آهن. پيا وڃي جهنم جي تري ۾ پون، هي سنڌي جن ۾ تون ۽ شيخ صاحب روشنيءَ جا منارا موجود آهيو، سي ڇو ٿا بيپرواهيون ۽ الغرضايون ڏيکاريو. آنهن کي تڏهن ڏوهہ ڏجي، جڏهن هنن جي ذهني پرداخت طرف ڪنهن توجهہ ڏنو هجي، آهي احمقائيءَ وارا پردا ڪنهن چاڪ ڪيا هجن! اخبارون، رسالا، سئنيمائون، ادب سيڪجهہ هڪ ئي رنگ ۾ رنگيل آهي. سو سيکن تہ ڪنهن کان سکن؟

اڇلهہ ڏيل لفظن ۾، اشارن ۾ بہ نہ شيخ صاحب جو نالو ملندو نہ تنهنجو! سنڌ، ڪشمور کان ڪراچيءَ تائين هاڻوڪيون حدون اٿس. پر هي ملڪ شروع ئي درياءَ سنڌ جي مُهن کان، پهاڙن جي چوٽيءَ کان ٿئي ٿو.

نہ گهپراهٽ سان ڪجهہ حاصل ٿيندو ۽ نہ وري جوش عمل خاليءَ سان ڪجهہ ممڪن آهي. سنجيده ۽ گران طبعيءَ سان، پنهنجي ئي حالات جي مڪمل جائزي مطابق عملي پروگرام ٺاهيو، تہ سڀ ڪجهہ آسان ۽ ممڪن عملي شڪل وٺي بيهندو. اهو آن ڪري تہ حضرت شيخ صاحب ۽ تون آهيو! مان کي توسان گالهائڻ ۾ دقت پيش اچي ٿي، چاڪاڻ جو تنهنجو ذهن هڪ دفعو ليڪ جي غلاظتن سان آلوده ٿي چڪو آهي. گندي ۽ گندي سياسي گروه سان ٽاهہ تہ ٿي سگهندو آهي، پر انهيءَ

گروه (مسلم ليگ) سان شامل ٿجي، سوئي خرابيون اهڙيون پيدا ڪندو، جن جو ازالو گهڻي محنت کان پوءِ ئي ٿي سگهندو. مان کان سبق وٺ، جيڪو پنهنجي محدود وسائل کي ليگ جي هيڏي ساري خرافات جي مقابلي ۾ آڻي چڪو آهي! آن وقت جي عملي جد و جهد کي هن دل نڌوان ڪهڙي شڪل ڏني هئي، ڪاش ڪو آن تي غور ته ڪري! اهو پراڻو نه هاڻوڪي دور جو حقيقت سان ڀريل "قصو" آهي. وڻجي حال کي، سو تون پنهنجي ذات ۾ سڀ ڪجهه آهين. تنهنجي ذريعي ڇا آهي جو نه ٿو ڪري سگهجي؟..... — محمد امين کوسو.

(۹۳)

۲۵-۵-۱۹۶۶ع. حضرت سيد اعظم!

پروفيسر برائون، مشهور فارسي ۽ عربي دان جو واقعو آهي ته هن دنيا کي ٻن حصن ۾ ورهايو هو. هڪڙا آهي، جي فارسي ڄاڻن، ٻيا آهي جي فارسي نه ڄاڻن. جي فارسي نه ڄاڻن، سي وٽس ڄٽ محض هوندا هئا. مان وٽ به هاڻي سنڌ جا ٻه حصا آهن:

هڪ اها سنڌ، جيڪا توکي منهنجي ذريعي ڄاڻي، ٻي سنڌ، جيڪا تنهنجي نالي جي ڄاڻ هوندي به بيپرواهي ڏيکاري.

مان کي خوف رڳو اهو هيو ته متان قضا ۽ قدر جا مالڪ توکي هت هن ڳوٺ تائين پهچڻ نه ڏين. هاڻي ڪو شڪ شبهي جو معاملو رهيو ئي ڪونه. تون پاڻ پنهنجي قدم تي مضبوط رهه! توکي نه ڪو چاڙهيون ڏيئي ڦيرائي وڃي، اهو خيال اٿم!

تون هت پهتين. سڀ ڪجهه، جيڪو منهنجي ذهن ۽ دل ۾ هيو، سو ٿي ويو. مان کي حقائق کي پنهنجي پير علي محمد شاه راشديءَ وانگر موڙڻ نه ايندو آهي. منهنجي نظر انسان جي تاريخ تي آهي، جيڪا انسان ٺاهي آهي. تنهنجو مان وٽ پهچي وڃڻ، ڪجهه محسوس ته ڪر! تصوف اسلام

جي ڇوڏهن سون ورهين جو نچوڙ آهي.....

—— محمد امين کوسو

(۹۴)

۲۵-۵-۱۹۶۶ع. حضرت سيد اعظم، جي- ايم سيد!

السلام عليڪم ورحمةالله و برڪاته! تنهنجو مڪتوب گرامي ۲۳-۵-۱۹۶۶ع جو، سن شريف مان، ڪراچيءَ مان واپس اچڻ کان پوءِ جو لکيل پهتو. زهي عنايت! خط منجهند ڏاري ئي مليو هو. منهنجي پنن معصوم پائڻين کي معلوم ٿيو ته تنهنجو خط آهي، ته پنهنجي سلامن پڏڻ لاءِ بيتاب ٿي ويا. چوڻ لڳا ته پڙهي پڏاءِ سچو—! ننڍي ڪنون خان (عبدالسميع) چيو ته اڳيون ٻه پڙهي پڏاءِ! سو اڳيون خط ٻه ڪولي سمورو پڙهيم..... هاڻي تنهنجي خط ۾ پهريائين تقاضا آهي، منهنجي فوٽي جي! فوٽو ڪائڻون تيار ڪرايان؟ تنهنجي ۲۹ تاريخ حيدرآباد ۾ اچڻ جي تاريخ آهي، آتي اچي ڪو ٽوسان گڏجي فوٽو ڪيائجي.....

ٽو پٽي صاحب جي خط جو احوال ڏنو، ته هن توکي لکيو ته هن توتان بندش لهرائڻ جي ڪوشش ڪئي. شابش اٿس. باقي پڇا ڳڇيس ته بندش ڏڌي ڪنهن هئي؟ ڪيس ته پوءِ کو نه کو حق آهي، جو سنڌ جي ناسياري گهراڻي، زميندار ۽ سرڪرده جو پٽ آهي، ٻيا ٽيندا ڪير هئا، جو تو جي-ايم- شاهه تي بندشون وجهي رهيا هئا؟ افسوس پنهنجو قدر به نه ڄاتائون! پوءِ به غنيمت، جو پنهنجي ڪئي تي پڇتاءُ ته آيس. شال! ان تي [پٽو] قائم رهي. ٽو بلڪل ٺيڪ ڪيو، جو ڪيس پنهنجي زيارت ۽ ملاقات ڪرڻ جو وجهه ڏنو. پاڻ به خيرن سان "سنڌ بدر" آهي. اٿس کو آن جو احساس؟ سنڌي ٻڌائينس. سنڌي! آسمائن ڏائڻ وڃي پهچي ٽو. ڪشمير کي ته آزاد ڪرائڻ جا واکا ڪري ٿو، خود پاڻ پنهنجي صوبي ۾ "آزاد" آهي؟ پاڻ کي ته پهريائين آزادي وٺي ڏئي!..... اڄ ته آهي

سنڌي پهريائين پيدا ڪريون، جن جي لاءِ "سنڌ" بڻي! سنڌي ته فقط ٽي عدد- فخر سنڌ و هند شيخ صاحب، تون ۽ بنده!

تولاءِ ڪهڙو اعزاز جو آهو ملڻ آيو. اعزاز انهيءَ لاءِ جيڪو سنڌ جي پاسبان سان ملي ٿو!..... ذوالفقار علي خان جي آواز ۾ يقيناً اثر هوندو. سنڌ جو سپوت ڳالهائي رهيو هو، جيتوڻيڪ سنڌ جي ماضيءَ ۽ حال کان يڪسر بي پرواه ئي هجي. سلڇڻو نوجوان آهي. تربيت ۽ سکا ڏجس ته جيڪر سنڌ به سمجهي وڃي!..... تولاءِ ڀٽي صاحب جي ملاقات ۾ به احتياط لازمي آهي.....

خانبهادر چاڪر خان مرحوم بابت ڪجهه لکين، ته منهنجي والد مرحوم سان سندس دوستي هئي. سندس ڪيترائي خطوط مان وٽان دستياب ٿي سگهندا، جي هن منهنجي والد مرحوم کي لکيا آهن. والد مرحوم هن ضلعي اندر ڪافي کان زياده حشمت ۽ ـ ـ ـي وارو انسان ٿي گذريو آهي. سندس نالو ته توکي ياد آهي- عبدالعزيز- منهنجي ڏاڏي جو نالو "امين خان" جنهن جو نالو مان تي رکيائين. منهنجو پڙ ڏاڏو ولي محمد، ٻروچڪيءَ ۾ "وليو خان" نانو منهنجو مير حيات خان. اِهي سڀ هتي نالي وارا ٿي گذريا آهن. منهنجي والد جو ايترو ته اثر رسوخ هوندو هو، جو منهنجي مشهور تاريخي اليڪشن ۾ هن سنئون سڌو چڙهي ڪنهن کي نه وڃي چيو. يارن ۽ دوستن ڏانهن مختصر خط لکيائين، ته منهنجو پٽ ان طرف اليڪشن تي آيل آهي، سندس مدد ڪريو. حضرت پير سائينءَ جون دعائون ۽ والد مرحوم جي دوستين يارين جو اثر هو، ۽ آخر ۾ علي محمد شاه راشديءَ ڪانگريس سميت ميدان اچي سر ڪيو. علي محمد شاه، حسام الدين شاه سان گڏ آيو هو. منهنجي والد کي چيائين، "چا چا! توکي مبارڪ. تنهنجو پٽ ميمبر نه ڪيم، ته ڪتي تي منهنجو نالو رکجانءِ!"- پوءِ جيڪي ڪنڌڪوٽ جي ميدانن ۾ هن تقريرون ڪيون، تن واڄٽ وڄائي ڇڏيا. ڪانگريسين

کي اصل موضوع بي ڳالهائڻ ئي نه پيو اچي. هن جي تقريرن باهه مچائي ڏني. ٻڌو ته جوش ۽ خروش ڪنڌڪوٽ جي شهر ۾ پيدا ٿي ويو، جو مسٽر "بوٿ"، آن وقت جو ڊپٽي ڪمشنر، جڏهن پولنگ بوٿ ڏسڻ آيو، ته ڪانگريس جي ڪم ڪندڙن سندن برخلاف نعرا بلند ڪيا. هُو غصي کان بي قابو ٿي، والنٽيئرن کان ڪانگريس جو جهنڊو کسڻ لڳو، ته والنٽيئر چيو ته "هتان نڪري وڃ- توکي جهنڊو نه ڏيندس، اليڪشن بوٿ ڇڏي وڃ!" ٻڌين ٿو نه! "ڪُئٽ انڊيا" جي ابتدائي شڪل "ڪنڌڪوٽ" مانئي پيدا ٿي! سڀ ڪنهن بوٿ تي زبردست اڪثريت سان کٽيم، سواءِ خاص ڪرمپور جي، جنهن ۾ به اڌ کان ٿورا گهٽ ووٽ کنيم. آتي آن پولنگ بوٿ تي مولوي عبيدالله سومرو، هاڻوڪو مير جعفر خان جماليءَ جو مصاحب موجود هو.

هيءُ مثال اڄ هن مڪتوب ۾، جيڪو آٿي رات جو لکڻ شروع ڪيو اٿم، آن ڪري ڏيان ٿو، جو نئين تاريخ ٺهندي ئي اِن دڳ سان! محض ماضيءَ جا بيفائدا ۽ بي معنيٰ داستان نٿو بيان ڪريان. — محمد امين کوسو.

(٩٥)

٢٧-٥-١٩٦٦ع. حضرت سيد اعظم!

منهنجو ننڍڙو ڀائٽيو ڪنون خان (عبدالسميع) ڪلهه شام جو آهستگيءَ سان چوڻ لڳو ته "جي-ايم- سيد وري نه ايندو ابا!" مان چيو "ها!" پوءِ تو واري خط جو مضمون دهرائڻ لڳو، ته "خرچ گهڻو ڪندؤ ته اوچتو اچي موٽي ويندس."- منهنجي پرپٺ اهو خط کڻي ويو هو. وڃي پنهنجي پيءُ کان پڙهايائين، ڇو جو سندس ۽ سندس ڀاءُ جي نالي سلام هئا. وري صبح جو سويري اچي چيائين ته "ابا! جي-ايم سيد جو نالو ڇا آهي؟" مان چيو "سيد غلام مرتضيٰ شاه" ۽ منهنجو نالو اٿس "سيد اعظم!" هيترن سارن مهمانن جي آمد ٿيندي رهندي آهي.

موٽرون جن تي هي معصوم ٻار سوار ٿيڻ لاءِ منتظر نظر آيا، يا ته سائين مٺي محبوب جي پُٽن ۽ پوٽن جون موٽرون، آهن يا تنهنجي موٽر!..... سو ڪنون خان کي تنهنجي هن طرف اچڻ جو وڏو انتظار آهي. تنهنجو خط، اڪثر ڏينهن اڌ پنهنجي کيسي ۾ کڻي گهمندو آهي. گهر جي سڀني ڀاتين کي چوندو آهي، تنهنجو (جي-ايم سيد جو) خط آهي ۽ سندس ۽ سندس ڀاءُ کي سلام لکيل آهن! وڏي جو نالو، ابي مرحوم جو عبدالعزيز عرف نِڪُو خان آهي، پر ڪنون خان، هن کان، هن باري ۾ مان کون به، گوءِ کڻڻ ٿو گهري. مان کي به گهٽ انتظار هوندو آهي..... هيتري تائين خط لکيم ته اچي نڪتو، مان کيس خط پڙهي ٻڌايو. کلي چوڻ لگو ته "خط ۾ لکيو اٿيئي"؟ مان چيو "ها-" مان پڇا ڪئي ته "جي-ايم سيد کي ڇا لکان"؟ چيائين ته "چوينس ته هيڏي آءُ!"- تنهنجي ڪار جي تفصيلات جي پُڇا ڪيائين. ڪار ۾ ريڊيو هو ڇا؟

پُڇا ڪري ٿو، "ابا! نالو سيد اعظم اٿس؟" ته مان چيو "ها!"..... سو ڪنون خان جون دعوتون هاڻي توکي رد ڪرڻ جي طاقت ته ڪانه آهي. - محمدامين کوسو.

(٩٦)

١٩٦٦.٥.٢٨ع. حضرت سيد اعظم!

خطن جو تنهنجي نالي هڪ قسم جو ذخيرو گڏ ٿي ويو آهي. تون ڪراچيءَ ۾ هئين، مان هِت ئي تنهنجي نالي ۾ توسان محفلون ۽ ڪچهريون لاتيون ويٺو هوندو هوس. منهنجي هن بزم آرائين جي فروغ تي ئي هاڻي سنڌ جي قسمت جي فراوانين جو مدار اٿيئي. بار بار اهو اعلان ٿيندو ٻڌندو آهين. سنڌ جي قسمت هنن خطوط جي دائري مان ئي جاڳڻي آهي. سو نه ته تساهل ۽ سستي ڪر، ۽ نه ئي الغرضائيءَ سان هنن هيرن جواهرن کان به وڌيڪ قيمتي مضامين کي وڌيڪ ڇُپاءِ!

ساريءَ سنڌ جي اولياءَالله جون ملاقاتون سندن ئي جاين

تي ڪري آئين. اتان ٿيندو ڀرچونڊي شريف ۽ الهه‌بخش شهيد کان ٿيندو، ِهت آئين. انهيءَ سفر جو مقصد محض اتفاقي معاملو ته نه آهي. وري هر لحظي، هر گهڙيءَ منهنجي دل جي تارَ توسان ڳنڍيل رهي ٿي. پنهنجي ڳوٺ جي مسجد شريف ۾ اڪيلي نماز پڙهندي، صاف صاف ڏسي وٺندو آهيان، ته اِصل معاملو بڻڻوئي مان وٺان آهي. مَتان ان کي منهنجي درويشيءَ ۽ فقيريءَ جي معنيٰ ۾ ورتو اٿيئي!.....سن شريف مان کي ڀرچونڊي شريف جي ذريعي پنهنجي ساهَ کان ويجهو نظر ايندو آهي، يعني مان پنهنجي دل اندر ئي توکي پسندو آهيان. هاڻي تون منهنجي وجود جو هڪ حصو، ان کي ٻئي هنڌ ڪاٿي ڳوليندو وتان! توسان ئي اڪثر محو گفتگو رهندو آهيان. ظاهري طرح هڪ قسم جي گواهي هي خطوط به ڏيندا.

باقي حضرت مولانا ابوالڪلام جا سڏ ڏاڍيءَ شدت سان محسوس ڪريان ٿو. هاءِ ڙي ماتم! الائي ڇا ڇا حسرتون دل ۾ کڻي ويو هوندو؟ هاڻي، يعني جنهن وقت فصلن ۾ هڪ ڏينهن اڪيلي تنهنجي نظربنديءَ کي ياد ڪري، زار زار سڏڪا ڀري رُنو هوس، ته مولانا آزاد جو روح اَن ڏينهن کان بلڪل ٻيءَ طرح سان نظر اچي ٿو..... سرمد به اَتي ئي آهي. سرمد سان به ڏاڍي ويجهڙائي اَنهن وقتن کان پيو محسوس ڪريان. ڪنهن کي چئي آکي، ڪنهن پڙهيل آدميءَ جي قلم مان سرمد جي زندگيءَ جو احوال ۽ ڪلام ته ڇپرائجي! اسان جي مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ کان وڌيڪ پڙهيل ته ڪوڪونه هوندو، پر هن کي ٿورڙي قلعيءَ جي ضرورت آهي. دماغ کي به روغن جي ضرورت اٿس. حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي زندگيءَ کي ِهن هڪ "ڪتابيءَ" جي زندگي ڄاتو آهي. مان اڻپڙهيل کان اچي مولانا جي زندگيءَ جو احوال ڇو نه ٿو پُڇا ڪري؟ الله وارن جي دلين جا راز ڪو ڪتابن ۾ هوندا آهن ڇا؟ اهوئي نٿو سمجهي، ته سيالڪوٽ ۽ ڄامپور جو هڪ سک يتيم ٻار،

جو اسلام آڻڻ طرف مائل ٿئي ٿو، تہ پرچونڊي شريف ۾ حضرت حافظ صاحب رحمةالله وٽ ڪيس آندو ڪنهن؟ حضرت سيد اعظم جي-ايم سيد، جو سنڌ جي آزاديءَ جي اڻ آجهامندڙ شمع ٻارڻ واسطي شعلي وڻڻ سان پرچونڊي شريف جو رُخ نظربندين ڪان پوءِ اختيار ڪري ٿو، تہ آهو رستو هن کي وڻرائي ڪير ٿو؟ لکجي ويو نہ سنڌ جي آزاديءَ جي اڻ آجهامندڙ شمع تو جي-ايم سيد سيداعظم پرچونڊي شريف جي نوراني چٽنگن سان ٻاري، جاتي مولانا عبيدالله الله جو نالو سکيو، آتان ئي سنڌ جي آزاديءَ جي شمع هميشه لاءِ نور و تجلي قياست تائين چوطرف چوڌار ڦهلائيندڙ تو ٻ اچي ٻاري!.....سنڌ ۽ بلوچستان جا سمورا معاملات، جنهن گهڙيءَ کان توکي ڏسي پسند ڪيو هوم، توسان وابستہ ڪري رکيا هئم. هاڻي تنهنجي عنايتن ۾ قدري ڦيرو آيو آهي تہ آهي گتيون ۽ گنڊيون پاڻهي کلنديون ويندیون. سو جيترو جلد، جيترو آسان پورو مڙي ٻيهندين، اوتروئي جلد ۽ آسان آنهن منجهيل گنڊين کي کليل ڏسندين. ڪوبہ معاملو انسان جو ظاهري توکي اهڙو نظر نہ ايندو، جنهن جو حل، مان دل درد‌مند توسان نہ ڳنڊيو هجي. سنڌ جا هندو واپس اچي سنڌ ۾ ٿي جيئن مرن، ۽ هتان جي مُلڪ ۽ آدمين جي خدمت ڪن- آهو ٻ توسان واسطو رکي ٿو. آچاريا ڪرپلاڻي شيخ عبدالرحيم جو پاڻ جو "ڪافر" ٿي مري؟ ڇڪي نہ ٿي اچيئي؟ سنڌ جو، پنهنجي پاڻ مان گڏ بهشتن ۾ ڇونہ هجي؟ بهشت جو اصلي معراج تہ ديدار الاهي آهي، نہ ڪي حورون ۽ قصور!..... مان عاجز آهيان گنهگار آهيان، پر معاملات ملڪيءَ متعلق صاف صاف رايا رکندو آيو آهيان. تو ٻڌڻ ۾ سُستيون ڪيون، تنهنڪري معاملات سنورڻ ۾ تاخيرون واقع ٿيون. هاڻي وڌيڪ التوا ۾ تہ قصن کي نہ وجهہ!

"آزاد" اخبار ۾ مولانا الهورائي بروهيءَ جو مضمون پڙهيو اٿئي؟ اخبار "آزاد" آهي. بلڪل ساڳيو نالو، جنهن نالي سان

الهڊبخش سنڌ تو واري آن وقت سياستن جي اونداهين کان منهنجي چوڻ تي بچائڻ ٿي گهري!

آهي تو وٽ انهن پاکبازن کي ڏيڻ واسطي صلو هن وقت؟ سڀ اغيارن جي حوالي ڪري ويڻين. هاڻي "آستوار" ٿيڻ جا مشورا ڏيان ٿو.

الهڊبخش شهيد جي هٿن ۾ ته حڪومت خود تو ڏني هئي، پوءِ اڄا به مسٽر جناح سان دامن اڪائڻ جو شوق باقي رکڻ جو معني؟ اهوئي ته وقت هيو ته سنڌ سنڌ ئي بڻجڻ جي رستي تي هئي. اها کا صوبائي حڪومت هئي. "آزاد سنڌ" جي آزاد حڪومت حقيقتاً هئي. آهه! تو آن وقت مان مسڪين جون دانهون نه ٻڌيون! الهڊبخش ائين نه ڪيو، جيئن ٽيپو سلطان ڪيو هو؟ ٽيپو سلطان جي شهادت جو نتيجو بر وقت نظر نه آيو. هت ته الهڊبخش جي لاش جو تڙپڻ ۾ هندستان جو آزاد ٿيڻ!..... تنهنڪا ڪتاب شايع ٿين، جلد شايع ٿين. هزارن جي تعداد ۾ آنهن جي نيڪال جو انتظام ٿيڻ گهرجي. خود سيد علي محمد شاهه راشديءَ جو "اهي ڏينهن، اهي شينهن" خفتم سنڌ کي عطا مثل آهي. الله رڳو ايتري رحماني سمجهه عطا ڪريس، جو انهيءَ ڪتاب جي وڪري جو بندوبست ڪري. قيمت گهٽ آهي. ان قسمن جا ايڊيشن هٿ گهرجنس..... پڇا ڪرينس خط لکي، ته اهو ڪتاب هڪ سيٽ ۾، هڪ جلدي، هڪ اکر ۾ "ون يونٽ" آهي؟

رڳي ديري جي ان منشين جو احوال لکيو اٿس، ڪيترقدر انسانو آهي، ڪيترقدر حقيقت آهي، سو پنهنجي جاه تي، پر معاملو ته "ون يونٽ" سوز آهي.

ان ڪتاب "اهي ڏينهن، آهي شينهن" جي اشاعت ڪري ئي ڪيس ۾ سندس شيطاني عقلمندين کي هميشه لاءِ شڪست ڏيڻ جو شوق اٿم..... الهڊبخش جي سڄي مضمون ۾ رڳو هڪ فقرو ئي آهي ته "شڪارپور جي شمع آخرين پڙڪو ڪاڏو....."

اِن فقري کي بار بار پڑهي، کپڑا قاڑي، آڇنگارون ڏيئي، پٽڪو پري سٽي، پيرين اگهاڑو، الهبخش جي قبر اڳيان روڄ راڙو ڪجي! منهنجي دل ۾ تہ اها ڪيفيت رهندي آهي.

وري پنهنجي پير جي رحلت تہ هٽي دل ئي "ماتم ڪده" بڻائي رکي آهي. مان اصل ۾ "ماتمي" آهيان. پٽڪو هٽ، جٽي هٽ، مٿو ۽ پيرين اگهاڑو، دامن چاڪ! اصل ۾ اهوئي تہ آهيان، جو هنن خطن جي ذريعي تو وٽ هر وقت اڇي ٻيڻل رهندو آهيان. دل جي اکين سان ڏس تہ سهي!....

ـ محمد امين کوسو.

(۹۷)

۱۹۶۶۰۵۰۲۹ع. حضرت سيداعظم!

امير بهاولپور، حاجي محمد صادق خان جي موت تي ڏک ٿيو اٿم. مسٽر جناح سندس ئي ملير واري بنگلي ۾ سندس ئي مهمان هوندو هو. هڪ دفعي نواب محمد اسماعيل خان صاحب مرحوم و مغفور جيڪو تنهنجي سڏ تي سنڌ آيو هو، تنهن جو هوائي جهاز دهليءَ ويندڙ ئي چار ڪلاڪ ليٽ ٿيو، تہ هوائي اڈي کان نواب صاحب سان گڏ مليو ۽ نواب صاحب مرحوم جي بنگلي تي آياسي. شام جو وقت هو. چاءِ آئي. مسٽر جناح بمعہ مس جناح به اڇي نڪتا. پکوڙا مسٽر جناح جي چوڻ تي حاضر ٿيا، جنهن سان شايد ڪيس رغبت هئي. اها دعوت گويا نواب صاحب مرحوم جي ڪاڏم. مسٽر جناح اُن نڇي مجلس ۾ مان کي نواب صاحب مرحوم سان ڏسي، گهٽائي حوالا ڏنا سنڌ جا ۽ مان کي شاهد پئي ڪيائين.

"Khoso Will bear me out"

نواب صاحب مرحوم جو نمڪ گويا سندس پرپٽ ڪاڏم. سندس موت تي قُل پڙهي، دعا گهريم.

اهم معاملو جيڪو آهي سو ٿو لکان، تہ هي بادشاهہ ۾ منهنجي سائين مٿي محبوب جي دور جو هيو. رياست بهاولپور

طرف سائينءَ جا مريد گهڻا آهن.....اهل الله اهڙن جون امدادون ڪندا آيا آهن، جيڪي سندن وقتن ۾ ٿي گذريا آهن.....

اڄوڪي تاريخ جو معاملو آهي. تفتيش ڪبي ته مزيد حالات ملي ٻه ويندا ته ڪاڻي سائينءَ جي زيارت ڪئي اٿس يانه؟ ضرور ڪوبه ڪو معاملو آهي، جو مان ڪي ڇڪ ٻه اڇي ٿيءَ آن جو منتظر ٻه هوس ته توکي ٻه هن جي نوت بابت پنهنجي دل جا واقعات لکي موڪليان. الله جنت نصيب ڪريس، مرنج مرنجان قسم جو انسان هو. مرڻ هن ملڪ ۾ پسند نه ڪيائين.

سياست ۽ ملڪي معاملات ۾ توکان مٿانهون فرد پاڪستان ۾ ٻيو ڪو ڪونه آهي. اها ڳالهه ئي وري ٻي، جو توکان پاڻ کي مٿانهون ڄاڻن ۽ توکي نظربند ٻه رکن ها! منهنجي دانهن وڃي سندن مٿنهن ڏوتو. هي آزاديون ڪيئن آيون، ڪٿان آيون، سي راز ته ڪونه آهن. آخر ته ائينئي ٿيڻو هو، نه ته جيڪي ارادا ڪري ويٺو هوس.....!

تون بيشڪ فقير آهين. فقير نه هجين ها، ته شاهن جو شاهه ڪيئن سڏيانءَ ها؟ توکي اڄهي زماني ۾ ستايل آدمين يعني شاهزادن، بادشاهزادن جي مڙيوئي خبر رکڻ گهرجي، گئوشالہ ۾ جيئن ڏٽڙيل گهٽن جي هندو ماڻهو وڏيون خدمتون ڪندا آهن، اهي ويچارڙا ٻه ڏٽڙيل گهٽن مثل اٿيئي. انگريز ويو ته هنن جا ٻه ٻه ويا ته ڇهه ٻه ويا. ڪي ته انگريز جا مخالف هئا، جيئن اسان جو بادشاهه قلات! اهو گئوشالہ جي ڏٽڙيل نه آهي، پر پنهنجي نوڪرن، خوشامدين، حالات ۽ ماحول جو قيدي آهي. خوشامدي ٽٽو ڪيس بيخبر رکي ڦريندا رهندا آهن، ائين اعليٰ ترين قسم جو آدمي آهي. "ڪلين شيو ٻه قلندر" آهي.....

ـ محمد امين کوسو.



۱۹۶۶۰۵۰۲۹ع. حضرت سيداعظم!

منهنجي خطن ۾ تنهنجي نظربندين تي توتي ئي ڪاوڙ جا مضمون توکي ياد هوندا. مطلب هوم تہ تون سنڌ کي پنهنجو ادب، پنهنجو لحاظ، پنهنجي سڃاڻ ڏيڻ کان اڳ، اُنهن بدبختان ازليءَ سان اٽڪي پئين يا اُهي تو سان اٽڪيا، جي حڪومتن جا مالڪ ئي تنهنجي صدقي بڻيا.

ايڏي بي ادبي، اها جسارت (جو توکي اهي نظربند ڪن) اُنهن اِن واسطي ڪئي، جو تو رستو هموار ڪري، اُنهن لاءِ پاڪستان جو تخت ۽ تاج ميسر ڪري رکيو هو؟ تُفو برتو اي چرخ گردان تُفو! تون اُهو دڳ ئي ڇو ٿو اختيار ڪرين، جنهن ۾ رڳو احسان فراموشين جي ڪمينہ صفتيءَ جو مظاهرو ٿئي! ڇڏ منڊي کي واريءَ ۾، پاڻهي ٻُوٽ ڀر هڪ دفعو نہ سؤ هزار دفعا کائيندا!.....

تو ڀُٽي صاحب جي خط جو ذڪر فرمايو هو. ڪڏهن ٿا سندس نصيب کُلن ۽ تو در لنگهي ٿو اچي؟ توکي ملڻ جي ٻاهر دعوت ڏئي تہ کيس ٻڌائجانءِ تہ مان بہ ساڻس ملڻ لاءِ ويندس. پر بي سبب پنهنجا خرچ اهڙن ڪمن ڪرڻ لاءِ فضول سمجهان ٿو. سرڪاري اخراجات تي سندس ڪو قبضو آهي تہ اڳواٽ بندوبست ڪري تہ مان جيڪر ساڻس ملان. مان کي سندس لاءِ پيار آهي تہ سر شاهنواز جو پُٽ آهي. سندس آواز ۾ طاقت آهي. سندس آواز ۾ طاقت آهي. سندس اهلينون صحيح صحيح طرح ڪتب اچن ٿيون يا نہ، اهو مان ڪيئن ۽ ڇو چوان؟

مجال سخن تا نہ بيني بہ پيش،
بہ بيهوده گفتن مبر قدر خويش!

پراين محلن اڏڻ بجاءِ پنهنجي جهوپڙيءَ جي خيال رکڻ جو سبق ڏينس! پاڻ نہ ڏينس تہ مان سان ڳانڍاپو ڪرينس!

ڪيترن نااهلن ۽ ناشڪرگذارن جا گهر تو هن وقت تائين اڏيا آهن. سڀ کان اول تہ اُهي نااهل تو ئي پاڪستان جا

حاڪم بڻايا. پوءِ سنڌ آهي- جنهن ڪنهن کي نوڪريون يعني وزارتون تو ئي وٺي ڏنيون. سواءِ هڪ صحيح قسم جي آدمي يعني حضرت شهيد حق الهه بخش جي، ٻيا سڀ هڪ ٻن کان سواءِ نمڪحرام تُنهنجا ۽ سنڌ جا نڪتا! پيرزادو، مير غلام علي خان- هي به تنهنجا نمڪخوار اٿئي! هُئين ليگ جو ليڊر، وري متان پنهنجن سان ملي وڃين! سو اسان غريبن جي هرطرح پارت هجيئي. "ليگ" .....؟ اِن نالي سان دلي بغض اٿم. حق جي فروغ واسطي شيطانن سان ٺاهه ڪرڻ واري ٻي ڳالهه، باقي اِن لفظ مان نيڪي اوڙڪ نه رسڻي!

هاڻي وري سنڌ يونيورسٽيءَ کي "اسلامي" بڻائين ٿا. لفظ "سنڌ" ۾ جيڪو اصلي اسلام نمايان ۽ باطن آهي، سو هن پنجابي "اسلام" ۾ ڪاٿي آهي؟ المدبا

حسن عليءَ جو پيءُ عبدالرحمان ته رڄ چڱو مڙس هو، هن کي ڪهڙي مرض ورتو آهي؟ ڪو هٿ پير پڄيئي ته اِن "اسلام ڇاپ" يونيورسٽيءَ کان بچاءُ ڪجانءِ— الله پناهه! جل تون جلال تون، آئي بلا ٽالِ تون! "اسلام خوليا" انهيءَ کي چئبو آهي، "پارو نه پڙهي، رڳي ڦاهيءَ چڙهي." سڀ ڪم اسلام جي ڊاهڻ جا، نالو "اسلامي"!

بسوخت عقل ز حيرت ڪه اين چه بوالعجبي است!

عبدالرحمان جون شهپرون به سنڌي مسلمان جون هيون. آصف عليءَ جو يار هوندو هو. شيخ صاحب جي ذريعي منهنجي ساڻس واقفيت ٿي هئي. مجلس ۾ خاص جاذبيت سنڌي نموني جي هوندي هيس.

لفظ "سنڌ" سان بغض ۽ بغاوت، اسلام سان بغض ۽ بغاوت آهي. سنڌ سنڌ ئي آهي. سنڌ اسان جو ڪعبو! انهن سنڌ کي سمجهيو ڇا آهي؟ سنڌ جو ڌوتي بند واڻيو به اسلام جي روح کي ٻين هنڌن جي مُلن کان وڌيڪ ويجهو آهي. ڄيٺيءَ جو روح به يقيناً قطعاً اسلام جو قائل آهي. پر ظاهري طرح

ڪنهن جي لاءِ اسلام قبول ڪري؟ آنهن لاءِ جيڪي اسلام فروش آهن !

هر شيخ حرم هے جو چُرا کر بيچ کهاتا هے،
گليم بـــوذر و دلق اويـس چـــادر زهـــرا !

اهي باتيون عشق و پيرهم جون ڪري ڪو چاڻي نہ!
ماقصئہ سڪندر و دارا نہ خوانـده ايـم،
از ما بجز حڪايت مهر و وفـــا مپرس!

يار جي نالي سر قربان ڪرڻ کان نڏو روڪيان، پر يار جو نالو بہ ڪو وڏي نہ ! "وقتي ۽ ذاتي اغراض لاءِ استعمال ڪرڻ اسلام کي ۽ قتل ڪرائڻ مسلمانن کي، اهو دين نہ پر پاپ آهي، ان کي روڪڻ جائز نہ آهي؟ اهو بہ تہ هڪ قسم جو جهاد آهي،

خير ! اِن موضوع تي نہ ڳالهائجي، جو حدن کان ٻاهر آهي،

ـ محمد امين کوسو،

(۹۹)

۲۹-۵-۱۹۶۶ع، حضرت سيد اعظم !

ملڪ ۾ اچڪلهہ هڪ آهي "اسلام خوليا"، ٻي آهي "عوام خوليا"، هرڪنهن جي زبان تي "عوام ـــ عوام" لڳو پيو آهي، خبر ناهي تہ اهو "عوام" آهي ڪهڙي بلا؟

سيد علي محمد شاه صاحب راشدي بہ هن ڏي دور جي اديب جا حق پورا ادا ڪري ٿو، تنهن بہ هڪ مضمون ۾ اها "عوام خوليا" ڏيکاري، چي: "جماعت" جا ميمبر ٿي ويو ـ سبحان الله ! جماعت مان سندس مقصد الائجي ڇا آهي؟ سنڌ کي وڏيڪ تباهہ ڪرڻ مقصد اٿس، يا ٻئي ڪنهن جو خانو "آباد" ڪرڻو اٿس،

توکي اردوءَ جي بيمثل اديب، حضرت مولانا ابوالڪلام آزاد جي مقولي بابت لکيو هوم تہ "هان ڀائي! عوام ڪا ڪيا ڪهنا؟ نہ مانني پر آئين تو مسيح ابن مريم ڪو نہ مانين، مانني پر آئين تہ گؤسالہ کي پرستش ڪرين!" سو اِن قسم جو "عوام"

بہ هنن "عوام خوليا" وارن جو آهي.

مسٽراعظم خان جرنيل، فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جو سنگتي ۽ يار غار آهي. جيڪب آباد ۾ آيو تہ مير جعفر خان جمالي جي بنگلي تي مان جيان وڏا وڏا واعظ، نجي ملاقاتن ۾ ڪرڻ لڳو. مان کان رهيو نہ ٿيو. مان فرمايو تہ "اِن جمهوريت ۽ عوامپسنديءَ جا اسان ڏڌل آهيون. الائي ڪهڙين حرفتن سان توکان ۽ تُنهنجي يارن کان کَلَ بچائي ورتي آٿسِي اڳي- سو هاڻي توکي اهو مرض نئون لڳو آهي. تون پاڻ کي سمجهاءِ، اسان گهڻو ڪجهہ سمجهيل آهيون. شال! توکي اهي واعظ راس اچن- وري نہ ڀڳ ڪپائي، پنهنجن سان شامل ٿي وڃين؟"- ڏاڍو اِن تي کِليو. آتي ئي سڀني کي چوڻ "لڳو تہ هيءَ سچو آدمي نظر اچي ٿو."- دل ۾ چيم، متان نوٽ ڪندو هجين اهو نالو! دوباره مارشل لا جاري ڪرائي، پاڻ بہ آن ۾ شامل ٿي ڪري، مان تي خود پاڻ ئي گواهيون ڏين، تہ مان غريب تُنهنجو ڇا بگاڙي سگهندس!

سو، ملڪ آيو آهي اهڙن جي هٿ ۾- الله پناهہ ڏئي! اميرالمسلمين ايوب خان بادشاهہ کي تہ پتو ڏيڻ ڏيندائي ڪونہ هوندا، يا اصل کيس اڳ ۾ ئي پتو ڪونہ آهي تہ "ڪُڪڙ ڪاٿئون مٽي ٿي؟" منهنجي وڏن وڏن خطن مان متان غلط فهمي ٿيندي هجئي؟.....پنهنجو پاڻ ڄاڻين، مان رڳو توکي تنهنجي پنهنجي ڪارنامن جي يادگيري ڏياريان ٿو. تنهنجو قدر نہ ڪيائون، حيف هجين!

مان تہ جيڪي آهيان، آهيان، تون تہ آنهن جو سنئون سڌو محسن آهين. شيخ صاحب تہ سندن ابو ڏاڏو آهي. سنڌي بيخبر تہ ڏس! تو پاڻ کي انهن لاءِ جهوري رکيو، اٿن ڪو احساس؟ ملڪن ۽ قومن جون بربادیون مڪمل ائين ٿينديون آهن. پر اڃا ڪي آهين ڪلجڳ سندا ڪاپڙيَ! - محمدامين کوسو.

(۱۰۰)

[انگريزي ۾]

هوٽل اورينٽ حيدرآباد!

سيداعظم، جي-ايم- سيد، مهرباني ڪري ڪجهه ڏينهن حيدرآباد ۾ رهو ۽ مڪمل آرام ڪريو. دوائون حد کان وڌيڪ نه واپرايو، مون کي روزانه اطلاع پهچڻ کپي، ٻيءَ صورت ۾ سخت انتظار رهندو.

خط ۽ تار لاءِ مهرباني! — محمد امين کوسو.

(۱۰۱)

عزيزآباد، انڙواه، ضلعو جيڪب‌آباد.

۱۹۶۶۰۵۰۳۰ع. حضرت سيداعظم!

منهنجي خطوط جو هڪ موضوع تہ تون سنڌ جو والي وارث ۽ مالڪ ملڪي ۽ سياسي معاملات ۾ آهين! توتي عيان ٿيو آهي يا ايڏا آن باري ۾ ۽ مسٽر جناح جي رفاقتن جا پردا چڙهيل آٿئي؟ جيڪو جنهن شيءِ جو مالڪ هوندو آهي، آن جي سنيال ۽ پرداخت جو بندوبست ۽ انهيءَ کي ئي ڪرڻو آهي. ٻين جو ڇا وڃي، جو پرائي شيءَ جي پرداخت ڪن؟

سنڌي جيڪو ۽ جاتي ۽، تنهن جو سياسي وارث ڪون آهين. وارث ڇا سنڌي، سنڌي نہ آهن ڇا؟ انهن جو وارث، ليڈر ۽ قائد ڪون آهين. هڪڙئي کي منهنجي خطن جي روشنيءَ ۾ سچاڻي ونو. تون مالڪ، آهي تنهنجا پوئلڳ سمورا سنڌي!

وري جو سيد علي محمد شاهه صاحب راشديءَ جو ڪتاب "آهي ڏينهن آهي شينهن" نازل ٿيو آهي، تنهن تہ سنڌ کي اها علحده هستي ڏني آهي، جو ڪو ۽ لک جتن ڪري، تہ ۽ سنڌ ٻين سان ڪانہ ملندي. گوکہ سنڌ جو اصلي مقام يعني روحانيت جو باب ايڏا تائين واضح طرح بيان نہ ڪيو اٿس. شايد ٻئي، ٽئين يا چوٿين جلد ۾ ايندو. ڪيس سندس ئي مضمون، بينچ تي بيهاري، منهن پٽ ڏي ڪرائي، بر زبان پڙهائڻ گهرجن،

من ڪو احساس جاڳيس! پاڻ هاڻي، وتي ٿو ڪئن جي چت لڪندو. فلاڻي ڪُئي هيئن چيو، فلاڻي ڪُئي هيئن ڪيو!

پُڇا ڪرينس، ”ڇڏ اهي خبائتون، سنڌ جو ٿي بيهه! هرو ڀرو مانيءَ ٽڪر واسطي ملڪ ۽ قوم جي قسمتن تي ته تاريڪيءَ جا پردا نه چاڙهيندو رهه!“ـ سندس احسان سنڌ تي، جو اِن ڪتاب پڙهندي، جي ڪو سندس پنهنجين حرڪتن جو بيان ڪندو ته ڪو مڃيندو ئي ڪونه، ته ههڙي ڪتاب جو لکندڙ به مانيءَ ڳيي واسطي ايترو ڪري پيو هو! خير! کيس پڄي پوندس، جي تون واهر ڪرين ته.

حال‌في‌الحال ته توسان ٺاهه جي معاهدي جا فقرا پورا طئي ڪري وٺان. مٿو جاءِ تي رکي، يعني هوا ۾ نه اُڏري، پاڻ منهنجي حوالي ڪر! نهايت ايماندار سنڌي، پراڻين خوبين وارو مڪمل ”اسٽاف“ پاڻ وٽ رک. هيڏو سارو اٿاهه ڪم، ٿوري وقت اندر توکي ڪرڻو آهي! سنڌ جاڳائڻي ۽ بڻائڻي اٿئي!! سنڌي وائڙا، واڇ-پٽيا، بيخبر، ڪم حوصله، تن کي سڌارڻ جا طريقا ڳولڻا آهن. ڳولي، اُن تي بنان‌دير عمل ڪرائڻو آهي. ڇهن مهينن اندر سنڌ کي سنڌ بڻائڻو آهي.....آهين شعله‌مزاج آدمي، وڏا فرائض آهن تنهنجا! وقت جون تقاضائون محسوس ڪر، متان غلطي ڪئي اٿئي!

منهنجا خط محض قصن ۽ ڪهاڻين جا نه آهن، انسان جنهن مشڪلات ۾ گهيريل آهي، اُن جو ذڪر ڪيو اٿم.

هيءُ ملڪ واديءِ مهراڻ، ج-ن (جمنا نربدا) سنڌ ساگر پارٽيءَ وارو ملڪ، بهشت برين جو هڪ ٽڪرو آهي زمين‌تي! هن جون اصلي حدون ته آسمانن تائين پهتل آهن، پر زمين تي به ڪامل قنڌار سڀ انهيءَ جي زيراثر اٿئي! سنڌ، سنڌ، هر وقت سنڌ پڙهندورهه!.... سنڌ بابت جوش ۾ اچي، ڳالهه ٻولهه ڪرڻي ڪانه آهي.

جيڪو ڪجهه هنن الهامي خطن ۾ جدا جدا صفحن تي پکڙيل آهي، سو سڀ انسان ذات جي ڀلي خاطر بندوبست آهي،

ٻيو ڪو چارهٔ ڪار ڪونه آهي. سڀ ڪجهه سنڌ کان ٿيڻو آهي. سنڌ ئي نجات دهندهٔ عالمِ انسانيت آهي.

سنڌ ۾ اسان جو ڀائٽيو ذوالفقارعلي خان ڀٽو به آهي، پر ٻين جو دهل وڄائيندو وٽي. اهو آواز ٻين جي خاطر بي سُودو ڪياڻين. ڇا فائدو ٻين خاطر دهلاري بڻڻ مان؟ تو جي-ايم-سيد ۽ شيخ صاحب جون تعريفون ڪري ها، توهان وٽ پنڌ ڪري ها ۽ فوٽا ڇپائي ها، مان محمدامين کوسي کي ذريعو بڻائي، ته وڏي ۾ وڏو قسم يعني "ڄيٺيءَ جي چمپل جو قسم" کڻي چوان ٿو، ته ڪشمير پاڪستان جو حصو بنان خونريزيءَ جي بڻائي ڏيکاريان ها. هاڻي به ائين ڪري سگهندو آهيان. وقت ورائڻ ويجهڙو نه آهي- ڪو صحبت سپرينءَ جي ڪرڻ ڄاڻي سهي! ..... هيءَ درگاهه شريف بمع پير سائين پاڳارن ۽ سيد علي محمد شاه و حسام الدين شاه جي؛ هُوءَ ڀرچونڊي شريف عشق حقيقيءَ جي نگري؛ هو امروٽ شريف، خليفي صاحب جو مرقد؛ هوءَ دين پور شريف جتان ٻيڙي محبوب عبيدالله سنڌيءَ جا پيغام شب و روز، هرگهڙيءَ هر لحظي پهچندا رهن ٿا؛ هو دل جي بلڪل قريب، انهن سڀني مقامات جي برڪتن هيٺ سن شريف، سنڌ جو زنده جاويد سياسي ڪعبو: مان جو انهن طاقتن جو نمائندو ڪجهه نٿو ڪري سگهان، ته ماءُ ٻيو ڪهڙو پٽ ڄڻيو آهي، جو هندستان سان مان کان وڌيڪ مقابلي آرائيءَ جي طاقت رکي ٿو؟ "گفتن و ڪردن فرقي دارد" مان ڪري ڏيکاريندڙ ۽ عملي آدمي آهيان، هندن کي راضي ڪريان دڙڪن سان توڙي مِٺ محبت جون ڳالهيون ڪري، آهي آڻ مڃيندا، ته منهنجي ڳالهين اڳيان، ٻيا وڃي.....! مرندي مري ويندا، ٻين جي دام ۾ مان وارا "ڪراڙ صاحبان" نه اچڻا!..... شاهه صاحب قبلا! رحم ڪر سنڌ جي ايندڙ نسلن تي. وڙهه ۽ مقابلو بلڪل نه ڪر باقي اصليت ته بي نقاب ڪر. اسان کان سواءِ ڪجهه به نه ٿيڻو! جي اسان حق پرست آڱر جي اشاري جون سڀ

مهمون محتاج بيٺل آهن. ”تون ۽ مان۔“ ”تون سيد اعظم، مان هڪ ادنيٰ غلام ـــ ۽ حضرت شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو اسم گرامي“ ـ اهو اٿيئي معاملن کي طئي ڪندڙ ”گروه“. ڪل ٽي عدد ـــ! Three men only. يا هميشه جون تاريڪيون ۽ بربادیون سهه ۽ قبول ڪر، يا اِنهن ٽن ماڻهن جي هٿان پاڪستان ۽ هندستان جي موجوده ۽ آئينده نسلن ۾ امن ۽ عافيت جون بنيادون رک! فيصلو تنهنجي هٿ ۾. يا ”اين بڪن يا آن بڪن.“

ـ محمد امين کوسو.

(۱۰۲)

۳۰-۵-۱۹۶۶ع، حضرت سيد اعظم!

ڪنهن سان وير وروڌ ڪونه آهي. پر روشنائيءَ جو ڦهلاءُ تاريڪيءَ کي ختم نه ڪندو آهي؟ تنهنجي نالي ۾ روشنايون آهن. چهري تان پردا هٽاءِ ۽ انجمن آرائي ڪر! اکٻوٽ جو کيل بند ٿئي. آفتاب عالمتاب جون روشنايون مصنوعي پردن سان ڍڪي نه سگهبيون آهن.

تنهنجي ڪتابن جي اشاعت ۾ ايتري تاخير ڇو ٿي ٿئي؟ ڌڙا ڌڙ نڪرندا رهن. سنڌ جي فضا اُنهن سان معمور ٿيڻ گهرجي. معنائون مان پاڻ ڍڪائيندو رهندوسانِ!

ـ محمد امين کوسو.

(۱۰۳)

۳۱-۵-۱۹۶۶ع، حضرت سيد اعظم!

نواب امير حاجي محمد صادق خان جي تدفين جو احوال پڙهيم، دل کي ڏاڍي ڇِڪي آئي. مان به بي اختيار رُنس. ”لک مري، لکپال نه مري.“ ظاهر آهي هزارن نادارن جي خدمت الله هن جي هٿان ڪرائي هوندي! دل ۾ ور ور ڪري خيال ٿو جاڳي ته سندس قبر تي ساڻس ماڻ وڃان! اهوئي هنڌ آهي، جتي شاهيءَ ۽ گدائيءَ ۾ امتياز جا پردا هٽي ويندا آهن. الله جو بندو، الله

اڳيان سيني درماندگين ۽ عاجزين سان حاضر هوندو آهي.....
توکي ۽ تنهنجي جاءِ کي مان هندستان ۽ پاکستان جي سياست
۾ هڪ مرڪزي مقام ڏنو هو. افسوس آن وقت تون پاڻ
سنياليِ نه سگهئين. وڏو نشو توتي چڙهيل هو غلط خيالات جو
کيڏو وڏو نقصان ڏئي وئين بيخبرين، کاوڙ، غصي، جوش ۽
جلال ۾ ! هاڻي به حالات جو پورو جائزو رکي پاڻ هلائين،
تہ به مسلمانن جو عروج تنهنجي ذريعي اسلام جي صحيح صحيح
ترقيءَ جي صورت وڻي ٻيهندو. کريلن کي اٿارڻ، آٽيلن کي
رفتار جي لذت ڏيڻ، هلندڙن کي پرواز جي طاقت ڏيڻ، سيڪنهن
جو ڪم نه هوندو آهي. منهنجي نگاهه انتخاب توتي ٻنان سببن
جي ڪانه ٻيئي آهي.

اقبال جو هڪ شعر مان کي ڏاڍو پسند آهي.

مقام شوق ترے قدسيوں کے بس کا نہيں،
انہيں کا کام ہے يہ جن کے حوصلے ہيں زياد!

سو مسلمانن جي زوال جو چڪر ڦيرائڻ "جناحن" جو
ڪم تہ نہ هيو، جو مان هن جي "زنده باد" جي نعرن ۾
توکي ڏسان ها ۽ خاموش ويهان ها، يا شيخ صاحب پاري کي
پنهنجي ئي اکين آڏو "جناحي سياستون" ٺاهيندو ڏسان ها !
محض "مسلمان" هجڻ، هت، هن مقام تي کهڙي ڪم جو؟
هت تہ آهو هجي، جو هزار گناهگارين هوندي، مئي متي مهراڻ
۾ ٽپو ڏيئي ٻيهي. وقت اچي تہ وڏي ۾ وڏي جناحيءَ کي
ٽپڙ ٺوکي ڪيي ۽ پنهنجو سينو ۽ سير ظالمن جي اڳيان
پيش ڪرڻ کان نہ گسي ـ لهو پنهي ڏنو، زخمي ٿيئي ٽياسي.
الهم بخش مئل شهيد، مان جيئرو شهيد! سو منهنجي دل دردمند
۽ نگاهه حق پرست تنهنجون چوڪٽون ڳولي ڪيڏون تہ خطا نہ
ڪيائين، باقي تون پڌين نہ پڌين. پڌين ۽ پورو نہ سمجهين،
سو تنهنجو ڪم. توکي آهو دڳ وٺڻو ئي ڪونہ آهي، جنهن
۾ توکي سمجهاڻين جي ضرورت پوي، تہ تون سياستن ۾ آهين

بابا آهين. تون، تون آهين. "من، منم"- جوئي آهيان سوئي اهيان، هندو مومن ناهيان!.....پاڻ سو بلڪل ٽڪارو آهيان، پر عشق و محبت جي منزلن وارن جون غلاميون الله مان کي نصيب کرايون.

هاڻوکي سنڌ جي ننگي کل کي سڌو کري بيهارڻ کم تو سنائي سيد جو. تون جاتون محض لنگهنديون، آتان ايندي بوءِ بهار جي!.....اهو کم به بندوبست ۽ ظاهري انتظام تہ گهرندو. هڪ شخص واحد جي بدن ۾ ايتري سکت آهي کاڻي، جو هيڏو سارو کم رڳو پاڻ اڪيلي سر آڻلائي. هڪدم، بنا دير سرمايو، قومي سرمايو توکي گڏ کرڻ گهرجي. سنڌ، تنهنجي نالي تان جان نہ گهوري رکندي، پر اهو جان نثاريءَ جو هنر توکي کيس صحيح دڳ سان ڏيڻو پوندو. اڳ به تنهنجي ئي حڪمن تي سنڌ غلطخرامي‌ءَ کان کم ورتو. سڀ ڪجهہ تنهنجي اشارن ۽ حڪمن تي سنڌ کري ڏيکاريو. تنهنجي جذبات کي برانگيخته کري، توکان غلط کم کرايو ويو هو. الهبخش پارو املهہ ڇڪ تون وڃائي ويٺين. هاءِ افسوس! سياستون خاکبازن وارن جون چوندس چو؟ مان رواجي سياستن جو داعي نہ آهيان. مان وت تنهنجي موجودگي اهڙي طاقت آهي، جنهن جو مثال کونہ آهي. رڳو صحيح‌صحيح دڳ وڌجي. پنهنجون موجوده وتڻون ۽ حدون نہ وساريجن. آن جي معنيٰ ئي اها آهي تہ توکي غلط طرح استعمال نہ ڪيو ويو، تہ اسان جي وتين ۽ حدن وسائل جي اوڙڪ ئي کانہ ٿي رهي. سمجهين ٿو، جيکي فرمائي رهيو آهيان؟

معاف فرمائجانءِ، مان سياست جي عملي راهن جو پاڻ خود واقفڪار آهيان! اهو هنر هاڻي پيرانہ سالي‌ءَ ۾ ٻين کان نہ سکندس. جاڻان ٿو، جيکي جاڻان ٿو. تو پاري جي موجودگي‌ءَ ۾ ٻئي کي ملڪ ۾ وڏو ڇڻ ملڪي معاملي ۾ گڏهن ۽ ڪٽن جو کم آهي. اهو هو منهنجي خط جو مطلب، جيکو ڊاريڪٽر

تعليمات کي ڪيئن ڪم ورتي پڙهه! انهن کي پڙهيل ڪيئن ڇئبو سنڌ اندر جن کي ڏهنجي ۽ شيخ صاحب جي مقام جو پتو ڪونه اهي؟ جي آهي ته ڊڄ کان ڇپيا ويٺا آهن. شاهه جو ڪلام هڙن سنڌين واسطي آهي؟ حضرت شاهه لطيف کان تو پڇاڙو ڪيون آهن ته کيس آهي گوڙ ۽ گهمسان، سندس ڪلام جي بي ادبي ڪندڙن جا وڻن ٿا؟ ڪجهه ته لحاظ رکبو آهي. فرق مراتب اهو آهي، جو شاهه جي قبر کي مٽيءَ جو ڍير ڄاڻي، توکي قيد ڪندڙن جون تعريفون ڪيون وڃن!

مان کي خوف جاڳي ٿو، سنڌين جي موجوده نسل کي اهڙن بي ادبين ۽ گستاخين ڪري، آهي اهل مماتيءَ وارا پڻي حلائي نه رکن.....اندازو ته ڪر، مارئيءَ جا گيت پڙهندڙ، سن شريف جي نظربند کي وسارين ٿا ۽ برهمو سماج جي مندر ۾ رهندڙ ڀير مرد جوان همت شيخ صاحب جو نالو نٿا ڳنهن؟

حضرت امام مالڪ کان هڪ ڪربلا جي پاسي رهندڙ پڇا ڪئي، هيءُ ته چچڙ، جو ڪنهن کان حج ڪندي مري پوي ته دم ٿيو يا ڪيئن؟ حضرت امام کان رڙ نڪري ويئي ته اي انسانو! حضرت امام کي شهيد ڪندڙن جي ملڪ مان چچڙ جي رت هارڻ جو مسئلو پڇي رهيو آهي.

سيد اعظم جي-ايم.سيد ۽ فخر سنڌ و هند شيخ صاحب جي دور جو سنڌي، سنڌ دوستيءَ لاءِ مارئيءَ جي گيتن کي پڙهي ٿو.

وائـــي ناڪامي متـاعِ ڪاروان جاتا رها،
اورڪاروان ڪي دل سي احساسِ زيان جاتا رها!

شاهه جي اُن ڪلام جي معنيٰ ئي هڪ شيخ صاحب ۽ ٻيو تون!! متان جوش آيو اٿئي ۽ اُٻار ڪڍيا اٿيئي! وقت ورائڻ ويجهڙو نه گهبراءِ، نه ڪاوڙ ۾ اچ! تون آهين، سڀ ڪجهه آهي. گهُم، گشت ڪر. سنڌ جي گهٽيءَ گهٽيءَ کي پنهنجي هٻڪار سان آزاديءَ ۽ انسانيت جو مظهر بڻاءِ! تون گُلِ گلزار آهين. ستلن کي هرهنڌ پنڌ پيئي وڃي جاڳاءِ! ـ محمدامين کوسو.

(۱۰۴)

۱۹۶۶.۶.۲ع. حضرت سيد اعظم!

چوڻي آهي ته ’ڇتو ڪُتو‘ به مالڪ سڃاڻيندو آهي. ه (سنڌي) حضرت فخر سنڌ و هند شيخ صاحب ۽ توکي ٻنا سڃاڻن. خطا ڪنهن جي؟ جيتري اُنهن جي اوتري توهان جي تعجيل ڪ ن جي. لکيو اٿم، لکندو رهيو آهيان ته وقت ورائڻ ويجهڙو- سڀ رمزون تو ۾ ئي آهن. ٻين جون ساريون عمريون، تنهنجي هڪ گهڙي! سنڌ ته آهي ئي اهڙن جو هنڌ، جاتي قيامت تائين سندن تنوارون ڪنن وارن کي ٻڌڻ ۾ اينديون. سندن جلوا، اکين وارن جي سامهون رهڻا ئي آهن. تون اُنهن ’برهه وارن‘ جي نمائندگي ڪندڙ ”شاهن جو شاهه“ فقير آهين. معاملا سڀ سنوان ٿي بيهڻا توسان ۽ تو وڏان آهن.

منهنجي نزديڪ سڀ کان اهم بات پير علي محمد راشديءَ جو مضمون هوندو آهي. توسان سنڌ جي ون يونٽ جي باري ۾ اختلاف ڪيائين، سو ٿورو لڄ ڪندو هوندو. پر هن کي اهڙن معاملن ۾ لڄ ڪانه ايندي. انهيءَ جو استاد مان آهيان، پر ملندو گهٽ آهي. سندس مضمون پڙهي، ڏک ۽ حيرت ۾ پئجي ويندو آهيان، ته هي ڪري ڇا ٿو؟ باتيون ته لاجواب، پر نتيجا هميشه غلطين سان ڀريل ڪڍندو آهي. ڇو نه چوندو آهي ته جي-ايم سيد واري سنڌ، دنيا جي رهبري ڪري سگهندي آهي.

— محمد امين کوسو.

۱۰۵

۳-۶-۱۹۶۶ع. حضرت سيد اعظم!

..... تون مس جناح جي اميد واريءَ وقت شمس‌الدين شاه پارن جون واڇون ٽڙيل ڏسين ها، ۽ منهنجي نگاهه بڻجي ڏسين ها، ته توکي بيحد ڪاوڙ اچي ها.

قدرت توکي حضرت سيد اعظم جي- ايم- سيد ته بڻايو، ٻيو تو سان ڪهڙو لطف ڪري ها؟ باقي پاڻ کي استوار

ڪرڻ هن تاخير کان پوءِ به تنهنجو ۽ ٻيڻ سنڌين جو ڪم آهي، جيڪي هاڻي سڀ جا سڀ شاهه جي ڪلام جا ماهر ۽ پارکو ٿي پيا آهن!

هڪ تو پاري شاهه جي حقيقي معنيٰ بيان ڪندڙ جيان مولوي صاحب واعظ ٿي ڪيو. هڪ ٻڪرار بيٺي ٻڌو. مولوي صاحب جي ڳالهائڻ وقت ڏاڍو ٿي رنائين. واعظ کان پوءِ مولوي صاحب هن سان ڀاڪر پائي مليو. چيائين "ادا! توکان سواءِ هن محفل ۾ اوندهه هجي ها. توئي منهنجي واعظ کي سمجهيو". ٻڪرار جواب ڏنو ته "مون تنهنجو ڳالهائڻ ته ڪونه سمجهيو، پر تُنهنجي ڏاڙي ائين لُڏي رهي هئي، جيئن منهنجي ٻڪر جي ڏاڙهي منجهند مهل اوڳر ڪندي لُڏندي هئي!"

تون ۽ شيخ صاحب اهڙن سنڌين ۾ گهيريل آهيو! واهه سبحان الله، ڇو نه شاهه جون ورسيون ملهائين! سنڌ بلڪل آزاد آهي! سنڌ جي زميندار، شاهوڪار، عزت آبروءَ واري ۽ مسڪين، هاريءَ ناريءَ، غريب جو سڀ ڪجهه سلامت آهي. نه چوريون، نه ڌاڙا، نه ڦر نه فساد، ملڪ ۾ چوطرف چوڌار امن امان آهي، صلح سانت آهي! وقت ئي شاهه جي ورسين ملهائڻ جو هيءُ آهي!!! باقي رهيئو تون ۽ شيخ صاحب، اهي ڪهڙي حساب ۾؟

شاهه صاحب (لطيف) مان محمد امين کوسي کي فرمائي ٿو ته سواءِ سيدن، فقيرن، اهلم علم ۽ غريب غربن جي، ٻين آڪڙخانن جي ٻُوٿَ ۾ ڪيريءَ سان ڀريل موچڙا مار!

خود حسام الدين شاهه صدارت ڪندو، ائين چوندو ڇا ته جنهن دور ۾ حضرت سيد اعظم نظربندين ۾ هجي، اُن دور تي شاهه لطيف ڀٽائي گهوٽ جون ابدي ڪاوڙيون آهن.

جي شيخ صاحب ۽ خود جي-ايم سيد نه هجن ها ته سنڌ اونڌي ٿي پوي ها. ڪتي ۽ گڏهه کي به جيڪو ماني يا گاهه اڇلائي ڏيندو آهي، اُن جو کين پتو هوندو آهي، هنن

(سنڌين) کي توهان جو احساس ئي ڪونہ آهي.

ائين چوندو. جي نہ چوندو تہ ٻيو جيڪو ڳالهائيندو، سڀ ڪوڙ هوندو، يا محض خوشامد بيجا هوندي. شاهہ صاحب جي ڪنن تي اهو بارُ آهي ۽ ڪمال بي ادبي ٿيندي، جو شاهہ جي سامهون اِن قسم جا خرافاتي خطبا پڙهيا وڃن ..... هيءُ خط، شاهہ عبداللطيف جي پيغام کي تو تائين پهچائي رهيو آهي. تون ئي کڻي جنهن محفل ۾ هجين، تو بابت پوري الفاظ سان ذڪر نہ ڪرڻ، لطيفي روح کي چڙ ڏياريندڙ آهي. مان تہ شاهہ عبداللطيف گهوٽ جو محض پيغام، پنهنجي ناقص الفاظ ۾، تو تائين پهچائي رهيو آهيان.

— محمد امين کوسو.

(۱۰۶)

۱۹۶۶.۶.۴ع. حضرت سيد اعظم!

پنهنجي خيالات جي اظهار تي هرڪس و ناڪس وٽ احتياط رکندو ڪر. عام سنڌين جا حال اهي آهن، جو وتن ٿا گوا ماريندا. نہ نقصان جو پتو، ۽ نہ ڪا کين عزت نفسي بہ آهي.

اقبال هڪ شعر ۾ هڪ "محڪوم" جي قبر جي فرياد لکي آهي، تہ قبر بہ اُن مُردي کان فريادي آهي، جو ههڙو منحوس مرد اُن ۾ آهي.

اهي حال اٿن تہ تنهنجي نظربندي ۽ شيخ صاحب جي مقدمن جي تائيد بہ شاهہ صاحب حضرت ڀٽائيءَ جي ڪلام مان ڳولي ڪڍندا. غلامن جي ڪهڙي ثقافت يا ڪلچر؟ غلامن جو ڪلچر پرايا جوتا صفا ڪرڻ! شاهہ جي ورسين ڪرڻ جو اُنهن کي حق ڏنو ڪنهن؟ اڄ سنڌ "ماتم ڪده" آهي، هي هليا آهن شاهہ جي نالي اجتماع ڪرڻ! ائين ٿيندو آيو آهي. "بدنام ڪنندے نيڪو نام چند". شاهہ جو ڪلام، عشق، مستي ۽ حرارت پيدا ڪندڙ ڪلام آهي. اُن ۾ غلاميءَ کي جلائي خاڪ ڪندڙ شعلا موجود آهن. شاهہ جي ڪلام سان نسورو ظلم آهي، جو اُن کي ٽوڙي

مروڙي هنن حالات مطابق بڻايو وڃي. بهتان عظيم شاهه جي ڪلام تي هڻندڙ، ڪيئن شاهه جي ڪلام جي محفلن جا صدر ٿي سگهندا آهن؟ شاهه چيو آهي ته "خرات برسر بام ۽ يوسف به چاهه" ڪريو؟ ٻين جي زنده بادن جا نعرا آهن ۽ جي-ايم سيد، شاهن جو شاهه، ڳوٺڙي جي فضا ۾ بند؟

اهڙن کي نه شاهه جي نالي وٺڻ جو اختيار، نه هن زندگيءَ جي نغمن کي ڳائيندڙ وجد آفرين شاعر جي ڪلام پڙهڻ جو حق! آهي شاهه جي ڪلام سان ٺٺولي ۽ مسخري ڪن ٿا.

پنهونءَ جي فراق ۾ رت روئيندڙ سسئيءَ جي زباني جيڪو فرمايو اٿس، آن کي ڪير پڙهندو ۽ پروڙيندو؟ اهڙا مجموعا، جي محض فضوليات ۽ خرافات، سي به ساده آدمين جا نه پر سياسي شاطربازين سان ڀريل هجن، غلاميءَ جي جذبن کي تقويت ڏيندڙ آهن. سي ممنوع قرار ڏنا وڃن. قوم جي روح، قوم جي عزم کي ماريندڙ ۽ فنا ڪندڙ، اهي حرفتن ۽ شعبده بازين سان ڀريل مجموعا، پراڻن ملهه ملاکڙن جي ميلن کان لک دفعا وڌيڪ خطرناڪ آهن. اهڙا مجموعا، سنڌ جو روح ماري ۽ فنا ڪري رکندا. — محمدامين کوسو.

(۱۰۷)

۹.۶.۶۶ع. حضرت سيد اعظم!

اخبار ۾ طبع جي ناسازيءَ جي خبر پڙهي، دل بيچين ٿي. ننڍڙن معصومڙن ڪنون خان ۽ نڪوخان کي چيم، ته "جي-ايم سيد بيمار آهي، اچو ته دعا گهرون." نهايت نماڻائيءَ سان ٻارن هٿ مٿي کنيا. اخبار ۾ وري ڪابه تندرستيءَ بابت خبر نظر ڪانه چڙهي، ڪمشنر مسرور حسن خان کي تار ڪيم، ان ۾ هڪ تعريف تنهنجي 'The great living man in Pakistan' لکيم. حضرت مولانا ابوالڪلام آزاد، "ٽالسٽاءِ" جي تحريرن جي تعريف ڪئي آهي. مان هاڻي آن کان پوءِ دوباره ٽالسٽاءِ جي ڪتابن تي ورهين کان پوءِ نظر وجهي رهيو آهيان 'War and Peace' جي پهرئين جلد ۾ هن نيپولين بوناپارٽ واسطي ڪنهن پنهنجي

ڪئريڪٽر جي زباني، 'The greatest living man Erope' لکيو، جو اڄ ڏٺم.

عجيب اتفاق هڪ پراڻو تاريخي افسانو ۽ هڪ هاڻوڪي حقيقت!! نيپولين جي حالات سان بيحد دلچسپي هوندي هيم، جو انگريزن جي دشمنيءَ جو شڪار ٿيو. ٻيون جيڪي خاميون هيس، اُنهن تي اِن هڪ خوبيءَ سبب نگاهه پوندي ئي ڪا نه هيم. ڪيترائي ڪتاب سندس حالات بابت ڏٺم.

تنهنجو لکيل خط "اورينٽ" جي پئڊ تي آهي، تنهن جي معنيٰ "اورينٽ" ۾ آهين. اُن کي به درجو ٿيو.

علامه غلام محمد گراميءَ، حضرت مولانا (سنڌيءَ) جا اشارا ۽ حوالا شاهه بابت ڪنهن سندس تقرير ۾ ڏنا آهن. اهو ڪير آهي؟ ڇا ٿيندو آهي؟ حضرت مولانا بابت ڳالهائڻ جو حق ڪاٿئون حاصل ڪيائين؟ ڪا خبر هجيئي ته لکي موڪل! مولانا جو نالو ته ورتائين، پر هن دور ۾ شاهه جي ڪلام جي جيئري تفسير ۽ معنيٰ، يعني جي-ايم-سيد جو ذڪر ته نظر ڪونه چڙهيم.

سندس مضمون مولانا عبدالڪريم چشتيءَ بابت ڏٺو هوم. مولانا چشتيءَ جي سياست جو وڏي عرصي کان مان سان تعلق رهيو، اُن بابت ته هڪ لفظ به ڪونه هيو. گويا سنڌ جي تاريخ، موجوده تاريخ جو اهم ترين باب، هن علامه جي ذهن تائين رسيوئي ڪونه. اِنالله وانااليه راجعون! — محمد امين کوسو.

(۱۰۸)

۱۹۶۶.۶.۱۳ع. حضرت قبلا جي-ايم شاهه صاحب!

منهنجي خطن ڪو به اهڙو پهلو ڪو نه ڇڏيو آهي، جو تشنهء وضاحت هجي. سمورن خطن کي گڏ ڪري ڏسندين، ته هڪ نئين دنيا، نئين انسانيت، جيڪا پنهنجي آدميت جي فروغ ۾ مشغول هجي، تنهنجي ذريعي پيدا ڪرڻ گهران ٿو. ۽ اُها انسانيت ۽ عالمگير تحريڪ، سنڌ تنهنجي اڳواڻيءَ ۾ هلائي،

ڪاميابيءَ تائين پهچائيندي. اِها آس، اِها اميد هنن خطن ۾ آهي!

اهو محض وهم آهي، پُور آهي يا خيال آهي، جو شرمندهٔ عمل نه ٿي سگهندو، سو ته تڏهن چئجي، جڏهن تون پاڇاريءَ ۾ ڍڪڻ لاءِ تيار ٿي بيهين! شخص واحد هن دور جو، هن دور جي خرابين کي چئلينج ڪرڻ لاءِ آٿاري بيهاريو اٿم، سو تون آهين. منهنجي اسڪيمن کي محض وهم ۽ پُور ته تڏهن چئجي، جڏهن اڳ ڪا اهڙي ڳالهه ڪئي هجيم. ماڻهو سؤ دفعا اعتراض ڪن ته ڇا ٿيندو، جڏهن ڳالهه ئي اڻ ٽرندڙ منهنجي ذهن ۾ اچي ۽ زبان ۽ قلم مان ظاهر ٿئي؟

حادثه وه جو اڀي پردهٔ افلاڪ ۾ هے
عڪس آس ڪا ميرے آئينه ادراڪ ۾ هے!

مان ٻين کي ڏسندڙ، چوندڙ نه آهيان. پنهنجي ئي دل ۾ جيڪي ڏسندو آهيان، آن جو اظهار ڪندو آهيان..... مُنهجو رُخ تو ڏي آهي ته ڄاڻ پڪ ڄاڻ ته سارو معاملو ئي تو وٽان ٿيڻو آهي. سو جيتري سُستي ذهن، دل ۽ دماغ جي توکي هن اصول جي اهميتن کان روڪيندي، اوتري ئي مصيبت ساري ملڪ کي ڀوڳڻي پوندي. ملڪ جو ڇوٽڪارو تون نٿو پڙهين ڇا؟ آڻي بيهاريو ئي آتي اٿم ته جي-ايم شاهه جي چوکٽ پڪڙجي، شڪ شبها هاڻي پوءِ ڇا جا؟ ڪا ترميم جي گنجائش هجي ته مان آن جي اجازت ڏيان. هن آٽل قانون ۾ گنجائش آهي ئي ڪانه. يا هيءَ يا هو، ٽيون دڳ ڪونه آهي. يا تباهي مڪمل، يا بچاءُ مڪمل! توکان سواءِ تباهي. برعڪس آن جي همه گير انساني فلاح جو دڳ ئي سن شريف کان هاڻي نڪرڻو آهي. تون ليڊر انسانيت جو!....

— محمدامين کوسو

(۱۰۹)

۸-۷-۱۹۶۶ع. حضرت قبلا جي-ايم شاهه صاحب!

.....شيخ صاحب کي صاف صاف چيم جيڪب آباد ۾ ته مس جناح بلڪل ڪامياب نه ٿيندي. پيو، اهو طريق عمل ۾

شيخ صاحب لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٺيڪ ڪونه آهي، جو هڪ فضول مهم ۾ ٽنگ اڙائي. مان مير جعفر خان جي ڪري ٽ به ٽنگيو بيٺو هوس. پر جڏهن شيخ صاحب آيو ته مان شيخ صاحب جي حضور ۾ بيٺل هوس.

دوست از مسجد سوي ميخانه آمد پير ما
چيست ياران طريقت بعد زين تدبير ما!

ٻه چار تقريرون مختصر ۾ مختصر هن پيرانه ساليءَ ۾ ڪيائين، پر موتي پکيڙي رکيائين. موالين جي مجموعي ۾ داناي راز اهو هڪ ئي هو. سندس عظمتن جو ذڪر ڇا ڪريان؟ هيڏن سارن سالن جي ويجهي ۾ ويجهي نيازمنديءَ هوندي، شيخ صاحب به آنهن مان هڪ آهي، جن سان ڄڻ هڪ لحظو به گڏ نه ويٺو آهيان. چوان ته سندس ڀرسان ويٺو رهان ۽ کيس پيو ڏسان. اِها محبت جي ڇڪ اظهار ڪرڻ ۾ اچي ته اظهار ڪريان

مس جناح جي قريب اچڻ جو منتظر ئي ڪونه هوس، سو مير جعفر خان جي ميزبانين جو خوگر ته آهيان. مان هوندو آهيان ته سڀ کان قريب‌ترين مقام منهنجو ئي هوندو آهي. سندس ڏاڏي سخي درمحمد جماليءَ جو واسطو اسان سان اِن طرح آهي. وري سندس شتر غمزه مٿي ڦاڙائڻ وارا به سٺم. الائي ظالم تي ڪهڙو شيطان ليگ وارو سوار هيو، جو انگريز عملدارن کي خوش ڪرڻ جو هن اهو دڳ اختيار ڪيو..... جڏهن شيخ صاحب آٿي هلڻ لڳو، ته منهنجيءَ دل ۾ ڳوڙهن جا طوفان گڏ ٿي ويا. مير جعفرخان جماليءَ جي بنگلي کي هنن طوفانن جي مرڪز ٿيڻ کان بچائڻ واسطي مان پاڻ سکر شيخ صاحب سان رئيس ڀرڳڙيءَ جي موٽر ۾ هلڻ لاءِ ٿيار ٿيس. واهه ڙي عشق و محبت جون بوقلمونيون! يا ته جيڪب‌آباد ۾ مان شيخ صاحب جي وقتي مفارقت جو بار نه پئي سهي سگهيس، يا وري موٽر ۾ منهنجي ۽ پنهنجي لاڳاپي جي شدتن جي بار کان لاچار ٿي، شيخ صاحب جي دل جا راز سندس اکين جي آپ سان

ٻو ردا ٿي، هن مقدس رستي جي تقديس ۾ هڪ نئون باب
ڳڏي رهيا هئا. اهوئي رستو بارها پنهنجي محبوب مٺي سائين
ڀرچونڊي شريف جي فقير، درويش و سلطان جي خدمت ۾
ڪاٽيو اٿم. بارها شهيد الهه بخش سان گذر ٿيو. اڄ اُن رستي
تي شيخ صاحب سان گڏ وڃي رهيو هوس.

سکر جي جلسي گاهه ۾ مان ۽ شيخ صاحب گڏ ويٺل
هوسون. ڪيترن يعني تمام مختصر پراڻن يارن، جو اسان ٻن
کي گڏ ڏٺو، ته سندن اکين ۾ آب اچي ويو. خود نعمت‌الله
قريشيءَ پارو سخت جان، سخت طبيعت آدمي به اُن ۾ شامل
آهي. مان هن ناٽڪ تي نظر وڌي، ته هڪ مرندڙ ۽ فنا ٿيندڙ
قوم جون ڇڙهيون محسوس ٿيون! ڪير ۽ الائي ڪيئن، هن
قوم کي بچائي سگهندو؟

هت به شيخ صاحب ٻه چار لفظ فرمايا. هن شراب ڪُهن
جو خريدار ۽ لائق ئي مان هوس.

شيخ صاحب ته جلسي کان پوءِ روانو ٿي ويو. مان
سرڪٽ هائوس ۾ پهتس ته در و ديوار کان "جي-ايم-سيد
زنده باد"، "جي-ايم-سيد زنده باد" جا نعرا منهنجي دل ٻُڌا.
پريان، سامهون درياهه سنڌ جي موجن به هنن ترانن تي رقص
و وجد شروع ڪري ڏنو. وري جو سرڪٽ هائوس جي وڻن
۽ سندن پتن تي نظر وڌيم، ته آهي هن روح پرور نغمي جي
آواز تي مسحور ٿي، لڏي رهيا هئا. "سيد، سيد، سيد" جو
چوطرف چوڌار سکر جي لبِ دريا جي فضا جو هيءُ رقص
مان مستِ محبت کي بيخود بڻائي رهيو هو.

شمس‌الدين شاهه مليو. تمام زماني ساز قسم جو ظاهر اٿس
اندر جو پتو ڪونه آهي. مان کان رڙ نڪري ويئي، ته هي
سب ڪجهه ته ٿيندو رهندو، پر ڪڏهين جي-ايم-سيد جو
نالو به ياد ڪندا آهيو؟

.... شيخ صاحب، جو چيو ته "مس جناح جي مدد ڪريو".

اهو به ياد آيم ته نه ٿيندي، پڪ نه ٿيندي. پر شيخ صاحب جي حڪم کي ڇا ڪريان؟ نيٺ لاچار ٿي پيس. خورشيد کي چيم ته بابا! مس جناح سان ملاءِ! هن بندوبست ڪيو. کيس به ساڳيءَ طرح چيم- چبائين ته "ماڻهو مان کي ووٽ ڏيندا ته پوءِ ڇا ٿيندو؟" مان کان سختيءَ سان پڇڻ لڳي بختاآور ته "تون ڪانگريس ۾ ڇو هئين؟" مان چيو، "جيڪي هوس سو ته هوس. تون ته پنهنجي ڀاءُ وٽ مان کي ڏسندي هئينءَ."

پوءِ وري چوڌري محمد عليءَ سان به مليس. کيس به ساڳيءَ طرح چيم ته سندس کٽڻ جي ڪابه گنجائش ڪانه آهي. پر گنجائش هجي ها يا نه هجي ها، مان ته شيخ صاحب جي حڪم تي تدم کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويو هوس.

به مئي سجاده رنگين ڪُن گرت پير مُغان گويد!

پر قدرت جي ڪارپردازن کي اِئين ڪرائڻ مان کون مقصود نه هيو. مان خاموش ئي رهجي ويس.

— محمد امين کوسو.

(١١٠)

از اسٽيشن نئون ٺُل.

٢٥-١١-١٩٦٦ع، حضرت قبلا سيد اعظم جي-ايم. سيد صاحب!

السلام عليڪم- اڄ اوچتو ٺُل ۾ سيد دامن علي شاه صاحب سان نياز جو موقعو مليو. هن جي سن شريف جي آمد ۽ اُتان جي حالات جو علم ٿيو. هن چيو ته تو منهنجي بدني غيرحاضريءَ کي محسوس ڪيو. افسوس، جو منهنجي دلي طوافن کي تون حساب ۾ ئي نٿو آڻين. منهنجي دل و دماغ جو رخ ئي توطرف آهي.

دامن علي شاهه چيو ته ڪميونسٽ سيد اعظم کي استعمال ڪري رهيا آهن. اِها تنهنجي ديرينه ڪمزوري آهي، جو جيڪي تُهنجا درٻاري هوندا آهن، اُنهن کان برملا ڪنڌ تون ڪڍائي نه سگهندو آهين.

منهنجي بنيادي نظرين ۾ اهو آهي، ته تون ئي سنڌ کي

بچائي، ههڙي ڏکئي وقت ۾ سندس پوري مقام تي پهچڻ جي مان کي عملي امداد ڏيئي سگهندو آهين. جي ائين نه ٿيو، ته الله پناهه ڏئي، سنڌ کي هنان به وڌيڪ ڏکيا ڏينهن ڏسڻا آهن.

مان پنهنجي طبع جي خاص ساخت سبب، اٿڻ ويهڻ ۾ سخت پابندين جو عادي آهيان. آن ۾ ذري جيتري نرمي ڪيم، ته منهنجي بدن جو ڍانچو هاڻي خود منهنجي هيجان‌پرور طبيعت جو بار کڻڻ جهڙو باقي نه رهيو آهي. طوفان ۽ انقلاب، جيڪي منهنجي طبع ۾ نهان ۽ مستور آهن، انهن لاءِ ڪابه محفل آرائي سر دست موافق نه آهي، چاهي ان کي ثقافت جو بُرقعو ڇو نه پهرايو وڃي. سياسي انحطاط، جيڪو انتهائي شڪل اختيار ڪندو پيو وڃي، آن جو خفيف اظهار منهنجي زبان مان محفل کي شوريده بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. مان نٿو چاهيان ته توکي مڪمل طور پنهنجي نقطئه خيال سان متفق ڪئي بغير، مان طوفانن ۾ بدن جي هنن حالتن ۾ ٽپي پوان.

جيتوڻيڪ خود تنهنجو وجود هڪ مڪمل اطمينان بخش محاذ آهي، ته به تنهنجون پنهنجون بي صبريون ڪير روڪي؟

مان توسان بنيادي بات، سنڌ جي حالات مطابق ڪندو رهيو آهيان. اها ڳالهه پهرينءَ ملاقات کان وٺي اڄ تائين ساڳي ئي آهي- تون هن دور ۾ سنڌين کي ڪيئن امن امان ۽ پناهه ڏيئي سگهندين. ڇو جو توکان ۽ حضرت فخر سنڌ و هند شيخ صاحب کان علاوه چوطرف چوڌار اوندهه انڌوڪار لڳي پيئي آهي. روشنيءَ جي ڪرڻ ئي فقط اِتي آهي، جيڪا منهنجي چشم بينا ڏسندي رهي آهي.

— محمد امين کوسو.

(١١١)

٢٩-١١-١٩٦٦ع، حضرت سيد اعظم، جي- ايم شاهه صاحب!

السلام عليڪم - هيءَ دنيا هڪ لحظي مثل آهي. آن لحظي خاطر ڪروڙن سون سالن جي بلڪ ابدي ۽ هميشگيءَ جي زندگيءَ کي خطري ۾ ته نه وجهبو آهي. اصل مصيبت هاڻوڪي

دنيا جي آهي ئي اها، تہ قياس هن جي اکين، خيال ۽ دل کان پري آهي.

تون هن دنيوي حيات ۾ سنڌ جو سياسي سرتاج جو بڻين ٿو، اُن جي معني اها تہ ڪائنہ آهي تہ آخرت آهي ئي هيچ! تون رڳو تيار ٿي ٻيهہ. سنڌين جي (اهي جاتي ۾ هجن) دلين تائين تُنهنجو آواز پهچندو.

منهنجو ناتو رشتو توسان الله خاطر آهي.

ڪوريءَ کي جائو هو پُٺ. چي: في‌الحال مختصر نالو رکانس ٿو رب‌العالمين، پوءِ ناناڻا اڇي پورو نالو رکندس. الله جي خاطر جيڪا دوستي آهي، اُن جهڙي دوستي ٻي ڪهڙي؟ اها دهل دماڇڙي واري ثقافت ڇا، تہ اُن جو مقصد ۽ مطلب ڇا؟ تو تہ برملا دين لاءِ هڪ سلطنت ڏاهڻ جو اولين طرح اعلان ڪيو ۽ اڄ اُها موجود آهي. مان کي قسم ڏيندين دنيا جي سڀني ڪيڙن مڪوڑن جو، جيڪي مثال ۾ اُن ڪوجياڻيءَ جي پٺ جيان آهن، تہ هن کي تہ پاڪستان ڏهندو، اهو وهم گمان ۾ ۽ ڪونہ هو..... عهدي بازي گناهہ، باقي حق جي حمايت ۽ باطل جي سرنگون ڪرڻ واسطي اقتدار هٿ ڪرڻ جي ڪوششن جو نالو جهاد ۽ اُن خيال ۾ مرڻ شهادت آهي. پر اها ڪوشش حيدربخش جتوئيءَ وارو دماغ ڏاڍي تہ نہ ڪرڻي آهي! پاڻ کي نانگن جي وات ۾ ديده دانستہ وڃهڻ جهاد نہ خودڪشي آهي.

توتي ٻڏل سڏل ڳالهين جو بيحد اثر ٿيندو آهي. مثلاً ڪنهن اڇي چيو تہ اسلام ڏاڙهيءَ ۾ رکيل نہ. آهي، تہ تو هڪدم ڪلين شيو ڪئي، عملي طرح ڏيکار يو تہ تون وڏو روشن دماغ، اپ ٽو ڈيٽ، ماڊرن آدميءَ سان گڏ قلندر صوفي ۽ آهين. .....طاقت دنيا جي اسلام ۽ اهل اسلام وٽ هن گهڙيءَ ۾ آهي. حضرت شيخ عبدالمجيد ۽ جي‌ايم سيد پارا ۾ منجهن آهن. باقي عقل جو هوندن حيدربخش خان جتوئيءَ وارو تہ ڏينگوئي

ڍيري ڪري رکندا، ۽ وري عقل فروشي هوندين قبلي سيد علي محمد شاه راسديءَ جي، ته مٿو هيٺ ڄنگهان مٿي هوندين. اهو عقل ڪم ڪهڙي جو، جو سنڌ پارو ملڪ آدمي وڪڻي!

— محمد امين کوسو.

(۱۱۲)

عزيزآباد، انڙواه ضلع جيڪب آباد.

۱-۱۲-۱۹۶۶ع. حضرت سيداعظم، جي-ايم شاه صاحب!

منهنجي نزديڪ ساري دنيا "بيمار ستان" بڻيل آهي. اُن "بيمار ستان" کي شفا ڏيڻ جو دڳ، مان سنڌ جي مقدس سرزمين جي هن بظاهر ننڍڙي ڳوٺ مان ڏسي رهيو آهيان. مقصد ڪنڌو اهم آهي! پهريائين ته ڏسجي ته منهنجي تشخيص ته دنيا بيمار ستان آهي، صحيح آهي يا غلط؟ جي تشخيص صحيح آهي ته علاج جي نوعيت تي غور ڪجي. پردوائي عجيب ۽ نئين ايجاد ڪريان ٿو. اها ڪڏهن ڪنهن آزمائي هجي، ته اُن جي پوري يا اڻپوري هجڻ جي راءِ ڏني. مان شخص واحد، سيداعظم يعني توکي سنڌ جي ذريعي هن بيمار ستان جو ڪامياب علاج ڏسيان ٿو. مان کي اُن علاج آزمائڻ جو موقعو ڪاٿي مليو آهي، جو صحيح هجڻ اُن جو ثابت ڪريان. اهو علاج ايجادئي منهنجو آهي. اُن جي استعمال جا ذريعا به مان ئي ڏسيان.

جڏهن مان پهريائين پهريائين توسان مليس، ته تون سنڌ اندر ننڍين ننڍين گروهه‌بندين ۾ منهمڪ هئين ۽ مان انگريز شاهيءَ جي خاتمي آڻڻ جي خيالن ۾ محو ۽ عملي پروگرامن ۾ رڌل هوس. ته به مان توکي هڪدم سڃاڻي ورتو، ته سنڌجو اصل معاملو توسان وابسته ڪجي. اڄ ڏينهن تائين مان اِن خيال تي بيٺو آهيان. سنڌ جو هيءُ مختصر ملڪ انسان ذات جي خدمت لاءِ راهه پيدا به ڪندو ۽ ڪامياب به ٿيندو ..... تو اصل ۾، منهنجون دلي تمنائون ڇا آهن، انهن کي شايد ماڻيوئي نه آهي.

ڪم نظر بي تابئييءَ جانم نہ ديد
آشڪارم ديد و پنهانم نہ ديد!

هن وقت، پنهنجي ڳوٺڙي ۾، تڏي تي جيڪو صاف بہ نہ آهي، ويٺل آهيان. ۽ ڪوٺڙي، جيڪا اهم ترين جاءِ تي آهي، اُن جي ڪچين سرن جي ڪلر کاڌل ديوار سان ٽيڪ ڏنيون، توکي خطاب ڪري، دنيا جون تاريڪيون ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري رهيو آهيان.

اخبارون جيڪي منهنجي ڀاءُ جي نالي آيون آهن، اُهي سڀ پڙهندو رهيس- پر دل ۽ دماغ ۾ توکي سڏ ڪرڻ جو جذبو وڌندو رهيو. لاچار ٿي، ڪاغذ جو دستو گهران کڻي، هت اچي ويٺو آهيان.....توسان منهنجي غلامي، الله واري جي محبت جي زنجيرن سان جڪڙيل آهي. اُن غلاميءَ جي آڌار ۽ بنا تي هي اعلان حقيقت‌افروز ٿيندا رهن ٿا. ظاهري ساز و سامان، ڪنهن توکي چيو آهي تہ گڏ نہ ڪر. جهاد آهي تہ اهو آهي. هي خط خالي خولي خط آهن ڇا؟ آهہ! تو هنن جو مطلب ڄاتو نہ آهي پوريءَ طرح- جي ڄاتو آهي تہ ان کي آشڪارا نہ ڪرڻ ڪن مصلحتن جي بنا تي آهي. مان تہ اصليُ عشق ۽ محبت جي داستان سرائي هنن خطوط جي ذريعي ڪري رهيو آهيان. پهريائين پاڻ کي ڪنهن بہ طرح هنن جي حقانيت جو قائل ڪر، پوءِ ٻين تائين پهچاءِ!

الله جون سنڌ تي وڏيون مهربانيون آهن، جو شيخ صاحب ۽ تون نااهلن کي عطا ڪيائين ۽ هنن نااهلن اهل بڻائڻ جو ڪم منهنجي حوالي ڪيائين. سنڌي سڀ سنڌي، سڀني کي هڪ رنگ ۾ رڱي رکڻ ڪم تو سيداعظم جو!..... دنيا اندر امن ۽ امان آڻڻ جو دڳ ئي اهو آهي تہ عملي طرح فقط هڪ حضرت سيد اعظم جي-ايم سيد سنائيءَ کي عَلم ۽ جهنڊو ڪري ان طور ۽ طرح سان بيهارجي، جيئن مان چئي رهيو آهيان.

— محمدامين کوسو.

(۱۱۳)

۱۹۶۶۰۱۲۰۱ع. حضرت سيداعظم جي-ايم شاه صاحب!

هاڻي ۽ شينهن شير خدا کي ماکوڙي ۽ ڪول ڪري ٻيهارڻ ۾ ايترو ئي مضحڪ خيز آهي، جهڙو ڪول ۽ ماکوڙيءَ کي شينهن۽ هاڻي سڏڻ..... بابا، سيد سونهارا! شينهن وڏهي ڪري ڏاهپا ڪونہ آهن، شينهن پيدائش واري ڏينهن ئي شينهن هوندو آهي. شيخ عبدالمجيد سنڌي، جو فهم و تدبر، عقل ۽ دانائي ماڻڻ جي پيٽان ئي ڪٽي ايندو آهي، قدرتي بات آهي. جي-ايم شاهه پيدا ٿيندو آهي تہ جي-ايم شاهہ ئي هوندو آهي. پيا تہ ٿيا سڀ انڊا اڪين جا ٻہ عقل جا ٻہ، جو توهان کي رواجي ماڻهو ڄاڻين. مان تي تون لٽ ڪنيون ٻيڻو آهين، تہ مان ٻہ توکي ٻين جيان رواجي آدمي ڄاڻان، شيخ صاحب کي ٻہ ائين ئي سمجهان!

بسوخت عقل ز حيرت کہ اين چہ بوالعجبي است!

وري ڪاوڙ مان تي، تون ايندو ڇو نہ آهين؟ بابا زورآور مان جو توهان ٻنهي وٽ نہ آهيان تہ ٻيو ڪير آهي؟

آدمي ئي جڏهن سنڌ ۾ ٿي، انساني حقوق وڌندڙ ڏاهيم، توهان ٻہ ٿيون مان! باقي الله وارا فقير درويش لک ئي هوندا. ٻيخبرن، احمقن جي تعداد جو پتو ئي ڪونہ.

ڪو عقل بابت لٽ ڪٽندڙ "عبرت" ۾ "سنڌ جي سياست" بابت لکندو رهي ٿو. توکي فرمايم تہ سنڌ جي سياست آهي ئي ٻن آدمين جي هن وقت تائين- تون ۽ مان!..... هڪ طرف تون سنڌ منهنجي. هتان کسڻ جي مضمونن کي رچائڻ ۾ رڌل هئين، ٻئي طرف مان سنڌ جي آزاديءَ کي برقرار رکڻ لاءَ سر تريءَ تي ڪنيون ٻيڻو هوس. پر آن وقت ٻہ تنهنجي محبت ۽ شيخ صاحب جو عشق سيني ۾ رکندو هوس. هن وقت ٻہ منهنجي گفتار ۽ نصيحت ساڳي آهي. توکي ٻين رواجي آدمين جيان قيل و قال جي حاجت ڪهڙي؟

بخال و خط چه حاجت روي زيبا را؟

شيخ صاحب جي جُتين جي مِٽي به دنيا سموريءَ جي ملڪن اندر حڪومت جي سربراهن کان واقعي ۽ حقيقت ۾ مٿي آهي. ههڙو فقرو، جنهن تي لعل و گوهر گهورجن، سنڌي زبان جو حصو مان بڻايان، ۽ اُن کي مبالغو چئي پردا تون چاڙهين! وري تو پارو سياست ۾ ڪاٿي به، ڪنهن به قوم ۽ ڪنهن به ملڪ ۾ آهي، ته هلي ڏيکار! باقي نه ٻيا تنهنجو قدر ڪن يا نه پاڻ ڪري ڄاڻو. ويچارو مسڪين هڪ قدردان ۽ چشم بينا وارو هجي، ته اُن کي زورِ قلم سان پورالو ۽ مبالغي وارو ڪري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش توهان ڪريو! هي ڪهڙو انڌير، هي ڪهڙو ظلم ۽ ويل؟

مائوزي تنگ ته ٿيو. اُن جي تعريف به ٺيڪ، پر شيخ عبدالمجيد ته ڏسو! ڪفر جي پيدائشي اونده مان پاڻ کي پاڻ روشنيءَ ۾ گهلي به آيو ته ڪريل ۽ پست مسلمانن جي سياست کي به ڌوئي رکيائين. شيخ صاحب جي نالي وٺندي، ايڏو ته خُمار ۽ نشو چڙهي ويندو اٿم، جو بيان ڪري نه سگهندو آهيان.....مردو مسلمانِ پاڪستان جو اُٿندو ئي شيخ صاحب ۽ تنهنجي نالي جي نعرن سان.....اسان جو هڪ عزيز هوندو هو ايوب خان، پوءِ حاجي به ٿيو. مُلي يا آخوند وٽ ويندو هو. آخوند هن کي سبق ڏيندو "الف-ب"، ته "الف-ب" چوندو رهندو هو. ڪا مکِ اچي مٿس ويهندي. مک کي هڪاليندو ته کلي آخوند کي چوندو، "آخوند! هو ته ويو." يعني سبق وسري ويو. حاجي ايوب خان ست اٺ سال مدرسي ۾ ويٺو، پر "الف-ب" هن کان ويندو رهيو. مان به توکي ٻه نالا- "شيخ صاحب ۽ تون" پڙهائيندو رهيو آهيان. اسان جي حاجي ايوب خان جيان اهي توکان ويندا رهن ٿا. پڪا ڪري ڇڏ اهي ٻه نالا- سنڌ جي نجات انهن ۾ مضمر آهي. باقي سڀ هيچ- باقي سڀ افسانا!.....هيءُ وقت وري هٿ نه ايندو. سنڌ توڙي دنيا

لاءِ هيءُ وقت غنيمت آهي. اصول ۽ بنياد (شيخ صاحب ۽ جي-ايم سيد) موجود آهن ـ آهه! سنڌ وارن جون انڌيون اکيون، انڌيون دليون!

هڪ صاحب بصيرت لکندو رهي ٿو، "سنڌ جو سياسي ڪعبو". پر اُن جي لکڻ کي مڇيندڙ ڪاٿئون آڻجن؟..... انسانيت جي ڪشتيءَ کي پار ڪرڻ لاءِ هنن طوفانن کي آڱر جي اشاري سان ختم ڪرڻ لاءِ اڄ تون منهنجي ذريعي ميدان ۾ دوباره آندو وڃين ٿو. هي سڀ ڪم قادر جا! گُل سامهون ۽ بلبل نغمه سرا نه ٿئي، اهو ممڪن آهي؟

ـ محمد امين کوسو.

عزيز آباد، انڙ واه،
ضلعو جيڪب آباد. ۱۳-۱۲-۱۹۶۶ع

بر ڪفِ جامِ شريعت بر ڪفِ سندانِ عشق،
هر هوسناڪي نداند جام و سندان باختن!

جيڪب آباد ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر سجاد احمد سان الله خاطر دوستي ڳنڍڻ ۽ وري احمد ميان وارن جي خانداني تعلق کي نه ٽوڙڻ، اهو هنر رڳو مان هڪ ڄاڻندو آهيان، ۽ ورهين کان انهيءَ رستي جي خطرات کي ڪاميابيءَ سان مُنهن ڏيڻ جو عادي آهيان. احمد ميان توڙي سندس والد خانبهادر حاجي مولا بخش، پنجن روپين کان به گهٽ قيمت تي منهنجو سِر ڪَپي به ڏيندا ۽ اُن تي خوشيون به ڪندا، ته هڪ وڏو عظيم الشان ڪارنامو هنن ڪيو!

اهو مان آهيان جو نه هنن جي روزمره جي خرابين يا وَڏ ماڻهپين سان ذري جيترو واسطو اٿم، پر هر مصيبت واري معاملي ۾ هنن جو ڀاڱي ڀائيوار بلڪ وڏو ڀائيوار بڻيو اچان ٿو. ڪهڙي تڪليف آهي، جو هنن جي خاندان جي دوستيءَ سبب منهنجي حصي ۾ نه آئي، جيڪا مان خنده پيشانيءَ سان برداشت نه ڪئي. هنن کي نه انهيءَ جو پتو ۽ احساس هيو ۽ نه هاڻي

ٻہ آهي. مان کي شهيد الهہ بخش وسرٽو ڪونہ، هنن کي ياد اچٽو ڪونہ! مان الهہ بخش جو يارہ هي پنهنجي پيٽ جا دوست! ياري ۽ پيٽ پرستي گڏ هلي نہ سگهنديون آهن ــ پر مان اهو ناممڪن سمجهہ ٻہ ڪندو ٿي رهان ٿو. وڏا وڏا طوفان آيا ۽ گذري ويا. مان الهہ بخش جي ياد جو نوراني ڏيئو، انهن هـوائن ۽ طوفانن ۾ ظاهر ظهور جلايون اچان ٿو. جيڪو مان کي ڏسندو، ان کي الهہ بخش ياد ايندو. ڇو جو سندس ياد ٻہ ٻين اهڙين يادگيرين سان منهنجي جان جو حصو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو سيد اعظم پهريائين منهنجي پير پرچونڊي شريف جي خانقاهہ تي ملاقات لاءِ ويوہ پوءِ الهہ بخش سان پنجن پيرن جي مقام تي ملیوءِ تهان پوءِ اچي مان کي نوازيائين. سيد اعظم جي هن سفر جي اهميت رڳو انهن مقامات تي وڃڻ ڪري جيڪا صاف ٿي ٻيهي ٿيہ ڪو ڏسي ۽ محسوس ڪري تہ سنڌ جي غلاميءَ جون زنجيرون هڪدم ٽٽنديون.

منهنجون يارانيون محض ماضيءَ جو انسانو نہ، پر حال ۽ مستقبل تي حاوي ٿيندڙ عملي پروگرام ٻہ پيش ڪن ٿيون. منهنجي گوشہ نشينيءَ ۾ جي انقلاب پوشيده آهنہ سنڌ جو مستقبل ڏهندو ٿي آنهن جي ذريعي.

مان پنهنجي پير جو پانهوہ شهيد الهہ بخش جو يارہ فخر سنڌ و هند شيخ عبدالمجيد و سيد اعظم جي۔ ايم سيد جي دوستيءَ جو دعويدار آهيان.

ــ محمد امين کوسو.

## جي۔ ايم سيد جا جوابي خط، سال ۱۹۶۶ع

ون يونٽ جي مخالفت ڪري، ۱۹۵۴ع ۾ کهڙي صاحب، سڪندر مرزا جي حڪم موجب، ڇهہ مهينا جيل ۾ موڪليو. انهيءَ ڪان پوءِ مغربي پاڪستان جي اسيمبليءَ ۾ وڃي، ۱۹۵۷ع ۾ ون يونٽ جي خلاف ٺهراءُ پاس ڪرايم، جنهن پنجابي مهاجر

حڪمران طبقي ۾ نهايت جوش پيدا ڪيو. آن تي هنن جنرل ايوب ۽ سڪندر مرزا جي معرفت ۸- آڪٽوبر ۱۹۵۸ع تي ملڪ سان مارشل لا ڪو ڪرائي، ۱۰- آڪٽوبر تي بنان ڏوهه مون کي جيل ۾ موڪليو. جتي ۱۵ مهينا ڪن رهائي، پوءِ ڪوٽ ۾ نظربند ڪيائون.

اِن عرصي ۾ باوجود انهيءَ جي جو سنڌ جي مفاد خاطر آواز اٿارڻ سبب جيل ۽ نظربندي ڪائي رهيو هوس، سنڌ جو عوام ۽ خواص اڪهور ننڊ ۾ سُتل هو. ڪنهن لفظي همدردي ۾ ڪانه ڪئي. آن وقت برادرم ميان محمد امين کوسي جا روح افزا خط ۽ سحرگاهي آهون نهايت همت افزا هيون. نيٺ انهن هڻي وڄي هنڌ ڪيو، ۽ ۲۳ مارچ ۱۹۶۶ع تي ستن سالن، پنجن مهينن ۽ تيرهن ڏينهن بعد آزاد ٿيس. پوءِ ڪوٽ ڪهمي، بزم صوفياي سنڌ جون ڪانفرنسون سڏائي، سنڌي عوام جي اخلاق ۽ ڪلچر سڌارڻ لاءِ ڪوشش ڪيم. آن عرصي (۱۹۶۶ع) ۾ ميان محمد امين کي موڪليل منهنجا خط هيٺ ڏجن ٿا. (ج- س)

(۱)

سن، ۹-۱-۱۹۶۶ع، برادرم محمد امين!

ڏائي چڙهي ڏار ٿي، ڪي جو ڪانگ ڪهيو،
سوريتي، سور پئي، پهو پٽ هنيو،
ڪامي ارٿ ڪنيو، ويچاريءَ ورونهن مان!
(شاهه)

ڪالهه ٽنهنجا چار خط پهتا. الامان! اهي هڪ ڏڪا، پيو غور ۽ فڪر لاءِ تازيانو هٽندڙ، ٽيون تنبيهه ڪندڙ، چوٿان منجهائيندڙ هٿا. بروقت جواب ڏيڻ لاءِ فيصلو ڪري نه سگهيس ۽ اهو ڪم ڦردا لاءِ ڇڏو ڪيم. اڄ صبح جو ۴ بجا ٿيا تم مُلا مسجد جي لائوڊ اسپيڪر تان آواز ڪڍيو تم:

سُتا آئي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
تو جو ساڻيهه پانيو، سو مانجهاندي جو ماڳ،
سلطاني سُهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي!
(شاهه)

جاڳي پيس. ڪئين قصا ۽ ڪهاڻيون اڇي ياد پيئون. ڪن ڏيئي ٻڌو!

(۱) ۱۹۳۸ع جو زمانو هو. سياسي مهاڇار مان دل شڪسته ٿي پيئي هئي. مخدوم بصرالدين سيوهاڻيءَ جي حڪم پٺاندر حضرت خواجه حسن جان سرهنديءَ وٽ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوئيٽا ڪهي ويس. حڪم ٿيو تہ ڏاڙهي رکان، تهجد پڙهان، ذڪر قلبي پچايان، مراقبي ۾ ويهي فڪر ڪريان. قاضي عبدالڪريم مرحوم قاضي عارف جي ڳوٺ واري سندس خليفي کي حڪم ڪيائون تہ هر رات ۽ بجي جو اٺاري، ڪوئيٽا جي ٺڏي پاڻيءَ ۾ وضو ڪرائي، تهجد پڙهائي، ذڪر ڪرائيم. آٿي ڪجهه وقت رهي موڪي آيس. آن مان ڪو خاص فائدو ڪونہ ٿيو، ليڪن شڪ جو فائدو حضرت صاحب کي ڏيئي چيم تہ:

شُدم بدريا غوطہ زدم نديدم دُر
اين گناهِ بختِ من است گناهِ دريا نيست!

(۲) وري هي ڳالهه ياد آيم- ۱۹۳۵ع جو زمانو هو. ڪراچيءَ بنگلي ۾ سُتو پيو هوس. راضي فقير بہ آنهيءَ روم جي. ٻاهران سُٽل هو. اڌ رات بعد موٽر جو هارن وڳو. هُو ٻاهر نڪري پُڇا ڪري موٽي آيو ۽ چيائين تہ هڪ مائي ۽ مرد ٻاهر بيٺا آهن، ملڻ ٿا گهرن. ٻاهر نڪري ويس. پُڇيومانِ تہ خبر ٻڌايو هيڏيءَ مهل ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ مائيءَ ورندي ڏني تہ "گهر ۾ ويهي ڳالهيون ڪندي، اڇي تنهنجي يادگيري ٻيئي. مڙس کي چيم تہ هل تہ سيد جي زيارت ڪري اچون." ائين چئي، ڪجهه منٽ ترسي موٽي ويا. منهنجي خوشيءَ جو آهو عالم ٿيو، جو باقي ساري رات فرط خوشيءَ ۾ رنم ۽ هيءَ.

مصرع پڙهندو رهيس.

حبيبن هيڪار، منجهان مِهر سڏ ڪِئو،
سو مون سڀ ڄمار، اورڻ آهـوئي ٿيو!
(شاهه)

(۳) وري ورق وريو ۽ ٽي ڳالهه ياد پيم. ۱۹۵۴ع جو زمانو هو. ون يونٽ ڪري جيل ۾ موڪليو ويو هوس. ڪراچي سينٽرل جيل ۾ سُتو پيو هوس. رات جو چئين بجي اچي بارش پيئي. صبح ٿيڻ بعد ٻاهر نڪرڻ تي ٿڌيءَ هوا ۾ عجب موج چڙهي ويئي، يڪايڪ هيءَ مصرع پڙهڻ لڳس:

سکر سيئي ڏينهن، جي مـون گهاريا بند ۾،
وسـايم وڏ ڦـڙا، مٿي مـاڙيـن مينهن،
نيئر منهنجي نينهن، آجـاري اڇـو ڪيو!
(شاهه)

آن کان پوءِ اچي تنهنجا، ۴ بجي سحريءَ وقت جا لکيل خط ياد پيم. توهان چئو ٿا ته:

(۱) ليگ غلط جماعت هئي ۽ آهي. آن جي تـون منڍ کان خلاف هئين. آن جا پيرَ سنڌ ۾ مون ڄمايا، نه ته تـون آن کي اکيڙي ڇڏين ها. هاڻ اِها بدعت ختم ٿيڻ گهرجي.

(۲) تون پاڪستان جو منڍ کان برخلاف هئين، ڇاڪاڻ ته تُخم بد جو ميوو مٺو ڪڏهين نه ٿيڻ وارو هو. مون زور ڪري تنهنجي مرضيءَ جي خلاف آن کي قائم ڪرايو.

(۳) جناح صاحب کي مون عوام جي زبان مطابق هڪ مضمون ۾ پاڪستان جو باني سڏيو آهي. آن تي اوهان ناراض ٿي لکو ٿا، ته پاڪستان جو حقيقي باني آءٌ هـوس. آن گناهه جي پاداش ۾ سزا ڪاٽي رهيو آهيان، ۽ اڃا به دماغ درست نه ٿيو اٿم.

انهيءَ احوال لکڻ بعد وري اوهان ساڳين خطن ۾ لکو ٿا:

(۱) پاڪستان جي خلاف تازيءَ جنگ وقت اوهان اڌ رات

جو روئي، درگاهہ الاهيءَ مان دعا گهري آن کي بچايو، نہ تہ ختم ٿيڻ کي ويجهو هو.

(۲) پاڪستان جو خطرو اڃا پوريءَ طرح دور نہ ٿيو هو. ان کي دور ڪرڻ لاءِ منهنجي مدد جي ضرورت محسوس ڪريو ٿا.

(۳) موجوده دور ۾ اسلام تي ڪٿن گهڙيون گذري رهيون آهن، انهيءَ مان ڪيس پار اڪارڻ لاءِ منهنجي مدد جي ضرورت محسوس ڪريو ٿا.

(۴) اوهان جي اميرالمومنين (جنهن مون کي نظربند ڪيو آهي) کي بنان سڏڻي ملي، مدد ڪرڻ جو دلاسو ڏيئي، پاڻ آزاد ڪرڻ جو حڪم فرمايو ٿا. "هٿي جَن نہ ڪَن، اديءَ جن کي عشق انڌو ڪيو" جو مستحق بنائڻ گهرو ٿا. وغيره.

جواني‌ءَ جي جوش ۽ جذبي ۾ اچي، اخلاص ۽ صداقت کي رهبر راه بنائي، ڪيئي قدم کنيم. جن تي به اوهان جهڙي تهجدگذار اشڪ محبت وهائيندڙ، فنافي الشيخ بزرگ، اها فتويٰ ڏني تہ پهريائين ڪم غلط هئا ۽ آهن. هاڻ آن تي غورفڪر ڪرڻ بعد توبهہ تائب ٿي، ڪيل گناهن جي ڪفاري ڏيڻ لاءِ تيار ٿيان ٿو، تہ اوهان رايو بدلائي نوان ارشاد ڪريو ٿا.

هم هوئے ڪافر تو وه ڪافر مسلمان هوگيا!

هاڻ تہ انهن مختلف حڪمن کي پڏي منجهي پيو آهيان، تہ اوهان جي ڪهڙن حڪمن جي پيروي ڪريان- پهرين جي يا پوين جي؟

ڪجهہ وقت ٿيو آهي تہ هڪ نوجوان ڪهڙي صاحب تي ڪاوڙجي ظاهر ڪيو تہ هن سنڌ کي ون يونٽ ۾ آڻڻ سان ناقابل تلافي گناهہ ڪيو آهي. مون اوهان جا فيصلا ياد ڪري، ڪيس چيو تہ "بابا! ماڻ ڪر. گناهن جا ڏورا نہ ڏولهہ. جي ائين ڪندين تہ منهنجا گناهہ شايد آن کان وڌيڪ نڪري پون. بقول هڪ بزرگ جي مون پاڪستان ٺاهڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۾ جو گناهہ ڪيو آهي، آهو هن کان وڌيڪ سزا جو مستحق

بنيو آهي. کهڙو صاحب هڪ سال سزا ڪاٽڻ بعد رها ٿي ويو آءٌ اڻون سال سزا ڪاٽي رهيو آهيان، اُن مان گناهه جو اندازو ٿي سگهي ٿو."

ادا منهنجا! اوهان پوين حڪمن ۾ ارشاد فرمايو ٿا ته اوهان جي اميرالمومنين (ايوب) جي هٿ تي بيعت ڪري، بدثمر درخت جي آبياري ڪريان. اهي ڳالهيون مون جهڙي ڪم فهم، گنهگار ۽ تائب ماڻهوءَ جي سمجهه کان مٿي آهن. هن وقت عمر جا ٦٢ سال پورا ٿي، ١٧- جنوريءَ تي ٦٣ سالن ۾ پير پائڻ وارو آهيان. عمر ساري جَر ۾ جُهوتون ڏنيون اٿم، پر دُر مُراد هٿ نه آيو اٿم. هڪ جرم ۾ ٨ سال سزا ملي اٿم، پيو ڪو اهڙو جرم نه ڪرايو، جو پويان به سزا ڪاٽيندا رهن. مهرباني ڪري، سوچي سمجهي، صلاح ڏيندا ڪريو. تازو هڪ بزرگ سان مُلاقات ٿي. اُن سان اوهان جا احوال ڪيم. چيائين ته سنڌ ۾ مثال ڏيندا آهن ته جيڪو ماڻهو اکين کان جڏو ٿي، اٿڻ ويهڻ کان لاچار ٿي، کٽولي تي پئجي رهندو آهي، ته سندس همدرد چوڻ لڳندا آهن، ته خدا کڻي پنهنجو ڪريس. سو کوسي صاحب کي لکو ته اُن بدثمر درخت کي بچائڻ کان اُن کي وڍي، صاف ڪري، نئين درخت پوکڻ لاءِ محنت ڪري."

وڌيڪ اوهان ڄاڻو اوهان جا ڪم.

رموز مملڪت خسروان دانند!

مون وس ڪرڻ واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو! (شاه)

زياده خير والسلام ـ غلام مرتضيٰ.

(٢)

سن. ١٠-٢-١٩٦٦ع. برادرم محمد امين!

اسلام عليڪم- گهڻي وقت جي ناغي کان پوءِ سڄا سارا سَتَ خط، جدا جدا لفافن ۾ پهتا. اهي هيٺين تاريخن جا لکيل هئا: (١) ١٣-١-٦٦ (٢) ٢٠-١-٦٦ (٣) ٢٠-١-٦٦ (۴) ٢١-١-٦٦، (۵) ٢٧-١-٦٦، (٦) ٣٠-١-٦٦، (٧) ٣-٢-٦٦

خبر نہ آهي ٽپال ۾ خط ديـر سان وڌوَ، يا سينـسر وارن جي سُستيءَ ڪري دير سان پهتا. پر شُڪر آهي جو پهتا.

بهترُ آهي ته آئيندي خطن تي نمبر ۽ ٽپال ۾ وڃڻ جي تاريخ داخل ڪئي وڃي، تـه پتو پڻجي سگهندو تـه ڪڏهن موڪليو ويو ۽ ڪڏهن پهتو. ڪهڙا گـم ٿيا، ڪهڙا ملياً؟ منهنجي خطن جو حوالو ۽ پهچڻ جي تاريخ ۾ درج ڪئي وڃي، ته پتو پڻجي ويندو ۽ انتظار نہ ٿيندو تـه ڪهڙا خـط مليا ۽ ڪهڙا گم ٿيا.

سڀني خطن جا جواب، هن خط ۾ ڏيان ٿو.
اميد ته خوش خرم هوندا.
ـ غلام مرتضيٰ.

(۲)

سن، ۱-۳-۱۹۶۶ع.

شب از مطرب کم دل خوش باد وے را
شنيـدم نالئـه جان‌سـوز نـے را.
چنـان دزهان من سوزش اثـر کرد،
کم بي رقـت نديـدم هيـچ شے را.

برادرم عزيز ميان محمد امين!

اسلام عليڪم:- ڪالهه سچا سارا ۱۲ لفافا، ۱۵۴ صفحن تي مشتمل خطن سان پهتا. حسب معمول پنهنجي لکـڻ پڙهڻ جو ڪم سيڙائي، اوهان جي دلافروز خطن کي پڙهيم. ڪاش! اوهان جهڙا سنڌي تهذيب ۽ تمدن، سنڌ شناسي، سنڌ تصوف (حقيقي اسلام) جا چاڻو، درد دل رکندڙ، محب وطن، حقيقت‌شناس قومي ڪارڪن ۽ خدمتگارڻ دوست، سنڌ ۾ زياده هجن ها تم

فلڪ را سقف بشگافيم و طرح ديگر در اندازيـم

جڏهن چوڌاري نظر ڪرڻ بعد ڏسان ٿو تم عمر عزيز جا پنجاهم سال جنهن ملڪ ۽ ماڻهن جي بيداريءَ ۽ خدمت لاءِ صرف ڪيا اٿم، سي خواب غفلت ۾ ستل آهن، تم خيال اچي ٿو تم

معرفت میست درین قوم، خدارا مددي
يا ببرم گوهـــر خـــود را بخريدار دگر
رڍن اڳيان رباب، وڄائيندي ورهه ٿيا،
غرض گُلي ۽ کي نه پوي، جاڳي ڏي نه جواب!

واقعي غنودگي چڙهيو وڃي. گوشي نشينيءَ جا مزا عود ڪري ٻاهر اچن ٿا، ليڪن انهي اونده انڌوڪار ۾ جڏهن اوهان جا محبت ڀريا خط ملن ٿا، ته اوندهه ۾ روشنيءَ جي جهلڪ نظر اچيو وڃي، ۽ خواب خوش مان "رقص ڪنان برخيـزم" واري حالت بنجيو وڃي.

وري اڄ خط پهتو. آن ته بجنسي "چو شوقم ديد در ساغر مي يفزود" جو ڪم ڏنو.

۲۱ تاريخ کان ۲۳ تاريخ تائين شيخ عبدالمجيد، حسام‌الدين راشدي ۽ محمد ابراهيم جويو هتي هئا. رات ڏينهن ڪچهريون ڪيون‌سين. گهڻا قصا ڪيا ويا. اوهان جي خطن جو ذڪر اذڪار ٿيو. پهرين خيال آيو ته تار ڪري گُهه ايانوَ، پر اڄ ڪالهه تارون دير سان پهچن ٿيون. هي گهڻو وقت رهڻ وارا ڪونه هئا.

اوهان جا جملي خط گوهرافشان ۽ جان افروز آهن. ليڪن آن ۾ پوڙهپڻ ۾ "سنڌ اسلاميءَ جي شوق" جو اظهار ۽ آن ذريعي اولاد حاصل ڪرڻ خاص دلچسپيءَ جو باعث بنيا. ڪاش! جي حالتون سازگار بنجن ته بيشڪ اها خدمت خوشيءَ سان سرانجام ڪبي. پوءِ ته "من وساقي بهم سازيم، بنيادش براندازيم" جو معاملو بنجي پوندو.

برادرم علي محمد شاه راشدي، اڄڪلهه ٻن هفتن کان دادوءَ ۾ رهي ٿو. هڪ ٻه دفعو فون تي ڳالهايو اٿس. (منهنجي فون جو نمبر ۱۸- سيوهڻ آهي.

"وعده اهلِ دنيا ڇون گوزه خر"

اڄ طالب‌المولي مخدوم محمد زمان لکيو آهي ته، اوهان خواب

ڀ ملي، خواهش ڪئي آهي تہ ملاقات ڪجي. جلد حاضري ڏبي.
اوهان ہ خط پيا لکو. ڪڏهن نصف ملاقات کان مڪمل ملاقات ڪرايو تہ ڪهڙو نہ چگو ٿئي! هفتي ٻن لاءِ! اچو تہ بهتر! اميد تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خير والسلام،

غلام مرتضيٰ.

(۴)

سن، ۲۴-۳-۱۹۶۶ع.

برادرم عزيز ميان محمد امين!

السلام عليڪم. خدا جي مهرباني، درويشن جي دعائن ۽ اوهان جي آهن، هٽي وڃي هنڊ ڪيو. پاڪستان سرڪار منهنجي نظربندي دور ڪرڻ جو آرڊر ڪالهہ مون کي موڪليو. بروقت اوهان کي ڏل تار آفيس معرفت تار ڪئي ويئي. خبر ناهي پهتي يا نہ؟ تنهنڪري هيءُ خط اطلاع لاءِ موڪليان ٿو.

بلبل خوَن جگر خورد گُل حاصل کرد!

هاڻي اچي صلاح ڏيو ۽ رهبري ڪريو.

زياده خير والسلام. غلام مرتضيٰ.

(۵)

۲۸-۳-۱۹۶۶ع. برادرم ميان محمد امين صاحب!

السلام عليڪم. هڪ تار ۽ هڪ خط موڪليو اٿم. جواب ڪونہ پهتو. خدا جي مهرباني ۽ اوهان محبن جي دعا سان بندش لڳي. هاڻ باهر نڪرڻ جهڙو ٿيو آهيان. صحت جي ناتسلي بخش، ماحول جي ناسازگاري، عوام جي ناشعوري، خواص جي خودمطلبيءَ ۽ ڪمزوريءَ ڪري، سياست ۾ حصي وٺڻ کي غيرمناسب چاڻي، ثقافت طرف توجهہ ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو. آن جي سروي لاءِ، قديم ڪلچرل ادارن جو گشت ڪري احوال وٺڻ شروع ڪيو اٿم. اميد هئي تہ اوهان وعدي موجب اچي ديدار ڪرائيندا، پر جواب ہ ڪونہ پهتو. آن ڪري دورا

شروع ڪري ڏنا اٿم. پهرين شاهه صدر عليه الرحمة، لڪي، قلندر شهباز عليه الرحمة، سيوهڻ، مخدوم بلاول عليه الرحمة، دادوءَ جي زيارت ڪري آيو آهيان. ٻيو پروگرام هيٺينءَ طرح آهي.

۴-۵- اپريل- مٽياري، پٽ شاهه ۽ هالا طرف وڃڻ جو ارادو آهي.

۱۰-۱۱ اپريل- شاهه عبدالڪريم بلڙي ۽ شاهه عنايت صوفي جهوڪ طرف.

۱۸-۱۹ اپريل- درازا، روهڙي، پرچونڊي شريف ۽ اوهان ڏي اچڻ جو ارادو آهي. جي اچو تہ گڏجي سفر ڪجي. جي اوهان کي فرصت ڪانہ آهي تہ توهان جي ڪوٺ اچي صاحب جن جو سلام ڪبو. اميد تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خيرِ و السلام،

غلام مرتضيٰ.

(۶)

سن ۰

۳۱-۳-۱۹۶۶ع، برادرم ميان محمد امين!

السلام عليڪم- اوهان جا پنج ئي خط پهتا. مهرباني! مون هڪ تار ۽ هڪ خط اڳي موڪليا هئا. جن جي اوهان ڪالهوڪن خطن ۾ پهچ موڪلي. ان ڪان پوءِ سنڌ جي گشت جي پروگرام بابت هڪ خط موڪليو اٿم، اميد تہ اهو ب پهتو هوندو.

اوهان جي هڪ خط ۾ صدر پاڪستان ڏي تار جو مسودو ب پهتو. آن ۾ اوهان جي ظاهر ڪيل محبت ۽ صداقت لاءِ ممنون آهيان. ڏسڻ ۾ ائين ٻيو اچي تہ ڪيترين ڳالهين بابت اوهان صاف ذهن نہ ٿي سگهيا آهيو. شيخ صاحب ڪي اوهان ويجهو نہ ڏٺو آهي. نهايت ڪمزور ٿي ويو آهي. ڪنهن ب سخت جهڙي ڪم ڪرڻ جي لائق نہ رهيو آهي. ڇا جائيڪ وزارت! ازان سواءِ سياسي نظرين جي اختلاف ڪري، آءٌ نٿو پانيان

تہ جيڪڏهن هن کي موجوده جوڙجڪ ۾ ڪابہ پوزيشن جي آڇ ڪئي وڃي تہ هُو قبول ڪندو. اوهان کي خبر آهي تہ هُو هميشہ قلندر رهيو آهي. انهيءَ حالت ۾ دنيا جي ڇڏڻ کي ترجيح ڏيندو. جيتريقدر منهنجو تعلق آهي، ملڪ جي عملي سياست کي خيرباد ڪري چڪو آهيان. تنهنڪري ڪابہ قيمت يا لالچ مون کي ان طرف کان موٽائي نہ ٿي سگهي.

غني تريم گرچ مفلس ايم ما،
ڪ بر سفري حاتم نہ نشيند مگس ما!

مون کي تعجب هن ڳالهہ تي لڳي ٿو تہ اوهان هڪ طرف ملڪي سياستدانن جي خود مطلبين، بزدلين، غلط روين ۽ عوام جي خواب غفلت، اديبن جي ڪم سمجهيءَ، پيرن ۽ ملن جي فرض ناشناسيءَ جي شڪايت ڪريو ٿا. ٻئي طرف مون کي اِن رستي تي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا، جنهن راهہ ذريعي گذريل ۱۸ سالن ۾ ملڪ ۽ ماڻهن کي ڪوبہ نفعو نہ پهتو آهي.

تاريخ مطالع ڪري ڏسندا تہ گذشتہ ۷۵ سالن کان هندستاني سياست جي واڳ هندو مسلم ڪامورن جي هٿ ۾ رهي آهي آهي. جيڪڏهن مسلمانن جي جاگيردارن ۽ زميندارن، مسلم ڪامورن جي پوئلڳي ڪئي آهي، تہ هندن سيٺين ۽ ڪارخانيدارن تي بہ هندو ڪاموري جو ڪافي اثر آهي. پاڪستان بنجڻ بعد چند خود مطلب، جاهل، غير تجربيڪار، تعريباز سياستدان طاقت ۾ رهيا، جن جو آٽ وانگر ڪوبہ عضوو ٺيڪ نہ هو. سي جيڪڏهن معاملات کي درست ڪري نہ سگهيا تہ صرف آنهن تي ڏوهہ مڙهڻ ٺيڪ نہ ٿيندو. انهيءَ گناهہ ۾ ڪجهہ قدر ڪامورا بہ شريڪ ڪار هئا. هن وقت جڏهن سموريءَ حڪومت جي اڳواڻي ڪاموري ڪلاس جي هٿ ۾ آهي، تہ سياستدان بہ اُن ۾ شريڪ آهن. تفاوت صرف هيءُ آهي تہ اڳي اڳواڻي سياستدانن جي هٿن ۾ هئي، هاڻ ڪامورن جي هٿ ۾ آهي. ملڪي مسئلن جي خاطرخواه نموني حل نہ ٿيڻ جو ڏوهہ

کن فردن تي مڙهڻ ڏيڪ نہ ڏيندو. حقيقت ۾ سموريں خامين جو سکيہ ڪارڻ عوام ۾ سياسي شعور جي گهٽتائي ۽ مٿانهين طبقي جي خودمطلبي ۽ اخلاقي ڪمزوري آهي. اسان جي ڪاموري ڪلاس ۾ دماغي صلاحيت جي ڪمي نہ آهي، ليڪن عمر جو گهڻو حصو ميز ڪرسيۂ تي ويهڻ، انتظام درست ڪرڻ، مغربي ملڪن جي پوئلڳيۂ ۾ بنان ملڪي حقائق تي نظر ڪرڻ جي تعميري پروگرامن جي محدود دائري ۾ رهڻ ۽ ملڪي حالتن مطابق ڪنهن انقلابي فڪر لاءِ اهليت نہ رکڻ ڪري، هو ڪامياب نہ ٿي سگهيا آهن. اسانجا سياستدان تہ گداگر آهن، آنهن جي سياست ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ ليڪن باوجود انهيۂ خامين جي پنهي گروهن جا فرد پروارن ملڪن جي ڪامورن ۽ سياستدانن جي مقابلي ۾ ڪنهن بہ طرح گهٽ نہ آهن. پوءِ بہ سکيہ ملڪي مسئلا حل ٿي نٿا سگهن، آن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ آن سموري مسئلي تي غور ڪرڻ بعد آڳ هن نتيجي تي پهتو آهيان، تہ قوم ۾ صحيح مفڪرن جي گهٽتائي آهي. عمل گهٽو آهي، فڪر گهٽ آهي. ملڪ جي سياست اڇڪلهہ پاور پالٽيڪس جي اوڙاهہ ۾ غرق ٿي پيئي آهي. آن ۾ ڪير بہ داخل ٿيندو، بمصداق "هرڪم درڪان نمڪ رفت نمڪ شد" وارو حال ٿيندس. تنهنڪري بهترين طريقو اهو آهي تہ ملڪ جي سياست کي درست ڪرڻ بدران ماڻهن جي اخلاقي معيارن کي بلند ڪرڻ طرف توجهہ ڏنو وڃي. اها خاسي صرف قومي ڪلچر کي زرخيز بنائڻ سان پوري ٿي سگهي ٿي.

مون کي وزارت ۾ موڪلڻ جي عيوض اوهان کي مون کي ملڪ ۾ بهترين قومي ڪارڪن پيدا ڪرڻ لاءِ خانقاهن قائم ڪرڻ جو مشورو ڏيڻ گهرجي. سنڌ ۾ ڪيترائي قديم ڪلچرل ادارا آهن، جي ماڻهن جي اصلاح نفس ۽ درستيءِ اخلاق لاءِ ڪيتري وقت کان ڪم ڪندا رهيا هئا. افسوس آهي تہ آنهن مڙهين ۾ هن وقت ماڻ لڳي ويئي آهي، ليڪن آها مٽي

زرخيز آهي. ممكن آهي ذرا آبياري آنهن ۾ تازگي پيدا كرائي سگهي. جي آنهن جي مدارالمهامن مان چاڙهو نه ٿئي، تہ انهي مركزن جي نالي ۾ نوان كاركن پيدا كري سگهجن ٿا. البت سجادن جي شخصي مفاد سان هٿچراند نه كرڻي پوندي. آءٌ درگاهن جي زيارتن لاءِ گشت انهيءَ مقصد سان كري رهيو آهيان. سروي كري ڏسڻو آهي تہ گهٽا مركزي ادارا هك وفاقي صورت ۾ آڻي، انهيءَ كم جي سر انجامي كرائي سگهجي. سياست عمل جا كاركن گهٽا آهن، هن خاص رستي جا كاركن ٿورا ملندا. آءٌ موجوده جملي سياسي پارٽين ۽ انهن جي كاركنن كي آزمائي چكو آهيان. انهن مان هر هك پارٽي، سواءِ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي، آزمائشن ۾ ناكامياب ثابت ٿي آهي. هن وقت نيشنل عوامي پارٽيءَ مان به منهنجو ويساهه ٿئي چكو آهي. هن ۾ وحدت خيال ۽ عمل عدم موجود آهي. ان جي كاركنن ۾ هوش كان جوش كي زياده دخل آهي. هنن جي اكثريت چين جي اڳرائيءَ واري كميونزم جي پوئلڳ آهي، جنهن ۾ سياسي نظرين جي پكيڙ لاءِ جهاد لازمي سمجهيو وڃي ٿو. كيترن جي قول ۽ فعل ۾ تفاوت آهي. تنهنكري ملك جي موجوده سياست مان تنگ ٿي چكو آهيان. پوريءَ صحت جو نہ هئڻ به ان لاءِ مانع آهي، جو سڌ ۽ انتظار كرڻ كري دل جو دورو ٿئي ٿو.

آءٌ هن راءِ جو آهيان، تہ ملك جي حكمرانن مان كو به ملك ۽ ماڻهن جي پلي خاطر مدد ۽ صلاح گهري، تہ اُها كين بنان معاوضي جي ڏيئ گهرجي. حكومت "الف" جي هٿ ۾ هجي، يا "ب" جي، آن سان بي تعلق رهڻ گهرجي.

گاؤ رفت، خر آمد، مرا ازين چہ سود.

جيكڏهن موجوده حكمران كي غلطيون كري رهيا آهن ۽ ملك جي مكيہ مسئلن كي حل نہ كري سگهيا آهن، تہ اڳين كهڙا پال پلايا هئا ۽ كهڙا مسئلا طئي كيا هئائون.

هن وقت هنن جيَ مخالفت ڪرڻ وارا ڪيتريقدر بهتر آهن. اسان ناڪامياب رانده مجلس سياستدان جي هٿ ۾ جمهوريت، اسلام وغيره جي نعرن سبب ڪيڏن نٽا ڳهرون. اهڙيءَ طرح سان اسان موجوده حڪمران طبقي جا پٺو ٿي، ڪم ڪرڻ لاءِ به تيار نه ٿيندا سون. هر مسئلي تي آن جي لياقت ۽ صداقت مطابق غور ڪري قدم کڻڻ گهرجي. اسان کي موجوده حڪمرانن سان ملڪ ۽ قوم جي پلي جي ڪمن لاءِ تعاون ڪرڻ ۾ ڪو اعتراض نه آهي، ليڪن ناخوانده مهمانن وانگر بنان ضرورت جي اسان پنهنجو قيمتي وقت سندن طواف ڪرڻ ۽ خط و ڪتابت ۾ رائگان وڃائڻ، پنهنجي هتڪ سجهنداسون. اوهان جو مشورو اهڙو نه هجڻ گهرجي، جو "هتي جن نه ڪن، ادي جن کي عشق ويڙهيو ويٺو هجي." اڳيان درويش چريا ڪونه هٿ، جو حاڪمن جي نزديڪ وڃڻ ۽ انهن جي هديي وٺڻ کان ڇرڪندا هٿ. هڪ سنڌي درويش کي مير رستم خان نوازش ڪري ننگر لاءِ جاگير عطا ڪئي، ان کان پوءِ هن تي روحاني القاءَ بند ٿي ويا. انهيءَ تي نهايت مغموم ٿي، رستي تي ويهي چوندو رهيو ته "وات وندر جي ڪو ڏسي!" آن تي هڪ ٻئي درويش ڪيس چوائي موڪليو ته "جاگير ڏئي جٽ ڪري، ويئي رستم، راند ڪٽي. هاڻ پيو چوين ته ڪو وات وندر جي ڏسي!" پنهنجي دنيا جدا هٿ گهرجي، جنهن ۾ "ملڪ دل جو موڪرو جنهن جو عرش زمين آسڻ" سمايل هجن. پاڻ کي ڪهڙي ضرورت پيئي آهي، جو درخواستون ۽ تارون ڪندا وتون. اسيمبليءَ کان باهر نڪتو آهين، ته به حڪمرانن جي گهٽيءَ جي بوءِ توکي ڇڪيو وڃي. آنهن جي آسپاس طواف ڪرڻ ۾ ملڪ ۽ قوم جو پلو ڏو سمجهين! توکي ملڪ جي ڪهڙي فڪر اچي ورايو آهي؟

تنهنجي دوست اقبال جي مصرع چتائي پڙهه! "مجهے فکر جهان کيون هو، جهان تيرا هے يا ميرا!" يار زنده صحبت باقي.

زياده خير و السلام غلام مرتضيٰ.

(۷)

سن،

۱۳-۴-۱۹۶۶ع، برادرم میان محمد امین صاحب!

السلام علیکم- خط ۽ تار پهتا. مهرباني!

لاڙ جو گشت پورو ڪيو اٿم. باقي ان طرف جو رهيل آهي. آن لاءِ ۱۷- تاريخ اپريل، اول خير هتان نڪري، ان طرف ايندس. اوهان وٽ ۱۹ تاريخ، ۴ بجي شام جو پهچندس. ۱۹ تاريخ پيهرو حاجي مولا بخش وٽ ڪندس. جيئن ته حال ساريءَ سنڌ کي چڪر ڏيڻو آهي، آن ڪري ۱۹ تاريخ شام جو اوهان وٽ رهي، ۲۰ تاريخ صبح جو واپس موٽندس. وڌيڪ جي اوهان جي مرضي هوندي ته پئي دفعي پروگرام رڦبو. هن دفعي وڌيڪ رهڻ کان معافي- حسام الدين شاه، علي محمد شاه، حاتم علوي ۽ شيخ صاحب کي تڪليف ڏيڻ مناسب نه آهي، نه وري هو ايندا.

برڪت علي آزاد مليو هوم- آن چيو ته ۱۹ تاريخ مرحوم الهم بخش جي مزار تي مون کي ملندو، جتان گڏجي اوهان وٽ ايندو.

زياده خير و السلام،

غلام مرتضي

(۸)

سن،

۳-۵-۱۹۶۶ع، برادرم عزيز ميان محمد امين!

السلام عليکم- معاف ڪندا، جو اوهان کان موڪلي ڳوٺ اچڻ بعد احوال موڪلي نه سگهيو آهيان. سڀ کان اول اوهان جي مهمان نوازي ۽ صدق دل سان خاطر تواضع ڪرڻ لاءِ شڪريو ادا ٿو ڪريان.

۲- آڄ اول خير سڀان ڪراچيءَ وڃي رهيو آهيان. ۾ هفتا ڪن آتي رهڻ جو ارادو آهي. اوهان، جي ايندا ته نهايت خوشي ٿيندي.

۳. اوهان جو حڪم تہ وري اوهان ڏي اچان، اهو منظور آهي. ليڪن اوهان اهڙن موقعن تي نهايت گهٽو خرچ ڪريو ٿا، سو ڪرڻ جي بند ڪندا تہ پوءِ اچبو۔ نہ تہ اوڇتو اچي موڙي وڃبو.

۴. ڪراچيءَ جي دوستن مان گهٽن کي ملئي ۱۲ مهينا ڪن ٿي ويا آهن، الانا اچڪلهہ سرڪاري ماڻهو هئڻ ڪري ڪونہ ملندو هو. ساڳي حالت علي محمد شاه جي آهي. باقي حسام‌الدين شاه، شيخ صاحب ۽ پيا پيا ملندا هئا.

۵. ميان نظام‌الدين کي منهنجا سلام ڏيندا ۽ چوندا تہ تڪليف وڻڻ لاءِ شڪريو. ڪيس ميمبر چونڊجڻ تي مبارڪ ڏيندا. نندن خانن کي پيار ۽ گرانڊيون رسن.

اميد تہ خوش و خرم هوندا،

زياده خير و السلام،

غلام مرتضيٰ.

(۹)

سن،

۲۳-۵-۱۹۶۶ع، برادرم عزيز ميان محمد امين!

السلام عليڪم۔ آڱ ۴ مئي تي ڪراچيءَ پهتس ۽ ۲۰ مئي تائين آتي هوس. جتان ۲۱ شام جو واپس ڳوٺ پهتو آهيان. ڪراچيءَ ۾ سڀني دوستن سان تنهنجا احوال ڪيم. شيخ صاحب، حاتم، حسام‌الدين، مبارڪ ساغر، گزدر، سڀني توکي ياد ڪيو. هن طرف جهولا لڳڻ شروع ٿي ويا آهن. آڱ ۲۵ تاريخ ميڙ ۽ ۲۹ تاريخ حيدرآباد وڃڻ جو ارادو رکان ٿو. پوءِ ڪجهہ وقت گرمين وارو ڳوٺ گذارڻ جو ارادو آهي.

ڪراچيءَ ۾ غلام مصطفيٰ شاه کان تنهنجي موڪليل خط جو احوال پڇيم، هن چيو تہ ڪيس خط ڪونہ پهتو هو. پوءِ لب لباب پڌايومانس۔ ڪليو.

ڪتاب "مشاهير سنڌ" ڇپجڻ شروع ٿي ويو آهي. اميد ته جلد ڇپجي تيار ٿيندو. تنهنجي فوٽي جي ضرورت آهي، جو جلد موڪليندا ته کين موڪلجي. ڀٽي صاحب خط موڪلي ظاهر ڪيو ته مون تان نظربندي لهرائڻ لاءِ هن ڪوشش ورتي هئي ۽ ملڻ لاءِ خواهش ظاهر ڪئي اٿس. مون کيس خوشيءَ سان ملڻ قبول ڪيو آهي.

اميد ته تون بمع دوستن احبابن، ميان نظام‌الدين ۽ ڀائٽين سان خوش و خرم هوندين.

زياده خير و السلام،

غلام مرتضيٰ

(۱۰)

حيدرآباد -

۷-٦-۱۹٦٦ع برادرم عزيز ميان محمد امين !

السلام‌عليڪم - اوهان جي تار پهتي - يادگيريءَ لاءِ مهرباني - تار جو بروقت امير حيدر جواب موڪليو آهي، اميد ته پهتو هوندو -

۱. هتي بزم صوفياي سنڌ بنسبت صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ آيس. اوچتو دل جي ڌڙڪ (جا اڪثر ڪري ٿيندي رهندي آهي) ٿي پيئي. ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ لهي ويئي. پر صبح جو وري ڊائريا ٿي پيئي. جا پنج ڏينهن هلي. آن مان چاڪ ٿيڻ تي، دوائون جي ڊائريا جي بند ڪرڻ لاءِ ورتيون هيم، تن ٿورو بلڊ پريشر وڌائي ڇڏيو - آن ڪري مڪمل آرام ڪرڻ جي صلاح ملي. هڪ ٻن ڏينهن لاءِ وزيٽرس تي بندش وڌي ويئي، جي روزانو ٽيهه چاليهه آيا ٿي. آن ڪري مشهور ٿي ويو ته شاه صاحب جي طبيعت سخت بيچاڪ آهي. جو وزيٽرس کي اچڻ نٿو ڏنو وڃي. خدا جي مهرباني ۽ اوهان دوستن جي دعا سان هينئر طبيعت ٺيڪ آهي. ڳوٺ سخت گرمين ڪري، حال ۱۰ تاريخ تائين هتي رهڻ جو ارادو آهي. آن کان پوءِ

اول خير ڳوٺ ويندس. جتان وري انشاءالله تعالي، ۱۶ تاريخ ڪراچيءَ ويندس.

سلام ميان نظام الدين ۽ پائٽين کي ڏيندا.

زياده خير و السلام،

غلام مرتضي.

(۱)

سن ،

۱-۶-۱۹۶۶ع، برادرم عزيز ميان محمد امين!

السلام عليڪم - رات ۱۱ بجي ڳوٺ پهتو آهيان. هيءَ سمورو وقت حيدرآباد ۾ هوس. علاج پئي ڪرايم. خدا جي مهرباڻيءَ سان هينئر بهتر آهيان.

هتي اچي ڏٺم ته تنهنجا ۲۵ خط گڏ ٿيا رکيا هٿا. آن ڪري آڻهن کي پڙهڻ شروع ڪيو اٿم، صرف پڙهڻو هجي ته ڪلاڪ ۾ ڪافي آهن، ليڪن هتي ته پرجهڻو به پوي ٿو. انڪري شايد ڏينهن به لڳي وڃن. ازانسواءِ "مشاهير سنڌ" جو ڪتاب جنهن تي نالو "جنب گذاريم جن سين" رکيو اٿم، ڇپجي رهيو آهي. اڌ ڪن ڇپجي ويو آهي. آن جي آخري پروفن کي ڏسڻ جو ڪم به آهي. اوهان جي حياتيءَ جو بيان آخري طرح پريس کي موڪلڻو آهي. اهي سڀ ڪم هتي ۽ ڪجهه ڪراچيءَ ۾ اول خير ڪبا.

آءٌ هتي ۱۶ تاريخ تائين رهندس. پوءِ ڪراچيءَ وڃڻ جو ارادو آهي. ڏٺي ۾ بزم صوفياي سنڌ جي پروگرام ڏاهڻ لاءِ ۲۵ تاريخ ڪراچيءَ ۾ ميٽنگ رکيل آهي. ارباب نورمحمد پليجو، جنهن ڏٺي جي اجلاس جو بندوبست ڪيو آهي، آن اوهان ڏي دعوتنامو موڪليو هوندو. مون کي به چيو اٿس ته اوهان کي لکان ته ۲۰ تاريخ ڌاري ڪراچيءَ پهچي وڃو، ته آتان گڏجي ڏٺي هلجي. هن وقت تائين ذهني هدايتن تائين پاڻ کي محدود پئي رکيو اٿو. اوهان جي دوستن سان ملڻ ۽ صحبت ڪرڻ

جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي. اميد تہ خوش و خورم هوندا.
سلام ميان نظام الدين ۽ پائٽين نکو خان ۽ ڪنون خان کي ڏيندا.

زياده خير و السلام،
غلام مرتضيٰ.

۱۱-۶-۱۹۶۶ع.

قلم تازو: خط سڀئي پڙهي پورا ڪيا اٿم. اوهان وار وار وري ڳوٺ اچڻ لاءِ لکو ٿا. ڳوٺ اچڻ مان اوهان جي روحاني صحبت جو حصول ۽ مرڪزي حيثيت قبول ڪرڻ آهي. اها نہ قبول ڪريان ها تہ سنڌ جي قديم صوفياي ڪرام جي زيارت کان پوءِ اوهان وٽ ڪيئن اچان ها؟

مـــن آن زمـان طبع ببريـــدم ز عـافيت
ڪہ اين دل نهاد در ڪفِ عشقت زمام را!

مون اوهان ۾ اهو ڏسڻ شروع ڪيو آهي، جو عام کي شايد پتو نہ آهي. تنهنڪري بقول شاهہ صاحب:

ڪـي ويڇهائـي ڏور، ڪـي ڏور بـــ اوڏا سپرين،
جئن مينهن ڪنديءَ پور، تئن دوست وراڪو دل سين!
(شاه)

هاڻ اوهان جي چوڻ موجب ٻنان ديڙ جي هيڻيان ڪم شروع ڪيل آهن:

۱- ضروري، مواد لکڻ، ڇپڻ تيزيءَ سان شروع ٿي ويل آهي. انشاءالله ٻن سون ماڻهن جي زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ٻن مهينن اندر اٽڪل هزار ڪن صفحا ماڻهن وٽ پهچي ويندا.

۲- ٻئي طرف هيڻين سنڌ جـي بزرگن جو احوال ڪٺو ڪري، آنهن جي اقوال ۽ تعليم سان تيار ڪرڻ لاءِ تجويز تيار ٿي رهي آهي:

(۱) حضرت قلندر شهباز عليہ رحمة، (۲) مخدوم بلاول عليہ رحمة

(۳) سيد حيدر عليه رحمة، (۴) شاه عبدالڪريم عليه رحمة، (۵) شاه عنايت عليه رحمة، (۶) شاه لطيف عليه رحمة، (۷) سچل سرمست عليه رحمة، (۸) سيد عالي شاه، ٺٽو، (۹) پير صاحب، پرچونڊي شريف.

۳- سنڌ جي مڪمل هيروز جا احوال ڪٿا ڪري، انهن جي لکڻ ۽ ڇپائڻ جي تجويز زير غور آهي:

(۱) دودو سومرو، (۲) نواب دريا خان، (۳) مخدوم بلاول، (۴) سيد حيدر، (۵) مير شير محمد خان ٽالپر، (۶) رئيس غلام محمد خان پرگڙي، (۷) مولانا عبيدالله سنڌي، (۸) سيٺ هرچندراڻ وشنداس، (۹) دستور جمشيد مهتا، (۱۰) الهه بخش مرحوم، (۱۱) شيخ عبدالمجيد سنڌي.

ازانسواءِ سنڌ جي پيغام جي پکيڙ لاءِ سنڌ ۾ ثقافتي ڪانفرنسن جو پروگرام رٿيل آهي. (۱) ۲۳ جون ۱۹۶۶ع ٺٽي ۾، سيد عالي شاه عليه الرحمة جي عرس جي موقعي تي ڪانفرنس زيرصدارت حسام الدين شاهه (۲) ۱-۲- آگسٽ ۱۹۶۶ع بهاولپور جي پير ۾ سيد داد شهيد جي عرس تي ڪانفرنس- زيرصدارت شيخ عبدالمجيد؛ (۳) ۱۲-۱۳- آڪٽوبر ۱۹۶۶ع جهوڪ شريف ۾ شاه عنايت جي درگاه تي ڪانفرنس- صدر مقرر ڪبو؛ (۴) ۱-۲- ڊسمبر ۱۹۶۶ع، سيوهڻ شريف ۾ قلندر شهباز جي درگاه تي ڪانفرنس- صدر مقرر ڪبو.

جيڪڏهن جنوريءَ جي وچ ڌاري يا فبروريءَ جي اول ۾ اوهان حڪم ڪندا، تہ اوهان جي ڳوٺ يا جيڪب آباد ۾ سپ گڏ ٿي سگهنداسون. اوهان جو اهڙن موقعن تي هٿ ضروري آهي.

- غلام مرتضيٰ

(۱۲)

برادرم ميان محمد امين صاحب!

السلام عليڪم! اوهان جي زندگيءَ جو احوال ڇڇڻ لاءِ

سوکلي رهيون آهيان. هيٺئين احوال جي خانه پُري ڪرڻي آهي. مهرباني ڪري جلد اهو احوال ميسر ڪندا. ڊيگهه ۽ تصحيحت وغيره وارا خط جدا سوکلينداَ ليڪن هي جوابي خط صرف هيٺئين احوال بابت سڏو سنواڻو روشني وجهندڙ هجي:

(۱) اوهان جي جم جي تاريخ ۽ سال؟ (۲) مير زين‌الدين خان سندراڻيءَ جي وفاتيءَ جي تاريخ ۽ سال؟ (۳) اوهان جي ايڪشن جي تاريخ ۽ مهينو، سال؟ (۴) اوهان کي ڪيترا ووٽ مليا ۽ سردار شير محمد خان کي ڪيترا ووٽ مليا؟ (۵) اوهان جو فوٽو. (۶) اوهان جي ڀائٽين جا نالا، (۷) والد جي وفات جي تاريخ.

اميد تم خوش و خرم هوندا،

غلام مرتضي.

(۱۳)

سن،

۲۹-۱۱-۱۹۶۶ع، برادرم ميان محمد امين صاحب!

السلام عليڪم. حاڪمن جي شڪار وقت کي ويچارا تيتر ڊپ کان وڃي، ساهم بچائڻ خاطر ٻوڙن ۾ لڪندا آهن. پر کي بي رحم هاڪا (هڪلڻ وارا) لڻيون ڪڍي، ٻوڙن تي هڻي، کين ٻاهر ڪڍي، شڪارين جو نشانو بنائڻ ۾ خوش ٿيندا آهن. تنهنجا خط بعينه اهو ڪم ڏين ٿا. ازان سواءِ خط وري اهڙا ڏکيا ۽ ڇجهارتن سان ڀريل اچن ٿا، جي مون جهڙي بيمار، ضعيف الدماغ ماڻهن جيڪي سمجهه کان مٿي ٿيو پون. مثلن هيٺيون گالهيون سمجهه ۾ نٿيون اچن:

(۱) موجوده حڪمرانن جي ساريءَ قوم جي پٺيرائيءَ سان ڪشمير وڃڻ.

(۲) پاڪستان مضبوط بنائڻ جي ڪوشش کي ناڪافي سمجهين ٿو.

(۳) بخاري صاحب جي فتويٰ دهريت جي باوجود، مون

کي ديني سياست جي قيام لاءِ لائق ۽ صالح سمجهڻ.
(۴) مون کي باوجود جسمي نظر بنديءَ جي آزاد سمجهڻ.
(۵) منهنجي سياست مان رٽائرڊ ٿيڻ جي باوجود سياسي مرڪز سمجهڻ.
(۶) نااميديءَ کي اوڏو ڏسڻ.
(۷) بي ديني ۽ دين پرکڻ ۽ دين ۽ بيدينيءَ ڏسڻ.
تون چاڻين، تنهنجا ڪم- منهنجي اتي پچندي ڪانءِ آهي.
اميد تہ خوش خرم هوندين.
زياده خير و السلام،
غلام مرتضيٰ.

# اسان جا ٻيا ڪتاب

* ١- اڄ پڻ چڪيم چاڪ : مرتب جي - ايم سيد - قيمت ٢٠ روپيا
* ٢- جديد عالمي سياست (تعارف) جي ايم سيد - قيمت ٤٠ روپيا
٣- فڪر جي آزادي : اسٽيفن زويگ (مترجم) محمد ابراهيم جويو قيمت ١٥ =
٤- گليلو : برٽالٽ بريخت (مترجم) محمد ابراهيم جويو - قيمت ١٠ روپيا
٥- شاهه - سچل - سامي : محمد ابراهيم جويو - قيمت : ١٠ روپيا
* ٦- ڪپر ٿوڪن ڪري : شيخ اياز
* ٧- لڙيو سڄ لڪن ۾ : شيخ اياز
* ٨- وکر سو وهاءِ : حضرت علي عليه السلام جي شعرن جو انتخاب (مترجم) محبوعلي جوکيو
٩- سچ جا سنيها : حضرت علي عليه السلام جي قولن جو مجموعو (مترجم) محبوب علي جوکيو
* ١٠- ڳالهيون من اندر جون : لعل محمد شفيع محمد چانڊيو - قيمت ٥ روپيا
١١- ٻاويهه سؤ ٻاويهه : قاضي فيض محمد - قيمت ١٥ روپيا
١٢- جنسار : قاضي فيض محمد : قيمت ٢٠ روپيا -
١٣- جاڙا چنڊ : الطاف عباسي : قيمت ٢٠ روپيا
١٤- ڪنول پاڙون پاتارم : فتاح ملڪ - قيمت ٤ روپيا
١٥- الوحيد جو سنڌ آزاد نمبر : قيمت ٢٠ روپيا
* ١٦- ١٧-١٨ شاهه جو رسالو - سچل سرمست ۽ سامي جا سلوڪ (سنڌ جي اعلیٰ ادب جا ٽي لافاني ڪتاب) هڪ ئي پيتيءَ ۾ اوچي ايڊيشن ٢٥٠ روپيا، معياري ايڊيشن ١٥٠ روپيا ۽ شاگردن لاءِ ايڊيشن ١٠٠ روپيا.
١٩- گيت گلابي ٻارن جا - استاد بخاري
٢٠- ٻارن جو مسيح - محمد ابراهيم جويو - قيمت ٢٠ روپيا
٢١- ادب جا فڪري محرڪ : ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو - قيمت ٣٠ روپيا
٢٢- ڪجهه خط جي - ايم سيد ڏانهن سياستدانن ۽ قومي ڪارڪنن جا - قيمت ٥٠ روپيا

* نشان وارا ڪتاب وڪجي ويل آهن - آرڊر داخل ڪرائي سگهجن ٿا.

## سنڌي اديبن جي
## سهڪاري سنگت

٣- منظور چيمبرس گاڏي کاتو حيدرآباد

# پڑهندڙ نسُل ۔ پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڇٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "**پڑهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاگر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا به تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو به صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن ڪو به شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** به مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** جا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي ته **پَنَ** جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي ته ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي به ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** ياران ڪتابن کي ڊِجِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو به مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو ته يلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو به لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ برِ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ برِ جٽ گوريلا آهن.....

... ... ... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)